[illegible]

(سنڌ جي عظيم شاعر ۽ مفڪر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه
جي مقدس ياد ۾، سندس ٢٠٢ ورسيءَ ـ آڪٽوبر ١٩٥٦ع ـ
جي موقعي تي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر، محترم
عاليجناب اسڪندر مرزا، جي پيش ڪيل خراج عقيدت)

”اڄ آءٌ سنڌ جي عظيم درويش ۽ صوفي شاعر شاهه عبداللطيف جي معزز ياد ۾ خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو. سادي سودي رهڻي، نوڙت ۽ نهٺائي، فراخدلي ۽ عالمگير محبت، شاهه عبداللطيف جي زندگي ۽ فلسفي جون سڪيه خاصيتون آهن.

”عام ماڻهن سان هن جي اٿاهه محبت، زماني جي هٿراڌو ڀيد ڀاءَ کان مٿي، سندس سنڌي شاعريءَ جي انهن لاثاني بيتن ۾ ظاهر ٿي، جيڪي اڄ به سنڌي زبان جا اسلهه ماڻڪ ليکجن ٿا.

”اسان جي تهذيبي ۽ صوفيانه روايتن ۾ شاهه جو پيغام بلند ترين جڳهه والاري ٿو، ۽ اسان هميشه سندس عظيم شخصيت ۽ شاعراڻي ذات تي فخر محسوس ڪندا رهنداسين.

”شال، شاهه جي شعر جو ڪيف ۽ سرور، اسان جي قوم ۾ سروت، بردباري ۽ انسان ذات سان محبت جو اهو روح ڦوڪي، جنهن سندس پاڪ زندگيءَ کي ايڏو بيمثال ۽ لافاني بڻائي ڇڏيو!“

ڀڙاڏو سو سڏ، وَرُ وائيءَ جو لهين،
هٿا اکھين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

ڪوڙين ڪاياٿون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءَ سڀڪنهن جيءَ سين، درسن ڌارون ڌار،
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا ڇٽي ڪيٺ چوان!

ڪيڏاهه ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاٺو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لُڏاٺو،
راٺو ۽ راٺو، رِءَ راٺپي ٻٺو ناهه ڪو.

سڀڪنهن ڏانهن ساسهون، ڪو هنڌُ خالي ناهه،
جي احداً آرک ٿيا، سي ڪانئر ڪبا ڪاهه،
محب منجهين مَن مانهه، مون آچاٺديءَ آجهيو.

عالم "آءَ" ساڻ، ڀريو ٿو ڀير ڪري،
پاڻ نه آهي چاڻ، مانديءَ منڊ پکيڙيو.

اکر پڙهي آيا گيا، قاضي ٿئين ڪياءَ،
ڀيرين ۽ پائنين، ايڏان اي نه آءَ،
ان سرڪيءَ ساءُ، پڇج عزازيل کی.

ڪنز قدوري ڇڏ، سٺون پڙهه ساڃاءَ جون،
ونءُ تني جي سڏ، جني سانگو ناهي ساهه جو!

وکر وهائين لوڻ، رنگ ڪٿوريءَ گهرين،
ڀنگو تنهنجو ڀر تي، جم ڳالهائين ڪوڙ!
جم وڃائين مور، ڪٽيو تنهنجو گهوريو!

چگا ڪن چگايون، مدايون مٺن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن.

مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٥] [نمبر ٣

فهرست

"گذارش" - ادارو (ص ١) سنڌ جو لافاني شعر: "يادگيريون" - (ص ٧)
شعر: بيت (ص ١١)؛ ڪافيون (ص ١٣)؛ وايون (ص ١٨)؛ گيت (ص ١٩)؛ لوڪ گيت (ص ٢٥)؛
نظم (ص ٣٢)؛ آزاد نظم (ص ٤٥)؛ نيون طرزون (ص ٤٨)؛ غزل (ص ٥١)؛
قطعا (ص ٥٦)؛ ادب لطيف (ص ٥٨).

افسانا

١. "بدمعاش" - ازجمال ابڙو ٦٧
٢. "ڦيرو" - موهن ڪلپنا ٧١
٣. "لڙڪن جي لڙي" - جگديش لجاڻي ٨٠
٤. "نيڪري" - بشير موريائي ٨٥
٥. "غفور" - هري ڪانت ٩٠
٦. "اوورڪوٽ" - ڀريو الله رڪيو ٩٥

ناٽڪ

٧. "اڪبر جو هڪ ڏينهن" - سراج ١٢٣

لوڪ ڪهاڻي

٨. سرڪار - پير انور شاهه ١٤٣

هڪ ڏينهن جي ڳالهه

٩. انسان - علي بخش ميمڻ ١٤٨
١٠. اخبار - الف. ب. ت. ١٤٩

مضمون

١. "قاضي نذر الاسلام" از احسان بدوي ١٥٥
٢. "انسان جي تخليق" - عبدالقيوم صائب ١٦٥
٣. "اڳتي قدم" - محمد يعقوب نياز ١٧٥
٤. "پارس ڪاٺ" - ڊاڪٽر بلوچ ١٨٠
٥. "'مهراڻ' جا موتي" - ادارو ١٩٧
٦. ادبي خط ٢٠٢
٧. سنڌي نثر مان مثالي فقرا ٢١٣
٨. سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا
"سنڌي شاگردن جي ياد داشت" ٢١٥
"سنڌي ادبي سنگت" - اياز قادري ٢٢٠
"سنڌي ادبي بورڊ" - ادارو ٢٢٨
٩. پڙهندڙن جا پيغام ٢٣٨
١٠. تبصرا - ادارو ٢٤١

تصويرون: (١) "تنهنجي تند تنوار، مون من موهيوا" (ص ٢٢) - چترڪار: ظفر ڪاظمي
(٢) "ٻوڙهي ڪان پوءِ" (ص ١٤٢) - چترڪار: اسحاق حيدر

[ڪَور جي ڊزائين ۽ ترتيب لاءِ، ادارو محترم ع. ق. شيخ جو ٿورائتو آهي]

ايڊيٽر: محمد ابراهيم ايم. جويو اسسٽنٽ ايڊيٽر: م. ع. ڏيپلائي

"مهراڻ"

ـ تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (سنڌ).

ساليانو چندو ٠-٠-١٠ روپيا. في ڪاپي ٠-٨-٢ روپيا.

اشتهار في صفحو ٠-٠-٣٠ روپيا.

Edited, Printed and Published by Mohammed Ibrahim M. Joyo B. A., B. T., Secretary, the Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press and Book Stall, Tilak Incline. Hyderabad (Sind).

گذارش

”منجهانئن ڪيئي مون وٽ آيا، ۽ چيائون، ’اسان کي ڪا صلاح ڏي‘!
مون جواب ڏنو:
’اهڙي ته خاص صلاح مون وٽ ڪانهي، جيڪا اوهان کي ڏيئي سگهان.
ٻاهرينءَ دنيا ڏانهن اوهان جا پنهنجا جيڪي رد عمل آهن، اوهان جي
عملن جو انهن تي ئي دارومدار آهي.
۽ آءٌ پاڻ به اوهان جي اِن ٻاهرينءَ دنيا جوئي هڪ جزو آهيان.
منهنجي ڳالهين مان، ۽ پڻ ٻين جي ڳالهين مان، اوهان اهوئي ڪجهه جذب
ڪندا، جنهن کي اوهان پاڻ لاءِ موزون ۽ مناسب سمجهندا.
پر جيڪڏهن اهو چاهيو ٿا گهرو ته جنهن ماحول ۾ اوهين رهو ٿا، تنهن ۾
اوهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي–
ته پوءِ هڪوار چپ ڪري، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو.‘“
– فرئنڪ ٽائون شينڊ

انسانيت

هزارها سالن جي تهذيبي ارتقا کان پوءِ، فضيلت ۽ ڀلمانسائيءَ جي جنهن بلنديءَ تي اڄ انسان بيٺل آهي، اتان هن جي سامهون انسان ۽ انسان جي وچ ۾ فرق صرف حق، انصاف ۽ نيڪيءَ جي بنياد تي ئي جائز ٿي سگهي ٿو. رنگ، نسل، مذهب، قوم ۽ اهڙيون ٻيون سڀاڳيون جون صفتون؛ قدرت طرفان حسن، سگهه ۽ صحت جون عنايتون؛ زندگيءَ ۾ پنهنجي مُنهن حاصل ڪيل علم، دولت ۽ عزت و اقبال جون نعمتون – انهن مان ڪابه چيز، بذات خود، هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻئي ماڻهوءَ تي حقيقي فوقيت ڪانه ٿي بخشي. پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي، اهي سڀ چيزون چڱيون ئي آهن، پر انهن مان ڪنهن هڪ جي بنياد تي به پاڻ کي ٻين کان برتر ۽ اعليٰ سمجهڻ، ۽ ان ابليسي عادت جي اثر هيٺ ٻين کي نفرت ۽ ٻيائيءَ

جي نگاهه سان ڏسڻ ـ فقط ان ڪري، جو هو ڪنهن ٻئي نسل، ڪنهن ٻئي مذهب يا ڪنهن ٻيءَ قوم سان واسطو ٿا رکن، يا هو شڪل جا ڪوجها، بيمار ۽ ڪمزور آهن، يا هو جاهل، غريب ۽ گمنام آهن ـ اِهو آهي ماڻهپي واري انهيءَ ليڪي کي ڇاڻي ڇڏهي لتاڙڻ، جنهن کي انسانيت پنهنجي سڃاڻپ ۽ امتياز لاءِ جڳن جي اڻ ڳڻين ڪشٽن کڏڻ کان پوءِ مس مس وڃي هاڻي قائم ڪيو آهي. نظرياتي طور، اڄ ڪو به اهڙو مهذب انسان ڪونهي، جيڪو انسانيت جي انهيءَ ڪسوٽيءَ کان انڪاري هجي. ساڳئي وقت، حق، انصاف ۽ نيڪيءَ جو مفهوم پڻ ذاتي، خانداني، قبائلي، فرقيوار يا قومي مفاد جي دائري کان نڪري، اڄ ساري بني نوع انسان جي مفاد سان اچي همڪنار ٿيو آهي. خالص فلسفو جنهن جو بنياد عقل تي آهي، ۽ خالص مذهب جنهن جو بنياد ايمان تي آهي، سي ٻيئي، هڪ ٻئي سان انيڪ ڳالهين ۾ قطبين جي اختلاف هوندي به، انسانيت ۽ نيڪيءَ جي مٿين ٻن اصولن تي اڄ هر طرح متفق آهن. "ذات انسان جي پيدائش هڪ نفس واحد مان آهي"؛ "الله وٽ ڀلارو اهو آهي، جيڪو نيڪيءَ جو صاحب آهي"؛ "نيڪ انسان اهو آهي، جيڪو بني نوع انسان جي ڀلائي ٿو ڪري" ـ اِهي انهيءَ عظيم مذهب جا فرمودا آهن، جيڪو آخرين مذهب آهي، ۽ جنهن تي مذهبي فڪر جي ارتقا جو اختتام ٿيل آهي. جيڪڏهن انساني اخوت، مساوات ۽ حريت جي هن عالمي مذهب جا ڪي عالم سڳورا اڄا به ان مان ڪي ابتڙ معنائون ۽ مطلب ٿا اخذ ڪن، ته آهي سندن خاص پنهنجي ذهن جا ڪرشما آهن، جي کين ئي مبارڪ هجن ـ مذهبي ڇاڻ ۽ ڏاهپ جي اِها ڇڙنري شال مٿن ئي ڊرندي رهي، ته بهتر. پنهنجو ته واقعي سڌو سنئون ايمان هيءُ آهي ته "عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ" ـ پوءِ جيڪڏهن ڪي عقل جا اڪابر، ڪمن جا سچا ۽ هر طرح معتبر فتوا باز اسان تي ڪفر، الحاد يا ڪميونزم جا نالا رکن، ته انهن کي ائين ئي چونداسون ته

بدم گفتي و خرسندم عفاڪ الله نڪو گفتي! ـ "حافظ"

سندن علمي تبحر اڳيان ـ جنهن جو واقعي ڪو اٿو مٿو کين به ڪونه ٿو معلوم ٿئي ـ اسان کي پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جو احساس آهي؛ پر کين جو ان ۾ گهوٽا کائيندي سالن کان پيا ٿا ڏسون، سو چئون ٿا ته ٿورڙو ئي علم، پر صحيح علم ۽ ذهن ۾ رتائتو رکيل علم جيڪڏهن آهي، ته اهو انسان جي صحتمند ۽ سالم نگاهه لاءِ ڪافي آهي. دل جو اطمينان ۽ قلب جو سڪون اهوئي بس آهي ته پنهنجي آس پاس سان بي لوث ۽ مخلصانه تعلقات هجن. پورهيت ماڻهوءَ جون پنهنجي پورهئي ۾ ئي اکيون سونهن. ٻين کي لڳن لائڻ بدران، جيڪڏهن پنهنجي پاڻ تي ئي اک رکجي، ته هوند دلين جي ڪيني ۽ نفرت جا اوڙاهه از خود ٿڌا ٿي وڃن ـ

"ڪونهه آڳهه اهڙو، جهڙي محبت مَن" ـ شاهه

”مهراڻ“ ۽ سنڌس ادب

”مهراڻ“ جي ٻئي سال جو ٽيون پرچو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي- هن ٿورڙي عرصي ۾، ”مهراڻ“ سنڌ جي تقريباً سيني ڪهنه مشق توڙي نوآموز شاعرن، افسانه نويسن، مضمون نگارن ۽ ٻين اهل قلم ۽ صاحب فڪر اديبن ۽ عالمن جو تعارف پڙهندڙن سان ڪرائي چڪو آهي- سنڌ جي نامور اديبن مان ڪوبه اهڙو اسان جي خيال ۾ ڪونه رهيو آهي، جنهن ”مهراڻ“ کي سينگارڻ ۾ حصو نه ورتو هجي- سنڌي شعر و ادب جي ڪابه اهڙي صنف اسان کي ڪانه سُجهي، جيڪا اسان ”مهراڻ“ ۾ پيش نه ڪئي هجي- مواد جي لحاظ کان مداحون، قصيدا صوفيانه ڪلام، عشقيه شاعري ۽ لوڪ گيت وغيره؛ مختلف سماجي، تعليمي، نفسياتي، ۽ ٻين اهم مسئلن تي ٽوٽڪا، افسانا ۽ ناٽڪ، سوانح، تاريخ، سائنس ۽ علمو ادب جي اڪثر سوضوعن تي تحقيقي توڙي تنقيدي مقالا ۽ مضمون- مطلب ته ڪابه اهڙي خاص ڳالهه اسان جي سامهون نه آئي آهي، جنهن کي اسان ”مهراڻ“ ۾ جاءِ نه ڏني هجي- تنهن هوندي به اسان جا ڪي لکندڙ ۽ پڙهندڙ ”مهراڻ“ کي ’هڪ ئي مڪتب خيال جو ترجمان‘، ۽ ”هڪ ئي وڙ جو دڪان‘ ٿا سمجهن ۽ سڏين! ممڪن آهي ته هي حضرت پاڻ جنهن ’وڙ‘ جا وڻجارا آهن، تنهن جي خريد فروخت ”مهراڻ“ ۾ ٿيندي نه ڏسي ٿي ان لاءِ اهو خيال قائم ڪيو هجين: ذاتيات، تعصب، نفرت، ڪم علمي ۽ ڪثيف جذبات ڪڏهن به سٺو ۽ صالح ادب نه پيدا ڪري ٿا سگهن، ۽ نه ان کي ڪڏهن ڪتي سچائي ئي سگهن ٿا.

جهڙيءَ ريت اڄ انسان ۽ انسان جي وچ ۾ فرق صرف حق، انصاف ۽ نيڪيءَ جي بنياد تي ئي جائز آهي- باقي ٻيا سمورا رنگ، نسل، مذهب، قوم وغيره جا نالا فقط سچائيءَ جا نشان ئي وڃي رهيا آهن ۽ انهن مان ڪو هڪڙو نالو به بذات خود فضيلت ۽ فوقيت لاءِ سند جو ڪم نٿو ڏيئي سگهي؛ بلڪل تهڙيءَ طرح ادب ۽ فن پڻ- چاڪاڻ ته اهي انسان جي خالص انسانيت جا مظهر آهن- رنگ، نسل، وطن، مذهب ۽ قوم وغيره جي ويڇن کان پاڪ آهن: ادب ۽ فن جي پرک صرف ”انسانيت“ آهي- ڏسٺو آهي ته ادب معرفت انسانيت جا عالمگير قدر ۽ اصول زياده اوجرجي اڳيان ٿا اچن، يا نتيجو مرڳوئي ان جي ابتڙ ٿو نڪري- پهرينءَ حالت ۾ جو ادب پيش ٿيندو، سو صالح، صحيح ۽ سچو ادب آهي، ۽ ان کان سواءِ ٻيو هرڪو ادب بيمار، ڪوڙو ۽ کوٽو ادب آهي- انهيءَ هڪ بنيادي فرق کان سواءِ ادب ۾ ٻيو ڪوبه تفرقو نه آهي- ”ادب براي ادب“ جنهن جو زور جماليات تي آهي، ۽ ”ادب براي زندگي“ جنهن جو زور زندگيءَ جي تنقيدي عڪاسيءَ تي آهي- ٻئي صحيح ۽ سچي ادب جي محض ٻن صفتن جا نالا آهن-

"ادب براءِ ادب" ۽ "فن براءِ فن" کي مڃڻ وارو اديب يا فنڪار خالص حسن جو ڳولائو آهي- ۽ اهو حسن لاءِ سندس تلاش ئي حسن جي تخليق ۽ تبليغ لاءِ کيس مجبور ٿي ڪري: پنهنجي شخصي توڙي آسپاس جي زندگيءَ ۾ حسن کي دلپسند انداز ۾ موجود نه ڏسندي، هو پوءِ زندگيءَ جي تنقيد ۽ حسنڪاريءَ کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي ٿو، ۽ اهو سندس عمل "ادب براءِ زندگيءَ" ۽ "فن براءِ زندگيءَ" کي مڃڻ واري اديب يا فنڪار جي عمل کان ڪنهن به صورت ۾ مختلف نه آهي. ادب متعلق هنن ٻن نظرين جو هيءُ "ضد" ڀريائين يورپ ۾ ئي پيدا ٿيو هو- پر اتان جي ادبن ۽ فنڪارن مٿئين استدلال جي بنياد تي اڄ انهيءَ مسئلي کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو آهي. عالمي ادب جي سامهون ادب جا اهي ۽ ٻيا اهڙا موهوم تفرقا اڄ آهن ئي ڪونه. اسين به انهيءَ ئي عقيدي کي پنهنجي سامهون رکي، پنهنجي پڙهندڙن جي خدمت ۾ ادب جو نذرانو پيش ڪندا آهيون. اسان وٽ ادب ۾ اڄ کي به 'اختلافي' نظريا نه آهن. اسان وٽ ادب جو صرف هڪڙو ئي نظريو آهي- ۽ اهو هيءُ ته پنهنجي عزيز وطن لاءِ، پنهنجي پاڪ ٻوليءَ ۾ صحيح ۽ صالح ادب پيدا ڪريون ۽ پيش ڪريون. انهيءَ کي جيڪڏهن اسان جا ڪي ڪرم فرما "مهراڻ" جو "هڪ ئي مڪتب خيال" سڏي اسان کي ننديندا، ته هنن لاءِ تحقيق اسان وٽ وڏيڪ ٻيو ڪو به جواب ڪونهي-

"اکر ڇتي هيڪڙي، ٻهون جي نه ٻجهن،
کوهه ڪبو کي تن، سڄي سٽائي ڳالهڙي؟" - شاهه

سنڌي ادبي بورڊ

ڪراچيءَ جي هڪ اخبار سنڌي ادبي بورڊ جي ڪم تي تبصرو ڪندي لکيو آهي ته "سنڌي ادبي بورڊ جو قيام سنڌ جي باشندن جي اهم ضرورت هئي ... ليڪن ڇا (هن) سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي انهن ضرورتن کي ڪنهن حد تائين پورو ڪيو آهي، يا انهيءَ ڏس ۾ ڪو قدم به وڌايو آهي؟ اسان وٽ انهيءَ جو جواب نفيءَ ۾ آهي. جيڪڏهن ٻئي ڪنهن وٽ انهيءَ جو اثباتي جواب آهي، ته انهيءَ جو کيس ثبوت ڏيڻ گهرجي...". اسان پنهنجي هن معزز معاصر جا شڪرگذار آهيون، جو هن اسان جو ايڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. جيتوڻيڪ سنڌس مدير محترم پاڻ بورڊ جو ميمبر آهي، ۽ کيس بورڊ جي ڪارگذارين جي مفصل خبر آهي، تنهن هوندي به ڀانئجي ٿو ته جڏهن پاڻ مٿيون رايو بورڊ متعلق قلمبند ٿي ڪيائين، تڏهن سندس سامهون اهي چيزون موجود ڪين هيون. هي موقعو غنيمت ڄاڻي، هتي "مهراڻ" ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ، بورڊ جي ڪم جي مختصر ڪيفيت پيش ڪئي

ويئي آهي. اميد تہ ان جي پڙهڻ سان بورڊ متعلق پيدا ٿيل غلط فهميون گهڻي قدر دور ٿي وينديون. ايترو سو پنهنجي هن عزيز معاصر کي ضرور گوش گذار ڪنداسون تہ "صفائي ايمان جي نشاني آهي"۽ جهڙيءَ طرح جسماني صفائي انسان جي بدن ۽ پوشاڪ مان ظاهر هوندي آهي، اهڙيءَ طرح ذهني پاڪيزگي وري سندس منهن مبارڪ مان جيڪا گوهر افشاني ٿيندي آهي، انهيءَ مان معلوم ٿيندي آهي: تنهنڪري آئنده جنهن کي بہ جيڪي ڪجهہ چوڻو هجيس، سو ڪجهہ مهذب لفظن ۾ ئي ادا ڪري - ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي مخاطب کي آسانيءَ سان پنهنجو هم خيال بنائي سگهندو.

انعام

اسان اڳئين پرچي جي گذارش ۾ اديبن کي انعامن ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. پارڪن جي ڪاميٽيءَ "مهراڻ" جي اڳئين پرچي جي شعرن، افسانن، مضمونن وغيره جو جائزو وٺندي، يڪراءِ فيصلو ڏنو تہ پنجاهہ روپين جو پهريون انعام پير حسام الدين راشدي صاحب جي مضمون "مير علي شير 'قانع' " کي ڏنو وڃي؛ پر پير صاحب جن اهو انعام وٺڻ پسند نہ ڪيو، ۽ ڪاميٽيءَ کي صلاح ڏنائون تہ بورڊ جي ڪنهن بہ ميمبر يا ملازم کي، هن پيري توڙي آئنده، ڪوبہ انعام نہ ڏنو وڃي. ڪاميٽيءَ پير صاحب جي انهيءَ صلاح کي خوشيءَ سان قبوليو، ۽ فيصلو ڪيو تہ پهرئين نمبر انعام جا اهي پنجاهہ روپيا هن پيري رهيل افسانن تي ڏنا وڃن. انعامن جي آخرين صورت هيءَ آهي:

شعر:	محمود شاهہ "سائل"	- ڪافي (ص ١٤)	١٠-٠-٠
	عبدالڪريم "گدائي"	- نظم (ص ٤٥)	١٠-٠-٠
	شيخ "اياز"	- ڇيڄ (ص ٣١)	١٠-٠-٠
ادب لطيف:	جهامنداس ڀاٽيا		١٠-٠-٠
افسانا:	بردو سنڌي	- "انڊيرنگري"	٢٥-٠-٠
	گووردن محبوباڻي	- "ڪاري"	١٥-٠-٠
	مس شمس صديقي	- "هڪ ڪردار سوافسانا"	١٠-٠-٠
	شيخ حفيظ	- "۽ مکڙي مرجهائجي ويئي"	١٠-٠-٠
	ابن حيات پنوهر	- "زن طلاق"	١٠-٠-٠
	بلرام وڪل	- "حسرت"	١٠-٠-٠
	محمد يعقوب "نياز"	- "لڙڪ ۽ مرڪ"	١٠-٠-٠
ادبي خط:	مس شمس صديقي		٢٥-٠-٠

گذارش

"مهراڻ" ڪي جنهن ڪوشش ۽ محنت سان ترتيب ڏني وڃي ٿي، ان ڪان پڙهندڙ ۽ اسان جا محترم اديب خود به واقف آهن. انهيءَ ترتيب ۾ هڪ مشڪلات اها به رهي ٿي ته اديب پنهنجون چيزون وقت اندر نٿا موڪلين، جنهنڪري هڪ ته رسالي جي اشاعت ۾ دير پئجي ٿي وڃي، ۽ پيو ته ادبين جي افسانن ۽ شعرن وغيره کي دنيا جي مشهور ۽ بلند پايه رسالن وانگر تصويرن ۽ خاڪن سان نه ٿو سينگاري سگهجي. انهيءَ ڪري، اسان جي ادبين کي گذارش آهي ته اسان کي مهرباني ڪري پنهنجا شاهڪار ڪافي اڳواٽ ڏين ته جيئن رسالي جي ترتيب ۽ آرائش ۾ اسان کي به آساني ٿئي، ۽ سندن چيزن کي پڻ زياده اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهون. اميد ته اسان جا محترم اديب هميشه وانگر هن ڳالهه ۾ به اسان سان سهڪار ڪندا، ۽ آئنده، وقت اندر، اسان ڏانهن پنهنجن ادبي نوازشن موڪلڻ جي عنايت ڪندا.

م. ا. ج

"سانگي"

یادگیریون

جي سهڻو پاڻ سڏائي ويا
چپ چاشني دار چکائي ويا
البيليون اکيون اٽڪائي ويا
ستي سورن کي تہ جڳائي ويا.

اجا هاڻ هتي ها يار پرين
غمخوار سڄا سنگار پرين
دلبند سڄڻ دلدار پرين
جي پيچ پيارل پائي ويا.

هتي دردن جا تہ دکان هئا
وڏا شوخن جا هت شان هئا
هت سورن جا تہ سامان هئا
سي هاڻي ماڳ مٽائي ويا.

ها معشوقن جا ماڳ هتي
ها برهہ وارن جا پاڳ هتي
ها رنگ ۽ روپ ۽ راڳ هتي
سي ڦيري ڏيئي ڦٽائي ويا.

هت عاشق ها اڙٻنگ ادا
هت عشق جا ها آڙنگ ادا
هت سهڻا ها گلرنگ ادا
پر سر تي ورهہ وسائي ويا.

هت عشق جا ها طوفان وڏا
هنيا نينهن هتي تہ نشان وڏا
ها سورن جا سامان وڏا
سي وارو وير وڃائي ويا.

رهيا دنيا ۾ خوش جي دم پل
ڏنا تن کي جلد زماني جل
هلي هر سو جن جي ٿي پل پل
سي دونهان درد دکائي ويا.

استاد اهي جن پاڙهيو ٿي
جن سورن ساڻ سيکاريو ٿي
جن درس محبت ڪاريو ٿي
سٽون سورن جون سمجهائي ويا.

جن هر ڪنهن ساڻ رهائي ڪئي
جن سهڻن ڪاڻ سچائي ڪئي
تن پنهنجي پاڻ رهائي ڪئي
سي ڪنهن سان ڪين وڃائي ويا.

تن شاهن جا ويا شان ڪٿي
سي دهليون ۽ دربان ڪٿي
ويا نوبت ۽ نيشان ڪٿي
جي ماڙيون محل اڏائي ويا.

ٿو نينهن منجهان نروار چوان
سي پيارا پنهنجا يار چوان
سي عاشق آهہ سردار چوان
سي "سانگي" پاڻ سڏائي ويا.

نيرُ نہ لَهي نيهہَ جو، لَهَ جا لَهي وٽا،
مارُن ڏارا ساڙيهن، ڍُهلا ڏيهہَ ٽٺا،
ڏيهي ڏُور وٺا، ڏيان ڏوراپا ڪَن ڪي؟

مَٽي تَرَ رَهي، وٺا گُذاري ڏيهَڙا،
ڪَڏهہ ڪونہ آئيو، تَن پَهنوارَن پَهي،
وٺڙا سي وَهي، جنب گذارئُم جَن سين!

وِٺا گُٽَن ساڻ، مارُئڙا تَر آڪَري،
تَن پُڄاڻا هاڻ، آئُون جاڙَجيان تِي، جيڏيُون!

چَن نہ چَجي آهيان، ڪُڇَن ۾ ڪوٽَن،
ايندہ پيهِم آبَتا، پَيڪڙا پيرَن،
هَٽَڙيُون هٿَن، چَنگهون باهُون ڪاٿ ۾!

مارُئي ناهي مَليرَ ۾، نَڪا وَٽ هَميرَ،
پُنهُو ڪونہ ڪيچَ ۾، نڪي سنڌ آسيرَ،
سومل ڪانہ ساڙيهن، گنجي ناهي فقيرُ،
قبن ڪيهنٿَن پيرَ، مُرشد مساڻن ۾!

— شاهہ

ا

بيت

شيخ "اياز"؛ لطف الله بدوي؛ عبدالجبار "شام"؛ "برده" سنڌي. **دوها:** شيخ "اياز" "بشير" موريائي.

ڪافيون

حافظ "احسن"؛ "برده" سنڌي؛ محمد خان "غني"؛ لطف الله بدوي؛ حسيني محمد حافظ؛ مخدوم غلام احمد "غلام"؛ احمد خان "آصف"؛ "راز" بلڙائي؛ آخوند فضل صديق. **وايون:** شيخ "اياز".

گيت

هري "دلگير"؛ شيخ "اياز"؛ "برده" سنڌي؛ "تنوير" عباسي؛ گوبند ڀاٽيه؛ شمشير الحيدري؛ ڪمل "پياسي"؛ ڀڳوان ميوائي.

لوڪ گيت

رشيد احمد "رشيد" لاشاري؛ م. ع. ڏيپلائي؛ رائچند؛ منگهارام اوجها.

نظم

هري "دلگير"؛ شيخ "اياز"؛ تنوير عباسي؛ "نياز" همايوني؛ گوورڌن محبوباڻي؛ "بشير" موريائي؛ ڪمل "پياسي"؛ لطف الله بدوي؛ صالح محمد سمو.

آزاد نظم

شيخ "اياز"؛ شيخ "راز"؛ سراج.

نيون طرزون

سانيٽ: بشير موريائي؛ "ٻولي": رشيد احمد "رشيد".

غزل

شيخ "اياز"؛ غلام محمد "گرامي"؛ هري "دلگير"؛ عبدالڪريم "گدائي"، "بشير" موريائي؛ "تنوير" عباسي؛ عبدالحليم "جوش"؛ شمشير الحيدري.

قطعا

هري "دلگير"؛ "بشير" موريائي.

ادب لطيف

جهامنداس ڀاٽيه.

ـ سالن جا سال تخليقي ڪوشش ڪرڻ بعد، مون کي اهو دائمي يقين حاصل ٿي چڪو آهي ته شاعر لاءِ فقط اهو ڪافي ناهي ته سندس موضوع ئي بلند هجڻ گهرجن، بلڪ هن کي انهن موضوعن سان اهڙو تعلق هجي جڻ هن اُنهن کي پنهنجي اندر ۾ براهِ راست محسوس ڪيو هجي. هن کي پنهنجي تجربي جي بنا تي ئي لکڻ گهرجي، نه ته هو زندگيءَ جي تصوير پيش ڪرڻ بدران رڳو اُن جو پاڇوئي پيش ڪري سگهندو. فقط حقيقت جي اونهي مطالعي ۽ انهيءَ جي تيز پرواز سان ئي خيال ۽ احساس جي حقيقي شاعري تخليق ڪري ٿي سگهجي؛ فقط انهن سرچشمن سان ئي زندگيءَ جو حقيقي روح پيش ڪري ٿو سگهجي.

ـــ مرزا ترسون زاده.

بيت

شيخ ”اياز“

اسان ڪيڏن ڪانيون، رُسي ريجهڻ جون گهڙيون؟
ڳوڙها، ڳرانيون، هيانءَ ڏسڪيا هيج سان.

پري منهنجو پنڌ، رڻ ۾ منهنجون راتڙيون،
ساٿي تو سوڳنڌ، سوني وڄ وڄ-وات تان.

تنهائيءَ جا تير، ڪُتا منهنجي ڪيپ ۾،
چُڪي پهتي چپ تي، نيڻين آيا نير،
ٽوڙي وئي تقدير، گهُوري منهنجي گهاو کي.

جهوري پئي جهانجهه، جيڏيون منهنجي جيءَ کي،
سهڙي آهي سانجهه، جهڄندي جڏهن جي جهانءِ ۾.

واريءَ سنجهه وٽاڻ، سانجهيءَ آندا سانت ۾،
لهندي سج جي سون سان، ورسيا پينگا پاڻ،
جرڪي منهنجي جاڻ، آڻ جاتي جي آڳ ۾.

لطف الله بدوي

ساري رات وسي، مينهن ماندائا ڪيا،
جهوپا جهانگيڙن جا، پُسي سپ پيا،
ويچارا ويا، پٽڪي ڪٽي پڪڙا.

ساري رات وسي، مينهن ڪيا ماندائڻ،
ٿيون تار ترائيون، ڇلڪي پيا نياڻ،
ڪٿن ڪُنَ ڪپر ڪي، موج ڪئي مهراڻ،
ويچارن وٿاڻ، پاڻيءَ سان پُسي پيا.

پکين پکيڙي پر، ڪئي وسڻ آهه وڻن تي،
تڙڪي جي توَ تي، ليٽيا پاسي پر،
ڪونهڙي سان ڪنين کي، ويٺا ڏين ور،
وڄن ڪيو وڳر، چوٽي خاطر پيٽ جي.

وري بادل آئيا، ڪئي پيهي لات،
صبح کان شروع ٿيو، وسيو ساري رات،
منداٽيءَ برسات، وسڻ سان وَس ڪيا.

وري ڪڪر آئيا، گوڙ ڪري گينور،
رعد جي راڙين کان، متا هُل حشر،
ڪنوٽين جي ڪيچ کان، ٿي ڪنبيا ڪاريهر،
وسي پيو وڏڦڙو، ٿيا تار ترايون تر،
ويچاريءَ جا ور، ڪڄي ڪول ڪرينم تون.

عبدالجبار ’شام‘

ڍولا او ڍٽ ڌٽي، ڪُٺيس تنهنجي ڪاڻ،
هيتي مڙه موسل جو، ساه ته توئي ساڻ،
پاڻ سُڄاڻي پاڻ، اڃ اوري مينڌرا.

ڍولا او ڍٽ ڌٽي، ڍولا تون ڍڪينم،
ايڏو ڏر نه ڏينم، راٺا رُسڻ گهوريو.

ڍولا او ڍٽ ڌٽي، ڍولا ڍڪينم تون،
بديون بخشج سُون، راٺا رُسڻ گهوريو.

”برده“ سنڌي

رنگ ڏٺم وه ڍنگ ڏٺم، دلبر دا رخسار ڏٺم؛
حُسن ڏٺم وه احسن دلبر، صورت دا سردار ڏٺم؛
حسن حقيقي، مام مجازي ”آدم سِرّ اسرار“ ڏٺم؛
مور دي سهڻي ٽور ڏٺم، وه ڪبڪ والي رفتار ڏٺم؛
خال ڏٺم گُل لال سلوڻي، موتي ڏند قطار ڏٺم؛
چولي لب خوش ٻولي مٺڙا، بلبل دي گفتار ڏٺم؛
جسم گلابي چشم غزالي، ابرو تير هزار ڏٺم؛
زلف ڏٺم او ڪاڪل ڪالي، پيچ اندر سنسار ڏٺم؛
يار ڏٺم اغيار ڏٺم، تي عاشق لک بيمار ڏٺم؛
راهه مزيندي شاهه ڏٺم، آ مَلَڪ ٿئي ميهار ڏٺم؛
ديدان ديد خريد ڏٺم لک، ”بردي“ حُسن هزار ڏٺم.

دوها

شيخ اياز

آهي تنهنجي ياد جي، ائن لذريءَ ۾ گونج،
آکيري مان جئن وڃي، آڏري ڪائي ڪونج.

نيڻ مان جو نئن ڇُلڻي، ڪک پن ٿي ويا رنج،
نڪتيون تنهنجون ڳالهڙيون، جئن پاڻيءَ تي هنج.

تون ئي منهنجو راز آن، تون ئي منهنجو ساز،
آهي تنهنجي تار جو، منهنجو من آواز.

هن ڪي تنهنجي پريت جي ٻيري جي آ هير،
من جي مٺا ٿي اچي، سونهي سانجهه سوير.

نيڻ ڪي ڏي ننڊڙي، پڌري ٿي پرڀات،
ڪيسين ڪوڪي ڪوئليون، ڪانئن ڪاري رات.

ٻک ٿي نڪتي باک ۽ ڏک ۾ گذريو ڏينهن،
ڇڏ هي سک جون ڳالهڙيون، پنهنجو ڪهڙو نينهن!

جڳ جي پوئين پهر ۾، مان جڳنوءَ جي جاڳ،
جرڪيا منهنجي راڳ ۾، ماڻهوئڙن جا ماڳ.

ڦٽو من ۾ پار ڪاڻ، جئن ڇوليءَ جو ڇوهه،
ويڇي آئي جو ڪنڌي، ماڻو ٿي ويو موهه.

تارن جا تڙڪا پيا، جن سان جرڪيا جرَ،
ماڻڪ موتي ٿي وئي، ڇڻ منجر جي ڇرَ.

بشير موريائي

چاندوڪيءَ جي ساز تي ويٺي رات گيت ٿي ڳائي،
انگ انگ ۾ ٻري اسنگون، جادو ٿي ڦهلائي.

نيڻ جي ڪڙڪيءَ مان پيهي آيو ڪو چت چور،
پاڳل من آ وَسَ ڪان ٻاهر، ڪير لڳائي زور.

ڪوهه تان گهاگهر ٻري ٿي مونه، هڪ البيلي نار،
گهاگهر مان جئن پاڻي ڇلڪي، تئن جوڀن جو آپار!

پريم جو ساگر ڇوليون ماري، تنهنجي ياد ڏياري،
پوءِ ٻلاڪو ڪئن هن جڳ ۾ سک جون گهڙيون گهاري!

ڪافيون

حافظ محمد احسن

چني ڪين چڏڻ توکي يار کپي؛ ناتو نينهن ڳنڍڻ توکي يار کپي.
١- منهنجو وس ته سڄڻ آهي عرض ڪرڻ، ٻانهون ٻڌي ته ٻڌڻ پيرين سرڙو ڌرڻ؛
پوءِ ته عرض سڄڻ، چڏي ريت رسڻ، اچي مرڪي ملڻ توکي يار کپي.
٢- راتيان ڏينهان روئڻ، تنهنجون واٽون ڏسڻ، ڀانڌي روز پڇڻ، تو لئي يار سڪڻ؛
ڀري پير اچڻ، ڪا سنيار لهڻ، اهڙو قرب ڪرڻ توکي يار کپي.
٣- توکان دور ٿيڻ، ٿيو وهه ته وهڻ، ڪونهي سک ٿي سمهڻ، نکو کائڻ پيڻ،
ٿيو جنجال جيئڻ، تنهن کان وڌ آ مرڻ، هائي ڳڏجي رهڻ توکي يار کپي.
٤- "احسن" دلڙي ڏيڻ، سختيون سو رسهڻ، ڪنهن کي ڪين چوڻ، اها ريت رکڻ؛
دل دوست لٽڻ، پوءِ وري منهڙو مٽڻ، ائين ڪين هڻڻ توکي يار کپي.

"برده" سنڌي

ڪيوين ڪران هڻ چين نهين يَر، سوهي دل محبوب دي ناز!
١- خوني چشمان تير چلايا، کس دل سهٽي ول نه وجهايا،
پٽي ڳل ڦاهي زلف دراز!
٢- رو پٽ هٿين ڪجهه نه آيم، سوز زياده درد وڌايم
هين بي ترس دي خوب خماز!
٣- وسر ڳيم سڀ زُهد عبادت، صوم صلواة تي طلب تلاوت،
هردم يار دِي ياد نماز!
٤- ڪڏان ٻهي ڳڏ منڙا ٻولي، ڪڏان ول هجر فراق ڏي رولي،
ريجهه رُسڻ تي شوخي نياز!
٥- جنهن ڏينهن ڍولڻ، دِيد پلَيسي، اي دل "برده" عيد ڪريسي،
بس، کُل پئوسن ڳُجهڙي راز!

محمد خان "غني"

واٽون وٺيو روز واجهايان - تارا تارا ڳڻ نہ تڪيندا !

آس اٿم، سي آخر ايندا !

١- منهنجي اکين ۾ آب ڏئائون، پاڻ رنائون قول ڪيائون؛

ڇيئون 'اچون ٿا گهڙي گذاري'، ويا تہ ويا وچي وساري؛

هر هر تن جا پار پچايان - ڏوٽ ڏسر سي ڪڏهين ڇڏيندا !

٢- ساوڻ سان ڏيو ڦيري سيارو، سخت ٿي سردي وسيو پارو؛

وڻ ٽڻ سڀئي سڙي ڏيا ڪارا، سڙيا سڙيا محبت وارا؛

ائين ڇيسو ٿي من پرڀايان - 'منجهہ بهاريءَ پيڙا ڏيندا' !

٣- آئي آهي رات انڌاري، ڪاري ڪاري هيبت واري؛

هر هر پاسي ڪي بدلائي، نت نت نيٽين نير وهائي؛

سڏڪين ڪي ٿي هيئن سمجهايان - ايندا ايندا وره ونڊيندا !

۴- سڪيون ويٺيون موج مچائي، هڪڙي ٻيءَ جي دل وندرائي؛

من "غني" ٻئي پار وسي ٿو، اکين آڏو يار پسي ٿو؛

ڏارين سان ڪيئن دل اٽڪايان - منهنجا مون کان منهن نہ مٽيندا !

لطف الله بدوي

لڳي ساهہ ۾ آهہ سانگين جي لوري،

وساريان نہ وسرن ساروئڙن مقالون!

١- آئم روز اڄ تڻ آباڻن جي اندر، جلايو جگر جان، سورن سراسر،

وئي آ وڇڙ جي، ڇڳيرن کان چوري - وجهان ٿي ورن من ويٺي روز فالون.

٢- ڪڙهان هت ٿي ڪونن ۾ آءُ آڪيلي، نہ ڪو حال محرم نہ سرتي سهيلي،

هجن گڏ لڳي جن جي آجيءَ ۾ جهوري - ڏيان ٻاهہ پٽ ڪي، سڙن شال شالون.

٣- ڪڻن ۽ ڪٽوالن ۾ هت ڏيو جياپو، ڏيس ڏور ڪنهن کي ڏيان سان ڏوراپو،

جدائي جو جاڙ ٻني گالهہ گوري - ٻري ڏيم پنهوارن جا پڪڙا ۽ پالون.

۴- مونسي ملڪ سينهن ڪٿي آ ٻهاري، ٿڌي ٿي ٻڌان ٿي ويڙهيچن جي واري،

مون کي هت ڏکن جي ڍڳهي آهہ ڏوري - هٽي ڏور نڙ تي ڏيون ڇيچون ڏسالون.

٥- ڪري ياد ڏيهي، آڪئين نير هاريان، ٿرن جون سنيارون سدا "لطف" ساريان،

پاڻر جي گهڙيءَ تان سڙي جان گهوري - سهيلين جي سڀهمن وڃايو آ حالون.

حسيني محمد حافظ ٽکڙائي

پنهل پسڻ ڪان آهي ڏور ــ ساعت سهڻل ري نه سري!

۱ــ ساجن سرتيون ساڻ نيائون، ڏير سسندم پر قهر ڪيائون،
پير پنهون جا پل پل پور، گھٽتين پر جي سنهنجو گري.

۲ــ باه پنهور ڪي ڏينديس پيٺي، ڪيچ ڏي ڪاهي وينديس پيٺي،
ورنديس ور ري ڪين مان مور، ٽينديس پپ ڪان پل نه پري.

۳ــ روج روئڻ پر حال وڃايم، عشق سپپني آرام ڦٽايم،
نينهن اندر پر ڪيا ناسور، باه برہ جي دل پر ٻري.

۴ــ رڙهنديس، روئنديس، هلنديس آءٌ، پند پنهل جو پڇنديس آءٌ،
هاڙي هلڻو آهي ضرور، ڏينهن تپي يا رات ٺري.

۵ــ هوت حمايت «حافظ» تن جو، قرب ڏيو ڪامل يارسان جن جو،
وچ نه وڇوڙي پر وهلور، ڪيچي ايندا قرب ڪري.

مخدوم غلام احمد "غلام"

او مُحُبّن ڪئي مجبور، اديون دل محبن ڪئي مجبور ــ
نيت پَوَن پنهل جا پُور!
او سچڻ بنان هيت سُهُج سمورا، سرتيون پانيان سور!
او محبن ڪئي مجبور.........

۱ــ انگ اگي هو لوحَ لکيو، نه ته ٻاروچو ڪِٿِ ٻانپَڻ،
آلا، پِرتِ پرايم پينگهي پر، هاڻي سورَ پيا تَنِ سانپڻ،
او، ڏاجُ ڏکن جو ڏنو ڏاڏاڻن، پنهلَ پيڙي پر پُور!
او محبن ڪئي مجبور.........

۲ــ هوتُ ڪئي وِيَم هنئجَ مان، ڪري ڏو ٻيڻ سان ڏاڙو،
آلا، هاڙهي هلنديس هيڪلي، چڙي پيڪن جو پاڙو،
او، عقل شرم ۽ مت مڙيئي، قُربَ ڪيم ڪافُور!
او محبن ڪئي مجبور.........

۳ــ جام! «غلام» جو عرض اگهائي، آري آ هڪواري،
دردن دلڙي ڪئي ديواني، دلبر ڏي دلداري،
گهُورَ ڪيا جهي گهاو جيگر پر، نيسيري ٿيا ناسور!
او محبن ڪئي مجبور.........

احمد خان "آصف"

کيڏن پليان سان پاڻ، جانب سان جيءُ جڙيو جڙيو!

۱- آدم کان اڳ اڳ ڙي اديون سهٽي ساجن ساڻ
منهنجو انگ هو اڙيو اڙيو!

۲- لالڻ خاطر لوڪ سڄي جي آيم ڪيڏي ڪاڻ
لڪيو آخر پڙيو پڙيو!

۳- گڏون چاريندس گوٺ سڄي جون پنهنجي پيارل ڪاڻ
من جنهين سان سڙ هيو مڙهيو!

۴- حجت هلندس هوت سان ڪهڙي آهه سڄي سون آڻ
قرب انهيءَ جي ڪڙيو ڪڙيو!

۵- "آصف" جي جنهن دلڙي ڏتاري پاڪ آله سو آڻ
ساه سورن ۾ سڙيو سڙيو!

"راز" بلڙائي

دلڙي لٽي وئين دلبر نيڻن سان ناز وارا،
شب روز يار تولئي نيڻين وهايان نارا.

۱- قاصد ادا ڪا آندي خاصي خبر تو پاندي،
مشتاق دل ڏي ساندي ايندا ڪڏهن پيارا.

۲- سهڻيون اکيون هي سنج تون منهنجو عرض هي سچ تون،
پيرو پلا نہ ڀڄ تون ڪر پال ڪي پلارا.

۳- تنهنجي فراق ساري ڇڏيو جان تن ڪي گاري،
ويئين تون چو وساري جيءُ جان جا جيارا.

۴- نازن سان پل پيا ساريو پر قياس ڪجهہ ڪو ڏاريو،
نرمل پرين نهاريو، پرچي ملو پيارا.

۵- مچ "راز" جي تون آزي، پرچي پرين ڏي راضي،
ڪهڙا پچين تو قاضي، قربن ۾ قرب وارا.

آخوند فضل صديق صديقي

برہ بنايم ٻئي حياءَ، نينهن پرينءَ جي ناچ نچايا؛
ٻول ٻہ ٽي ٻڌ جيجل ماءُ، سوز سڄڻ جي ساز سرايا.

انگ اگهاڙي پيٽ بکئي سان، گرمي سردي ڏيل ڏکئي سان،
عشق چيو ٽيي ارڏو آءُ، پير جڏهن مون پڙ ۾ پايا.

حاڪم هٿچي ٻاپي پاڙو، ڀاءُ برادر سيڻن ساڙو،
ويري پانئج سپ وياءُ، سنگتي ساٿي پار پرايا.

ڏک ۾ سک جو چاڻ نہ چامن، ڪين ڏسين ٿا آه ڪا عامن،
حمد هنن جو آهہ آپاءُ، ارها سرها سمجهہ سوايا.

جان تسي جٽيان سرُ متي ۾، ڪُندري ڪيشيتو اوڏ ڪٽي ۾،
لالن ڏاران ناهي لاءُ، محب جي محفل رڄ رهايا.

آڏيءَ مانجهيءَ جوڳي جاڳن، باهيون ٻرَ ۾ ساڻ نہ سامن،
موَنَن ۾ سُنهڻ، تن ۾ تاءُ، هوُ هوُ جا تن هلَ هلا يا.

پَن پيائي جوڙ نہ جوڙن، تند طلب جي وجدت ووڙن،
وصلَ جو والي واري واءُ، رندن روئي روهہ رجايا.

هوڏ نہ هلندي پاڻ نہ پنهنجي، ترڪ طمع ڪي ڪاوڙ ڪنهنجي،
سهڻو ڪنهن جو ناهہ سياءُ، هستي مستي آر آجايا.

والي واحد وحده وائي، وردُ ويراڳين ڪاڻ نہ ڪائي،
”فضل“ فقيرن پيو پڙلاءُ، انگڻ اسان جي اظهر آيا.

وايون

شيخ اياز

(۱)

رات ڪاٺي تانڪهہ تات، منهنجي من ۾ آڳ جئن آئي پرين!

زندگانيءَ جي چمن مان آئي خوشبوي نجات.

رات ڪاٺي تانڪهہ تات، منهنجي من ۾ آڳ جئن آئي پرين!

ڪنهن ازل جي راز ڳاتو، سرّ وٺايو ڪائنات.

رات ڪاٺي تانڪهہ تات، منهنجي من ۾ آڳ جئن آئي پرين!

اوچتو هر شي لڳي، جڻ بي ثبوت و بي ثبات.

رات ڪاٺي تانڪهہ تات، منهنجي من ۾ آڳ جئن آئي پرين!

هي ستارا، هي نظارا، نيٺ ڪنهنجي آ صفات!

رات ڪاٺي تانڪهہ تات، منهنجي من ۾ آڳ جئن آئي پرين!

چنڊ جو چارو وٺي ڳولڻ لڳس مان حسن، ذات.

رات ڪاٺي تانڪهہ تات، منهنجي من ۾ آڳ جئن آئي پرين!

(۲)

آءَ زندان جي جهروڪي مان نهار. ڪهڙي پياري رات آھ!
آسمانن مان ڪيري ٿو چانڊنيءَ جو آبشار. ڪهڙي پياري رات آھ!
ٻن جهانن تي ڪري ٿي وار ڪويل جي پڪار. ڪهڙي پياري رات آھ!
هي هوا، هي هيج، هي سامهون ڪجورين جي قطار. ڪهڙي پياري رات آھ!
چنڊ تنهنجي لاءِ سيخن مان نهاريو بار بار. ڪهڙي پياري رات آھ!
تون ڪڙين ۾ ٻي ڪُڏي سگهندين گهڙيءَ جي لاءِ يار. ڪهڙي پياري رات آھ!
ڳاءِ پيارا! هي دز و ديوار ناهي پايدار. ڪهڙي پياري رات آھ!
آءُ، زندان جي جهروڪي مان نهار. ڪهڙي پياري رات آھ!

گيت

هري؛ درياڻي "دلگير"

سنهنجو سائين چاڻ تہ آيو!

نيلي آڀ تي ننڍڙا تارا، اڄ ڇو خاص وڻن ٿا پيارا؛
اڄ ڪيڏو منَ کي موهن ٿا، اڄ ڪن ٿا ڪي خاص اشارا؛
بيٺا آهن جهرمر لائيو —
منهنجو سائين چاڻ تہ آيو!

اڄ دنيا ڇاڪاڻ وڻي ٿي، اڄ ڪيڏي چانڊاڻ وڻي ٿي؛
اڄ ٻنَ ٻنَ مان موج ملي ٿي، گل گل جي سرهاڻ وڻي ٿي؛
دل تي ڪهڙو جادو ڇايو —
منهنجو سائين چاڻ تہ آيو!

اي بلبل! تون ڳائين ڇو ٿي؟ هيرا! تون سازَ وڄائين ڇو ٿي؟
ناچ نچي ۽ ڳائي جهومي، سينڌوُ! موج مچائين ڇو ٿي؟
ڇا ڪنهن کي ڪنهن آهہ ٻڌايو —
منهنجو سائين چاڻ تہ آيو!

جاڳان ٿي، پر جاڳ نہ آهي، هي اڄ مون کي ٿيو ڇا هي!
وٺي ويٺي، ٻيٺي ٻيٺي، آءٌ ڇڏيان سو سپنا ڏاهي!
هر هڪ ۾ هُن پاڻ پسايو —
منهنجو سائين چاڻ تہ آيو!

ساهيڙ بن ۾ هيانءُ هجي ٿو، دنيا کان سن دورُ رهجي ٿو؛
دَرتي ڪڙ ڪو، دل ۾ ڌڙڪو، تڪڙو تڪڙو ساهہ کڄي ٿو؛
لال ٿي مُرڪڙو شرمايو —
منهنجو سائين چاڻ تہ آيو!

هو ايندو، ڇا حالت ٿيندي! بي سُرتيءَ ۾ دلڙي ايندي؛
هو ڪجهه ڇندو مُرڪي مرڪي، پر نہ لڄاري ورندي ڏيندي؛
اي لڄ، شرم! آئو ڇا رايو؟-
منهنجو سائين ڇاڻ تہ آيو!

ديرگهڻي ڇو راجا لاتي؟ مَهل ڪُمَهل بہ ڪانہ سڃاتي؟
جوت جلائي، جوت ڇهايان، ويٺيس پائي در ۾ جهاتي؛
دل کي کهڙي وهم ورايو!-
منهنجو سائين ڇاڻ تہ آيو!

شيخ ”اياز“

برساتي گيت

گهنن گهنن گهن گهن گون گهن،
ڏنن ڏنن ڏن ڏن ڏن ڏن!
گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل!

پيو پيو متي جا متوارا، جيو جيو ڏرتيءَ جا پيارا!
ڇنن ڇنن ڇن پيالا ڇلڪن-
گهنن گهنن گهن گهن گهن گهن!
گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل!

جُڳ جُڳ کان آ ڏرتي پياسي، مسين مسين آئي چؤماسي!
سوين صديون ليلا يو لُڙڪن-
گهنن گهنن گهن گهن گهن گهن!
گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل!

ڪيلو ڪيلو اي ڪنوٽيون ڪيريون، رلو ميلو اي ڪڪريون نيريون!
نيلو نيلو اج گلشن-
گهنن گهنن گهن گهن گهن گهن!
ڏنن ڏنن ڏن ڏن ڏن ڏن!
گجو گجو اي ڪارا بادل، وسو وسو ورسايو جل ٿل!

سانوڻ آيو

سانوڻ آيو، مينهن آئا،   وٺي مونجهه بهاري آئي؛
اک ڇنپ ۾ ڪنهن، اترؤن آئي،   ڇڏيا ٿڌا شاسيانا تائي،
پينگهه پپر ۾ جهولن جيڏيون،   ڪري ٽنول نهارن ٽيڏيون،
ڪاٺي ۾ پٽ راڻي سونهين، هن جي اک سُرمائي آ!
جهڙ ڏسي ڪنهن ساجن ساريو،   وات تڪي جنهن ورهه گذاريو،
گيت سيلاب جا ڳائي ويٺي،   پنهنجي مُنهن ورجائي ويٺي،
سانوڻ ساري، هُن وڇڙيل ۾ وطنين واڳ ورائي آ!
ڪَڪَرَ پهاڙن جهڙا ڪارا،   ڏسجن تن تي ڏنگڙا چارا،
ڇڻ ڪنهن ديس ڪان ديو آڏاسي،   "سنڌ" جي آيا ڪرڻ سلامي،
انهين تہ ناهي آپ ۽ ساگر، پاڻ ۾ جوڻ مٽائي آ!
ڏنگ لٽي ديوانو آيو،   پنهنجو ڪين سُجهيس پرايو،
ڪارا ڪيس ڪُلهن لڙڪائي،   پورب پاند پينل ڳل پائي،
ڌرتيءَ تي هن آسرت اوتي، سوت جي آڳ اجهائي آ!
جوڳي بادل، جوڳين وانگي،   آيا سپ بنسار اورانگهي،
ڪنوڻ ڪلي جو اک جهمڪائي،   گهوري جوڳين جان گهمائي،
پوءِ نڪيڙجي ڳُتيءَ ۾، اک روئي رعد پسائي آ!
هرجا آ سُرهاڻ ۽ ساول،   هر شيءِ ڏوتل هرڪو ڏاول،
هر شيءِ تي اج مستي مستي،   سفت ملي سَستي هستي،
مينگهه ملهار ڏسي مَن منهنجي "بردو" عيد ملهائي آ!

"تنوير" عباسي

سياري جي رات

تنهنجا پور پچايان سهڻا، توکي پل پل ساريان!

ساهه کي منهنجي سيءُ لڳي ٿو تنهنجي جدائي ماري،
ڏک جي ڏکيءَ کي روکيان ٿي محبت جو مچ ٻاري —
سياري جون هي لنبيون راتيون ڪيئن اکيلي گهاريان!

سڪ جو نازڪ ملڙو اپريو منهنجي من ۾،
موت مسافر ڇاڻ سڙيو هي ڀورن جي ڀارن ۾ –
نظرن ڪي وائن ۾ ڇمائي تنهنجي لاءِ نهاريان!

هڪ پاسي ٿا واءَ اتر جا جيءَ ۾ سيءَ اٿارن،
منهنجون آهون ٻئي پاسي ٽيون باهه برهه جي ٻارن –
آڳ اندر جي ٻاري ٺاريان، ٺاري هر هر ٻاريان!

جوت جهڪيءَ سان سانت ستارا ائين ٿا من کي ڀاسن،
ڄڻ اڀ جي دامن تي ڳوڙها سيءَ کان ڄمي پيا آهن –
تارا مون ڏي نهارن ٿا ۽ مان تارن ڏي نهاريان!
تنهنجا ڀور پڇايان سهڻا، توکي پل پل ساريان!

گوبند ڀاٽيه

گيت پراڻو ڳائي ڳائي

سائي......!

گيت پُراڻو ڳائي ڳائي،
تارُن کي ڪو محب ملائي،

دل ورچي ٿيي واجهائي؛
طرح نئين ڪا طرز ٻُڌائي – سائي...!

وائي ساڳي، وائي ساڳي،
ظاهر آه يڪجائي ساڳي،

ٻول ٻيو، پر ٻيائي ساڳي؛
ٻاهر ميل، جدائي ساڳي؛
اصلي ڪوئي ڀيد ٻتائي – سائي...!

گيت نه جو سنگيت رکي ٿو،
ناز نه جيڪو نياز رکي ٿو،

ساز نه جو رس راز رکي ٿو؛
آواز نه جو پرواز رکي ٿو؛
هيءَ مٽي ٿي جنهن ۾ لٽي ناهي – سائي...!

هشراڏو هي ساز نه گهرجن،
سياست وارا راز نه گهرجن،

ڀهروُ ڀي آواز نه گهرجن؛
بازاري انداز نه گهرجن؛
هردي جيي ڪو تار هلائي – سائي...!

”تنهنجي تند تنوار، سون من موهيو!“ ـ شاهه

ـ چتر كار: ظفر كاظمي

شمشير الحيدري

"سڄ"

اڄ اڄ گڏجي ڌوم مچايون،
پنهنجو پاڻ سلهايون!

عمريون گذريون روئندي، رڙندي،
گيت خوشيءَ جا ڳايون!

هرهنڌ زر جو زور ٿئي پيو،
انسان ڪشن مان نڪري پيو-
اڄ همت سان پاڻ ٻه ساٿي،
. پنهنجو ڀاڳ ورايون!

ڌن پاپيءَ ڪي سرڳ ڏياري،
ڌن ئي ماري، ڌن ئي جياري،
ڌن ئي آهي جڳ جو داتا-
ڌن جي ڌوڙ اڏايون!

ڌرم ڪرم جا جهڳڙا رڳڙا،
مايا راڄ جا راڪو رڪڙا:
پيار جو مذهب سڀ کان سٺو،
پيار جي جوت جڳايون!

اڄ اڄ گڏجي ڌوم مچايون،
پنهنجو پاڻ سلهايون!

ڪمل "پياسي"

ڪو وڇڙيل ساڻ ملائي

اوسيڙي ۾ ڪنهن جون اکڙيون ويٺيون آس لڳائي-
ڪو وڇڙيل ساڻ ملائي!

ڏڪندي ڏڪندي جهڄندي جهرندي، اڇي پريان ڪا ڳوڙها اگهندي؛
هوا هٿن سان ڀري هنائي، آس-مندر ۾ ديپ جلائي؛
ليڪن نراشا جي آنڌيءَ ديپڪ چڏيا اجهائي-
ڪو وڇڙيل ساڻ ملائي!

بادل كارا رات انڌاري، ور ڪان وڇڙيل هڪ ويچاري؛
ڪِڪرن وانگر نيڻ ٽمن ٿا، نيڻ ٽمن ٿا پلؤ پُسن ٿا؛
ڪنوڻ انهيءَ تي ڪري ڏولي پيئي ڦيرا پائي —
ڪو وڇڙيل ساڻ ملائي!

جڏهن دل جو در کڙڪايو، ساڄن آيو، ساڄن آيو؛
چنڊ بنا هٿ چنچل گوري، تڙڦي تي سا مثل چڪوري؛
سندس صدا جي هرڪا آشا لنوءَ لنوءَ پيئي ڪنبائي —
ڪو وڇڙيل ساڻ ملائي!

پڳوان سي • ميواڻي

منهنجا ساڄن، منهنجا سپرين،
وڃ ڪين ڇڏي، غم ۾ تون گڏي:
تو بن رئنديس، ڏکڙا سهنديس:
هٿ ٿي جوڙيانءِ، پيرين ٿي پوانءِ —
منهنجا ساڄن، منهنجا سپرين!

جڏ گلشن ۾ سرات ڪندي هر گل کي هوا لولي ڏيندي،
بلبل بس سڄي ڏينهن جي ٿڪ کان ٿي چوُر وڃي آرام ڪندي؛
ڪم هاج ڪريُ واندي ٿي سان، پنهنجي هنڌ ۾ پيئي لچنديس،
سيني ۾ هوندو درد مٺو، پر ڪين زبان سان ڪي ڪچنديس —
ڏيري ڏيري، ننڊ جي ديوي، سپنن جو چار وڇائيندي،
مشڪي مشڪي، رنگين نظارن سان دل کي بهلائيندي:
ڪو، رولوُ مست هوا جو جهونڪو، در منهنجو ڪڙڪائيندو،
سان چرڪ پري جاڳي پونديس، سپنو پاسو بدلائيندو —
توکي نه ڏسي، منهنجون اکڙيون ساوڻ جان مينهن وسائينديون!
سيني ۾ سوين ارمان کڻي، پيئون چانٺ ڏي واجهائينديون!
رئندي رئندي، منهنجي پوتي ڳوڙهن سان پُسي پٽ ٿي پوندي —
ڏس ڏاهو ٿي، سڄ منٿ اها،
ڪر داسيءَ کي دل کان نه جدا:
ڳچ ڳاريندي، پيئي نهاريندي،
هوندي نظرن کان دور سڄڻ،
سکئو ٿي پوندو منهنجو اڳڻ!
هٿ ٿي جوڙيانءِ، پيرين ٿي پوانءِ —
منهنجا ساڄن، منهنجا سپرين!

گيت لوڪ

رشيد احمد لاشاري

محرم لولي

سرائڪي ٻولي سنڌي زبان جي ئي هڪ شاخ آهي. سنڌ جي آتر واري ڀاڱي يعني سري ۾، سرائڪي ٻولي تمام گهڻي قدر ڳالهائي وڃي ٿي: ۽ سنڌي ٻوليءَ تي به آن جو ڪافي اثر آهي. جيئن ته سرائڪي ٻولي ديري غازي خان، بهاولپور ۽ بلوچستان جي سبي ضلعي، يعني ڀاڳناڙي واري علائقي، ۽ سنڌ جي سکر، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ عام جام ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، تنهنڪري آن جا لوڪ گيت به اِنهن سڀني هنڌن تي، ساڳيءَ طرز ۾ ساڳئي جذبي موجب، عام جام ڳايا وڃن ٿا. خيرپور ميرس ڪان جيئن هيٺ اچبو، تيئن سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ نه فقط هنن لوڪ گيتن جي ڪمي معلوم ٿيندي، بلڪ خود سرائڪي ٻولي به پنهنجو اصلي روپ بدلائي، ويندي سنڌي ٻوليءَ ۾ جذب ٿيندي. سِري جي انهن ڀاڱن ۾ ڪيترائي لوڪ گيت آهن، جي آتان جا ڳڀوار، ريڊار ۽ ٻڪرار، هاري ناري، ڇوڪرا ۽ نوجوان ڪن تي هٿ ڏيئي، وڏي آلاپ سان، جهنگ جهر ۾ جهونڪاريندا وتندا آهن، جن مان هڪ لوڪ گيت "محرم لولي" جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

عام طرح "لوليءَ" جي صنف فقط مائرن ۽ ٻارن جي محبت لاءِ مخصوص هئي: پوءِ آن ۾ وسعت پيدا ڪري، آن جو مضمون هڪ عام مضمون بڻايو ويو، ۽ مرد، عورت، جوان ۽ ٻار هرهڪ جي جذبات لاءِ هڪ راز محرم دوست وانگر ڪم ڏيڻ ڪري، هِن صنف جو نالو ئي "محرم لولي" پئجي ويو آهي.

محرم لوليءَ جو هرهڪ بند هڪ الڳ مضمون تي مدار رکي ٿو: ڪنهن ۾ مرد پنهنجي محبوبه لاءِ بيوفائي يا محبت جو ذڪر ڪري ٿو، ته ڪنهن ۾ وري ڪا عورت پنهنجي محبوب جي آمد جو انتظار ۽ سندس محبت جو اظهار ڪري ٿي: ڪنهن ۾ هاري ناري پنهنجو ماحول پيش ڪن ٿا، ته ڪنهن ۾ وري آئن وارا جٽ پنهنجي ڪا ڳالهه پيش ڪن ٿا- مطلب ته هرهڪ بند ۾ جدا مضمون ٿئي ٿو ۽ آن جو ٻئي بند سان ڪوبه تعلق نٿو رهي.

محرم لوليءَ جي هرهڪ بند ۾ ڪل ڏي سٽون ٿين ٿيون، جن مان ٻي سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ "محرم لولي، هي لو" جو وراڻو لازمي طرح اچي ٿو: باقي ٽين سٽ عام وراڻي جي ٿئي ٿي، ۽ ڳائڻ واري جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي، ته هيٺين مشهور وراڻن مان ڪوبه وراڻو چئي، محرم لوليءَ جي بند جون ٽيئي سٽون پوريون ڪري:

١- هي لو ڙي لَوو لوليي، پَلو ڙي، پورل لولي،
هي لو......
(دلبر لوليي، هي لو: سانول لوليي، هي لو:
سهڻل لوليي، هي لو- وغيره)
٢- هي لو ڙي لَوو لوليي، ڳيڙدوليي، تاليڻ لوليي،
هي لو......
٣- هي لو ڙي لَوو لوليي، پتوليي، محرم لوليي،
هي لو......

اهڙيون لوليون هزارن جي تعداد ۾ ڳايون وڃن ٿيون، جن مان مون کي جيڪي ياد هيون، سي مثال طور پيش ڪريان ٿو:

عاشق

وو...... لوليي تان لوليي، لوليي لَيان دِ ي اوني،
بوتا اِٿاهين، دل ڏيجي دِ ي کوني- محرم لوليي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لوليي، پَلو ڙي سانول لوليي- هي لو......

هاري ۽ ڏاند

وو...... بگڙا تـ جوڙا پَڏي آندئي نپوليي،
وَس نهين پـُجدا، ڪران لَونگان دي هوليي- محرم لوليي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لوليي، پَلو ڙي پورل لوليي- هي لو......

عورت

وو...... وَهندي ني واهي لَڙهـ پوندي ني ڳانگهي،
دِلـڙا پَريسان دَم دلبر دِ ي سانگهي- محرم لوليي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لوليي، پَلو ڙي سهڻل لوليي- هي لو......

"جيوي جتي"

وو...... آڏريان ني ڪُونجان وَج پيئيان ني سَر تهي،
چوڳان چـُڳيسان جيوي جَتيي دِ ي دَرتيي- محرم لوليي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لوليي، پَلو ڙي تاليڻ لوليي- هي لو......

اوني = اوٺ يا آڙ ۾ آهي. بگڙا جوڙا = آڇا ڏڳا. نپوليي پَڏڻ = زور سان دوڙڻ. ڳانگهي = ٺڪر. ڳيڙدوليي = لاڏلي يا دادلي. تاليڻ = مڪر ۽ تال ڪندڙ.

انتظار

وو...... لولي تان لولي، لولي ڏي نا مين ڇاڻان،
يارڻ پرديسي وَتي پيري سُڄاڻان-محرم لولي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لولي، گيڙدولي، تالڻ لولي- هي لو......

تهمت

وو...... لَيان تان لَيان، لَيان پـِـر پَيان،
ڪوڙ نه مارو، مين تان ٻاهر نه ڳڻيي آن-محرم لولي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لولي، پَلو ڙي محرم لولي- هي لو......

اوسيڙو

وو...... واهي دي ٻارون، ڪائي ٻوني ڪَماڻي،
آيا نه جاني، سڙي دلڙي نماڻي-محرم لولي هي لو،
هي لو ڙي لوو لولي، گڙدولي، تالڻ لولي- هي لو......

وعدو

وو...... وَهندي ني واهي، لُڙهه پوندي ني ٻُوٽي،
وعدا ميلڻ دا، ڪاوڙي تندران دي جهُوٽي-محرم لولي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لولي، پَنولي، دلبر لولي هي لو......

رسڻ

وو...... واهي دي ٻارون، ڪائي گيد ريان دي واڙي،
ڪيتس رُسامان، ڳيا گهر تڙ آجاڙي-محرم لولي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لولي، پَلو ڙي پورل لولي - هي لو......

بيقراري

وو...... ڳَلي جو والهي، ڳَلا وَيندي قطاري،
ولسن ڪڏاهين، تيسي دل ڪون بهاري-محرم لولي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لولي، گيڙدولي، تالڻ لولي-هي لو......

وڇوڙو

وو...... آڏ رني ني طوطي، وڃ ٻيٺي ني وڻ تي،
مُدت دي وڇڙي، آئي جيندڙي مَرڻ تي-محرم لولي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لولي، پَلو ڙي سانول لولي-هي لو......

محبوب جون ڳالهيون

وو...... آڏ رني ني ڳيري، وَڃ ٻيٺي ني ڇان تي،
ڳالهين تساڏيان، ليکي وَيسان مين هان تي-محرم لولي هي لو،
هي لو ڙي لَوو لولي، پَلو ڙي پورل لولي - هي لو......

كنوار

وو...... پار درياهون، ميڏي پيڪي جو رَهندي،
لوڙهيا جُدائي، ميڏيان ساران نہ لهندي- محرم لولي هي لو،
هي لوڙي لَوو لولي، پَنولي، دلبر لولي - هي لو......

پيڻ

وو...... پيٽين پيراوان، شالا پووي نہ گهاري،
.پيڪي نہ چوڙان، ڪڏان ٽيوان نہ ڏاري- محرم لولي هي لو،
هي لوڙي لَوو لولي، پَلو ڙي محرم لولي - هي لو......

سانوڻ

وو...... سانوڻ مهينا، آتون وسنديان نيي بُوندان،
آميل وي سُهڻا، آنديان آڏريان نيي ڪُونجان- محرم لولي هي لو،
هي لوڙي لَوو لولي، گڙدولي، پُورل لولي- هي لو......

فراق

وو...... لولي تان لولي، لولي ڪنهن ڪُون سُٽيسان،
جو دم حياتي، پيئي رو رو نيسان- محرم لولي هي لو،
هي لوڙي لَوو لولي، پَلو ڙي محرم لولي- هي لو......

م . ع . ڏيپلائي

آڪير

چوڏس پونم چانڊني -
چهنا !

مهانجي رسڻ جهڙي رات - گمانا !
آءٌ اڏر پکيڙُو، سنان پيهري ميل !
آيَل مٿو گونٿيو، چهنا،
مهانجي ڪاڪيلَ ڪانجهيو هار، گمانا !...
هجار هٿان رو گهاگهرو، چهنا،
مهانجو سورهان سريان رو هار، گمانا !...
لڪ تان چڙهتي مان جوبڙو، چهنا،
مهانجي موبي جهڙو نيٽا نيٽ، گمانا !...

چوڏهين پندرهينءَ جي چانڊوڪي،
ناز پريا !
منهنجي ڪيڏڻ جهڙي رات!
اڄ، اڏام پکيڙوا - مون کي ماڻڻ سان ميل!
اڄ منهنجا وار ويڙهيا،
چاچيءَ هار پوئي وڌو...
هزار هٿن جو گهاگهرو،
منهنجو هار سورهن سرين جو !
(واريءَ جي) لڪ تان چڙهي ڏنم،
(پري کان سمجهيم) جڻ تہ سوڊ پوڏ منهنجي
وڏي ياءَ جهڙو ڪواچي پيو! (مون کي وٺي وڃڻ لاءِ)

جهونپڪيو

[”جهونپڪيو“ لفظ نڪتو آهي ”جهونپڪ“ مان. جهونپڪ معنيٰ ”ڇڳو“، ”جهڳٽو“ وغيره. ٿر جي ڪن هندو ذاتين ۽ ڪن اڇوت قومن ۾ رواج آهي ته شاديءَ وقت نانيءَ ڪي ڌيءَ تي پڌڻ لاءِ لونگي يا پٽڪو ڏيندا آهن؛ ان جي ٽين ڇيڙي ۾ پڌڻ لاءِ لونگ ڦوٽا، ريشمي ٽنٽور ۽ ننڍن رنگين شيشي جي ٽڪين سان ٺهيل ڇڳو به ڏيندا آهن، جو پٽڪي پڌڻ بعد مٿان چوڌاري ورائي ڇڏيندا آهن، جو ڳولائيءَ تي ٽي ٻيهندو آهي.]

جهونپڪيو مان رو جهولڻ لاڳو،
جهولسي، سڳڻ سياري ري رات—
ملوڪ جهونپڪيو!

”ٽڪي پٽسي را پيٺيئي لونگ مڱايا،
آڏيلي ري ڏاڙم ڊاک“—
ملوڪ جهونپڪيو!

”اوڏيڙان سين پيٺيئي لونگ ورهايان،
ڇچڙان سين ڏاڙم ڊاک“—
ملوڪ جهونپڪيو!

”ڪوري ڳڳرمٽ پريوڙي،
ميلهان پيٺيئي جي ري پاس“—
ملوڪ جهونپڪيو!

سائي لوڙهه رو جهونپڪيو،
پيلي لوڙهه رو هار—
ملوڪ جهونپڪيو!

”ڪيهي پيٺيئي ناڻ ڏيسان؟“
”جانهين را ڪاسان لونگ“—
ملوڪ جهونپڪيو!

اونچي ميڙهي آوجري،
ٿنهين لونباري ڪات—
ملوڪ جهونپڪيو!

ڇڳو منهنجو لڏڻ لڳو،
لڏندو، سڄي سياري جي رات
ملوڪ ڇڳو!

”پيٽوئي، ٽڪي پٽسي جا لونگ گهرايا آهن،
۽ آڏيلي جا ڏاڙهون ۽ ڊاک“—
ملوڪ ڇڳو!

”وڏن ڪارن سان لونگ ورهايائين،
ڇڄن سان ڏاڙهون ۽ ڊاک“—
ملوڪ ڇڳو!

”ڪوري ڳهاڳهر ماڪيءَ سان پريل،
پيٽوئي ڪي موڪليون“—
ملوڪ ڇڳو!

سائي ريشمي ڏاڳي جو ڇڳو،
پيلي ريشمي ڏاڳي جو هار—
ملوڪ ڇڳو!

”ڪهڙي پيٽوئي کي ڏينديونسين؟“
”جنهن جا لونگ ڪاٽيا“—
ملوڪ ڇڳو!

آڇي ماڙي صاف ۽ سهٽي،
ان ۾ سڄي سيجبند ڪٽ—
ملوڪ ڇڳو!

"اِٽ پيٽيءِ جي رو پيسٽو؛
ڏيٺا ٻائي وائرو ڍور"—
ملوڪ جهونڪيو!

وائرو ڍورتي ڏيٺا ٻائي اِئان کهيو،
"هيلوڪي مِنان ڏاڏائي ميل!"—
ملوڪ جهونڪيو!

"ميلهسان وهان وڏائي،
ميلهسان سراوڻ ٽيج!"—
ملوڪ جهونڪيو!

"هيءَ هند پيٽوئي جي وهڻ لاءِ آهي؛
ادي ڙي، وچٿو جهلاءِ"—
ملوڪ چڱو!

وچٿي هٿندي چوڪريءَ ائين چيو،
"هاٿي موڪل ڏي ته مائٽن وڃان!"—
ملوڪ چڱو!

"ڪنهن شاديءَ مراديءَ يا سانوڻ مهيني جي ٽيج
تي موڪليندوسانءِ!"—
ملوڪ چڱو!

منگهارام "اوجها"

سانوڻ ٽيج

[ٿر جو هي مقبول عام لوڪ گيت وسڪاري جي مند ۾ هڪ جيڏيون سرتيون گڏجي ڳائينديون آهن. نئين وني پنهنجا ابائا آسرا ڇڏي ساهرن ۾ وڃي ٿي، تڏهن ان ڪنوار کي ساهرن ۾ انيڪ تڪليفون ۽ ڏک درپيش اچن ٿا— ان اڻانگي ۽ ڏکئي وقت ۾ پنهنجن مائٽن جي وڇوڙي ۾ هي گيت ڳائي ٿي.]

آئي، آئي، ما! سراوڻ ري ٽيج:
سراوڻ! سراوڻ! ڏيٺا ساسري!

ڀيجي، ڀيجي، ما! رمڻ جايه—
ڏيٺا نان ڏنو ساسو سووٽو:

سوبو، سويو، ما! ڇج ۾ چار—
اڏ مڻ سويو ٻاجهرو!

ڀيجي سهيليان، ما! جهيلٽيان نين جايه—
ٻائي نان ڏنو ساسو پيسٽو:

پيسٽو، پيسيو، ما! ڊال رو ڊال—
اڏ مڻ پيسيو ٻاجهرو!

ٿوڙون، ٿوڙون، ما! چڪليئي رو پاٽ،
بگڙ وکيرون سڀ پيسٽو!

اي امان، سانوڻ مهني جي ٽيج آئي آهي:
آه سانوڻ! سانوڻ! پر ڏيٺڙي ساهرن ۾ آهي!

پيون سڀ ساهيڙيون راند تي وڃن ٽيون، جيجل-
پرتنهنجي ننڍڙي ڌيءَ کي سس ٻاجهري چنڊڻ لاءِ ڏني آهي:

اي امان، اج ته چنڊيندي چنڊيندي، ٻه چار ڇج-
اڏ مڻ ٻاجهري چنڊي اٿم!

پيون سڀ سهيليون ته وهنجڻ وڃن ٽيون، امان-
پر ڌيءَ کي سس پيهڻو ڏنو آهي:

پيٺم، پيٺم، ماءُ! وڏو سارو ٿانءُ—
اڏ مڻ ٻاجهريءَ جو پيٺم!

اي امان، چڪيءَ جي پڙ کي پُرزا پُرزا ڪري ڇڏيان،
۽ سمورو ان وکيري ڇڏيان!

سهيليان، سهيليان ما! مگريٺي نان جاية –
ٻائـِي نان ڏنو ساسو، پوونو:
پويا، پويا ما! روٽيان سوچار–
پاڪا ٻائي را پيرونا!

ٻيجان نان ٻيجان، نان ما! گيهون را روٽ –
ٻائي نان ٻاجهري رو ٻاٽيو!
ٻيجان نان، ٻيجان نان جهاجهيرو کير–
ٻائي نان ڏنو ساسو راٻڙو!

ٻيجان نان، ٻيجان نان ما! ڏوٻي، ڏوٻي کنڊ–
ٻائي نان ڏني چپٽي لوڻ ري!
ٻيجان نان، ٻيجان نان ما! ٽپري گهيءَ –
ٻائي نان ڏنو ميريو تيل رو!

ورسي، ورسي ما! جهاجهو مينهن –
ڀيجي پايان ري پينڙي!
ميلي، ميلي ما! نانيرو ويـر–
راتان ري نرٽي پايان ري پينڙي!

امڙ! سهيليون گڏجي ڏٽ چوندڻ وڃن ٽيون –
پر ڌيءَ کي سس جون مانيون پچائڻيون آهن:
پچايم، پچايم–امي! چار سو مانيون!
ڌيءَ جا هٿ ڦـُلجي پيا!

اي ماءُ! ٻين پاتين کي ڪڻڪ جون مانيون –
پر تنهنجي هـِن ڌيءَ کي ٻاجهريءَ جو سڪل ڍوڍو!
۽ امڙ! ٻين سـِٽني کـي جهجهو کير ڏنو ويو –
۽ ڌيڙيءَ کي سس رب جو ونو پري کٽي ڏنو!

اي ماءُ! گهر ۾ سـِٽني کي ٻـُڪ کنڊ جا مليا –
پر ڌيءَ کي لوڻ جي چپٽي (رب سان گڏ) ڏني ويئي!
ماءُ! ٻين سـِٽني کي ٽپري ٽپري گيهه جي ڏني ويئي،
پر ڌيءَ کي رڳو تيل جو ميريو پري ڏنائون!

جيجل! جهجهو مينهن وسي رهيو آهي –
۽ پائن جي هڪ ٽي پيڻ ٻاهر پُسي رهي آهي!
اي امان! ننڍڙي پايري کي ڪوٺڻ لاءِ جلدي اماڻج –
جو پائـُن جي سـِڪندل پيڻ، راتين کان نيراني ويٺي آهي!

نظم

هري دريائي "دلگير"

مهراڻ جي سوج

سنڌو ندي ڪئن ٿي وهي؟

ٺهه ٺهه ڪندي، ڦهه ڦهه ڪندي،
ٻهه ٻهه ڪندي، ڇهه ڇهه ڪندي،
ڳڙ ڳڙ ڪندي، ٻڙ ٻڙ ڪندي،
نت ڦڙ ڪندي، نت ٻڙ ڪندي،
هئن رعد وانگر رڙ ڪندي،
هئن برق وانگر ڪڙڪندي،
ڳهوڳهاٽ سان، سوسات سان،
سرڙاٽ سان، فرڙاٽ سان–

وڻ ٽڻ اکيڙيندي اچي،
پٿرن کي ٽيڙيندي اچي،
جڻ ڏند ٽيڙيندي اچي،
وحشت پکيڙيندي اچي،
ٽڪرن کي ٽوڙيندي اچي،
ٽي جاءِ جوڙيندي اچي،
ڳوٺن کي ٻوڙيندي اچي،
بستين کي لوڙهيندي اچي،
ڳنج کي نچوڙيندي اچي،
ڏڏ کي ولوڙيندي اچي،
مستي اجهل ڪٽندي اچي،

هنبوشيون هڻندي اچي،
طوفان سان لڙندي اچي،
راڪاس جان رڙندي اچي،
چيڙاڪ جان چڙندي اچي،
ميخوار جان ٽڙندي اچي:

ڌرتيءَ تي شورو غُل ڪندي،
هيهات وارو هُلُ ڪندي،
ڪٿ قرب مان قلقُل ڪندي،
مستي مزو بلڪُل ڪندي–

ڪشمير مان کهندي اچي،
جنّت منجهان لهندي اچي،
پنجاب مان وهندي اچي،
جڻ خواب ۾ رهندي اچي،
سنڌڙي سنواريندي اچي،
گڏجي گذاريندي اچي،
نرتئون نهاريندي اچي،
جُڳ جُڳ جياريندي اچي،
رڳ رڳ کي ٺاريندي اچي،
جذبا آڀاريندي اچي،

جيون آپاريندي اچي،
هڪ جوت پاريندي اچي،
غوراب تاريندي اچي،
ماڻهو اڪاريندي اچي،
ڏڏ ڪير هاريندي اچي،
سڀڪجهه ڏياريندي اچي؛
گجندي اچي، پچندي اچي،
نچندي اچي، ٽپندي اچي،
ڪاوڙ مان ڪاهيندي اچي،
سيني کي ساهيندي اچي،
نت ڪُنُ ڏاهيندي اچي؛
ڊينگا ئي ڊاهيندي اچي،
ڪٽچُپ کي چاهيندي اچي،
ٿي پيٽ ڏاهيندي اچي،
ٻريج مان وهندي اچي،
سوَ سورَ ٿي سهندي اچي،
سبزي رچائيندي اچي،
رنگت لڳائيندي اچي،
گل ڦل ڪلائيندي اچي،
جنت بڻائيندي اچي؛
ٿي گيتَ ڳائيندي اچي،
سُرندا وڄائيندي اچي،
نچندي نچائيندي اچي،
کيلندي کيلائيندي اچي،
دامن آڏائيندي اچي،
دامن ڇڏائيندي اچي،

ڦينگون بڻائيندي اچي،
سوتي وسائيندي اچي،
گج ڦيڻ لائيندي اچي،
بادل بڻائيندي اچي،
سوجون مچائيندي اچي،
رانديون رچائيندي اچي،
ڳالهيون پڌائيندي اچي،
ڳانا سڻائيندي اچي:

ڪن ڀر ٿيي جوڙي ڦوڪنا،
ڪن ڀر ٿيي ٽوڙي ڦودنا-

تن کي نچائيندي اچي،
تن کي آڏائيندي اچي،
تن کي بڻائيندي اچي،
تن کي مٽائيندي اچي:

هيءَ زندگيءَ جو راز آ،
ڪيڏو عجب انداز آ!
هيءَ زندگيءَ جو ساز آ،
ڪيڏو مٺو آواز آ!

مطلب تہ پنهنجي موج سان،
عظمت عجائب اوج سان،
ڪشمير ۽ پنجاب مان،
گرداب مان ۽ خواب مان،
پڻ سنڌ جي واديءَ منجهان،
خوشنود آباديءَ منجهان-

سنڌو ائين ڪهندي اچي،
لهندي اچي، وهندي اچي.

تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تون آن منهنجو چنڊ ته آهيان تنهنجو آءٌ چڪور،
تون بادل جڏهن برسين مون تي، مان ٿيان تنهنجو مور!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تنهنجي ڌرتي مون کي ڀرتيي، منهنجو تو ۾ ساهه،
تنهنجي کيتيءَ، تنهنجي ريتيءَ، سان آ منهنجو چاهه!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تنهنجو پاڻي منهنجو ساٿي، جنهن سان منهنجو جيءُ،
تون سنڌوءَ جي ساهيڙي آن، او ڌرتيءَ جي ڌيءُ!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

منهنجي من ۾ آهن تنهنجون چانڊوڪيون ۽ چيٽ،
منهنجون لاتيون منهنجون باتيون آهن تنهنجي ڀيٽ!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تنهنجي ٻوليءَ جو مان ٻيلي واريان تنهن تان پاڻ،
ڳالهيون تنهنجون ڳايان منهنجو سُر آهي تو ساڻ!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

مٺڙو آهي هر ماڻهوءَ لَءِ پنهنجو پنهنجو ديس،
پيارو آهي ساري جڳ کي پنهنجو وَنُ ۽ ويس!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

منهنجي سهڻي منهنجي سسئي منهنجي مومل آءُ،
روئي روئي آءٌ سِبان اڄ تنهنجو گهرو گهاءُ!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

تنهنجا ويري ٿيندا ڪيري تن جي منهن ۾ ڌوڙ،
ساٿي آ سچ، تون بيٺي نچ، ڪيسين ڪُڏندو ڪوڙ!
تو تان واريان جند،
منهنجي مٺڙي سنڌ!

روح رهاڻ

زندگانيءَ جو جام پيئون ٿا –
ءِ جڏهن جام ٿو اچي چپ تي،
ٿو تبسم شراب ۾ گڏجي –
سُرڪ کي سُرڪ سان محبت آ،
سُرڪ کي سُرڪ سان محبت آ!
مست آهيون، مدام پيئون ٿا!

رقص و پرواز ۾ گذاريون ٿا –
زندگي چنڊ آ، چڪور اسين،
زندگي بادل آهه، مور اسين؛
(سونهن کي ساهه سان محبت آ،
ساهه کي سونهن سان عقيدت آ)
سونهن تي ساهه پنهنجو واريون ٿا!

سير سنسار جو ڪريان ٿو مان –
آسمان دور ناهه، بس هڪ گام
مون نيوائي ڏني ڪتيءَ جي لام:
مون ستارا چُني، پري جهولي،
اڄ سجائي سٺي سُٺي ٻولي –
زندگي تو اڳيان ڌريان ٿو مان!

زندگيءَ جي خمار خاني ۾ –
تشنگيءَ جي ڪمي نه آ ڪائي،
پيڙ ساڳي اُتي لڳي آئي؛
آ اچان صبح و شام گردش ۾!
جام و مينا مدام گردش ۾!
رند آيا ويا زماني ۾!

شام جي وقت، روح جي ڇَتَ ۾ -
آرزوءَ جو نهنگ آ خاموش،
ٿي ويو هر اُمنگ آ خاموش؛
نہ جنون آهہ ڪو، نہ ڪوئي جوش،
جهاتي پائي رهيو آ صبر و هوش -
زلزلي بعد روح جي گهر ۾!

هي نماشام، هي اُفق تي سج -
يا سُڪو نان ڪو ڇپائي ٿي -
جهول گيڙوءَ -رتي بڪاريءَ جي؛
زندگاني ڪلر مثال آهي،
نوجواني پلر مثال آهي -
ڪو ڇڻي ڪاش، آرزوءَ جو ٻج!

روشني! روشني ڪٿي آهين؟ -
موت آ حسن تي بہ ٻاتي جيت،
چاندني رات ۾ سمهي پيا گيت؛
ڪنهن نہ چاتو تہ تون مري ويند ينءَ -
چنڊ سان سير ۾ تري ويند ينءَ!
نور جي جل - پري! ڪٿي آهين؟

هاءِ مان ٿو نظر ڪريان جيڏانهن -
حسنِ عالم جي انتها آ خاڪ،
ابنِ آدم جي انتها آ خاڪ؛
ٿو ڪري روح رات جو ريهون،
ساغر زندگي تہ ٿيو ڇيهون -
بوي مَي جو وجود ويو ڪيڏانهن؟

منهنجي جهوليءَ ۾ آ تہ ڳايان مان -
چنڊ، اڄ تون اُداس آهين ڪجھہ،
نور مان ٿيو نراس آهين ڪجھہ؛
ڳالهڙيون ڪجھہ ڪري محبت سان،
گهاو تنهنجا سيان نفاست سان؛
تنهنجي منهن تان گهتا هٽايان مان!

گسرچ پُر انتشار آ هستيي-
زندگي زندگيءَ کي ڏي گهائي،
آدميءَ کي ڏو کائي؛
منزلِ زيست جو پري آ پنڌ،
پو بہ هن چنڊ-رات جو سوڳنڌ-
حسن جو آبشار آ هستيي!

تنوير عباسي

آس

ڏيهہ جي ڏائڻ سان اسيدن جا سر ويا ڪانجي،
ڏاڍ جي ڏاندن جي پيرن هيٺ ويا چيپاٽجي؛
تہ بہ اڃا تائين جئڻ جي آس آهہ،
زندگيءَ جي ڳاهہ ۾-
اڃ گهون!

ساڳ ڏي وڏندا رهياسين جهڙپ جهولن جي سهي،
پنهنجي عظمت اڪ آسن سان ڏي سلائيندي رهي؛
ها، اڃا تائين هلڻ جي آس آهہ،
زندگيءَ جي راهہ ۾-
اڃ هلون!

تيز طوفانن جي پيٽن ۾ ٿي پلندا ٿا رهون،
هنس جان سينو ڪڍي لهرن تي لوڏهندا ٿا هلون؛
ها، اڃا تائين وهڻ جي آس آهہ،
وقت جي هن واهہ ۾-
اڃ وهون!

جيئن پڇڻ جو پهه ڪيوسين، ڪئي ٻيڙ ٻوڪي ٻيا،
نيٺ سهڻيءَ جي گهڙي وانگر پڇي ٽياسين پڪا؛
ها، اڃا تائين پڇڻ جي آس آهه،
زندگيءَ جي باهه ۾ -
اڃ پڇون!

زندگي ڇڪتاڻ ڪان مايوس ڪڏهين ٿي نه آهه،
هير جان هلندي آهر دم، پر ڪڏهن ٿڪبي نه آهه؛
ها، اڃا تائين رهڻ جي آس آهه،
وقت جي وڙاهه ۾ -
اڃ رهون!

"نياز" همايوني

زندگي! سان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان!

صبح ڪان توکي ٿو اربيلي پيو پنيلا ئيان،
هانو تي پاهڻ رکي ٿو تنهنجو سر سرچائيان،
اردلي تنهنجي ته ناهي، بزگري پنهنجي به آهه:
پنهنجي دل وندرائيان، يا تنهنجو من وندرائيان -
ڪچ، ته پوءِ سان هڪ کرو ٿي هڪڙي ۾ ورسائيان!
زندگي، سان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان!

ٻال اوستا لاءِ ٿي ٻارن جئان روئندي رهين،
چنڊ ۽ تارن جي آڻ لاءِ ٿي ڏوندي رهين؛
هي انگل تنهنجا ته منهنجي وس نه آهن دادلي،
اٿ متي، چوٽي ڏڏڙ ۾ پيرڙا هٿندي رهين -
ڏس ته، توکي ڪيئن ٿو گل ميچ سان پرچائيان!
زندگي، سان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان!

آس رانديڪي جئان تنهنجي اڳيان حاضر ڪيم،
حوصلا چاهي ڏئي چالو سندءِ خاطر ڪيم؛
نانگ وانگي وروڪڙ ڪادام تنهنجي حڪم تي،
پاڻ ڪيري توکي چاڙهيم، جا نه تو ڪاتر ڪيم -
تو مڙڻ جي ڪان ڪئي، ڏک ٿو اهو ورجائيان!
زندگي، سان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان!

جڳ ته ماڙي ناهه مومل جي جو توکي ٻم ڏئي،
تنهنجي جهٽ جهٽ جي ڪروڙن ڪي رهان مان جم ڏئي؛
جڳ عمر جو ڪوٽ آهي جنهن ۾ هيجان ٿيون هڄن،
ڏيان ڪر چوٽي وچائين پاڻ، دل ڪي غم ڏئي –
وس ڪري ٽڪجي پيس ڪيئن وس ۾ توکي آئيان!
زندگي، مان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان!

پاڳ تنهنجو تنهنجي سٽ ۾ دم منجهائي ٿو پيو،
جڙ ته ڪو ڦاسيءَ جو قيدي وٽ ڪائي ٿو پيو،
چِڏ پچر هن جي ته ويچارو وڃي ڪنهن ڪم لڳي،
ڏک ۾ واڙيل ڏور جان لوڙها پٽائي ٿو پيو –
هل سڌي ٿي تون، ته هن کي مان ٿو سنئين ڏڳ لائيان!
زندگي، مان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان!

جنجل ۽ جنجهٽ ۾ تنهنجي شام آئي زندگي!
چِڏ هي تيرهن تال، سِک ڪا سيکائي زندگي!
ڪيستائين پاڻ کي ڪاري ڪپائيندينءَ ڀلا؟
ڪجهه ته سڌرڻ جي ڪري، ٿي پٺو سجائي زندگي!
مان وڃي ٿو موت کي منٿون ڪري ترسائيان!
زندگي! مان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان!

گووردن محبوباڻي "ڀارتي"

زندگيءَ جي راهه تي

غم الم سارو ڀلائي زندگيءَ جي راهه تي –
هل خوشيءَ جا گيت ڳائي زندگيءَ جي راهه تي.

دل اندر اتساهه، اکڙين ۾ ڏري آشا گهٽي،
ڪشٽ جو بوجو کڻهن تي هيج مان تون هل ڪٽي،
آس جو آڌار ڏاهي زندگيءَ جي راهه تي –
هل خوشيءَ جا گيت ڳائي زندگيءَ جي راهه تي.

درد جون چاڙهيون چڙهي، ۽ موج جون لاهيون لهي،
مهر جا ميدان، توڙي ڪوهه قهرن جا ڪهي،
تيز تکڙي وک وڌائي زندگيءَ جي راهه تي-
هل خوشيءَ جا گيت ڳائي زندگيءَ جي راهه تي.

هيبتن جو هل هلاچو، بي ڊپا! چپ چاپ سڻ!
شادمانن ۾ به تون ڏيرج ڏري آلاپ سڻ!
خوف خطرن کي هٽائي زندگيءَ جي راهه تي-
هل خوشيءَ جا گيت ڳائي زندگيءَ جي راهه تي.

رڪ نه راهي! تون ڪڏهن آڏو مصيبت کي ڏسي،
مست ٿي هل جهومندو، هن راهه تي او ساهسي!
موت کي منزل بنائي زندگيءَ جي راهه تي-
هل خوشيءَ جا گيت ڳائي زندگيءَ جي راهه تي.

"بشير" موريائي

صبح جو انتظار

داستان دل جو سان بيان ڪريان،
آس پنهنجي کي پڻ عيان ڪريان،
ذري ذري کي همزبان ڪريان،
پنهنجي همت جو امتحان ڪريان:

ليڪن اونده جو هاڻي آهي شباب،
روشني تي غبار طاري آهه،
۽ ستارن جو خون جاري آهه،
صبح ڪٿ دور آهي محو خواب:

روشنيءَ جي سان آرزو ڪريان،
زخم دل کي لهو لهو ڪريان،
صبح جي دل سان جستجو ڪريان:

پر اچا رات، رات آ ساٿي،
نطق تي ۽ لبن تي پهرو آهه:
صبح جو انتظار گهرو آهه،
ليڪن اونده حيات آ ساٿي!

پر خزان کي بهار ڪرڻو آهه،
آس کي آشڪار ڪرڻو آهه،
صبح جو انتظار ڪرڻو آهه.

ترس پکيئڙا...

اسين هتي ٿا سون-پنن سان نيلم ڏولي ٺاهيون،
سرگ هاڻ لاءِ سهڻي سهڻي اڏند ڪنولي ٺاهيون،
هتان هلون ڪو دور اڏامي پنهنجو سرگ بنائڻ،
سرگ ۾ پنهنجيءَ راحت جا ڪي پنهنجا محل بنائڻ:
هل ته هلون آڪاس ۾ هاڻي پنهنجو اوج منائڻ—
ترس پکيئڙا، اسين آچون ٿا توسان گڏجي اڏامڻ!

مون نه ڪڏهن ساگر جي ڪپ تي ڪوڪو گيت گنجايو،
مون نه ڪڏهن آ لڏي وڻن تي خوشيءَ منجهان مشڪايو،
مون نه ڪڏهن آ مئنا، بلبل، ڪوئل سان ڳالهايو،
ڪانءُ ڪبوتر جهرڪين سان مون من نه ڪڏهن وندرايو:
هاڻ آچون ٿا پنهنجي آشائن جو ساز گنجائڻ—
ترس پکيئڙا، اسين آچون ٿا توسان گڏجي اڏامڻ!

ننڍڙيون ننڍڙيون ڪنڙيون پنهنجيءَ ڇاتيءَ ڪي چنبڙائي،
ايندا سين سڀ تيز هوا ۾ پنهنجو جسم اڏائي،
آتي وري آڪاس فخر سان ڪولي پنهنجون جهوليون،
ڪندو اسان سان آتي خوشيءَ ۾ تڙڦي آنکمچوليون:
ڪٿي اچون ٿا سرليون باجا وڄ سان تان ملائڻ—
ترس پکيئڙا، اسين آچون ٿا توسان گڏجي اڏامڻ!

ڪکن پريل آکيري ۾ ڏس راحت ڪيڏي آهي،
ڊپ نه چورجوءِ نه لچايون، فرحت ڪيڏي آهي،
تنهنجي قسمت جي هيءَ آهي اصل انوکي ليلا،
سين جيان هت اسين به تنهنجي ڪوشش تي خود شيدا:
ترسو سرڻيون، باز ۽ ڪريون اچون ٿا دل بهلائڻ—
ترس پکيئڙا، اسين آچون ٿا توسان گڏجي اڏامڻ!

ياد اٿم هڪ پنهنجي جيوت جو جهونو افسانو،
جڏهن ڏنو هو دادا مون کي پيٽ ۾ هڪ نذرانو،
اهو هو طوطو سائو سهڻو چبال ۾ خود مستانو،
افسوس! ڪيو مون ٽوڙي ان کي مٽيءَ ۾ ويرانو:
مون کي ان کان اڄڻو آهي پنهنجو ڏوهه بخشائڻ ــ
ترس! پکيڙا اسين اچون ٿا توسان گڏجي اڏامڻ!

لطف الله بدوي

پڙ التجائون

(۱)

تابشِ نورِ جمال،
يا ته چڏ مون کي جلائي، يا چمڪ ڏي لازوال؛
طور منهنجي دل بڻائي، ڏي ڪليمي حال و قال:
تابشِ نورِ جمال،
منهنجي دامن کي ڀري، ڪر موتين سان بي مثال؛
تابشِ نورِ جمال،
چنڊ کان ٻي ڏي زياده، منهنجي نيڻن کي ڪمال؛
تابشِ نورِ جمال،
پرت ۾ تنهنجي پيو پڇران اِهو گهرجي وصال؛
تابشِ نورِ جمال،
يا ته چڏ مون کي جلائي، يا چمڪ ڏي لازوال!

(۲)

موتين جو گهر آ دريا، آڀ ستارن جو جهان،
پر نمائو دل جو هي گهر، آ محبت جو مڪان ــ
جنهن کي تو سمجهيو نه آ، پرده نشين!

آڀ ۽ دريا بيڪران، پر دل منهنجي تن کان وسيع،
عشق منهنجو نور، دريا آسمان کان بيڪران!
جنهن کي تو سمجهيو نه آ، پرده نشين!

دل ڪشادي آهه، ان ۾ رک قدم اي دلنواز،
عشق جو آ گهر اهو، هر آرزو آن جي جوان ــ
جنهن کي تو سمجهيو نه آ، پرده نشين!

صالح محمد يار محمد سمو

مارئيءَ جي پيت

هِتي مون کي عمر آئي کيو قابو تو کوٽن ۾،
هُتي سارو سيئي منهنجا هوندا گرتاڻ (۱) کيڻن ۾.
هِتي ماڙين ۽ محلن ۾ ٿئي ماندو ٿو من منهنجو،
هُتي هوندا ڏکيي ڏوٿي ڪڙهي (۲) تن لئي ٿوڪن منهنجو.
هِتي آءٌ ٿيي کوٽن ۾ کريان جن لاءِ ڪاڙهيانا (۳)،
هُتي مارو منهنجا هوندا کندا مالن جا ميڙيانا (۴).
هِتي آيو نه اوٺيي کو ڏسيي تنهنجا عمر ٿاڻا،
هُتي هوندا سيئي سانگي ادا ويٺا سي ويڳاڻا.
هِتي تنهنجا نشا مون کي وٽن تازي طبيلن ۾،
هُتي آهن آيون (۵) منهنجون پَهُون (۶) پاڏيون (۷) پنهوارن ۾.
هِتي کوٽن ۽ ڪنگرين سان جٿين آهن تنهنجون ماڙيون،
هُتي ٿوٺرن کي ٿو راڻيون (۸)، ٻيون آهن وڏيون واڙيون (۹).

هِتي جيئن ٿا ڦرن چوکيءَ تي چوکيدار چوڪداري،
هُتي آوڙا (۱۰) آباڻن جا ۽ پوٺڪن پور (۱۱) ٿا ياري.

هِتي فانوس جيئن تنهنجا ستي چوکن جي چمکن ٿا،
هُتي چؤنرن اڳيان چلهه تي سدائين ٽانڊا ٽمکن ٿا.

هِتي جيئن گهنډ گهاٽن جا تنهنجا واهي وڄائن ٿا،
هُتي سنيار (۱۲) ساين (۱۳) جا تئن پيلن کي پرائن ٿا.

هِتي راڻيون رهن تنهنجون ٿيون ماڙين ۽ محلن ۾،
هُتي ٿيون تيئن چوڙيليون سدائين رهن چؤنرن ۾.

هِتي تنهنجي حويليءَ ۾ جئن راڻيون روح ريجهائين ٿيون،
هُتي سرتيون ته سارو ڏينهن ليڙن (۱۴) جا ولر وارن ٿيون.

هِتي جيئن سومريون آهن سهيلين سان سدا سرهيون،
هُتي پڻ ائين عمر آهن پنهواريون پاڻ ۾ پرهيون (۱۵).

هِتي دايون آهن مايون، پيا در تي رهن گولا،
هُتي آهن سهيليون سڀ وڃن ڪم تي ڪيو سيلا (۱۶).

---

(۱) غلطان - رڌل. (۲) کنڪو - اوسيڙو، الکو. (۳) ڳڻتيون - فکر، پاڻ ڳارڻ، ڪڙهڻ، جهوريءَ ۾ جهڄڻ.
(۴) مال ڌهڻ ۽ ڦر ڌارائڻ. (۵) ٻکريون. (۶) رڍون. (۷) رڍ و مال. (۸) گهر جي اندرئين پاسي
چوڏاري مينهن جي پاڻي کي روڪڻ لاءِ ڏنل ٻنون. (۹) مال لاءِ ڍنگر جا لوڙها. (۱۰) مال يا ٻنيءَ جي
موڙهي اندر مرن جي بچاءَ لاءِ ماڻهوءَ جو ٻهاريل مصنوعي بوتو. (۱۱) ڪتي جو هڪ قسم. (۱۲) چٽرا.
(۱۳) سائي رنگ واريون ٻکريون. (۱۴) ننڍڙا ڇيلا ۽ ڇيليون. (۱۵) ويس وڳن سان پهريل، ٺهيون ٺڪيون،
سينگاريل. (۱۶) قطارون.

هتي ٻنگلن اڳيان باغن ۾ گولا ٿا لڳائين گل،
هتي ڪيڻن ۾ ڪاهڙ جي ڏُٿا ڦوڳن جا آهن ڦُل.

هتي هاٿين ۽ گهوڙن کي ڏين دربان ٿا دائو،
هتي ڇيلا چرن ٿا ڇيڪ(١)، ڪتي ڪيرول (٢) ۽ لاٿو.

هتي ٿا پان ۽ پڪوان پيا طرحين رڄهن جي طعام،
هتي آلو (٣) آباڻن وٽ پين سُنبار (٤) سرتيون جام.

هتي تنهنجا ٻيجوڙين ۾ عمر آهن پيا نائا،
هتي آهن پڻن جي پر ٻمارين سان پريا پائا.

هتي تنهنجا جيئن آهن وهاڻا هنڌ ۽ بوڇڻ،
هتي مارن جا منجڻ (٥) تي آهن اوڍيا عمر اوڇڻ.

هتي ٽاسي ۽ چانديءَ جا تنهنجا آهن ڏڪيا ڏومڻ (٦)،
هتي آهن عمر اوڍڻن(٧) ڪَلِيڙن(٨) اِيزَڪَ(٩) بَبِرڙن(١٠) باسڻ.

هتي جيڪي ٿو مون کي تون عمر آڇين، سومارن جي
هتي وارن جُوالن (١١) ۽ نَڪي مٺ مُور ڪارن جي.

هتي سينگار حاڪم هار تنهنجا ريشم نہ پائيندس،
هتي جي آهي لوئي جا لڱن تان سا نہ لاهيندس.

هتي سرها نہ لائي تيل وارن کي ڪنديس وينڍو(١٢)،
هتي جي مان سِڻي لاهي نہ موراهين ڪنديس مينڍو(١٣).

هتي ٿي اڄ نگهرڻ(١٤) کي مان ٻرو بيحد عمر سمجهان،
هتي تڙ ڳڙ(١٥) ترائين(١٦) ۾ ترڻ مان ٿي سڪر سمجهان.

هتي منهنجي اچڻ ڪان پوءِ وَسُو آ ملڪ مارن جو،
هتي سائيهہ ٿيو هوندو سڄو سرڇو(١٧) سنگهارن جو.

هتي آزي ڪري توکي عمر آءٌ ٿي ٻاڌايان،
هتي جي ڏي مون کي موڪل وڃي سرتين کي ساڱايان (١٨).

هتي آئي ٿيا آهن عمر کي ڏينهن آباڻن کان،
هتي جي هيت نہ ڪنهن آندي "سما" مڏ ڪا سنگهارن کان.

---

(١) ڇِڙوِواڳيت – ڪليا گهمن، ڦِٽا، ٻنا جهل ٻل جي. (٢) وَلِ جو نالو. (٣) تازو ڏڏل ڪير. (٤) ڪني ڏڌ ۾ تازو ڪير (آلو) وجهبو تہ سندس ملاوت جو نالو سُنبارُ ٿيندو. (٥) چار نِنڍيون ٿوڻيون اڀيون ڪوڙي تن جي مٿان ڏگهيون ڪاٺيون رکي مٿانئس هنڌ بسترا وهاڻا اوڍي رکندا آهن، ان کي منجڻ چون. (٦) برتن– باسڻ، ٿانءَ. (٧) پاٽيءَ جون سانداريون – ننڍيون سانداريون. (٨) ننڍيون مشڪون. (٩) ننڍيون سانداريون جن ۾ ڏڌ يا ڪير وجهي ڪٽجي. (٩) ڏڌ ولوڙڻ جي سانداري. (١٠) آني وجهڻ جي سانداري – سنجهس سنهون سامان سڙو ۽ رکن. (١١) ڏاس مان ٺهيل ڳوڻ وانگر ٻورو، جنهن ۾ آنُ ۽ ٻيو سامان رکن. (١٢) وارن جو وانگوڙو. (١٣) ڳتيل وار، لوڻن ڪان ٽن سَرُنِ سان ويڙهيل وار. (١٤) وهنجڻ – تڙُ ڪرڻ. (١٥) ننڍي پاٽيءَ ۾ راند ڪرڻ ۽ تڙ ڪرڻ – جيئن ٻار ڪندا آهن. (١٦) ننڍا ٻنا يا ڪيٽ، جي سهنو اڏ سيهانٺو پاٽيي جهلين. (١٧) آباد – سائو، سٺائو، ستو تو. (١٨) سڃاڻان.

آزاد نظم

شيخ "اياز"

هر قدم تي زندگيءَ جو جام زهر
ڪنهن نئين سقراط جو آ منتظر!

هر گهڙيءَ سوري سڏي
ڪنهن نئين منصور کي:

ٿي ٻري شمعِ حيات،
آ جلڻ جنهن تي پتنگن جي نجات!

ڪوئي عيسيٰ، ڪوئي گوتم، ڪوئي گانڌيءَ جي صفات!
زندگيءَ جي سينڌ جو جهومر ٿيو-

جنهن سان جرڪيو حسن ذات!

سراج

"ڪراچي"

-اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار، اي روحِ وطن،
تنهنجي 'ماضيءَ' کي سلام!
تنهنجي ماضيءَ - منهنجي ماضيءَ - کي سلام!
ها، اهو ماضي جو بيحد روشن و تابان هيو-
جنهن ۾ روشن ها اميدن جا چراغ؛
آرزوئن جا هزارين چنڊ اڀريا ۽ اميدن جا ستارا جاڳيا؛
امن و آزاديءَ سندي آڪاش تي!

ڪلپنائن ۽ امنگن جي ٿڌيءَ چانڊاڻ ۾،
هلڪي هلڪيءَ جوت جي مانداڻ ۾،
مٺڙا مٺڙا گيت ٿي مرڪيا هتي-
ڇاڪ هي ڪو ديس ٿي گيتن جو هو،
گيتن ۽ نغمن جو ديس!
گيت اهڙا جن ۾ هو
ڪنهن سهاڳڻ سندريءَ جي نرگسي نيڻن جو ڪيف-
ڇلڪندڙ آبِ حيات!

-اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
اي ستارن جي زمين، اي آپسرائن جا وطن،
تنهنجي مٽيءَ جي مٿان
اڄ به آهن چمڪندڙ ماضيءَ جا نقش:
تنهنجي مٽيءَ مان اڃا ٿي جا سڳنڌ،
سا ٻڌائي ٿي هزارين داستان:
اڄ به تنهنجون "بلڊنگون" ٿيون ساک ڏين،
اڄ به تنهنجا "گاڪدا" ٿا ڏسڪندي ڏڪندي چون:
(جن جي بنيادن تي بيٺل هي 'تجارت گاهه' ٿا
ڪوڪلي تهذيب جي چغلي هڻن!)
سنڌ جي ماضيءَ جي عظمت تون هئينءَ،
تون هئينءَ سنڌ جي تهذيب جو سورج مکي:
ڇڻ هئينءَ تون "شاهه" جي هڪ سورمي!

مذهبي ويڇن کان دور،
تو ۾ هو ڇڻ امنِ عالم جو مثال-
زندگيءَ جي عزم جي تابندگي،
آدميت جو سهاڳ!

- اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
اڳ ۾ تون سوداگرن جو شهر هئينءَ،
اڄ ۾ تون سوداگرن جو آن وطن-
پر ٻنهي «سوداگرن» ۾ فرق آهه!
اڳ جا سوداگر ڪندا ها صرف هڪ سوداگري-
سيرُ ڏئي پنهنجي وطن کي 'غير' کان گهنندا هئا:
اڄ جا سوداگر ته پيا نيلام ڪن پنهنجو وطن،
'ڪنڪ جي مٺ' تي وڪامي ٿو 'بهشت'!

— اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
تنهنجو هي ماحول ڏس ڪيڏو نه آهي اجنبي!
تنهنجو ساگر ڪيترو مايوس آهه!
هر گهڙيءَ ۾ لٽجي پيو ٿو آدميت جو سهاڳ-
سون چانديءَ جي سجايل جاندهن ۾،
اقدران ئي اندران ڏس زندگي پسجي پئي؛
آبرو لٽجي پئي،
امن و آزاديءَ سندي ظاهر ظهور!

'غير' ڏس ڪيڏو نه آهي سر بلند،
ڪيترو مضبوط آ هٿ سامراج!

- اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
تنهنجي رنگينيءَ جي پردي ۾ لڪل
ڏسجي ٿو ڪو انقلاب!
وقت جون واڳون ورڻ لاءِ بيقرار!
تنهنجي رستن مان اچي ٿي سرمدي رت جي پڪار-
گلشن جا گل ٿا ڏسجن خونچڪان،
تنهنجي خاموشين ۾ شايد ٿو هُري سڏڪن جو سازا
ڪيستائين رهندو آخر هي فريب:
مدّتن کان آ زمانو منتظر،
ڪر ٿو موڙي هٿ.نئون ڪو دور ڏس-
ڏس ته ڏورانهين افق تي پرهه آ جاڳڻ لڳي،
چاڪ ٿيندو ظلمتن جو پردهء تاريڪتر،
هر طرف روشن 'حقيقت' ٻهڪندي،
سربلند ٿيندو وري هٿ لوڪراج،
سر نوائي نيٺ ڀڄندو سامراج!
هڪ ٿي ويندينءَ سنڌڙيءَ سان اي ڪراچي نيٺ تون،
روح پنهنجي جسم سان ملندو وري!
اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار اي روحِ وطن،
اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن!

شيخ عبدالرزاق "راز"

زمان و مڪان

— ڇڏي ڏي منهنجي جان، زمان و مڪان جا هي قصا پراڻا ڇڏي ڏي-
اسان هن زمان و مڪان جا ته پابند ناهيون، ٻڌين ٿي؟
جواني اسان جي مشقت ۽ محنت ۾ گذري وئي آهه،
گوارا خدا کي نه محنت اسان جي رهي آ،
نه محنت اسان جي، محبت اسان جي،

ٿئي ٿي شب و روز ذلت اسان جي!
هي انسان جيڪو امانت خدا جي-
تو سوچي ڪنهين جي غريبيءَ تي سوچي!
سچو هي زمانو فريبِ گلستان،
فريبِ گلستان فريبِ نظر آه-
هلون دور پيئي،
زمان و مڪان جا هي قصا پراڻا ڇڏي ڏي!

- مگر اي منهنجي جان، خدا جي زمين هيءَ سموري زمين آه،
اتي ٻي خدا آه، هتي ٻي خدا آه-
غريبن جي دنيا هيءَ بيمار دنيا،
هيءَ بيمار، مدقوق، لاچار دنيا،
غريبن جي دنيا، جتي موت جي سيج تي ٻي خدا کي پڪاري رهي آه؛
غريبن جي بيوس ۽ بيمار دنيا پڪاري رهي آه!
ڏسين ٿي منهنجي جان! هي زنده جنازا؛
مگر اي منهنجي جان! خدا دور آهي-
غريبن جون آهون وڃي عرش تان پوءِ موٽي اچن ٿيون،
خدا وٽ به شايد علاجِ مصيبت نه آهي- ٻڌين ٿي؟
ڏسين ٿي، هو توکي ۽ مون کي ڏسن ٿا،
شرافت جا صاحب، فضيلت جا مالڪ-
محبت اسان جي گوارا نه تن کي، خدا جو قسم!
اسان گويا ڪنهن جي خدائي ڪسي آه،
زماني جي غيرت، ڏسين ٿي ته جاڳي پئي آه:
پراڻي روايات جا هي جواري، فقط بيڪسن ڏي نهاري رهيا ٿيي-
غريبن کي عشق و محبت جي مهلت، ڪٿي ٿي ملي هن جهان بيڪران ۾-
غريبن جي قسمت ۾ روزِ ازل کان،
مشقت ۽ محنت، سونهري حروفن ۾ لکجي وئي آه؟

هلي آ هلون دور پيئي،
زمان و مڪان جا هي قصا پراڻا ڇڏي ڏي-
زماني جي خوف و خطر کان پري، ۽ زماني جي هوش و نظر کان پري هل؟
خدا وٽ به شايد نظامِ محبت نه آهي- ٻڌين ٿي؟
اسان هن زمان و مڪان جا نه پابند ناهيون- ٻڌين ٿي؟

نيون طرزون

"بشير" موريائي

سانيٽ

تون جو آئينءَ......

تون جو آئينءَ تہ بهارن سون کي آواز ڏنو،
تون جو آئينءَ تہ ستارن جي صراحي ڇلڪي؛
روح ۾ رچجي وئي چاندني هلڪي هلڪي —
رات جي مست هوا هٿ ۾ مون کي ساز ڏنو!

تون جو آئينءَ تہ نئين رت کي بہ ورتيون آئينءَ،
تون جو آئينءَ تہ نوان رنگ ڇميا، رنج ويا؛
دل ٿي ڀرپور خوشيءَ سان ۽ سڀئي ڏنج ويا —
منهنجي جيون ۾ نئون رنگ بہ ڀرتيون آئينءَ!

تون جو آئينءَ تہ ارادن کي نئون زور مليو،
تون جو آئينءَ تہ امنگن ۾ نئين جان پئي؛
تون جو آئينءَ تہ سندم دل جو سڪل ڦول ڪليو —
تون جو آئينءَ تہ تمنا نئين پوشاڪ ڪئي!

تون جو آئينءَ تہ نئين صبح جي اميد بہ ٿي،
رات آ سخت انهيءَ ڳالهہ جي تائيد بہ ٿي؛

"رشيد" لاشاري

"ٻولي"

["لولي" يا "لوريءَ" جي صنف، سڀني ٻولين ۾ ٿي هوندي، جا مائرون پنهنجي ٻارن لاءِ ڪم آڻينديون آهن؛ پر اتر سنڌ جي سرائڪي ٻوليءَ ۾ ٻاهراڙيءَ جي نوجوانن ۽ ريڊارن ۽ ٻڪرارن انهيءَ صنف سان هڪ نئين صنف ايجاد ڪري، اُن کي "محرم لوليءَ" جو نالو ڏنو آهي.

لولي، جدا جدا مضمون جي ٿئي ٿي ۽ وراڻي جو اصل مضمون سان ڪوبہ واسطو نٿو رهي. جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اها صنف اڄ ڏينهن تائين نہ ڇپي ويئي آهي، تنهنڪري، مان انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي ڀرپور ڪوشش وٺي، وراڻيءَ ۾ ڦيرڦار آڻڻ سان، هڪ نئين شي پيش ڪريان ٿو، ۽ اُن جو نالو رکان ٿو "ٻولي".
"ٻوليءَ" جو لفظ هڪ جامع ۽ وسيع لفظ آهي، جو نہ فقط زبان لاءِ پر هر هڪ اُنهيءَ ڪلام لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جو ٻوليو يا ڳالهايو وڃي. ٻوليون جدا جدا حالتن ۽ جذبات مطابق ٻوليون وينديون آهن- جيئن تہ درد جي ٻولي، غم جي ٻولي، خير جي ٻولي، وغيره.]

(١)

ٻولي تہ ٻولي، ٻولي ٻئي جي نہ ڇاٽان،
ڏاريا ڏڪاري، وڃي پنهنجا سچاٽان،
ٻولي ٻئي جي نہ ڇاٽان ......
ٻولي ڙي ٻولي! توتي هيرن جي هولي.

(٢)

ٻولي تہ ٻولي، منهنجي مِٺڙن جي ٻولي،
مِٺڙن جي دَرتي هجي هيرن جي هولي،
منهنجي مٺڙن جي ٻولي......
ٻولي ڙي ٻولي! توتي هيرن جي هولي.

(٣)

ٻولي تہ ٻولي! ٻولي ٻولهي "ٻنائي"،
"سامي"، "سچل" سان هئي جنهن جي سچائي،
ٻولي ٻولهي ٻنائي ......
ٻولي ڙي ٻولي! توتي هيرن جي هولي.

(۴)

ٻولي تہ ٻولي، ٻولي "سنڌڙي" سڏائي،
ڏارين جي سَٽَ ۾، وتي پنهنجا پُڄائي،
ٻولي سنڌڙي سڏائي ......
ٻولي ڙي ٻولي! توتي هيرن جي هولي.

(٥)

ٻولي تہ ٻولي، ٻولي گنگن ٻيگاڙي،
گيدرن جي واڙي، آڇي گڏهن اڳاڙي،
ٻولي گنگن ٻگاڙي ......
ٻولي ڙي ٻولي! توتي هيرن جي هولي.

(٦)

ٻولي تہ ٻولي، ٻولي ٻئي جي نہ گولي،
گولي اُنهيءَ جي، ڏني جنهن کي ٿي لولي،
ٻولي ٻئي جي نہ گولي ......
ٻولي ڙي ٻولي! توتي هيرن جي هولي.

(٧)

ٻولي تہ ٻولي، ٻولي آهنجي پرولي،
سچ ٿي ٻڌايان، ٻولي لڄ پت جي چولي،
ٻولي اهنجي پرولي ......
ٻولي ڙي ٻولي! توتي هيرن جي هولي.

(٨)

ٻولي تہ ٻولي، ٻولي جن ٿي ٻُڌائي،
پنهنجا وساري، ٿيا ڌارين جا پائي،
ٻولي جن ٿي ٻڌائي ......
ٻولي ڙي ٻولي! توتي هيرن جي هولي.

(۹)

ھولي تہ ھولي، ھولي بمبئي گھمي ٿي،
پنھنجا ڏسي ٿي، آڇي ڇوڙا ڇمي ٿي،
ھولي بمبئي گھمي ٿي......
ھولي ڙي ھولي: توتي هيرن جي هولي.

(۱۰)

ھولي تہ ھولي، ھولي اجمير ويندي،
دردن جون دانھون، وڃي خواجا کي ڏيندي،
ھولي اجمير و بندي ......
ھولي ڙي ھولي: توتي هيرن جي هولي.

(۱۱)

ھولي تہ ھولي، ھولي ھولي وٺن تي،
وڇڙيل جا والي، وري اِيندا وطن تي،
ھولي، ھولي وٺن تي ......
ھولي ڙي ھولي: توتي هيرن جي هولي.

(۱۲)

ھولي تہ ھولي، ھولي ڪانگل ٿو ھولي،
سيڙا جي ماڻھو، ھولي تن کي ٿي گولي،
ھولي ڪانگل ٿو ھولي......
ھولي ڙي ھولي: توتي هيرن جي هولي.

(۱۳)

ھولي تہ ھولي، ھولي ھولي ھُڏايون،
ڪُنگا ڏسي، ڇو ھولي پنھنجي لڪايون،
ھولي ھولي ھڏايون ......
ھولي ڙي ھولي: توتي هيرن جي هولي.

(۱۴)

ساربون اٿن ٿا، سيٺا ماڻھو نچن ٿا،
ڏاڏا ڏيکاري، دل منھنجي وڍن ٿا،
مٺا ماڻھو نچن ٿا ......
ھولي ڙي ھولي: توتي هيرن جي هولي.

(۱۵)

هارين کي هَرَ جي، لڳي هارين کي هر جي،
ڪنڪن جي ناڙي، منڊ ڇانيي مَٽر جي،
لڳي هارين کي هَرَ جي......
ھولي ڙي ھولي: توتي هيرن جي هولي.

(۱٦)

سارين جو ديرو، ڪٿو سارين جو ديرو،
پچندو نہ ڪامو، ڪٿي ويندو وڏيرو،
ڪٿو سارين جو ديرو......
ھولي ڙي ھولي: توتي هيرن جي هولي.

غزل

شيخ اياز

O

زندگيءَ جي رُڃ ۾ زخمي هرڻ
ٿا پڪارن، "ڪو وڃي پاڻي پرڻ!"
ٿو وڃان ترهو تصوّر جو ڪٽي،
اي ازل! مان تار تنهنجي ۾ ترڻ!
چنڊ هڪڙي ڳالهه ڪئي مون کي ڳُجهي،
مان تڏهن توتي ڪلان ٿو اي مرڻ!
تند منهنجي چنڊ سان لائون لهي
جهومندي نچندي لڳي واپس ورڻ!
راڳُ ڪائي آڳ ٻاري آ "اياز"
ڳائڻو جنهن ۾ لڳو ٻهه ٻهه ٻرڻ!

O

چنڊ! تنهنجي ننڊ تو کان ڪنهن کسي؟
چنڊ! توکي گهاو ڪنهن جا گهائي ويا!
اڄ وري هو آرزو اوتي ڪري،
زندگيءَ جي جام کي جرڪائي ويا!
رات اُڏري روح منهنجي سان چڪور،
ڳائي ڳائي چنڊ کي ريجهائي ويا!
او ڪلڙ وارا! ٻه ٽي مڪڙيون تہ ڏينم!
پاند سڀ جا تو وٽان گل پائي ويا.
هڪ گهڙيءَ ۾ اي پربن تنهنجا ڪنول
آڳ ڪائي ڇڻ لڳن ۾ لائي ويا!
راز جيڪو ڪنهن پيمبر حل نہ ڪيو،
اي پرهه! تنهنجا پکي سمجهائي ويا!
ٿي ازل کان زندگي ساغر پري،
رند ڇا ڇا ميڪده ڇلڪائي ويا!
ياد ڪنهنجي آئي توکي اي "اياز"!
ڪير توکي اوچتو سرڪائي ويا؟

غلام محمد "گرامي"

O

جو نہ وسري آ سگهيو، ان کي وساري تہ سهي!
جو نہ ياد آهي رهيو ان کي ڪو ساري تہ سهي!
اڄ ڀي فياض ازل فيض رسان آ ليڪن،
شمع والگر ڪو ٻري رات گذاري تہ سهي!
قصهء طور پراڻو ٿي ويو آ، ليڪن،
«لن تراني» ڇئي، ڪو يار نهاري تہ سهي!

عقل ۽ علم حجابات جي دنيا آهي،
جذب و عرفان سان ڪوئي دل کي ڏاتاري ته سهي!
’قم باِذني‘ چئي مردن کي جيارڻ سولو،
ڪو هجي، ”قم“ چئي دلين کي جياري ته سهي!
آهه اڄ تشنهء مضراب رهيو ساز حيات،
ڪو هجي، تند طلب سان تنواري ته سهي!
ميڪده، ساغر و ساقيءَ کي خدا شاد رکي،
ڪو هتي آهه؟ اچي جام پياري ته سهي!
هي سنڌ رنگِ تصوف، ۽ سنڌ نطقِ جميل،
ڪو پڌائي ته سهي، ۽ ڪو ڏيکاري ته سهي!
مان پنهنجي وعدي تي قائم آهيان، او رندِ الست،
قول ’قالوا‘ جو ’بليٰ‘ سان ڪو پاري ته سهي!
ذري ذري ۾ آهي عالم امڪان جو شهود،
فڪرِ وحدت سان ڪوئي جڳ ڏي نهاري ته سهي!
تون پنهنجو پاڻ حجاب آهين، تڏهين ”ارني“ چوين!
ڪو هجي ”پاڻ“ جي ڏونگر کي ڀڃ ڏاري ته سهي!

هري دريائي ”دلگير“

O

زندگي! پيا ڀ ڀ ني ڏينهن جيئڻ چاهيان ٿو—
هڪ نئون رنگ زماني کي ڏيڻ چاهيان ٿو.

ايترو پيتو اٿم، ڪونه حساب آهه، ته ڀي،
جامِ راحت جا ڀي ٿي پيا ڀي پيئڻ چاهيان ٿو.

تنهنجي ميخاني ۾ مخمور ڪئين مست مدام،
مان ڀ مستن منجهان هڪ مست ٿيڻ چاهيان ٿو.

آءٌ هت رنگ ڀسيي، واس وئي، گدگد ٿيان،
باغِ دنيا مان ڀيو ڪجهه نه نيڻ چاهيان ٿو.

خونِ دل، آب اکين جو، هتي ڏيئي، مالهي!
تنهنجي گل گل کي نئون رنگ ڏيڻ چاهيان ٿو.

جنهن کي ٻڌندي ئي ڪري وجد مان هرڪو وَه وَه،
تنهن جي هٿ ۾ مان آهو ساز ٽيڻ چاهيان ٿو.

O

گُل اميدن جا ڇڻي خاڪ ۾ پڪڙيا، منڙا!
دل جا ٽڪرا به پٽَن خشڪ جان وِتڙيا، منڙا!

دل جي گلشن مان آميدن جا پکي ڀوليندڙ،
موڪلائڻ سوا، سن سانت سان وڇڙيا منڙا.

رات پوري ٿي وئي، پر نه پرين آئين تون،
چنڊ غائب ٿي ويو، تارا به نکڙيا منڙا.

توئي پنهنجو نه ڪيو، ڏوهه ڏيان ڪنهن کي مان؟
تون ويو آنهه ته چڻ پاڳ به بگڙيا منڙا.

جنهن گهڙيءَ منهنجي ڀُني کي تون لتاڙي ٿي وئين،
ڪيڏا دل ۾ ٺهي محلات ٿي آجڙيا منڙا.

واءِ قسمت! تو پڇيو مون کان، ڪُڇي مان نه سگهيس؛
وات ۾ لفظ آمنگن ڪان ٿي وڇڙيا، منڙا.

عبدالڪريم "گدائي"

O

گذري ويا ڏينهن، سال، انهيءَ انتظار ۾،
ايندي ڪڏهن بهار سندم ڪشتِ زار ۾!

فصلِ بهار ۾ به چمن آ خزان نصيب،
مڪڙي ٽڙي، نه گل ڪليو ڪنهن شاخسار ۾.

بربادي‌ءِ چمن سندي روداد ڪي ڏسي،
لختِ جگر لڙهي هليا گوڙهن جي تار ۾.

بلبل جا گيت اُهڙي چمن ۾ ڪٿان اچن؟
صياد دام جنهن جي اڏي ٽار ٽار ۾.

تون ٿو چوين ته رات کي به روشني چوان!
ڪا ڳالهه ڪانه ٿي اچي پر اعتبار ۾.

دورِ خزان ۾ اڳ هٿا بيچين گل رڳو،
اڄ اضطراب آه مگر خار خار ۾.

مون کان نه پڇ سوال خدارا تون ئي ٻڌاءِ،
بلبل جي زبان بند ڇو فصلِ بهار ۾؟

دهقانِ بدنصيب کي ماني نه آ نصيب،
سمجهيو وڃي ٿو اجنبي پنهنجي ديار ۾.

معمارِ ملڪ خاڪ بسر، دربدر، بکيو،
بيڪار عيش ٿو ڪري، هر وقت 'ڪار' ۾.

هن ارضِ پاڪ جو اڃا آئين پاڪ ناهه،
ملت جي ڏيءَ ٿي ٿئي وڪرو بزار ۾.

ايوانِ عيش ۾ ٿا اچن هاڻ زلزلا،
قدرت جي ديگ آه ٿي شايد اُٻار ۾.

ڪنهن خاڪسار کي تون حقارت سان ڪين ڏس،
شايد هجي سوار متان ان غبار ۾.

"بشير" موريائي

هر شاخ هتي جلي رهي آ، — توکي تہ بهار جي لڳي آ!
پنهنجي بہ عجيب زندگي آ، — غـم آهـي سدا ۽ بيوسي آ!
هر جاءِ هتي تہ مردگي آ، — ڪٿ زيست ڀلا ڪـلي ڪُڏي آ؟
آ دوست هيءَ صبح جي حقيقت، — اونـد هـہ ۾ اسير روشني آ!
او صبح جي درد جا اسيرو! — اوند هہ کي ڏسووجي رهي آ!
کهڙو آ هتي نظامِ گلشن — مرجهائجي هر ڪلي وئي آ!
انسان جـي واسطي رفيقو، — هتڙي تہ جڻ بہ خود ڪشي آ!
حيرت آ جو پنهنجي ئي وطن ۾، — هر شخص ٿئي لڳ اجنبي آ!
محبوب جي سونهن جي نگر ۾، — غم آهي غم ۽ خوشي خوشي آ!
تو وٽ هي "بشير" ڪير آيو، — هر سمت عجيب روشني آ!

"تنوير" عباسي

دنيا سان ٿهي هلبو تہ پـريـن، هـن دنيا ۾ جـي رهڻو آهہ،
پـي چڏبا پيالا جـي تنهنجي نـيـڻـن جـا نشانا يـاد آيا.
ڏس آيون گهٽائون گوڙ ڪري، ڏس مينهن پيو گجگوڙ ڪري،
هن وقت ۾ منهنجو ڇا ٿيندو، جي تـوکـي بهانا يـاد آيا.
جڻ وسرئل گيت ڪوچپ تي اچي، جيئن اوچتو سورجي سَٽَ ايري،
ائين تنهنجون ڳالهيون ياد آيون، ائين تنهنجا فسانا يـاد آيا.
بس تون هئين، تنهنجو پيار هيو، ۽ منهنجو جنون هو دنيا ۾،
جن ۾ نـہ زمـانـو يـاد هيو، مون کي سي زمانا ياد آيا.
ان سانت ۾ هـو سنگيت سڄڻ، ان ماٺ ۾ هو ميٺاج پرين،
جي روح ڇيا، جي روح ٻڏا، مون کي سي ترانا يـاد آيا.
جڏهين بہ ويس مان بيوس ٿي، هن جڳ جي سورن کي سهندي،
تون ياد آئين، مون کي هـر هـر ۽ تنهنجا فسانا يـاد آيا.

شيخ عبدالحليم "جوش"

درد کي لادوا ڪري تہ ڏسان، عشق جي انتها ڪري تہ ڏسان.
ڇو هلان رهنما جي مرضيءَ تي، پاڻ کي رهنما ڪري تہ ڏسان.
تنهنجي بخشش جي مون ٻڌي تعريف، مان بہ ڪائي خطا ڪري تہ ڏسان.
ڪو تہ هوندو ضرور منهنجو بہ دوست، ڪنهن کي درد آشنا ڪري تہ ڏسان.
دل ۾ حسرت تہ اضطراب ۾ دل، دل کي بي مدعا ڪري تہ ڏسان.
منهنجا ساٿي سمجهي پيا شايد، ڪا نوا، ڪا صدا ڪري تہ ڏسان.
منهنجي تعريف تي ٿئي ٿو هو رنج، پاڻ پنهنجي گلا ڪري تہ ڏسان.

ميڪدي ۾ يا دير ۾ هوندو،
"جوش" جي ڪا پڇا ڪري تہ ڏسان.

شمشيرالحيدري

پيڙهَ جا بهانا، پيارڻ جون ڳالهيون؛ جئين شال! ڪر ڪي جيارڻ جون ڳالهيون.
هليا، تيستائين دليون آزمايون؛ اکين کي ڪرڻ ڏي نهارڻ جون ڳالهيون.
ارادن کي ملندو عمل جو سهارو؛ ڇڳيون ٿينديون گذجي گذارڻ جون ڳالهيون.
متان ياد ۾ ئي نہ گم ٿي وڃين تون — اهي ئي تہ آهن وسارڻ جون ڳالهيون.
هڪل سان تہ پهتا هئا يار پنهنجا؛ وري ويا ڪري آگ ٺارڻ جون ڳالهيون.
گلستان ئي شايد جلائي ڇڏيندا — وڏي ويون ٻوٽن کي ٻارڻ جون ڳالهيون.
ڪٿي آهي "شمشير" جو چنگ چوري؛ زمانو تہ پلجي ويو 'چارڻ' جون ڳالهيون.

قطعا

هري دريائي "دلگير"

ڏين ٿي شراب، پر نہ ائين ڪُرڪندي پيار،
هيءَ چيز آ خوشيءَ جي، خوشيءَ سان پيار جي:
ٿورو پلي پيار، مگر مرڪندي پيار،
ناهي شراب، تہ بہ ذرا سُرڪي نهار جي.

نِڙ َيل َ پکڙيل آ منهنجي زندگي مٽيءَ جي ذرّن ۾،
چڪي وٽ پاڻ ڏي، تارن جي ضوءِ ۾، شب جي دامن ۾:
ذرا سڻ سانت سان تون ماڪَ جي آلاڻ چڪائي،
مون کي تون قبول ڪر، مشڪان جئين دنيا جي گلشن ۾!

ڪري قيد و قفس امداد مون کي،
هميءَ جي ٿو ڪري ارشاد مون کي؛
اگر زنجير ۾ ڦٿڪڻ گهران ٿو،
سڏي ٿي شُڪر ٿو صيّاد مون کي.

سادگي تنهنجي ائين، جئن ڏنڊ جي نيلاڻ آ،
جنهن منجهان ظاهر حقيقت جي عجب گهراڻ آ:
ڪاش، مان تنهن ۾ ٽُبيون اونهيون هڻي اوجل ٿيان،
پاڪ خود گنگا جي پاڻيءَ جان اِهو مهراڻ آ

بشير "موريائي"

منهنجي اکين منجهان ٽا ڳوڙن ماڪ جا ڦڙا،
تنهنجي ڳلن تي چنڊ جي چانڊاڻ ٿي نچي؛
غم منهنجو دائمي، نہ خوشي تنهنجي پائدار،
دل کي انهيءَ خيال سان آٿت پيو اچي.

جن بہ اکڙين جو جام پيتو آهہ،
تن سرور دوام پاتو آهہ؛
تنهنجي هر سرڪ چنڊ جو ڪِرڻو،
جن ڏٺو توکي، تن ٿي چاتو آهہ.

ٿا ٿمن لڙڪ انڌيري شب ۾،
ياد تنهنجيءَ جا ڏيئا ٻاريان ٿو؛
اي پرين گردش حالات ۾ پي،
توکي ساڳي ئي طرح ساريان ٿو.

اسان جي وات اها وائي آ اياس ڪان-
حياتي بخشون جهان کيءَ خود بہ زنده رهون:
مگر اڃا تہ ميسر نہ آهي ڪوئي سک،
اڃا تہ ساڳي طرح، دوستو، ٿا سورسهون!

پاڻ ئي پاڻ ڪان پري آهيان،
منهنجي نظرن ۾ تون ئي تون آهين؛
ٻئي طرف ڪيئن ڇڪجي منهنجو ڌيان،
تون جو هر وقت سامهون آهين.

ادب لطيف

جهامنداس پاڻيا

آهستي، آهستي!

(١)

يوسيءَ جي زندگيءَ ۾، جڏهين هو هرڪنهن هاج جي پورائيءَ لاءِ ماءُ ۽ مائٽن جو محتاج آهي، تڏهين ٻه هن کي هڪڙي دنيا آهي. هن جو جيڪڏهين بدن ننڍڙو آهي، ته هن جي ويڪر به اُن موافق آهي. هن جون گهرجون جيڪڏهين ٿورڙيون آهن، ته سندس گهرجن پوري ڪرڻ وارا به ايترا ئي گهڻا آهن. هٿ ۾ جيڪي اچي سگهيس، اکيون جيترو به کُلي سگهنس، ٻانهون جيڪي جهلي سگهنس، وات جيڪي ٻولي سگهيس- مطلب ته سندس اک جي لک، وات جي چِڪَ، زبانَ جو ٻول، دل جو هول، سندس وِتَ ۽ وسيلي ۾ اندر ڏيندو ٿو رهي.

سندس سلطنت ته آهي اول ماءُ جي ڇاتي. ور ور ڪري جهاتي پائي، اُن کي ساري سنڀاري، اُن مان پنهنجي ڪاڌِ خوراڪ وٺندي، طاقت حاصل ڪندي، اُن جي ارد گرد پنهنجا هٿ هلائي، پنهنجي دنيا بنائي ٿو. ڏسي پسي ٻه گهٽوئي ڪي ٿو، مگر ڪُجهه وٺي ٿو ته وري گهٽو ڪي ٿوڪاري ٿو ڇڏي. ڪن کي گهري ٿو ته ڪن کان سري پاسو ٿو ڪري. مطلب ته سندس دنيا جي ويڪر ۽ لنبائي، چوڙائي ۽ اونهائي پنهنجو قد ۽ ڪيلُ وڌائي ۽ گهٽائي ئي آهستي ٿي.

جيئن وڃي سندس نظر ڊگهي پوندي، تيئن وڃن سندس اِشارا گوناگون ڏيندا. انهن اشارن جي معنيٰ ۽ مطلب، عقل هوندي ٻه، وَڏ وڏيرا سمجهڻ جي سگهه ساري ٿا سگهن- طاقت هوندي ٻه محسوس ائين پيا ڪن ته ڄڻڪ بي طاقت آهن، لياقت هوندي ٻه احساس اِهو ڏين ته بي‌لياقت آهن: ڪيڏو نه ڦير اچيو ٿو وڃي سمجهه جي ڪَڄَ ۾! جا ڪنهن وقت اعليٰ ۽ بالا هئي، سا هڪڙي ٻار جي اڳيان بي‌مايه ۽ بي‌معنيٰ ٿيو پوي. اِها ئي ڪرامت آهي ننڍڙي ٻار جي للڪار ۽ لڪار جي. سندس قدم ڪچڙو، سندس هٿ ننڍڙو، سندس ٻول نفيس ۽ نازڪ، ته ٻه سندس آواز ڪيڏو نه راز ڀريو، سازوارو، مٺڙو ۽ معنيٰ دار. سندس ڪاڌو سليس ۽ سادو، سندس قوت ٿورو، سندس رغبت ٿوري، سندس پسندي پوري سوري

مگر ٻڪي، سندس ٻول پختو ۽ پڪو- تہ بہ اسان ويٺا چئون "ٻالڪ جي دنيا نندي، ٻالڪ جو ٻول ڪچو، ٻالڪ جي پسندي ڦرندڙ گهرندڙ آهي!"

بيشڪ سندس دنيا پهرين ماءُ تائين محدود آهي، مگر جئن وک سندس پيرَ آهستي آهستي وڌائيندا ٿا رهن، تہ اکيون بہ سندس نيون چيزون، نوان نظارا لهنديون، جهونيون پتيون پچنديون، نيون اڏينديون، دنيا جو دائرو وسيع ڪنديون ٿيون رهن؛ مگر پيرن جي وِکَ سان اک سُرُ تارَ ملائيندي، "آهستي آهستي" جو سنڙو راڳ ڳائيندي، نئين دنيا بنائيندي ٿي رهي.

بيوس هوندي بہ هو وَسَ پنهنجي قَدَ ۽ ڪيل ڪان ڪئين ڪاسا وَڌِ ٿو ڪري. جيڪڏهين نہ ماءُ جو ٽڪر ڪيس هٿ ۾ هوندو، تہ ڪانوَ ڏسي ان تي وارَ ڪرڻ جي ڪندا: پوءِ طاقت نہ هوندي، هو ميتَ مائٽ عزيز خويش جي مدد جي گهُرَ ڪندو ۽ پنهنجي لولي جي بچاءَ لاءِ هو واتَ جي هڪل ۽ هٿ جا اشارا ڪندو! مگر دنيا سندس جو ڦيرو ۽ گهيرو اهڙو تہ آهستي آهستي ٿو ڦري، جو ڇنيءَ طرح ڇئي سگهجي ٿي ڪين ٿو تہ "اڳين حد هيتِ پوري ٿي، ۽ نئين هتان شروع ٿي'!

(٢)

ٻالڪ روزمره ماءُ پنهنجيءَ جي گود ۾ ليٽندي، سندس ڇاتيءَ مان کير وٺندي، ائين محسوس نٿو ڪري تہ هوءَ بہ ڪا هستي آهي: هُن سان اهڙي تہ گهاٽي رغبت اٿس، جو ڪانئس جن جو هئڻ ۽ جدا هستي رکڻ پلجيو ٿو وڃي.

اوچتو ئي اوچتو، ڇٽڪ هڪڙيءَ سهائيءَ گهڙيءَ، سندس نظر هڪ تصوير تي ٿي پئي. هو آن ۾ هڪ صورت ٿو ڏسي. صورتون هونءَ تہ هو سدائين پيو ڏسي، مگر ڪڏهين بہ ڪنهن کي "ماڻهو" ڪري ڪين پڪاريو آٿائين. حيرت صرف اها آهي، جو جڏهين اسان وڏن کي بہ ماڻهوءَ جي وصفن جي پوري پڇاڻ نٿي جُڙي سگهي، تڏهين ٻالڪ انهيءَ تصوير واريءَ صورت کي "اڙي ماڻهو، اڙي ماڻهو" ڪري ڪئن ٿو پڪاري؟ انهيءَ مان ائين وسهي سگهجي ٿو ڇا تہ هو جيڪي ڏسي وائسي ٿو تنهن کي پاسي رکي، باقي تصوير واريءَ شڪل کي ماڻهو ڪري ٿو قبول ڪري. شايد ائين نہ بہ هجي- "ماڻهو" لفظ هُن ٻڌو هجي، مگر سندس سمجهہ ۾ ان جا انگ نہ بہ آيا هجن. ماڻهو هو ڏسندو بہ رهيو آهي، مگر هن کي هين وقت تائين ماڻهو ڪري ڪنهن ڪونيو ڪونهي. جي ڪٿي ڪنهن ان کي وانگي واهيءَ ڪونيو بہ آهي، تہ آن اکر سندس چِتَ تي ڪو چِٽُ پيدا نہ ڪيو آهي؛ پر جي اتفاق سان اِنَ جو چِٽُ چڙهيو بہ اٿس، تہ شايد سندس ٻول ۾ ٻَلُ ايترو ڪونہ آيو آهي، جو هاڻ ڪولي اکر ٻولي سگهي. اوچتو ئي اوچتو سندس زبان ڪولمبس وانگيان صورت ڏسي چوڻ ٿي لڳي: "ماڻهو!، اڙي ماڻهو!" هيءَ زبان جي حرڪت آهستي آهستي برڪت واري ٿيندي، ان مان ڏاهپ وارا ٻولَ نهي نڪي نڪرندا يا ڏڪوئيندڙ ۽ ڏنگيندڙ اَڪرَ اَڪرندي، جو

حيرت ۽ عبرت، مسرت ۽ نفرت اک ۾ پئي ٺهندي ۽ ڍهندي - آهستي آهستي.

ٻالڪ جي دنيا ننڍڙي، ته سندس پسنديءَ واريون چيزون به اهڙيون ئي ٿيون ٿين. سندس مانيءَ جا گرهه ننڍڙا، کيڏاڻا ننڍڙا، ٻول سندس ننڍڙا، ٽول ننڍڙا، سندس هٿڙ ننڍڙو، کٽ ننڍڙي - مطلب ته هرچيز ٿئي ئي ننڍڙي. پوءِ سندس دنيا ۾ ويکر ڪٿان اچي؟ ننڍڙي ڪان ننڍڙو آهي سندس خيال، ته وري سندس مال به اهڙو ئي ننڍڙو ٿئي. سندس پيڙي ڪاغذ جي، اُن جو ساگر ڪَسي؛ سندس کيڏاڻو هڪ گڏو، ان جا وستر ننڍڙا؛ ان جي جيوت هڪ راند، ان جو موت هڪ چرچو؛ ان جي ريجهه سَوَلي، ان جو رسامو سولو؛ ان جي سوس ۽ ماڇ، ان جو رَسُ ۽ ڪَسُ، ان جو هيجُ ۽ کيجُ هڪ مرڪز تان ڦري پئي تي ميڙي رهيا آهن. نقطو، جو سندس آهي تنهن جي چاڙ سچاڻ به ننڍي آهي؛ دماغ سندس ننڍڙو، دل سندس ننڍڙي - پوءِ ڪئن سندس دائرو ننڍڙو هوندي به وڏڙن کي وائڙو ڪري ڇو وجهي!

دنيا ۾ جيڪي به ننڍڙي ڪان ننڍڙيون چيزون آهن، تن جي قيمت ڳري ئي ٿئي. سندن حفاظت وري خيال واري، سندن قدر بي پايان، سندن سونهن حيرت آپارينڌڙ، سندن چر پر عبرت ۾ وجهندڙ. تڏهين ٻالڪ جي نفيس دل، جنهن جي چرپر واچ جي چرپر جيان جهيڻيءَ هوندي به گهڙيءَ جي هٿن کي چوريندي اڳتي ئي هلي، ڪجهه هستي ضرور ئي رکي. ڪيڏي نه سندس دل جي دليري! ڪيڏي نه سندس دل جي ڦيري! ڪڏهين ڏس ته درياهه اُڪري پار هلي وڃي، وري ٻيءَ ساعت آڏ تي ٻهجي وڃي. ننڍڙيءَ دل کي ايڏي همت ۽ حوصلو؟ ننڍڙي دماغ کي ايڏي آڏاري؟ امي سڀ عطائون ۽ بخششون ڪيس ڪٿان ٿيون پڙ پون؟ انهن مڙني مسئلن جو حَلُ به آهستي آهستي.

ٻالڪ ننڍڙو هوندي پاڻُ وڏو پيو ڀانئين؛ محتاج هوندي به وقتن تي پاڻ کي شهنشاهه پيو سمجهي؛ بي سمجهه هوندي پاڻ کي سمجهه وارو پيو سمجهي؛ بي گهر هوندي به پاڻ کي گهر وارو پيو محسوس ڪري؛ بي مال هوندي پاڻ کي مالدار پيو معلوم ڪري: اهو کهڙو اسرار آهي؟ اقرار ۽ انڪار، آغاز ۽ انجام، نفي ۽ اثبات، هئڻ ۽ نه هئڻ، زندگي ۽ موت جا مڙيئي اهڃاڻ آتِئي ٿا بکن. انهيءَ حدَ تي ئي بي حد جي ٻاريءَ جو ديدار ۽ حد واري جي تاڙيءَ جو برابر اقرار آهي: تڏهين خيال ۽ خوض، ويچار ۽ آچار جو قدر، انهن جي لاڙن ۽ ڪنارن جي چاڙَ جو ماڻ ٻالڪ آهي ڪئن؟ جواب نه صرف انڪار ئي ٿو سگهي، مگر اُن جي اُبتڙ به ٿي ٿو سگهي. اقرار ۽ انڪار گڏو گڏ هلندا ٿا هلن. هستي ۽ پستي پئي هٿ هٿ ۾ ڏيندا، مٿي چڙهندا ٿا رهن. ڦس ۽ بيوسي پاڻ ۾ پاکر پايو پيا هلن! تڏهين ايڏي ساري محبت ۽ نفرت، ايڏي ساري محنت ۽ ڪاهلي چو ۽ چالاڪ ئي پنهنجو وارو چمائي!

ٻالڪ جي دنيا بيشڪ ننڍي آهي، بيوسي سندس بيحد آهي؛ ته به بي حرمتي هو بنهه نه سهندو. غصو سندس اعلي، اک سندس ڪَرڙي. ڪير ٿو سندس ناز سان مذاق اڏائي

سگهي: مگر جي کو دل جهلي نه ڪٽي، ته نه روح ۾ راڙو جو منش وسي پوندو، تنهن جو ڪاٿو ڪڍڻ نه مشڪل آهي! عقل بي طاقت آهي، دل بي لياقت آهي، جا برداشت ڪري سگهي! ٻار جي ٻڪار چيريندڙ، ڏاريندڙ، دل ڦاڙيندڙ ٿي ٿئي، تنهن کي برداشت ڪرڻ لاءِ همت ۽ حوصلو بي ڪار ٿا ثابت ٿين. ننڍڙيءَ دنيا جو مالڪ هوندي، ٻالڪ هڪڙي اعليٰ ۽ اوچي خودداريءَ جو پالڪ آهي.

مهراڻ جي موج ۽ مستي، جي الستي آهي، ته ٻالڪ جي اڀرندڙ آسرندڙ ڪل ۾ خوشيءَ جي لهر وري ڪا ٻيءَ هستيءَ واري آهي ڪئن؟ سندس دل جو درياهه اٿليو پوي، ته ڪلي ڪلي ڪيرو ٿيو پوي. جڏهين نه وري ڪنهن سانگي کو پوپٽ يا پنيوري ڏاگي ۾ ٻڌي ڪٽي اڳيانس رکجي، يا طوطي کي پڃري ۾ بند ڪري اوڏو آڻجس، پوءِ ته ڏس ويهي سندس ڪلول، ٻڌ ويهي سندس ٻول انمول. حسن جي حيرت انگيز ٻهڪار جي چهڪار ڪندو ويندو. للڪار ٻــ وري اهڙي للڪاريندو، جو منثار گفتار هُن جي مان مــن ڏاپجي نه پيو ڏاپيو. جئن وج هي اننت حسن جو چمتڪار ڏسندو، تيئن اکيون ٽڪجو نه ٽڪجن!

ننڍڙي ٻالڪ ۾ جوانيءَ جي نه مستي ۽ نه ڦوهه جي هستي ٿي ٿئي؛ نه لوڏ جي اڇل، نه ڪوڏ جو ڪُڏُ ـ پوءِ به ايترو حسن! حسن بيوس ته ڪين ڪي ٿئي. حسن بي نياز آهي. ٻارُ ته بيوس هوندي به حسين آهي؛ بي نياز هوندي به راز آهي سندس ننڍي وڏي سان، اياز آهي هو عام ۽ خاص جو!

بيوسيءَ جي ڪري ڪو منش قياس آڻي، ته هوند هو پيارو ٿي ئي نه سگهي. بيڪسيءَ ڪري، ڪو منش چانورو نٿو تاڻي؛ مگر مڌرمڌر ٻول سندس، هرهڪ جو هردي ـ ڪنول هڳايو ڦولايو ڇڏي، ۽ آڏ اڏي ڏو ان لاءِ هر ڪنهن جي اکين ۾، دلين ۾ ۽ دم ۾.

رنگ ڪيس ريجهايو، قدم قدم اڳتي ڪڻڻ لاءِ همٿايو ڇڏين. امڙ ڪيس رنگ وارو راند يڪو ڏيکاري، وک اڳتي ٽيڻ لاءِ ويساه ڏياري، همت ۽ حوصلو وڌائيندي ٿي رهي؛ مگر جڏهين نه ڏسندي ته هو بنزل کي اچي پهتو، ته پاڻ ٿورڙو اڳتي وڌندي رهندي، جئن آهستي آهستي قدم قدم ۾ وجهندو وڌندو ۽ ويجهندو رهي. پر جي ڪنهن سبب ڪري هو رڏي ماري ويهندو، ته ڪيس رنگن وارو راند يڪو ڏيڻ جو انجام به ڪندي، جئن ان جي حاصليت جي حرص تي هرکي به قدم اڳتي وک وڌائي. ائين وک اڄ، ته وکون سڀان. ٽي ٻئي ڏينهن ڪندي ڪندي، نيٺ هو ڪو وڏو پنڌ هٽي ويندو. آهستي آهستي سندس دنيا جي ويڪر ويندي وڌندي، تان جو سندس ننڍڙي دنيا ڪنهن به وڏڙي جي دنيا کان وڏي نه، ته گهٽ ته اصل نه ٿي پوندي ـ جت هو پاڻ کي بيڪس ۽ بيوس نه پيو ڀائيندو، مگر دنيا کي ڏونڪو ڏئي، پيو ٻڌائيندو: «مان آهيان، سڀ ڪي منهنجو آهي؛ منهنجي آگر جي اشاري سان سموريءَ سرشٽيءَ جي چرپر پئي ٿئي!»

کاڌ خوراڪ بہ سنڌس سادي سودي. سلوٽيءَ ۽ الوٽيءَ ۾ اول تہ ڪيس ڪو خاص تفاوت نظر ڪين ايندو، جو هن جو آڌارُ ۽ آسرو آهي ئي امڙ جي آرهہ تي. ڇاتي پيو ڌائيندو ۽ اُن تي هنڙا پيو گهمائيندو. ڪيس نڪي خوض هوندو ڪو خاص هوس پيدا ڪرڻ جو، ۽ نڪو ڪيس مطلب هوندو ڪنهن فرض ادا ڪرڻ جو. اهو آهي پيارُ پارَ جو، اهوئي آهي آڌار ماءُ جو. جٺن جٺن ويندو وڌندو، چگڙ، تٺن تٺن ويندا امڙ جا آنڊا وڪوڙبا. ڪيس سوگهو جهلي پٺي سنڌس منهن چمندي، مٺي ڪي هنڙا گهمائيندي. پار بہ پيار ۾ ويندو ڪيس ويجهو پوندو. هوءَ بہ پاڻ پلٽي ڪٺي ڪيس ڏئيندي، بهار بهار ٿيندي. هن تہ ڪيس پنهنجي پيٽ جي نڍڙيءَ دنيا ۾ سنڀاليو، رت ست ڏئي ڪيس اُڀرايو ۽ اُسرايو: هاڻ هوءَ ڪيس پنهنجي ڪير تي ڪيئن نہ نپائي ۽ نچائي، تاتي ۽ توائي!

اچا نڍڙي سمجهہ سڃاڻ ٿيس، تہ پنهنجي قدَ ۽ سَدَ جي دنيا جوڙڻ جا جتن پيو ڪندو. ڪيڏاٺا ناهي پيو ڍاهيندو. هڪڙا پڄي، پيا پيو جوڙيندو. هڪڙا ٺوڪاري، پيا پيو اوساريندو. انهيءَ عرصي ۾ سنڌس گهر ۾ گهات بہ پيا گهڙبا، تہ لات بہ پيا تڙبا. مطلب تہ سنڌس دنيا نڍيءَ ۾، سمجهہ نڍيءَ سان ايڏيون ٿيرگهيريون ٿيون ڦرن گهرن، جو وسهڻ ۾ ائين پيو اچي تہ جڻ ڪو ڪاريگر انهيءَ ۾ حڪرَ ڏيندو، پردا لاهيندو چاڙهيندو ٿو رهي. انهيءَ «ڪاريگر» جي پڇاڻ يا ڇاڻ ڪيس رهي يا ڪو اُن ڪي ڍونڍڻ جي ڪري ۽ لهي- تنهن جي آٿڻ ڪيس اصل نٿي رهي. هو وڃي وکون آهستي آهستي اڳتي وجهندو. روز بروز سنڌس ويڪر وڃي حدون ٽپندي. مگر عقل نہ جڏهين ڪيس اچي سوگهو جهلي، تہ هو بهڄيو وڃي. آهي ٻچ ڍاهہَ واريون ڳالهيون سنڌس يادگيريءَ ۾ ڏاڏي جي ڳالهين وانگر ڏند ڪٿيو پيون مشڪن؛ ۽ هو موٽي ڪي بيوقوفيءَ جي سمي جي سانجهہ سمجهي، ٺوڪاري، پاڻ وري بہ سمجهہ جو ٺيڪيدار، ڌرم جو رکوارو، سڌارڪ، عاقل، آڪابر ٿي حڪم هلائيندو ٿو رهي! انهيءَ لاٺيءَ مان لهي وري بہ رَڪَ ٿو. لڪَ جي السڪ جي آڏي ۽ اجهي رهي لڏائين، سي سڀئي ويا وهڪ ۾ وهي؛ مگر ڇهڪ ڪيس چٺ جيي ايتري تہ ڇهڻي ٿيي وڃي، جو هو پاڻ پلجيو پوي.

هو پلجيو بازار ۾ بيهو وڃي. ڇا لهڻ نڪتو، ڇا ليي پيس؛ ڇا ٿيڻ نڪتو، ڇا ٿي پيو! تڏهين وري هو سنگ ۽ رنگ جي ريبَ فريب ڪي ڪسوٽيءَ تي لڳائي، سَچَ ۽ ڪَچَ جي پرک ڪندو ٿو رهي. ڍيگهہ جا ڪيس حاصل ٿي آهي، ويڪر جا ڪيس هٿ آئي آهي، آها ڪيس گهايل ڪيو ٿي ڇڏي. جوابداريون ڪيس جهوري ٿيون وجهن. بوجا ڪيس بار هيٺ جهوريندا، ڇپائيندا ٿا رهن؛ ۽ پوءِ هو انهن جي پوساتَ ڪان ٻاهر نڪرڻ لاءِ آسمان ڏانهن اکيون کڻي ٿو نهاري- آنهيءَ دنيا لاءِ جا هو پوئتي ڇڏي آهستي آهستي اڳتي قدم وڌائيندو هليو آيو. آها دنيا، جنهن ۾ هو بيوس هو؛ مگر جت ڪيرَ ۽ آڪيرَ تي پلجندو ٿي رهيو- اُن لاءِ هو وري واجهہ وجهڻ ٿو لڳي. آها هاڻ تہ گهڻو هن ڪان دور آهي ۽ هو اُن ڪان گهڻو پري نڪري آيو آهي؛ پر آهستي آهستي هو وري آنهيءَ دنيا جا سپنا لهندو ٿو رهي. هِنَ ۽ هُنَ جو تفاوت ڪيس تکو ٿو ڀاسي!

انهيءَ دنيا ۾ سڀ جو لاڏلو هو، مگر هن خود غرض، پنهنجيءَ ۾ پوريءَ ۽ بيمار دنيا ۾ هو سڀ جو نيشان بنجيو ٿو پوي. هو پول پولڻ کان بيزارُ آهي، وڪ وڌائڻ کان لاچارُ آهي، حال پڌائڻ کان بيحال آهي، بيخيال آهي. وڏي ٿيڻ ۽ وڏيءَ دنيا ۾ وڪون وجهڻ لاءِ هن واجهہ ٿي وڌا! هن وک وک ۾ وجهي آهستي آهستي ويکر حاصل ڪئي، مگر ڪيس هيتر معلوم ٿيڻ لڳو، تہ ننڍڙيءَ ۾ جو مزو هو سو وڏيءَ ۾ ڪٿي؟ ننڍڙيءَ ۾ جو وٿُ هو، تنهن جو ڪٿُ ڪرڻ ئي مشڪل. شروعاتي ڪيرَ تي هيرَ هوندي، ڦير گهير ايندي ئي هو سوال ڪرڻ ٿو لڳي. سوال جي جواب ملندي، هو وري بہ سوال ڪندو ٿو رهي - جڏهن پڌندي هُنَ پڌو ڪين، جڏهن ڪيس يقين سوال جي جواب تي آهي ئي ڪينَ. سندس پڪار جيڪڏهين اهڙ جي ڪيرَ لاءِ آهي، تہ آهستي آهستي جڏهين ڪيس هن شين جو سوادُ ٿو پيٽ پئي، تہ بدلسدل بہ آهستي آهستي اچيو ٿي وڃي.

«آهستي آهستي» آهي سندس اصول. موں سندس زندگيءَ جو آهي- «ٽڪڙو ٽِري ٿيءُ طالب ادا، متان تيرَ آتون ترڪي پوين!» انهيءَ اپوجهہ ڪي اهڙي پوجهہ آهي؟ انهيءَ ڪي ڪا اهڙي سوجهہ آهي؟ سوال بعد ان جي حَلَ ملندي سندس اندر ۾ اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ حَلُ واقعي سَچُ آهي يا ڪَچُ؟

اول تہ هن ڪي وِڪ وڌائڻ تي واڌايون ملنديون هيون. وک وڌي، تہ هو پاڻ سمجهندو هو تہ رنگ پري ڪوڏي لڌي. پوءِ تہ سندس فخر جي ڦوڪ جيي نہ حد نہ حساب، لاجواب هوندي سندس ڦوند؛ مگر اهي موٽيل وقت جا بُڌ بدا جي بہ وري آهستي آهستيءَ ٿيندا ويندا. بحر مان لهر آيي ٿيندي، سا نيٺ موٽي مهراڻ سان هڪ ٿي ويندي. پهرين تہ مرڪز آهي سندس پڪار جو، اهڙ؛ مگر جڏهن مرڪز ڦرندا گهرندا ٿا رهن، پردا چڙهندا لهندا ٿا رهن، تڏهن پار جي رنگين دنيا ۾ بہ پيو ٿئي ۽ ٿيندو رهندو. پار جي پڪار ۾ للڪار آهي، تارَ آهي، جنهن جو جواب آسڙ ٿي ڏئي؛ مگر جڏهين نہ مرڪز ماءُ کان ڦري دنيا ۽ انهن جي لاڳاپي رکندڙ چيزن ڏانهن وريو، تہ پار جو سياءَ لاڙو ڦيريو ۽ ڦٽريو. مگر ڏسڻو اهو آهي تہ سندس ڦيري گهيري تي وک وڌي ٿي يا گهٽجي ٿي، سندس رغبت آيري ٿي يا موٽَ ڪري مري ٿي وڃي. ننڍڙو قد، ننڍڙي دل، ننڍڙي دنيا، ننڍڙا نارا، ننڍڙيون نديون، ننڍڙا ڪنارا، ننڍڙا پارا، ننڍڙيون پنيون؛ اهي موٽيي آهن پار جا مرڪز، مگر بيحد جي بحر جي چوهہ ڪي جهلڻ جا گز بہ هُن وٽ آهن ننڍڙا، جن سان هو آهستي آهستي پرگهل بند ڪري، پوڪون پچائي، بک مٽائي ٿو بڪايل دلين جي، جن ڪي آسات آهي عشق جي. هيءُ سمورو افسانو ٿئي ٿو اهڙيءَ ريت، جو آهستي آهستي دنيا بدلجيو ٿي پوي ۽ رنگ ئي نرالو پلٽجيو ٿو پوي!

ـ شعر ۽ ادب جو مقصد رڳو جمالياتي لطف ۽ مزو ناهي،
بلڪ سندس حقيقي مقصد انساني حيات جي تعمير ۽ تشڪيل
آهي. موجوده دور ۾ اها ڳالهه تقريباً سڀ سمجهدار ميڃين
ٿا ته شعر ۽ ادب نهايت سنجيدو فن آهي: اهو فن جيڪڏهين
ڪنهن زندگيءَ جي وسيع نظريي جي ماتحت پنهنجو عمل
ڏيکاري، ته سوسائٽيءَ جي بناوٽ ۾ اهم حصو وٺي سگهي
ٿو. اها ڳالهه ادب جي فن لاءِ ڪنهن طرح مناسب ناهي،
ته ان کي رڳو محفل جي خوشيءَ ۽ مزي وٺڻ لاءِ استعمال
ڪيو وڃي.

— افتخار اعظمي

٢

افسانا

٠١ بدمعاش	از جمال ابڙو
٠٢ ڦيرو	ـ موهن ڪلپنا
٠٣ لڙڪن جي لڙي	ـ جڳديش ايس. لچاڻي
٠٤ ٽڪري	ـ "بشير" موريائي
٠٥ غفور	ـ هري ڪانت
٠٦ اوور ڪوٽ	ـ گوگول
	سنڌيڪار: پريو الله رکيو

ناٽڪ

٠١ اڪبر جو هڪ ڏينهن	اصل انگريزيءَ ۾ نورا رچرڊس جو
	سنڌيڪار: سراج

لوڪ ڪهاڻي (سنڌ جي)

"سرڪار"	ـ پيرانور شاهه جيلاني

هڪ ڏينهن جي ڳالهه......

انسان	ـ علي بخش ميمڻ
"اخبار"	ـ الف. ب. ت

–"جيڪي مشينون حق ۽ انصاف نٿيون چاهين، اهي مشينون ذاهن، بلڪ لوهه جا ٽڪرا آهن"– هيءَ هڪ وڏي مدبر جو گفتو آهي: ۽ جيڪڏهن اسين انهيءَ گفتي کي ڏورو وسيع ڪنداسون، ته ائين به چئي سگهون ٿا ته "جيڪو ادب انسانيت جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ طرف ڪجهه به رهبري نٿو ڪري؛ پڙهندڙن جي دلين ۾ انسان ذات جي مشڪلات دفع ڪرڻ، سندن زنجيرون ٽوڙڻ، ۽ کليءَ فضا ۾ وک وڌائڻ لاءِ اُمنگ پيدا نٿو ڪري، اهو به 'ادب' ناهي، بلڪ ٺلهي لفاظي آهي."

جمال ابڙو

بدمعاش

هو وڏو بدمعاش هو. پهرئين نمبر جو. ڪوڙ، دغا، فريب، چوري، ڌاڙو، هن جي ڏاڍي هٿ جو کيل هئا. چپٽين ۾ ڏوهه ڪري ونندو. حرام، جو قياس پويس. خار ۾، چپ ڪيو، بيٺو ڏسندو. هڪ پرون هيٺ، اک چنجهيل، ٻيو پرون مٿي، ڏند ڏندن سان مليل، ناسون ڦوڪاريو، چيتي وانگر شڪار کي تاڙيو بيٺو هوندو. بس بس ڪري، وٺي حملو ڪندو. آنڌا ٻاهر.

ڏانڊ جهڙي ڪهاڙي ڪلهي تي کنيو، شينهن وانگر جهنگ ۾ ڦرندو وتندو هو. شل نه ڪير کيس للڪاري. ماٺ ڪري، ڳاٽ اوچو جهلي، کيس ڏسندو. پيرن کان مٿي تائين. ٻه، ٽي دفعا. وٺي گجگوڙ ڪندو. واگهه وانگر ٽال ڏيئي، اچي شڪارتي ٽٽندو. ڪهاڙين جو شپڪو. سيڪنڊ ٽي ويندا.

چيلهه سنهي، ڇاتي ويڪري، ڪلها اڀا، مڇن کي تاءُ ڏيو اکيون ڪرڙيون ڪيو، پير پير ۾، مست ٿيو وتندو. ڪنهن تي فلڪ نه آڻيندو.

ننڍي کان ئي نڊر هو. پٺس ڪٽي، هڏ گڏ پڇي رکندو هوس. حرام، جو مڏو ٿئي، ٻرڙاٽ پيا پوندس. لتون، مڪون، چنبا، گهل گهلان. هجيس ماءُ، ته ڇڏائينس! نيٺ رڙيون ڪري بند ڪيائين. پيو مار کائيندو، ڪڇندو نه. پائيندو ته پيءُ جي ڏاڙهي پٽي رکي، ۾ ڏاڍو هوس. اوڙو پاڙو تپائي ڏنائين. پاڻ جيڏن کي سٽيو ڪٽيو، پڳو هليو ويندو. ٻارن جا ماءُ پيءُ، رڙيون ڪندا ايندا. هٿ ايندن، ته ڪٽي رکندس- پنهنجو ٿورو ئي هئن! نه ته به پٺس کي دانهن ڏيندا. پٺس پاڻ مان ئي ڪَڪِ: سڀ سورساڙ هن مان ڪڍندو هو. ڏوهه ٻين جو، مار هن تي. "ڪو انهن ئي تـ ڪونه آيو هو"- اهڙو ساڙ ٿيندو هوس، اهڙو ساڙ ٿيندو هوس، ... ڏاڍو ساڙ ٿيندو هوس. چوندو هو، "بيهه، وڏو ٿيان!"

ڪيئن ته واٺي جي چلڪٽي ڪپڙي کي هٿ لاتو هئائين! واٺي چماٽ وهائي ڪڍيس. پٺس به ڪٽي چنبو هنيس. پيءُ تي ڏاڍي ڪاوڙ آيس. "پيٽسان، سوئرا!" ننڍو هو، سور بي ويو.

ڇورو ڇنو، ميرو چولو، ڦاٽل پٽڪو. آن لپ ڪاڻ، جو شي وٺي. ٻيا ٻار جهول پريو، چوس چوس ڪيو، کڳهڙا وئيو، پيا پُورائيندا هئا. هي اڪيلو، مٽي تي ٻانهن رکيو، اکيون ڦاڙيو، بيٺو ڏسندو. ٽڪر جو جنب، ٽڪر جي گاڏي، ٽڪر جو اٺ، ناڪيلي سان.

دل چوندي هيس تہ هٿ لائي ڏسان. پر ڪير ٿو ڪنهن کي هٿ لائڻ ڏئي. نڪ جي چوٽيءَ ڳاڙهي ٿي ويندي هئس. وٺي هڪ پاسي پهچندو. ڪنڌ پر منهن ڪري، پٽ تي ليڪا پائيندي، پيو چپ ڪڍندو ۽ سنگهه آگهندو.

سِڪي سِڪي، رانديڪو چورايائين. سانديو پيو سانڍيندو هوس. ليڪي ليڪي راند ڪندو هوس، وري لڪائيندو هوس. ننڍڙو ڪانور جو گڏڙو، وڏين اکين سان. چڻ تہ پاڻ هوس. ڪين تہ پٽس ڪسي ورتس! سڏڪا پريندي پريندي، مار ڪائيندي ڪائيندي، نپا ڏيئي ڏيئي، رانديڪو ڇڏائڻ جي ڪيائين. ويچارو گڏڙو پٽس جي پيرن هيٺان ڇيهائجي ويو. هن ڏاڍيون رڙيون ڪيون. پيءُ کي "حرامي" بہ چيائين. پٽس لتون بہ هنيس. ان ڏينهن ڏاڍو رنو. پڳل گڏڙو ڪٺي، پنهنجي منهن وري بہ رنو. ٽڪرڙا ميڙي، اڱڙيءَ پر ويڙهي، ٻاري پر وجهي ڇڏيائين. ڏينهن اهو ٿيو وري نہ رنو.

پيءُ تہ ڏئي نہ وڻندو هوس. پلا لڳن جو ڪهڙو نڪر هوس، جنهن تي پٽس جا پادر نہ وسيا هئا. وڏو ٿيو، تہ لٽ ڪٽي ڪنيائين. چي، "متان آيو آهين!" پٽس سمجهي ويو، وري نہ ڪڇيو. پين ماڻهن سان تہ ازلي وير هوس. پلا ڪير سائس چڱيان هليو هوا

اندر پر ڏڪار جون پريون؛ ساهہ ساهہ سان نفرت ڦوڪون ڏئي نڪرندي هيس. ماڻهن کي ماريندي، ڦريندي، چيچلائيندي، ڪجهہ خيال نہ ٿيو هوس. "سائس ڪو گهٽايو هئائون!" نفرت سان نمٽار؛ ڪيتري بہ ڪڍي، تہ بہ اوتري جي اوتري؛ نہ گهٽجي، نہ وڌي.
ڪيس هڪ ڪتو هو. گُلر ڪري پاليو هئائين. اهو مئو، تہ روئي ويٺو.

هڪ وار جهلجي پيو. گهلي آيس ٿاڻي تي. اچان ڪچو هو. ٻڏي ويو. چي، "الله سائين، هي پيرو ڇڏاءِ، تہ توبہ ڪيرا!" پر جڏهن ڪيس مرچ وڌائون ۽ سٽ پياريائون، تڏهن ٻپ لهي ويس. اهوئي هڪ پيرون هيٺ، اک چنجهي، پيو پرون مٿي.

پوءِ تہ ڪئين پيرا جهليو. لوڏوئي نہ اچيس. اک ڪٽيو نهاري، تہ ساهہ سڪيو وڃي. جهڙي تهڙي پوليس آفيسر جي ڇاتي نہ ٽئي، جو ڪجهہ چويس.

چڱي مڙس جي چوريءَ پر جهليو. پوليس تي بار پيا. چيائونس، "مال موٽاءِ". وٺي آيس گهر، پيٽس کي اگهاڙو ڪيائون. چي، "وار پنيس".

ڪيس مان ڇڻي نڪتو. پيٽ جي منهن نہ چڙهيو. چڱي مڙس کي ماريائين؛ اهي پوليس جا آفيسر ماريائين؛ روپوش ٿي ويو. ڪهڙو روپوش؟ اتيئي هو، پر پوليس کان ڏاڍو هو.

ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيائين. ماڻهو مئو، چڻ ڪتو مئو. جڏهن ماڻهن جي ڪڇين مان رت ليڙيون ڪري وهندو هو، جڏهن ڪپيل نڙگهٽ مان گرڙاٽ جا آواز نڪرندا هئا، جڏهن وڍيل رڳن مان رت ڇانون ڪري نڪرندو هو ۽ رت جي ڪپ پر چڙهيون هٿندا بل ڪائيندا هئا، تڏهين هو پيهي ڏسندو هو؛ هڪ پيرون هيٺ، پيو مٿي، ۽ اک چنجهي.

ڄڄون ڦريائين؛ گهوٽ ڪنوار مارياءِين؛ نوڙن جون ڏِگهيون ڪري ساڙيائين. ڄڃ ءَ کي ٻيهي ڏنائين. هڪڙو ٻيرون هيٺ، ٻيو مٿي، اک چنجهي.

هڪ دوست تي ڪاوڙيو. هٿي آنڊا ڪڍي رکيائينس. ٽڪر ٽڪر ڪري وڍيائينس. پوءِ ونئي ڪوڪون ڪيائين، اٺ پهر ماني نہ کاڌائين. موٽي اچي فاتحا پڙهيائينس. سُڄون هيٺ لڙڪي آيس. رت لڳل کهاڙي کٽي خون واريءَ جاءِ تي پوري ڇڏيائين. ڇڻ تہ پنهنجي ڏاڍ ۽ مستيءَ کي دفن ڪيائين ... ۽ پوءِ ...

جهلجي پيو، هڪ ڪيس نہ بيٺس. سؤڏهين ۾ ڏنائونس. اڙجي ويو. مٽيءَ جي ماني. سوبل ۾ رڌل دال. چرس ڀنگ جو واپار. ٻچي بازيءَ تي جهيڙا. سڀ ڀيٽ، قيدي توڙي ڪامورا. ڳار جي رئي. ڪُتي واري ڪار. هو ڳڏهہ وانگر وهندو رهيو. گهُٽبو هنيو، چپ چاپ، ڪنڌ هيٺ ڪيو پيو گهندو هو. ڏينهن ٿي ۽ چار گذريا. جيل ڪان ٻاهر، پٿر ڀڃيندي، هروڀرو، جمعدار صاحب ڏنڊيون وهائي ڪڍيس. هن ڪنڌ ڦيري، ٻيرون ڇڪي، ڏانهنس ڏٺو. جمعدار صاحب تي زهر چڙهي ويو. گارين جو ڏوڙيو لائي ڏنائين. چي، "ڏسين ڇا ٿو؟" هين جون ٻئي اکيون چنجهيون ٿي ويون. ڏند ڪرٽجي ويس. وٽي گجگوڙ ڪيائين. ٽپو ڏئي ڪڙڪي پيو. جمعدار جي ٻانهن ڪڍي وڌائين. هنگامو مچي ويو. قيدين جي ٻيکهي متي. سپاهين جون بندوقون ڇڏائجي ويون. هو ڀڄي ويو.

هن وڃي پنهنجي کهاڙي کوٽي ڪڍي. ڇتائي ان کي ڏنائين. ڇڻ تہ انساني مٽن جا گيها ٿي گهٽيائين. سندس واڇ ڇپي ٿي، نڪ گهنجيو ۽ اک چنجهي ٿي. ڏڪار مان مشڪيو. کهاڙيءَ کي مٿي ڪري چمي ڏنائين. سندس ڦر جي تک کي آڱوٺي سان جاچيائين.

نئين سر ڪوس شروع ٿي ويا. ستلن کي مارياءِين. ٻي ڏوهن کي ڪٺائين. گهر ساڙيائين. زائفن جا ٻارَ، ٻارن جو رودن، باهہ جون لاٽون — ڏسندو ڏسندو هليو ويندو. وري وري سُڙي ڏسندو. نہ خوشي نہ خار. اهائي اک چنجهي، واڇ لڙيل، ٻيرون هيٺ مٿي. ڀڇڪ ڪري ڪٽي ٽُڪ اڇليندو.

هڪ لڳا ڏينهن ڏئي جو ڌاڙو هنيائين. سڄي ڳوٺ کي ڪٽي مٽ ۾ ڪيائين. جو جيتي سو تتي؛ هيسيل ۽ چپ. هي ڳاٽ اوچو ڪيو، ٻيرون تاٺيو پٺي آيو ۽ ويو.

اڱڻ ۾ هلندي، پير هيٺان ڪو رانديڪڙو اچي ويس. اڍائين سالن جي ٻار، ماءُ جي ڪڇ تان دانهن ڪئي: "ڪينو حلامي!" هن سُڙي ڏٺو. ماءُ جهٽڪو ڏيئي، ٻار جي وات تي هٿ ڏنو. ڪٽي ڇاتيءَ سان چنبڙايائينس. ويچاريءَ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. ٻار کي اڃا بہ ڇاتيءَ سان سوگهو ڪيائين. اکيون کٽي هن ڏانهن نهاريائين. ڇا تہ هو ماءُ جي اکين ۾! هو پنڊ پاهڻ ٿي ويو. ٻار کي ڏنائين، ڀڳل رانديڪي کي ڏنائين، ماءُ جي ڀاڪر کي ڏنائين. ڪيئن تہ ٻارڙو، ماءُ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون ورايو، ٽيٽ هڻيو پيو هو. هو ڏسندو رهيو.

ڇين جا ڇڪيل پيرون، هوريان هوريان، سڌ ۾ اچي ويا. هن جهٽڪي ڏٻرل رانديڪو ڪنيو. ٽڪر ميڙي اڳتي وڌيو. وچي مائيءَ جي هٿن ۾ ڏنائين.

انهيءَ ئي ڏاڙي ۾ هو جهليو. سندس ڪي ساٿي ماريا، ڪي مٿس ٻاڪو ٿيا. مائيءَ شاهدي ڏني. ڏٻرل رانديڪو پيش ٿيو. ڪيس جنم ٽيپ آئي.

هو مات هو. صفا مات. سندس پيرون سڌ ۾ هئا. اکيون هڪ ڪرِيون هيس. ڇڻ تہ ٻري ٻري ٻئي ڏنائين. مائيءَ کي، ٻارڙي کي، سندن ٻاڪر کي... ۽ ٻاري ۾ ٻيل ڪُنڌڙي کي. سندس ڪنن ۾ آواز اچي رهيا هئا- "ڪينو... حلامي..."

ڪيس سنٽر جيل تي موڪليو ويو. لُولو جمعدار جيلر بنجي چڪو هو. هن ڪيس چوڪنيو ٻڌايو. ڪيس اڳهاڙو ڪرايو ۽ ڪيس ڏنڍي لنگهائي. هن کي اونڌو ڪري سنتر جي وڻ ۾ لڙڪايو ويو. صبح جو هو مري ويو. ڪيس لاٿو ويو. سندس ڏنڍي ڪڍي ويئي. رت وهي هليو. چيائون تہ سڙري هيس.

لُولي جيلر ڪيس ٺُڏو هنيو. چيائين، "بدمعاش!"

موهن ڪلپنا

ڦيرو

موهنا مل جي اسپننگ ڊپارٽمينٽ جي بدنامي ٻڌي، مون کي اُنهيءَ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪريءَ ملڻ جي ڪائي خوشي ڪانه ٿي. ”وسڪوز“، اُنسبت مان لنگهي، اُنسبت سان ملي، نقلي سلڪ جو ڌاڳو بڻجيو وڃي. هلڪي اٽسبت جو ڦڙو، جي هڪ اک ۾ پئجي وڃي، ته اک جلي پڻ ڇڻن ڏينهن ڪان پوءِ بيءَ اک سميت ڇڻ بي نُور ٿيو وڃي. وسڪوز ته لڳڻ سان ماس ۾ سوراخ ڪيو ڇڏي؛ بر وقت جيڪڏهن ان کي اٽسبت سان ڌوتو نه وڃي، ته ان جو داغ زندگي ڀر مٽجي نه سگهي.

ان ڊپارٽمينٽ ۾ ڪل اٺيهه شاهي مشينون هيون. هر مشين جا ٻه پاسا: الف ۽ بي. هر پاسي جا اٺ حصا. هر حصي ۾ هڪ موٽر. هڪ آدمي اٺ موٽرون سنڀالي. هر ڏهين منٽين ڪنهن نه ڪنهن مشين مان ڌاڳن جا ڊاف (Doffs) ڪڍيا ويندا آهن. ڪل اٺ ڪلاڪ ڪم. هر ڏهين منٽين ڊاف. هر هڪ کي ڪل ٽيهه ڊاف ڪڍڻا پوندا آهن. وچ وچ ۾، پنجن پنجن ڊافن ڪڍڻ کان پوءِ، ويهن منٽن جي ساهي. وچ ۾ ڪلاڪ روٽيءَ جي ڇوٽي. آرام جون ايتريون ڇوٽيون صرف ان ئي ڊپارٽمينٽ ۾ آهن. بليچنگ، ڪوننگ ۽ ريلنگ ڊپارٽمينٽن وارا اسپننگ ڊپارٽمينٽ جي انهن نڌين موڪلن تي رشڪ ڪائيندا آهن. اسپننگ ۾ هر هڪ کي پاءُ گرم ڦڪو کير به ڏنو ويندو آهي. ڇاڪاڻ جو چوڻ آهي ته اُنسبت هوا ۾ ملي، ماڻهوءَ جي جسم کي ڪمزور بڻائيندي آهي، ۽ اهو آهي به سچ. ڪم ڪرڻ سان ڪيسي ۾ پيل پئسا، قميص جي بريءَ ۾ پيل پيڙا يا پينون، ڪنڌ پاسيرو ٽجوڙين جي خانن ۾ لڳايل ڪلف ڪنجي ڪارا ٿيو وڃن، ۽ پوءِ جنهن ڳالهه سان لوهه، نڪل وغيره ڪنجي سگهي ٿو، ان سان انساني جسم به بگڙجي سگهندو آهي - ان ۾ تعجب لڳڻ نه گهرجي. پهرئين ڏينهن ڪم ڪرڻ بعد منهن مان پيئي گئس نڪرندي. اکين مان پاڻي وهڻ بند نه ڪندو. اکيون ڪليل هونديون به، اکين اڳيان اچا ڪارا بادل اچي ويندا، ۽ پوءِ دل ان ڀرم جي چڪر ۾ گرفتار ٿي ويندي ته نظر ڇاڻ ويئي، ڇاڻ ويئي، ڇاڻ ويئي! ۽ ان ’ڇاڻ ويئي‘ کي پڪڙي ڪيترائي نوان آدمي سوهنا مل کي بنا سلام ڪرڻ جي هليا ويندا آهن. ڀڳهار ڀهريان

ني مهنا نوي، ۽ پوءِ سو ڏهہ. پالين جو ڪم آهي. هڪ پالي صبح جو ستن ڪان ٽي. ٻي، ٽين ڪان ٻارهان. ٽين، رات جو ٻارهين ڪان صبح جا ست.

مون کي پهرين ٽي رات پالي ملي. پهرئين ڏينهن ٽي دماغ چڪر ڪائڻ ٿي لڳو. شروعات ۾ مشين مان فلمن جا گيت پڌڻ ۾ آيا، ۽ مان نوڪريءَ ملڻ جي خوشيءَ ۽ گيتن جي ڌن ۽ مستيءَ ۾، آهستي هلندڙ موٽر کي، هٿ سان غلط نموني ٻيهارڻ جي ڪوشش سبب، هٿ جي آڱوٺي کي وڏي ويهي رهيس. مشين جي موٽر ۾ ڊاف ٽهندو آهي. موٽر مٿان فوني جي رڪارڊ وانگر گول ڊڪ، ۽ ان جي مٿان رٻڙ جو چلو هوندو آهي. مون ان چلي جي مٿان هٿ رکيو، آڱوٺو چيرجي ويو! هٿ ۾ پيل ٽئون دستانو ڦاٽي پيو. مون کان هلڪي چيخ نڪري ويئي.

”ڇا ٿيو؟“ پاسي ۾ بيٺل، اُستاد مزور پڇيو.

”آڱوٺو چيرجي ويو“، مون بيحد پيڙا وچان چيو.

هن منهنجي هٿ مان رٻڙ جو دستانو لاهي، چير ڏسندي، همدرديءَ جو اظهار ڪندي چيو، ”ڇا ڏاڍو سور ٿو ٿيئي؟ گهبراءِ نہ، زخم هلڪو آهي. ڀر پائي ڪم سنڀالي ڪر؛ هتي آڱريون ٻنهہ ڪنجي بہ ويندي آهن!“ پوءِ هن مون کي موٽر ٻيهارڻ جو صحيح نمونو ڏيکاريو، ۽ پوءِ زخم کي دوا لڳائڻ ۽ نئين دستاني آڻڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏنائين.

مشين مان فلمن جا گيت، مون وري نہ ٻڌا. دل سست ۽ اُداس ٿي ويئي. نوڪري ملڻ جي خوشي، نہ معلوم، ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي. ڇهن سالن جي منحوس بيڪاريءَ بعد بہ جي نوڪري ملي هئي، تہ اِها. پدما چيو هو: ’مزورن وانگر ڪم ڪجي ۽ فيلسوفن وانگر سوچجي‘: ۽ مون چيو: ’ٺيڪ آهي. هاڻي مزور ٿي ڪم ڪبو ۽ فيلسوف ٿي سوچبو.‘ ۽ رات مون سوچيو: ’ڪنهن ڏينهن انهن گول مول موٽرن جي چڪر ۾ اچي، مري وڃان تہ؟- منهنجي اکين ۾ آئسڊ يا وڪوز پئجي وڃي تہ؟‘

۽ اِن ’تہ‘ کي خيال ۾ رکي، ساهيءَ مهل، وچي ڊاف گائيڊ، نظام الدين صاحب، جي سامهون بيٺس. هر پاليءَ لاءِ صرف ٻہ ڊاف گائيڊس (سونهان) هوندا آهن.

”هڪ ڳالهہ ٻڌندا؟“

”چئو“.

”هن مل ۾ ڪم ڪندي، مان جيڪڏهن مري وڃان تہ؟“

”تہ، ڇا؟“

”هڪ ڏينهن لاءِ هيءَ مل بند ڪانہ ٿيندي؟“

هن زور سان هڪ ٽهڪ ڏنو ۽ کلندي چيو، ”تون ڇا، جيڪڏهن مان مري وڃان، تڏهن بہ هيءَ مل بند ڪانہ ٿيندي.“

هاڻ، مون به زوردار ٽهڪ ڏنو.

"ڇو، تون ڪلين ڇو ٿو؟"

"ان ڪري جو مالڪ جي نظر ۾ ننڍو مزور يا وڏو مزور، ننڍون مزور يا جهونو مزور ڳالهه ساڳي آهي: ۽ پيو ته ڪم ڪندي، جي ڪو مزور مري به وڃي، تڏهن به مالڪ جي اڳيان ان جي ڪا معنيٰ ڪانهي"

"هن مل جو مالڪ هڪ نه، انيڪ مالڪ آهن پائي!"

"۽ ڪنهن ڏينهن، جيڪڏهن بنا ڪم ڪرڻ جي به، انهن مان ڪو هڪ مري وڃي، ته پوءِ به ڇا هيءَ مل بند ڪانه ٿيندي؟"

هو ناراض ٿي ويو. چيائين، "وڃ وڃ! وڃي پنهنجو ڪم ڪر، مٿو نه کاءُ!"

ان بعد هو مون ڏانهن تيز نگاهن سان نهاريندو هو. ڪنهن ڪو سنڌين جي هلڪي موني ننڊا ڪندو هو، نظام صاحب مُرڪي ڏيندو هو. اِها مرڪ منهنجي دل دماغ ۽ ذهن تي زهر جو اثر ڪندي هئي. ساهيءَ مهل، جي موڻ ۾ صرف هڪ منٽ ئي دير ڪندو هوس ته پيشانيءَ ۾ ريڪائون ٿاهي، چپن ۽ اکين ۾ اچاتري شوخي پيدا ڪري، چوندو هو: "ڇو پائي، پنهنجو راڄ ٿي ويو آهي ڇا؟ ڪوئي چوڻ وارو ڪونهي، ڪيئن؟ اڄ توکي ۾ نائيلون صفا ڪرڻيون آهن - سمجهيئي؟"

مان اِئين ئي سمجهندو هوس ته هو سنڌين کي مل ۾ ڏسي جلي ٿو. مان سنڌي آهيان، ان ڪري مشين جون نائيلون صفا ڪرڻ لاءِ چوي ٿو، جنهن ۾ وسڪوز، ائسڊ سان ملي ڇڻ پٽر ٿيو وڃي. اهڙيون نائيلون مشين جي پنهي پاسن کان ٿينديون آهن. نائيلون پوريءَ طرح صفا نه ڪرڻ جي حالت ۾ چوندو هو، "سوڪل مهل خوب گهمين ٿو - ۽ ڪم مهل؟ مان تنهنجو ساهيءَ تي وڃڻ بند ڪري ڇڏيندس. پنهنجون نائيلون تون نه صفا ڪندين، تڏهن ڇامان ڪندس؟ منهنجو پيءُ ڪندو؟" مون جاچ ڪري ڏٺو ته پين سنڌين کي، صفا ڪرڻ لاءِ ايتريون خراب نائيلون نه ملنديون هيون، جيتريون مون کي. مان دل ئي دل ۾ چوندو هوس: پين سنڌين کي گهٽ خراب نائيلون ڏيئي، اِهو ظاهر ڪرڻ جو ناٽڪ نه ڪر ته تون سنڌين کي تعداد ۾ ٿورائيءَ وارا ڏسي، انهن مٿان رعب رکڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ پيڙيندو نه آهين. مون توکي تنهنجي اصلوڪي روپ ۾ ڄاتو آهي. تون مون کي بلڪل ئي تنگ ڪرين ٿو - ان ڪري، جو مان تنهنجي ڪلڻ تي، تنهنجي همدردي ۽ دلچسپي هٿ ڪرڻ لاءِ، پين انيڪ مزورن جيان بنا سبب ڏندڙيڙ ۽ چاپلوسي نٿو ڪريان. تون جهونو آهين؛ ڄاڻان ٿو. ڪم ڄاڻين ٿو، اِهو به ڄاڻان ٿو. ڪم ڪندڙن جي مٿان آهين، اِهو به. پر ان جي معنيٰ اِها ڪانهي ته تون جي چاهين، ته ڪنهن جو ساهه منجهائي سگهين ٿو!

ان ڏينهن شام جو هو به ڪل پوڳ جي مزاج ۾ هو. ڪنٽين ۾ ڏينهن جي ماني ڪائي ختم ڪئي هئيسين. ڪل ڏهه ٻارهن مزور هئاسين. ان وقت چانهه ۽ سگريٽ جو دور هلي

رهيو هو. پيو سنڌي صرف هڪ هو، جو منهنجي پاسي ۾ ويٺو هو. نظام صاحب مون ڏانهن منهن ڪري مرڪندي چيو، "ڪيئن ڀائي نرمل، مل ۾ ڪيترا ڏينهن رهندين؟"

سيٺي جواب ڏيڻ لاءِ چپ چاپ منهنجي منهن ۾ اکيون کپايون. مون جواب ڳوليو، پر نه مليو. مون جواب ڏيڻ لاءِ، ويساهيءَ جو احساس خيال ۾ رکي، سوال ڪيو: "ڇا؟"

هن پنهنجو سوال دهرايو، ايتري ۾ مون جواب سوچي، مشڪي هن جي منهن تي ڦهڪائي ڏنو:

"تون هن دنيا ۾ گهٽا ڏينهن رهندين؟"

"اِهو مان چئي نٿو سگهان."

"اِهو مان به چئي نٿو سگهان."

"ڇا؟"

"تون هن دنيا ۾ گهٽا ڏينهن رهندين، اِهو تون چئي نٿو سگهين؛ مان هن مل ۾ گهٽا ڏينهن رهندس، اهو مان چئي نٿو سگهان."

سيٺي ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. پنهنجي جيت تي خوش ٿي، پر ۾ ويٺل سنڌيءَ کي چيم، "هري، اڄ گولڊ فليڪ ڇڪڻ تي دل آهي!"

هري مشڪي ڪائونٽر ڏانهن وڌي ويو.

مرجهائجي ويل نظام صاحب، ڪجهه سوچي، وري ٺونڊي چيو، "مان هن دنيا ۾ ڪيترو وقت رهان، اهو خدا تي ڇڏيل آهي؛ تون هن مل ۾ ڪيترو وقت رهين، اهو آهي تو تي ڇڏيل."

"نه، اهو تو تي ڇڏيل آهي!" ائين چئي، مون هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو.

سيٺي خوب کليو ۽ مون اِن کل ۾، پاڻ کي جهومندو محسوس ڪيو.

"تون منهنجو مطلب نٿو سمجهين،" هن چيو، "ڪيترائي سنڌي، ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليا ويندا آهن، تڏهن پڇيم."

هري گولڊ فليڪ اتان ئي دڪاني، سوٽا هڻندو اچي پاسي ۾ ويٺو. مون ڪانئس سگريٽ وٺي، ڪش پريندي، ايمان وچان مسڪرائيندي چيو، "سنڌي صرف ان ڪري ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليا ويندا آهن، جو انهن کي بهتر ڪم ملي ويندو آهي- ڪم نه ڪري سگهڻ جو ته سوال ئي ڪونه ٿو اٿي. تون ئي ٻڌاءِ، توکي جي ڪو بهتر ڪم ملي وڃي، ته تون ڇا هيءَ ڪم ڇڏي نه ڏين؟ ائين آهي ته اسپننگ جو ڪم تنگ ڪندڙ آهي، ان هوندي به ڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ هن مزوريءَ کي 'نيچ ڪم' چيو هوندو، ائين تون به چئي نه سگهندين. جيڪي هن ڪم مان تنگ ٿيندي به ان کي ڏٽا ڇڏين، اهو ثابت ٿو ڪري ته انهن کي بهتر ڪم ته ڇا، پر هن ڪم جي پگهار جهڙو ڪم به ڪٿي نٿو ملي. حقيقت ۾ هن مِل ۾ ايندائي آهي هوندا، جن کي بهتر ڪم نه ملندو هوندو. توهان ڇا ائين ٿا سمجهو ته بهتر ڪم ملڻ سان مان هيءَ مل ڇڏي نه ويندس؟ توهين سنڌين کي بدنام ڪريو ٿا، ليڪن سنڌين جي اصليت نٿا ڄاڻو."

هو چپ ٿي ويو، ۽ مون ائين سمجهيو، نظار صاحب هاڻ محسوس ڪرڻ لڳو هوندو، ته سنڌي به ڪا چيز ٿيندا آهن، ۽ اهي ڪنهن جو دم به منجهائي سگهندا آهن.

ان واقعي بعد، اسان ٻنهين جي وچ ۾ هفتو ڏيڍ ڪوئي وارتالاپ نه ٿيو. ڪڏهن ڪڏهن هو مون ڏانهن، اهڙيءَ نظر سان نهاريندو هو، ڄڻ مان هن تي ڪو وڏو ظلم ڪري رهيو هوس. هو بنا ٻڙڪ ٻولڻ جي اندرئي اندر ۾ پڙڇي رهيو هو- شايد ڪو پنهنجائپ جو رشتو ناتو هو ۽ هن بغاوت ڪرڻ نٿي چاهي. مون سمجهيو ته هو منهنجي همدردي ۽ دلچسپي هٿ ڪرڻ لاءِ اکين ۾ شڪايت جو رنگ ڀري، ڪنهن اڻ ڄاتل مظلوميت جو ڍونگ ڪري ٿو. پر هڪ سوال جو جواب ڳوليندي به پائي نه سگهيس، ته هن کي ڀلا ڪنهن جي همدرديءَ ۽ دلچسپيءَ جي ضرورت به ڪهڙي هئي. مان ڪو مل جو مالڪ يا مئنيجر، يا ڊپارٽمينٽ جو ڪوئي اِنچارج ڪونه هوس، جو ان لاءِ هو ڪنهن سوارٿ جو ناٽڪ رچي. مان ته هڪ رواجي ڪمي هوس.

ڏهين تاريخ، ويهن ڏينهن جو سٺ رپيا پگهار مليو. مان زندگيءَ جو پهريون پگهار پائي، ٺهڪ پيو ڏيان. انهن رپين ۾ منهنجو خون پسينو ۽ نه معلوم ڪيترن اڌورن خوابن ۽ ڪلپنائن جي پورنتا ۽ رنگينين جون حسرتون هيون. مٺي ۾ سور جو بهانو ڪري، اڌ ڏينهن ڪٽ پگهار سان سوڪل ورتي هيم. هڪ ٻئي سنڌيءَ به موڪل ورتي هئي. هن جون اکيون خراب ٿي ويون هيون. نظر ڪمزور ٿي ويئي هيس. ٻئي ڏينهن موڪل هيس، ۽ هي ٻيو ڏينهن وري پاڻ موڪل ورتي هئائين. هٿ ۾ چاليهه رپيا ۽ ڪجهه آنا هئس. مون ويئي نوٽ ڳڻيا. نظار صاحب، اسان ٻنهي جي نزديڪ آيو. مان مُنهن ڦيري، نوٽ ٻٽوئين ۾، ۽ ٻٽوئون سوٽ جي پوئين کيسي ۾ وجهي، ٻڌڻ پائي، سيٽي وڄائڻ لڳس.

نظار صاحب هن سنڌيءَ کي چوڻ لڳو، "پائي تون به آهين نئون، پگهار وٺي ٻاهر وڃين ٿو، مگر هڪ ڳالهه جو خيال رکج: اَج ٻاهر خوب کيل هوندا- ڪهڙا کيل هوندا، سمجهين ٿو؟ - 'چارسو بيسيءَ' جا. مان جڏهن نئون آيو هوس، تڏهن مان به ٺڳجي ويو هوس."

مون پويان مڙي، نظار صاحب ڏانهن نهاريو.

"ڪهڙي چار سو بيسي؟" سنڌيءَ رومال سان اکيون اگهندي چيو.

"چڱو ٻڌ! پهرين مان توکي اها ڳالهه ٻڌائيندس، جا مون سان ٿي گذري هئي. اَج کان پنج سال اڳي، مان جڏهن پهريون پگهار وٺي، مل کان ٻاهر نڪتس، تڏهن پنهنجي پاسي کان ٽن ڄڻن کي بحث ڪندو ڏٺم.

"هڪ ڄڻي زور سان چيو، 'مان چوان ٿو، عورت وڏي'.
"ٻئي ڄڻي چيو، 'مان چوان ٿو، جوا وڏي'.
"ٽئين ڄڻي چيو، 'مان چوان ٿو، شراب وڏو'.

"پھرئين چيو، 'بس، خبر پئجي ويندي. بابو جي پڙهيل ڳڙهيل آدمي ٿو ڏسجي. پر بابوجي ٿي ٻڌائي!'

"پوءِ هو منهنجي نزديڪ آيا. پھرئين آدميءَ پڇيو، 'بابوجي، ٻڌايو، دنيا ۾ عورت وڏي چيز آهي، ڪين جوا يا شراب!'

"مون چيو، 'ڀائي شراب ته مان پيان ڪو نہ. جوا کان بہ پري رهندو آهيان. شادي شده شريف آدمي آهيان. شريف آدميءَ لاءِ عورت ئي هڪ وڏي چيز آهي.'

"جوا واري چيو، 'بابوجي! زندگي خود جوا جو کيل آهي. جو زندگيءَ ۾ جوا نٿو ڪري، سمجھو ته زندگيءَ سان چرچا ٿو ڪري.'

"شراب واري چيو، 'وچ وچ! زندگي جوا جو کيل نہ، ليڪن هڪ نشو آهي. ڪيئن بابوجي، ٺيڪ آهي نہ! زندگي نشو آهي نہ؟ آلبت نشي ۾ جوا جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. تنهنڪري دنيا ۾ پھرين نشو وڏو ۽ پوءِ جوا!'

"عورت پرست چيو، 'بلڪل سچي ڳالھ آهي: پھرين نشو پوءِ جوا. ليڪن دنيا ۾ سچو نشو آهي؟ عورت! ڪيئن بابوجي، مون ڪي ٻڌايو، مان ٺيڪ ٿو چوان نہ؟ عورت هڪ نشو آهي نہ! آها! آغوش ۾ عورت هجي، عورت جي. ڪاٻي ٻانهن منهنجي گلي ۾ هجي، ساڄي هٿ ۾ جام محبت هجيس، پوءِ پر ڪوئي آچي مون سان سڄي رات جوا ڪري.'

"پوءِ ٺهڪ ڏيئي دوستن ڪي چيائين، 'بابوجيءَ ته اڃا صرف پنهنجي زال سان پيار ڪيو آهي. پنهنجي زال ڪڏهن بہ ڪولي پيار نہ ڪندي آهي: چو ته اُن ڪي باقي زندگيءَ جو بہ خيال رهندو آهي. سڀ هڪ وقت ڏيڻ سان هن وٽ مٿي رهندوئي ڇا؟ هڪ ٻي بہ ڳالھ آهي. پنهنجي زال، پنهنجي هٿڻ ڪري جلدي شرمائجي بہ ويندي آهي، ليڪن بازاري عورت...... جنهنجي هٿ ۾ جام محبت هجي، جنت جو تصور بہ پوءِ ڪو معلوم ٿئي!'

"۽ پوءِ مون ڇا ڪيو، اهو نہ ٻڌائڻ ٿي ضروري آهي. آڌي رات جو جڏهن گھر موٽيس، تڏهن خوب نشي ۾ هوس. سڀ ڪيسا خالي هئا. دل دماغ ۾ پتا، بوتلون ۽ هوءَ 'چم چم ٻائيي' ڦري رهي هئي!"

ٽورو روڪجي چيائين، "سڀ ماڻهوءَ ڪي ڇا ڇا نہ ڪرڻ ڪيي، اهو ته سڀ ٿي ڄاڻن ٿا، ليڪن اُن تي هلي ڪير ٿو؟ اسين مزور آهيون. اسان ڪي ڪو سٺو سمجھي يا نہ، پر اسان ڪي انهن چيزن کان دور رهڻو آهي- نہ ان ڪري تہ جيئن اسين سٺا بنجون، پر ان ڪري جو انهن جي استعمال ڪرڻ سان، زماني جي بار کان چھو تي ويل پئيءَ جو ڪنڊو مرگھوٽي پچائڻو پوندوسون. دنيا ۾ ڪجھ ڪرڻو آهي. شراب، جوا ۽ بازاري عورت، اسان جي ڪشمڪش جي آڏو ايندڙ پٿر آهن."

مان ٻڌتر ۾ پئجي ويس ته مان ان ڪي هن جو ڊونگ سمجھان يا هن جي مهاتا. ڪو نيصلو ڪري نہ سگھيس، ۽ پوءِ پدما جي ياد ايندي مشڪي ڏنم. مان سوچڻ لڳس،

"هڪ مزور جي ناتي، دنيا ۾ مون کي ڇا ڪرڻو آهي، اهو مان نٿو ڄاڻان. ليڪن شراب، جوا ۽ بازاري عورت، انهن جو منهنجي ڪنهن بہ جذبي سان ڪو واسطو ڪونهي، ۽ اهي 'چارسو بيس' مون کي ڇا بنائي سگهندا. مان انهن چارن ۾ ڦاسڻ وارو ڪونہ آهيان. پدما جو پريم-پسند مون کي انهن ۾ ڦاسڻ نہ ڏيندو. منهنجي هن پگهار مان، پاپيءَ معرفت، وشنو ڀڳوان جي مورتيءَ تي پنجين آني جون ريوڙيون چڙهيون آهن. ٽن ننڍين ڀينرن کي لال ربينون، لال شيشي جون چوڙيون ۽ لال نيل-پالش جي شيشي ملڻي آهي. ننڍي ڀاءُ کي تہ صرف هڪ ست-ڪلو بال کپي. ۽ پنهنجي بيڪار دوست سوهن کي...... پنجين پئسي وارو ليڊي لَو چروٽ، ٻہ چانچ جا گلاس ۽ پنجين آني ۾ ريجينٽ ٽاڪيز ۾ هلندڙ بلمراءِ جي طنز ڀري فلم 'نوڪري'. ۽ پدما کي...؟ پدما چيو هو: "مان ڇا مٺائي کائي ڪنديس؟ اسڪولي ڏينهن ۾ هڪ دفعي مٺو پان آڇيو هيئي. بس، پگهار تي هڪ پان کڻي ڪارائج!" مون چيو: 'نہ نہ، ائين ڪيئن، توکي ڪلياڻ مان گلن جو ويڻيون آڻي ڏيندس. ۽ هڪ عاج جو نيڪليس' ... هوءَ شرمائجي ويئي، ۽ مان سيٽيون وڄائيندو مل ڏانهن هليو آيو هوس. جتان آيو آهيان، اوڏانهن ئي ويندس؛ ان ڪري جوارين، شرابين، چارسو بيسين ڏانهن نہ وڃي، سڌو گهرئي ويندس.

مان ٻاهر ويس، مون کي تہ ڪنهن بہ ڪونہ ورايو. البت هڪ آدميءَ جو ٻئي آدميءَ کي ائين چوندو ٻڌم، "اڄ ڪلهہ سونهن بلڪل سستي آهي، ڪپئي تہ......" مگر مون اک کڻي اوڏانهن نهاريو بہ ڪونہ. اِن ڳالهہ کي خيال ۾ رکي، نظام صاحب جي ڳالهين تي سوچيم، 'ائين بہ نہ'. منهنجي دل دماغ جي ذهن ۾ ريوڙيون، لال ربينون، لال چوڙيون، لال نيل پالش، ست ڪلو بال، ليڊي لَو چروٽ، چانچ، مٺائي، پان، ويڻيون، نيڪليس، بلمراءِ جي 'نوڪري' ۽ نہ معلوم ڇا ڇا ڦري رهيو هو. ڇئي چڪو آهيان، اڄ، جو ڪجهہ مون کي مليو هو، ان ۾ منهنجو خون پسينو، انيڪ اڌورن خوابن جي پورنتا ۽ ڪلپنائن جي رنگينين جون حسرتون هيون.

هفتو ڏيڍ گذريو.

وري هڪ ڏينهن ڪئنٽين ۾ سنڌين جي ڳالهہ نڪتي. هڪڙو مهاشيہ غصي ۾ اچي، ائين بہ چوڻ لڳو تہ سنڌي مزور ٽيڻ جي لائق بہ نہ آهن. انهن کي کپي تہ نوڪريون ڪن، چيڪريون ڪن، گاڏيءَ ۾ ڦوٽا وڪڻن، مگر مل ۾ مزوري نہ ڪن. ڇو؟ ڇو تہ هو عيش پسند آهن. هڪ هڪ راجڪپور ۽ دليپ ڪمار آهي. ڪپڙا ڏسو، وارن جي بناوت ڏسو، خرچ ڏسو، لچڪيلو بدن ڏسو، پاڻ کي ڪنهن راجڪمار کان گهٽ سمجهن بہ ڪونہ پهرين تہ ملين ۾ اچن ڪونہ، اچن تہ رهن ڪونہ، وڃن تہ موڪلائين ڪونہ!"

مان چپ هوس. ڇا چوان! اڃان بہ ڪيترا سنڌي اهڙا مل ۾ هئا، جي ان پليءَ مانس کان بہ جهونا هئا، ۽ ڇا سيني کي خبر هئي. نظام صاحب سون ڏانهن نهاري مشڪي ڏنو.

۽ مون، موٽ ۾، ڪيسي مان ڦوٽو ڪڍي، وارن ۾ ڦل ڦل ٺاهي، سوٽ جا پانچا مٿي ڪري ڇڏيا، ۽ پوءِ سيٽي وڄائيندو، "آواره هون ـ آواره هون" ڳائيندو ڪئنٽين کان ٻاهر نڪري ويس.

ٻاهر هڪ آدمي، چاڪ جو هڪڙو ٽڪرو هٿ ۾ نچائيندو، هڪ ٻئي مزور کي چوندو آيو، "سنڌي ته هر جڳهه آهن؛ ڪٿي نه آهن؟ ليڪن بري عادت آهي انهن ۾. هو پاڻ کان وڏيڪ ڪنهن کي سمجهن ئي ڪو نه، اها وڏائي الائي ڇو اٿن! هتي ئي ڏس، پاڻ ۾ ئي پيا ڳڙجندا مسجندا، ڪلندا ٽهڪ ڏيندا، پر اسان طرف اک کڻي نهاريندا به ڪو نه!" اوچتو هٿ مان چاڪ ڇڏائي ويس. هن چاڪ کنيو ڪو نه، ويندو رهيو. مون ڀڳل چاڪ جو ٽڪرو کنيو، خيال آيم، ته ڀت تي لکي ڇڏيان: "سنڌي زنده باد!" پر پوءِ خيال آيم، هتي آفيس جي ڀت تي لکڻ ٺيڪ نه ٿيندو. ڪئنٽين ٺيڪ ٿيندي. پر ڪئنٽين ۾ لکي ڪيئن سگهبو؟ هيترا ماڻهو جو هوندا. باٿ روم ٺيڪ ٿيندي. ها، ها، باٿ روم ٺيڪ ٿيندي. مان سڌو شاهي باٿ روم ۾ هليو ويس. ڪوئي هو ڪو نه، مون تڪڙ ۾ وڏن اکرن ۾ لکيو. "سنڌي زنده باد!" پر دل کي تسڪين نه ملي. مون اِن کي ڊاٺو ۽ لکيم، "سنڌي مزور زنده باد!" پر اِن مان به تسڪين نه ملي. صرف سنڌي ڇو زنده باد؟ مون ان کي به ڊاٺو ۽ پوءِ وري اُن لال ڀت تي لکيم، "سنڌي مرهٽا مزور زنده باد!" اچانڪ ڪنهن جي اچڻ جي آهٽ آئي. نه معلوم ڇو مان گهٻرائجي ويس. مون يڪدم اُن کي ڊاهي ڇڏيو، ۽ پوءِ پاڻيءَ جي نلڪي ڏانهن وڌيس. قدم کنيم مس، جو نظام صاحب تي نظر پيئي. مان هڪو ٻڪو ٿي ويس. منهنجي هٿ ۾ چاڪ هو. پڇيائين، "ڇا لکي رهيو هئين؟"

مون ڪو به جواب نه ڏنو.

"ڪنهن جي تصوير ڪڍي رهيو هئين؟"

"مان چترڪار ڪو نه آهيان."

"تڏهن ڇا پنهنجو نالو لکي رهيو هئين؟"

"مون کي پنهنجي نالي لکڻ جو شوق ڪونهي."

"تڏهن ڇا لکي رهيو هئين؟"

مون ٿوري غصي ۾ چيو، "نظام صاحب، هيءَ اسپننگ ڊپارٽمينٽ ڪانهي، جو مان پاڻ کي هر سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ٻڌل رکان. توهان ڪئي ائين سمجهو ته مان توهان جي نالي سان، توهان جي ئي تصوير ڪڍي رهيو هوس!"

"تون ڇا مون کي برو آدمي ٿو سمجهين!" هن اهي لفظ بيحد ڏک ڀرتي جذبي سان چيا.

مون چيو، "جنهن سان منهنجو ڪوئي واسطو نه هوندو آهي، ان لاءِ برو ڀلو سوچڻ سمجهڻ منهنجي فطرت نه آهي."

"تنهنجو ڇا مون سان ڪوئي واسطو ڪونهي؟"

«تون منهنجو ڀين ڪير- توسان منهنجو واسطو هجي به ڇو؟»
«ته ڪڏهن ڪڏهن مان تولاءِ 'توهان' نه، 'تون' آهيان- خوب خوب!»
مان عجب ۾ پئجي ويس.
«هڪ ڀنڊن- هڪ ديوار تو ٽوڙي ڇڏي دوست.»
مون خفي ٿي چيو، «تون مٿو ڇو ٿو کائين؟ توکي‌اهو ڄاڻو هو نه، ته مون پٽ تي ڇا ٿي لکيو؟ اڃ وٺ، ڪن کولي ٻڌ! مون هن پٽ تي لکڻ ٿي چاهيو ته 'سنڌي مرهٽا مزور زنده باد'- چاهيو ڇا ٿي، لکيم به!»
«پوءِ ڊائي ڇو؟»
مان ڪوبه جواب ڏئي نه سگهيس.
«اِهو ته هڪ سٺو نعرو آهي. سنڌين ۽ مرهٽن جي ٻڌيءَ جو نعرو آهي. مزور ٻڌيءَ ۾ هجن، دنيا ۾ ان کان وڌيڪ دلچسپ ڳالهه ٻي ٿي به ڪهڙي سگهي ٿي! پر، دوست، ڇا صرف سنڌي مرهٽا مزور زنده باد؟ ٻيا نه؟ ڇا صرف سنڌي ۽ مرهٽائي مزور ٿيندا آهن؟ مان هڪ ڳالهه چوان دوست، آسين خود کي ڪٿي ڇا به سمجهون، پر جتي مزورن جو سوال آهي، آسين سڀ هڪ آهيون. اُتي اسان جو ڪوئي ڌرم، ڪوئي مذهب، ڪائي ذات نه هوندي. مشين ۾ هٿ پئجي وڃڻ سان، مشين اهو ڪانه پڇندي، «سنڌي آهين يا مرهٽو آهين- هندو آهين يا مسلمان آهين؟» مزور جيڪو به هوندو، مشين هٿ ڪٽي ڦٽي ڪنديس، ۽ هي سرمائيدار آهڙين مشينن جا اِنساني روپ آهن. مشين ۽ سرمائيدارن لاءِ اسين صرف مزور آهيون، ۽ مزور رهي ٿي اِنهن کي منهن ڏيڻو آهي. ڪنهن رواجي ڳالهه تي، جي توکي مل مان ڪڍي ڇڏين، آسين اِئين ڇپ رهڻ وارا ڪونه آهيون: «جاني دو-سنڌي آهي.» آسين تو لاءِ لڙنداسين. ڇو ته اسين سڀ هڪ آهيون. اسين پاڻ لاءِ لڙنداسين ۽ لڙڻ ئي گهرجي. اسين جي نه لڙنداسين، ته هي اسان جو خون به پي ويندا- جيئن پيئندا رهيا آهن. ته دوست، اسان کي پنهنجي خون لاءِ، اِنهن ويڇن، ڀيدن، تفاوتن، ونجوڳن، ڏڦيڙن سڀني کي پنهنجي دل دماغ ۽ زندگيءَ جي هرهنڌ سنڌ مان ڪڍڻو پوندو!»
مان چپ چاپ هن جو منهن تڪيندو رهيس.
هو هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ گينديءَ ڏانهن وڌيو.
۽ مون ماٺ ماٺ ۾ لال پٽ تي لکي ڇڏيو-
«اسين مزور زنده باد! اسين سڀ پورهيت زنده باد!»

جگديش ايس. لڇاڻي

لڙڪن جي لڙي

موهن اچي ڪري، گويا شيلوءَ جي ڪنب-رُوپي ڏيئي جي جهڪي ٽمندڙ روشنيءَ کي هڪ دفعو وري روشن ڪيو. ڪيترا سبب هئا جنهن ڪري شيلوءَ اڃان ماءُ بڻجڻ نه ٿي چاهيو...... ان ڪري نه ته هن کي شاديءَ ڪئي فقط ٻه سال ٿيا هئا، ۽ نه ان ڪري ته ماءُ بڻجڻ وقت گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه وقت لاءِ هن کي ماستري ڇڏڻي ٿي پئي- پر........ ڪهڙو فائدو هاڻي اِنهيءَ سڀ سوچڻ مان؟ هاڻي اچي ڪري، موهن گويا هن جي جيون جي ڌارا کي ئي اُلٽي ڇڏيو.........

جڏهن موهن ڄائو، تڏهن شيلوءَ ٽڪ ٽڪي لڳائي ان ڏانهن نهاريو... گويا هوءَ ائين سوچي رهي هئي ته کيس پيار ڏئي يا نفرت! پر نه معلوم سندس هردي جي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ لڪل ماءُ جي پيار اچي ڪري ان جي آشنڪا جي پل ٽوڙي ان ۾ اهڙو ته جوش پيدا ڪيو، جو هن هرهر موهن کي چمي ڪري پنهنجي ڇاتيءَ سان ڀٽي لڳايو. هن جي اکين مان لڙڪن جو لڙيون وهڻ لڳيون. پر هن جي انهيءَ ڀاونا گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪيو. اڪثر جڏهن هوءَ آن جي ۽ پنهنجي مستقبل جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪندي هئي، ته هن کي موهن تي ڏاڍو غصو ايندو هو. پر جڏهن موهن کلندو، کڏندو هن جي سامهون ايندو هو، ته هڪ ئي نظر سان سندس سڄي نفرت ۽ غصو ڪافور ٿي ويندو هو.

جيئن جيئن موهن وڏو ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن هن شيلوءَ لاءِ ئي نه، پر سڄي پاڙي لاءِ مصيبت کڙي ڪري ڇڏي; پاڙي جا ٻار ته ڪانئس ڊڄندا هئا، پر انهن جا مائٽ به کيس ڪجهه چئي نه سگهندا هئا.........

هڪ دفعي هڪ پڊي پنهنجي پلاند ۾ شيشي جا ٽڪر کڻي آئي، ۽ اهي شيلوءَ کي ڏيکاريندي چيائين، "ڏس ڏيءَ! هي گلاس مون اڃان ڪلهه ئي ته بزار مان گهرايو هو، ۽ تنهنجي لاڏلي هينئر ئي هن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو!" پڊيءَ جي پويان ايندي ئي موهن ورائيو، "ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه، امان! پاڻ ئي ته چيائين ته هيءُ 'نه ڀڄڻ وارو ڪانچ' آهي! پوءِ مون آزمايو، ته ڀڄي پيو! هاڻي تون ئي ٻڌاءِ امان، ته هوءَ ڪوڙو ڪانچ وٺي ئي ڇو آئي؟" شيلوءَ دل ئي دل ۾ مشڪيو، ۽ پاڙي واريءَ کي ٻئي گلاس آڻي ڏيڻ جو آٿت ڏيئي، روانو ڪيو.

ٻڌيءَ ڪي وٺي اڃان پنج منٽ به نه ٿيا هئا، ته آلن ڪپڙن سميت اندر اچي هڪ نوجوان دوشيزه چيو، "ڏس مائي! تنهنجي سپوت منهنجو دلو ڀڃي وڌو. چئني رهيو هو ته 'جڏهن سڀني جڳهن تي پاڻيءَ جا پائيپ پيا وهن، ته پوءِ هيءَ بيوقوفي ڇا لاءِ؟'"
شيلوءَ آيل دوشيزه کان معافي ورتي، ۽ دلي جا پئسا ڏنئي. هن کي جلدي گهر پهچي، ڪپڙن بدلائڻ لاءِ وينتي ڪئي.

هن جي وڃڻ کان پوءِ، شيلو سوهن جي اوسيڙي ۾ دروازي ڏانهن نهاري رهي هئي، ته ايتري ۾ هڪ اڌڙوٽ عورت پاڻ سان گڏ ڇئن پنجن سالن جي ٻار کي وٺي اندر داخل ٿي. ٻار جا سڀ ڪپڙا آلا هئا. اندر اچي هن پنهنجا ڳوڙها اگهندي چيو، "ڏس ڀيڻ! پنهنجي پٽ جا لڇڻ! هن ويچاري کي تلاءَ ۾ ڌڪو ڏنائين. اها ته ايشور جي ڪرپا هئي، جو هڪ لانگهائوءَ جلدي اچي هن کي بچايو. جي هن کي ڪجهه ٿي پوي ها، ته........؟"
شيلو ان جو جواب ڏئي ئي ڏئي، تنهن وچ ۾ سوهن اچي ڪري چيو، "ڀلا تون ئي سوچ امان، جيڪڏهن ڪوئي ترڻ نٿو ڄاڻي ته ملڪ ۾ ٻوڏ اچڻ وقت يا ٻيڙيءَ جي ٻڏي وڃڻ وقت پنهنجو بچاءُ ڪيئن ڪندو! مان چاهيان ٿو ته ملڪ جو هڪ هڪ ٻار ترڻ سکي. هن بيوقوف کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه پئي آئي. ان ڪري مون هن کي سبق سيکارڻ لاءِ پنهنجو هٿ هلايو!"
"۽ هن جي جان هلي وڃي ها ته"؟ شيلوءَ گرجندي سوال ڪيو.
"ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟ نه ترڻ ڄاڻڻ وارو هميشه ٻڏندو ئي آهي. ان کي ٻڏڻ ئي گهرجي!" اهو چئي، هو لاپرواهيءَ سان ٻاهر نڪري ويو.
شيلوءَ، ڇوڪر کي ڪنمنڊا ۽ بسڪوٽ ڏنئي، ۽ ان آيل اڌڙوٽ عورت کان معافي وٺي، پنهنجي جند آجي ڪئي.
اهڙيءَ طرح روز شيلوءَ کي اهڙن ڪيترن مسئلن سان ٻار لنگهڻو پوندو هو. هوءَ سوچي ئي نه سگهندي هئي ته هن کي آخر ڇا ڪرڻ گهرجي! هن جا سوچيل سڀئي رستا بيڪار ثابت ٿيا. ڀچارڻ، ڌمڪائڻ ۽ مارڻ جو سوهن تي ڪو به اثر نه ٿيو. ڪيترا دفعا شيلوءَ هن کي ماني نه ڏني، ته هو بنا کائڻ جي ئي سمهي پيو، ۽ صبح جو اٿي بنا ڪجهه کاڌي پيتي پنهنجي شرارتن جي ڊيوٽيءَ تي هليو ويندو هو. ان سان شيلوءَ جي پريشان جيون ۾ پريشاني اڃان به وڌي ويندي هئي.
ماءُ ۽ پيءُ ونان سوهن کي ڪنهن جو به پيار حاصل نه ٿيو هو... ملي هيس نفرت سان ڀريل ترسڪار ۽ ترسڪار سان ڀريل نفرت... شايد ان ڪري ئي هو ايترو نٽر ٿي پيو هو...

(٢)

سنان ڪرائي، شيلوءَ سوهن کي پائوڊر لڳايو ۽ چيائين، "وڃ، جلدي وڃي ڪپڙا پاءِ."
سوهن بنا ڪجهه چوڻ جي اٿيو، ۽ نڪر، هافشرٽ، جوراب ۽ بوٽ کڻي شيلوءَ جي پرسان ڪئي رکيائين، ۽ هن ڏانهن منتظر نگاهن سان نهارڻ لڳو.

ٿوروو وقت نفرت جي نوع ۾ شيلوءَ ان ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ خارن ۾ چيائين، "اگهاڙو چو ٿيو آهين؟ ڪپڙا نه پائيندين؟"

"تون ڪٿي پاءِ،" پيار ڀرئي نوع ۾ موهن ورائيو.

"هيڏو سارو ڳڌه ٿي ويو آهين، ۽ اڃا ڪپڙن پائڻ جو عقل به نه سکيو آهين!"

شيلوءَ شوخ ٿيندي چيو.

"تو ڳڌه چو چٽيو، امان؟" موهن سهج ڀاوَ ۾ سوال ڪيو.

اهو ٻڌي شيلوءَ ڪان ڪل نڪري ويئي، ۽ موهن کي ٻانهن ڪان جهلي ڪرسيءَ تي ويهاريندي، چيائين، "چڱو بابا، تونئي کٽيو ۽ مون ٿي هاريو. چڱو هاڻي پاءِ ڪپڙا."

ماءُ جي ڇاتيءَ سان لڳي، پنهنجيون ننهيون ۽ معصوم ٻانهون ماءُ جي ڳلي ۾ وجهي، موهن ڌيمي آواز ۾ چيو، "سهنجي سٺي امان، تون ڪيتري نه سٺي آهين! ها، امان، تون اڄان به وڌيڪ سٺي هجين ها!"

شيلوءَ موهن ڏانهن نهاريو، هو شرارت سان مشڪي رهيو هو. جڏهن ٿي شيلوءَ هن کي ساڄي پير جو جوراب پائڻ ٿي چاهيو، ته هن ساڄي پير جي بدران کابو پير ڪٽي اڳيان وڌايو.

شيلوءَ خفي ٿي، اهو جوراب ڪٽي ساڄي پير ۾ پاتس، ۽ موهن بناوتي غصو ڏيکاريندي چيو، "او امان! تون ڪيتري نه جهنگلي آهين. ڇا ڀلا کابي پير جو جوراب به ساڄي پير ۾ پائبو آهي؟"

شيلو خفي ٿي اٿڻ لڳي، ته موهن ماءُ جي ساڙهيءَ جو پلاند پڪڙي هن کي ويهاريندي چيو، "چڱو، معاف ڪر امان، اڄ ڪان وٺي وري شرارت نه ڪندس- سهنجي سٺي امان!"

شيلو ويهي رهي، ۽ هن کي ڪپڙا پاتائين. موهن پنهنجيون معصوم ٻانهون ماءُ جي ڳلي ۾ وجهندي، پريل آواز ۾ چيو، "تون مون کي پسند نه ٿي ڪرين نه، امان؟ تون مون کي پيار چو نه ٿي ڪرين، امان؟"

شيلوءَ وري خفي ٿي، موهن طرف نهاريو، پر هن جي منهن تي شرارت نه هئي. هن جي اکين مان ڳوڙهن جي ڌارا وهي رهي هئي... هوءَ ڪجهه چوندي چوندي رڪجي ويئي. ڳوڙهن سان ڀريل اکيون ڪٽي موهن هن ڏانهن نهاريو، ۽ وري پنهنجون سنهڙيون ۽ معصوم ٻانهون ماءُ جي ڳلي ۾ وجهي ۽ هن جي ڇاتيءَ سان چنبڙي روئڻ لڳو. ڪجهه وقت لاءِ شيلو ٻڻ خفي ٿي، پر وري هن کي زور سان ڇاتيءَ سان لڳائي پاڻ به روئڻ لڳي.

ٿوري وقت ڪان پوءِ، شيلوءَ موهن جا ڳوڙها اگهيا ۽ پڇيائين "چوڙي، اڄ وري توکي هي پيار ۽ سمجهه ڪٿان اچي ويئي؟ تو ڪيئن سمجهيو ته مان توکي نٿي چاهيان؟ پيار نٿي ڪريان؟"

موهن شيلوءَ جي اکين ۾ اکيون ملائيندي ورائيو، "ڪالهه رات جڏهن تنهنجو بابا سان جهڳڙو ٿيو، ته مان اکيون ٻوٽي سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو هوس. تو ڪين چيو هو ته 'جي هي ڇوڪر نه ڄمي ها، ته ڪڏهوڪو مان هتان هلي وڃان ها.' آلا ٿجي ڪيئن هيءَ

بدنصيب اڇي منهنجي پڙ پيو آهي!' جي منهنجي هلي وڃڻ ۾ تنهنجي مصيبت دور ٿئي، ته امان، مان هينئر هليو ويندس، پري، تمام پري .... ايترو پري، جو تنهنجي سڏ ڪرڻ تي به ڪڏهن نه موٽندس!"

هن دفعي شيلوءَ جو سڄو شرير ڇور ڇور ٿيڻ لڳو. ڄڻ ائين معلوم ٿي رهيو هو ته سندس رت جسم اندرئي ڄمي برف ٿي ويندو.

موهن وري پيو تير ڇوڙيو: "سچ ٻڌاءِ امان، آخر هوءَ ڪهڙي عورت آهي جنهن بابوءَ کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسايو آهي، ۽ توکان ڪسي ورتو اٿس؟"

اهو ٻڌي، شيلوءَ جو وات ڦاٽي ويو. ۽ هوءَ هن کي ڇا ٻڌائي. چيائين، "چڱو وڃي راند ڪر. جڏهن ڪاڌو تيار ٿي ويندو، ته ڪوٺيندين سانءِ. وري جهيڙو جهٽو نه ڪج!"

"چڱو" چئي، موهن ٽڏو ساهه پري، ٻاهر نڪري ويو.

در وٽ وڃي، موهن ويهي رهيو. ڇو ته هن اندر ڪنهن جي وڙهڻ جو آواز ٻڌو. هن کي سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته اندر ڪير وڙهي رهيا آهن. پڻس غصي ۾ چئي رهيو هو: "هن کي چڱيءَ طرح سمجهائي ڇڏ. جيڪڏهن هو هرروز اهڙيون شرارتون ڪندو رهندو، ته مان ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيندس."

ماٿس غصي ۾ ورائيو: "۽ هن جي ٻرن لڇڻ لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ مان هن کي ماري ماري ٽڪجي پيئي آهيان. آخر هن جي جان ته نٽي وئي سگهان."

"چڱو، هاڻي مان ڏسندس ته هو ڪيئن اهي شرارتون بند نه ٿو ڪري!" اهو چئي، موهن جو پيءُ ٻاهر نڪري ويو.

موهن چپ چاپ در جي پوئتان لڪي ويهي رهيو. جڏهن سندس پيءُ هليو ويو، ته هن ڏيري ڏيري ڪمري ۾ پرويش ڪيو. هن ڏٺو ته سندس ماءُ جي اکين مان لڙڪن جون لڙيون وهي رهيون هيون. هن ماءُ جي اڳيان ويندي چيو، "مون کي معاف ڪر امان! مان اڳتي ائين ڪڏهن نه ڪندس." پر شيلوءَ ان جو ڪو به جواب نه ڏنو. ۽ هوءَ ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي.

موهن پيو ٻهالو ڳوليو. هن ماءُ جي پرسان وڃي ڪري چيو، "امان، مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي. ڪجهه کائڻ لاءِ ته ڏي!" پر هن دفعي به شيلوءَ ڪو به جواب نه ڏنو. رڳو هڪ دفعو نفرت سان هن ڏانهن نهاري ٻاهر نڪري وئي. موهن ٿورو وقت ويهي رهيو...... ڪجهه سوچڻ لڳو، ۽ پوءِ نه معلوم ڇا سوچي، ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

(٣)

ان رات شيلوءَ به روٽي نه ڪاڌي. هن کي ننڊ به نه آئي. موهن جو پيءُ ته ڪيتري وقت کان گهر ۾ سمهڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. ان ڪري هوءَ سڄي رات بستري تي پاسا بدلائيندي رهي. سوچيندي رهي پنهنجي باري ۾ ...... موهن جي باري ۾ ....

.... ۽ رات گذرندي رهي.
.... هوءَ لڙڪ وهائيندي رهي.
.... هن جي اکين مان آنسون نڪرندا رهيا.

اهڙيءَ طرح سوچيندي سوچيندي رات به گذري وئي. جڏهن هن پنهنجي سامهون مڙس کي ڏٺو، ته هن جو ڇرڪ نڪري ويو. گويا ائين معلوم ٿي رهيو هو ته ڪو خوفناڪ سپنو ڏٺو هجيس. جڏهن سندس پتيءَ هن جي منهن ۾ ڪوبه تفاوت نه ڏٺو، ته هن خفي ٿي چيو، "ايتري روشني ٿي ويئي آهي ۽ اڃان تون بجلي ٻاري پلنگ تي ويٺي آهين."

"هان!" هن ڇرڪ ڀري پنهنجي چوطرف نهاريو.

هوءَ ڪجهه جواب ڏئي ئي ڏئي، تنهن کان اڳ سندس مڙس پوئتي نهاري، ڪنهن اجنبي شخص کي اشارو ڪيو.

اشارو ڏسي، هڪ اجنبي شخص ڪپڙي ۾ ويڙهيل ڪنهن شي کي ٻنهي ٻانهن ۾ کڻي اندر داخل ٿيو، ۽ ان کي شيلوءَ جي پرسان رکي ڇڏيائين.

شيلوءَ عجب ۾ پئجي چيو، "هي ڇا آهي؟"

هن جي مڙس پنهنجو ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو. هن جي اکين ۾ آنسون نه هئا ته به سندس منهن تي غمگينيءَ جا آثار چٽا نظر اچي رهيا هئا.

شيلوءَ وري ڪاوڙجي پڇيو، "هي ڇا آهي؟ ٻڌائين ڇو نه ٿو؟"

هن دفعي مڙس سون-ورت ٿوڙيو ۽ ڏڪندي چيائين، "موهن جو لاش! اڄ صبح هن کي پوليس تلاءَ مان لڙهندو ڪڍيو."

شيلوءَ جي منهن مان هڪ زوردار رڙ نڪري وئي - "هاءِ! منهنجا ٻچڙا توهي ڇا ڪري ڇڏيو!" چوندي هوءَ آن جي مٿان ڪري پيئي ....



"بشير" موريائي

ٽِڪري

ڏتي ڪپڙي جو سينهو ڳاهي سٿي تي رکيو، ۽ ان تي ڇٻو رکي، تاجوءَ جي جوڻا واريءَ ٽِڪريءَ ڏانهن هلڻ لڳو.

ٽِڪريءَ جو اڌ حصو کليل ميدان هو. ڪٿي ڪٿي ٻڪين سرن جا ڳَنڊڙا ٿهيل هئا، جن ۾ ٽِڙ جون ڇڪيون لڳايون ويئون هيون ـ هڪ ڪَنڊيءَ جو وڻ هو ۽ ٻيو گداموڙيءَ جو، جن هيٺان ڪتون پيئون ٿي رهنديون هيون.

ٻئي اڌ حصي ۾ هِڪَ ته وڏي در واري ڪوٺي هئي، جتي سياري جي راتين ۾ جوڻا ٿيندي هئي. انهيءَ ڪوٺيءَ سان لڳ ٻي ننڍڙي ڪوٺي به هئي، جتي پاڻيءَ جو نل لڳل هو. هڪ ننڍڙو باغ به هو. هڪ ٻه ڪجيءَ جا ننڍا وڻ، هڪڙي ٽئين ٻير، ڪجهه وليون ۽ ٿوري ڇپر ـ ڏينهن جو اُتي جي ڇانوري ۾ جوڻا لڳندي هئي. چوڌاري ڪنب جو لوڙهو ڏنل هو، جنهن جي مٿان ڪنڊا ۽ ٻُوڙا ڇانئي رکيا ويا هئا. لوڙهي جي ڏگ وارين ٻن ڪُنڊن تي سدائين ٻه پهريدار ويٺا هوندا هئا.

ڏتو ڇٻو کڻي ٽڪريءَ ۾ پهتو. ان وقت سج لهڻ جا سانباها ڪري رهيو هو، ۽ زرد نيل آس شهر جي اوپر واري حصي جي گهرن تي پوپان پساهه کڻي رهي هئي. ڏتي ڇٻو موڙي تي رکيو ۽ پنهنجي ويهڻ لاءِ سراٽو ڳولڻ لڳو.

"يَرَ، هي سراٽا روز روز الائي کڻڙو ...... ٽو کڻي وڃي. روز ٽو ٻاهرون کڻي اچان، ٻئي ڏينهن ڏس ته نهي ئي نه!"

هو پڻ پڻ ڪندو رهيو. نيٺ ٻاهران هڪ ٻڪي سر کڻي آيو ۽ اُن تي ويهي "آ گل چڪا" ۽ "تري" جا آواز ٻڌڻ لڳو. هو ڪن خيالن ۾ محو ويٺو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جوئاريءَ وڏو داءُ ٻئي ڪنيو، ته واڪو پئي ڪيائين. ڏتي جو ڇرڪ نڪري ٿي ويو. هر داءُ ڪٽندڙ هن کي وڏي واڪي پئي سڏيو:

"چاچا ڏتا! آني جا چولا ته کڻي اَءُ."

"چاچا ڏتا، ٻين آني کن جا چولا ۽ ٻه ڊِٻلان. رس مڙئي سرس آڻجانءِ!"

سج لهندي لهندي ڏتي جو مال کپي ويو. هن خالي ڇٻو اندرئين ڪوٺيءَ ۾ رکيو، ۽ سانجهيءَ جي نماز پڙهڻ لاءِ پر واريءَ مسجد ڏانهن هليو ويو. ڏتو روزانو نيراني

بازار مان ڊبلون، چٽا ۽ مند آهر پٽاٽا ۽ ڪچالو وٺي ايندو هو. اڌ ڏينهن تائين مال تيار ڪري، منجهند ٽيندي ئي هو ڇٻو ڪٽي نڪرندو هو. ڦيريائين هو ڪن گهٽين ۾ ويندو هو، يا غريب پاڙن ڏانهن. ٻارن ۽ زالن کي ڇهريون چيزون گهٽو ڪري وٽنديون آهن، تنهنڪري هو گهر گهر اڳيان هوڪو ڏيندو ويندو هو:

"چولا ڊبل ...... گرم چولا ڊبل!"

ٻار "پائي! پائي!" پڪاريندا، پئسا هٿڙن ۾ جهلي، گهرن مان نڪرندا ايندا هئا. ڪن گهرن جي درن کي ڏنل ٽپڙيون لڏڻ لڳنديون هيون، ۽ انهن پٺيان چرپر پيدا ٿيندي هئي. ڪانچ جي ڪنگڻين سان جهنجهيل ڪرايون ۽ اڇا هٿ ٻاهر نڪرندا هئا ۽ چولا ڊبل وٺي جهٽ اندر ٿي ويندا هئا.

پوياڙيءَ مهل ڏتو تاجوءَ جي ٽڪريءَ ڏانهن رخ رکندو هو. رهيل کهيل مال اتي نيڪال ڪري، سانجهيءَ جي نماز پر واريءَ مسجد ۾ پڙهي گهر ورندو هو. اهو ڏتي جي روزانيءَ زندگيءَ جو معمول هو.

سرءَ جي مند هئي. شام اداس هئي. ڏتو مايوس پئي ڏٺو. ڇٻو ٽورو ڀريان رکيو هوس، ۽ سندس ساڄي پاسي جوئاگرن جو ٽولو خاموش ويٺو هو. جوئا بند هئي. ٻڌڻ ۾ آيس ته اهو سٺي پوليس انسپيڪٽر جنهن کي ٽڪريءَ طرفان مهني سر ٻڌي رقم روڪڙ ملندي هئي، بدلي ٿي ويو هو، ۽ جيڪو نئون ماڻهو ان جي جاءِ تي آيو هو، سو سخت هو.

تاجو، ٽڪريءَ جو مالڪ، رکي رکي هٿ مهٽي رهيو هو. اڄ نال جو نه مليو هوس!

هڪڙو جوئاري چوڻ لڳس، "چاچا تاجل! ڀلا ڇو نه انهيءَ نئين آفيسر سان ملي ڏسجي."

"سڀ آفيسر هڪجهڙا ٽورولي هوندا آهن! ڏاڍو سخت ٿو ٻڌجي."

"جهڪي ويهه! پئسي اڳيان هرڪو پاڻي ٿيو پوي. اڄ رات ئي دستي ڪٽي، الاهي توهار ڪر. ڏس ته منٽن ۾ ڪم ٿو راس ٿئي نه!"

ٻئي جوئاريءَ، پيانيءَ سان زمين ۾ سوراخ ڪندي، ڪنڌ لوڏ ڪري هن جي تائيد ڪئي.

"هئن ڪاروبار بند رهي به ڪيستائين رهندو؟"

"اهائي ته ڳالهه آهي،" تاجوءَ چيو. "چڱو رکو مولا تي، رات وٺس وڃبو."

ان بعد سڀني تيار ٿيل "قُلَ" سان سوئا هڻڻ شروع ڪيا.

ڏتو ته ڪنهن دنيا ئي ٻيءَ ۾ هو. سوچي رهيو هو، 'ورندي سرءُ اچي سهڙي، پر پاٽم جو ناسور نه لٿو!'

هن جو نوجوان پاءُ رمضو آسٽيڪري جو ڪم ڪندو هو. گذريل سال هڪ ماڙي ٺاهيندي گوءِ اچي هيٺ پيئي. هڪ مزور آڻٽ مري ويو. ڪن استن کي ڏڪ لڳا. رمضو به انهن مان هڪڙو هو. هن کي ساڄي پير ۾ پڪيءَ سر جي هڪ ڇٽري ڇپي وئي. زخم ٿيو، جنهن پوءِ ناسور جي صورت ورتي. علاج ٿيا؛ شاديءَ لاءِ جيڪي پئسا ڪٺا ڪيا هئائين،

خرچ ٿي ويا. ڏتي جي گهر واريءَ جا زيور ۽ نقدي ڊاڪٽرن، حڪيمن ۽ جراحن جي کيسن ۾ هلي ويا، پر رضو ڪٿ داخل ئي رهيو. ڏتو پنهنجي مٿي تي ڇپيءَ سان گڏ پاءُ جي بيماريءَ جو غم به کڻي، گهٽيءَ گهٽيءَ گهمندو رهيو.

ڏتو انهن ويچارن جي وهڪري ۾ وهي رهيو، ته هن کي ڪجهه بيزاريءَ جو احساس ٿيو. آخر هو لاچار، پاءُ لاءِ ڪري به ته ڪري ڇا! دوائون دعائون سڀ بيڪار ثابت ٿيون هيون. هو هر نماز کان پوءِ پاءُ جي صحت لاءِ پاڙائي دعائون پڙهندو هو، پر انهن ڪو اثر نه ڏيکاريو. پاءُ کي پڻ تلقين ڪندو هو ته ڏتيءَ در پاڙائي. پاڻس پهرين ته هن جو چوڻ ورتو هو، پر جڏهن سچيءَ دل سان گهريل دعائن جو ڪو نتيجو نه نڪتو، ته هو مايوس ٿي پيو ۽ ائين ڪرڻ ڇڏي ڏنائين. هي ان تي ٽوڪيندو هوس، ته تنگ ٿي چوندو هو: «انهن دعائن مان نه ڪجهه وريو آهي، نه ورندو. بس هن ايذائن ۽ عذابن پريءَ حياتي کان هاڻي جند ڇٽي ته چڱو!»

«ائين ته نه چئه ......» ڏتو هن جي ڪاراڻجي ويل چپن تي هٿ رکندو هو. اکين ۾ بي اختيار ڳوڙها اچي ويندا هئس. ڏتو رڳو انهيءَ ڪري غمگين ٿيو نه ويٺو هو، جو پاءُ جي درد جو احساس ٿي رهيو هوس، بلڪ ان کان به وڌيڪ هڪ اهم ڳالهه هن کي جهوري رهي هئي.

صبح پاڙي مان ڏس مليو هوس ته هڪڙو نئون ڊاڪٽر شهر ۾ آيو هو. پڌڻ ۾ آيس ته ڦٽن ڦرڙين جي علاج ۾ ماهر هو. سندس هٿ-شفا جو هُل به هو. ويچارو نيراني ٿي ونس ويو هو ۽ بگي پاڙي ڪرائي، ڊاڪٽر کي گهر وٺي آيو. ڊاڪٽر کي تپاسيندو ڏسي، ڏتي جي گهر واريءَ مڙس جي ڪن ۾ پٽڪو ڪيو:

«ڏاهو ٿو ڏسجي، منهنجي ته دل ٿي ٻولي ته پاڻهين کي اهو ڇٽائيندو!»

ڏتي هوريان ڪنڌ-لوڏ ڪئي. ڊاڪٽر، رضوءَ جو ڦٽ چڪاسيو ۽ آن تان لاٿل شيشي جو ٽڪر پري ڦٽو ڪيائين، ۽ پنهنجي بئگ مان ڪجهه ۽ پٽيون ڪڍي ڦٽ تي ٻڌي ڇڏيائين، ۽ هدايت ڪيائين:

«ڦٽ سان هٿ-چراند نه ڪئي وڃي.»

ڊاڪٽر اٿيو، ته ڏتو بگيءَ تائين ساڻ ويس،

«سائين منهنجا ......»

«بابا، ڳالهه پڌ،» ڊاڪٽر وچ ۾ ڪپي چيس، «ڦٽ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو.»

«شل ٻچا جيئنيو!»

«ڏوڪڙ خرچ ڪري سگهندين؟»

«سائين غريب آهيانءِ. پئسو پنجڙ گهر ۾ رکيل ناهي. ڇپو ڪٽيندو آهيان. مشڪل سان گذر پيو ٿئي.»

”چڱو توکان ايترا پئسا ڪونہ وٺبا: پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ رپين جو بندوبست ڪندين، تڏهن ئي اطمينان سان علاج ٿي سگهندو. ڦٽ ڏاڍو خراب ٿي چڪو آهي. ڇنگهہ جي مٿين حصي تائين پُهتو آهي. پئسن جو انتظام ڪري، ڏينهن ٻن اندر اچي جواب ڏجانءِ.“

بکي هلي وئي، ۽ ڏتو جتي جو تتي بيٺو رهيو ۽ غم ۾ غوطا کائيندو رهيو- هڪ سؤ رپيا تہ هن ڪي ٻارهين مهيني بہ نہ بچيا هئا، سي ڏينهن ٻن ۾ ڪٿان ٿي آڻي سگهيو! هوڏانهن نوجوان پٽ هئس، جيڪو ڏينهون ڏينهن پوءِ ويو ٿي ڪاڇندو. ذري گهٽ قبر ڪنڌيءَ تي هو. ٻيءَ جي مُئي پڄاڻا هن ڪيس ڀڄو ڪري پاليو هو. اولاد بہ ڪونہ هئس، تنهنڪري هيڪاري سڄو پيار پٽ تي پلتجي پيو هوس. هن جي جوانيءَ جي موت جي خيال کيس ڪنبائي ٿي ڇڏيو. هو پٽ لاءِ سڀڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار هو.

هو انهن ئي ويچارن ۾ تاجوءَ واري ٽڪريءَ ۾ ويٺو هو، تہ سانجهيءَ جي نماز جي ٻانگ جو آواز ڪن پيس. اڄ پهريون ڀيرو هن محسوس ڪيو تہ ڄڻ اهو آواز هن کي سڏي ئي نہ رهيو هو؛ پر عادت کان مجبور، زبردستيءَ اٿي مسجد ڏانهن ويو. نماز ۾ بہ هو بيمار پٽ بابت سوچيندو رهيو. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن نماز پڙهڻ کان پوءِ دعا نہ گهري. ٽڪريءَ مان ڇهو کٽي گهر جو رخ ڪيائين. در ۾ پير پائيندو ويو، تہ رمضوءَ جي ڇيڇلائڻ جو آواز ڪن پيس. جوٽس ڏير کي ويٺي پکو لوڏيو.

”ڇو...؟“ سوال هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. ڇهو هڪ ڪنڊ ۾ رکيائين ۽ زال ڏانهن وڌيو.

”ڇو...؟“

انهيءَ مختصر سوال ۾ هن جي دل جو سمورو درد ۽ اضطراب سميٽجي آيو هو. جوٽس هوتيءَ جي پلوّ سان اکيون اُگهيون، تہ ڏتي پنهنجي سيني مان دل ٻاهر نڪرندي محسوس ڪئي. ڪجهہ ڪڇڻ پڇڻ بنا هو رمضوءَ ڏانهن وڌيو. هن جون اکيون بند هيون، پر سڄي بدن ۾ ڏڪڻي هيس. لگ لگ ڦڙڪي رهيو هوس.

هن سندس پيشانيءَ تي هٿ رکيو، تہ رمضو پنهنجي ڏڪندڙ هٿ سان ان کي سوگهو جهلڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

”ائين وهلور ڇو ٿو وڃين؟“

ڪو جواب نہ آيو.

”اڳيئي تڪليف اٿس، تون ڳالهرائينس تہ نہ!“

زال جي اها صلاح هن کي آئڙي. پوءِ چوڻ لڳو: ”سڀاڻي کان ڊاڪٽر تنهنجو علاج شروع ڪندو، ادا!“

جوٽس، ڏتي جي اکين ۾ ارادي جي چمڪ ڏٺي.

سڄي رات هو سوچيندو رهيو.

اهو صبح هن جي زندگيءَ جو نئون موڙ هو. هو هڪ اهڙو فيصلو ڪري بستري تان اٿيو، جنهن جو ڪڏهن خواب به نه لڌو هئائين.

”زندگيءَ جي نِڪريءَ ۾ منهنجو پاءُ جان جي بازي لڳائي چڪو آهي؛ مان به وڃي جوئا جي ٽڪريءَ ۾ ٿو بخت آزمائي ڪريان!“

هن منهن صاف ڪيو، هڙ ۾ گذريل ڏينهن جي ڪمائي ٻڌي، ۽ هلڻ لڳو.

”اڄ بازار نٿو وڃين ڇا؟“ جوٺس پڇيس.

هن تيز نظرن سان ڪيس ڏٺو. هوءَ اڳئي حيران هئي. جو صبح نماز پڙهڻ لاءِ پٽي اٿاريائينس ته پاسو ورائي سمهي رهيو هو. هن جي روزاني زندگيءَ جي معمول ۾ ايڏو فرق ڏسي، مائيءَ ڪٿي ڏندين آڱريون ڏنيون، مات ڪٿي ڪيائين.

ڏتي ڦيريائين ته هائيدر جي هڪ سستيءَ هوٽل تان چانهه جو ڪوپ پيتو، ۽ پوءِ ٽِڪريءَ طرف هليو - جوئارين هن کي ڇهي ڪان سواءِ ۽ ڪمهلو ڏسي، جهٽ لاءِ ته حيراني ظاهر ڪئي، پر پوءِ پنهنجي ڪرت کي لڳي ويا.

تاجو ڪٽ تي ويٺو هڪڙي سنگتيءَ کي ٻڌائي رهيو هو ته ڪئن اڳينءَ رات نئين صاحب کي خوش ڪري آيو هو. اهو به ٻڌايائينس ته انهيءَ ڏينهن ڪان ”نال“ رپئي تي آني بدران ڇهه پئسا ڪيو ويو هو، ڇو ته نئين صاحب کي ڪجھ پئسا ڏيڻا پيا هئس.

ڏتو هٻڪندي هٻڪندي وڃي جوئاگرن سان ويٺو ۽ راند ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺڻ لڳو. ٿن ڏڪندي ڏڪندي راند ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت گهري. نازوءَ کلي هڪڙي حريف کي چيو:

”اڙي چڏينس ته پل هڪ اڌ داءُ لڳائي ڏسي. اڄ يا ته هڙ کوسي اٿس يا ڪٿيءَ ڪنيو اٿس، تڏهن ڇولن ڍڳن وڪڻڻ بدران جوئا ڪرڻ آيو آهي!“

ٻئي چيو: ”اسان جو ڇا ٿو وڃي - پل داءُ رکي.“

ڏتي ڦيريان ڪجهه داوَ هارايا، پر پوءِ ته ساندهه کٽندو رهيو. چوندا ڪين آهن ته ”شل نه ڪنهن اناڙيءَ کي ڀاڳ لڳي!“ ڏتي جو بخت به اڃي ڪليو. تاجوءَ وڏي نال ملڻ جي اميد تي هن جي پٺي اڃي ٺپري. ڏتو جيتي رهيو هو. پنهنجي آسپاس جي سڌ به نه هئس. هو پنهنجي نوجوان پاءُ کي موت جي منهن مان بچائڻ لاءِ جيتي رهيو هو... ۽ هڪڙو ٻاڙي وارو هن لاءِ اها خبر کٺي ٽڪريءَ ڏانهن وڌي رهيو هو ته رمضو زندگيءَ جي بازي هارائي چڪو هو!

"هريڪانت"

غفور

سانجهيءَ ٽاڻي، سورج ديوتا جڏهين ڳوٺ جي ڍنڍ تي، پنهنجي جلوي جا آخرين ڪرشما ڏيکاري، آن جي ڪناري نيلي پاڻيءَ اندر ٻڏي ويو، تڏهين ڳوٺ جا ڪڙمي ڪاسبي ٻه ڏڳا ڍور ڪاهيو، پنهنجن آجهن ڏانهن ورڻ لڳا. ڳوٺ ڏانهن ويندڙ ڪچي سڙڪ جيي آپار ڌوڙ غريب هارين جا ننگا پير چمي، مست ٿي هڪوار آسمان ڏانهن آڏامڻ لڳي.

پريان ڳوٺ منجهان لوڙهن سان گهيريل جهوپڙين جي ڏيڍيءَ مان ڪنهن ڪومل-هرديه ناريءَ جا نماڻا نيڻ جڏهين انتظار ۽ الجهن منجهان ڌنڌ سان ڍڪيل سڙڪ ڏانهن نهاري رهيا هئا، ۽ ڪو محنت ڪش هاري ڪلهي تي هَرُ رکيو خوشحاليءَ ۽ مڌر-ملن سندا گيت ڳائيندو، پنهنجي ماڳ موٽي رهيو هو، تڏهين ڍنڍ جي مست لهرن سان جنگ جوٽيندو، ٻيڙو غفور ٻه پنهنجي پيڙيءَ جو ونجهه سنڀالي ڪناري ڏانهن وڌيو.

ڪناري تي بنهه سناٽو ڇانيل هو: صرف ٻڙ جي گهاٽي درخت جا ساوا ساوا پن، هوا جي تيز جهوٽن وس، تاڙيون وڄائي، پنهنجي گونگيءَ ڀاشا ۾ غفور جي آجيان ڪري رهيا هئا. هر روز شام جو، ڪناري جي ويرانيي ۽ سناٽو پَسي، غفور جي نماڻيءَ دل کي هڪ قسم جو ڪٿهرو گهاءُ رسندو هو. گذريل چند ورهين جون مٺڙيون مٺڙيون ڳالهيون ياد ڪري، غفور جي جهور ڪومائيل اکڙين منجهان گرم گرم لڙڪن جي هڪ ڌار وهي نڪرندي هئي. ڪيس ياد هو اڄ ٻه اهو زمانو، جڏهين سنجها ويلي ڪوهيڙي ۽ ڌنڌ سان ڍڪيل شاهي ڍنڍ ڪناري، مسجد جون اوچيون ديواريون پار ڪري، ڪنهن خدا ترس انسان جي گلي مان نڪتل نماڻيءَ ٻانگ جو آواز، پريان دور دور تائين ڦهليل پهاڙن تائين گونجي آئندو هو؛ ۽ ڍنڍ جي ٻئي ڪناري، ٻڙ جي گهاٽي وڻ هيٺان، ڀڳوان ٻُڌ جي پراچين مندر ۾ وڄندڙ سنجها جي مڌر گهنڊن جو پڙلاءُ، پڙاڏي جي روپ ۾ دور دور تائين ڦهلجي، ٻانگ جي آواز سان هڪ ٿي ويندو هو: تڏهين خوشيءَ وچان مست ٿي غفور ڍنڍ جي سونهري سطح تي پنهنجي ننڍڙي ٻيڙي ڪاهيندو ڪناري طرف مولندو هو. اِنهيءَ ئي ٻڙ جي وڻ هيٺان سڪل گاهه جي جڙيل سندر جهوپڙيءَ لڳ ٻه معصوم مسڪراهٽون سندس سواگت ڪنديون هيون. ساٿن گلي ملي، ۽ سندن مٺڙيون توتليون ٻاتيون ٻڌي، غفور پنهنجي سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ ڀلجي ويندو هو. ليڪن ...... ليڪن ڪيس چڱيءَ ريت ياد هو ته قدرت جي ملڻيءَ ۽ شانت گود

۽ وسيل هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪ دفعي طوفان آيو هو- هڪ اهو طوفان، جنهن جي دهشتناڪ رفتار ۾ مذهبي تعصب جي آگ سمايل هئي ... ۽ ... ۽ اها آگ، جنهن ڪيترن ئي آباد ڪٽنبن جي خوشحاليءَ کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏيو. غفور به ان ئي طوفان جي ڪٺورتا جو شڪار ٿيو، ۽ ان بعد سندس زندگي ويران ۽ پريشان ٿي ويئي هئي!

ننڍڙي ماضيءَ جي دک ڀري ياد تازي ڪندڙ اهي ئي ڳالهيون سوچيندي، غفور ونجهه وڌايو. اڄ الائي ڇو سندس روزانو سفرئي وڏي پيو هو. ڍنڍ جي اوجل اوجل جل ۾ پنهنجي عڪس پسندڙ مسجد جي اونچي گنبذ مان ٻانگ جو مٺڙو آواز ٻڌي، غفور ويچارن جي ننڊ مان سجاڳ ٿيو- ڪيس به ته نماز پڙهڻي هئي! هن تکڙو تکڙو پنهنجن بازوئن جو زور لڳايو.

نماز پوري ڪري، مسجد جي شاهي ديوار تي ويهي، هو ڍنڍ جي چنچل ڇولين جو ناچ ڏسڻ لڳو. يڪايڪ سندس نگاهه سامهون مندر تي پيئي. ڍنڍ جي صاف پاڻيءَ ۾ سندس ڏکويڏکو پاڇو ڏسي، غفور جي دل ۾ ويچارن جو هڪ طوفان مچلجي اٿيو. سندس ڪومل دل قدرت جي هن انوکي نظاري ۾ هڪ گهري راز جو انڀو ڪيو. هو سوچڻ لڳو، "مٽيءَ ۽ پٿر مان جڙيل هنن بيجان آستانن ۾ ڪيتري نه سمجهه آهي! ڪيڏي نه حُب ۽ همدردي آهي! پاڻ ۾ گلي ملڻ لاءِ سندن دليون پاچولا ٻڌجي، نازڪ ڪچڙين لهرن تي سوار ٿي، ڍنڍ جي اجهاڳ وچوني پار ڪرڻ لاءِ آتر رهن ٿيون! ليڪن هي انسان ...! ڳوٺ وارن جي روش جو ويچار ايندي ئي غفور جي جان ۾ سيانو پڇي ويندو هو. هندو- مسلم فساد جو تصور ڪندي، سندس اکين اڳيان پنهنجي معصوم جان جگر پٽڙي ۽ ننڍڙي ڌيءَ جا مرجهايل چهرا تري ايندا هئا. قميص جي سيري پلاند سان اکيون اگهي غفور پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن وڌيو.

چوطرف اونده ڦهلجندي ٿي ويئي. گهر پهچي غفور ڏيئو جلايو. سندس ننڍڙي جهوپڙي روشنيءَ سان ڀرجي ويئي. ليڪن اڄ، الائي ڇو غفور پنهنجي دل ۾ هڪ قسم جو انڌڪار محسوس ڪري رهيو هو. زمين ۾ پٿاريل ڦاٽل رليءَ تي ويهي، هو ويچارن جي گهري ساگر ۾ غوطا کائيندو رهيو. گذريل جيون جي ڪٺور آزمودن تي لڙڪ وهائيندي، سندس اک لڳي ويئي.

آڌي رات جي ڀيانڪ سناٽي ۾، ڀر واري جهوپڙيءَ منجهان ڪنهن دکي انسان جي روئڻ جو آواز ٻڌي، غفور ڇرڪ ڀري اٿي کڙو ٿيو. اکيون مهٽيندي اٻهرائيءَ مان جيئن ئي جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪتو، وچ جي هڪ تيز چمڪي سندس اکيون کولي ڇڏيون. سڄي آسمان ۾ ڪارا ڪارا بادل ڇانئجي ويا هئا. غفور جي جهور ڪمائيل اکڙين آنهن ڪارن ڪرن ۾ زبردست طوفان ۽ وڏ ڦڙي برسات جا آثار ڏٺا. اڳ به ڪيترائي دفعا ڳوٺ مٿان طوفان آيا هئا، مصيبت جون آنڌيون آيون هيون، ۽ بربادي جا بادل گرجيا هئا؛ خطرناڪ برساتيون پيئون هيون، ۽ ٿهري ٻوڏون آيون هيون؛ فصل لڙهي ويا هئا،

جھوپڙيون ٻڏي ويون هيون، ۽ ... ۽ غفور وڏيڪ ڪجھ سوچي ڪين سگھيو. هيئنئن ته هڻ سبب ڳوٺ کي هميشه ٻوڏ جو خطرو رهندو هو.

چانورن جا لهلهائيندڙ کيت لاباري لاءِ تيار بيٺا هئا. مٿان آسمان ۾ هيءَ شور ڏسي، قدرت جي اِيندڙ ڪوپ جي هولناڪ نتيجي جو تصور ڪندي ئي ويچارن هارين جي ڏرن ئي ڏڪي.

غفور جي پرسان رهندڙ جوتئو ڪسان ئن ڏينهن کان بستري داخل هڻ سبب، پنهنجو لاباري لاءِ تيار بيٺل فصل بہ ڪٽي ڪين سگھيو هو. اوچتو آسمان ۾ مصيبت جي سنديش ڏيندڙ بادلن جي دهشتناڪ گجگوڙ ٿيڻ، هو پنهنجي مجبوريءَ تي هنجون هاري رهيو هو.

ڊپ ڀڙل نگاهن سان اونداهي آڪاس ڏانهن ڏسندي، غفور هڪوار ڳوٺ جي سڪل گاهه جي ڪچين پونگين ڏانهن ڏٺو. بجليءَ جي تيز چمڪي ۾، گھنگھور گھٽائن جي دل دهڪائيندڙ گجگوڙ ۾، سڄو ڳوٺ ڪنبي رهيو هو. هلڪا قدم کڻندو غفور جوتوءَ جي جھوپڙيءَ ڏانهن وڌيو. سڪل گاهه جي سوراخن مان جهاتي پائي ڏٺائين: ۽ ڏيڪ جي ڏنڌلي روشنيءَ ۾ جوتوءَ جي اکين مان آنسن جو درياهه وهندو ڏٺائين. پرسان ئي کنڌ هيٺ ڪري سندس هيسيل ٻار ويٺا هئا. ڇهن سالن جو ننڍڙو رامو ڪيتري نہ اڀوجهائيءَ مان پنهنجي مجبور پيءُ ڏانهن نهاري رهيو هو. سندس ننڍڙين ننڍڙين گول اکڙين ۾ لڙڪ ٽمڪندا ڏسي، غفور جي دل پرجي آئي. راموءَ جي معصوم چهري ۾، غفور کي پنهنجي جان جگر شيخوءَ جي جھلڪ نظر آئي. هو وڌيڪ پاڻ جهلي ڪين سگھيو، ۽ هڪدم پويان پير ڪري پنهنجي جھوپڙيءَ ۾ پهتو.

جوتوءَ جي روئڻ جو آواز آڄا تائين سندس ڪنن ۾ گونجي رهيو هو. بارش ۽ ٻوڏ اچڻ کان اڳ ۾ ئي جوتوءَ جو فصل لٿي، ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ تي پهچائي، غفور کيس تباهه ٿيڻ کان بچائي سگھيو ٿي- هو اهي ئي ويچار ڪري رهيو هو- پر اوچتو پنهنجي معصوم ٻچڙي کي ياد ڪندي، کيس جوتوءَ جا گذريل ڪرتوت اکين آڏو اچي بيٺا.

ٻي سال اڳ، جڏهين ڳوٺ ۾ مذهبي طوفان آيو هو، قدرت جي مٺڙيءَ گود ۾ وسيل هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ فساد جي آگ ڀڙڪي آئي هئي، تڏهين ... تڏهين ڏڪندڙ جسم سان پنهنجي جان جگر شيخوءَ کي هنج ۾ لڪائي، غفور، جوتوءَ جي دروٽ پهتو هو. هن کيس پنهنجي شيخوءَ جي بچاءَ لاءِ ڪيترو نہ ليلايو، ٻاڏايو ۽ پڪاريو هو، ليڪن سنگدل جوتوءَ ورهين جي وسيريل ۽ معمولي دشمنيءَ جو ذڪر ڪندي، کيس پنهنجي دروازي تان لڪرائي ڇڏيو هو!... ۽ ... ان بعد درپيش آيل واقعي جو تصور ڪندي ئي غفور جو هنيو ٿي ڇڳو. هڪ ٿڌو ساهه کڻي، هو کنڌ کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو. ٿي

سال اڳي مذهبي طوفان سمي، جو توءَ، غفور کي پنهنجي پٽ جي وڇوڙي جي آگ ۾ جلايو هو؛ ۽ اڄ جوتوءَ کان بدلي وٺڻ ڪاڻ قدرت ڪارن ڪڪرن جو روپ ڌاري آسمان ۾ گرجي رهي هئي.

"بدلو... بدلو......" غفور جي پيڪوڙيل ڏندن مان هڪوار زور سان نڪري ويو "بدلو...!" ۽ هڪ ٺهڪ ڏيئي هو لٽ ڪوڙي سمهي پيو. ٻاهر زور زور سان بادل گرجي اٿيا. بجلي چمڪي اٿي ۽ طوفان شروع ٿي ويو.

جوتوءَ جو درديلو آواز هوا جي سرد سوساٽن ۾ سوار ٿي اچا تائين سندس جهوپڙيءَ ۾ پهچي رهيو هو. آهستي آهستي اهو آواز وڌندو ٿي ويو. غفور ائين محسوس ڪرڻ لڳو، گويا سندس جهوپڙيءَ جي ٻاهران ٿي زور زور سان روئي، جوتو ڪيس مدد لاءِ ٻاڏائي رهيو هو. غفور جي دل ۾ آشانتيءَ جو هڪ طوفان برپا ٿي ويو. هڪ طرف هئي پراڻي دشمنيءَ جي بدلي جي ڀاونا، ۽ ٻئي طرف هئي انسانيت؛ هڪ طرف هئي شيطاني منورتي، ۽ ٻئي طرف هئي آتما جي پڪار! غفور بدلي جي ڀاونا جي اونداهي راهه اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو، پر "گهوءِ گهوءِ گهوءِ" ڪندو، هوا جو هڪ تيز جهونڪو، جهوپڙيءَ جي سوراخن مان پار اچي، غفور جي ڪنن ۾ نه ڄاڻ ڪهڙو نياپو ڏئي ويو. هو ڇرڪ ڏيئي اٿي کڙو ٿيو. جاري ۾ رکيل ڏيئو اجهامڻ کان اڳ هڪوار زور زور سان ڀڙڪي اٿيو. سڄي جهوپڙيءَ ۾ تيز پرڪاش ڦهلجي ويو. غفور جي دل ۾ به هڪوار ٽمٽمائيندڙ ديپڪ جي روشني چمڪي اٿي. هو اٿي کڙو ٿيو. شايد پنهنجي جيون-جوت جي وسامڻ کان اڳ هن به هڪوار چوطرف پرڪاش ڦهلائڻ ٿي چاهيو. ڪنڌ ۾ پيل ڏانو ڪٽي، هو آٻهرائيءَ منجهان جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري ويو.

ڍنڍ جو ساڄو ڪنارو وٺي، هو تمام تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو هو- اڳتي ۽ اڳتي. ٻيا به ڪيترائي هاري، پنهنجي محنت جي ڦل سان هن ايندڙ مصيبت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ، مشعلون جلائي، پنهنجي کيتن ۾ فصل لٽڻ کي جنبي وبا هئا. آسمان ۾ گهٽائن دل دهڪائيندڙ گجگوڙ ڪري، وايو منڊل ۾ آشانتي ۽ ڀؤ جو ناد ٿي وڄايو. رکي رکي بجليءَ جي ڪنهن تيز چمڪي غفور جي راهه روشن ٿي ڪئي.

هو ڪاٺ جي پل لڳ پهتو. طوفان جي رفتار ۾ تيزي آئي. ڪاٺ جي ڪچڙيءَ پل تي قدم ڌريندي ئي غفور کي خطري جو احساس ٿيو؛ ليڪن ڍنڍ جي ٻئي ڪناري جوتوءَ جي کيت ۾ بيٺل فصل جا اوچي ڳاٽ بيٺل سلا ۽ سنگ، طوفان جي جهٽڪن ۾ جهومي، کيس پنهنجي فرض جي ياد ڏياري رهيا هئا. غفور مستيءَ مان قدم اڳتي وڌايو.

"ڌڙام" جي هڪ ئي دهشتناڪ گجڪار سان سڄي ماٿري گونجي اٿي. ڪاٺ جي ڪمزور پل طوفان جي هڪ ئي جهٽڪي سان ٽٽي پيئي، ۽ غفور هڪ وڏي ڇلانگ هڻي ڪناري تي پهچڻ لاءِ جيئن ئي ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، ته سندس پير ڦاٻڙجي ويو ۽ سندس

پيڙو جسم ڪناري تي پيل نوڪدار پٿر سان وڃي ٽڪريو. مغز تي ڪيس گهري چوٽ آئي. رت ريلا ڪري وهڻ لڳس، ۽ مٿي ۾ سخت سور محسوس ڪيائين؛ ۾ هڪوار زخم کي زور سان دٻائيندي، هو پنهنجي فرض ادا ڪرڻ ۾ جنبي ويو.

سنهي سنهي برسات شروع ٿي ويئي. بارش ۾ زخم پچائيندي، ۽ سڄي رات پنهنجي جان جي بازي لڳائيندي هو فصل ڪٽيندو رهيو. سندس آنگ آنگ ۾ درد هو؛ پر غفور کي ان جي ڪا چنتائي ڪين هئي. هو ته پنهنجيءَ مستيءَ ۾ مست هو. سندس ڪمزور بازوئن ۾ آلا ٿي ڪٿان آچي شڪتي ڀلتي هئي- بنا هٻڪ ويو ٿي فصل ڪاٽيندو، بند لڳائيندو!

پرهه ڪسان گهٽو اڳ، لٽيل فصل جون ڀريون ڪٽي، کيت جي وچ ۾ مٿاهينءَ تي ٿهيل ڍيري هيٺ رکڻ شروع ڪيائين. هائي هن کي پنهنجي بدن ۾ ڪجهه پيڙا محسوس ٿيڻ لڳي هئي، ليڪن اڃا سندس فرض اڌورو هو. سهڪندي، سٽون هڻندي، هو پنهنجو فرض پاڙي رهيو هو.

وچ جي هڪ تيز چمڪي ۾ خالي کيت ڏانهن ڏسندي، غفور سامت جو ساهه کنيو. ڳورا ڀريل قدم کڻندو، هو ڍيري وٽ پهتو. سندس لڳ لڳ درد ڪان ٽٽي رهيو هو. دروازي وٽ پهچندي ئي غفور جو مغز ڦرڻ لڳو ۽ ساٿو ٿي اتي ئي ڪري پيو. سندس ڦاٽل پراڻا ڪپڙا محنت جي پسيني ۽ مينهن ۾ پچي آلا ٿي ويا هئا، ۽ سندس اڇيي سونهاري مغز جي زخم مان وهندڙ رت ۾ رڱجي لال ٿجي ويئي هئي. آهستي آهستي سندس جسم ٿڌو ٿيندو ٿي ويو.

آسمان ۾ هڪوار زور زور سان بادل گرجي اٿيا، وڏ ڦڙي برسات شروع ٿي ويئي.

صبح سمي، مسجد جون اوچيون ديواريون پار ڪري، ڪنهن خدا ترس شخص جي گلي مان نڪتل نمائيءَ بانگ جو آواز، دور دور ڪوهيڙي ۽ ڏند سان ڏڪيل پهاڙ تائين گونجي اٿيو، ۽ مندر ۾ وڄندڙ آشا ڪالين گهنڊ جو مڌر آواز به ٻڙاڏي جي روپ ۾ پري پري تائين ڦهلجي، بانگ جي آواز سان هڪ ٿي ويو... پوءِ، غفور جو آتما-پنڇي سندس ويران جسم جي پڃري مان آڏامي، ايڪتا جو سنديش ڏيندڙ ان ٻڙاڏي سان ملڻ لاءِ، دور دور آڏامي، زمين جي ويڪراين ۽ آسمان جي اوچاين ۾ گم ٿي ويو.

مصنف: گوگول

سنڌيڪار: الهه رکيو، پريو بي- اي

اوورڪوٽ

هتي، حڪومت جي ڪنهن کاتي جي باري ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو، جنهن هميشه عوام سان ويل وهايا ۽ پنهنجي اختياريءَ جو ناجائز فائدو ورتو. کاتي جو نالو نه ڪنيو ويندو، ڇاڪاڻ ته وزارت يا کاتو يا سرڪاري آفيس مطلب ته ڪهڙي به سرڪاري جماعت هجي- رواجيءَ ۾ رواجي ڳالهه تي به غضب ۽ غصي ۾ ڀي باه ٿي ويندي آهي. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته ڪنهن شهر جي پوليس جي ڪپتان ظاهر ظهور هڪ عريضي پيش ڪئي، ته سرڪار جا سيئي کاتا، سيئي آفيسون ۽ سيئي عملدار هميشه خطري ۾ آهن، ۽ انهن کي ڪن بيبنياد ڳالهين سبب، خواه مخواه جيڏانهن ڪيڏانهن ننديو ۽ نفرت جي نگاهن سان ڏٺو ٿو وڃي؛ ۽ پنهنجي سچائيءَ جي ثابتيءَ ۾ هن خود ثنائيءَ جو هڪ وڏو دفتر پيش ڪيو، جنهن جي هر ڏهين صفحي تي سندس فرض ادائيءَ، جانفشانيءَ ۽ ايمانداريءَ جو ذڪر هو، ۽ ان جي ثابتيءَ ۾ آتي سندس نشي جي حالت ۾ هاريل شراب جي ڦينگن جا نشان پڻ موجود ڏيکاريا ويا هئا! تنهنڪري، اجائي ڇڪتاڻ ۽ انٻت کي ٽارڻ لاءِ، کاتي جو نالو مبهم رکيو ويندو.

ڪنهن سرڪاري کاتي ۾ هڪڙو ڪلارڪ ڪم ڪندو هو. ڪلارڪ ته ٻيا به گهڻا هئا، مگر هيءُ عادتن ۾ الڳ ۽ شڪل شبيهه ۾ نيارو هو، جنهنڪري آفيس وارن ۽ آئي وئي جو توجهه هن ڏانهن ئي ڇڪبو هو. اهوئي سبب آهي، جو هتي فقط هن ئي ڪلارڪ جو بيان ڪيو ٿو وڃي. هو قد بت ۾ هلڪو ۽ بندرو هو. سندس منهن تي ماتا جا داغ هئا. اکيون ننڍيون ڇُنيون ۽ وار ڪکا هئس. "پيٽربرگ" جي آبهوا جي اثر ڪري سندس منهن ڳاڙهو، نماڻي جهڙو هو. وارن کسي وڃڻ ڪري مٿي ۾ گنج جو ٽڪو به هوس. ٻنهي ڳلن ۾ گهنج ۽ ڪڏون پئجي ويون هيس. نوڪريءَ ۾ سندس درجو اهڙو ته رواجي هو، جو هو هرڪنهن جي ٽوڪبازيءَ ۽ ٺٺوليءَ جو نشان هو.

هو ذات جو "باشمئچڪن" هو، جنهن جو اشتقاق "باشمئڪ" يعني "گيتلي" لفظ مان نڪتل آهي. مگر هي اشتقاق ڪڏهين ۽ ڪيئن ڪيو ويو، تنهن لاءِ ڪجهه چئي نٿو سگهجي. بهرحال ايتري معلوميت آهي ته هن جو پيءُ، ڏاڏو، پيٽوپو ۽ ٻيا سڀ ذات وارا گيتلا پائيندا هئا، ۽ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ به يا ٽي دفعا گيتلن کي وري وري ترا وجهرائيندا هئا.

سندس نالو "اڪاڪي اڪاڪيوچ" هو. پڙهندڙن کي شايد اهو گمان وهي ته هن جو نالو ڪو چونڊ ۽ لاجواب رکيو ويو هو، مگر ائين نه هو. هن جي ڄمڻ وقت حالتون اهڙيون اچي بڻيون، جو هن تي ڪو ٻيو نالو رکجي ئي نه ٿي سگهيو. جيتري قدر مون کي ياد آهي، ته "اڪاڪي اڪاڪيوچ" مارچ جي ٢٣ تاريخ سج لٿي ڌاري ڄائو هو. سندس ماءُ، هڪڙي "سرڪاري ڪاموري" جي زال جي حيثيت ۾، ٻار جي نالي رکڻ جي رسمن جا مڪمل بندوبست ڪيا هئا. پاڻ اڃا وير جي بستري تي ئي پيئي هئي، ته هن جي سڄي پاسي، ٻار جو "گاڊ فادر" (God Father) "اون اونو وچ ييرشڪن"، قانون ساز جماعت جو هيڊ ڪلارڪ، ۽ "گاڊ مدر" (God Mother) هڪ پوليس آفيسر جي بيگم، سنئين سيتي، گنائتي عورت "ارينا سيميونوونا بائلو بريوشڪو"، بيٺا هئا. نصيبن واريءَ ماءُ کي ٽي نالا — ماڪي، ساسي ۽ هاردازت (سڀ مشهور مقامي اوليائن جا نالا) — پيش ڪيا ويا، مگر ڪيس آهي پسند نه آيا. مائيءَ کي اطمينان ڏيڻ لاءِ جنتري کولي وئي، ۽ ٽئين چاول ٻار لاءِ ٻيا ٽي نالا — ٽرفلي، دولا ۽ وراهاسي — ڪڍيا ويا، مگر اهي به ڪيلڊي پٽ جي لائق ثابت نه ٿيا. جنتريءَ جو ٻيو صفحو کوليو ويو ۽ پاوسيڪاهي ۽ واهستي نالا نڪتا، مگر مائيءَ کي اهي به نه آڙيا. آخر مائيءَ فيصلو ڪيو ته ڇوڪر کي پنهنجي پيءُ مرحوم جي نالي پٺيان سڏيو وڃي — پٺس جو نالو اِڪاڪي هو ۽ سندس پٽ به اڪاڪي سڏجي — اهڙيءَ طرح حالتن پٺاندر هن تي نالو اڪاڪي اڪاڪيوچ رکيو ويو. معصوم ٻارُ نالي رکڻ جي رسمن جي دوران ۾ گهٽوئي ڦٽڪيو، منهن ٻچڙو ڪيو ۽ ٻوڪات ڪري رنو، ڄڻڪ پنهنجي قسمت تي روئي رهيو هو ته انهيءَ نالي سان ته هو هڪ نقل نويس ڪلارڪ ئي ٿيندو، پر هن جي انهن ٻاراڻن احتجاجن تي ڪنهن به پورو ڌيان ڪونه ڏنو.

ڪنهن کي به خبر نه آهي ته اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪڏهين نوڪريءَ ۾ گهڙيو، ۽ ڪيس ڪنهن نوڪريءَ ۾ رکيو. بهرحال، هن جي نوڪريءَ جي وقت ۾ ڪيترا ڊئريڪٽر ۽ بالا آفيسر آيا ۽ ويا، مگر هيءُ ساڳيءَ جاءِ تي ۽ ساڳيءَ حالت ۾، ساڳيءَ ئي ڊيوٽيءَ تي، نقل نويس يعني منشي ئي رهيو: ماڻهو چوندا هئا ته 'هيءُ ماءُ جي پيٽ مان ئي نقل نويس ۽ مٿي تي گنج جي ٽيڪريءَ سان ڄائو آهي'. هن کي ڪوبه عزت جي نظر سان نه ڏسندو هو. آفيس جا پٽيوالا به هن جي اچڻ تي اٿي بيهي استقبال ڪرڻ ته الڳ رهيو، هن جو خيال به نه ڪندا هئا — ڄڻ ڪا مک دروازي مان لنگهي وئي. بالا آفيسر پڻ هن سان بيرخي ۽ بيخياليءَ سان پيش ايندا هئا. اسسٽنٽ هيڊڪلارڪ ته وري اهڙو بي‌مروت هو، جو ڪوبه ڪاغذ پٽ نقل ڪرڻ لاءِ هٿون هٿ ڏيڻ ۽ ان تي صلاح مصلحت ڪرڻ بدران، ان کي وٺي کڻي هن جي منهن ۾ اڇليندو هو، ۽ ائين به نه چوندو هوس ته "هي نقل ڪر، يا ڪهڙو نه هيءُ دلچسپ نڪر آهي جيڪو هاڻي نقل ڪرڻو اٿيئي!" اهڙيءَ اڏنگيءَ هلت هوندي به، هو چپ چاپ ڪاغذ وٺندو هو ۽ پنهنجي ڪم کي لڳي ويندو

هو- بغير ڪنهن ڇاڻ جي ته ڪاغذ ڪنهن اڇليو، ۽ بغير ڪنهن اعتراض جي ته هن سان اهڙي نامناسب هلت ڇو هلي ويئي! آفيس جا سڀ ڪلارڪ پنهنجي لياقت ۽ حوصلي آهر خوب هن تي طعني زني ۽ ٽوڪبازي ڪندا هئا، ۽ هن جي متعلق پنهنجا هٿ جا گهڙيل بهتان ۽ ڳالهيون بنا ڪنهن رک رڪاءَ جي ٺوڪي هن جي منهن تي اڇلي پيا هڻندا هئا. ڪو چوندو هو ته "هن جي سينڌ ستر ورهين جي پوڙهي آهي ۽ ڪيس موچڙا هڻندي آهي." ٻيو پڇندو هوس، "تنهنجي شادي ڪڏهين ٿيندي؟" ڪو وري هن مٿان ڪاغذن جون ٽڪريون ڇٽيندو هو ۽ چوندو هو ته "گلن جي ورکا ٿو ڪيانس." هنن سڀني هلتن هوندي به اڪاڪي اڪاڪيوچ جي ڪم ۾ ڪو فرق نه ايندو هو، ۽ هيڏي ساري مسخريءَ هوندي به هو ڪنهن کي جواب ئي نه ڏيندو هو- ڄڻ ته ڪو آهي ئي ڪونه. هيڏي ساري گوڙ گهمسان هوندي به ڪيس ڪا ڇُڪ نه پوندي هئي! البت جڏهين ڪيس ڪو ٻانهن کان وٺي ڏونڏاڙيندو هو يا ڪم کان ڇاڻي ٻڇهي روڪيندو هو، ته رحم جوڳي آواز ۾ چوندو هو ته "مهرباني ڪري مون سان مستي نه ڪريو. مون کي هيڪلو ڇڏيو. منهنجي ڪم ۾ رنڊڪ نه وجهو. منهنجي بيعزتي ڪرڻ مان توهان کي ڇا هٿ ايندو؟" اڪاڪي اڪاڪيوچ جي هنن لفظن اچارڻ جي لهجي ۾ اهڙي ته ڪا خاص ڪشش هئي، جو پٿر دل به پگهرجي وڃي! هڪڙو نئون ڪلارڪ آفيس ۾ مقرر ڪيو ويو، ۽ هو به ٻين ڪلارڪن سان گڏ اڪاڪيءَ کي چيڙائڻ ۽ ستائڻ ۾ حصو وٺڻ لڳو؛ مگر اڪاڪي اڪاڪيوچ جي دل ونڌڙ لفظن ته "مون کي هيڪلو ڇڏيو، منهنجي بيعزتي ڪرڻ مان توهان کي ڇا هٿ ايندو؟"- هن جي دل ڦيهي پرزا پرزا ڪري ڇڏي. هن کي ايڏو ته جهٽڪو آئي، جو اڪاڪي اڪاڪيوچ کي چيڙائڻ بدران هن تي رحم کائڻ لڳو، ۽ پنهنجي ساٿين کان، جن کي هو تهذيب وارا ۽ فهميدا ماڻهو سمجهندو هو، هميشه لاءِ ڪناري ڪشي ۽ نفرت ڪرڻ لڳو. هن تي آفيس جي ٻين ڪلارڪن جي حيوانيت ۽ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي بيچارگيءَ جو ايڏو ته اثر ٿيو، جو ڪيتري زماني کان پوءِ به، هر ڪنهن وڏي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي، هن مسڪين ڪلارڪ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي قياس جوڳي حالت ۽ ان جو گنج وارو ميرانجهڙو مٿو سندس خيال ۾ تصوير ٿي اچي ائين سامهون بيهندو هو، ڄڻ چوندو هجي: "منهنجي جند ڇڏيو. منهنجي بيعزتي ڪرڻ مان اوهان کي ڇا هٿ ايندو؟" پوءِ ته هي رحم دل ڪلارڪ ڏکي ويندو هو، ۽ عجب کائيندو هو ته ماڻهو ڪيئن نه ٻاهرينءَ طرح شريف ۽ تهذيب وارا پيا لڳن، مگر اصل ۾ هو بنهه انسانيت کان ٻاهر ۽ حيوان خصلت انسان آهن!

اڪاڪي اڪاڪيوچ پنهنجي ڪم ڪرڻ ۾ اڻٿڪ ۽ اورچ هو. فقط ائين چوڻ ته "هو محنتي هو"، ڪافي نه آهي: حقيقت هيءَ هئي ته هو پنهنجي ڪم جو عاشق هو. هن جو ڌنڌو يعني نقل نويسي هن واسطي هڪ ننڍڙي دنيا هئي، جنهن ۾ خوشي هئي ۽ غم به هو. ڪي ڪي خط هن جي خاص پسنديءَ وٽان هوندا هئا، جن کي نقل ڪرڻ وقت هن جي منهن ۾ خوشيءَ

جي لهر ڊوڙي ويندي هئي. هو مشڪندو هو، اک ڀڃندو هو ۽ چپ ڦڙڪائيندو هو. 'منهن دل جي آرسي آهي'- ۽ معلوم ٿيندو هو ته اهو نقل هن جي دل وٽان آهي. جيڪڏهين ڪم ۽ محنت جي لحاظ کان ڪو انعام يا اضافو ڏنو وڃي ها، ته اڪاڪي گهٽ ۾ گهٽ سِول ڪائونسلر هجي ها. مگر هن کي محنت جي عيوض جو ڪجهه مليو هو، سو هو ڪلارڪن جي طعني زني ۽ ٺوڪبازي. هروڀرو ائين به نه آهي ته هن کي هر ڪنهن بالا عملدار نظرانداز پئي ڪيو. هڪڙي ڊئريڪٽر- جو مڙيوئي ڪو ڀلو مانس هو ۽ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي ڊگهي سروس ڏسي هن کي اضافي ڏيڻ لاءِ منتظر هو- هن ڏانهن هڪڙي ڏينهن نقل ڪرڻ کان ٿورو وڌيڪ ڪم موڪليو. هي نئون ڪم اهو هو، ته هن کي هڪڙيءَ لکپڙهه مان ٻيءَ ڪنهن آفيس لاءِ رپورٽ تيار ڪرڻي هئي. هن ڪم ۾ ڪا خاص قابليت جي ضرورت ڪانه هئي، فقط لکپڙهه جا سرا بدلائڻا هئا، ۽ هاڪار جي جملن کي ناڪاري جملن ۾، ۽ واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ڪرڻو هو: پر هي رواجي ڪم به هن کي اهڙو ته ڏکيو لڳو، جو سڄو پگهرجي ويو ۽ منهن ۽ نرڙ اگهڻ لڳو، ۽ آخر ۾ چيائين ته "مون کي ڪجهه نقل ڪرڻ لاءِ ڏيو!"

ان کان پوءِ هو هميشه نقل نويس ٿي رهيو; ۽ نقل نويسيءَ ۾ ايڏو ته محو ٿي ويو، جو ڄڻڪ دنيا ۾ هن واسطي ٻيو ڪي به ڪين هو. هو پنهنجن لٽن ڪپڙن تي خير ڪو توجهه ڏيندو هو. سندس پوشاڪ ميري مٽيءَ جهڙي هوندي هئي. هن جي ڳچي ايڏي ڊگهي نه هئي، مگر سندس ڪوٽ جي ننڍي ۽ سوڙهي ڪالر هئڻ ڪري بلڪل ڊگهي ۽ بيڊولي پئي لڳندي هئي. سندس ڪوٽ ۽ پتلون کي ڪک پن ۽ ڌاڳن جا ذرڙا هميشه چهٽيا پيا هوندا هئا. انهيءَ کان سواءِ، هن کي گهٽين ۾ درين هيٺان لنگهڻ جي ڄڻڪ عادت هئي، ۽ سو به انهيءَ وقت، جنهن وقت درين مان ڪن ڪچرو اڇليو ويندو هو. سندس ٽوپيءَ تي گدرن ۽ ڇانهن جي کلن جا ذرڙا ۽ ٻيو گند اڪثر چنبڙيل نظر ايندو هو. اهڙو ته سادو ۽ انجاڻ هو، جو ڪيس پتوئي نه پوندو هو ته گهٽين ۾ ۽ رستن تي ڇا ٿو وهي واپري! هن جي مقابلي ۾ سندس ٻيا ڪلارڪ دوست ايترا ته چست ۽ چالاڪ هئا، جو رستي ويندي ڪا رواجي ۾ رواجي ڳالهه يا حادثو ٿيندو هو، ته سندن نظرن مان ضرور گذرندو هو- ويندي ايستائين، جو جيڪڏهن ڪنهن جي پتلون جو پڇوئي هيٺ لڙڪندو هو، ته اهو ماڻهو هنن جي نظر کان هرگز نه بچندو هو، ۽ ضرور هنن جي مذاق جو شڪار ٿيو هو. مگر، اڪاڪي اڪاڪيوچ جو دماغي تخيل دنيا جي هر حرڪت کان دور پنهنجي خوشنوسيءَ تائين محدود هو- مطلب ته هو پنهنجي نقل نويسيءَ جي ڪم ۾ فنا ٿيل هو. جڏهن اوچتو ڪو گهوڙو پنهنجو منهن سندس ڪلهي تي اچي رکندو هو، ۽ ان جي ناسن مان تيز هوا سندس ڳلن کي گرم ڪندي هئي، تڏهين ڇرڪ نڪري ويندو هوس ۽ هوش ۾ ايندو هو ته هو آفيس ۾ نقل نويسي نه ڪري رهيو آهي، مگر رستي جي وچ ۾ آهي- ۽ پوءِ هن جا خيالي قلعا ڊهي پوندا هئا.

گهر پهچڻ سان ئي ڪنڌ هيٺ ڪري هوڪاڏي تي ويهي ويندو هو. ڪاڏو هن جو وري ڪهڙو! شُروي جا ٽڪڙا ٽڪڙا ڏڪ سُرڪي، بصرن سان، وڏي گوشت ڪي پڻ ويهي رهندو هو. ڪيس ذاتي جي پرواهه ڪانه هوندي هئي. جيڪي ڪجهه آڏو ايندو هوس، مڪين ۽ پين غلاظتن سميت ڪائي پيٽ پري، وجي مٿي چڙهندو هو. جڏهن سمجهندو هو ته سندس پيٽ ۾ ڪاڏي لاءِ وڌيڪ جڳهه نه آهي، ته اٿي ڪڙو ٿيندو هو، ۽ مس قلم ڪڻي گهر لاءِ آندل نقل نويسيءَ جي ڪم ڪي لڳي ويندو هو. جڏهن سرڪاري ڪم نه هوندو هوس، ته ڪابه هڪڙي دلچسپ اکپڙهه ڪڻي، خالص پنهنجي دل وندرائڻ لاءِ ويهي نقل ڪندو هو. اهڙيءَ لکپڙهه ۾ سندس دلچسپيءَ جو مدار ان جي عبارت جي سونهن ۽ سٺائيءَ تي نه هو، مگر هن ڪي هر انهيءَ لکيت ۾ نقل ڪرڻ جو شوق وڻندو هو، جيڪا ڪنهن نئين ماڻهوءَ يا ڪنهن خاص وڏي ماڻهوءَ ڏانهن لکيل هوندي هئي.

جڏهن پيٽرس برگ جو آسمان ڪڪرن سان ڇانيل هوندو هو، جڏهن هرڪو ماڻهو موڪل جي موڊ ۾ هوندو هو، جڏهن سڀ ڪلارڪ پنهنجي پسنديءَ موجب ۽ پنهنجي پگهار آهر سئي ۾ سئو ڪائيندا پيئندا هئا، جڏهن ڪلارڪ هر روز جي پورهئي ڪان فرصت پائي آفيس جي گوڙ گهمسان ڪان دور ۽ پنهنجن ۽ پين ماڻهن جي ڪمن ڪارين ڪان فارغ ٿي آرام ڪندا هئا، جڏهن ڪلارڪ پنهنجي فراغت جي وقت ڪل خوشيءَ ۾ گذاريندا هئا ـ ڪي ناٽڪ تي ويندا هئا، ڪي رستن تي رلندا هئا ۽ ڏارين عورتن ڏانهن گهوريندا هئا، ڪي وري پنهنجي ڪنهن واقفڪار حسين ڇوڪريءَ جي وجي سلامي ڀريندا هئا، ۽ ڪي پنهنجن يارن دوستن وٽ ڪنهن ٽئينءَ يا چوٿينءَ ماڙيءَ تي ٻن ادائن ڪوٺين واري ڪنهن فئنسي سامان سان سينگاريل گهر ۾ ويهي پٽ شٽ هڻندا هئا ـ جڏهن ڪلارڪ پنهنجن دوستن جي هنن ننڍڙن ۽ سادن گهرن ڏانهن چڙو وڇڙ ٿي هڪ ٻئي سان تاشا ماشا ڪري آخر پيسڪوٽ راند ۾ مشغول ٿي ويندا هئا ـ جانهه بسڪوٽ جو چشڪو وٺندا هئا، ڪاٺ جي پائيپ سان خوب سوٽا ۽ دونهين جا ڪڪر ڪيڏندا هئا، يا پتن راند ڪيڏندي ڪيڏندي ڪنهن جي گلا غيبت جو مزو وٺندا هئا (جنهن جي لطف ڪان وس پڄندي ڪوبه روسي پاڻ کي محروم نه رکندو آهي)، يا گفتگو لاءِ جيڪڏهن ٻيو ڪو سوزون بيان نه هوندو هون ته هڪ ٻئي کي ڪمانڊنگ آفيسر جي باري ۾ هميشه وارو ٽوٽڪو ٻڌائيندا هئا، ته ”فال ڪونيسٽ“ مقبري تي سندس گهوڙي جو پڇ ڪيئن ڪپيو ويو هو: مطلب ته جڏهن هرڪو پاڻ کي وندرائڻ ۾ محو هوندو هو، تڏهن اڪاڪي اڪاڪيوچ آهوئي پنهنجي نقل نويسيءَ جي ڪم ۾ مشغول ڏسبو هو. هن کي ڪنهن به دعوت يا پارٽيءَ ۾ ڪونه ڏٺو ويو. گهڻي ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ ماٺ ڪري سمهي رهندو هو، ۽ سمهندي ئي سوچيندو هو ته ”نه معلوم سڀاڻي خدا ڪهڙو نقل نويسيءَ جو ڪم موڪليندو؟“ ـ ۽ اهو سوچيندي سوچيندي دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي ننڊ پئجي ويندو هو. اهڙيءَ طرح هو سانتيڪي زندگي بسر ڪندو هو: ۽ خدا جي رضا، پنهنجي قسمت، ۽ چار سَو

ربل پگهار تي راضي هو. هن جي زندگي پڇاڙي تائين آرام سان گذري ها، جيڪڏهين دنيا جون مصيبتون، جيڪي هر غريب يا امير جي حياتي ڪوڙي ۽ بي مزي ڪنديون آهن، هن جي زندگي زهر ڪري، وقت کان اڳي ڪيس ولي وڃي موت جي منهن سامهون نه ڪن ها.

پيٽرس برگ جي ٿڌ، تندرستيءَ لاءِ بلڪل موزون، پر غريب ۽ گهٽ پگهار واري جي دشمن ڄڻي ويندي آهي. صبح جي اٺين نوين بجي پاري جي جهڙپ کان شل خدا بچائي. ويچارن آفيس ويندڙ ڪلارڪن جي نڪ جون چوٽيون اڙي برف ٿي وينديون آهن. اهڙي وقت، جڏهين اميرن جو نرڙ به ٿڌ کان سُور ڪندو آهي ۽ پاري جي زور کان سندن اکين مان ڳوڙها نڪري ايندا آهن ـ ويچارن ٿوري پگهاروارن غريب ڪلارڪن جو ڪهڙو حال هوندو؟ سندن بچاءُ صرف اهو هوندو آهي، ته ڦاٽل ۽ سنهي اوورڪوٽ ۾ پنجن ڇهن گهٽين مان زور سان ڊوڙي، ٻاهرئين دربان جي ڪوٺيءَ ۾ وڃي هٿ پير چڱيءَ طرح گرم ڪن، جيستائين ڪ سندن دماغي لياقتن ۽ جسماني قوتن ۾ وري گرمي ۽ تازگي اچي، جو هو پنهنجي نوڪري چڱيءَ طرح سان ڏيئي سگهن.

اڪاڪي اڪاڪيوچ اڄ پنهنجي اوورڪوٽ هوندي ۽ هميشه وارو رستو وٺ ۾ وڏ تيزيءَ سان ڊڪندي به، پنهنجي پٺيءَ ۽ ڪلهن تي ٿڌ جي لهس محسوس ڪئي، ۽ سمجهيائين ته ضرور ڪوٽ ۾ ڪا خامي آهي. گهر جي اڪيلائيءَ ۾، ڪوٽ جي جائزي وٺڻ سان معلوم ٿيس ته پٺيءَ ۽ ڪلهن وٽان ڳري پروڻ ٿي ويو آهي، جو ڪپڙي جي آرپار نظر پئجي ٿي سگهي، ۽ ڪپڙي سان ڌاڳا نڪرندا ٿي آيا. پڙهندڙن کي معلوم هئڻ کپي ته اڪاڪي اڪاڪيوچ جو ڪوٽ اهڙو ته ردي ٿي ويو هو، جو اڳ ئي ڪلارڪن جي ٺٺولين ۽ چٿرن جو نشان هو. هو چوندا هئا ته اهو ڪوٽ نه آهي، ’ڪنٽل نپڙ‘ آهي. اوورڪوٽ جي سلائي به عجيب نموني جي ٿيل هئي. ڪالر هر سال ننڍو ۽ سوڙهو ٿيندو ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته ان مان ڪپڙو ڪڍائي ڪوٽ تي پٺي هنڌ چتيون لڳايون وينديون هيون ـ ۽ چتيون به ڪي سبتيون ڪي اپتيون ته ڪي وري خود ڦاٽل هيون، جنهنڪري ڪوٽ ويتر بڇڙو ۽ بدزيبو پئي لڳو.

اڪاڪي اڪاڪيوچ پنهنجي اوورڪوٽ جي معائني ڪرڻ کان پوءِ سوچيو ته ان کي ’اٿلائڻ‘ لاءِ پيٽرووچ درزيءَ وٽ کڻي وڃي، جو پنڌين پاسي چوٿينءَ ماڙ تي رهندو هو. پيٽرووچ کي منهن تي ماتا جا داغ هئا، ۽ هڪ اک کان ڪاڻو هوندي به ڪلارڪن جي پتلونن ۽ ڪوٽن جي اٿلائڻ ۽ ٽوپي ٽنگڻ ۾ پڪو هو ـ مگر تڏهين، جڏهين ڪنهن سوچاري رخ ۾ هوندو هو ۽ ٻيو ڪو ڪم ڪار نه هوندو هوس. هن درزيءَ جي باري ۾ هتي ڪجهه چوڻ ضروري نه آهي، مگر اڄ ڪلهه جي قاعدي موجب هر نئين اداڪار جو ڪجهه نه ڪجهه بيان ڪرڻ لازمي آهي، ۽ پيٽرووچ سان مختصر نموني ۾ واقفيت ڪرائي وڃي ٿي. اوائل ۾ هو ڪنهن سکر ماڻهوءَ جو زرخريد ٻانهو هو ۽ ’گرگري‘ سڏيندا هئس. بعد ۾ هن کي آزادي ملي ۽ پيٽرووچ نالو پيس. هو هر ڪنهن وڏي خواه ننڍي ڏڻ تي شراب پيندو هو. بس، ڪئلينڊر ۾ جنهن ڏينهن تي به

منڊيڙي جو نشان ڏنائين، هن جي شراب جو دور چالو. مطلب ته اين ڏاڏن جي رسم کي ڊارڊور سان نڀائيندو هو. جڏهين به زال سان چٽپ پوندو هو، ته ڪارين جا ڏس ٻڌائيندو هوس. جنهن صورت ۾ هين جي زال جو به نالو ڪٿي ويٺا آهيون، تڏهين اهو ضروري آهي ته ان جو به ٿورو احوال ڏيون — مگر افسوس جو اسان کي سندس زياده خبر نه آهي. هن سان فقط ايتري واقفيت آهي ته پيٽرووچ جي زال هئي. هوءَ مٿي ۾ رومال نه پر ٽوپي پائيندي هئي. شڪل جي ڪا خاص ڪانه هئي. بس ماڻهن جهڙو ماڻهو هئي. البت سولجر هن ڏانهن معنيٰ خيز نظرن سان نهاري، مڇن کي تاءُ ڏيندا هئا ۽ سيٽيون وڄائيندا هئا!

اڪاڪي اڪاڪيوچ، پيٽرووچ جي گهر وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ تان چڙهندو پئي ويو. ڏاڪڻ تي ابترو ته پاڻي هاريل هو، جو ڳاني ٽوڙ ترڪڻ ٿي پئي هئي ۽ پوسل جي ڪري ايڏي ته بدبوءِ هئي، جو ساهه ٿي نڪتو. هيءَ ماجرا پيٽرس برگ جي هر ڪنهن گهر جي پٺين ڏاڪڻين سان لاڳو آهي. اڪاڪي اڪاڪيوچ اڳي ئي ڳڻتيون ڪائيندو پئي ويو ته "نه معلوم پيٽرووچ هن رواجي ڪم جو ڪيترو اجورو گهرندو!" بهرحال هن دل ۾ پڪو ٺهراءُ ڪيو ته هن کي ٻن ربلن کان زياده نه ڏيندو. گهر جو دروازو کليل هو. پيٽرووچ جي زال مڇي تري رهي هئي ۽ رڌڻو ايڏو ته دونهين سان ڀريل هو، جو ڀتين تي گهمندڙ ڦرندڙ ننڍڻ ۽ ماڪوڙيون به مشڪل سان نظر اچن. اڪاڪي اڪاڪيوچ، پيٽرووچ جي زال جي نظر بچائي، رڌڻو پار ڪري، ڪوٺيءَ ۾ آيو، جتي پيٽرووچ هڪڙي وڏيءَ ڪاٺ جي کهريءَ ميز تي چنگهون گوڏن هيٺان ورائي، آرام سان ويٺو هو — ڄڻڪ ترڪيءَ جو ڪو بيپرواهه بادشاهه ويٺو آهي! ٻين درزين وانگر هن جا به پير اگهاڙا هئا. پهرين شي جنهن ڏانهن اڪاڪي اڪاڪيوچ جو ڌيان ڇڪيو، اهو هو پيٽرووچ جي پير جو وڏو ڀپ، جنهن جي آڱرين جا ننهن بيڊولا ۽ اهڙا هئا، جهڙا ڪڇميءَ جي هڏي جا ٽڪر. سندس ڳچيءَ ۾ ريشمي ڌيريءَ جو ڌاڳو لٽڪيو پيو هو، ۽ سندس گوڏن تي اڳڙين جا ڍير لڳا پيا هئا. پاڻ ڪجهه وقت کان سئيءَ ۾ ڌاڳي وجهڻ جي ناڪامياب ڪوشش ڪري رهيو هو. سئيءَ جي ناڪي مان سڳو لنگهيو ئي نٿي. اونده، سئي ۽ سڳو سندس غضب ۽ غصي جو شڪار هئا، ۽ چپن ئي چپن ۾ مٿن ڇوهه ڇنڊي رهيو هو: "نٿو وڃين منحوس؟ تو منهنجي بيڪ ئي ڪڍي ڇڏي آهي ... بدمعاش! جهنگلي!" اڪاڪي اڪاڪيوچ سوچيو ته پيٽرووچ هن وقت چڱي رخ ۾ نه آهي، ۽ هن کي اهڙي وقت اچڻ کپندو هو، جنهن وقت هو ڪنهن موچاري خيال ۾ هجي ها، يا جڏهين هن مٿان هيءَ ڪاوڙ جو ڀوت سوار نه هجي ها؛ ڇو ته اهڙين خوش مزاجيءَ جي حالتن ۾ پيٽرووچ هميشه پيسن ۾ گهٽ وڌ ڪري، مڙيوئي گراهڪ کي واپس وڃڻ نه ڏيندو هو؛ پاڻ انهن کي نوڙي سلام ڪندو هو — جيتوڻيڪ بعد ۾ سندس زال رڙيون ڪندي ايندي هئي، ته هن جو مڙس پيتل هو ۽ نشي جي حالت ۾ پئسا ڇيا هئائين. مگر ان جو علاج به سولو هو. ڏهن ڪاپيڪن جو سڪو سندس هٿ تي رکڻ سان آتي جو آتي خاموش ٿي ويندي هئي. پر

هن دفعي اڪاڪي اڪاڪيوچ جا ظاهر هو تہ هوش حواس پختا ۽ باخبر هئا؛ پاڻ ڪجهہ رکو ۽ چڙيل ئي ڏٺو، جڻ سودي ڪرڻ لاءِ تياري نہ هو. اڪاڪي گهبرائڻ لڳو تہ معلوم نہ آهي ڪيترا پئسا چوندو؟ ذري گهٽ واپس وڃڻ تي هو، مگر حالتون اهڙيءَ حد تائين پهچي چڪيون هيون، جو ڪيس موٽڻ مناسب نہ لڳو؛ چاڪاڻ تہ ترت ئي ڏائين تہ پيٽرووچ پنهنجي واحد اک ڦاڙي ڏانهس گهڻي غورسان نهاري رهيو هو. اڪاڪي اڪاڪيوچ مجبور ٿي چيو، "سلام ٿئي، پيٽرووچ!" پيٽرووچ جواب ۾ چيو، "سلام ٿئي!" ۽ ٽيڏيءَ اک سان اڪاڪي اڪاڪيوچ جي هٿن ڏانهن ڏسي رهيو هو، تہ ڇا ڪٿي آيو آهي؟

اڪاڪي اڪاڪيوچ چيو، "پيٽرووچ! مان توهان ڏانهن آيو آهيان ......" پڙهندڙن کي ياد رکڻ گهرجي تہ اڪاڪي اڪاڪيوچ ۾، پنهنجي مطلب تي اچڻ کان اڳ ۾ گهڻين منٿن ڪرڻ ۽ معافين وٺڻ جي عادت هئي. جملي شروع ٿيڻ کان پوءِ، "سچ پچ!" يا "اوهان کي خبر هوندي!" جهڙا بي معنيٰ لفظ بار بار ڪم آڻيندو هو، جنهنڪري پنهنجيءَ ڳالهہ کي پاڻ منجهائي ڇڏيندو هو؛ ۽ ائين ڇيچ سچ ڪندي ڪندي، ڳالهہ جي معنيٰ مطلب جو منهن مٿوئي بنهہ وڃائي ڇڏيندو هو.

پيٽرووچ پڇيو، "ڪهڙو معاملو آهي؟" ۽ ساڳئي وقت هر درزيءَ جي عادت موافق، پنهنجيءَ هڪڙيءَ ئي تيز اک سان اڪاڪي اڪاڪيوچ جي ساري وردي ڪالر کان ٻانهن، پٺيءَ ۽ ڪاجن تائين ڇڪاسيائين، جن کان هو اڳيئي واقف هو- ڇو تہ آهي سندس ئي اٿلايل هئا. اڪاڪي اڪاڪيوچ رکي رکي آخر شروع ڪيو: "هي منهنجو اوور ڪوٽ .... ڪپڙو ...... ڏس ...... سارو مضبوط آهي! ٿورو ميرو آهي جنهنڪري ...... جهونو ٿو لڳي، هونئن بلڪل نئون آهي! فقط پٺيءَ تي ...... هڪ هنڌ ...... ٿورو ...... ۽ ٿورڙو هن ڪلهي تي ...... ۽ ڪجهہ ...... هن ڪلهي تي ...... ڳريل آهي. بس ...... ڏسو نا ...... ڪو زياده ڪم ڪونہ آهي".

پيٽرووچ، "ڪئپل ٽپڙ" پنهنجي هٿ ۾ ورتو، ۽ ميز تي وڇائي ساري کي گهڻي وقت تائين تپاسيائين. پنهنجو مٿو لوڏيائين ۽ پڙ واري ڪپٽ مان گول ناس جي دٻلي ڪڍيائين، جنهن جي پڙ تي هئي تہ ڪنهن جنرل جي مورت اڪريل، مگر پڪ سان چئي نہ سگهبو تہ ڪنهن جي! اهو انهيءَ ڪري، جو جنهن هنڌ مورت جو منهن هو، تنهن هنڌ پيٽرووچ جي هٿ جي آڱر اچي وئي هئي، ۽ ان هنڌ ننگ کي چورس ڪاغذ جو ٽڪر ٻہ چنبڙايل هو. پيٽرووچ ناس جي چپٽي ڪئي، ۽ "ڪئپل ٽپڙ" کي هٿن ۾ جهلي روشنيءَ ۾ ڇڪاسيائين ۽ پيهر ڪنڌ لوڏيائين؛ ابتو ڪري وري جاچيائينس ۽ ٻيهر مٿو لوڏيائين. دٻليءَ جو پڙ وري کوليائين ۽ ناس جي چپٽي سنگهيائين، دٻلي بند ڪري ڪپٽ ۾ رکيائين، ۽ چيائين، "نہ ... ڪپڙو بنهہ ٻُسي ٿي ويو آهي. هي اوورڪوٽ منهنجي اٿلائڻ کان زور آهي!" اڪاڪي اڪاڪيوچ جو اهي لفظ

ٻڍي ذري گهٽ هنياءُ ٻڌي ويو. هن ٻار وانگر ليلائيندي چيو، ”ڇو نه ٿي سگهندو؟ ٿورو ٻيءَ ۽ کلهن وٽان ته ڳريل آهي. توهان وٽ نئدا ڪپڙي جا ٽڪر ته هوندائي.“

”ها، ها! ڪپڙي جا ٽڪر ملي ويندا، مگر تنهنجي اوور ڪوٽ کي ڳنڍ ٽوپو نه ٿي سگهندو. ڪپڙو سڙيل آهي. جيڪڏهين سئي لاءِ سئي هلائبي، ته رهندو ڦاٽي پوندو.“

”ڦاٽي ته پيو ڦاٽي، زوراور؛ مگر چتيون ضرور لڳائينس.“

”ڪجهه هجي به ته چتي هڻان! ڪپڙو سئيءَ ۽ ڌاڳي جو زور سهي ئي ڪونه سگهندو. ڪپڙو ختم ٿي چڪو آهي. ان کي ڪپڙو چوڻ به گناه آهي. صرف ڦوڪ تي اڏامي ويندو.“

”مهرباني ڪريو ــ ڪنهن به نموني ٿورو مضبوط ڪري ڏيو. سچ پچ هي مون تي وڏي ....“

”نه نه. ڪجهه به نه ٿي سگهندو. ڪپڙو بلڪل ڳريل آهي. منهنجي صلاح وٺين، ته هن سان پنهنجن چنگهن جي ويڙهڻ لاءِ پٽيون ٺهراءِ، چاڪاڻ ته تنهنجن انهن جرمنيءَ جي ٺهيل جوراين ۾ ڪا گرمي ڪانه آهي؛ جرمنن کي ته رڳو پئسو ڪمائڻو آهي (پيٽرووچ کي جرمنن جي گلا ڪرڻ ۾ مڙيوئي مزو ايندو هو)، ۽ صاف ظاهر آهي ته توکي اوور ڪوٽ نئون خريد ڪرڻو پوندو.“

لفظ ”نئون“ ٻڌڻ سان ئي اڪاڪي اڪاڪيوچ ڏڪرجي ويو. سندس اکين آڏو انڌارو اچي ويو. ڪوٺيءَ ۾ پيل شيون ڏنڌليون نظر اچڻ لڳيس. پيٽرووچ جي ناس جي دٻليءَ تي ڪاغذ جي ٽڪر سان منهن ڍڪيل جنرل کان سواءِ ٻيو ڪي به ڪين ڏسي ٿي سگهيو.

”نئون اوور ڪوٽ!“ اڪاڪي اڪاڪيوچ تعجب ۾ چيو، ڄڻ ته ڳهري ننڊ ۾ هو. ”ائين ڀلا ڇو؟ مون وٽ ڪوٽ خريد ڪرڻ لاءِ پئسا ته آهن ئي ڪونه!“

”هائو، نئون ڪوٽ!“ پيٽرووچ بيرحميءَ سان چيو.

اڪاڪي اڪاڪيوچ چيو ”ڀلا جيڪڏهين مان نئون اوور ڪوٽ خريد ڪيان، ته ڪيترو ....؟“

پيٽرووچ اڪاڪي اڪاڪيوچ جو جملو اڌ ۾ ڪاٽيندي، ورائيو، ”تنهنجو مطلب آهي ته ڪيترا پئسا ڪائيندو نه؟“

”جي.“

پيٽرووچ پنهنجا چپ چٻاڙيندي جواب ڏنو، ”اوور ڪوٽ خريد ڪرڻ لاءِ توکي گهٽ ۾ گهٽ پنجاه روبلن جي ٽن نوٽن تان هٿ ڪڻو پوندو.“ پيٽرووچ اهڙيءَ طرح اڪاڪي اڪاڪيوچ کي وڏي رقم ٻڌائي، منجهائي، ٽيڏيءَ اک سان پئي تاڙيو ته هن تي ڪهڙو اثر ٿو پوي؟

”هڪ سو پنجاه روبل اوور ڪوٽ واسطي!“ اڪاڪيءَ کان ڇيخ نڪري وئي. هن جي زندگيءَ ۾ اهو پهريون دفعو هو، جو بي اختيار رڙ نڪري ويس، ورنه هو جهيڻي ۽ هلڪي آواز ۾ ڳالهائڻ جو عادي هو.

پيٽرووچ لاغرضيءَ سان جواب ڏنو، ”هائو، جھڙو مال تھڙي مٺائي. جيڪڏهين ڪالر ۾ ”مارٽن“ وجھائيندين، ته ٻه سؤ ربل ڪائيندو.“

پيٽرووچ جون هي اڻ سونهندڙ ڳالهيون ٻڌي، اڪاڪياڪاڪيوچ جا حوصلا خطا ٿي ويا، ۽ نيزاريءَ سان چيائين، ”پيٽرووچ! مهرباني ڪري ڪيئن به ڪوٽ کي ٺاهي درست ڪريو، جيئن ڪجھ وڌيڪ وقت هلي.“

پيٽرووچ چڙڪ جواب ڏنس، ”ناممڪن. تنهنجي اوورڪوٽ تي ڪم ڪرڻ محنت، وقت ۽ پئسي جو زيان آهي.“ اڪاڪي اڪاڪيوچ نااميد ٿي ويو، ۽ سندس ٻاهر هليو وڃڻ ڪان پوءِ ۽ پنهنجي ڪم شروع ڪرڻ ڪان اڳ ۾ پيٽرووچ گھڻي وقت فاتحانه نوع ۾ ويٺو رهيو ۽ دل ئي دل ۾ ڪڇيون هڻي رهيو هو ته چڱو ٿيو جو هن پاڻ کي ايڏو ذليل ثابت نه ڪيو ۽ پنهنجي درزڪي ڪم جو وقار نه وڃايو.

اڪاڪي اڪاڪيوچ، پيٽرووچ جي گھر ڪان نڪري گھٽيءَ ۾ بدحواسيءَ جي حالت ۾ پهتو، جڻ ته ننڊ خوابيءَ ۾ هو ۽ پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو، ”سو اهو ائين آهي. مون کي سچ پچ اهڙو گمان به نه هو.“ ۽ ٿوري ديرءَ ڪان پوءِ وري ويچارڻ لڳو، ”ته اها ڳالهه ائين آهي. آخرڪار اهو قصو ائين ٿي ٽيٺو هو. مون کي ته خيال ۾ به نه هو ته ائين ٿيندو......“ گھڻي خاموشي بعد وري وڻاڻ لڳو، ”آخر ائين ٿي ٿيو. بنهه اڻ ٿيڻي ڳالهه.......... ڪنهن ٿي ائين سوچيو؟ مگر حالتن جي مجبوري..........“ اڪاڪي اڪاڪيوچ خيالن ۾ ايڏو ته غلطان هو، جو پنهنجي گھر جو رستو ڇڏي ڪنهن ابتيءَ سڙڪ سان وڃي رهيو هو. رستي ۾ ڪارهن سان ڀريل واچوڙي هن جا ڪلها ڪارا ڪري ڇڏيا ۽ هڪڙي گھر جي ڪوٺي تان ڳپ ڳارو ڪريو، جو هن جي مٿان ٺڦجي ويو؛ مگر هي هوش ۾ نه آيو. آخر جڏهين هڪڙي سنتريءَ سان، جو پنهنجو ڀالو هڪ پاسي رکي پنهنجي چنڪيءَ سڳيءَ مان ناس ڪڍي تريءَ ۾ وجھي رهيو هو، وڃي ٽڪريو ۽ هن جي مٿان آئڙيو ۽ جڏهين انهيءَ سنتريءَ ٽڙي ڪڍيس: ”بيوقوف! انڌو آهين ڇا؟ ڏسين ۾ ڇو نٿو گھڙندو اچين. هيڏو سارو رستو پيو اٿئي“ـ تڏهين ڪجھه اک کليس ۽ هوش آيس ۽ الٽو رستو ڇڏي گھر جو طرف ورتائين ۽ بيسود بڪ بند ڪيائين. البت واجبي سُس پُس اچا بـ پنهنجو پاڻ سان پئي ڪيائين - جنهن ڪنهن گهري ۽ عقلمند دوست سان ڪنهن پيچيده ۽ مکيه مسئلي تي آهستي آهستي بحث مباحثو ڪبو آهي! ”نه، نه، پيٽرووچ سان هاڻي ڳالهائڻ ٺيڪ نه آهي، هن وقت هو سچ پچ ...... ۽، جوڙس شايد پئسو ڏوڪڙ ڏنيس ٿي، جو هيڻن منهنجي پئسن کي ٺڪرايائين! مون کي هن ڏانهن آچر ڏينهن صبح جو وڃڻ گھرجي، جڏهين ڪيس شراب لاءِ پئسا گھرجن. هو نشي ۾ هوندو، ۽ مان ڏهه ڪاپيڪ ڪڍي هٿ تي رکندوسانس، ته هو ڪوٽ به ٺاهيندو ۽ راضي به ٿيندو.“

اهڙيءَ طرح پنهنجي دل ئي دل ۾ دليل بازي ڪندي خوش پئي ٿيو. پوءِ پئي آچر تي، پيٽرووچ جي زال کي پري کان ئي گهر مان ٻاهر نڪرندو ڏسي، هڪدم وڃي پيٽرووچ جي سامهون پيش ٿيو. سچ پچ هو گهڻو پيتل هو ۽ اهڙا ته گهيرت ۾ جهوٽا پئي کاڌائين، جو پنهنجو ڪنڌ به نٿي جهلي سگهيو. مگر ڪاوڙ جو ڀوت اڃا سوار هوس. جڏهين اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪوٽ جي ڳالهه ڪيس، تڏهين شوخ ٿي چيائين، "مون کان نه پڇ. توکي نئون اوورڪوٽ ٺهرائڻو پوندو." اڪاڪي اڪاڪيوچ هڪدم ڏهن ڪاپيڪن جو سڪو ڪڍي هن جي هٿ تي رکيو. پيٽرووچ ڪجهه نرميءَ سان چيو، "تنهنجي وڏي مهرباني. مان ڀي توکي دعائون ڪندس. مگر اوورڪوٽ لاءِ مون کي نه چئو. تون مون تي ڀروسو رک مان توکي نئون ڪوٽ بلڪل چڱيءَ طرح سبي ڏيندس." اڪاڪي اڪاڪيوچ پراڻي ڪوٽ درست ڪرائڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ چوڻ چاهيو ٿي، مگر پيٽرووچ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري سمجهائڻ لڳس، "تون مون تي اعتبار ڪر. مان توکي اوورڪوٽ ضرور ٺاهي ڏيندس، ۽ ڪالر کان وٺي پيڙن تائين ان ۾ جديد فئشن رکندس، ۽ سلائي به پهريون نمبر ڪندس."

اڪاڪي اڪاڪيوچ ويچارو نا اميد ٿي ويو، ۽ سمجهيائين ته نئون اوورڪوٽ ٺهرائڻو ئي پوندو. مگر پئسو ته هن وٽ هو ئي ڪونه. ڪپڙو ڪٿان اچي ۽ ڪوٽ ڪيئن سبجي؟ ڪيس ڪجهه "بونس"، اٽڪل چاليهه روبل، ته ملڻو هو؛ مگر انهيءَ رقم جي خرچ جو تخمينو هن اڳي ئي لڳائي ڇڏيو هو- انهن پئسن مان هن کي پتلون وٺڻي هئي، ڪجهه سوچيءَ جي جهوني رهيل اوڌر ادا ڪرڻي هئي، درزياڻيءَ کان ٽي قميصون سبائڻيون هيون، ۽ ٻيون ڪجهه چيزون پڻ، جن جو هتي بيان ڪرڻ مناسب نه آهي، خريد ڪرڻيون هيون. مطلب ته سندس تخميني مطابق رقم اڳي ئي خرچ ٿي پئي هئي. جيڪڏهين ڊئريڪٽر هن تي مهربان به ڪٿي ٿئي ها، تڏهين به هن جو "بونس" وڌ ۾ وڌ چاليهن روبلن مان وڌائي پنجيتاليهه يا پنجاهه روبل ڪري ها، ۽ هن کي فقط پنج يا ڏهه روبل ڪٽيل خرچ کان وڌيڪ ٿين ها، جيڪا رقم واقعي دريا ۾ هڪ قطري مثل هئي. هن کي ته سڄو سارو اوورڪوٽ سبائڻو هو. هو پيٽرووچ کان واقف هو ته هو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن کي اجايا وڌيڪ پئسا ٻڌائيندو هو، ۽ اهڙن موقعن تي جوئس پڻ ڏ نپيندي هيس- "ماريو ڇسو پوڪ! هاڻي ته چريو ٿي پيو آهي. ڪڏهين ته ماڻهن جا ڪم مفت پيو ڪري، ۽ اڄ وري پنهنجي ٻڍڙائيءَ تي چڙهيو آهي؛ ۽ ڪين جهڙي ڪم لاءِ هيڏي ساري رقم ٿو گهري- ڦڪو به ڪونه ٿو ٿئي!" اڪاڪي اڪاڪيوچ سمجهيو ٿي ته زور رکبس ته پيٽرووچ اوورڪوٽ جا لاچار اسي روبل به وٺندو؛ مگر هيڏا سارا اسي روبل به آخر اچن ڪٿان؟ هن رقم جو شايد اڌ يا ٿورو مٿي پٽ ست ڪري، هٿ ڪري وجهي ها؛ مگر باقي اڌ پئسا ڪٿان اچن؟ هتي پڙهندڙن کي ٻڌائڻ ضروري آهي ته اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪيئن پٽ ست ڪري ها يا ڪٿان آڻي ها. اڪاڪي اڪاڪيوچ ۾ گهڻي وقت کان عادت هئي ته جڏهين به هڪ روبل خرچ ڪندو هو، ته ٻه ڪاپيڪ هڪ ڪلف لڳل ننڍڙيءَ پيتيءَ ۾،

جنهن ۾ پشن وجهڻ لاءِ مٿان ننڍڙو چير هو، رکندو ويندو هو. ڇهين ڇهين مهني هو پيتيءَ
۾ کي کولي، ٽامي جي سڪن جي ٻڪ کي چانديءَ جي سڪن ۾ تبديل ڪندو هو. اهڙيءَ
طرح بچت ڪندي هن کي چڱو وقت ٿي ويو هو، ۽ ٽن ٽن سالن جي عرصي ۾ هن وٽ
چاليهه روبل ته گڏ ٿي ويا هئا. مگر باقي چاليهه روبل ڪٿان اچن؟ اڪاڪي اڪاڪيوچ في الحال
ته گهريءَ سوچ ۾ پئجي ويو، ۽ نيٺ فيصلو ڪيائين ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال لاءِ روزاني
خرچ پکي ۾ تخفيف آندي وڃي- شام جو موم بتي نه ٻارجي، ۽ جيڪڏهن ڪم ڪار
ڪرڻو هجي، ته جاءِ جي مالڪياڻيءَ جي بتيءَ تي ڪيو وڃي؛ گهٽين مان ويندي خبرداريءَ
سان ۽ بلڪل آهستي آهستي نرميءَ سان پير تي، پٿر ۽ سرن جي رستن تان گهمڻ گهرجي،
جيئن جوتو جلدي ڦاٽي نه پوي ۽ گهڻو وقت زياده هلي؛ ڪپڙن کي ڌوٻيءَ ڏانهن
ديرَ دير سان موڪلڻ گهرجي، ۽ آفيس مان گهر موٽي اچڻ تي انهن کي لاهي، جهونو
رواجي سنهو سوٽي چوغو پهريو وڃي، جيئن جلدي گهري نه وڃن. اڪاڪي اڪاڪيوچ
کي شروع ۾ پاڻ کي هنن نون نيمن تي هيرائڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي، مگر ڪجهه وقت کان پوءِ
انهن سختين تي هري ويو. نه رڳو ايترو بلڪ رات جو فاقن ۽ بکن ڪڍڻ جو به عادي ٿي ويو.
انهن تڪليفن جي مقابلي ۾ نئين اوورڪوٽ جا خيال هن کي روحاني طراوت ۽ طاقت پهچائيندا رهيا،
ڄڻ ته هن جي اڻپوريءَ زندگيءَ جي پورائي ٿي چڪي هئي، ڄڻڪ هن جي ڪا شادي ٿي
هئي ۽ هاڻي هو اڪيلو نه هو بلڪ هڪ ڪان ٻه ڄڻا ٿي پيا هئا، ڄڻ ته هن جي ڪنهن
دل گهرئي دوست زندگي ڀر هن سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي دوش بدوش هلڻ جو قسم کنيو هو.
هن جو اهو دل گهريو دوست ۽ ساٿي ڪير هو؟ اهو سندس نئون اوورڪوٽ هو. اوورڪوٽ
جي خيالن ۾ اڪاڪي اڪاڪيوچ کي وڌيڪ مرداڻو، بردبار ۽ ارادي جو پڪو بڻايو- ڄڻ ته
ڪنهن وڏي مقصد تي قابو پاتو هوس. ارادي جي ڪچائي، گهٻراهٽ ۽ اهڙيون سڀ اجايون
خراب عادتون هن جي طبيعت مان غائب ٿي ويون. ڪڏهن ڪڏهن هن جي اکين ۾ چمڪ
۽ دل ۾ اوچا ۽ بلند خيال ايندا هئا، ۽ سوچيندو هو ته "ڇو نه ڪالر ۾ 'مارٽن'
وجهايو وڃي؟" اهڙن پهن پچائڻ ۾ هو اهڙو ته غلطان ٿي ويندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن
پاڻ کي به وساري ويهندو هو. هڪڙي دفعي ڪا لکپڙه نقل ڪري رهيو هو ۽ انهن ويچارن
ڪندي اهڙو ته بي خيالو ٿي ويو، جو چُڪ پئجي ويس، ۽ رڙ نڪري ويس- "اوه!"
پيٽروويچ وٽ هر مهني اوورڪوٽ بابت ڳالهائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو دفعو ضرور ويندو هو،
۽ سوالن مٿان سوال پڇندو هو: 'ڪپڙو ڪهڙي دڪان تان چڪائجي؟ ڪپڙي جو رنگ ڪهڙو
هئڻ گهرجي؟ ڪپڙي جا اگهه ڪهڙا آهن؟' وغيره. هوندئن ته موٽندي ڳڻتيون پاڻ سان کڻي
ايندو هو، پر اميد به وڏي چيز آهي- سو دل کي آٿت ۾ رکيو ايندو هو ته نيٺ ڪپڙو وٺبو
۽ نيٺ نئون اوورڪوٽ ٺهي تيار ٿيندو. هلندي هلندي، حالتن اڪاڪي اڪاڪيوچ جو
ساٿ ڏنو، ۽ تعجب ته ڊئريڪٽر به هن کي سٺ روبلن جو "بونس" ڏياريو، معلوم ناهي ته

ڊائريڪٽر ڪي ڪٽڪ هئي تہ اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪي وڏي ڪوٽ جي ضرورت آهي، يا اهو ڪو اتفاق هو، جو قسمت هن سان وڙ ڪيو ۽ سڄا ويھہ روبل، چاليهن روبلن جي ڪٽيل خرچ کان وڌيڪ مليس. ٻين ٻن ٽن مهينن جي فاقہ ڪشيءَ کان پوءِ اڪاڪيءَ وٽ سڄ پچ اسي روبل جي رقم گڏ ٿي وئي ۽ هن جي دل خوشيءَ ۾ زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. پهرئين ئي ڏينهن هو پيٽرووچ سان گڏجي بازار ويو، ۽ ڪپڙو خريد ڪيائون. انهيءَ ۾ ڪا تعجب جي ڳالهہ ڪانہ آهي تہ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي ڪنجوسائيءَ هوندي بہ ڪپڙي جي خريداري ايڏو جلد ڪئي وئي، ڇاڪاڻ تہ ڪپڙي خريد ڪرڻ جو ڇهن مهينن کان ارادو هون ۽ اڪثر ڪري هر مهني بازار جي اگهن جي پڇا ڳاڇا پيا ڪندا هئا. ڪپڙو واقعي لاثاني هو، ۽ پيٽرووچ پاڻ ظاهر ڪيو تہ هن کان زياده سٺو ڪپڙو سڄي بازار ۾ نہ ملندو. آستر واسطي هنن "ڪئليڪو" سٺو سادو سوٽي ڪپڙو خريد ڪيو، جو ڏسڻ ۾ ڏاڍو مضبوط ۽ سٺو هو، ۽ پيٽرووچ جي زبانيءَ موجب سلڪ کان بہ بهتر هو. ڪالر لاءِ "مارٽن" هنن نہ ورتو، جو تہ بلڪل مهانگو هو، ۽ ان جي بدلي "فرڪئٽ" خريد ڪيائون جو ٻري کان ڏسڻ ۾ مارٽن جهڙوئي هو. پيٽرووچ ٻہ ڏنعا ڪوٽ سبڻ ۾ مشغول رهيو. ڪوٽ جلد تيار ٿي وڃي ها، مگر ان ۾ گهڻائي ڪاڄ رکيا ويا هئا، جن ڪافي وقت ورتو. پيٽرووچ سلائي جا ٻارهن روبل ڇيا. هن کان گهٽ ٿي بہ نہ سگهي ها، ڇاڪاڻ تہ سڄي ڪوٽ کي ريشم جي ڌاڳي سان ٻٽي سلائي ڪئي وئي هئي. يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ اهو ڪهڙو ڏينهن هو- مگر اڪاڪيءَ جي زندگيءَ ۾ هڪڙو وڏو خوشيءَ جو ڏينهن هو، جڏهين پيٽرووچ نئون اوورڪوٽ تيار ڪري، صبح جي وقت ڪلارڪن جي آفيس جي وقت کان ٿورو اڳ ۾ کڻي آيو. اوورڪوٽ ايڏو جلدي نہ سبيو وڃي ها، مگر سيءَ ڦهر جا هئا، ۽ اڃا بہ وڌيڪ شديد پارن پوڻ جو امڪان هو. اڄ پيٽرووچ ۾ گرائي هئي- گرائي بہ ڇو نہ ڪري؛ هيڏو سارو ڪم چند ڏينهن ۾ جو پورو ڪري ورتو هئائين. هو ڪو رواجي درزي تہ ڪونہ هو. اڄ هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هو گنڍ ٽوپي وارن درزين مان نہ هو بلڪ نوان ڪپڙا بہ سبي ٿي سگهيو. هن اوورڪوٽ رومال مان ڇوڙي ٻاهر ڪڍيو (اهو سندس رومال تازو ڌوٻيءَ وٽان ڌوپي آيو هو)، ۽ رومال کي وري خيال سان تهہ ڪري کيسي ۾ آئنده ڪم آڻڻ لاءِ وڌائين. اوورڪوٽ کي کولي، پنهي هٿن ۾ جهلي ان ڏانهن فخر سان نهارڻ لڳو، ۽ ڦڙتائيءَ سان اڇلي اڪاڪيءَ جي ڪلهن تي وڌائين، ۽ ڪوٽ کي اڳيان پنيان ڇڪڻ ۽ ٺاهڻ لڳو. اڪاڪي اڪاڪيوچ عمر رسيده ماڻهو هو ۽ ٻانهون بہ پائي ڏسڻ ٿي چاهيائين. پيٽرووچ پوءِ هن کي ٻانهن پارائڻ ۾ مدد ڪئي. ڪوٽ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي بدن تي بلڪل ٺهڪي آيو. سڀڪنهن پيٽرووچ جي ساراهہ ڪئي، ۽ داد ڏنو تہ ڪوٽ لاجواب آهي! پيٽرووچ بہ موقعو هٿان نہ وڃايو ۽ چوڻ لڳو، "مون اڪاڪي اڪاڪيوچ کي اوورڪوٽ بلڪل سستو ۽ رواجي پئسن ۾ سبي ڏنو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجو دوست ماڻهو آهي، ۽ هن سان گهڻي زماني کان ڄاڻ سڃاڻ آهي. انهيءَ کان سواءِ

منهنجو دڪان ٻه ننڍڙيءَ گهٽيءَ ۾ آهي، ۽ اُن تي 'سائن بورڊ' به ڪونه لڳايو اٿم، جنهنڪري ماڻهن جي نظرن ۾ منهنجي سلائيءَ ۽ ڪاريگريءَ جي ڪا وقعت ڪانه آهي- ورنه نيوسڪي پراسپيڪٽ ۾ اڪاڪي گهٽ ۾ گهٽ پنجهتر ربل رڳو سلائيءَ جا ڀري ها."

اڪاڪي اڪاڪيوچ پيٽرووچ جي اهڙين ڳالهين کان تنگ اچي ويو هو ۽ هونئن به اهڙين وڏين رقمن جا نالا ٻڌي گهٻرائجي ويندو هو. اڪاڪي اڪاڪيوچ هن کي سلائيءَ جا پئسا ادا ڪيا، ۽ ڪوٽ پائي آفيس وڃڻ لاءِ راهي ٿيو. پيٽرووچ به هن جي پٺيان ويو ۽ رستي تي ڇڱو وقت بيهي هن پري کان ڪوٽ جي پٺيءَ جي بيهڪ ۽ فٽنگ ڏٺي، ۽ تنهن کان پوءِ ٻيءَ گهٽيءَ مان رستو مٽائي، تڪڙو تڪڙو وري به ساڳئي رستي تي آيو ۽ لڪي ڇپي ڪوٽ جي سامهين جهڙول نظر مان ڪڍيائين.

اڪاڪي اڪاڪيوچ جي خوشيءَ جي ڪا انتها نه رهي. هو گد گد پئي ٿيو ۽ هر منٽ ۾ ڪوٽ کي وري وري پئي ڏٺائين. ڀلا خوش به ڇو نه ٿئي. هڪ ته ڪوٽ گرم هو، ۽ ٻيو ته سلائي به پنهنجو مٽ پاڻ هئي، آفيس تائين مفاصلي ته اڄ هن کي ڏِک ئي ڪانه ڏني. اک ڇنڀ ۾ جڏهين اوچتو ڏٺائين ته منزل تي پهچي ويو آهي. محافظ جي ڪوٺيءَ ۾ ڪوٽ لاهي، هن جي سنڀال ۾ ڏنائين. ڪنهن نه ڪنهن طرح سڀني ڪلارڪن کي پتو پئجي ويو ته اڪاڪي اڪاڪيوچ نئون اوورڪوٽ سبرايو آهي ۽ پراڻي ڪتل نپڙ کي استعفا ملي آهي. سڀئي ڊوڙي محافظ جي ڪوٺيءَ ۾ ويا، ۽ نئين اوورڪوٽ جو معائنو ڪيائون. چوڌاري واڌاين جو وارو وري ويو. اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪڏهين مشڪيو ٿي، ته ڪڏهين شرمايو ٿي. سڀني مجبور ڪيس ته هو ڪوٽ پائي ڏيکاري، ۽ نئين اوورڪوٽ جي خوشيءَ ۾ سڀني کي دعوت کارائي. اڪاڪي اڪاڪيوچ اچي ڦاٿو. هن جو دماغ چرخ ٿي ويو. سمجهه ۾ ئي نٿي آيس ته هن مصيبت کي منهن ڪيئن ڏجي. آخر تنگ اچي، هٿن کي اُبتا سبتا بهانا ڏنائين ۽ چيائين ته "ڪوٽ نئون نه آهي، پراڻو آهي!" مگر آڏو ٻه مڃڏو هئا. ايتري ۾ نئدي هيڊ ڪلارڪ، ڏيکارڻ لاءِ ته هو ايڏو مغرور نه هو ۽ ٻين ڪلارڪن سان اٿڻ ويهڻ ۾ عار نٿي ڪيائين، چيو: "چڱو، اڪاڪي اڪاڪيوچ جي بدران مان توهان سڀني جي اڄ شام جو دعوت جهليان ٿو. قسمت سان اڄ منهنجي سالگره به آهي." ڪلارڪن نئدي هيڊ ڪلارڪ کي مبارڪباد ڏني ۽ دل و جان سان سندس دعوت قبول ڪئي. اڪاڪي اڪاڪيوچ دعوت ۾ وڃڻ کان گهڻوئي ٽاريو ۽ عذر بهانا ڪيا مگر سڀ وراڻي ويس- اها بدتميزي آهي. توکي شرم اچڻ کپي. انڪار ڪرڻ کان توکي ٻڏي مرڻ کپي." آخرڪار هن دعوت قبول ڪئي، ۽ سوچيائين ته گهٽ ۾ گهٽ پارٽيءَ ۾ وڃڻ سان هن کي اوورڪوٽ پائي ٻاهر وڃڻ جو موقعو ملندو. اڪاڪي اڪاڪيوچ واسطي سارو ڏينهن گويا عيد جو ڏينهن هو. آفيس کان موٽيو ۽ ڪوٽ لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگي، دل ئي دل ۾ ڪوٽ جي ڪپڙي ۽ استر جي تعريف ڪرڻ لڳو. تنهن کان پوءِ، پنهنجو پراڻو "ڪتل نپڙ" ڪڍي، نئين ڪوٽ سان ڀيٽڻ لڳو. ڀلا پراڻو ڦاٽل ڪوٽ، نئين جديد فئشن تي سلائي ٿيل اوورڪوٽ جو ڇا مقابلو ڪري سگهندو! رات ڏينهن جو سنڌو هو! اڪاڪي اڪاڪيوچ

ڪان ڪل نڪري وئي، ۽ ڪيتري وقت تائين ڪلندو رهيو. هن منجهند جي ماني ڪاڏي، ۽ ڪاڻ ڪان پوءِ پيو ڪجهه به ڪري نه ڪيائين. ڪنهن به ڪاغذ پَٽ کي هٿ نه لاتائين، ۽ نه وري ڪنهن لکپڙهه جو نقل ئي ڪيائين. اڄ آرام ۽ خوشيءَ جو ڏينهن هو، ۽ هن بستري تي ليٽي ڪجهه وقت لاءِ ڇنگهون ساهيون. جڏهن سج لهي ويو ۽ منهن ميراونداهه ٿي، تڏهن هي پنهنجو نئون اوورڪوٽ پهري، ننڍي هيڊ ڪلارڪ جي دعوت تي وڃڻ لاءِ راهي ٿيو. ياد نٿو اچي ته ميزبان جو گهر ڪٿي هو يا سندس پتو ڪهڙو هو - بهرحال هو پيٽرس برگ جي ڪنهن سٺي محلي ۾ ۽ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي گهر ڪان مڙيوئي گهڻو دور رهندو هو- سو گهران نڪرڻ سان اڪاڪيءَ کي اهڙيون گهٽيون لتاڙي پار ڪرڻيون هيون، جتي نه ته ڪو روشنيءَ جو پورو بندوبست هو ۽ نه وري ڪا وسيهه ئي هئي. رستا سڃا هئا، جتي ماڻهوءَ جي بوءِ به ڪانه هئي، ۽ چوڪيدار ڪڪڙ وڪو لڳي پيا هئا. مگر جئن منزل مقصود کي ويجهو پوندو ٿي ويو، تئن سامهون روشني وڌيڪ تيز ايندي ويس، ۽ رستن تي چهل پهل ۽ ماڻهن جي اچ وڃ زياده نظر آيس ۽ آهستي آهستي عورتن جي به رستن تي آمدرفت ڏٺائين. هن پسگردائي ۾ ٻُسي ڪاٺ جون ٺهيل ۽ گلٽ جي ڪوڪن سان جڙيل گسڪيون گاڏيون گهٽ پئي ڏٺيون، مگر چٽيل، پالش ڪيل ۽ هر طرح سينگاريل گسڪيون، رڇ جون کلون ڍڪيل خوش مزاج ۽ مخملي ٽوپين پهريل ڪوچوانن سان عام جام برف تي ڪرچ ڪرچ ڪنديون پئي آيون ۽ ويون.

اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪيترن ڏينهن کان شام جو ٻاهر گهڻو گهمڻ ڦرڻ يا تفريح ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي ۽ هن پسگردائيءَ ۾ ته ٻن ٽن سالن کان پوءِ آيو هو، جنهنڪري هن کي هر ڪا شي نئين ٿي نظر آئي. هو امالڪ هڪ دڪان جي روشن ڏيکارٽي دريءَ ۾ هڪ مورت ڏانهن نهارڻ بيهي رهيو، جنهن ۾ هڪ حسين و جميل دوشيزه پنهنجي پير مان سنئڊل لاهڻ جي مشق ڪري رهي هئي، ۽ اهڙيءَ طرح هوءَ پنهنجي گول گول ڇنگهه کي جنبش ۾ آڻي ان جو عام ڏيکاءُ ڪري رهي هئي، ۽ سندس پٺيان وري هڪڙو وڏين مڇن وارو، فرينچ ڪٽ ڏاڙهيءَ سان نوجوان اندر دروازي ۾ وڃي رهيو هو. اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪنڌ ڌوڻيندي، ۽ ٽوروڪاي، پنهنجو رستو ورتو. هن ڇو کليو؟ شايد انهيءَ لاءِ ته هيءَ هن واسطي هڪ اجنبي ڳالهه هئي، ۽ هن اهڙي مورت اڳي ڪڏهين به ڪانه ڏٺي هئي يا ٿي سگهي ٿو ته ٻين ڪلارڪن وانگر هن به ڪا راءِ قائم ڪئي هجي ۽ طنزيه کليو هجي. قصو ڪوتاه، هو پنهنجي منزل تي پهچي ويو، جتي ننڍو هيڊ ڪلارڪ وڏي رعب تاب سان رهندو هو. ميزبان جو گهر ٻيءَ ماڙ تي هو، ۽ ڏاڪڻ ۾ بتي پئي ٻري. اڪاڪي اڪاڪيوچ دروازي ۾ گهڙڻ سان ئي ڏٺو ته لذيذ طعامن جون قطارون لڳيون پيون هيون، ۽ وچ ۾ چانهه جي ڪيتلي رکي هئي جنهن مان پاڻي جي ٽهڪڻ جو آواز پئي آيو، ۽ ٻاڦ جا ڪڪر پئي نڪتا. ديوار تي ڪلين ۾ سڀني جا ڪوٽ ۽ چوغا ٽنگيل هئا، جن مان ڪن جا ته خاص سٺا، وڏا ۽ مخمل جا هئا. پٺ جي

پئي پاسي شور غل ۽ ڳالهائڻ جو چوٻول پئي آيو. ايتري ۾ دروازو کليو ۽ ڳالهائڻ جو آواز وڌيڪ چٽو ٿيو، ۽ ٻئرو دروازي سان خالي گلاسن ۽ ڪريم جي جگ ۽ بسڪوٽن جي دٻن سان ڀريل خونچو کڻي ٻاهر نڪتو. ظاهر هو ته پيا ڪلارڪ ڇگو وقت اڳ ۾ آيل هئا، جو چانهه جو پهريون دور ختم ٿي چڪو هو. اڪاڪي اڪاڪيوچ به پنهنجو ڪوٽ ڪليءَ ۾ ٽنگي اندر داخل ٿيو. چوڌاري موم بتين جي جهرمر لڳي پيئي هئي. ڪي پاڻ ۾ گپ شپ هڻي رهيا هئا، ته ڪي پتن راند کيڏڻ ۾ مشغول هئا. ڪي پائيپ مان سوٽا لڳائي رهيا هئا، ته ڪي وري اڃا تائين چانهه ڍڪ ڍڪ ڪري پي رهيا هئا – مطلب ته سڄي ڪوٺي ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ڪلارڪن جي اٿ-ويهه ۽ ڪرسين جي ريڙهه سيڙهه جي آوازن سان گونجي رهي هئي. اڪاڪي اڪاڪيوچ ڪوٺيءَ جي وچ ۾ منجهي بيهي رهيو، ۽ واٺڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. ايتري ۾ ويتر گوڙ مچي ويو، ۽ سڀني رڙين ۽ هوڪرن سان هن جي آجيان ڪئي، ۽ ڊوڙي اچي پهر هن جي اوورڪوٽ جو ديدار ڪيو. اڪاڪي اڪاڪيوچ گهڻو هراسيل پئي نظر آيو، مگر پنهنجي ڪوٽ جي ساراهه ۽ شهرت ٻڌي گهڻو خوش پئي ٿيو. آخر هرڪو اڪاڪي اڪاڪيوچ ۽ سندس ڪوٽ کي ڇڏي، پيسڪوٽ راند کي لڳي ويو. هي سڄو گوڙ گهمسان، شور غل ۽ ماڻهن جا حشام، اڪاڪي اڪاڪيوچ واسطي نيون ۽ عجب ۾ وجهندڙ ڳالهيون هيون. کيس دوستن سان ۽ دعوت ۾ اچڻ ويهڻ جي ڪا خبر ڪانه هئي. هن کي معلوم نه هو ته ڇا ڪجي، ۽ ڇا نه ڪجي. پيسڪوٽ کيڏندڙن جي ڀر ۾ ويهي رهيو، ۽ ڪڏهين هن جي منهن ۾ پئي نهاريائين ۽ ڪڏهين هُن جي منهن ۾ پئي گهوريائين. آخر نڪمٽو ماٺهو، ويهي ويهي گهڻو ٿڪو ۽ اوٻاسيون اچڻ لڳيس. رات جو ڳپل حصو وهامي چڪو هو، ۽ هونئن هو هن کان گهڻو اڳ ۾ سمهي رهندو هو. هن خيال ڪيو ته ميزبانن کان موڪلائي گهر وڃجي، مگر هنن نه ڇڏيس – چيائونس ته "نئين اوورڪوٽ جي خوشيءَ ۾ فقط هڪڙو پيگ پي وڃ". ڪلاڪ کن کان پوءِ کاڌو آندو ويو، جنهن ۾ طرحين طرحين جا طعام، جهڙوڪ سبزي، ٿڌو ڳائو گوشت، پيسٽري، بڪيون ۽ کيريون، حلوائيءَ وٽان آيل سنبوسا، ۽ شراب هئا. هن کي ٻه گلاس کن شراب جا پياريا ويا، ۽ خوب نشا ٿيس. هرڪا شي خوش ۽ تازي پئي نظر آيس. رات جا ٻارهن وڄي چڪا هئا، ۽ کيس هن کان گهڻو وقت اڳ ۾ گهر پهچڻ کپندو هو. هن کي خوف پئي ٿيو ته کير وڃڻ کان کيس متان روڪيو وڃي، تنهنڪري وڃهه وٺي ڪوٺيءَ مان کسڪي ٻاهر هليو ويو، ۽ اوندهه ۾ هٿوراڙيون ڏئي، نيٺ وڃي اوورڪوٽ لڌائين. سندس اوورڪوٽ زمين تي ڪريو پيو هو، جنهن کي ڇنڊي ڦوڪي ڪين ڪچرو صاف ڪري، پائي، ڏاڪڻ مان لهي رستي تي پهتو، ۽ گهر لاءِ روانو ٿيو. رستن تي اڃا تائين روشني هئي. ڪي ڪي ننڍڙا دڪان – جيڪي غلامن ۽ ٻين رواجي ماڻهن جون چٽڪ ڪلبون هيون،

۽ جتي هرڪو آڌيءَ رات تائين اوڀارين لهوارين ڳالهين ۾ مشغول هوندو هو- ڪليل هٽ، ۽ پيا ڏسڻ ۾ بند ٿي ويا هئا، مگر دروازن جي چيرن مان روشنيءَ جا ڪرڻا رستي تي پئي پيا، جنهن مان معلوم پئي ٿيو ته اجا ڪو ماڻهو اندر ضرور آهي- شايد دڪانن جي نوڪريائين ۽ نوڪرن، جيڪي ڳالهين جا ڳهير ڏيندا آهن، پنهنجي گفتگو اجا ختم نه ڪئي هئي. اڪاڪي اڪاڪيوچ پنهنجي مزاج ۾ هلندو پئي آيو، ته ايتري ۾ هڪڙي عورت، تڪڙي تڪڙي، سندس پاسي مان سرڙاٽ ڪري اچي لنگهي. معلوم ناهي، ڇو ايترو تڪڙي پئي آئي؟ هن جي دل ۾ آيو ته هن عورت جي پٺيان ڊوڙي؛ ۽ ذري گهٽ ڊوڙڻ تي به هو، پر هن پاڻ کي روڪي وڌو- ۽ پوءِ سرڳو عجب لڳس، ته اهڙو خيال آخر هن کي ڇو آيو؟ جلدئي اهڙين گهٽين ۾ پهتو، جتي نه پوري روشني هئي ۽ نه وري ڪو ماڻهو چيٽو ئي نظر ٿي آيو. چوڪيداري سج ئي سج لڳي پئي هئي. ڪٿي ڪٿي ننڍڙا ڪاٺ جا گهر، جنون ڇپر ۽ جهوپڙيون، بند دروازن سان، اونداهيءَ ۾ پري کان نظر آيون ٿي- نه ته مڙيوئي خير. رستي تي ڪا پهرئي ڪانه هئي. ڪنهن وَهينءَ وانگيءَ جو نالو به ڪونه هو. سڙڪ هڪڙي وڏي چورس ميدان ۾ اچي پيئي، جنهن ڪنهن اٿاهه رڃ وانگر پئي ڏِڪَ ڏني، ۽ ان جي پئي ڇيڙي تي بيٺل گهر مس مس ٿي نظر آيا.

پري پري کان، خبر نه آهي ڪٿان، ڪنهن سنتريءَ جي ڪئبن مان روشنيءَ جي لاٽ پئي نڪتي. ڪئبن چڻ ته دنيا جي پئي ڇيڙي تي هئي. قدرتاً، هتي اڪاڪي اڪاڪيوچ جي دل ننڍڙي ٿيڻ لڳي، ۽ ان وڏي چورس ميدان ۾ پير وجهڻ سان ئي گهبرائڻ لڳو- چڻ ته هن کي ڪنهن خطري جي اڳ ۾ ئي پروڙ پئجي وئي هئي. خوف ۾ اڳيان پويان ۽ اوسي پاسي لوٽا هڻڻ لڳو، بنهه ائين، جيئن اجهاڳ سمنڊ جي وچ ۾ ڪنهن ٻيڙيءَ جي هوا نڪري وئي هجي! هو دل کي پڪو ڪرڻ لڳو: "ڏڄ ڇاجو آهي؟ ڇگو آهي ته هيڏي هوڏي نهارڻ نه گهرجي"- ۽ اکيون ٻوٽي اڳتي هلڻ لڳو. سٺ پنڌ جيي ڪري سوچيائين ته "اکيون کولي ڏسجي ته چورس ميدان لتاڙي پئي ڇيڙي تي پهتو آهيان يا نه". اجا اکيون مس کوليائين، ته ڏٺائين ته ڪي وڏيل شهپرن سان رهزن سندس رستي روڪ ڪيو بيٺا آهن. هن جي اکين آڏو آنڌي اچي وئي، دل زور سان ڌڙڪي رهي هيس ۽ پاڻ پپر جي پن وانگر ڌڙڪي رهيو هو. هڪ اونداهي رات، ٻيو خوف، اڪاڪي اڪاڪيوچ هنن کي سڃاڻي نه سگهيو، ۽ نه وري هنن جو حليوئي ياد رهيس. انهن مان هڪڙي رعب مان رڙ ڪري ۽ ڪنڌ کان پڪڙي چيس، "هي اوور ڪوٽ منهنجو آهي! لاهي سون کي ڏي!" اڪاڪي اڪاڪيوچ رڙ ڪرڻ تي ئي هو "چور...... چور......" ته ٻئي چور پنهنجو مضبوط رُڪ جهڙو چنبو منهن تي ڏئي، وات بند ڪري ڇڏيس- "هاڻي رڙيون ڪر!" اوورڪوٽ لاهي، لت جو هنيائونس، ته غريب پوٺ ڀَر وڃي لڳو. بيهوش ٿي ويو. هن کي خبر ڪانه پئي ته ڇا وهيو ڇا واپريو. ٿوري وقت کان پوءِ هوش ۾ آيو ۽ اٿي کڙو ٿيو. هن کي ٿڌ محسوس ٿيڻ لڳي ۽

ڏانئين تہ سندس بدن تي اوورڪوٽ بہ ڪونہ هو. گهٽيونٽي رڙيون ۽ واڪا ڪيائين، مگر چورس ميدان جي پٺي چيڙي تائين شايد سندس آواز پهچي نہ سگهيو. آخر رڙيون ڪري ڪري جڏهين ٿڪجي پيو، ۽ جڏهين ڏانئين تہ ڪو اوهي واهي پيدا ڪونہ ٿيو، تڏهين ڊڪندي ڊڪندي سپاهيءَ جي ڪئبن ڏانهن رخ رکيائين، ۽ ڏانئين تہ سپاهي پالي تي ٽيڪ ڏيو بيٺو هو، شايد انتظار پئي ڪيائين تہ ڪهڙو ماڻهو رڙيون ڪندو هن ڏانهن ڊوڙندو پيو اچي. اڪاڪي اڪاڪيوچ پهچڻ سان ٿي ٿهڪندي ٿهڪندي، رڙ ڪري، شوخيءَ سان سپاهيءَ ڏانهن مخاطب ٿيو، "تون ننڊ ۾ هئين؟ پنهنجو فرض پلجي وئين؟ هتي مون کي چور ڦري ويا، ۽ تون هتي آرام سان بيٺو آهين!" سپاهيءَ وراڻيو، "مون تہ ڪجهہ ڪونہ ڏٺو. ٻن ماڻهن برابر توکي وچ ميدان ۾ جهليو، مگر مون سمجهيو تہ تنهنجا دوست آهن ۽ توسان ڳالهيون ٻولهيون پيا ڪن. مون تي گرم ٿيڻ کان چڱو ائين ٿيندو تہ تون سڀاڻي پوليس سپرنٽنڊنٽ کي وڃي رپورٽ ڪر، جوچور ڳولي هٿ ڪندو." اڪاڪي ڪاڪيوچ ڏاڍو حيران ۽ پريشان گهر ڏانهن موٽيو. سندس لونڊڙين ۽ ڪياڙيءَ جا وار وکري پنڊ ٿي ويا هئا، ۽ هن جا پاسا، آرهہ ۽ پتلون برف سان ٽمٽيا پيا هئا. جڏهين جاءِ جي مالڪياڻيءَ اوپلي وقت دروازي تي زور سان ٺڪ ٺڪ جو آواز ٻڌو، تڏهن هڪدم ٽپو ڏئي، بستري سان اٿي ڪڙي ٿي ۽ دروازو کولڻ لاءِ اهڙي تہ جلدي ڀڳي، جو جتي بہ هٿ نہ آيس. حجاب کان چولو ڇاتيءَ تي رکي، دروازو کوليائين، ۽ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي حالت ڏسي ڇرڪ نڪري ويس. جڏهين هن روئداد جوسر بستوحال ٻڌو، تڏهين خوف ۾ ڏڪي وئي، ۽ اڪاڪي اڪاڪيوچ تي زور آندائين تہ هو صبح جو پوليس سپرنٽيڊنٽ کي رپورٽ ضرور ڪري، ۽ حد جي پوليس تي اعتبار ڪرڻ ٺيڪ نہ آهي، جو تہ هو فقط دم دلاسي تي رکندا ايندا. وڌيڪ چيائين تہ "منهنجي سپرنٽنڊنٽ سان واقفيت پڻ آهي. انا فنلنڊ جي ڇوڪري، جيڪا مون وٽ بورچياڻيءَ جو ڪم ڪندي هئي، سا سپرنٽنڊنٽ جي گهر ۾ نرس جو ڪم ڪندي آهي. سپرنٽنڊنٽ کي مون پاڻ پنهنجي اکين سان اسان جي گهر وٽان لنگهندي ڏٺو آهي، ۽ چرچ ۾ هر آچر جو بندگي ڪرڻ ايندو آهي. هو خوش مزاج انسان پيو لڳندو آهي، ۽ ضرور رحمدل هوندو." اڪاڪي اڪاڪيوچ هيءَ نيڪ صلاح ٻڌي ٻجڙو منهن ڪري پنهنجي سمهڻ واري ڪوٺيءَ جو رستو ورتو. پڙهندڙ اڪاڪي اڪاڪيوچ جي سڀاءَ سان ڪافي واقف ٿي چڪا آهن، ۽ سمجهي سگهن ٿا تہ هن اها رات ڪيئن گذاري هوندي؟ صبوح جو سويل هو پوليس سپرنٽنڊنٽ جي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو، مگر هو اڃان ننڊ ۾ هو. ڏهين بجي هو وري ويو، پر سپرنٽنڊنٽ اڃا بستري ۾ هو. يارهين بجي ٻيهر ويو، مگر صاحب بهادر جي ملاقات جو شرف حاصل نہ ٿيس، ۽ معلوم ٿيس تہ صاحب گهر ۾ نہ آهي، ۽ ڪيڏانهن ٻاهر قدم رنجہ فرمائي ويو آهي. منجهند جو مانيءَ مهل اڪاڪي اڪاڪيوچ وري ويو، مگر ڪلارڪ اڪاڪيءَ کي اندر وڃڻ کان منع ڪيو بيٺا هئا، ۽ زور پئي آندائون تہ هو ٻڌايئين ڪين

پڏائي ته صاحب سان کهڙي معاملي متعلق ملڻ ٿي گهريائين. اڪاڪي اڪاڪيوچ پنهنجي ساري زندگيءَ ۾ هي پهريون ئي دفعو همت ۽ خود داري ڏيکاري، ۽ ڪڙڪ آواز ۾ چيو، ”مان سپرنٽنڊنٽ صاحب سان ضرور ملندس. سون کي روڪڻ جو اوهان کي ڪو حق نه آهي. مان سرڪاري ڊپارٽمينٽ مان آيو آهيان، ۽ صاحب سان ڪنهن سرڪاري معاملي ۾ ملڻو اٿم. جيڪڏهين مون صاحب سان شڪايت ڪئي، ته ڏسجو ته اوهان جي ڪهڙي مٽي پليد ٿو ڪري. مان اندر ضرور ويندس.“ ڪلارڪ چپ ٿي ويا، ۽ انهن مان هڪڙي وڃي سپرنٽنڊنٽ کي اطلاع ڏنو. اڪاڪي اڪاڪيوچ کي گهرايو ويو، جنهن ڦُر جو سارو بيان ڪيو. مگر اوور ڪوٽ هٿ ڪرڻ ۽ چورن جي ڳولا ڪرڻ بدران سپرنٽنڊنٽ اڪاڪي اڪاڪيوچ کان آڏي پڇا ڪرڻ ۾ لڳي ويو، جڻ ته چورئي هي هو- ”تون گهر ڏانهن ايڏو دير سان ڪٿان پئي آئين؟ ڪنهن ونشيا جي گهر ڏانهن ته نه پئي وئين؟ ڪنهن بريءَ نيت سان ته گهر کان ٻاهر نه نڪتو هئين؟“- اڪاڪي اڪاڪيوچ ويچارو منجهي پيو ۽ بغير ڪنهن خاطر خواه جواب ملڻ جي ته ڪوٽ جي چگيءَ طرح ڳولا ٿيندي يا نه، واپس موٽيو. پنهنجي حياتيءَ ۾ پهريون ئي دفعو سارو ڏينهن آفيس کان غير حاضر رهيو هو. ٻئي ڏينهن آفيس ۾ حاضر ٿيو، مگر سندس منهن لٿل هو، ۽ اڪيون ڏرا ڏئي ويون هيس. جڻ ته ڪا بيماري ڪاڻي اٿيو هو. سندس بدن تي اهو ساڳيو پراڻو ڦاٽل، ڳريل ”ڪٽل ٽپڙ“ هو. اوورڪوٽ جي چوريءَ جي خبر سڄيءَ آفيس ۾ واءُ وانگر پکڙجي وئي. ڪن ڪلارڪن ته هي موقعو به هٿان نه وڃايو ۽ اڪاڪي اڪاڪيوچ تي خوب ٺٺوليون ۽ چٿرون ڪيون، مگر منجهانئن گهڻن کي واقعي رحم آيو ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته هن لاءِ چندو ڪري، ڪيس نئون اوورڪوٽ خريد ڪري ڏنو وڃي. مگر بلڪل معمولي رقم گڏ ٿي سگهي، ڇو ته اڳ سڀني ڪلارڪن ڊئريڪٽر جي تصوير ٺهرائڻ تي اڳيئي چگو چندو ڏنو هو ۽ سندن بالا آفيسر جي حڪم تي هن جي هڪ دوست جو تصنيف ڪيل ڪتاب به خريد ڪيو هئائون، ۽ هنن وٽ هن نئين چندي لاءِ ڪيسي ۾ هاڻي گهڻو پئسو ڪونه هو. هڪڙي ڪلارڪ، جنهن کي اڪاڪي اڪاڪيوچ جي نقصان جو گهڻو احساس هو؛ تنهن پڪو ارادو ڪيو ته ڪنهن نه ڪنهن نموني اڪاڪيءَ کي مدد ضرور ڪجي، سو هُنَ کي مشورو ڏنائين، ته پوليس انسپيڪٽر وٽ ڦر جي رپورٽ ڪئي وڃڻ فضول آهي، ڇو ته انسپيڪٽر ڪوٽ جي جاچ لاءِ ڪٿي جفا ڪشي ۽ دلي ڪوشش به ڪري ۽ اتفاق سان ڪوٽ پوليس کي ملي به وڃي، مگر تيستائين هن کي نه ملندو، جيستائين هو ڪا ثابتي پيش نه ڪري، ته ڪوٽ برابر سندس آهي: تنهنڪري چگو ائين ٿيندو ته هن باري ۾ ڪنهن ”پهچ واري ماڻهوءَ“ کي درخواست ڪئي وڃي، جو لکپڙه ڪري اختياريءَ وارن تي زور آڻي ته ڪوٽ ۽ چور هٿ ڪن. اڪاڪي اڪاڪيوچ پڪو پرن ڪيو ته هو ”پهچ واري ماڻهوءَ“ کي ئي اپيل ڪندو. اهو معلوم نه آهي ته هيءُ ”پهچ وارو ماڻهو“ ڪهڙيءَ ڊيوٽيءَ تي رکيو ويو هو، ۽ سندس

ڪم ڪوڙا هئا: پر ايتري خبر ضرور آهي ته هو "ڀڄ وارو" بلڪل تازو ٿيو هو، ۽ هن کان ٿورو اڳ ڪيس ڪابه ڀڄ ڪانه هئي: ۽ هن کان وڏيڪ ڀڄ وارا بالا عملدار به هئا، جن جي پيٺ ۾ هو بنهه بي ڀڄ هو: انهن هميشه ڏيندو آهي ته هڪڙي جي نظر ۾ اهي ماڻهو ڀڄ وارا هوندا آهن جيڪي ڪن ٻين جي نگاهه ۾ بنهه بي ڀڄ شمار ڏيندا آهن. بهرحال اڪاڪيءَ جي هن "ڀڄ" واري وڏي ماڻهوءَ کي پنهنجي دٻدٻي وڌائڻ ۽ اختياري بلند ڪرڻ جا سي بيشمار طريقا ياد هئا. مثلاً هن جو حڪم هو ته هو جنهن وقت آفيس ۾ اچي، ته سندس سڀ زيردست هڪدم ڏاڪڻ وٽ اچي، سندس سلامي ۽ آجيان ڪن. هن جو اهو به فرمان هو ته هن سان ڪوبه سڌو نه ملي ۽ نه سڌي لکپڙهه ڪري، مگر آفيس جي هر ڪارروائي پنهنجي پوري پوري طريقي سان ٿيڻ گهرجي، ۽ سندس هدايتون هيون ته سڀڪنهن ڳالهه جي رپورٽ انچارج ڪلارڪ ننڍي هيڊ ڪلارڪ کي ڪري، پوءِ ننڍو هيڊ ڪلارڪ وڏي هيڊ ڪلارڪ کي، ۽ وڏو هيڊ ڪلارڪ، صاحب بهادر جي ڏهنيءَ کي، ۽ ڏهني پوءِ صاحب جي سيڪريٽريءَ جي معرفت سڄي معاملي کان صاحب کي آگاهه ڪري. روس ۾ سڀڪنهن کي پنهنجي بالا عملدارن سان هر ڳالهه ۾ ريس ڪرڻ ۽ انهن جي نقل ڪرڻ جي عام عادت هوندي آهي. هڪڙي دفعي مون کي ٻڌايو ويو ته هڪڙي زيردست، جنهن کي ڪنهن رواجيءَ ننڍيءَ آفيس جي چارج ۾ رکيو ويو هو، ڇا ڪيو، جو هڪڙي خاص ننڍڙي ڪوٺي الڳ ڪرائي ان ۾ خالص پنهنجي آفيس ڪيائين، ۽ ان تي "هيڊ آفيس" جو نالو رکيائين - جيتوڻيڪ ڪوٺي ايڏي ته سوڙهي هئي جو ان ۾ آفيس جي رواجي ميز به مشڪل سان ماپي ٿي سگهي- ۽ دروازي تي ڳاڙهين پڳڙين سان پٽيوالا رکيائين، جيڪي دروازو جهليو بيٺا هوندا هئا، ۽ جيڪو به ملاقاتي ايندو هو يا ويندو هو، تنهن لاءِ دروازي کي پيا کوليندا ۽ بند ڪندا هئا. لڪاڪي اڪاڪيوچ جو هي "ڀڄ وارو ماڻهو" شاهاڻي اخلاق ۽ شاندار عادتن جو ڌڻي هو، پر ساڳئي وقت نهايت سادهه ذهن شخص هو: چوندو هو ته سندس آفيس ۾ ايڏي قاعدي جي پابندي ۽ پورن نيمن تي ڪم هلڻ جو واحد راز "ظابطو - ظابطو - ظابطو" هو. هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي جملي جي پوئين لفظ تي وڌيڪ زور ڏئي، ٻڌندڙ تي رعب وجهڻ لاءِ، هن ڏانهن غور سان گهوري نهاريندو هو - حالانڪ پنهنجي رعب ۽ دهشت وجهڻ لاءِ سندس پنهنجي آفيس جا ڪلارڪ ئي ڪافي هئا. ڪلارڪ هن کي پري کان ايندو ڏسي ادب ۾ اٿي پيهندا هئا، ۽ تيستائين بيٺا هوندا هئا، جيستائين هو ان ڪمري مان هليو نه وڃي. پنهنجي زيردستن سان هميشه رڪائيءَ سان پيش ايندو هو، ۽ هنن سان سندس گفتگو اڪثر ٽن جملن تائين محدود هوندي هئي - "تنهنجي اها همت؟ توکي خبر آهي ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟ توکي معلوم آهي سان ڪير آهيان؟" انهن ڳالهين هوندي به هو دل جو صاف، خوش مزاج ۽ پنهنجن دوستن ۽ سائين تي مهربان هو. "جنرل" جي عهدي هن جو دماغ خراب ڪري ڇڏيو هو. هو چرين جي قطار ۾ هو ۽ اڻ سهندي وڏائيءَ ۽ آڪڙ ۾ ڏيڍر جيان ڦوڪجي ويندو هو.

البت پنهنجن هڪ جهڙن سان اچا ٻه فضيلت ۽ نهٺائيءَ سان پيش ايندو هو: مگر جڏهين پاڻ کان گهٽ عهدي وارن سان ملاقاتي ٿيندو هو، تڏهين سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ بنهه بند هوندو هو: دور، اڪيلو، خاموش ويٺو هوندو هو. اهڙن موقعن تي سندس حالت رحم جوڳي هوندي هئي. ڪڏهين ڪڏهين اهڙيءَ مجلس ۾ ڪنهن دلچسپ گفتگو ۾ حصو وٺڻ چاهيندو به هو، مگر پاڻ کان گهٽ عهدي وارن سان گهائل مائل ٿي وڃڻ پنهنجي شان مانَ کان گهٽ سمجهي، ڳالهه دل جو دل ۾ گهي، ٿلهي ڪنگهڪار ڪري، هڪڙي ڪلهي کي جهٽڪو ڏيئي مٿي ڪري ۽ ٻئي کي ٿورو اٿلڪو ٻوٽتي هٽائي، وري ساڳئي نموني سان سُنهن رکو ڪري ويهي رهندو هو. انهن حالتن ۾ جيڪڏهن ڪٿي ڳالهائڻو پوندو هوس ته نهايت مخرج سان ڳالهائيندو هو، ۽ مختصر جواب ڏيندو هو ۽ اهڙيءَ طرح هو "شوخ ۽ خشڪ" نالي سان مشهور ٿي ويو.

اڪاڪي اڪاڪيوچ پنهنجي دوست جي مشوري تي عمل ڪري آخر "پهچ واري ماڻهوءَ" کي اپيل ڪئي. مگر اهو ڪو نياڳو ڏڻ هو. نحوست ۽ بدقسمتيءَ جند نه ڇڏيس. اتفاق سان ان ڏينهن "پهچ واري ماڻهوءَ" وٽ سندس ننڍپڻ جو گهري ۾ گهرو دوست گهڻي عرصي کان پوءِ آيل هو، جنهن سان هو گپ شپ هڻڻ ۾ مشغول هو، ۽ جنهن کي آئي اڃان ٿورڙي وقت ٿيو هو. اهڙي مصروفيت جي وقت کيس اطلاع مليو ته "باشمنچ ڪن" نالي عرضدار ملاقات جو خواهان آهي. ڪاوڙ سان پڇيائين، "ڪير آهي؟" جواب مليس ته "ڪوئي ڪلارڪ آهي." "ٿورو ترسي نٿو سگهي؟ چئينس ته هينئر مون کي وقت ڪونهي"- پهچ واري ماڻهوءَ آخر چڙڪ جواب ڏنو. هتي سان ٻڌائڻ گهران ٿو ته "پهچ واري ماڻهوءَ" نسورو ڪوڙ هنيو. هن کي اڪاڪي اڪاڪيوچ سان ملڻ لاءِ ڪافي وقت هو. هي ۽ سندس دوست حال احوال ڏئي وٺي ويٺا هئا، ۽ جيڪي ڪجهه ڳالهائڻو هون ڳالهائي چڪا هئا ۽ وڏيڪ ڪو خاص موضوع باقي نه رهيو هو، جنهن تي گفتگو چالو رکي سگهن. اجايا يٽ‌شٽ هڻي رهيا هئا ۽ بار بار هٿ هٽ تي هڻي، چيسن جا ٺڪاءَ ڪيدي، چئي رهيا هئا: "ته اوئن ائبريموچ! اها ڳالهه ائين آهي؟" "بلڪل جيئن مون چيو، اسٽيمن وارلاموچ." سندس دوست گهڻي وقت کان نوڪريءَ تان استيعفا ڏني هئي ۽ ٻهراڙيءَ جو رهاڪو هو. هو فقط پنهنجي دوست کي ڏيکاري رهيو هو ته سندس ڪيڏي نه اختياري ۽ هلندي هئي، جو هڪ ڪلارڪ کي بنا ڪنهن سبب جي هيترو ترسائي، سندس وقت زيان پئي ڪيائين! الغرض جڏهين پنهنجي دل تي ڳالهائي ٻولهائي ٿڪا ۽ آرام ڪرسيءَ تي ليٽي سگريٽ جا خوب سوٽا هڻي رهيا هئا، تڏهين اوچتو چڻ ته ڪا سالن جي وسريل ڳالهه ياد اچي ويس. بيخياليءَ سان سيڪريٽريءَ ڏانهن نهاري چيائين، "سويل دروازي تي ڪاغذ صحيح ڪرائڻ لاءِ ڪير هو؟" ٿورو سوچي سگريٽ جو ڦلو چپٽيءَ سان ڪيرائي وري شروع ڪيائين. "ها ها! ڪوئي ڪلارڪ ملاقات لاءِ ترسيو ويٺو هوندو. سڏ ڪرينس." نماڻو اڪاڪي اڪاڪيوچ گهڻو هيسيل ۽ ٻرائن ڦاٽل ڪپڙن ۾ "پهچ واري ماڻهوءَ" جي حضور ۾ حاضر ٿيو، جنهن ڪڙڪيدار

آواز ۾ پڇيس، ”اوڙي ڪيئن آيو آهين.“ معلوم هئڻ گهرجي ته ”جنرل“ جي عهدي ملڻ کان اڳ ۾ برابر پورو هفتو اهڙي رعبدار آواز ڪرڻ جي هن پنهنجي گهر جي اڪيلائيءَ ۽ آرسيءَ جي سامهون مشق ڪئي هئي. اڪاڪي اڪاڪيوچ جنهن تي رعب ۽ دهشت غالب پئجي ويون هيون، منجهي پيو ۽ هٻڪي هٻڪي ڳالهائڻ لڳو. تنهن هوندي به هن کان جيترو ٿي سگهيو، اوترو پنهنجي بيان کي جاري رکيائين ته هن وٽ تهذر نئون اوورڪوٽ هو، جو هن کان رات جي انڌيري ۾ زوري ڦريو ويو، ۽ هو هاڻي عرض ڪئي آيو آهي ته هو ”پهچ رکندڙ شخص“ پوليس جي ڪنهن وڏي عملدار يا ڪنهن ٻئي اختياريءَ واري سان لکپڙه هلائي، هن جي اوورڪوٽ جو تدارڪ ڪري. اڪاڪي اڪاڪيوچ جي سڌي ملاقات ڪرڻ ۽ درخواست پيش ڪرڻ جو طريقو آفيس جي قاعدي قانون جي خلاف هو، ۽ ”پهچ“ واري صاحب خنڪيءَ سان چيس، ”تون سڌو مون وٽ ڇو آئين؟ توکي خبر نه آهي ته آفيسن جي ڪارروائي ڪيئن هلندي آهي؟ توکي درخواست آفيس ۾ ڏيڻ کپندي هئي، جتان نندي ۽ وڏي هيڊ ڪلارڪ ۽ ڊپٽيءَ وٽان ٿيندي سيڪريٽريءَ وٽ اچي ها، جو خود بخود مون وٽ پيش ڪري ها!“ اڪاڪي اڪاڪيوچ سڄو پگهرجي ويو، ۽ نرمائيءَ سان عرض ڪيائين، ”حضور والا......“ هو گهبرايل هو؛ ۽ ڊڄندي ڊڄندي ۽ هٻڪندي هٻڪندي التجا ڪيائين، ”مون سائينءَ جن کي انهيءَ لاءِ تڪليف ڏني...... جو...... سيڪريٽري...... اعتبار جوڳو ماڻهو نه آهي.“ ”پهچ رکندڙ صاحب“ ٽپي باه ٿي ويو- ”ڇا چيئي؟ وري چئو. وري چئو. تنهنجي اهڙي همت! اهڙو خيال توکي ڪيئن آيو؟ اڄ ڪلهه جا نوجوان ڪهڙا نه بدتميز ۽ بي فضيلت آهن! پنهنجي آفيسرن ۽ عملدارن جو لحاظ ۽ عزت به ڪانه اٿن.“ ”پهچ وارو صاحب“ شايد اندازو نه لڳائي سگهيو، ته اڪاڪي اڪاڪيوچ جي عمر پنجاه ورهين کان مٿي هئي،. ۽ هن کي فقط ڪنهن ستر ورهين جي پوڙهي ڪک جي ڀيٽ ۾ ئي نوجوان چئي سگهيو ٿي. سندس غصو وڏي وڃي چوٽيءَ تي پهتو، ۽ سڄي آفيس ڪٺي مٿي تي کنيائين. سندس غضب سان اڪاڪي اڪاڪيوچ ته ڇڏيو، پر ساري آفيس ڪنبي رهي هئي. چوڻ لڳو، ”تون ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟ توکي خبر آهي سان ڪير آهيان؟ ڪجهه سمجهه ۾ اچيئي ٿو؟“ اڪاڪي اڪاڪيوچ اهڙو ڪچي جهڙي پت. صفا پنڊ پهڻ ٿي ويو. خوف ۾ سندس وار ڪانڊارجي ويا، ۽ ٿاٻڙجڻ لڳو. جيڪڏهين پٽيوالو ڊڪي سهارو نه ڏئيس ها، ته زمين تي وڃي ڦهڪو ڪري ها. هن کي ٽنگو ٽالي ڪري بيهوشيءَ جي حالت ۾ ٻاهر آندو ويو. ”پهچ جو صاحب“ گهڻو خوش ٿيو. هن جي آواز ۾ سچ پچ اثر هو، رعب هو، جو ماڻهو به بيهوش ٿيو ٿي سگهيو. مشق ڪرڻ ۾ جا تڪليف ورتي هئائين، اها ثاب پيس. سندس محنت اجائي نه وئي. ٿيڏيءَ اک سان پنهنجي دوست ڏانهن نهاريائين، ته ڏسي ته هن تي ڪهڙو اثر ٿيو؟ دوست کي ڏسي هن کي وڌيڪ اطمينان ٿيو ۽ پاڻ وڌيڪ خوشي ٿيس جو ڏٺائين ته هو به سندس رعب تاب کان خوف زده هو.

اڪاڪي اڪاڪيوچ جو مٿو ڦيريون کائڻ لڳو هو. ڏاڪٽين تان ڪيئن لٿو؟ رستي تي ڪيئن آيو؟- هن کي ڪجهه به ياد نه هو. سندس چنگهون پانهون ۽ ٻيا عضوا لستا ۽ بيطاقت هئا. هن کي ان کان اڳ ۾ ساري حياتيءَ ۾ ڪنهن به جنرل اهڙي رهڙ ڪانه پٽائي هئي. ٻاهر برفي طوفان لڳي رهيو هو، ۽ هن جو وات ئڌ ۾ ڦاٿي ويو هو. ڪرندو ٿڙندو تاپڙندو پئي ويو. تان جو هن کي ٿڌ لڳي وئي ۽ ڪليون سڄي پيس- گهر پهتو ته ڳالهائڻ کان ويهجي ويو. وسوٽل منهن ۽ ڳلي سان وڃي بستر تي ڪريو. ڪڏهين ڪڏهين اهڙيءَ سخت ڇينڀ جو اثر اهڙو اگرو به نڪرندو آهي.

ٻئي ڏينهن هن کي سخت تپ ٿي پيو، ۽ پيٽرس برگ جي آبهوا ۽ ٿڌ ته بيماريءَ کي رهندو وڌايو. ڊاڪٽر آيو. نبض تپاسيائين، مگر بيماري لاعلاج هئي. هن هدايت ڪئي ته مريض کي فقط ٽاڪور ڪئي وڃي، ۽ سو به انهيءَ لاءِ ته مريض کي علاج کان محروم نه ڪيو وڃي، ورنه سندس بچڻ جو آسرو پورو سارو هو. ٻن ڏينهن جي بيماريءَ کان پوءِ ڊاڪٽر ظاهر ڪيو ته اڪاڪي اڪاڪيوچ کي موت سڏي رهيو آهي ۽ هن جي بچڻ جي اميد ڪانه ڪانه آهي. هن جاءِ جي مالڪياڻيءَ کي چيو: "قصو ختم آهي، ۽ ڪفن آٿاڻ جون تياريون ڪر."

ڪنهن کي به خبر نه آهي ته اڪاڪيءَ ڊاڪٽر جا اهي منحوس لفظ پنهنجي ڪنين ٻڌا يا نه؟ جيڪڏهين ٻڌائين، ته سندس دل ۾ هلچل متي يا نه؟ هن کي هن رنگين دنيا کي ڇڏڻ تي ۽ پنهنجي زندگيءَ کي الوداع چوڻ تي احساس ٿيو يا نه؟ ڇو ته هو سخت بخار ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ هو. وهم ۽ پوتن جو هن جي دماغ ۾ واسو ٿي چڪو هو. هو وڦلي رهيو هو ۽ پيٽرووچ کي آرڊر ڏنائين: "پيٽرووچ منهنجو نئون ڪوٽ ٺاهي تيار ڪر. ڪوٽ ۾ پٽا اهڙا رک، جو جيڪڏهين ڪي ڦورو لٽيرا حملو ڪن ته انهن ۾ ڦاسي پون." ڪڏهين وهم پئي ويس ته چور سندس بستري ۾ لڪا ويٺا آهن، ۽ وٺي رڙيون ٿي ڪيائين -"چور... چور... چور... پڪڙيو... پڪڙيو... پڪڙيو!" رکي رکي جاءِ جي مالڪياڻيءَ کي سڏ پئي ڪيائين ته "چور سوڙ ۾ لڪا ويٺا آهن. ٽنگ کان وٺي ٻاهر ڪڍين." ڪڏهين پراڻو ڪوٽ پئي ياد پيس "ڪٿل ٽيڙ منهنجي سامهون ڇو ٽنگيو اٿئي؟ مون نئون اوورڪوٽ سبرايو آهي." ڪڏهين چئي ته جنرل جي سامهون بيٺو هو ۽ هن جي ڦٽ لعنت پئي ٻڌائين ۽ جواب ۾ پئي چيائين: "حضور والا مون کي معافي ڏيو،" ۽ تنهن کان پوءِ ته اچي گارگند ۾ پيو ۽ ناشائستا ۽ بدشد لفظ اچارڻ لڳو. جاءِ جي مالڪياڻي ڪڏهين به اهڙا بچڙا جملا هن جي واتان نه ٻڌا هئا، اهڙن جملن کان پوءِ "حضور والا" جو اصطلاح ضرور پئي ڪم آندائين. بچاڙيءَ ۾ اهڙيءَ حد تي وڃي پهتو، جو سندس وڦلڻ مان ڪو مطلب ڪونه پئي نڪتو، ۽ جيڪي به بڳل ٽٽل اکر پئي ڳالهايائين، سي سندس نئين اوورڪوٽ جي باري ۾ پئي معلوم ٿيا. نيٺ مهل پڄي وئي ۽ پکيڙو پڃري مان پرواز ڪري ويو. سندس جاءِ کي ڪو ڪلف لڳائڻ

وارو ڪونہ هو. هو بي سرو سامان، بي يارو مددگار ۽ بي وارث وسيلو دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. هن جي ملڪيت وري ڪهڙي هئي!... ٻہ ڏندڻ، ٽين تڏي... هڪ ٻن جو دستو، ٽي جوراب جا جوڙا، ٻہ يا ٽي پيڙا، جيڪي سندس پتلون مان نڪتا هئا، ۽ هن جي زندگيءَ جو ساٿي ڪٽل ٻُڙ جنهن مرڻ تائين ساٿ ڏنس ۽ جنهن مان پڙهندڙ چڱي طرح واقف آهن. اها ملڪيت ڪنهن کي ورثي ۾ آئي - چئي نٿو سگهجي; اِن جي مون ڳالهہ پڙهائيندڙ کي بہ خبر ڪانہ آهي، ڇاڪاڻ تہ مون ڪنهن کان اهڙي دريافت ڪرڻ جي تڪليف ڪانہ ڪئي آهي. اڄ پيٽرس برگ اڪاڪي اڪاڪيوچ کان خالي هو. ڄڻ تہ هو ڄاڻوئي ڪونہ هو. اڄ هڪ اهڙو انسان هن دنيا کان منهن موڙي هميشہ لاءِ وڃي آرامي ٿيو هو جو بي يار و مددگار هو; جنهن جو ڪو عزيز نہ هو، جنهن ۾ ڪنهن دلچسپي ڪانہ ورتي; جنهن ڏانهن ڪنهن سائنسدان جو بہ ڌيان نہ ڇڪيو، جيتوڻيڪ هو مک کي سئي جي نوڪ تي رکي خوردبين جي مدد سان اڀياس ڪرڻ ۾ عار ۽ نفرت نہ ڪندو آهي; جنهن صبر سان ساريءَ آفيس جا چرچا ۽ طعنا سٺا; جنهن جي هن وقت وڃي قبر ۾ دفن ٿيڻ لاءِ ڪو بنيادي سبب ڪونہ هو; جنهن جي ذلت ڀريءَ زندگيءَ ۾ بہ هڪ رنگينيءَ جو ڪرڻو اوورڪوٽ جي صورت ۾ پيدا ٿيو; ۽ ٻچاڙيءَ ۾، جنهن تي قدرت اها مصيبت ڪڙڪائي، جنهن کان شاهن جا شاہ بہ بچي نہ سگهيا ۽ بچي نہ سگهندا ۽ اها مصيبت هئي «موت»!

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ آفيس جي بالا آفيسر هڪ پٽيوالو اڪاڪي اڪاڪيوچ جي گهر موڪليو، تہ هو آفيس ۾ اچي حاضر ٿئي. مگر پٽيوالو اڪاڪيءَ کان سواءِ واپس ويو ۽ وڃي چيائين تہ هو اچي نہ سگهندو. پڇائونس، «ڇو؟» جواب ڏنائين، «هو بلڪل دور سفر تي ويل آهي، جتان نہ ڪو موٽيو آهي ۽ نہ وري موٽندو ئي... هن جو ٽي ڏينهن اڳ انتقال ٿي ويو!» اهڙيءَ طرح آفيس ۾ اڪاڪيءَ جي موت جي خبر ڦهلجي وئي، ۽ ٻئي ڏينهن تي اڪاڪيءَ اڪاڪيوچ جي ڪرسيءَ تي نئون ڪلارڪ ويٺل ڏسڻ ۾ آيو، جو قد جو قداور هو، ۽ جو اڪاڪي اڪاڪيوچ وانگر سڌي سنئين سادي لکپڙه ڪرڻ وارو نہ هو، بلڪ هن جي لکيت مطلب واري، ۽ حرفت سان ڀرپور هئي.

اڪاڪي اڪاڪيوچ مري ويو. سندس لاش قبر ۾ دفن ڪيو ويو. مگر سندس قصو اڃا ختم نہ ٿيو هو. هن زندگيءَ ۾ نہ ڪنهن کي ڏکويو ۽ نہ ستايو، ۽ ساري عمر گمناميءَ ۾ گذاري هئائين. مرڻ کان پوءِ هن جو روح ڀٽڪندو رهيو، ۽ پيٽرس برگ ۾ ڏهڪاءَ وجهي ڏنائين. پار ٻچو، ننڍو وڏو ۽ غريب امير هن جو نالو ٻڌي خوف کان ڪانبارجي ويندو هو. شايد انهيءَ لاءِ، تہ زماني کي معلوم ٿئي تہ اڪاڪيءَ نالي بہ ڪنهن انسان هن دنيا ۾ جنم ورتو هو، پنهنجو وارو وڄائي نيٺ ڪوچ ڪري ويو. پيٽرس برگ ۾ افواہ اٿيا تہ ڪالنڪن برج جي آس پاس رات جو ڪنهن ڪلارڪ جي صورت ۾ هڪڙو مردو ڏيکاري ڏئي ٿو، جو چوري ٿيل اوورڪوٽ جي تلاش ۾ آهي، ۽ جيڪو بہ اتان اوورڪوٽ پائي لنگهي ٿو، تنهن کان بغير اميري غريبيءَ جي پيد جي، زوريءَ لهرائي ٿو وٺي، پوءِ ڪٽي ڪوٽ

"ڪنفر" ڪالر سان هجي يا "بيور" ڪالر سان هجي، 'رئڪون' جي کل جي آستر سان هجي يا لومڙي، ۽ رڇ جي کل جي آستر سان. هڪڙي آفيس جي ڪلارڪ ھڻ مردو پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ سچاتائين ته هو اڪاڪي اڪاڪيوچ هو، ۽ پري کان ڏسڻ آگر مٺي جهليو ڪيس ڊيڄاري رهيو هو، ۽ اهو ڏسي هن خوف هراس ۾ وٺي ڪڙين تي زور رکيو.

چوڏاري دانهن ٿي ويئي. نه رڳو غريبن ۽ گهٽ پگهار وارن، مگر شاهوڪارن ۽ وڏن آفيسرن به شڪايتون ڪيون، ته هنن مردو اڄ هتي ڏٺو ۽ اڄ هتي ڏٺو، ۽ هنن کان اوورڪوٽ لهرائي ورتائين ۽ ائين ۾ ڏڪندا گهر پهتا. پوليس کي حڪم پهتا ته تڪليف ۽ پنسي جو خيال نه ڪري، جيئري يا مئل مردي کي ڪنهن به حالت ۾ هٿ ڪن ۽ هن کي چيچلائي چيچلائي مارين، جئن ٻين لاءِ سبق ٿئي! پوليس جي ڪوشش ۽ جانفشانيءَ وڃي هٿي هنڌ ڪيو. ڪريوشڪن ۾ پوليس ٿاڻي جي هڪ سنتريءَ اصل واردات واريءَ جڳهه تي مردي کي وڃي پڪڙيو، جڏهين هو هڪ پوڙهي موسيقار کان، جيڪو پنهنجي جوانيءَ ۾ دل سوز بنسري وڄائيندو هو، برڪ جي ڪپڙي جو اوورڪوٽ ڪسي رهيو هو. هن مردي کي ڪالر کان جهلي پنهنجن ٻين سائين کي هڪل ڪئي، جي به اچي هن سان مددگار ٿيا. اتي سنتريءَ کي ناس جي ٻاڙ لڳي، ۽ خيال ڪيائين ته ناس جي دٻلي، جا بوٽ ۾ رکي هئائين، ڪڍي، هن فتح جي خوشيءَ ۾ ڪو ناس جو دگاڙو لڳائي؛ سو اهو سوچي، پنهنجي ٻين سائين جي حوالي ڪيائين. پر ناس شايد اهڙي ته تکي هئي، جو ان جو تيز اثر مردو به برداشت ڪري نه سگهيو. سنتريءَ اڃا پنهنجي ناسن ۾ ناس جي چپٽي مس انگهائي ته مردي هنن ٽنهي جي اکين ۾ اهڙي زور سان وٺي ٿڇ ڏني، جو سندن اکيون پورجي ويون ۽ مردو غائب ٿي ويو - جڻ ته هنن مردي کي پڪڙيو ئي ڪونه هو؛ ۽ ڪين اهڙو ته خوف ٿيو، جو اڳتي جي واسطي هو هن جي پرسان به نه ويندا هئا، ۽ صرف پري کان پيا رڙيون ڪندا هئا - "ڏس! ڏس! هو ٿو وڃي. وڃ، وڃ!" ۽ مردو هنن گيڏين کي وڏيڪ ڊيڄارڻ لاءِ ڪالنڪن برج جي ٻئي طرف کان ڏيکاري ڏئي، هڪ ٻيو وڌيڪ ڊيڄاريندو هو، ۽ پوءِ انهيءَ رات هو سندن نگاهن کان غائب ٿي ويندو هو!

اسين وڃي ٻين ڳالهين ۾ پياسين ۽ "ٻهچ واري صاحب" کي بلڪل وساري ڇڏيوسين جيڪو هن روئداد جو سبب ۽ اڪاڪيءَ جي موت جو ڪارڻ هو. ڏک دشمن جو به نه وڃائجي. "ٻهچ وارو صاحب" هروڀرو اهڙو برو نه هو. اڪاڪي اڪاڪيوچ کي اهڙي زوردار چينٻ ڪڍڻ کان پوءِ هن کي گهڻو افسوس ٿيو. هو ايڏو سخت دل ۽ ڪٺور نه هو. آخر ته انسان هو، هن جي دل ۾ به همدردي هئي، رحم هو ۽ انسانيت لاءِ عزت هئي، مگر هن جي وڏي عهدي ۽ بالا عملداريءَ اهڙن احساسن ظاهر ڪرڻ کان هن کي مجبور پئي ڪيو. سندس دوست جي وڃڻ کان پوءِ هو اڪاڪيءَ جي حال تي رحم کائي، هن جي نمائيءَ حالت تي ويچار ڪرڻ لڳو، ۽ ان ڏينهن کان پوءِ اڪاڪيءَ جو خيال هن جي دماغ ۾ گهر ڪري ويهي

رهيو، هو پنهنجي ڪني تي پڇتائڻ لڳو. اهڙن ويچارن ۽ خيالن کان تنگ اچي آخرڪار اڪاڪي اڪاڪيوچ ڏانهن ڪلارڪ موڪليائين ته ڏسي ته هو طبيعت ۾ ته ٺيڪ آهي، ۽ جيڪڏهين سچ پچ هو هن کي ڪا مدد ڪري سگهي ٿو، ته هو هر حالت ۾ حاضر آهي؛ ۽ جڏهن منحوس خبر، ته اڪاڪي اڪاڪيوچ بخار ۽ بيهوشيءَ ۾ مري ويو، هن جي دل ۾ ڪنڊو چڀي ڇڏيو، ضمير هن کي ملامت ڪئي، ۽ هو سارو ڏينهن اداس ۽ بيچين رهيو. خيالات مٽائڻ ۽ غم غلط ڪرڻ خاطر هو شام جو پنهنجي هڪڙي دوست وٽ ڪچهريءَ لاءِ ويو. اتفاق سان هتي سڀ خانداني ۽ شان مانَ وارا ماڻهو ۽ وڏي ڳالهه ته سڀ هڪڙي عهدي جا آفيسر ويٺا هئا. هن گهڻيءَ آزاديءَ سان گفت وشنيد ۾ بهرو ورتو ۽ چرچن گهڻن ۾ هنن سان رلي ملي ويو، جو اڪاڪيءَ کي بيگناهه چيٽڻ، هن جي نمائي صورت ۽ هن جي موت جهڙا ملامت ڪندڙ خيال في‌الحال هن کان وسري ويا. مطلب ته هن جي شام ڪل خوشيءَ ۽ مزي ۾ گذري. رات جو هن شمپين جهڙي اعليٰ قسم جي شراب جا ٻه گلاس پيتا ۽ هن جي اکين ۾ خمار، دل ۾ بهاري، خيال ۾ سڪون، دماغ ۾ بي اونائي ۽ سُنهن ۾ خنڪي پيدا ٿي. شراب نيٺ پنهنجو اثر ظاهر ڪيو ۽ هن خيال ڪيو ته اڄ گهر وڃڻ بدران ڪرولينا اوئنونا سان، جا جرمن نسل جي عورت هئي، وڃي موج مائي. ڪرولينا اوئنونا سان هن جا ڪافي وقت کان دوستانا تعلقات هئا. اهو ياد رکڻ گهرجي ته "پهچ وارو صاحب" چڱي عمر جو ڪرڙو ڏي، مهربان پيءُ ۽ جوابدار مڙس هو. ڪيس ٻه پُٽ هئا، جن مان هڪڙو سندس ئي آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. هڪ سورهن سالن جي نوجوان ڌيءَ به هيس، جنهن جو نڍڙو نڪ چتونءَ جي ڇهنب وانگر وريل هو. هوءَ هر صبح جو اچي سندس سلام ڪندي هئي ۽ هٿ چمي چوندي هئي، "منهنجو پيارو بابا". سندس زال به اڃا ننڍي نيٽي هئي، ۽ شڪل شبيه جي به ملوڪ هئي. هوءَ هن کي پنهنجو هٿ چمڻ لاءِ ڏيندي هئي، ۽ بعد ۾ هن جو هٿ چمندي هئي. اهڙيءَ طرح جيتوڻيڪ هن کي پنهنجي گهر ۾ هر قسم جو آرام ۽ فرحت جو سامان موجود هو، تڏهين به هن اها ضرورت محسوس ڪئي ته شهر جي ڪنهن ٻئي پاڙي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي معشوقه جو هئڻ لازمي آهي. سندس سنگتياڻي سندس زال کان نه ته عمر ۾ گهٽ هئي ۽ نه وري صورت ۾ سوچاري هئي. ٻر هي ڪو دنيا جو دستور هوندو آهي ته پنهنجي کان پرائي ۾ وڌيڪ مزو هوندو آهي. خير اسان جو ڪم نه آهي ته ڪنهن تي بيهي نڪتيچيني ڪريون. "پهچ وارو صاحب" ڏاڪڻ تان لٿو ۽ اچي پنهنجي گسڪيءَ گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو، ۽ ڪوچوان کي حڪم ڏنائين "ڪرولينا اوئنونا جي گهر هل!" هو قيمتي گرم فر جي اوورڪوٽ ۾ ملبوس، بيپرواهيءَ ۽ بيفڪريءَ جي عالم ۾ هو، ۽ دماغ تي زور ڏئي هرو ڀرو ڪجهه سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ تيار به نه هو، مگر خوشيءَ ڀريا ۽ رنگين خيالات خود بخود هن جي دل و دماغ کي وڌيڪ لطف ۽ فرحت بخشي رهيا هئا. هن کي اهي شام جون دل وندرائيندڙ گهڙيون ۽ اهي دلچسپ اصطلاح ۽ جملا، جن جي ٻڌڻ سان سندس سنگت جا سڀ

يار دوست ڪلي ڪيرا پئي ٿيا، وري وري ياد پئي آيا، ۽ اهي محاورا آهستي آهستي چپن ۾ اچاري پاڻ وري وري پئي کليو. واهه جو انهن ۾ مزو ۽ لطف هو! مگر هوا جي چوٽ جهونن هن کي سخت هلاڪ ڪيو. هوا جي زور تي برف جا گنديا هن جي مٿان پئي وسيا، ۽ سندس ڪوٽ جو ڪالر هوا سان پرجي اٿي جي ڳوڻ وانگر ڦوڪجي پئي ويو، ۽ هن جي منهن ۽ نرڙ تي زور سان پئي سٽڪو ڪيائين، جنڪ پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هلچل هلائي ڏني هئائين. ايتري ۾ "پهچ واري صاحب" کي ڪنهن پٺيان اچي گردن کان پڪڙيو، منهن ورائي ڏنائين تہ هڪڙو قد جو بندرو ميرن ڪپڙن ۾ ڍڪيل ماڻهو هو. هن کي سڃاتائين تہ هو اڪاڪي هو! هيبت ۾ هن جا لڱ ڪانڊارجي ويا. ڪلارڪ جو منهن اڇو برف جهڙو ۽ سڪل هو، جهڙو ڪنهن مردي جو هئڻ گهرجي. "پهچ واري صاحب" جي خوف ۽ هراس جي ڪا حد نہ ڪانہ رهي، جڏهين ڏٺائين تہ مردو منجهيل لفظن ۾ ڪجهہ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. مردو کلي چوڻ لڳو "ها، ها، ها! ها! سو نيٺ تون منهنجي چنبي ۾ اچي وئين ۽ نيٺ مون توکي ڪالر کان پڪڙيو. مون کي تنهنجو اوور ڪوٽ گهرجي! تو مون کي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو! تو مون کي گاريون ڏنيون! ان جي عيوض پنهنجو اوور ڪوٽ لاهہ! منهنجي حوالي ڪر!" ويچارو "پهچ وارو صاحب" اڌ مئو ٿي پيو. آفيس ۾ زيردستن تي جيڪڏهين ڪو هن جو ضابطو ۽ رعب ڏسي ها، يا جيڪڏهين ڪو هن جي آتي جي مردانگيءَ ۽ شخصيت سان واقف هجي ها تہ ضرور هن جي ساراهہ جا ڍڪ ڀري ها ۽ بي اختيار چوي ها، "واهہ ڪهڙي نہ رعبدار شخصيت آهي هن جي!" مگر هو هن وقت رواجي ماڻهوءَ وانگر ڏڪ ۾ ڪنبي رهيو هو. هن هڪدم ڪوٽ لاهي ڪٽي ڦٽو ڪيو، ۽ ڪوچوان کي رڙ ڪري گهرايل آواز ۾ چيائين، "گاڏي موڙاءِ! هڪدم گهر هل!" ڪوچوان "پهچ واري صاحب" جي آواز جو نمونو بدليل ڏسي، سهي ڪيو تہ ڪوئي خطرو آهي، ۽ پنهنجا ڪلها ڪنن تائين ڍڪي، جانورن کي ٻہ ٽي چهبڪ وهائي ڪڍيائين ۽ ائين ڀڳو جڻ تير ڪمان سان ڇٽو ۽ ڇهن منٽن جي ٿوري عرصي ۾ اچي گهر پهتو. گهرايل خوفزده ۽ اوورڪوٽ کان سواءِ، هو ڪرولينا اوئنونا جي گهر جي بدران پنهنجي گهر اچي نڪتو، ۽ سڌو پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ وڃي ڍٺو، ۽ ساري رات حيران ۽ پريشان هو. صبح جو نيرن جي وقت ڌيئس کي ڪجهہ خوف محسوس ٿيو، جنهن پڇيس، "بابا! چو اڄ اوهان لهڪاريل ٿا ڏيکارجو؟" مگر چوڪريءَ جو پيءُ بلڪل خاموش رهيو ۽ ڪنهن کي ٻہ نہ ٻڌايائين تہ هن سان ڪهڙي ويڌن هئي، رات جو ڪٿي هو، يا ڪيڏانهن پئي ٿي ويو؟ هن واقعي جو هن تي گهرو اثر ٿيو ۽ گهٽ ۾ گهٽ اهي هميشه وارا جملا تہ "تنهنجي اهڙي همت؟ توکي خبر آهي تہ مان ڪير آهيان؟ تون ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟" - پنهنجي زيردستن سان ورلي ڪم آڻڻ لڳو، ۽ ٻين سان گفتگو ڪرڻ جي وقت، اهي ڪڏهين بہ استعمال نہ ڪندو هو، جيستائين ڪ مسئلي جي ساري حقيقت نہ ٻڌندو هو.

هن کان پوءِ مرحوم منشي اڪاڪي اڪاڪيوچ جو روح ڏسڻ ۾ نه آيو. شايد جنرل جو اوورڪوٽ هن کي پورو اچي ويو. پوءِ ڪنهن به اوورڪوٽ کسجڻ جي شڪايت ڪانه ڪئي. پر تنهن هوندي به ڪي ماڻهو چوڻ لڳا ته مردو اڃان به شهر جي ڏورانهن پاڙن ۾ ڏيکاري ڏئي ٿو. مثلاً هڪڙي دفعي ڪالومنا جي هڪ سنتريءَ مردو هڪ گهر جي پٺ ۾ ڏٺو، مگر چاڪاڻ ته هو قدرتاً هانيءَ جو ڪمزور هو... ايتري قدر، جو هڪڙي دفعي جيئن هڪڙو سُوئر پر واريءَ جاءِ مان نڪتو، تيئن هن کي داسو هڻي ڪيرائي وڌائين ۽ ڪوچوان، جي پرسان بيٺا هئا، هن جي چوڏاري مڙي آيا ۽ خوب چيڙايائونس، ۽ پوءِ هن اهڙي گستاخيءَ جي عيوض هنن کان ناس لاءِ ٻه ڪاپيڪ ورتا، ... تنهنڪري مردي کي پڪڙڻ جي هو همت نه ساري سگهيو، تنهن هوندي به هو ڳپل پنڌ اونداهيءَ ۾ مردي پٺيان ويو- جيستائين ڪ مردي ڪنڌ ورائي ٿونشو ڏيکاريندي چيس ”ڇا گهرجئي؟“ سنتريءَ جواب ڏنو ”ڪجهه به نه!“ ۽ پوءِ سنتري واپس پنهنجي ماڳ تي موٽي ويو. ايترو سو هو، ته هيءُ مردو مڙيوئي ڪي قدر قد ۾ ڊگهو ۽ وڏين رعبدار مڇن سان هو، ۽ سڌو آيو هو برج پاسي، جيڏانهن شهر جي غريب خلق گهڻو رهندي هئي، وڃي رهيو هو ۽ اوڏانهن ويندي ويندي هو رات جي انڌيري ۾ غائب ٿي ويو.

اصل انگريزيءَ ۾ نورا رچرڊس جو

سنڌيڪار: سراج

اڪبر جي حياتيءَ جو هڪ ڏينهن

(ٽن منظرن وارو هڪ ناٽڪ)

منظر پهريون

ا

مقام: فتحپور سڪري وقت: بهار جو هڪ صبح

ڪردار

اڪبر- مغل شهنشاهه؛ راجا توڏرمل- وزير زراعت؛ هڪ ٻيو وزير؛ ٽي عملدار؛ ڪنيز؛ ڪٽي؛ هڪ بيوهه؛ راجپوت؛ برهمڻ؛ ٻه هاري؛ ۽ چوبدار، وغيره

[اڪبر جي محل جو ديوان عام- پٿيان وچ تي شاهي مسند آهي، جنهن جي ساڄي پاسي کان چئن پنجن ڏاڪن سان هڪ اوچو ٿلهو آهي. ان جي پويان وري محل ڏانهن وڃڻ لاءِ ٿلهن پردن سان ڍڪيل دروازو آهي- مسند جي هيٺان ٻه عملدار ويٺا آهن.]

پهريون عملدار- ڀلا، اڄ درخواستون ڪي گهڻيون آهن ڇا؟

ٻيو عملدار- ايتريون گهڻيون ته ڪينهن. جيڪي تمام ضروري هيون، سي گڏ ڪري رکيون اٿم.

پهريون عملدار- ڇاجون آهن؟

ٻيو عملدار- هڪڙي ته جزيي جي خلاف اپيل آهي، ۽ هڪڙو زمين جي ماپ بابت جهڳڙي جو فيصلو آهي. هڪ ٽپيدار جو به فرياد آهي.

پهريون عملدار- پهرين جزيي کي ڪٽنداسون، ۽ پوءِ ٽپيدار جي سوال کي. زمين جي ماپ وارو جهڳڙو ته تڏهن ڪٽبو، جڏهن راجا توڏرمل ايندو: اڄ سندس اچڻ جي اميد آهي- بادشاهه سلامت کي پنهنجو نئون ايجاد ڪيل "جريب" ڏيکارڻو اٿس. راجا صاحب جيڪو ڊلن جو نئون طريقو ڳولي ڪڍيو آهي، سو شايد ان تي به بحث مباحثو ٿيڻو آهي. پر ٻيون درخواستون ڪينهن ڇا؟

ٻيو عملدار- آهن ته ڪوڙ، پر اهڙيون ضروري ڪينهن: هڪڙو برهمڻ آهي، جو "ستيءَ لڪڙيءَ" جي سڏاري خلاف ڏاڍو جوش ۾ آهي، ۽ اعتراض پيش ڪرڻ لاءِ سهي سنبري آيو آهي.

پهريون عملدار- ڀلي آيو. جيءَ آيو.

پيو عملدار_ خيرات لاءِ ٻه ڪھڻيون ٻي درخواستون آهن: هڪڙي غريب بيوھ زال تيرٿ-ياترا جي محصول لاءِ پريشان آهي؛ ٻيو ڪنبر آهي، جنهن ويچاري جا سمورا ڏانو پچڻ کان اڳ- مينهن ۾ ناس ٿي ويا آهن؛ هڪڙو ڪني آهي، جنهن جي ڪکائين ڇت باهه ۾ سڙي ويئي آهي- ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا ٻه گھٽائي آهن.

پھريون عملدار_ اڄ اسان کي ايتريون ساريون درخواستون داخل ڪرڻ نه گھرجن، جو راجا توڏرمل جي اچڻ تي ڏلن بابت اهم ڳالھه ٻولھه ٿيڻي آهي.

پيو عملدار_ ته پوءِ خيرات جون گھڻيون درخواستون پيش ڪريون؟

پھريون عملدار_ اهي ئي اٽڪل چار يا پنج؛ ٻين وڏين درخواستن مان ٻن کان وڌيڪ نه هجن ته چڱو: زمين وارو تڪرار ۽ تپيدار جي فرياد، اهي ٻه مسئلا ئي ڪافي ٿيندا.

پيو عملدار_ ۽ پنڊت؟ سندس ستي اڪڙيءَ واري سڏاري خلاف اعتراض......؟

پھريون عملدار_ هائو، هائو؛ پلي ته اهو به اچي. هاڻ وڃ ۽ آئي کين حاضر ڪر.

(پيو عملدار وڃي ٿو)

(ٽيون عملدار داخل ٿئي ٿو)

ٽيون عملدار_ مون کي هيءَ چوڻ لاءِ موڪليو ويو آهي ته "شهنشاه سلامت جي مرضي آهي ته درخواستون تڪڙيون تڪڙيون پيش ڪيون وڃن، جئن راجا توڏرمل سان ڏلن واري رٿ تي بحث مباحثي لاءِ جلد واندا ٿي سگھن".

پھريون عملدار_ درخواستون مون چونڊي رکيون آهن؛ فريادين کي گھرايو اٿم. وڃ ۽ وڃي عرض ڪر ته "هيت ڪا دير ڪانهي؛ اسين شهنشاه سلامت جن جي انتظار ۾ آهيون".

(ٽيون عملدار وڃي ٿو)

(پيو عملدار وري هڪڙيءَ زال ۽ سندس ننڍڙي نينگرڙيءَ سان گڏ اچي ٿو)

پھريون عملدار_ ادي، اچ! ڪڪي، تون اچ! ... هتي ويهي رهو!

(ڪني، ڪنبار ۽ راجپوت اچن ٿا)

اوهين ٻئي هت ويهو! (هو ٻئي زال جي پرسان ويهي رهن ٿا) ۽ تون- جنهن جي مرضي آهي ته توتان محصول معاف ٿئي- تون به اچ ... وڃي انهن سان ويھه، جن کي دان وٺڻو آهي.

راجپوت_ دان! مون کي دان ڪونه گھرجي مون کي نياءُ گھرجي: آءٌ هنن کان جدا ويهندس.

پيو عملدار_ چڱو، ته جدا ٿي ويھه! تنهنجي شنوائي هنن کان پوءِ ٿيندي.

(ٻه هاري داخل ٿين ٿا)

پھريون هاري_ هر سال اسان لاءِ اهوئي ساڳيو جھڳڙو! پرسال تو منهنجي زمين تي ٻج پوکيو هو...

پيو هاري_ ۽ هيل... تو آنهيءَ منهنجي زمين تي ٻج پوکيو آهي!

پھريون هاري_ اها زمين منهنجي آهي...

پيو هاري_ آءٌ چوان ٿو اها زمين منهنجي آهي؛ مون اها ڪالهه ساپي آهي!

پھريون هاري_ ۽ مون ڇهه مهينا اڳ ساپي آهي: آءٌ ٿو چوان ته اها منهنجي آهي!

پھريون عملدار_ خاموش، خاموش! اوهان جو مقدمو دير سان فيصل ٿيندو. (ٻئي عملدار کي) هنن ٻنهي کي جدا ڪري ويهار.

(تپيدار داخل ٿئي ٿو. هن جي پويان هڪڙو هاري، ۽ هڪ برهمڻ داخل ٿين ٿا.)

(پيو عملدار سيني کي ٽولين ۾ ورهائي بيهاري ٿو، ۽ مقدمن وارن کي دان گھرندڙن کان جدا ڪري بيهاري ٿو).

ٻيو عملدار (راجپوت کي)- تو وٽ ته ڪا لکيل درخواست ئي ڪانهي. توکي حقيقت ۾ دان گھرندڙن سان گڏ وڃي ويهڻ گھرجي.

راجپوت- آءٌ وري به چوان ٿو ته مون کي دان ڪونه گھرجي؛ مون کي نياءُ گھرجي - انهيءَ ڪري آءٌ ته هتي ئي بيهندس.

پيو عملدار (برهمڻ کي)- تو وٽ به ڪا لکيل درخواست ڪانهي. تون به وڃي انهن سان ويهه جن کي دان گھرجي.

پنڊت- دان! آءٌ ته پنهنجا حق گھرڻ آيو آهيان!

پيو عملدار- چڱو، چڱو... اوهين ٻئي هتيئي بيهو.

(هو ٻئي عملدار سان گڏجي ساڄي پاسي ٿي بيهي ٿو).

ڪٽي (عورت ڏانهن مخاطب ٿي) - ادي، تون ڪيئن آئي آهين؟

عورت- ادا، آءٌ هڪ وڌوا آهيان. پنهنجي وَرُ جون هاڻيون ڪاشيءَ ڪٽي ٿي وڃان. پر انهيءَ کان اڳ مون کي پنهنجي تيرٿ ياترا لاءِ ڏن ۾ ڏيڻو آهي - مون غريب وٽ پئسا ڪٿان اچن جو ڏن ڀريان!

پنڊت- تون پاڻ، او ڪلڪٽي، هن وقت تائين رک هڻ گھرجين ها! تون چِتا تي چو نه چڙهيئن؟

عورت- ان ڪري جو شهنشاهه سلامت جي پنڊتن کي روڪ آهي ته هو اسان ابلائن کي زوريءَ چتا ۾ اڇلائي نه ڇڏين.

پنڊت- ها، اسان جي شهنشاهه جي برابر اسان تي روڪ آهي- ۽ انهيءَ ڪري ئي آءٌ هتي آيو آهيان. ڏسو ته سهي، ودوائون هر هنڌ چتا تي چڙهڻ کان انڪار ڪري رهيون آهن!

راجپوت- پنڊت جي، او هان لاءِ ته اها ڳالهه ڏاڍي ڏکي ٿي: هاڻ اوهين هيرا جواهر ۽ زيور ڪٿان گڏ ڪري سگھندؤ؟

پنڊت- هاڻ انهن پرلوڪ سڌريل آتمائن جو ڇا ٿيندو، جن کي دشٽ ڪايائون وڪوڙي ويٺيون هونديون؟ هاءِ هاءِ، ڪهڙي ڪلجڳ ۾ اچي پيا آهيون! هري رام، هري رام! سمو ڏاڍو خراب آهي!

راجپوت- اهو ته سچ آهي، پر اوهين ودوائن کي جلائي، سمي کي مرگھو وڏيڪ خراب ڪري رهيا آهيو! توهان کي هنن جي پيڙا سان ته فائدو ٿو پهچي.

پنڊت- اسين ته هنن لاءِ مريادا ٿا حاصل ڪريون: هندو استري جات جي مان-مريادا!

ٽيون عملدار- بس بس، خاموش! شهنشاهه سلامت جن تشريف فرمائي رهيا آهن.

(ٻه چوبدار داخل ٿين ٿا)

(چوبدار پردي مان اندر لنگهي، دروازي اڳيان پنهنجون لٺيون جهلي بيهن ٿا)

پهريون چوبدار- خاموش، خاموش! با ادب با ملاحظه هوشيار!

ٻيو چوبدار- شهنشاه سلامت جن تشريف فرمائين ٿا!

(هو پردي کي کولين ٿا؛ ۽ رستو ويڪرو ڪري، هڪڙو هڪڙي پاسي، ٻيو ٻئي پاسي بيهي رهي ٿو- گهڙيءَ کن لاءِ ماٺ ٿي وڃي ٿي)

(اڪبر داخل ٿئي ٿو)

(اڪبر هڪڙي وزير سان گڏ اچي ٿو، ۽ سندس پويان خادم داخل ٿين ٿا- انهن مان ٻه چٽا ٻنهي پاسي ڪجيءَ جي ڊگهن هٿين وارا پکا لوڏي رهيا آهن. عرضدار ۽ مقدمن وارا احترام

۽ بيٺا آهن – بادشاهه وهي ٿو. ٻه عملدار وڏي مسند جي پاسي ٽائين اچن ٿا، ۽ ڪورنش بجا آڻي، پوئتي هٽي بيهن ٿا.)

وزير – شهنشاهه سلامت، شهنشاهه هندستان، غريبن جو نگهبان، عادل حڪمران، درخواستون ڏيڻ لاءِ تيار آهن. عرضدارن ۽ خيرات وٺندڙن کي پيش ڪيو وڃي......

پهريون عملدار – لڪڙ ڪنبر، حاضر ٿئي!

لڪڙ ڪنبر – عاليجاهه! ٻي سنڌائتن مينهن منهنجي ڪرت کي ٻنهه پنجو ڏيئي ڇڏيو آهي: منهنجا سمورا اڻ پڪل ٽانو پُسي ناس ٿي ويا. انهيءَ کان سواءِ، پيٽ گذر جو ڪوبه واهه وسيلو ڪونه اٿم. اي غريبن جا رکپال! منهنجو عرض اگهاءِ، مون کي پنهنجي سخاوت جي گنج مان فقط ٻه اشرفيون عنايت ڪر...!

اڪبر – بس، وڌيڪ نه چئو... هن کي ڏهه اشرفيون ڏيو!

لڪو – خدا حضور کي هميشه هميشه زنده ۽ سلامت رکي! (وڃي ٿو)

پهريون عملدار – رام ڏتو ڌوٻي، حاضر ٿئي!

رام ڏتو – عاليجاهه، مسڪينن جا مددگار! منهنجي ڪکائين جهوپڙي ٻاهه ۾ سڙي ناس ٿي وئي آهي. منهنجا سمورا ٿپڙ ٽاڙي، ... ۽ کي ڪپڙا – جي مون ڌوئي ٺاهي تيار ڪري، ڌڻين کي پهچائڻ لاءِ رکيا هئا – سڀ سڙي ويا. منهنجي نياڻيءَ جي شاديءَ مون کي اڳي ئي محتاج ڪري ڇڏيو آهي – آءٌ ڏاڍو لاچار آهيان. اي عاليجاهه، منهنجي مدد فرماءِ!

اڪبر – اها باهه لڳي ڪيئن؟

ڌوٻي – حضور، منهنجي ته ملائڪن کي به خبر ڪانهي: گهر ۾ پهر ئي ڪانه هئي، آءٌ به ڪپڙا رسائڻ ويو هوس – ۽ ٻنيءَ تي سو ڪُنب چاڙهي ڇڏيو هوم...

اڪبر – اها ته سيائپ ڪانه چئبي. ٿوري هوا لڳڻ سان تنهنجي ڪکن کي باهه وڪوڙي وئي هوندي.

ڌوٻي – پرجيئندا قبلا، جيڏيءَ مهل آءٌ گهران نڪتو هوس، اوڏيءَ مهل ته واءُ ڪونه ٿي لڳو: ۽ جڏهن موٽيس، تڏهن سڀڪجهه ڦلهيارٿيو پيو هو! (پنهنجا هٿ نيزاري ڪرڻ لاءِ مٿي ٿو ڪئي)

اڪبر – هن کي ويهه اشرفيون ڏيو!

پهريون عملدار – زيارت – محصول معاف ڪرائڻ واري عورت، حاضر ٿئي!

(عورت اڳتي وڌي ٿي. پارڙو چولي ۾ چنبڙيو پيو اٿس. خاموشيءَ سان هٿ جوڙي نمسڪار ڪري ٿي.)

اڪبر – چئه، اي غريب مائي، توکي ڇا گهرجي؟

عورت – حضور، محصول جي معافي: ياترا جو محصول معاف ڪريو. آءٌ وڌوا آهيان – ڪاشيءَ ٿي وڃان، گنگا ماتا تي، پنهنجي پتيءَ جون هانيون ڪٽيو! وات تي غريبائو دائو پاڻي آءٌ پاڻ پنهنجو ڪري سگهنديس – پر محصول، محصول اجا ڏيئو اٿم. اي ان داتا، اي سخي شهنشاهه، پنهنجي سخاوت سان اهو مون تان معاف ڪر!

اڪبر – (سوچيندي) محصول ... زيارتي محصول. ڌيءَ! تو اڳ گهڻا پيرا ياترا ڪئي آهي؟

عورت – ٽي پيرا، حضور! متراء بندرابن ۽ گوڪل – ۽ هاڻ ڪاشيءَ هانيون ڪٽيو ٿي وڃان.

اڪبر – ڌيءَ، تنهنجو محصول اسين پاڻ ڀرينداسون. هن زيارتيءَ کي ٽي مهرون ڏيو! منهنجي ڌيءَ، تون بيشڪ ڪاشيءَ وڃي سگهين ٿي.

عورت – هريءَ جي ڪرپا ٿيندو! (موني ٿي

اکبر (وزير کي)- درخواستن کي اڪلائي وٺو. مابدولت کي وقت تمام گهٽ آهي.

وزير- جو ارشاد، حضورا (عملدارن کي) هاڻ درخواستن وارن کي پيش ڪيو وڃي.

پهريون عملدار- ٻه فريادي اچا ٻيا آهن، حضور. هڪڙو فرياد ته جزيي جي خلاف آهي، ۽ ٻيو ستيءَ رسم جي حڪم خلاف.

اڪبر- اسين انهن کي ٻڌڻ گهرون ٿا.

پهريون عملدار- او برهمڻ پنڊت، وڏي اڳتي اچ!

(پنڊت اڳتي وڌي ٿو، ۽ هٿ ٻڌي ڪورنش بجا آڻي ٿو)

اڪبر- اي پنڊت، تو کي ڪهڙو دان گهرجي؟

پنڊت- دان نه، حضور- مون کي ته پنهنجا حق گهرجن!

اڪبر- چؤ، ڪهڙا حق؟

پنڊت- وويڪ جي مُڪتي؛ ضمير جي آزادي- اي اڪبر، اهو تنهنجو پهريون اصول آهي: پر تنهن هوندي به، حضور جن اهو حڪم فرمايو آهي ته ڪابه وڌوا سندس مرضيءَ جي خلاف پنهنجي مڙس جي چتا تي نه چڙهندي- پوءِ اسان جي ضمير جي آزادي ڪٿي آهي؟ اسين، جيڪي اهو سچون ٿا ۽ سکيا ڏيون ٿا ته مڙي ويل ماڻهوءَ جي آتما جي شانتيءَ لاءِ ......

اڪبر- بس بس، مابدولت وڌيڪ ڪجهه به نه ٻڌندو. غيرانساني ريتيون رسمون ختم ٿينديون- پوءِ ڀل ڪٿي اوهين چا به سچو، يا چا به سيکاريو: جيسين اسان ۾ روڪڻ جي طاقت آهي، تيسين ڪابه وڌوا پنهنجي مري ويل مڙس جي چتا تي زنده نه جلائي ويندي!

پنڊت (هٿ جوڙي)- حضورا آءٌ وينتي ٿو ڪريان ته ......

اڪبر (رعب سان)- بس بس، اهو اسان جو حڪم آهي! هڪدم هتان نڪري وڃ ...

پنڊت (نيزاري ڪندي)- حضور............

(ٻه عملدار هن کي مسند وٽان گهلي وٺي وڃن ٿا)

پهريون عملدار- جزيي خلاف درخواست! او مانسنگهه راجپوت، تون اوري اچ!

راجپوت (سلام ڪندي)- جئه رام جي ڪي! اي اڪبر اعظم، اي راجپوتن جا شهنشاه، اسان جي سر تي جيڪو محصول مڙهيل آهي، اهو هٽاءِ ... پنهنجي محصول اڳاڙيندڙن کان اسان کي بچاءِ!

اڪبر- جيڪڏهن تون اسان جي لشڪر ۾ داخل ٿين ها، ته پاڻ کي انهيءَ کان بچائي سگهين ها!

راجپوت- آءٌ هڪ راجپوت آهيان، جنهن جا هٿيار ۽ جسم فقط وڙهڻ لاءِ آهن- اهو ته هڪ سودو ٿيو: جيڪڏهن آءٌ پنهنجي سر جو سودو ڪري ڇڏيندس، ته پوءِ آءٌ وڙهي ڪيئن سگهندس! اسين راجپوت انهيءَ محصول کي ڌڪاريون ٿا ۽ انهيءَ ڪري آءٌ ڀرڻ کان انڪار ڪريان ٿو!...

وزير (اڳتي وڌي ٿو ۽ هن کي روڪڻ لاءِ پنهنجو هٿ مٿي ڪئي ٿو)- نادان ادب سان ڳالهاءِ!

اڪبر (وزير کي روڪيندي)- نه نه، ڇڏينس ته اسين هن کي ٻُڌون. پٽ، تون چئو- جيڪي من ۾ اٿئي، سو بيڌڙڪ چئي ڏي!

راجپوت- هڪ راجپوت ۽ ڊپ؟ اٿيئي! اهو صحيح آهي ته آءٌ پنهنجا ٻنيون ٻارا سک سلامتيءَ سان پيو پوکيان، پر هڪ جنگي جوڌي جو خون منهنجي رڳن ۾ ڊوڙندو رهي ٿو: جيڪڏهن آءٌ اوهان کان ڊڃان ها، ته پوءِ اوهان جي محصولين جي آزار کي منهن ڏيان ها ڇا؟ ۽ وري اوهان

جي لشڪر ۾ ڀرتي ٿيڻ ۽ اوهان خاطر وڙهڻ کان انڪار ڪريان ها ڇا؟ نه نه! آءٌ هڪ هندو آهيان، جنهن جي سر تي محصول جي ڇٽي مڙهيل آهي ـ ڇا آءٌ هڪ راجپوت ٿي ڪري، هن ڏڪاريل محصول جي عيوض، پنهنجي سر جي آزادي وڪڻي، انهيءَ حڪمران طاقت لاءِ ٻيهي وڙهان، جنهن اسان تي اها ڇٽي مڙهي آهي؟ نه نه، آءٌ اهڙي سوديبازي هرگز ڪين ڪندس. منهنجو سِر، هڪ راجپوت جو سِر آهي؛ ڪو واپاريءَ يا سوداگر جو سِر ڪونهي!

اڪبر ـ منهنجا پٽ، جيڪڏهن آءٌ هندو هجان ها، هڪ راجپوت هجان ها، ته آءٌ به يقيناً ائين ئي محسوس ڪريان ها، جيئن تون ٿو ڪرين......
اسان کي برابر هي محصول بند ڪرڻ گهرجي. تون دلجاءِ ڪر، اسان جا محصول اڳاڙيندڙ آئيندي توکي پنهنجيون ٻنيون ٻارا اس سان ڀوڪڻ کان ڪين روڪيندا ـ تون آزاد آهين!

راجپوت ـ ٻوءِ عاليجاه، آءٌ تنهنجي لشڪر ۾ ڀرتي ٿيندس: جنهن ڏينهن تي هيءُ ڏڪاريل ڏن بند ٿيو، ان ڏينهن ئي آءٌ اوهان جي فوج ۾ شامل ٿيندس!

اڪبر ـ توکي انهيءَ لاءِ گهڻو ترسڻو ڪين پوندو. ان وقت تائين تنهنجي زندگي پُرامن رهندي.

راجپوت ـ ۽ توکي، اي اڪبر، هميشه فتح نصيب ٿيندي!

جئه رام جي ڪي! (ٻوٽي موٽي وڃي ٿو)

ڀهريون عملدار ـ ٽپيدار، تون اوري اچ!

ٽپيدار (هڪڙي هاريءَ کي گهليندو اڳتي اچي ٿو، ۽ جهڪي ڪورنش ڪري ٿو) ـ اي عاليجاه، شهنشاه اعظم، ظل الله تعاليٰ، مون کي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي! هيءُ شخص...

اڪبر ـ هن مقدمي کي مهمل ڪريو. اڄ وقت ٿورو آهي، اسين انهيءَ کي ٻئي ڪنهن ڏينهن تي ٻڌنداسون.

ٽپيدار ـ حضور ... (ٻيو عملدار ڪيس گهلي وٺي ٿو وڃي)

ڀهريون عملدار ـ زمين جي ماپ جي تڪرار وارا هاري ... اچو اچو ـ اوهين اڳتي اچو!

اڪبر ـ چئو، اوهان جو ڇا تي تڪرار آهي؟

ڀهريون هاري ـ اي عاليجاه، هن شخص منهنجي زمين تي آبادي ڪئي آهي.

ٻيو هاري ـ اي انصاف جا نگهبان، اها زمين هن جي نه، پر منهنجي آهي.

ڀهريون ـ زمين منهنجي آهي...مون ڀاڻ ماپي آهي!

ٻيو هاري ـ مون به ماپي آهي، اها منهنجي زمين آهي!

اڪبر ـ ترسو، هي مقدمو اهم آهي! درٻار کي خالي ڪريو، اسين انهيءَ کي خيال سان فيصل ڪنداسون ـ تيستين ڀلي ته راجا ٽوڏرمل به اچي.

(فريادي ۽ عرضدار وڃن ٿا)

(راجا ٽوڏرمل داخل ٿئي ٿو)

ٽوڏرمل ـ ٽوڏرمل خدمت ۾ حاضر آهي؛ اڪبر، تسليم!

اڪبر ـ تسليم، اي دوست! تون عين موقعي تي پهتو آهين ـ هنن هارين کان پڇ ته ڇا تي ٿا وڙهن؟

ڀهريون عملدار (هارين کي) ـ اوهين ڌيان ڏيئي ٻڌو. (هاري راجا ٽوڏرمل کي هٿ جوڙي سلام ڪن ٿا)

ٽوڏرمل ـ دوستو، اوهان سان ڪهڙي ماجرا آهي؟ ڇا تي تڪرار اٿو؟

پهريون هاري- هن منهنجي زمين ۾ آباديءَ
لاءِ ٻج پوکيو آهي، حضور!

ٻيو هاري- اها منهنجي ....

توڏرمل- خاموش، تون صبر ڪري ويهه...
(پهرئين هاريءَ کي) ها، سو هن تنهنجي زمين
تي ٻج پوکيو آهي...

ٻيو هاري- حضور، آءٌ ....

توڏرمل (هن کي ساڻ ڪرائڻ لاءِ هٿ
مٿي ڪندي)- تنهنجي زمين جي پکيڙ گهڻي آهي؟

پهريون هاري- مڙئي ويهه ايڪڙ، سائين.

توڏرمل- نه نه، منهنجو مطلب آهي ته اها
ڪيتري ايراضي آهي، جنهن تي هن زوريءَ قبضو
ڪيو آهي؟ (ٻيو هاري وچ ۾ دخل ڏيڻ جي
ڪوشش ڪري ٿو) صبر ڪري ويهه!... ها، تون
ٻڌاءِ ته اها گهڻي ايراضي ٿيندي؟

پهريون هاري- ڏهه جريب ڪن.

توڏرمل- ۽ تو ان جي ماپ به ڪئي آهي؟

پهريون هاري- هائو، مون ماپي آهي.

توڏرمل (ٻئي هاريءَ کي)- ۽ تو کي ڇا
چوڻو آهي؟

ٻيو هاري- حضور، مون هن جي زمين تي
ٻنهه ٻج ڪونه پوکيو آهي: اها زمين ته منهنجي
ٻنهنجي آهي، مون ماپ ڪري ڏني آهي.

توڏرمل- تو ڪڏهن ماپ ڪئي هئي؟

ٻيو هاري- ڪالهه، سائين!

توڏرمل- ۽ تو......... تو ڪڏهن ماپي
هئي زمين؟

پهريون هاري- ڇهه مهينا اڳ... مون کي
اهو ڏينهن به ياد آهي، حضور! مينهن پئي پيو:
انهن ڏينهن، رات ڏينهن پيو مينهن وسندو هو:
پٽ سڄو ڳپ ٿيو پيو هو- ٽپيدار خود اتي موجود
هو... ۽ هن ئي مون کي حد بندي ڪري ڏني هئي.

توڏرمل- تو ماپ ڇا سان ڪئي هئي؟

پهريون هاري- سرڪاري جريب سان.

توڏرمل- هون......... مون کي ڏيکاري
سگهندين اهو سرڪاري جريب؟

پهريون هاري- ڇو ڪين؟ اجهو، هي وٺو.

(چادر جي پلاند مان هڪ سٽيءَ جي ٽوڙي ڪڍي
هن کي ڏئي ٿو)

اڪبر (کلندي)- سرڪاري جريب! راجاصاحب
هاڻي اوهين پنهنجو "جريب" ڪڍي ڏيکاريو-
سرڪاري جريب کي ڪٿي ڦٽو ڪريو.

توڏرمل (کلندي)- هائو، هائو حضور،
مون کي پنهنجو جريب آڻڻو پوندو. (پهرئين
عملدار کي) وڃ، منهنجي خادم کي وڃي چئه ته
مون وارو "جريب" کڻي اچي. پاڻيءَ ڀريل
ڪو ٿانو به آڻجانءِ!

(پهريون عملدار وڃي ٿو)

اڪبر- ويچارن ماڻهن کي سرڪاري جريب
سان ڪيڏي نه مصيبت سهڻي پئي آهي!

توڏرمل- منهنجا دوست، اوهين پئي صحيح
آهيو- پر پئي غلط به آهيو!

(هڪڙو ماڻهو بانس جي هڪ لٺ کڻي اچي
ٿو، جنهن جي ٻنهي پاسن تي لوهي ڪڙا چڙهيل
آهن. ان جي پويان ٻيو ماڻهو پاڻيءَ جو ٿانو کڻي
اندر اچي ٿو. اڪبر مسند تان ويجهو ٿي جانچي ٿو.)

توڏرمل (بانس جي لٺ کي پنهنجي مٿان موڙيندي)-
چڱو، دوستو، ٻڌايو ته هي ڇا آهي؟

ٻئي هاري (گڏجي)- حضور، هڪ لٺ.

پهريون هاري- پر اهي لوهي ڪڙا ڇو
چاڙهيل اٿس؟

توڏرمل- اهو لٺ جو هڪڙو نئون نمونو آهي!

اڪبر (کلندي)- هڪ سرڪاري لٺ!

ٻيو هاري- سائين، اها ڏوهارين کي مارڻ
لاءِ آهي ڇا؟

توڏرمل - نہ نہ، هيءُ ڪوماڻهن مارڻ لاءِ نئون هٿيار ڪونهي، پر زمين جي ماپ جو نئون وزار آهي! هن لٺ جي ڪري اوهان جي جهيڙي جهڳڙا سمورا تڪرار ختم ٿي ويندا. هن ڊيگهه جيي ڏهوڻ برابر آهي هڪ جريب جي. هاڻ اوهين نوڙيءَ کي اوترا پيرا وراڪا ڏيئي، يعني ان جو ڏهون حصو هن بانس سان ملائي ڏسو. (ٻئي هاريءَ کي لٺ ڏني ٿو- ۽ پهرئين کي نوڙي) هاڻ ماپيوس. (پنهنجي خادم کي) هنن کي ماپڻ ۾ مدد ڪر. (نوڙيءَ کي ڏهن حصن ۾ ورهائي بانس سان ماپين ٿا)

توڏرمل- ها، نوڙيءَ جي ڏهين ڀڃي هن بانس جي ڊيگهه برابر آهي يا نہ؟

پهريون- هائو سائين، بلڪل برابر!

توڏرمل- هاڻي نوڙي مون کي ڏي. (ٻيو هاري کيس نوڙي ڏئي ٿو) ڏسجو، آءٌ نوڙيءَ کي پاڻيءَ ۾ ٿو پسايان. (نوڙي ٿانو ۾ وجهي ٿو) اوهان مان هڪڙي زمين ڪالهہ ماپي هئي نہ؟

پهريون هاري- ها، مون ماپي هئي.

توڏرمل (ٻئي هاريءَ کي)- ۽ توڇهہ مهينا اڳ آلي نوڙيءَ سان ماپي هئي ... نوڙي آلي هئي ڪي نہ؟

ٻيو هاري- هائو حضور، آلي تہ برابر هئي.

توڏرمل (پاڻيءَ مان نوڙي ڪڍندي)- هاڻي هن پسيل نوڙيءَ سان ماپي ڏسو. (هاري آليءَ نوڙيءَ سان ماپي ٿو) ها، هاڻي ٻڌاءِ تہ ماپ ساڳي آهي؟

ٻيو هاري- حضور، هيءَ تہ گهٽ آهي!

توڏرمل (ٻئي هاريءَ کي)- سڪل ۽ آليءَ نوڙيءَ جي تفاوت جي ڏهوڻ اوري تنهنجي حد هئڻ گهرجي: تنهنڪري منهنجا دوست، (پهرئين هاريءَ کي) تو جيڪا ڪالهہ ماپ ڪئي هئي، سا برابر هئي؛ ۽ تو (پهرئين هاريءَ کي) جا ڇهہ مهينا اڳ ماپ ڪئي هئي، سا غلط هئي- پر توکي ان جي خبر ڪانہ هئي!

اڪبر- اوهين ٻئي برابر آهيو. تڪرار جو هاڻي ڪوبہ سبب نہ رهيو آهي. اها چُڪ، سٽيءَ جي نوڙيءَ واري سرڪاري جريب جي هئي؛ ڇو تہ آلي ٿيڻ تي اها سسيو ٿي وڃي. اسين انهيءَ جريب کي رد ڪنداسون: اڄ کان هي بانس جو "نئون سرڪاري جريب" جاري ڪيو ويندو! اڳئين سرڪاري جريب ڪري، جو اوهان ٻنهي کي تڪليف ٿي آهي، ان ڪري اوهان کي پنج پنج مهرون عيوضي طور ڏنيون وينديون- اها نئين جريب جي بہ شڪريہ ادائي آهي...... راجا صاحب، اچو تہ باغ ۾ هلي هماليہ جي برف پيل شربت پي پاڻ کي تازو توانو ڪريون- ۽ پوءِ اوهان جي ايجاد ڪيل نظام موجب زرعي سڌارن جهڙي اهم ڪم تي غور ڪنداسون. (هارين کي) اوهين-اي ڪاشڪارو، پنهنجي محسن راجا توڏرمل جا ٿورا مڃو، جنهن اوهان جي مدد ڪئي آهي!

هاري (راجا جي اڳيان جهڪندي)- توتي لک لک سلامتيون هجن- خدا ڪندو تنهنجي آل اولاد کي وڏي چمار نصيب ٿيندي! (مسند ڏانهن وڃي، اڪبر کي ڪورنش ڪن ٿا) اي عاليجاه، شال اوهين هميشه زنده سلامت رهو!

اڪبر- راجا صاحب، اچو تہ هلون. (ٻئي محل ڏانهن وڃي ٿو.)

[راجا توڏرمل بہ مسند جي ڏاڪن ڏانهن وڌي ٿو. جڏهن ئي اڳتي اچي ٿو، تہ هاري وڌي کيس پيرين پون ٿا.]

(پردو ڪري ٿو)

٢

ڪردار

شهنشاه اڪبر؛ ابوالفضل – زبردست عالم ۽ اڪبر جو همراز دوست؛ هڪ عيسائي پادري؛ هڪ قاضي؛ هڪ برهمڻ؛ ۽ هڪ ٻوڌي راهب.

(اڪبر جي محلات جو عبادتخانو – ساڳئي ڏينهن جي شام – اڪبر ۽ ابوالفضل ويٺا آهن)

ابوالفضل – اوهان اڄ راجپوت سان جيڪا گفتگو ڪئي هئي، سا مون ٻڌي آهي. جيڪي ڪجهه "ديوان عام" ۾ وهي واپري ٿو، ان جي خبر مون کي پئي پوندي آهي.

اڪبر – اسان کي جزيو بند ڪري ڇڏڻ گهرجي. اهو واقعي ظلم آهي. سمورا غير مسلم انهيءَ کي ڏکارين ٿا – ۽ ائين ڪرڻ ۾ هو بلڪل حق بجانب آهن. زيارتي محصول به بند ٿيڻ گهرجي. انهن محصولن مان سرڪاري خزاني ۾ ته برابر دولت ٿي اچي – پر ان هوندي به اهي محصول ختم ڪرڻ گهرجن.

ابوالفضل – عاليجاه، منهنجو به اهوئي خيال آهي ته اهي ٻئي محصول ڏاڍا ڏکوئيندڙ آهن – اهي ضرور بند ٿيڻ گهرجن.

اڪبر – فضل، عجب آهي ته مون کي "ديوان عام" ۾، مسجد جي بنسبت، خدا جي ويجهڙائيءَ جو احساس وڌيڪ گهرو محسوس ٿيندو آهي... اهو ڪفر ته ڪونهي؟

ابوالفضل – اها ته پاڻ ايمان جي هڪ صورت آهي! جيتوڻيڪ ڪو مولوي انهيءَ کي هرگز ڪونه مڃيندو. اهو هڪ نئون ايمان آهي.

اڪبر – نئين ايمان ۾ وري نئون مذهب سمايل آهي!

ابوالفضل (کلي) – نه نه، ائين وري ڪيئن؟ مون کي ته اهڙي اميد ڪانهي: مذهب اسان وٽ اڳي ئي شمار ڪان ٻاهر آهن، ۽ هرڪو مذهب ٻئي خلاف اهڙي ته دليلبازي ڪندو ٿو رهي، جو لڳن جا وارثي ڪاندارجيو وڃن.

اڪبر – اها ئي ته افسوس جي ڳالهه آهي: فضل! ٻڌ، "ديوان عام" منهنجي مسجد آهي، منهنجو مندر آهي؛ اها ئي منهنجي ديول، منهنجي خانقاه آهي! آءٌ فقط توکي ائين ٻڌايان ٿو، جو تون انهيءَ کي سمجهي سگهندين – پر ٻڌاءِ ته سهي، ڇا آءٌ دربار جي قاضيءَ کي اهي لفظ چئي سگهان ٿو؟

ابوالفضل – ڇو ڪين؟ ڇا اسان جا فلسفي جا سمورا بحث ائين ئي رائگان هليا ويا!

اڪبر – فضل، ٻڌ – ديوان عام ۾ آءٌ نڪي مسلمان آهيان، نڪي هندو، نڪي عيسائي:

اتي آءٌ صرف انسان آهيان ... اهو عجيب معاملو آهي!

ابوالفضل - انهيءَ ۾ عجب وري ڇا جو؟ اهو ته هڪ فطري نڪتو آهي: تنهنجو مقصد نيڪي آهي - ۽ تنهنجو مذهب "انسانيت" آهي!

اڪبر - هائو فضل، ڪجهه وقت کان آءٌ به اهو محسوس ڪري رهيو آهيان ته نيڪي منهنجي منزل آهي، نيڪي منهنجو خدا آهي: ايتري قدر جو عبادت ۾ آءٌ خدا جي بدران نيڪيءَ جو لفظ اچاريندو آهيان - ائين ڪرڻ سان آءٌ پنهنجو پاڻ کي بهتر سمجهڻ لڳندو آهيان. تون به آزمائي ڏس - انهيءَ مان شايد تنهنجي دهريت جو ڪو علاج ٿي پوي.

ابوالفضل (کلي) - منهنجي دهريت! منهنجو خدا کان انڪار!

اڪبر - تو ۽ مون، جو اهو فيصلو ڪيو آهي ته "خدا" جو لفظ هر ويرو ۽ خواهمخواه ذري ذري ڪونه اچاريندا سون - انهيءَ جو مطلب اهو ڪونهي ته ڪو اسين بي خدا آهيون.

ابوالفضل - جيڪڏهن تون خدا جي بدران نيڪيءَ جو لفظ استعمال ڪندين، ته تو کي به دهريءَ جو خطاب ملندو.

اڪبر - پر "خدا محبت آهي" - اهو عيسائين جو قول آهي ... ۽ محبت "نيڪي" آهي. هر هڪ مذهب جو مقصد به اهوئي آهي - پوءِ ڪي نيڪي ڪن ٿا هن دنيا جي واسطي، ته ڪي ٻيءَ دنيا لاءِ!

ابوالفضل - گهٽو گهٽ سڀ ٻيءَ دنيا لاءِ!

اڪبر - ديوان عام ۾ منهنجو مقصد هن دنيا جي نيڪي آهي.

ابوالفضل - انهيءَ ڪري ته آءٌ چوان ٿو ته تنهنجو مذهب "مذهب انسانيت" آهي.

اڪبر - جيڪڏهن ائين آهي، ته پوءِ انهيءَ ۾ سمورن مذهبن جا خاص خاص ۽ وزنائتا اصول هئڻ کپن: سڀني مذهبن جا نيڪ ۽ بهترين اصول انهيءَ ۾ سمائجي وڃڻ کپن. پاڻ جيڪي بحث مباحثا ڪندا هئاسون، تن جو نتيجو به آخر ڪهڙو نڪتو؟ سڀ کان پهريائين، مون هندو ڌرم ۾ دلچسپي ورتي. مون پنهنجي هندو رعايا جي مذهب جي بنيادي اصولن کي دريافت ڪرڻ ٿي گهريو، جو آءٌ انهن کان مطمئن نه هوس؛ آءٌ اڃا به ڪونه آهيان - وري هاڻ اسلام متعلق به شڪ جاڳي پيا اٿم. اها ڳالهه ٻڌيو، اسان جو قاضي ته ٻنهي پاسيءَ کان نڪري ويو هجي! فضل، ٻڌاءِ ته سهي اسان جي بحثن مباحثن ڪا انهن شخصن ۾ نظر جي وسعت پيدا ڪئي آهي يا نه؟

ابوالفضل - ڪيئن چئجي؟ انهن کي اڃا آزمايو ئي ڪونه اٿون.

اڪبر - ها، مذهب انسانيت ......! منهنجو ڪافي عرصي کان خيال پئي رهيو آهي ته سمورن مذهبن کي هڪڙي ئي مذهب ۾ سموئي، هڪ همه گير مذهب قائم ڪجي - هڪ نئون عقيدو، انسانيت جو عقيدو، نيڪيءَ جو مذهب: انسان جي شاندار منزل مقصود جو مذهب، روح جي بنيادي نيڪيءَ جو عقيدو!

ابوالفضل - ها، عقيدو - هر نئين ڄاول ٻار جي معصوميت ۽ نيڪيءَ جو عقيدو!

اڪبر - مومن يا منڪر، هندو يا مسلم، ڪرستان يا بت پرست، بادشاهه يا پنگي - اهو سڀڪجهه هڪ ئي چيز آهي: عورت جي پيٽ مان پيدا ٿيل هر نئون ڄاول ٻار، هڪ ڪتاب جو صاف ۽ خالي صفحو آهي، جيڪو خود هن جي زندگيءَ جي خون سان لکيو ويندو!

ابوالفضل- پر، اهو صفحو، جيڪو آخر هندو، مسلم، عيسائي وغيره جي صورت وٺيو وڃي!

اڪبر- آءٌ هڪڙو مسلمان ٿـي پيدا ٿيس؛ ۽ اهڙيءَ طرح تون به - اسين انهيءَ ۾ ڇا ٿي ڪري سگهياسين؟ اسين مجبور هئاسين! اسان جو مذهب ته موروثي آهي- بي اختيار ۽ خود بخود ائين ٿـي ٿو وڃي! بيشڪ مذهب انسان جي زندگيءَ کي رنگ ڏئي ٿو، پر اهو ضروري ته نه آهي ته هرو ڀرو اهو اسان جي زندگيءَ جي هرصفحي کي پري ڇڏي!

ابوالفضل- سو ته هي بحث مباحثا برابر تنهنجي ۽ منهنجي زندگيءَ جي چڱن خاصن صفحن کي پري ڇڏيندا!

اڪبر- نه رڳو اسان جي، پر پين به ڪيترن ئي موروثي معتقدن جي زندگيءَ جا ڪتاب پرجي ويندا: آءٌ هنن ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ قوت برداشت ۽ رواداريءَ کي جانچي رهيو آهيان.

ابوالفضل- شروع شروع ۾ هو ڪين نه هڪ ٻئي جي خلاف پيا دليلبازيون ڪندا هئا؛ ڪين نه هڪ ٻئي کي زير ڪرڻ لاءِ زورآزمائيون پيا ڪندا هئا، ته فقط هڪ ئي آهن، جيڪي دنيا کي نجات ڏياري سگهندا، ۽ فقط سندن پنهنجا روحاني استاد، رشي مني، ۽ پيغمبر ئي عظيم ترين شخصيتون هئا! هڪ ٻئي جي طور طريقن تي... ۽ خود خدا جي صفتن ۽ وجود تـي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ايندا هئا! ... نيڪيءَ ۾ ڪوبه اهڙو جهيڙو جهڳڙو آهي ئي ڪونه-اها ته تمام آسان، نهايت ئي سولي آهي.

اڪبر- نيڪي هڪ همه گير ضرورت، هڪ همه گير بخشش آهي. اسان جو فرض آهي تـه ان کـي حاصل ڪريون. انهيءَ ۾ ئـي اسان کي رهڻ، هلڻ چلڻ ۽ زندگي حاصل ڪرڻ گهرجي: ۾ پوءِ اسين عبادت ڪرڻ وقت ان کي مخاطب ڪيئن ٿي سگهنداسون؟ نه نه... اسين خود نيڪي آهيون: نيڪي اسان جي نڪ مان ڪڇندڙ اسان جو ساهه آهي، دل جي دڪ دڪ آهي، ۽ اسان جي عضون جي حرڪت آهي!

ابوالفضل- نيڪيءَ کي سڀڪو حاصل ڪري ٿـو سگهي. نيڪي سڀني کي ملائي گڏي هڪ ڪري ٿي ڇڏي.

اڪبر- ها، اها نسلن کـي، قومن کـي متحد ڪري ڇڏي. متحده قومون، متحد ٿي، دنيا کي متحد ڪري سگهن ٿيون! فضل، اهو ئي ته اسلام جو بنيادي اصول آهي... ڀِڏي، وحدت! فضل، خود. اسلام جا ئي اهي لفظ آهن ته "سمورا انسان هڪ ئي نسل آهن!"

ابوالفضل- سمورا انسان، هڪڙو ئي نسل!

اڪبر، تون عيسائيت جـو بنيادي اصول ڪهڙو ٿو سمجهين؟

اڪبر (ڪجهه وقفي کان پوءِ)- محبت، بيغرض محبت... دوستي ۽ امن!

ابوالفضل- ۽ هندو ڌرم جو؟

اڪبر- هندو ڌرم جـو؟ ... آتم ڱيان، يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجو پاڻ تي اختيار رکڻ!

ابوالفضل- ۽ ٻُڌمت؟ ٻڌمت بـه مذهب آهي يا نه؟

اڪبر- ٻڌمت؟ ... مذهب؟ ٻڌمت ويچار-شڪتيءَ جو مذهب آهي!

ابوالفضل- ۽ انهيءَ جو بنيادي اصول؟

اڪبر- رحم... نفس جي مارڻ سان، تياڳ ڪرڻ سان!

ابوالفضل- انهيءَ جو مول مقصد؟

اڪبر- زندگيءَ تي فتح پائڻ- هيتي جي ۽ هاڻي جي زندگي! حقيقت ۾، هر فرد روزانو جيڪي ڪجهه ڪري ٿو... ان سان زندگيءَ تي فتح پائڻ ئي ان جو مقصد آهي!

ابوالفضل- ۽ ان جي منزل؟

اڪبر (ڪجهه وقفي کان پوءِ)- انهيءَ جي منزل؟... سڪون، ابدي سڪون- نرواڻ!

ابوالفضل- اهي سمورا اصول، اسلام جي بنيادي اصول- توحيد- سان گڏ جي، اي اڪبر، تنهنجي نئين عقيدي، نئين مذهب 'انسانيت' جو بنياد بڻجي سگهندا!

اڪبر- فضل، منهنجي سمجهه موجب اهي ئي مکيه اصول آهن، جيڪي ويدن، گوتم ٻڌ ۽ يسوع مسيح جي تعليم مان پيدا ٿيا آهن. اسان عرب جي نبي صلعم جي پيروئن کي، اسلام جي بنيادي اصول توحيد موجب، انهن سمورن کي ملائي هڪ ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي- اسلام جي اپائڻ لاءِ نه، پر انسان ذات جي شان کي دوبالا ڪرڻ لاءِ!

ابوالفضل- پر، اي اڪبر، ڇا اهي تعليمون اڄ انهن مذهبن ۾ ڏٺيون به وڃن ٿيون؟ اهي اصول اڄ عمل ۾ به اچن ٿا؟ آءٌ پانيان ٿو ته ائين ڪونهي.

اڪبر- فضل، نوان وقت ۽ نيون حالتون، نون عقيدن ۽ نون عملن کي جنم ڏينديون آهن- مثال طور خود دولت متعلق اسان جي تعليم کي ڏس...

ابوالفضل- دولت؟ دولت ته ڪا اهڙي خرابي ڪانهي جا ترڪ ڪرڻ گهرجي- تنهنجو عقيدو ڇا ٿو چوي؟

اڪبر- اسان کي خبرداري ڪرڻي پوندي. خود مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي ته جيئن جيئن سال ٿا گذرندا وڃن، تيئن تيئن دولت به وڌندي وڃي- اهو اضافو جاري رهندو، ايتريقدر جو شايد اسان ۾ انهيءَ کي قبضي ۾ رکڻ جي صلاحيت نه رهندي! انهيءَ ڪري، ايندڙ ڏينهن ۾ دولت هڪ اهڙي خرابي بڻجي پوندي، جنهن کي ترڪ ڪرڻو ئي پوندو...

(برهمڻ پنڊت، پادري، قاضي ۽ ٻوڌي راهب داخل ٿين ٿا)

ابوالفضل- اچو، هي به اچي ويا.

اڪبر- ڀلي ڪري آيا، جيءَ ڪري آيا، پائرو! اچو اچو، ويهو...

قاضي- الله اڪبر!

پادري- مقدس مريم اسان جي شفاعت ڪري!

پنڊت- ڪلياڻ! آنند، شيو آنند!

ٻوڌي- اوم مني پدمي هام! شانتي، اوم شانتي!

اڪبر- پائرو، اسين اڄ "عبادت" جي مقدس ڏينهن تي وري پاڻ ۾ گڏيا آهيون. اسان پاڻ ڪيترائي بحث مباحثا پئي ڪيا آهن. اسان مختلف مذهبن تي بحث ڪندي، ڪو اهڙو عام ميدان به ڳوليو آهي، جتي اسين هڪ ٻئي سان برابريءَ ۾ ويهي سگهون؟ ڇا اسين انهيءَ لاءِ تيار آهيون ته پنهنجي پنهنجي مذهبن جي بنيادي اصولن کي ملائي، هڪ اهڙو مذهب- 'مذهب انسانيت' ٺاهيون، جو سڀني مذهبن کان عظيم تر هجي؟ ٻڌايو، اسين انهيءَ لاءِ تيار آهيون يا نه؟ (وقفو)

جيتري قدر منهنجو، ۽ منهنجي دوست ۽ همدم ابوالفضل جو تعلق آهي، اسين ٻئي شخصي طرح انهيءَ لاءِ بلڪل تيار آهيون. اوهين، انسان کي زندگي بخشيندڙ هستيءَ جي قاصدن، ۽ مذهبن جي مبلغن جي حيثيت ۾ انهيءَ لاءِ تيار آهيو؟ ڇا اوهين معرفت، علم، محبت ۽ توحيد جي

انهن اصولن خاطر- جن اوهان کي زندگي ڏني، ۽ جن اوهان کي نيڪيءَ جي راهه تي آندو- پنهنجا ظاهري ۽ منطقي اختلاف وسارڻ لاءِ تيار آهيو؟ رڳو پنهنجي انفرادي روح جي ايندڙ حياتيءَ ۾ نجات لاءِ نه، پر سڄي انسان ذات جي گڏيل روح جي هن موجوده حياتيءَ ۾، نيڪيءَ ۽ نجات لاءِ- اسين نئين 'انسانيت جي مذهب' کي قبول ڪرڻ لاءِ آماده آهيون؟... 'انسانيت جو مذهب'- هڪ اهڙو مذهب، جنهن جو مقصد 'نيڪي' آهي. ها، نيڪي- رڳو پنهنجي نجات لاءِ نه، انفرادي نجات لاءِ نه، محض ڪن ماڻهن يا قومن جي نجات ۽ ڇوٽڪاري لاءِ نه- پر سموري انسان ذات جي نجات لاءِ! ڀائرو، جواب ڏيو؟

قاضي- خيال نهايت چڱو آهي!

پادري- اها موجوده وقت جي تقاضا آهي!

ٻوڏي- انهيءَ مان شانتي پيدا ٿيندي!

برهمڻ- اهو سڀني اوتارن ۽ پيغمبرن جي اچڻ کي سچو ثابت ڪندو!

قاضي- ۽ ان کان پوءِ ٻيو ڪو به پيغمبر ڪو نه ايندو!

اڪبر- انسانيت هاڻي ڪافي عمر رسيده ٿي چڪي آهي- هاڻ انسانيت کي پنهنجو پاڻ لاءِ ڪجهه سوچڻ گهرجي، ڪجهه عمل ڪرڻ گهرجي.

پادري- هڪڙو ٻار فقط ٻاراڻي نموني عمل ڪندو آهي، سوچيندو نه آهي؛ جوان، جوان جيان فقط سوچيندو آهي- پر بزرگ ۽ وڏڙا سياڻپ سان عمل ڪندا آهن.

ٻوڏي- سياڻپ ويچار جو اولاد آهي؛ ۽ حقيقت' صحيح عمل جي ماءُ آهي.

اڪبر- حقيقت! اِها 'حقيقت' ڇا آهي؟

ٻوڏي- اڄوڪي ڏينهن جو صورتحال، جيڪو گذري رهيو آهي. اهو نه، جيڪي ڪالهه هو؛ پر اهو، جيڪي اڄ آهي- اها آهي 'حقيقت'! ڏينهن گذرندا ٿا رهن، ۽ حالتون تبديل ٿينديون ٿيون رهن: 'حقيقت' به تبديل ٿيندڙ حالتن سان بدلجندي آهي.

اڪبر- اهوئي سبب آهي جو دولت بابت منهنجا خيال پريشان ٿيندا ٿا وڃن. قاضي صاحب، اسان کي دولت بابت اسلامي نقطءِ نظر ته سمجهايو؟

قاضي- قرآن مجيد مطابق دولت اهڙي مثبت نيڪي آهي، جنهن کي انهيءَ جا مالڪ وڏيءَ خوشيءَ سان ماڻي سگهن ٿا: دولت کي ترڪ ڪرڻ نه گهرجي، پر انهيءَ جو ڪجهه حصو غريبن کي ڏيڻ ضرور گهرجي!

پادري- اسان جي يسوع مسيح جو قول آهي ته 'اوهان وٽ جيڪي ڪجهه آهي، سو وڪڻي غريبن کي ڏيو'!

قاضي- سرمائيدارن کان سڀڪجهه کسي غريبن کي ڏيڻ ڪو غريبيءَ جو علاج نه آهي. ان جي برعڪس، شاهوڪارن کي غريب بنائڻ سان ته پاڻ غريبي وڌي ويندي!

ٻوڏي- خيرات يا دان ڏيڻ جا ڪم رڳو ٿوري وقت لاءِ غريبيءَ کي جهڪو ڪن ٿا- اسان کي غريبيءَ جا 'ڪارڻ' ڳولڻ گهرجن...... اسان کي غريبيءَ ۽ سرمائيداريءَ کان اڳتي سوچڻ گهرجي... اسان کي ٻنهي جي وچ وارو رستو ڳولڻ گهرجي!

اڪبر- دولت جي ايتري ساري ذخيره اندوزيءَ مان هڪ حقيقي ۽ زبردست خطرو پيدا ٿي پيو ٿو: سرمائيداري رڳو وڌي ئي وڌي پئي- شاهوڪاري ئي شاهوڪاري پئي گڏ ٿئي!

ابوالفضل- ۽ جنگ جي هٿيارن ۾ الڳ اضافو ٿي رهيو آهي. اضافو ۽ تبديل! اڄ جا هٿيار آرين

جي وقت ۾ افغان فاتحن جي ذهنن کان گهڻو وڌيڪ موتمار آهن.

اڪبر- جيڪڏهن انهن ٻن جاڙين طاقتن- سرمائيداري ۽ جنگ- کي نہ روڪينداسون، تہ اهو ڏينهن ايندو، جو اهي ٻئي گڏجي دنيا جي ڪنڊ تي اچي ڪڙڪنديون ... ڏهن، ويهن يا سو سالن کان پوءِ، ... ڪنهن کي خبر تہ جنگ جا اڃا بہ ڪهڙا موتمار هٿيار هوندا! جيڪڏهن اسان انهيءَ مهلڪ طاقت کي روڪينداسون ۽ دٻائينداسون نہ، تہ اسين بہ اهڙيءَ تباهيءَ هيٺ ايندا سون، جهڙي 'اٽلانٽس' ملڪ جي آکاڻيءَ ۾ مشهور آهي! اٽلانٽس رياست هڪ زبردست سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ غرق ٿيل آهي. انهيءَ رياست پنهنجي طاقت ايتري قدر وڌائي، جو پوءِ ان تي ضابطو رکڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو- يا خود ان تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي وئي!

ٻوڌي- جيڪڏهن انهن ٻن جاڙين طاقتن- سرمائيداري ۽ جنگ- کي نہ روڪيو ويو، تہ اهي هڪ اهڙي خوفناڪ حقيقت پيدا ڪنديون، جنهن سان وقت جي ڪا بہ طاقت مقابلو ڪري نہ سگهندي!

اڪبر- پوءِ، اي ڀڪشو، ٻڌمت جي 'ويچار' ۽ 'صحيح عمل' جي اٽل ضرورت پوندي.

پادري- اسان جي مذهبي الهام مطابق، انهن خطرناڪ ذهنن ۾ 'عدو عيسيٰ' پيدا ٿيندو. اهو 'عدو عيسيٰ'، 'نجات ڏيندڙ' جي ٻهروپ ۾ ظاهر ٿيندو: سندس هٿن تي انهن ڪلين جا زخم هوندا، جن سان 'هُن' کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو هو. هو 'امن جي شهزادي' جي روپ ۾ 'امن، امن!' پڪاريندو ايندو- پر تڏهن امن هوندو ئي ڪونہ!

قاضي- ۽ اسين توحيد جي پيغمبر جا پوئلڳ 'توحيد، توحيد!' پڪاريندا سون، جتي توحيد هوندي ئي ڪانہ!

ٻوڌي- انهن ڏينهن ۾ انسانيت 'نيڪ' ۽ 'عقلمند' کي رهبري ڪرڻ لاءِ وينتي ڪندي: انهيءَ رهبريءَ سان انسانيت هن دنيا ۾ امن جي مقصد کي رسندي، ۽ ان کان اڳتي 'نرواڻ' نصيب ٿيندس!

برهمڻ- پاڻ تي اختيار رکڻ سان ...

پادري- محبت سان ...

قاضي- توحيد سان ...

اڪبر- انسانيت جي مذهب سان ...!

(گهڙيءَ ڪن لاءِ ماٺ ٿي وڃي ٿي)

آءٌ ڏسان ٿو تہ اوهين هن 'نئين عقيدي' ۾ منهنجي پيروي ڪرڻ لاءِ تيار آهيو- 'نئون عقيدو'، جيڪو نہ 'هندو' آهي نہ 'عيسائي'، نڪي 'مسلمان': اهو عقيدو، جيڪو 'انسان' آهي. ڇا اوهان سمورا انهيءَ عقيدي جي پيروي ڪرڻ لاءِ تيار آهيو؟ جيڪڏهن پيروي نہ ڪري سگهو تہ 'نہ' چئو، ۽ خاموشيءَ سان اٿي هليا وڃو؛ ۽ جيڪڏهن پيروي ڪندؤ تہ پوءِ ويٺا هجو.

(گهڙيءَ ڪن لاءِ ماٺ ٿي وڃي ٿي، ۽ ڪا بہ چرپر ڪانہ ٿي ٿئي)

ٻڌو، 'نيڪي' منهنجو خدا آهي... آءٌ ٻئي ڪنهن بہ خدا کي ڪين سڃاڻان ...!

اي انسان جي روح کي زندگي ڏيندڙ طاقت جا قاصدؤ، ڪجهہ تہ چئو! اچو تہ اڄ اسين گڏجي عهد ڪريون تہ توحيد ۽ نيڪيءَ جي هن عظيم تصور کي ڇڏي تيسين نہ اٿنداسون، جيسين اسان انهن ٻنهي کي گڏي پنهنجي نئين عقيدي- 'انسان جي عقيدي'- 'انسانيت' جي مذهب جو بنياد نہ بنايو آهي.

اي قادر مطلق جا قاصدؤ، ڪجهہ تہ چئو!

(پردو ڪري ٿو)

منظر ٽيون

٣

ڪردار

اڪبر؛ ابوالفضل؛ فيضي – ابوالفضل جو ڀاءُ؛ رحيم – شاعر ۽ بهرام خان جو پٽ؛ مرزا عزيز – فوج جو عهديدار؛ راجا مانسنگهه – فوج جو سپهه سالار؛ راجا بيربل – ظريف؛ جانڪي داس – شاعر؛ تانسين – هندو ۽ مسلمان ٻنهي جو درباري ڳويو.

[ديوان خاص – اڪبر جا رتن سندس انتظار ۾ دربار ۾ ويٺا آهن – تخت جي کابي پاسي کان پهرين ابوالفضل پاڻس فيضي، ان جي پرسان راجا ٽوڊرمل ويٺا آهن – تخت جي ساڄي پاسي کان جانڪي داس، رحيم ۽ بيربل، ۽ هيٺ راجا مانسنگهه ۽ مرزا عزيز ويٺا آهن]

راجا مانسنگهه – افواهه پيا ٻڌجن ته جزيو منسوخ ٿو ٿئي، ۽ زيارتي ڍل کي به......

جانڪي داس – شل اهي افواهه سچا ٿين!

مانسنگهه (ٽوڊرمل کي) – ٻڌو وائم ته او هين اڄ صبح واري دربار ۾ ديوان عام ۾ حاضر هئا. اوهان کي ته سچي خبر هوندي. اهي محصول منسوخ ٿيا آهن ڇا؟

ٽوڊرمل – ڏسڻ ۾ ته ائين پيو اچي. وڌيڪ تفصيل جي ته مون کي به خبر ڪانهي.

ابوالفضل (مرڪندي) – راجا صاحب کان پڇو اڙي ته زمينن جي ڍلن ۽ ماپن بابت اچوس، محصولن مان هو ڇا ڄاڻي؟

مانسنگهه – ها ها... ابوالفضل، تون سچ ٿو چوين. مون کي ته توهان ئي پڇڻ گهربو هو – ڀلا ٻڌاءِ ته سهي، اهو سچ آهي ڇا ته جزيو منسوخ ٿو ٿئي؟

ابوالفضل – گهڻو ڪري. حقيقت ۾ انهيءَ محصول ۽ زيارتي محصول کي ماڻهو ڏاڍو ڏکارين ٿا – شهنشاهه خود انهن کي ناپسند ٿو ڪري.

جانڪي داس – پيا به افواهه ٿا ٻڌجن ته ڪو نئون مذهب پيدا ڪيو ويو آهي؛ ۽ اهو مذهب سڀني مذهبن کي گڏي هڪ ڪري ڇڏيندو. اها ڳالهه اعتبار ۾ ته ڪانه ٿي اچي!

بيربل – اڄ کان پوءِ مسلمانن کي ڏاڙهيون ڪوڙائيون پونديون ۽ هندن کي رکائيون پونديون – جانڪي ۽ ڏاڙهيءَ سان؟... واه واه...!

جانڪي – ۽ بيربل به!

ابوالفضل – راجا صاحب، نئون مذهب اهڙو پرو ڪونهي. هڪڙي نئين عقيدي جو بنياد رکيو ويو آهي، جيڪو هندن، مسلمانن، عيسائين ۽ ٻوڌين کي ملائي – حقيقت ۾ سڀني مذهبن جي ماڻهن کي ملائي – هڪ ڪري ڇڏيندو.

جانڪي – انهيءَ جو مطلب ته سڄيءَ دنيا جو هڪ ئي مذهب هوندو؟

فيضي – ناممڪن! اهو ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندو!

ابوالفضل – آخر ڇو نه؟ انهيءَ ۾ اسلام جي وحدت جا اصول به اچي ٿا وڃن: آءٌ ته ائين ٿو سمجهان ته اصول ئي صحيح عمل جو سرچشمو آهن.

بيربل – پيو به هڪڙو افواه آهي ته اسان جو شهنشاهه هندو ٿي ويو آهي، ۽ اڄ شام جو شايد اسان وٽ هندڪي ويس ۾ ايندو!

جانڪي – بادشاهه سلامت ته هڪ پيرو اڳي به ائين ڪيو هو، پر هو آهي ته اڃا به اهو ئي مسلمان!

بيربل – پر اڄ نئين مذهب جي بنياد رکڻ کان پوءِ انهيءَ ويس ۾ مڙيئي ٻي خصوصيت ۽ اهميت هوندي – ڇو نه اسين به ڪو اهڙو ٻهروپ ڪٿي ڪيون؟

فيضي – راجا صاحب، پاڻ ڪهڙو ٻهروپ ڪري سگهنداسون؟

بيربل – هيئن ٿا ڪريون ... اوهين ۽ آءٌ – اچو ته هڪ ٻئي جون دستارون يا ٻي ڪا پوشاڪ پاڻ ۾ مٽايون: انهيءَ کان به بهتر ته هي ٿيندو ته سڀائي اوهين ڪٿي پنهنجي ڏاڙهيءَ کي ڀاڪيءَ تي چاڙهيو!

فيضي – ۽ توهين وارو ڪري ڪٿي ڏاڙهي رکايو!

بيربل – هرگز نه، آءٌ ائين ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار نه آهيان!

فيضي – ته آءٌ به ڪوڙائڻ لاءِ تيار نه آهيان!

بيربل – ته پوءِ خدا اسان ٻنهي تي رحم ڪري!

توڏرمل – اجهو بادشاهه سلامت به اچي پيو.

(اڪبر تانسين سان گڏ پيو اچي)

(اڪبر خالص هندڪي ويس ۾ آهي؛ تانسين جي پوشاڪ وري بلڪل اسلامي آهي – سڀ اٿي بيهن ٿا. اڪبر تخت ڏانهن وڃي ٿو – ۽ وهڻ کان اڳ – هندن جي رواج موجب سلام ڪري ٿو)

جانڪي – جئه شري رام!

رحيم – جئه مهراج!

بيربل (پر تڪلف اسلامي سلام سان) – آداب عرض!

اڪبر – تسليمات!

(پيا به انهيءَ طريقي سان رسمي سلام ڪن ٿا – يعني مسلمان هانهون ٻڌي ڪورنش ڪن ٿا، ۽ هندو اسلامي سلام ڪن ٿا – سڀ ويهي رهن ٿا. گهڙيءَ ڪن لاءِ ماٺ ٿي وڃي ٿي)

اڪبر – دوستو، ڪا گفتگو شروع ڪريو...

توڏرمل – حضور، اڄ اهو ويس پائي، اوهان هندن کي وڏيءَ عزت سان نوازيو آهي.

اڪبر – مون پنهنجو پاڻ کي نوازيو آهي. هنن ظاهري نشانين کي في الحال ڇڏيو پيو اٿم: سڀائي آءٌ وري به مسلمان هوندس، ظاهريءَ طور – ۽ ٻڻ حقيقت ۾.

فيضي – اها حضور جن جي مرضي آهي ڇا ته اسين سڀ به ائين ئي ڪريون؟ اوهين مون کان به اهو ئي ڪرائڻ گهرو ٿا ڇا، جيڪي منهنجي ڀاءُ ڪيو آهي؟ – يعني پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙائڻ!

اڪبر – فيضي، انهيءَ لاءِ جيئن تنهنجي دل کي وڻي تيئن ڪر. تنهنجي ڏاڙهي خاص تنهنجي

آهي. ابوالفضل پنهنجي مرضيءَ سان ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏي آهي- ۽ آءٌ انهيءَ کي سنڌس نيڪي شمار ڪريان ٿو. منهنجو انهيءَ معاملي ۾ وڌيڪ ڪجهه به نه وڃي. جيسين ڪو عمل پاٽمرادو نه ٿيندو، تيسين انهيءَ ۾ نيڪي نه رهندي آهي. جانڪي، رحيم ۽ بيربل انهيءَ نيڪيءَ ۾ اڃا به اڳتي وڌي آيا آهن، جو سنڌن مٿيون چپ به بلڪل صاف آهي-۽ ڪاڏي به. بيربل، تو ئي اهو فيشن شاعرن ۾ شروع ڪيو هو نه؟

بيربل- شايد!

اڪبر- مون کي اها ڳالهه وڻي آهي. اهڙين ظاهري معمولي ڳالهين ۾ به تو جهڙن ماڻهن سان اسان کي موافقت جي اميد نه آهي. جيڪڏهن آءٌ شاعر هجان ها، ته آءٌ به ائين ئي ڪريان ها.

بيربل- حضور، جيڪڏهن اوهين شاعر نه آهيو ته موافقت ڪندڙ به ڪين آهيو- جڏهن اوهان بنگال فتح ڪيو، تڏهن اوهين مسلمان جي حيثيت ۾ ويا هئا، ۽ هاڻ جڏهن ڪشمير کي پنهنجي سلطنت ۾ ملائڻو اٿو، ته هندڪو ويس ڍڪيو اٿوَ: اوهين اهوئي ٿيو ٿا پئو، جيڪو وقت جي لحاظ کان صحيح ۽ موزون ٿا سمجهو- اها عجيب ڳالهه آهي!

اڪبر- انهيءَ عجيب حالت اختيار ڪرڻ تي منهنجي هندو ۽ مسلمان رعيت مون کي مجبور ڪري. آءٌ ٻنهي کي پنهنجو ڪندس. منهنجي لاءِ هرڪو ويس فقط هڪ لباس آهي. آءٌ نه هندو آهيان، نه مسلمان. آءٌ اڪثر چئي نه سگهندو آهيان، پر آءٌ صرف انسان آهيان. اسين سڀ ڀهروپيا آهيون. اسان مان ڪنهن کي "پنهنجو پاڻ" هجڻ جي همت آهي؟ اسين موافقت ڪندي ڪندي ايستائين پهچون ٿا، جو اسان جي شخصيت جا حقيقي نشان به ڪر ٿيو وڃن-۽ اسين محض رڍن جو هڪ پٺڪندڙ ڌڻ بنجيو وڃون! جڏهن مون ۾ هندو ۽ مسلمان ملي هڪ شي ٿي ويندي، تڏهن مون ۾ جو ڀهروپيو آهي، سو هليو ويندو: هڪڙو ڀهروپ مڪمل طرح دفن ٿي ويندو... ۽ ٻيو ڀهروپ چڱيءَ طرح چتا تي چڙهي جلي ويندو- پوءِ، اڪبر فقط انسان ئي رهندو! سنڌس لباس لهي ويندو... ۽ پوءِ "اڪبر انسان"، هندو ۽ مسلمان کان نڪي بهتر هوندو، نڪي بدتر: هو صرف "انسان" ئي هوندو!

بيربل- پوءِ جيڪڏهن اسين هندو، پنهنجي ڌرم سان موافقت نه ڪريون، ته جا اسان جي مٿان جو محصول آهي سو بند ٿي ويندو؟

جانڪي- فقط تڏهن، جڏهن اسين مسلمان ٿينداسون!...

اڪبر- اوهين مسلمان ٿيو يا نه، جزيي کي ختم ٿي ڪرڻو آهي.

جانڪي- ۽ زيارتي محصول؟

اڪبر- زيارتي محصول پڻ ...

جانڪي- اڪبر واقعي عظيم آهي!

سڀئي هندو- اڪبر اعظم ... زنده باد!

جانڪي- اڪبر، تون عظيم آهين.

اڪبر- آءٌ نه، پر هي ڏينهن عظيم آهي... اڄ کان وٺي زمين جا محنتڪش ۽ پورهيت وڌيڪ امن ۽ سلامتيءَ ۾ رهندا... راجپا ٽوڏرمل جي ڪوشش ڪري! هن جي ڍلن جي نئين سرشتي ۾ مون کي ڪابه ڪوتاهي نظر ڪانه ٿي اچي- اهو سرشتو تيسين قائم رهڻ گهرجي، جيسين زمين زمين آهي. سڀ کان وڌيڪ، هڪ نئون عقيدو اڄ قائم ڪيو ويو آهي، جو سڀني مومن ۽ منڪرن، ڪرستانن ۽ آتش پرستن، ۽ خود هندن ۽ مسلمانن کي گڏيندي،

ملائي هڪ ڪري ڇڏيندو- اهو آهي انسان ۾
عقيدو، انسانيت ۾ عقيدو، نيڪيءَ ۾ عقيدو! جنهن
هن کان اڳ به هڪ دفعو پنهنجي روحاني مشيرن
جي حاضريءَ ۾ مون ڪيو هو، تنهن اڄ اوهان سڀني،
منهنجي ماڪي رتنن ۽ مشيرن جي اڳيان، آءٌ
قسم کڻي ٿو چوان ته منهنجي منزل مقصود نيڪي آهي:
هڪ دفعو وري به آءٌ اعلان ڪريان ٿو ته نيڪي
منهنجو معبود آهي، نيڪي منهنجو خدا آهي؛
مون کي ٻئي ڪنهن خدا جي ڄاڻ ئي ڪانهي!...
(پنهنجو هٿ تانسين ڏانهن کڻي ٿو)

(تانسين پنهنجي ستار تي هٿ رکي، هلڪي
راڳڻي شروع ڪري ٿو ۽ ڳانو ڳائڻ لڳي ٿو)

«اي تاجدارِ مشرق، ديدار ڪو ڪراءِ،
تختِ سحر تي جلوو، پنهنجو ڪو تون پساءِ:
مون گلن کي ڏي تون، ڪا زندگي نئين،
ٿڪي ويل مسافر کي راهه تون لڳاءِ!

ڪرڻ جو تاج تنهنجو، زرين ۽ جلوه گر،
محتاج تنهنجو هرڪو، هردم هي بحر و بر:
محلن ۽ جهوپڙين تي هڪجهڙي ڪر نظر؛
بي آسري گهرن کي روشن وري بناءِ!

تون ئي اي نورِ حق ٿي گوتم ۾ جرڪئين،
عيسيٰ ۾ جهلڪئين ۽ احمد ۾ چمڪئين:
باد صبا ٿي اڄ تون اي فيضور وري،
هندوستان کي پنهنجي جلوي سان جڳمڳاءِ!
اي تاجدار مشرق ....!»

اڪبر- واه تانسين واه! تون موقعي سان بيشڪ
ڳائي ڄاڻين! تنهنجي شخصيت ۾ اڄا هندو پٺو گهڻو
آهي- شل گهڻو وقت ائين رهي! اڄ منهنجي دل
۽ منهنجو دماغ ٻئي گهڻو پريل آهن. هن وقت،
آءٌ خواب ۾ زنده آهيان...... پنهنجي سلطنت جي
خواب ۾- چوڏهن سالن جي طويل عرصي کان،
آءٌ هن مغل سلطنت کي وڌائڻ ويجهائڻ ۽ مضبوط
ڪرڻ لاءِ وڙهندو، جدوجهد ڪندو رهيو آهيان.

مانسنگهه- اهو هڪڙو عظيم ڪارنامو آهي،
جو اڪبر جهڙي عظيم شخصيت جي واقعي شايان
شان آهي. اول تو هان راجپوت خواه مسلم رياستن
کي مطيع ڪيو- اهي رياستون جيڪي تڪليف
ڏينديون ۽ سرڪش هيون؛ پوءِ اوهين اڳتي
وڌيا... وڌيڪ فتحون ڪرڻ لاءِ... امن ۽ صلح...
اهي ٻئي اوهان جون فتحون هيون.

اڪبر- پوءِ، اي مانسنگهه، پنجن ندين جي
هوءَ شاندار سر زمين...

مانسنگهه- ها؛ جتي ٻين کي ناڪامي ڏسڻي
پئي، اتي اوهان ڪامياب ٿيا. سرڪش راجپوتن
جو هر ماڻهو تنهنجي طاقت خلاف اٿي کڙو ٿيو،
تو انهن کي به فتح ڪيو. تو هنن کي دراصل
پنهنجو مطيع نه ڪيو، بلڪ کين پنهنجو دوست
بنائي ڇڏيئي!

اڪبر- جنگ جي ميدان جي فتح کان هنن
جي اها دوستي ئي منهنجي وڏي جيت هئي.

مانسنگهه- تون اسان کي بنهه پنهنجي گهر
۾ وٺي وئين- نه رڳو شاديءَ جي پوتر پنڌڻ
سان، بلڪ دوستيءَ ۽ رواداريءَ سان. گهرو
رشتن جي انهن پنڌڻ سان تو سڀڪنهن کي پاڻ
ڏانهن ڇڪي ورتو. ها، گجرات! ... گجرات به
هڪ شاندار مهم هئي... ۽ بينگال- جتي پٺاڻن جي
آخري مورچي کي به اسان طوفان وانگر اڏائي
ڇڏيو، جتي همايون جو بدلو، سندس عظيم فرزند
ورتو- اتي همايون جي فرزند، شيرشاهه سوريءَ
جي جاءِ نشين جي قبضي ۾ زمين جو هڪ انچ به نه
ڇڏيو- همايون جي بدلي جو ڪم به پورو ٿيو...

اڪبر- ان بعد گجرات کي، بلوچي کان پوءِ مغل ۽ راجپوتن جي گڏيل فوج دٻائي ڇڏيو. انهيءَ مهم ۾ مغل ۽ راجپوت هڪ ٻئي جي دوش بدوش وڙهي رهيا هئا. ان کان پوءِ مغل ۽ راجپوت گڏجي هميشه هڪ ٿي اڳتي وڌيا. ڪابه طاقت اسان جي سامهون بيهي نه سگهي. اسان ميدان بلڪل صاف ڪري ڇڏيو......

مانسنگهه- ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوپر ۾ به اسان جون سرحدون نهايت محفوظ آهن.

اڪبر- البت اتر ۾ ائين ڪونهي: اسان جون اتر واريون سرحدون اسان کي پڪاري رهيون آهن - ڪشمير، سنڌ، قنڌار...

مانسنگهه- پهرين ڪشمير.

اڪبر- ٺيڪ آهي.

مانسنگهه- اسين اڳي ئي تيار آهيون، رڳو اوهان جي حڪم جي دير آهي!

اڪبر- اوهان کي جلد ئي حڪم ملندو: برف جي ڳلين ڳري وڃڻ کان اڳ اوهان کي حڪم ملندو. ڪشمير... واديءِ ڪشمير... فتح کان پوءِ ڪشمير ۾ امن، سچ پچ امن ٿي ويندو. انهيءَ جي جبلن جي چوٽين ۽ غارن ۾ ديوتائون رهن ٿا. واديون ۽ ڊنڊون انهن جي آغوش ۾ آهن- ۽ هڪ عام ماڻهوءَ لاءِ اتي ميوو آهي، گل آهن... زعفران جون ٻنين پوريان ٻنيون آهن! (شعر ڳائڻ لڳي ٿو)

"برف جي چادر سان ڍڪيل واديون ۽ گل هزار،
هر طرف سبزيءَ سان هر وادي رهي ٿي همڪنار!"

جانڪي- جتي برف سان ڍڪيل جبلن جي غارن ۾ 'شيو'، 'پاروتي' ۽ 'گنيش' جون مورتون آهن!

رحيم- سنڌس جبلن جا چشما، شفاف چشما- جن ۾ آسمان ۽ سج جي چمڪندڙ جبلن جو عڪس جهلڪي ٿو!

جانڪي- سنڌس جبلن جا تيرٿ، برف جي ديوي ۽ پرماتما شو جو گهر آهن.

بيربل- يارو، انهن سڀني کي هيٺ ڌرتيءَ تي لاهي اچو، ته انهن سان عام انسانن لاءِ جنت بنايون!

اڪبر- جتي صرف باغ ئي باغ آهن، ٿڌي پاڻيءَ جا آبشار- ۽ وهندڙ ندين جي ڪنارن تي گلن جون چادرون وڇايل آهن!

ها، اهي...... اهي سڀ منهنجي حفاظت ۾ ايندا! آءٌ هڪ ايراني آهيان— انهيءَ کي ايران بنائيندس. آءٌ هڪ ايراني، انهيءَ ڪشميري ڌرتيءَ ۾ پنهنجو پاڙ پوکيندس: منهنجو 'سليم' ۽ سندس پيار اتي ٿڌين ڇانون ۾، پنهنجي پيءُ جي سايي ۾ رقص ڪندا- ۽ هنن جا وارث ... ۽ انهن جا وارث اتي هميشه ائين ئي رهندا! باغ قائم رهندا پر جنگ جا ميدان ختم ٿي ويندا. ڪشمير...ڪشمير شايد دنيا جي وندر جو سامان بنجي وڃي!

بيربل- اسان جو شهنشاهه اڄ ته مرڪو شاعر ٿي پيو آهي!

اڪبر- ڪشمير اسان سڀني کي شاعر بنائي ڇڏيندو! پڌو، منهنجي خواب جي سلطنت...... دنيا جي شهنشاهت...... جتي 'سڀ انسان' دنيا ۾ 'هڪڙي قوم' بنجي ويندا. اهو ڀلا ڪيئن ممڪن ٿي سگهندو، جو سڀ قومون هڪ ئي قوم نه بنجي وڃن؟ اهو منهنجو خواب آهي...... مغل شهنشاهت نه...... پر دنيا جي شهنشاهت، جا پنهنجو پاڻ تي حڪومت ڪندي...... انسان لاءِ انسان جي حڪومت...... انسانيت لاءِ انسانيت جي

حڪومت!... انهيءَ جو ڏسڻ ۾ نه ايندڙ شهنشاهه
غيب جي تخت تي ويٺل هوندو...... جنهن وٽ
نظر نه ايندڙ لٺ هوندي...... نيڪيءَ جي لٺ!
... دوستو، مون کي معاف ڪجو...... منهنجي
دل ۽ دماغ ڀريل آهن...... تانسين، تانسين...
منهنجا چپ پنهنجي راڳ سان بند ڪري ڇڏ...
(تانسين ستار جي تارن کي ڇيڙي ٿو، ۽ راڳ
شروع ڪري ٿو)

«دنيا کي اڄ نه زور، محبت سان سر ڪيون،
جي وار ظلم جو ٿئي ته سينو سپر ڪيون؛
امن و امان جو راڄ ٿئي هندوستان تي،
رشين جي سر زمين کي مروّت جو گهر ڪيون!
اڪبر عظيم فتح جو نعمو تون عام ڪر،
'بيرم' جي آرزو جو اُتي اهتمام ڪر؛
نيڪيءَ جي آڏو سر کي جهڪائي هي قوم نو،
نفرت حسد عناد جو قصّو تمام ڪر!»

اڪبر- پيارا تانسين، تو اسان کي اها ياد ڏياري ڏاڍو چڱو ڪيو. اسين 'حال' ۾ ئي زنده رهون ٿا. بهادر بهرام، وفادار بهرام! مون هن کان تيراندازي، تلوار ۽ نيزي بازي سکي. بهرام مون کي فتوحات جي بک جي غذا ڏني. انهيءَ نيڪ ٻڍڙي ئي مون کي ننڍپڻ ۾ تعليم ۽ تربيت ڏني- ڇا هاڻ آءٌ ويهي هن کي شرمندو ڪريان؟ ...... فتح نه منهنجي ننڍپڻ جو خواب هو؛ مون پنهنجو پاڻ کي فتح ڪيل شهرن ۾ شان و شوڪت سان ويندو ڏٺو. ٻوءِ، جوانيءَ ۾ فتح ۽ سوڀ جي خيالن مون کي مجبور بنائي وڌو. انهيءَ مون کان اهو ڪجهه ڪرايو، جنهن جو مون کي، هاڻ افسوس آهي، ... پنهنجي نيڪ محافظ بهرام سان ڪيل سرڪشيءَ جي عمل لاءِ هاڻ آءٌ پڇتايان ٿو- پر وقت ئي اهڙو آيو هو. مون کي پنهنجو پاڻ هن جي نگرانيءَ کان آزاد ڪرائڻو هو. مون کي پنهنجي پيرن تي خود بيهڻو هو... شل هن تي خدا جي رحمت هجي... منهنجي حياتيءَ جي پياري يادگيري ۽ شڪرگذاري هن جي لاءِ هميشه قائم رهندي...

۽ هاڻ، پيارا دوستو، ڏينهن اچي پورو ٿيو آهي. آرام جو وقت به اچي ويو. مون کي اڪيلو ڇڏيو- ۽ اوهين به هاڻ وڃي آرام ڪريو.

(سڀ اٿن ٿا- ۽ اڪبر کي دستور موجب پنهنجي پنهنجي نموني ۾ سلام ڪن ٿا)

اڪبر- شب بخير... شب بخير!

(ابوالفضل کان سواءِ سڀ ٻاهر وڃن ٿا)

(اڪبر اوٻاسيون ڏيڻ لڳي ٿو)

ابوالفضل- ٿڪجي پيا آهيو ڇا؟

اڪبر- نه نه، ٿڪل نه ڪين آهيان، البت ننڊ جي تياري آهي- ٻيو سڀڙئي خير- (وري اوٻاسيون ڏيڻ لڳي ٿو)... اڄوڪو ڏينهن به ڏاڍو سٺو گذريو آهي.

ابوالفضل- چڱو ڀلا، آءٌ به هلان ٿو... شب بخير.

اڪبر (ڀڻ ڀڻ ڪندي)- شب بخير... شب بخير...

(پردو ڪري ٿو)

پورهئي کان پوءِ

- چترڪار: اسحاق حيدر

پير انورشاه رسول بخش شاه جيلاني

”سرڪار“

(سنڌ جي هڪڙي لوڪ ڪهاڻي)

ڪنهن زماني ۾، هڪ مُلڪ ۾ ڏڪار اچي پيو. برسات جي نه پوڻ ڪري نڪو گاهه اپڙندو هو، نه واهن ۾ ڪوهن ۾ پاڻي رهيو، نه ڪا آبادي ٿيندي هئي. وڻَ ٻُوٽا بيٺل ـ اهي به سُڪي ٺوٺ ٿي ويا. مال چوپايو اهڙو ڏٻرو ۽ بيحال ٿي پيو، جو وڻڻ لاءِ ڪوبه تيار نه هو، باقي وڪڻڻ وارا ڪيترائي هئا. گهُوڙو، سينهن يا ڍڳي جي قيمت، جا هن وقت چار پنج سَو ٻڌجي ٿي، سا اُن وقت ۾ چار يا پنج روپيا به ڪو ڏيڻ لاءِ تيار نه هو ـ چو ته اُن جو اگهه اهڙو وڃي بيٺو هو، جهڙو ’پارٽيشن‘ جي زماني ۾ هندستان پاڪستان جو هو. مطلب ته ڏاڍي دربدري مخلوق کي پيش آئي. غريب ويچارا ڪي مُلڪ ڇڏي لڏي ويا، ڪِنهن آپگهات ڪيو. ڪي لڏيندي بُک جي ڪري رستي ۾ ختم ٿيا، جي ڪنهِي ڳوٺ يا شهر جي ڪنهن وَسڻ تائينءَ به نه پهتا.

تن ڏينهن، هڪ مڱڻهار فقير هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو. مڱڻهار فقيرن جو گذران هميشه شادين ۾ ڳائڻ وڄائڻ ۽ خوشيءَ جي موقعن تي سَدار رکندڙ هو، جيئن هن وقت به اِنهيءَ قوم جو ساڳيوئي ذريعو گذران جو آهي. پر ڏڪار جي سبب ڪابه شادي يا مجلس ڪوبه ماڻهو نٿي ڪري سگهيو، جنهنڪري هيءَ قوم وڌيڪ خراب ۽ دربدر ٿي. آخر مڱڻهار، زال پنهنجي کي ڇڏي، ڪنهن ٻيءَ بستيءَ کي ڳولڻ لاءِ دُهل ڳچيءَ ۾ وجهي روانو ٿيو. زال کي هدايت ڪري ويو ته ”الله پاڪ کي ياد ڪندي رهج. جيڪڏهن خدا ڪارڻ ڪو تُڪُر مانيءَ جو پيندي مليئي ۽ سمجهين ته هڪ ڏينهن جو پورو ڏيءَ آهي، ته اهو سڄو مانيءَ جو ٽُڪر ٽن ڏينهن تائين هلائج ـ جيستائين آءٌ ڪو مُلڪ يا ڪو ڏيهه جتي ... پوءِ، توڪل پنهنجي رب تي رکي، الله تو آهر چئي، گهر ڪان ٻاهر نڪتو. ... مُلڪَ ڏسندو جاچيندو اچي، ته مَنَ ڪٿي ڪا دهل جي عزت هُجي، ته ... زال به وٺي اچان؛ پر ڏڪارَ هر جڳهه اهڙو ڦيرو ڏنو هو، جو دهل ته ...

کو خيرات ۾ مانيءَ جو ٽڪر به ڪونه ڏيڻ لاءِ تيار ٿي: ٻيءَ ويٺو ڪائي، ۽ پٽ ويٺو ڏسي، ته ذرو به ڪيس نه ڏئي. جيڪڏهن ماءُ ويٺي کائي، ته ڌيءَ ويٺي ڏسي. مطلب ته چوطرف هڪ ڀيانڪ خوف واري صورت ڏسڻ ۾ ڪيس آئي. خير 'سندرو ثابت منزل آسان': فقير مڱڻهار تڏهن به دل نه لاٿي. وري ٻئي طرف رُخ رکيائين - اِهوئي دهل ڳچيءَ ۾، مڙس هلندو هلي.

آخر هلندي هلندي، ڪجھ وقت پڄاڻا، هڪ بيابان کي لتاڙي جڏهن ٻاهر نڪتو، ته پري کان هڪ وڏو قلعو يعني پيتِر جو ڪوٽ نظر آيس ۽ اُنهيءَ ڪوٽ جي ديوار کان ٻاهر سبز وڻن جون لڏندڙ ٽاريون نظر آيس. اِتي اميد ٿيس ته 'پهريَ گهڻي وقت کان پوءِ اڄ ساوا وڻ نظر آيا اٿم - شڪر الحمدلله! ڏٺيءَ جا لک ٿورا ۽ ڀلايون، جنهن هن ٻانهي کي بيابان مان آڪاري آٿي سبزيءَ پيڙو ڪيو آهي. اڳتي به پاڻ مدد ڪندو'. آخر ائين چوندو چوندو، اچي انهيءَ ڪوٽ جي نزديڪ پهتو. ڪوٽ کي چوگرد ڦريو گهميو، ته ڏسان ته ڪٿان دري دروازو اٿس ته اندر وڃان. آخر گهڻيءَ ڳولا کان پوءِ دروازو ڏٺائين. اُن دروازي وٽ وڃي ڪلاڪ اڌ ترسيو ته ڏسان ته ڪو چوڪيدار هُجي، ته اُن کان اجازت وٺي اندر وڃان ۽ ڪيس حال به ٻڌايان. مگر وقت اجايو وڃايائين - چوڪيدار ڪوبه ڪونه هو. آخر بسم الله چئي دروازو کوليو، اندر ڪوٽ ۾ قدم رکيائين. اندر وڃي ڏسي ته سبحان الله رب پاڪ جي قدرت لڳي پئي آهي. نهرون صاف پاڻيءَ جون وهن پيون، جن جي پاسن تان انار، ترنج، ڪيلا ۽ انهن جا وڻ لڳا پيا آهن. ٿورڙو اڳيرو وڃي، ته ڊاک ۽ انگور جا مَنَهَه ميوي سان پريا جهنجيا پيا آهن. چوراهو اڳيان نظر آيس، جنهن جي ٻنهي پاسن کان گلن جون قطارون هر رنگ ۽ هر قسم جي خوشبوءِ واريون نظر آيس. فقير ويچارو هو ٿڪايل ۽ بُکايل - سو دُهل ڪلهي مان لاهي پرسان رکي، ڪپڙا لاهي، ويهي نهرن جي پاڻيءَ ۾ وهنجڻ لڳو. جڏهن وهنجي خوب ٿَڪَ ڀڳائين، تڏهن اچي ميون جي وڻن کي لڳو. بلڪل چڱيءَ طرح سان ميوو جيڪو وڻيس، سو کاڌائين. اِتي مٿان اچي شام ٿي؛ ۽ ميوو کائيندي کائيندي اچي ننڊ ورايس. آخر دهل پاسي ۾ رکندي اتيئي ليٽي پيو.

سڄي رات آتي ميون جي وڻن هيٺان ستو پيو هو؛ آخر ٻئي ڏينهن صبح جو سارَ ٿيس، ۽ دستور موجب اٿيو - آتي ڏسي ته دُهل به آتي رکيو آهي، ماڻهوءَ ڪنهن جو پڙلاءُ يا ڪو پير ڪڙڪو به ڪونهي: تنهنڪري وري به اچي ميوي کي لڳو. بلڪل چڱو ڍءُ ڪري اٿيو. خيال ڪيائين ته اڳتي وڃان ۽ وڃي ڏسان ته هي ڪير آهي، جنهن جو هيءُ باغ ۽ ڪوٽ آهن - متان ڪو ماڻهو ملي ۽ خبرچار وٺيم. ائين چئي، اڳتي هليو. هڪ وڏي سڙڪ گلن سان چانيل - اها وٺي سڌو وڃ باغ ۾ اچي پهتو. آتي ڏسي ته هڪ عاليشان محلات آهي، جنهن جا دروازا سڀئي کليا پيا آهن، ۽ ڪوبه آواز ڪونه ٿو ٻڌڻ ۾ اچي. انهيءَ هوندي به فقير مڱڻهار اڌ ڪلاڪ کن آتي وڏي گيٽ وٽ ترسيو، ته متان ڪو ماڻهو نڪري؛ پر بلڪل ڪوبه

نظر ڪونہ آيس. پوءِ بسم الله چئي، وڏي دروازي سان لنگهي ويو اندر محلات ۾. محلات جي اڳيان سهڻيءَ ڇڙ جو هڪ وسيع ميدان هو، تنهن کي لتاڙي اندر نيٺ محلات ۾ پيرُ رکيائين. اندر وڏي صفحي ۾ ويو، تہ ڇا ٿو ڏسي تہ هڪ بيحد شاندار سهڻو هندورو آهي، جنهن ۾ هڪ وڏو شينهن سُتو پيو آهي. سيرانديءَ کان هڪ مور پکي ويٺو اٿس، ۽ پيرانديءَ کان هڪ هَنج پکي ويٺو اٿس. جڏهن فقير مڱڻهار جي شينهن تي نظر پئي، تڏهن ڏُڪار سُڪار سڀئي وسري ويس؛ اچي ڏڪڻي ٿڙڪڻي لڳيس تہ "هاڻي ڇا ڪريان - ۽ واپس ڪيئن وڃان ۽ ٻاهر ڪيئن نڪران!" بَدن اهڙو سڪائي جهليو هئائين تہ متان ڌُهل کي لڳي ۽ آواز ٿئي، جنهن تي متان شينهن جاڳي ۽ پوءِ ڪرڻي لاهي ڇڏي - تنهنڪري ٻنهي چپ چاپ ڪري پاڻ کي ڪاٺ وانگر سُڪائي ڇڏيائين، ۽ بت ٿي بيهي رهيو. آخر بيهي بيهي بلڪل ٿڪجي پيو. بيهندي وقت بہ گهڻو لڳي ويس. آخر دماغ ۾ اها ڳالهہ آيس تہ "وڏا چوندا هُئا تہ 'دهل جي آواز کان جانور جهنگل ڇڏي ٻاهر نڪري ڀڄي ويندا آهن. اڳئين زماني جا راجائون مهاراجائون جڏهين شينهن جي شڪار تي ويندا هئا، تڏهن شڪارين کي دهل ڏيندا هئا، تہ جهنگل ۾ خوب وڄائين تہ آواز تي شينهن ٻاهر ڀڄي نڪرن: ۽ پاڻ هاٿين تي سوار ٿي انهن کي گوليون هڻندا ۽ ماريندا هئا' - تنهنڪري هاڻي بيهي بيهي ائين ئي ٿڪجي تہ پيو آهيان، هاڻي ماشاءَالله وڄايان ٿو دهل، پوءِ يا هيڏانهن يا هوڏانهن!" بس ائين چئي دهل ڪُلهي سان ورائي، سولو ڪري، بسم الله آچاري، اچي ٿو دهل کي زور سان مصيبت ڏونڪن جي وجهي: خوب وڄايائين: جنهن تي شينهن ننڊ مان جاڳيو ۽ اکيون کوليں، مور ۽ هنج - جي سندس وزير هُئا ۽ سيرانديءَ پيرانديءَ سندس حُڪم ٻڌڻ لاءِ ويٺا هوندا هُئا - انهن کان پُڇيائين تہ "هيءَ نالائق احمق ڪير آهي، جنهن ايتري حُجَت ۽ بيپرواهي ڪئي آهي؟" جنهن تي سندس وزيرن، مور ۽ هنج، ڏٺو تہ ڊپ کان وڄايو اٿس تہ متَنَ شينهن اٿي ڀڄي وڃي، پر اٿلو مصيبت ۾ اچي پيو آهي! پر هاڻي اِنهيءَ غريب جي جيند ضروري ڇڏائجي ۽ کيس بچائجي. سو، تِين هٿ ٻڌي شينهن شير خدا کي - جو انهيءَ محلات ۽ باغ جو بادشاه هو - عرض ڪيو تہ "جيئندا قبلا! هيءُ فقير مڱڻهار آهي، سندس ملڪ ۾ شايد ڏڪار ۽ بک پيئي آهي، تنهنڪري پنهنجو روزگار تنگ سمجهي، ٻاهر پين ملڪن ۾ روزگار لاءِ نڪتو آهي. هنن مڱڻهارن فقيرن جو هميشه اهو دستور رهيو آهي تہ جيتي شادي هوندي آهي يا ڪا خوشيءَ جي ڳالهہ يا خوشيءَ جي مجلس هوندي آهي، تہ اتي دهل کڻي وڃي وڄائيندا آهن ۽ ناچ وغيره ڪري انهن کي ريجهائيندا آهن، جنهن تي کين ڪافي انعام ملندو آهي، جو کڻي وڃي ٻچن جو گذران ڪندا آهن. هيئنر پين شهرن ۾ ڪابہ شادي وغيره نہ لڳي اٿس ۽ بادشاه سلامت جي محلات ۾ اندر آيو آهي، تہ متَنَ ڪا مراد پوري ٿئيس تہ ٻچن جو قوت کڻي وڃي! وري جو اندر اچي سرسبز باغ، عمدا ميوا ۽ شاهي محلات ۽ صاف نهرن جو پاڻي ۽ هرڪنهن قسم جا خوشبودار گل ڏٺا اٿس، تہ حيران بہ ٿيو آهي ۽ خوش بہ ٿيو

آهي ته واهه جي عجيب شاهنشاهه جي حڪومت آهي، ۽ عجيب بادشاهيءَ جو رنگ آهي! اهڙي حڪومت هن ڪي ڪٿي به نظر ڪانه آئي آهي، تنهنڪري فقير ويچارو بيحد خوش ٿيو آهي، ته هاڻي سندس بک لٿي ۽ ڏک ڏولاوا ڏور ٿيا! پوءِ سندن دستور اهو هوندو آهي ته دهل وڄائي مبارڪون ڏيندا آهن. سو، هيءَ ويچاري پنهنجي دستور موجب وڏي اميد بادشاهه سلامت ۾ رکي دهل وڄائڻ شروع ڪيو آهي- باقي ٻيو ڪجهه نه آهي: نه بيپرواهي ڪئي اٿس ۽ نه حجت ڪئي اٿس- اڳتي مالڪ آهيو!“ بس، اها وزيرن جي ڳالهه بادشاهه سلامت کي وڻي ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. يڪدم ٻنهي وزيرن کي حڪم ڏنائين، ”ٻه ڳوٿريون سونين اشرفين سان ڀريل ڪٿي فقير کي آڻي ڏيو ته وڃي!“ تنهن تي هنج ۽ مور، ٻئي اندر محلات ۾ ويا، ۽ وڃي ڳوٿريون ٻئي ڪٿي آڻي فقير مڱڻهار کي هٿ ۾ ڏنائون، ۽ کيس چيائون ۽ هدايت ڪيائون ته ”وري هتي نه اچج ۽ نه وري اچي اهڙو ڪو ڪم ڪج!“

فقير انعام وٺي ٻاهر نڪتو. هلندو هلندو ڪن ڏينهن بعد اچي ڳوٺ پهتو. اچي ڏنائين ته زال سندس بلڪل بيحال آهي. ملڪ جي اچا ڪا حالت سڌريل ڪانه آهي. اچڻ سان ڳوٿريون ٻئي زال کي ڏنائين ته ”هاڻي موجون ڪر! خوب ڪپڙا لٽا پاءِ؛ خوب پوڙ پلاءُ پچاءِ! آءٌ اهو هند ڏسي آيو آهيان، جو رڳو سون ئي سون! هڪ سون ڪٿندو، ته ٻيو آڻي ڏيندو سانءِ، فڪر نه ڪر!“ تنهن تي زال سندس اهڙو ته شوق ڏيکاريو، اهڙو ته هٿ ورتو، جو اهي ٻئي ڳوٿريون ٿوري ئي عرصي اندر ختم ڪري ڇڏيائين. پوءِ مڙس کي چيائين ته ”وڃ، وڃي ٻيون ڳوٿريون ڪٿي اچ!“ مڙس به ٻڌندي ئي، يڪدم دهل ڳچيءَ ۾ وجهي، اٿي ٿيو راهي.

ٿوري گهڙي وقت ڪان پوءِ، اچي ساڳئي ڪوٽ جي دروازي وٽ پهتو. ساڳيءَ طرح بنا ڪنهن خوف خطري جي اندر لنگهي ويو. وڃي ڏسي ته ساڳئي هندوري ۾ ساڳيو شينهن ستو پيو آهي، پر سيرانديءَ ويٺو اٿس گدڙ ۽ پيرانديءَ ويٺو اٿس ڪانءُ! اتي جو اتي دهل وڄائڻ وارو ئي هو، ته ڏسي ته پري ڪان اڳيان ساڳيا پکي- هنج ۽ مور- ڊوڙندا اچن، جي پريان ڇپرن ۾ ڪيني ڪلر واريءَ زمين تي پيا هئا. انهن اچڻ سان فقير مڱڻهار کي چيو ته ”مهرباني ڪري خاموش ٿي ۽ ماٺ ميٺي ڪري ٻاهر نڪري ڀڄي وڃ. اڳي به تو وڏي ڀُل ڪئي هئي، پر اسان وزير هئاسون، جن تنهنجي بيوقوفي ڍڪي ڇڏي ۽ الٽو توکي انعام ڏيارايوسون؛ پر هاڻي، جيتوڻيڪ بادشاهه ساڳيو آهي، پر وزير آهن گدڙ ۽ ڪانءُ! سو، جيڪڏهن دهل وڄائيندين، ته گدڙ ڦاڙيندءِ پيٽ، ۽ ڪانءُ ڪڍندءِ اکيون؛ پوءِ اتي ئي ختم ڪري ڇڏيندءِ. تنهنڪري، هڪدم هتان هليو وڃ. باقي تون جيڪا اميد رکي آيو آهين، تنهن لاءِ اسان ٻنهي وٽ جيڪا پنهنجي پورهئي جي ميڙي چونڊي آهي، اها توکي آڻي ٿا ڏيون، سا ڪٿي وڃ!“ آخر هنج ۽ مور واپس پنهنجي جڳهه تي ويا. اتان جيڪي ٿورو گهڻو وٺي هو، سو آڻي فقير کي ڏنائون، ۽ پاڻهن ڪان وٺي ڪوٽ مان ڪيس

ٻاهر ڪڍي ڇڏيائونس، ۽ وري به منع ڪيائونس ته "هاڻي اڪيلي ڏسيو ته حال وٺين، ٺهڪري وري هرگز هيڏانهن نه اچج!" آخر فقير ڪي جيڪا ٿوري گهڻي رقم مور ۽ هنج کان ملي، سا کڻي آئي زال کي ڏنائين.

زال ٻڌيس ته "هيءَ ڇا آندو اٿئي؟" تڏهن فقير چيس ته "اڳي وزير هئا مورَ ۽ هنج، جن ٿي ڳوٺريون سون جون غريبن کي ڏنيون؛ پر هاڻي آهن وزير گدڙ ۽ ڪانءُ، جي خود آهن بکايل، سي وري ڇا ڏيندا! هي جيڪي آندو اٿم، اهو به اڳوڻن وزيرن ڏنو اٿم، جن ويچارن کي نوڪريءَ تان لاهي ڇڏيو ويو آهي، ۽ جي ڪلر واري پَٽَ تي ڪانڊيرن ۾ پيا هئا!" تڏهن زال چيس ته "بيوقوف پنڌ ڪيترو سارو ڪري وئين، تڪليف به وٺي وئين — پوءِ جڏهن ڏٺئي ته بادشاه ساڳيو آهي ته پوءِ وزيرن جي ڪهڙي پرواهه؟ تون ته دهل وڄائي صدا خيرات جي هڻي ڏسين ها، ته پاڻيهي بادشاه کي رحم پنهنجي وچي ها، ۽ توکي ساڳيون ڳوٺريون سون جون پراڻي ڏئي ها!" تنهن تي فقير چيو ته "اڙي نه! حڪومت هميشه وزير هلائيندا آهن: ڦٽائين به آهي ۽ وسائين به آهي!" پرنيٺ سندس زال ڪيس ويهڻ نه ڏنو. مجبور ٿي، دهل کڻي ساڳيءَ طرح آنهيءَ قلعي يعني ڪوٽ اندر پهتو.

اُتي پهچي خوب ميوا وغيره کاڌائين، آرام ڪيائين، ۽ پوءِ وچي دير دير سان اندر محلات ۾ پيرُ رکيائين. پريان ڏسي ته اڳيان وزير ڊوڙندا اچن — تن يڪدم اچي ڪيس سمجهايو ۽ ڏاڍيون منٿون ڪيائونس ۽ ڪجهه پيو به ٿورو گهڻو ڪيس آڻي ڏنائون ته "دهل نه وڄاءِ!" مگر زال جا لفظ ياد هئس ۽ پنيان هُن جا موچڙا به سُجهيس ٿي ته ٽپڻ به ڪنيندي ۽ اندر گهر ۾ به اچڻ نه ڏيندي — سو، يڪدم دهل تي ڏونڪن جو ڪٽي وسڪارو ڪيائين.

بادشاه سلامت جو هندوري ۾ سُتل هو، آهو يڪدم ننڊ مان ڇرڪ ُ ڀري اٿي ويٺو، ۽ اٿڻ سان ٻڌيائين ته "هيءُ ڪير آهي ۽ ڇو اندر آيو آهي، ۽ ايتريءَ لاپرواهيءَ جو سبب ڇا آهي؟" سندس وزير هئا هڪڙو گدڙ ۽ ٻيو ڪانءُ — تن عرض ڪيو ته "جيئندا قبلا! هيءُ ڪميڻو ۽ ذات به سندس ڪميڻي، يعني ميراثي منگڻهار آهي. هيءُ ايڏو بيپرواهه آهي، جو هِنَ محلات کي پنهنجي ڪنهن هماڻي طوائف جو گهر سمجهي، اڳي به آيو هو — پر اسان ڪجهه نه ڪُڇيو، ڇو ته ڇيوسون ته اسان جو شهنشاهه آرام ۾ آهي، سو متان جاڳي پوي — ۽ وري موٽي هيئر به آيو آهي، ۽ اچڻ سان اسان جي ته پرواهه ڪانه ڪيائين، پر اوهان صاحبن جي آرام جو به خيال ڪونه ڪيائين: اچڻ سان اچي دهل کي ٽاڪا چاڙهيا اٿس: اها نه رڳو حضور بادشاه سلامت جي بي ادبي ڪئي اٿس، پر شاهي محلات ۾ دهل وڄائڻ — اِها هڪ شاهي محلات جي بيعزتي ڪئي اٿس، جو لوڪ چوندو ته اهو ڪنهن طوائف جو گهرُ آهي، بادشاه جي محلات ڪٿان آئي! حقيقت اها آهي جا پيش رکون ٿا — اڳتي جيڪو بادشاه سلامت جو حڪم!"

جنهن تي شينهن شير خدا جي حڪم ڪيو ته "وٺوس!" پوءِ ته هنن ٻنهي وزيرن، يعني هڪڙي پاسي گدڙ ۽ ٻئي پاسي ڪانءُ، اچي ورتس — جو پنجن گهڙين ۾ ئي ٻئي پورو ڪري ڇڏيائونس!

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته......

"انسان"

انسان جي ذهنيت ۽ تهذيب جو مظاهرو جهڙو واضح طرح ريل گاڏيءَ جهاز يا ٻيءَ اهڙيءَ مسافريءَ جي دوران ۾ ٿئي ٿو، اهڙو شايد ئي ٻئي موقعي تي رونما ٿي سگهي!

ان ڏينهن مون کي به ڪراچيءَ اچڻو هو. روهڙيءَ جي سٽيشن تي اچي ميل ۾ چڙهيس: اهو ئي ٻاڪرڪنو – ريل ته نه آئي ۾ پاڻ سان گڏ رڙيون، واڪا، دانهون ۽ آهون، سڀ ڪجهه، کڻندي آئي. لٽن، ڏڪن ۽ لونشن وچان ٿيندو، ڏو ڪري وڃي هڪ مسافر مٿان ڪريس – هڪ سهيل مسافر مٿان. هن گهٽوئي پاڻ پتوڙيو، ٿنگون هيٺ مٿي ڪيون، مگر مون کي ويهڻو هو ضرور، سو رسمي معافي وٺي اهڙيءَ ته دعواداريءَ سان ويهي رهيس، ڄڻ ان سيٽ تي ستل ئي آءٌ هوس!

چوندا آهن "هندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي" – سو منهنجي پرسان سهيل صاحب به ڪنهن کٽي سهيو هو ته هو ٻئي کي ننڊ ڪرڻ نه ڏيندو. سندس نڪ ۾ ڪوبا ڄاڻ وساڻ وارو گهڪهو وڃي رهيو هو، ۽ سندس ٻانهون ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ سڄاڳ ٿي اٿون ۽ ڪنهن سرچ لائيٽ جيان چوڌاري چڪر لڳائي سڌو منهنجي منهن ۾ اڪاءُ ٿي ڪيائون!

حيدرآباد کان اڳ ڪٽ مڙيو ئي اک لڳي ويم، ۽ جڏهن اک کلي ته ڏٺم ته دوشيزه سحر جو نقاب آهستي آهستي کسڪي رهيو هو ۽ نور پرنئي صبح جي ڀرپور روشنائي فضا ۾ ڦهلجي رهي هئي. مان سگريٽ دکائي آفتاب عالمتاب ڏانهن ڏسڻ لڳس، جنهن دور دور افق تي عظيم مصور وانگر رنگن مٿان رنگ هاري ڇڏيا هئا.

اوچتو ئي جهٽڪو کائي گاڏي بيهي رهي. دريءَ کان ٻاهر جهاتي پاتيم ۽ ڏٺم ته جنگشاهي اچي ويئي هئي. هٿ جي اشاري سان بيري کي سڏ ڪيم، هن جي هٿ ۾ ناشتي پهچائڻ واريون ٿالهيون هيون جن ۾ ڊبل روٽيءَ جا بچيل پورا ۽ آمليٽ جا ذرڙا پيا هئا. ڪيس ناشتي آڻڻ لاءِ چيم ۽ هو "ايسي لايا" چوندو اڳتي وڌيو، ۽ ڊبل روٽيءَ ۽ آمليٽ جا ذرڙا پرسان ويٺل ڪني اکيان اڇلايائين. پرسان هڪ اڻ نونورهن جو پٽيءَ اگهاڙو ڇوڪر ويٺو هو، جنهن جي ڪنڌ جا وار وڏي سندس ڪلهن تائين پهتا هئا، ۽ ڪن تي اٽري ته مس چوهڙ هيس، جو سندس منهن جو رنگ هڪڙو ٿي لڳو، ته ڪن جو

ٻيو-سوتنهن ڇا ڪيو جو جهٽ هٽي، ڪتي اڳيان اهي ڊبل روٽيءَ جا ٽڪرا ڪٽي ورتائين. ڪتي جي گرڪڻ تي بيري ٻوڙيو نهاريو، ۽ يڪدم واپس وريو. هڪ چماٽ-زور سان هڪ چماٽ-ڇوڪر کي وهائي ڪڍيائين! ڊبل روٽيءَ ۽ آمليٽ جا ٽڪرا ڇوڪري جي هٿن مان ڇڏائجي، ساڳيوئي اچي ڪتي جي اڳيان ڪريا. ڇوڪرو حسرت ڀريل نگاهن سان ان ڪتي ۽ ٽڪرن ڏانهن نهاريندو رهيو، ۽ سندس اکين جي تلائن ۾ ڪتي ۽ انهن اوبارين ٽڪرن جو عڪس تري آيو...... شايد سندس دل ۾ به-! هو تيسين آتي بيٺو رهيو...... ڏسندو رهيو..... ڏسندو رهيو، جيسين گاڏي ڇٽي آتي هلي، ۽ هو منهنجي نظر کان اوجهل ٿي ويو. -ميمڻ علي بخش

"اخبار"

ويجهڙائيءَ ۾، هڪ روزاني اخبار ۾ 'نائيٽ سب ايڊيٽر' هوس.

ڇهين ستين بجي جو وقت هو. حسب دستور، خبرون ويٺي ڪڍيم ته السلام عليڪم جو آواز ڪن تي پيم. اخبار جي دفتر ۾ ڪيئي ماڻهو پيا اچن وڃن، سمجهيم هوندو ڪو- ۽ ائين ئي ڪنڌ مٿي کڻڻ بنا سلام ورائي ڪم ۾ لڳو رهيس. گهڙي ڪن چپ ٿي ويٺي-سوچيم: 'ڪير آ جو ائين چپ ٿي ويو؟' ڪنڌ مٿي ڪنيم.

ته تاڪائين صدري، بافتي جي جهولدار سٿڻ، سنڌي سليمي موچڪي جتي، وڏو پٽڪو مٿي تي، اجرڪ ۾ پڌل هڙ ڪلهين ڪيو، سائيڪو سال عمر جو هڪڙو پيرمرد اڳيان بيٺو هو.

"چاچا حڪم؟"

"سائين ... سائين،...... صاحب سان ملڻو اٿم،" ٻانهون ٻڌندي، ڏڄندي ڏڄندي ورائيائين.

"اندر وڃو،...... صاحب جن اندر آهن."

ايڊيٽر صاحب، جو هونئن ٻاهر ٿي نڪتو، سو ملاقاتيءَ کي ڏسي ٻه جهلي ڪرسيءَ تي ٿهي ٽڪي ويٺو. پيرمرد ڪمري جي چائنٽ اڳيان جتي لاهي اندر گهڙيو.

"سائين سلاماليڪم!"

"وعليڪم السلام، ٻڌي آئين پيرمرد"-...... صاحب وڏيڪ رعب وجهڻ لاءِ کنگهڪار ڪئي: "خبر ڏي، ڪيئن پنڌ پيو آهين؟"

"سائين، جمن منهنجو نالو آهي. تنهنجي اخبار ۾ خبر آئي هئي ته مون رئيس سوڍي خان وارن کي تنگ ڪيو آهي، ۽ کين پاڻيءَ جي واري ۾ سهوليت نٿو ڏيان. سو اها حقيقت

توکي ڪرڻ آيس تہ سائين مون مسڪين جو تہ ڪو ڏوهہ ئي ڪونهي: مون کي ڪل ٻني آهي ڏيڍ ايڪڙ، ۽ رئيسن جون آهن ويهون؛ ٻنيءَ تي ٻني بہ رئيسن جي آهي. منهنجو ٽڪر هيٺاهون سو آهي-سولائيءَ سان ريج ٿي ويندو اٿس. رئيسن مون کان گهر ڪئي تہ وڪرو ڪري ڏي: سائين، منهنجو گذران ئي ان تي، سو نهڪر ڪير. ان تان رئيس ڪاوڙجي ويا. تنهن پڄاڻا ڪو تنهنجي اخبار ۾ خبر آئي، تنهن تہ مون سان ويل وهائي ڇڏيا آهن: تپدار جو ڪوٽار بہ چئي تہ 'توتي ڪيس ٿيندو. سائين، مان مسڪين ماڻهو-جتي ٿو وڃان، اتي ٿا چون لکپڙهہ-موٽائي ڏي. ڏئي ڏئي بہ ڪيترو ڏيان. اڳ-وپوءِ تنهنجي خبر-موٽائي ڪٿي آيو آهيان تو وٽ تہ سچي خبر ڏي، ڪوڙيءَ کي موٽاءِ، نہ تہ مون غريب جو ٻلو ڪونہ ٿيندو؛ ۽ پيو هونئن تہ سائين، مان جهنگ جو ماڻهو، شهر اڪئين ڪونہ ڏٺم. اڄڻ سان وايون ئي ٻتال ٿي وير - ٻنهہ منجهي پيس. مسين مسيس پڇائي پڇائي تو در پهتو آهيان. هاڻي ڪو قرب ڪر - بس منهنجي اڇيءَ ڏاڙهي کي ڏس!"- پيرمرد پٽڪو لاهي ڪٽي ايڊيٽر جي پيرن تي رکيو.

"پوءِ اڳي ڪٿي هئين؟" ايڊيٽر صاحب پٽڪو ڪٽي ڪيس واپس ڏنو.

"بابل سائين، مون کي ڪهڙي ڪل؟ مون کي تپدار ٻڌايو تہ اخبار ۾ خبر ڇپي آهي."

پيرمرد پٽڪي جي پلئہ مان ڳنڍ ڇوڙيندي، پنجين پنجين جا پنج نوٽ ايڊيٽر جي اڳيان ميز تي رکندي چيو "هيءَ تنهنجي ڦي بہ آندي اٿم."

"چڱو چڱو دلجاءِ ڪر،" ايڊيٽر نوٽن ۾ هٿ وجهندي دريءَ مان مون ڏانهن نهاريو؛ ۽ اهو ڏسي تہ مان ڪنڌ هيٺ ڪيو، خبرن ڪڍڻ ۾ مشغول هوس، نوٽ ڪٽي ميز جي خاني ۾ رکيائين.

"چڱو تون هاڻي وڃ - مڙئي سٺائي ٿيندي."

ايڊيٽر صاحب اٿي ڪڙو ٿيو، ۽ ڪمري جي در کان ٻاهر نڪتوئي ڪين تہ پٺيان پيرمرد ٻڌندي ٻڌندي چيو:

"سائين، مان اڄ رات ٽڪندس بہ هت."

"هتي ٽڪندين!" ايڊيٽر کان ڪل نڪري ويئي، شايد پيرمرد جي سادگيءَ تي. "چڱو، پوءِ هتي ڪنڌ پاسي سان سمهي پئج."

"نہ سائين، هتي اندر تنهنجو سامان هوندو. مان هتي ٻاهر اڱڻ تي ئي اجرڪ پٿاري ليٽي پوندس". پيرمرد آفيس جي اڳيان رستي جي فٽ پاٿ ڏي آڱر آڃي ڪندي چيو.

"سائين، منهنجي پارت هجيئي! يلا ڪا اپيل پپيل ڪيان؟"

"نہ نہ، رک سائينءَ تي،"- ايڊيٽر ڪيس دلجاءِ ڏني، ۽ ٻاهر ويندي مون کي چيائين: "مان ماني کائي ٿو اچان."

ڪم تان آٿي مان بہ ماني کائڻ ويس. موٽي آيس تہ پريس جي در تي پري کان آيل، مٽيءَ ۾ پيوت ٿيل جيپ بيٺل ڏٺم. اندر گهڙيس تہ ايڊيٽر صاحب کي ڪرسيءَ ۾

ڏنم. سندس اڳيان ٽي همراهه ويٺا هئا- سونا پيڙا، سونيون منڊيون، برف جهڙيءَ ململ جا اڇا وڏا پٽڪا، بوسڪيءَ جون قميصون، ٽانگ-کُل بوٽ، ڪلهن ۾ گولين سان جنجهيل پٽن سميت پستول- سوڊا ليمن جون بوتلون کليون پيون آهن- ايڊيٽر صاحب ٻنهه پنهنجيءَ موج ۾ ويٺو آهي.

"ها، ها، سو ڳالهه ٿي ڪئي مانءُ ته اجهو اڳاهڙو جمن اچي هتي نڪتو"، ايڊيٽر ڪلندي چوڻ لڳو، "اصلي ڪو مت جو موڙهل آهي، سڪيءَ ۾ ٿي ترڪيو! چي، 'سائين اخبار ۾ خبر ڇپي آهي، تپدارن ۽ سروين اچي ورايو آهي- هاڻي ڪو بچاءُ ڪر'."

"پوءِ اوهان ڇا چيس؟" هڪ البت مونجهاري مان پڇيو.

"مون مڙئي ٽاري ڇڏيومانس."

"مهرباني-" جوان اطمينان جو ساهه کنيو، "متان خبر جي ترديد......"

"نه نه زوراور، اهڙو خيال ئي نه ڪيو"، ايڊيٽر مرڪندي چيو- "ها، سو ڳالهه ته پڌو: وري اجهو هينئر ماني کايو ٿي آيس، ته رستي تي ڏٺم- وچ رستي تي چيلهه تي هٿ رکيو بيٺو هو، پٺي چوڏاري چتائي نهاريائين. مون تي نظر ڪانه پيس. پرسان اچي ڪي ڪاليجي سنڌي ڇوڪرا لنگهيس، انهن جو ڳالهائڻ ڪن پيس ته اماڪ ڏانهن پرانگهون وڌائين. هڪڙي کي وڃي جهلي چيائين، 'ابا، پرديسي آهيان- مون کي ڪنهن مسيت جو ته ڏَس ڏجانءِ، نماز پڙهندس'- ڇوڪري اچا سانس ڳالهايو ئي پئي ته مان اڳتي نڪري ويس."

"ها، سو چيلهه تي هٿ هئس!" ٽنهي جوانن ٽهڪ ڏنو، ۽ پوءِ اٿي کڙا ٿيا.

"چڱو ڀلا، سائين هاڻ موڪلايون ٿا."

"چڱو، خدا حافظ...... چانورن جي ڳالهه مڙيئي ياد رکجو"- ايڊيٽر ويندي ويل کين چتائڻ مناسب سمجهيو.

"حاضر حاضر، بس وڃڻ سان- پيو ڪم ڪار؟"

"بس بس، مهرباني"- ايڊيٽر وڌي سائڻ هٿ ملايو، ۽ وڏيرا آفيس کان ٻاهر نڪري ويا.

اتي ايڊيٽر به ڪرسيءَ تان اٿيو. "پٽيوالا، هي ڪيهه جو ڍبو ڪٺي گاڏيءَ ۾ رک"، ائين چئي ايڊيٽر صاحب اچي منهنجي مٿان بيٺو- "رات به اوهان کان اخبار جي مٿان هو فقرو ڏيڻ وسري ويو- اڄ يادگيري ڪري ڏجو!"

"ڪهڙو؟" مون تعجب مان وراڻيو.

"'سنڌ جي اڀوجهه عوام جي ٻنهه پنهنجي اخبار'!"

"جي"، مون هوريان وراڻيو، ۽ ايڊيٽر ڏانهن نهاريو، جو وڏيون وڪون کڻندو آفيس کان ٻاهر نڪري ويو.

-ا. ب. ت

"اسين سمجهان ٿو ته هينئر ماضيءَ کي درگذر ڪري، اوهان لاءِ هر هڪ باشندي لئي- پوءِ اهو ڪهڙي به فرقي جو هجي، يا اڳي اوهان سان ڪهڙا به اختلاف هجنس، يا ڪهڙي به رنگ، نسل يا مت جو هجي- ان کي ساڳئي ملڪ جو شهري ۽ هڪ جهڙن حقن ۽ جوابدارين وارو پاڪستان جو رهاڪو ڪري شمار ڪرڻ لازمي آهي. اسين ان ڳالهه کي وڌيڪ دهرائڻ مناسب نٿو سمجهان. اسان کي اهڙي جذبي سان ڪم ڪرڻو آهي جيئن هي سڀ تفاوت، جي اقليت واري فرقي ۽ اڪثريت واري فرقي، يعني ته هندو فرقي ۽ مسلمان فرقي جا آهن (ڇاڪاڻ ته خود مسلمانن ۾ اوهان وٽ پٺاڻ، پنجابي، شيعا، سني، کوجا ۽ ميمڻ وغيره آهن، ۽ اهڙيءَ طرح هندن ۾ اوهان وٽ برهمڻ، وئش، کتري، بنگالي ۽ مدراسي وغيره آهن)- سي سڀ ختم ٿي وڃن. مون کان جيڪڏهين پڇو ته سچ پچ اها هندستان جي آزاديءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ هئي؛ ائين نه هجي ها ته ڪوبه چاليهه ڪروڙ ماڻهن جي قوم کي غلام رکي نٿو سگهي، ۽ نه ڪو اوهان کي فتح ڪري سگهي ها؛ پر ڪٿي فتح به ڪري ها- ته گهڻيءَ دير تائين قابوءَ ۾ رکي ڪين سگهي ها. تنهنڪري اسان کي هن مان سبق سکڻ گهرجي. اوهان هن پاڪستان جي حڪومت ۾ آزاد آهيو ته پنهنجي مندرن ۽ مسجدن ۾ وڃي سگهو. اوهان جي مذهب يا فرقي يا مت کي ملڪ جي ڪاروبار سان ڪوبه واسطو نه آهي. تاريخ ڏيکاري ٿي ته ڪجهه وقت اڳ انگلنڊ جون حالتون هندستان جي هن وقت جي حالتن کان گهڻيون خراب هيون؛ جيڪڏهين اوهان تاريخ پڙهندا ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته رومن ڪئٿلڪ ۽ پراٽسٽنٽ هڪ ٻئي کي تڪليف پهچائيندا هئا.

"خود هينئر به ڪي حڪومتون آهن، جتي ڪن طبقن تي بندش وڌي وڃي ٿي، يا تفاوت رکيا وڃن ٿا. خدا جو شڪر آهي ته اسان انهيءَ وقت شروعات ڪئي آهي، جڏهين هڪ فرقي ۽ ٻئي فرقي، يا هڪ جاتيءَ يا مت ۽ ٻيءَ جاتي يا مت جي ماڻهن ۾ ڪو تفاوت ناهي.

"اسان انهيءَ بنيادي اصولن سان شروعات ٿا ڪريون ته اسان سڀ هن ملڪ جا هڪ جهڙا شهري آهيون. انگلنڊ جي ماڻهن، جيئن وقت گذرندو ويو تيئن وقت جي حقيقي حالتن کي مدنظر رکي، ملڪ جي حڪومتي فرائض کي پنهنجي سرانجام ڏنو. اڄ منجهن رومن ڪئٿلڪ ۽ پراٽسٽنٽ جا اهي تفاوت ڪونه رهيا آهن. اهي سڀ گريٽ برٽن جا هڪ جهڙا شهري ۽ هڪ قوم جا فرد آهن. هاڻ اسان کي اهو مثال سامهون رکي سمجهڻ گهرجي ته هتي ٿوري وقت اندر نه هندو، هندو رهندا، ۽ نه مسلمان، مسلمان رهندا؛ مذهبي نقطي نگاهه کان نه- ڇاڪاڻ ته اهو سندن شخصي عقيدو آهي- پر سياسي نقطي نظر سان سڀ ماڻهو هڪ قوم جا فرد ٿي ويندا." - ١٢ آگسٽ ١٩٤٧ع تي، پاڪستان جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ اڳيان قائد اعظم محمد علي جناح جو افتتاحي خطبو.

٣

١. نذرالاسلام (بنگال جو باغي شاعر)	ـ احسان بدوي
٢. انسان جي تخليق	ـ ممتاز حسين سنڌيڪار: عبدالقيوم "صائب"
٣. اڳتي قدم	ـ خليل جبران سنڌيڪار: محمد يعقوب "نياز"
٤. "پارس ڪاڻ" (١)	ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
٥. مهراڻ جا موتي	ـ ادارو
٦. ادبي خط	ـ ميندري سعادتي، دين محمد لاشاري، ۽ محمد دائود بلوچ
٧. سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا	
٨. سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا	
(١) ڪراچيءَ جي سنڌي شاگردن جي يادداشت	
(٢) "سنڌي ادبي سنگت، سنڌ" جي اجتماع جي ڪارروائي	ـ "اياز" قادري
(٣) "سنڌي ادبي بورڊ"	ـ ادارو
٩. پڙهندڙن جا پيغام	
١٠. تبصرا	ـ ادارو

گيدرو گيدري کي ڏسي رنگ وٽندو آهي، انسان انسان جي صحبت مان سکندو آهي—جيئن چوڻي آهي:

چگن سان چاهه پئي، جي مَن ميڙ ڪئي،
رنگجي نه لال ٿيندو، ته به ڪڪوربو سهي!

۽

چورن سان چاهه پئي، جي مَن ميڙ ڪئي،
ڪاٽ ۾ نه پوندو، ته به ڪوٺائبو سهي!

دنيا جا ڪيترائي عظيم ۽ دانشور انسان هئا - ۽ آهن، جن جي جيڪڏهن صحبت اسان کي ميسر نٿي ٿي سگهي، ته به انهن جا حالات، خيالات ۽ تجربا مطالع ڪري سگهون ٿا، ته سندن غلطين کان پاسو ڪريون ۽ سندن خوبين جي نقش قدم تي هلون. اسان کي سدائين اهڙن عظيم انسانن جا حالات مطالع ڪرڻ گهرجن، ۽ پنهنجن هٿن سان پاڻ اهي سهيڙي، پين جي مطالعي لاءِ پڻ پيش ڪرڻ گهرجن. ڪڏهين به سکڻ کان پاسو ڪرڻ نه گهرجي، ۽ 'پينگهي کان قبر تائين' سکڻ جو شائق رهڻ گهرجي. هر انسان اسان کي ڪونه ڪو سبق سيکاري ٿو: ان ڪري هر ملڪ جي انسان کان ڏاهپ حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه هٻڪ نه ڪرڻ گهرجي—۽ 'ان کي، پنهنجي وڃايل ميراث سمجهي، جتان ملي، اتان هٿ ڪرڻ گهرجي'.

احسان بدوي

قاضي نذر الاسلام

(بنگال جو باغي شاعر)

ڊاڪٽر اختر حسين رائپوريءَ "پيام شباب" (۱) جي شروعاتي صفحن ۾ بنگال کي انليءَ سان تشبيھ ڏيندي لکيو آھي تہ آب و ھوا ھنن ٻنھي قومن ۾ رومان ۽ نغمي لاءِ محبت پيدا ڪري ڇڏي آھي. سچ بہ ھيئن آھي تہ جيڪڏھن ٻنھي قومن کي پنھنجي پنھنجي حالت تي ڇڏيو وڃي، تہ ھو بلڪل امن پسند آھن ـ ۽ اھڙين سڀني چيزن جون شوقين، جيڪي برسات ۽ گرميءَ ۾ طبيعت کي وڻنديون آھن. ھنن جي زبان شيرين ۽ قدري نسوانيت ڀريل آھي. ھنن جو ادبي ذوق حقيقت جي طرف نہ، بلڪ رومان جي طرف گھڻو لاڙو رکي ٿو ـ ۽ ھيءَ حقيقت آھي تہ انليءَ جيترا درويش ۽ بنگال جيترا ساڌو ۽ سوامي پيدا ڪيا آھن، اوترا شايد ئي ڪنھن ملڪ پيدا ڪيا ھجن. علم ۽ ادب، شعر ۽ نغمي ۽ سياسي جدوجھد جي لحاظ کان بہ بنگال ھندستان جي ٻين صوبن کان اڳتي رھيو آھي. اڻويھين صديءَ کان وٺي اڄ تائين، بنگال ادبي ميدان ۾ وڏا وڏا شاعر، ناول نگار، افسانہ نويس ۽ ڊرامہ نگار پيدا ڪيا آھن.

بنگالي ادب جي موجوده دور کي "ٽيگور جو دور" چيو وڃي ٿو. "ٽيگور" جي شخصيت ھونئن تہ بنگالي ادب جي ھر شاخ تي ڇانيل آھي؛ مگر اسين ھت فقط سندس شاعريءَ جو ذڪر ٿا ڪريون: ٽيگور جو ھي ڪمال آھي جو ھن بنگال جي روح کي ڳولي لڌو. بنگالي زبان جي ميٺاج کي ھن زيادہ مٺو بنايو، ۽ آتان جي آبھوا کي ھن پنھنجي نظمن ۾ سمايو. بنگالي شعر جي صنفن ۾ بہ ھن انقلاب آندو. بنگالي شاعريءَ کي ھن خيالات جي بلندي ۽ شعلہ فشاني ڏئي وڏو مرتبو بخشيو آھي: مگر جيستائين غلاميءَ کان نفرت، سرمائيداريءَ کان بغاوت ۽ اقتصادي ڪشمڪش کان نجات جو تعلق آھي، ٽيگور ڪا بہ اڳواٽي ڪانہ ڪئي آھي. اِنَ ۾ ڪو شڪ نہ آھي تہ ٽيگور غير ملڪي حڪومت جو دشمن آھي؛ پر ان سان گڏ ھيءَ بہ قبول ڪرڻو پوي ٿو تہ ھو ھندستان جي طبقاتي ڪشمڪش کان نھايت ئي دور ھو ـ ۽ اھوئي سبب آھي، جو ھن بنگال جي ھڪ ننڍي ڳوٺ ۾ پنھنجي تخيّل کي "شانتي نڪيتن"

---

(۱) ھن مضمون کي لکندي منھنجي اڳيان "پيام شباب" ۽ "شاھراہ" دھلي رھيا آھن.

جي روپ ۾ حقيقت بخشي، ۽ پوءِ هو رقص و سرود، نغمه و چنگ ۽ آسماني تصوّرات ۾ گم ٿي ويو: هن زندگيءَ جي عڪاسي نه ڪئي، مگر اها ڪنهن حد تائين عينياتي ۽ تصوراتي هئي.

ٽيگور جنهن امن ۽ عافيت جو تصور قائم ڪيو هو، ان ۾ ڪڏهن ڪڏهن دهشت پسندن جا ٻرگولا به گونجيا ٿي؛ ۽ ائين معلوم ٿي ٿيو ته هي حسن ۽ نيڪيءَ جو خواب، جو "ڪاليداس" جي زماني کان شروع ٿيو آهي، سو جلد ئي ختم ٿيڻ وارو آهي. عدم-تعاون جي تحريڪ اسان جي سياسي تاريخ جو هڪ اهم واقعو آهي. هن تحريڪ جي اهميت هن ڪري به وڌي وڃي ٿي، جو هن ۾ هارين به حصو ورتو هو. ان وقت ائين معلوم ٿي رهيو هو ته آهو آتش فشان جبل، جو مدت کان سرد هو، سو هينئر اندرينءَ باه کان گرم ٿي رهيو آهي، ۽ سندس غلاميءَ جون زنجيرون اجهوڪي اجهو رجي پاڻي ٿي ختم ٿي وڃڻ واريون آهن. بنگالي عوام، جو قومي تحريڪن جي پيداوار هو، هن هيجان جو خاموش تماشائي نه هو. حقيقت ۾ هندستان ۾ بنگالين کان وڌيڪ پيو ڪوبه وطن پرست نه آهي؛ پر هنن جو جوش ان نديءَ جيان آهي، جنهن جي جواني "ساونڻيءَ جي موسم" جي دم تائين آهي-جڏهن هوءَ امنگ ۾ ايندي آهي ته پنهنجي اڳيان سمورن بندن کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي. هن هنگامه خيز دور ۾ اتي جيتريون به سياسي تحريرون قلمبند ڪيون ويون، تن جو شمار نه آهي. بنگال ۾ هيءَ سياسي جوش ته آيو ويو، پر جيڪا چيز باقي رهجي وئي، آهو 'نئون دور' هو، جو بنگال جي آرٽ ۽ ادب ۾ شروع ٿيو ۽ اڄ تائين هليو اچي ٿو. ڪهڙي نه عجيب ڳالهه آهي، جو زمانو وڏن وڏن انقلابن ۽ هنگامن جي ياد صرف انهن چند سٽن ۽ ٿورن جملن ۾ ڇڏي ٿو، جي ڪنهن ملڪ جي تعمير جي طرز ۽ بيان جي نموني ۾ رهجي وڃن ٿا!

هن نئين دور جي بانيءَ ۽ علمبردار جو نالو "قاضي نذرالاسلام" آهي. نذرالاسلام پنهنجا باغيانه خيالات ۽ نوان مضمون پيدا ڪيا، ۽ پراڻن مضمونن کي اهڙيءَ طرح نظرانداز ڪيو، جو "ٽيگور اسڪول" جا حامي حيران رهجي ويا. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ٽيگور جا شائق ۽ ان جي شاعريءَ تي جهومڻ وارا بيشمار هئا؛ پر انهن ۾ گهڻو تعداد وري انهن جو هو، جي هن پراڻي ۽ بيڪار سماج کي زنده رکڻ لاءِ آتا هئا: هو رات ڏينهن گل و ريحان، نغمه و سرود ۽ چنگ و رباب جي سرمستين ۾ غرق هئا، جن جي اڳيان انقلاب ۽ بغاوت جي معنيٰ صرف لفظن تائين هئي؛ جي زمين کان پري ٿي چنڊ، سج، قوس و قزح، بادلن ۽ ستارن جا خواب ڏسندا هئا - ۽ ٻيءَ صف ۾، بنگال جا آهي نوجوان هئا، جي نذرالاسلام جي انقلابي ترانن کي پڙهي، دولت ۽ سرمائيداريءَ، ظلم ۽ ستم جي خلاف مورچي بندي ڪري رهيا هئا.

"آهه، ٻڌو!
جڏهن مون پهريون دفعو دنيا ۾ اکيون کوليون،
ڀيانڪ طوفان منهنجي مرحبا ڪئي،
گهر جي ڇت طوفان جو لقمو ٿي وئي،
۽ دروازا طوفان جو تاب نه جهلي، ڇڙ ڇڙ ٿي ويا!"

نذرالاسلام مغربي بنگال جي ضلعي "بردوان" جي هڪ ڳوٺ "چوريليا" ۾ ١٨٩٧ع ۾ پيدا ٿيو. هن جو خاندان پنهنجي غربت کان مشهور هو. اِها ڳالهه ته سڀڪو چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته بنگال جي هارين جي اقتصادي حالت نهايت ئي زبون آهي. اِهوئي حال نذرالاسلام ۽ ان جي خاندان جو هو. سندس ڄمڻ کان ٿورا سال پوءِ سندس پيءُ ماءُ گذاري ويا، ۽ سندس پرورش هن جي چاچيءَ ڪئي. هوءَ نذرالاسلام کي نهايت ئي پيارو ڪهرندي هئي، ۽ اهوئي سبب آهي جو ڪيس تعليم ڏيڻ جي خيال کان هن ٿورا پئسا بہ گڏ ڪري رکيا هئا. نذرالاسلام کي ڀرپاسين سندس ڳوٺ ۾ هڪ مولويءَ وٽ پارسي زبان سکڻ لاءِ ويهاريو ويو، مگر هن جي ڇڙواڳ طبيعت ڪتابن تي ڄمي نہ سگهي- تہ بہ هن پارسي، عربي، بنگالي ۽ ڪجهه انگريزي تعليم حاصل ڪري ورتي.

پهرين عالمگير لڙائيءَ جو زمانو هو. بيشمار هندستاني بک ۽ بيروزگاريءَ جي وڏندڙ تڪليفن کان گهبرائجي، فوج ۾ ڀرتي ٿي رهيا ها. نذرالاسلام هي سڀڪجهه ڏسي رهيو هو. هن جو پيٽ خالي هو- مٺ مائٽ، بک ۽ غريبيءَ جي زد ۾ هئا. بنگال جا ڪروڙين، اناج پيدا ڪرڻ جي باوجود، فاقا ڪيئي رهيا هئا. نذرالاسلام هي سڀڪجهه ڏٺو ۽ پاڻ کي خطري ۾ وڌو: پر اِها حقيقت آهي تہ هن جي فطرت کي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان پوءِ ئي جوهر ڏيکارڻ جو موقعو مليو. هن "ڪراچي ڪئمپ" مان پنهنجي ذهني ڪيفيت هڪ خط جي ذريعي هيئن بيان ڪئي آهي:

"هينئر اسان کي تياريءَ جو حڪم مليو آهي، ۽ جلد ئي عربي سمنڊ پار ڪرڻ کان پوءِ 'ميسوپٽيما جي باهہ' ۾ ٽپي پونداسين. مون باهہ جي خواهش ڪئي هئي- صرف باهہ جي: مون خواهش ڪئي هئي تہ هوا ۾، آسمان ۾ ۽ هيڏانهن هوڏانهن چئني طرفن کان باهہ جون ڇپيون اُٿن ۽ مان انهن ڇپين جي وچ ۾ ويٺو هجان! هڪڙي خواهش بي بہ هئي- رت پيئڻ جي! دل چاهي ٿي تہ سڄي دنيا جي انسانن جي رڳن جو خون چوسي پنهنجي پياس کي مٽايان- پر ڇا پياس مٽجي سگهي ٿي؟ سوچيان ٿو تہ مون کي آخر انسانن سان ايتري دشمني ڇو آهي؟ مگر مان ان جو جواب ڏيئي نٿو سگهان: ڪنهن کي خبر تہ فطرت ۽ طبيعت جي اندر جفاڪاري ۽ ستمگريءَ جي خواهش ڇو ٿي جاڳي! مان بنسريءَ جي سُريلي تان ڇيڙي، هرڻيءَ کي پنهنجي ويجهو آڻيان ٿو...... ۽ وري ان جي سيني ۾ خنجر ٿو ٽنبيان! - ۽ اِن ۾ ئي منهنجي خواهش جي پورائي آهي!"

خط جي هن ٽڪر مان هيءَ ڳالهہ ظاهر آهي تہ نذرالاسلام جي فطرت ۾ جوش ۽ همت ۽ شجاعت جو هڪ سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو آهي ۽ اُن جي هر موج ۾ بي پناهہ جولانيون آهن.

رات ڇانئجي چڪي هئي- هڪ ڀيانڪ رات! هر طرف خاموشي ۽ انڌيرو! ڪڏهن ڪڏهن فضا ۾ هوائي جهاز جي گوڙگوڙاهٽ کان هلچل مچي ٿي وئي. ڪاهين ۾ سپاهي

ڇي ننڊ ڪري رهيا هئا. پر نذرالاسلام جاڳي رهيو هو. ان وقت هو پنهنجي اندر عجيب بيقراري ۽ بي چيني محسوس ڪري رهيو هو ۽ هن جي دماغ ۾ سڄي دنيا جي هولناڪ جنگ جو گهرو نقشو هو ۽ ان نقشي لفظن جو لباس ٿي پهرڻ گهريو. پر هو لکي، ته لکي ڇا؟ هرطرف اونده هئي - روشنيءَ جو هڪ ذرو به نه هو؛ ته به هن پنهنجي بيقرار جذبات کي لفظن جو جامو پهرايو ۽ صبح جو انهن جملن کي ڏسي هن جي حيرت ۽ تعجب جي حد نه رهي! هن بنا ارادي هڪ نظم لکي ڇڏيو. هيءَ هن جو پهريون مطبوعه نظم "شط العرب" آهي.

جنگ جا هولناڪ شعلا ڏمي چڪا هئا ۽ هرطرف صلح جو پيغام گونجي رهيو هو. هوائي جهازن جي گوڙگهاٽ ۽ توبن جو شور گهٽجي چڪو هو. رهيل سپاهي پنهنجي پنهنجي ديس ڏانهن واپس وڃي رهيا هئا. مايوس ۽ نااميد! هلندي هلندي هنن سوچيو ٿي ته جنگ ۾ شامل ٿيڻ سان کين ڇا مليو؟ انهن جي تمنائن جي مکڙي نه ٽڙي هئي سا نه ٽڙي، ۽ انهن جي خواهشن تي اڳي جيان اونداهي ڇانيل هئي. نذرالاسلام به هڪ حوالدار بڻجي آيو. پر جڏهن هو هندستان پهتو ته ان وقت خلافت جي تحريڪ ۽ عدم تعاون جي چنگاري هيڏانهن هوڏانهن ڦهلجي چڪي هئي. انگريزي شهنشاهيت کان عوام بيزار ٿي ڏسڻ ۾ آيو. هي سڀ ڪجهه ڏسي، هو نهايت ئي خوش ٿيو. ڇو ته جا باه هو پنهنجي سيني ۾ دٻائي کڻي آيو هو، ۽ جنهن جا شعلا هن جي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪا هئا، سي هو ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين چڱيءَ طرح ڏسي رهيو هو.

هندستان جي هن بي چينيءَ ۽ بي قراريءَ کي ڏسي، هن "باغيءَ" جهڙو لازوال نظم لکيو. هن جو اهو نظم جنهن کيس "باغي شاعر" [درو هي ڪوي] جو لقب ڏنو. ڊاڪٽر اختر حسين رائپوريءَ هن نظم لاءِ لکيو آهي:

"'باغي' اسان جي ادب ۾ پنهنجي قسم جي هڪ نرالي چيز آهي. وڪٽر هيوگو [طوفان]، سوئين [هرتا] ۽ لارڊ بائرن [تخريب] جهڙن باڪمال شاعرن هن موضوع تي طبع آزمائي ڪئي آهي؛ پر "باغي" جي رفعت ۽ عظمت هنن کان بلند آهي. هن ۾ بلا جو زور آهي ۽ جا خوبي هن جي ذرن ۾ موجود آهي، تنهن شاعر کي هڪ باه جو مجسم بڻائي ڇڏيو آهي. بغاوت جو اهڙو رنگ مشڪل سان ڪٿ پيو ملي سگهي ٿو..."

"چئي ڏي، اي جوان مرد! چئي ڏي ته 'مان سربلند آهيان!
'ايترو سربلند، جو هماليه جي چوٽي به منهنجي اڳيان جهڪيل آهي؛
'مان سرڪش، سنگدل ۽ آتش زبان آهيان؛
'مان قيامت جو دوست، طوفان آهيان، تباهي آهيان، دهشت آهيان؛
'مان دنيا جي لاءِ سراپا هلاڪت آهيان' :
چئي ڏي، اي جوان مرد! چئي ڏي ته 'مان سربلند آهيان!
'مان باغي آهيان ۽ وطن جو سرڪش اولاد؛

'منهنجي راهه ۾ جيڪا چيز اچي ٿي، تنهن کي مان چور چور ڪري ڇڏيان ٿو؛
'پنهنجي خوديءَ کان سواءِ مان ٻئي ڪنهن جي به زير احسان ڪين آهيان؛
'مان اسرافيل جي صور جو پڙاڏو آهيان؛
'قيامت جي ديوتا جو جهنڊو ۽ جبرئيل جي لٺ آهيان؛
'جڏهن بگڙجي اٿان ٿو، ته آسمان به مون کان لرزش کائي ٿو؛
'۽ جهنم به مون کان ڪنبي ٿو؛
'مان شهاب ثاقب، مريخ ۽ دمدار ستارو آهيان؛
'زهريلي نانگ جي ڦڻ آهيان؛
'مان آن ڏينهن مطمئن ٿيندس، جڏهن مظلوم جي آه آسمان ۾ نه گونجندي؛
'جڏهن جنگ جي ميدان ۾ تلوارن ۽ خنجرن جا خوفناڪ ترانا ٻڌڻ ۾ نه ايندا'!"

"دروهي" [باغي] جي اشاعت، بنگال جي ادبي حلقن ۾ هلچل مچائي ڏني. اخبارن ۾ مهينا هن نظم جو چرچو ٿيندو رهيو. قدامت پسندن سخت واويلا مچائي ڏني. حقيقت ۾ هن جا لوان بحر ۽ نوان مضمون هڪ نئين دور جو اعلان ڪري رهيا هئا. ٽيگور اسڪول جي حامين کي ياد نه آهي ته ڪنهن بنڪم چٽرجي ۽ ڊي.ايل راءِ جي روايتن کي ٽوڙي پنهنجي لاءِ ڪڏهن ڪو نئون رستو ٺاهيو هو. بنگالي ادب کي نذرالاسلام هيءَ هڪ بي بها سوکڙي ڏني هئي. ۾ سڀ کان زياده اهم آهو پيغام هو، جو هن پنهنجي قوم لاءِ آندو هو. هي آنهن جانبازن جو پيغام هو، جي انسانيت کي نجات ڏيارڻ لاءِ ديس پرديس ۾ سوريءَ تي چڙهي رهيا هئا ۽ موت جي کوٺڙين ۾ بند هئا. ۾ آها طرز، جنهن جي وسيلي هن پنهنجي پيغام کي پيش ڪيو، ساڳهت اهم نه هئي. شاعريءَ يا ادب جي هر شعبي ۾ طرز ۽ اسلوب کي سڀ کان زيادة مرتبو حاصل آهي، ۽ سٺي ۾ سٺو مضمون به اسلوب جي نقص ڪري بي اثر ۽ بي جان رهجي وڃي ٿو. نذرالاسلام هن راز کي سمجهيو، ۽ پنهنجي جذبات جي اظهار لاءِ هن جيڪو لباس چونڊيو، تنهنجي چمڪ ڏمڪ نرالي هئي.

هن قسم جي نظمن جي اشاعت جو هي لازمي نتيجو هو جو اسان جي شاعر کان حوالداريءَ جي وردي کسي وئي ۽ هن جي مختصر پينشن به بند ڪئي وئي. نه صرف ايترو، بلڪ حڪومت هن جي نظمن جا مجموعا به ضبط ڪرڻ شروع ڪيا ۽ هن کي به دفعا جيل ۾ موڪليو.

هڪ دفعي نذرالاسلام پنهنجي ٿورن دوستن سان ڪجهه وقت جي لاءِ ڪوميلا ويو. موٽڻ بعد هن ڪلڪتي مان بنگالي زبان ۾ هڪ هفتيوار اخبار "ڌوم ڪيتو" جي نالي جاري ڪئي. هن اخبار جي جاري ٿيڻ سان بنگالي ادب ۾ انقلاب جي لهر ڊوڙي وئي. انقلابي نوجوانن هن جي رهنمائيءَ هيٺ اشتراڪيت جو جهنڊو بلند ڪيو، ۽ سرمايداريءَ جي خلاف تحريڪ جي ابتدا ڪئي. نتيجو هيءَ نڪتو، جو هن جي مشهور نظم "آگمني" [آمد] جي

اشاعت کان پوءِ جلد ئي حڪومت هن جي ناليءِ گرفتاريءَ جو وارنٽ جاري ڪيو. پر، هو پوليس کان پاڻ بچائي، حال في الحال روپوش ٿي ويو. ڪيترن ڏينهن جي پريشانيءَ کان پوءِ پوليس کيس ڪوميلا ۾ گرفتار ڪيو.

جيل جون لوهي سيخون مرده دلين جي همت کي پست ڪري ڇڏينديون آهن، پر ارادي جي قوت، پختہ دل ۽ دماغ وارا هتان ئي مٽي چڙهندا آهن. بغاوت ۽ سرڪشيءَ جي چڻنگ جا اندرئي اندر دڪيل هئي، سا هت شعلو ٿي پئي. نذرالاسلام جي رڳن ۾ عوام جي محبت ڪم ڪري رهي هئي، پوءِ ڀلا کيس جيل جي انڌيري ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيئن ٿو آرام ملي! حڪومت مٿس تشدد پسنديءَ جو الزام لڳايو، ۽ کيس جيل ۾ اِن لاءِ بند ڪيو، جيئن سندس شورش پسندي وڌي نہ وڃي. پر ڇڏهن سمنڊ جون موجون طوفان بڻجي پونديون آهن، تڏهن انهن جي اڳيان ڪابہ چيز سلامت نہ رهي سگهندي آهي. اهائي حالت نذرالاسلام جي هئي. موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ بہ هن جو شعور بيدار رهيو، جذبات ۾ آمنگ پيدا ٿيندا رهيا ۽ خيالن ۾ تيزي وڌندي رهي.

پر هو پنهنجي باغي خيالن کي ڪٿ ڪيئن ڪري؟ ڪاغذ ۽ قلم هٿ ڪيئن ٿي ملي سگهيو! هو پريشان ٿي اٿيو ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ سيخن پٺيان گهمڻ لڳو. يڪايڪ هن جي نگاه آڱرين جي ننهن تي پئي؛ سوچڻ لڳو- ”هنن آڱرين کان خنجر ۽ چاقوءَ جو ڪم وٺي ٿو سگهجي. هنن ننهن کي پنهنجي رڳن ۾ پيوستہ ڪري خون ڪڍي ٿو سگهجي ۽ اهي ئي ننهن ديوار تي خيالات جمع ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿا سگهن. سان اِنهن ئي ننهن سان ديوار تي لکندس“- ۽ نذرالاسلام موت جي ڪوٺڙيءَ جي ديوار کي پنهنجي دماغ ۾ جمع ٿيل خيالات سان سرخ بڻائي ڇڏيو. ديوار تي سفيديءَ جي بدران سرخي ئي سرخي نظر اچڻ لڳي. هن جي دل جي گهراين ۾ انگريز ۽ اُن جي سامراجيت خلاف شديد نفرت جو احساس جاڳي اٿيو هو. هُنَ نٿي چاهيو تہ هندستان جو غريب طبقو اِنَ سامراجيت جي شڪنجي ۾ پيڙبو رهي. هن هر پيٽ کي ڀريل ۽ هر دل کي آسودو ڏسڻ ٿي گهريو. جيئن تہ نذرالاسلام خود هڪ هاريءَ جو پٽ هو ۽ هن هارين جي تڪليفن ۽ مصيبتن جي ڀيانڪ تصوير ڏٺي هئي، ان ڪري هو هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ هي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، تہ ڪو چانديءَ ۽ سون جا ديوانا پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ کي جاري رکندا رهن. افلاس جي گود ۾ هن اکيون کوليون ۽ افلاس جي ڇانوَ ۾ هو وڌيو ۽ مٿي چڙهيو:

”اي افلاس، توئي مون کي هيءَ عظمت بخشي آهي!

عيسيٰ جي مٿي تي ڪنڊن جو تاج ڪهڙو نہ سهڻو ٿو لڳي؛

مرحبا، جو تو مون کي بہ اِنَ زينت سان سرفراز ڪيو، ۽ اها جوانمردي عطا ڪئي؛

منهنجي اکين کي آتش فگن ۽ زبان کي تندخو بڻايو؛

۽ هيءَ تنهنجي ئي تربيت آهي، جو منهنجو نغمو اُبيءَ تلوار کان بہ تيز آهي!“

نذرالاسلام ئي آهو پهريون شاعر آهي، جنهن صدين جي پراڻين ۽ بي جان چيزن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن بار بار پنهنجي نظمن ۾ اسان کي هي سبق ڏنو آهي ته زندگيءَ جو پيڙو هميشه اڳتي وڌندو ٿو رهي. هو مزدور ۽ هاريءَ جو همدم ۽ همنوا آهي. هن تهذيب جي انهن کنڊرن کي ٽوڙي ڇڏيو، جي ڊيڄاريندڙ لاشن وانگر انسان کي اڄ گهوري رهيا آهن. هو زندگيءَ جو گيت ڳائي ٿو- هو مزدور ۽ هاريءَ جو گيت ڳائي ٿو، جن جي ڪيتن مان نئون سورج اڀرڻ وارو آهي:

«اها گهڙي اچي وئي آهي!
جنهن هٿوڙن سان پهاڙن کي ڪاٽيو ٿي،
۽ جنهن جي پنهي طرفن کان هن جا هڏا پڪڙيل آهن،
آهوئي، صرف آهوئي مزدور مڪمل انسان آهي-
۽ مان اُن جا گيت ڳايان ٿو.
هن جي دڪايل دل هڪ نئين زندگيءَ جي تعمير ڪندي.
هيءَ اميد نه رک ته ڪو هي خاڪ نشين صرف اِن ڪري تنهنجي عزت ڪندا-
جاڪاڻ ته تون بالا نشين آهين.
جي ماڻهو محبت وچان زمين کي پنهنجو بستر بڻائين ٿا،
انهن کي اها زمين بخشي ڇڏ؛
مان اُنهن قدمن کي چمان ٿو، جنهن ۾ هيءَ خاڪ پاڪ لڳل آهي؛
اڄ مظلومن ۽ بيڪسن جي خون ۾ رڱجي، زمين جي پيٽ مان آفتاب ٿو اڀري؛
هينئر اِنهن سيني پنڌن ۽ بندشن کي ٽوڙي اڇلائي ڇڏ-
اڄ آسمان کي گهرجي ته هو اسان جي گهر تي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري؛
اسان جي مٽي تي چنڊ ۽ ستارا گل ٿي ڪرن، جو ته اسان هڪ نئين جهان جو ٻج پوکيو آهي.
ساريءَ دنيا پڌو آهي ته اسان سڀ هڪ ئي قافلي جا مسافر آهيون،
جيڪڏهن هڪ کي تڪليف پهچندي ته سڀ ان جي درد کي محسوس ڪن ٿا،
هڪ جي بيعزتي انسانيت جي بيعزتي آهي:
نئين دنيا، نون خواهشن ۽ نون ارادن سان زندگيءَ جي راهه تي گامزن آهي،
جنهن کي ڏسي خدا مشڪي ٿو ۽ شيطان خوف کان لرزش ۾ آهي.»

١٩٢٦ع جو سال نذرالاسلام لاءِ بلڪل منحوس ثابت ٿيو. ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان وٺي ٻيءَ ڪنڊ تائين فرقيوار فساد جي باهه ڀڙڪو کائي اٿي هئي ۽ بغض ۽ نفرت جا شعلا تيزيءَ سان بلند ٿيندا ٿي ويا. هنن شعلن جي ڇيءَ ۾ ايترو ته تاءُ هو، جو نذرالاسلام به ان کان بچي نه سگهيو. هن جي خلاف هر طرف کان حملا شروع ٿي ويا- هندو هن جي

خون جا پياسي ٿي پيا، ڇو تہ آنهن ڏينهن ۾ هن هڪ هندو ڇوڪريءَ "پرميلا سين" سان شادي ڪئي هئي. حڪومت جو قهر پنهنجيءَ جڳهہ تي قائم هو. مسلمان بہ هن کان بگڙجي چڪا هئا. نذرالاسلام پنهنجي هڪ نظم 'آتم ڪهاڻيءَ' ۾ هن ڪيفيت کي هيئن پيش ڪيو آهي:

"مان موجوده زماني جو شاعر آهيان: مستقبل جو پيغمبر نہ آهيان.
مون کي شاعر چئو يا پيو ڪجهہ؛ بهرحال مان سهندو رهان ٿو.
ڪو چوي ٿو تہ جيل جي هوا کائي برباد ٿي چڪو آهيان؛
ڪو ٿو چوي تہ جيل جي اندرئي بهتر هوس:
مولوي منهنجي چهري تي ڏاڙهي نہ ڏسي، مايوسيءَ وچان پنهنجي ڏاڙهي کنهي ٿو:
هندو چون ٿا تہ مون هندو ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي، ان ڪري فرقي پرست آهيان:
عدم تشدد جو اوتار خفي آهي تہ مان بغاوت جا گيت ڳايان ٿو.
مرد سمجهن ٿا تہ مان عورت پرست آهيان؛
۽ عورتون مون کي نسوانيت جو دشمن سمجهن ٿيون.
دوستو! مون کي اِن جي پرواهہ نہ آهي، تہ ڪو مستقبل مون کي ياد ڪندو يا نہ:
منهنجي تمنا صرف هيءَ آهي تہ ٿيٿهن ڪروڙ خدا جي خلق کي بک ۾ تڙپائڻ وارن لاءِ،
منهنجي هيءَ خونچڪان تحرير موت جو پيغام ثابت ٿئي!"

نذرالاسلام جي باغيانہ شاعريءَ جي سڀ کان زياده خصوصيت هيءَ آهي، تہ هن جي اندر بلا جو جوش ۽ غضب جو طوفان آهي. هو رستي ۾ حائل ٿيندڙ هر چيز کي ٿوڙي اڳتي وڌي ٿو ۽ ٻين کي بہ اهوئي پيغام ٿو ڏئي. هو انقلاب جو نقيب ۽ غلاميءَ جو دشمن آهي، هو پنهنجي هڪ نظم "اڳيان ويندڙ وانهڙو" ۾ نوجوانن کي هيئن ٿو خطاب ڪري:

"اڳيان ويندڙ وانهڙو، اڳتي وڌو!
نوجوانو هشيار ڪٿي وئو!
ڪٿي آهي هٿوڙو ۽ ڏانو؟
اڳيان ويندڙ وانهڙو، اڳتي وڌو!
سانيو ڪوچ جو وقت اچي ويو آهي، دير نہ ڪيو:
اسان پرندڙ ڏئي جي تيز لاٽ آهيون، اسان بهادر آهيون:
اسان نئين بهار جا ٻج ٿا پوکيون:
اڳيان ويندڙ وانهڙو، اڳتي وڌو!
آئرلنڊ، عرب، مصر، ڪوريا، چين،
ناروي، اسپين، روس،
هر جڳهہ اسان جي خون جا قطرا موجود آهن؛

۽ اسان سڀ ساٿي هڪ ئي دک جا شڪار آهيون:
اڳيان وينڊ ۽ وانهڙو، اڳتي وڌو!
اسان مٺي ننڊ ۽ ڏورين گهڙين جي خوشي نٿا چاهيون:
اسان نٿا چاهيون ته ڪو ڏورين گهڙين جي لاءِ
راحت ۽ سڪون، مخمل ۽ قالين — امن ۽ سستي شهرت حاصل ڪيون.
هيءَ سڀ سڙيل دولت آهي!
اڳيان وينڊ ۽ وانهڙو، اڳتي وڌو!
مان ڇا ٻڌي رهيو آهيان!
نئي صبح جو راحت ڀريو گيت:
ساٿيو، توهان به ٻڌو!
هينئر تيار ٿي وڃو — وڌو —
اڳتي — اڄا اڳتي!"
پنهنجي حق تي قبضو ڄمايو!
اڳيان وينڊ ۽ وانهڙو، اڳتي وڌو!"

نذرالاسلام هندستان جي شاعرن ۾ اهو پهريون شاعر آهي، جنهن جيئريءَ جاڳنديءَ زندگيءَ جا گيت ڳايا — زندگيءَ جا آهي گيت جي اڳتي وڌي هلن ٿا. هن اسان جي پراڻين روايتن سان بغاوت ڪئي آهي. زندگيءَ جي واديءَ ۾ گهمي ڦري هن هي صاف ڏٺو آهي ته دنيا ٻن طبقن ۾ ورهايل آهي. هڪ طرف انسانن جي اڪثريت جهالت ۽ افلاس ۾ گهيرجي رهي آهي، ۽ ٻئي طرف آنهن جي محنت جو ميوو ڏورا مطلب پرست انسان هڙپ ڪري رهيا آهن. انڪري هن ڪڏهن به هندستان جي ٻين شاعرن جيان تصوف جو آڌار نه ورتو آهي، ۽ نه وري هن زندگيءَ جي بي ثباتيءَ ۽ انسان جي مجبوريءَ تي ماتم ڪيو آهي: بلڪ هن ذهني غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي، اهڙن خيالن کي جنم ڏنو آهي، جنهن مان بيداري ۽ سجاڳي پيدا ٿئي ٿي.

"هينئر المناڪيون ختم ويون آهن، ۽ شعلا بلند ٿيڻ لڳا آهن؛
دانهون ڇاتي ڦاڙي ٻاهر نڪري رهيون آهن؛
سمنڊ پلٽجي پيو آهي؛ آسمان ۾ لرزش اچي وئي آهي؛ ۽ هوا ۾ بجلي پوشيده آهي؛
ڌرتي ڌڪي رهي آهي؛ ۽ ديوتائن ڀالون سنڀاليون آهن:
ڏسو، شهابِ ثاقب ڪائنات کي ابتو ڪري رهيو آهي!
اڄ مان ڪيترو نه خوش آهيان، ۽ خوشيءَ وچان منهنجي چمن جون مکڙيون به ٽڙي پيون آهن.
اڄ ريگستان جا خشڪ چپ مشڪي رهيا آهن؛

پهاڙن، جهنگلن ۾ لرزش اچي رهي آهي؛
هيبت ناڪ طوفان اچي ويو آهي؛ سمنڊ جا بند ٽٽي پيا آهن؛
بيقرار دل پاڳلن جيان ڌوڙندي رهي ٿي:
ڏسو اڄ سموري ڪائنات ۾ خوشين جا نغما ڇڙي پيا آهن!"

هڪ ٻي نظم ۾ هن جي شعلي باري ڏسو:

"جوان مرد، تيز قدمن سان جنگ جي ميدان ۾ وڃي رهيا آهن-
هٿن ۾ خوني تلوارون اٿن:
بگل وڄڻ جو آواز قيامت برپا ڪري ٿو ڇڏي-
موت جو پوت پڄي ويو، ڏک ۽ تڪليفون منجهي چڪيون آهن؛
هزارين سج جا شعاع ذرڙيءَ تي ڦهلجي چڪا آهن!
هو قدم قدم روان دوان آهن-
ڪڏهن ريگستانن جي تتل ميدانن ۾، ڪڏهن همت شڪن پربتن تي-
هنن کي ڪنهن جي به پرواه نه آهي!
پنهنجي بدناميءَ جي داغ کي خون جي سرخ قطرن سان صاف ڪري رهيا آهن:
هن عجيب و غريب قربانيءَ کي ڏسي مندر جو گهڙيال ڏڪي رهيو آهي؛
۽ قديم زماني جا ظالم ۽ سفاڪ "سورما" آسمان مان لڪي لڪي ڏسن ٿا؛
ڏسو، گوڙ ڪندڙ بادلن ۾ بربادي جو جهنڊو ڦڙ ڦڙ ڪري رهيو آهي،
۽ آزاديءَ جي طبل جي شور کان آسمان جي ڇاتي ڏڙڪي رهي آهي!"

نذرالاسلام جو هيرو اهو آهي، جو هن ڏاڍاين ڀريل نظام کي بدلائڻ لاءِ اڙي ٿو- 'باغي' هن ٿي مجاهد جو ترانو آهي ۽ ايترو عظيم جو اِنَ کي پڙهي اسان حيرت ۾ رهجيو وڃون ٿا ۽ دير تائين اِئين ٿا محسوس ڪيون، ڄڻ ته هرطرف تاريڪيئي تاريڪي آهي ۽ وچهو ان تاريڪيءَ کي ڏوڙڻ لاءِ ڪرڻ ۾ ڪا بجلي تڙپي رهي آهي. درحقيقت نذرالاسلام ٿي اهو شاعر آهي، جنهن جي شاعري سنبل ۽ ريحان، تصوف ۽ تصور جي موضوعات کان دور انقلاب، بغاوت ۽ مساوات جي گود ۾ پلجي وڏي ٿي آهي. هن زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ڏٺو آهي ۽ فراريت کان دور رهيو آهي. هو جبر ۽ تشدد جي باه ۾ جلڻ جي باوجود مشڪندو آئي ٿو، ۽ بزدلن کي پيغام ٿو ڏئي:

"هيءَ زندگي ڪڏهن به فنا نه ٿيندي: هن کي بقا حاصل آهي-
جي زنده انسانن جيان رهو اٿو ته پنهنجي مٿان طوفان جي سايي کي رهڻ ڏيو؛
۽ پنهنجي پيرن مٿان موت جي دريا کي وهڻ ڏيو؛
زندگيءَ جو پيالو جوانيءَ جي شراب سان ڀري پيو؛
مست ٿي وڃو، جو ته طوفان سان همرڪابي ڪرڻي آهي!"

ممتاز حسين
سنڌيڪار: عبدالقيوم "صائب"

انسان جي تخليق

جيڪڏهن اوهان کان پڇيو وڃي ته 'انسان ڇا آهي'، ته شايد اوهان لاءِ جواب ڏيڻ ڏکيو ٿي پوي؛ ڇاڪاڻ جو انسان پاڻ ۾ هڪ اهڙي ڪائنات آهي، جنهن جي نه حد آهي ۽ نه حساب: سندس وسعت ڳڌ ريل لکن سالن جي تاريخ کان وٺي آئيندي جي اڻ ڳڻين صدين تائين پکڙيل آهي؛ سندس مکيه ڪارنامن ۾، نه رڳو گذري ويل هزارن سالن جون تهذيبون، علم ۽ هنر، صنعت ۽ ڪاريگري ۽ هلندڙ وقت جون ايجادون ۽ کوجنائون ليکجن ٿيون، پر ان ۾ خود سندس تخليق به اچي وڃي ٿي، جا سڄيءَ خلقت ۾ سڀني کان وڌيڪ سونهن ڀري ۽ اڻ فنا ٿيندڙ آهي. پر جهڙيءَ طرح هو پاڻ هڪ وڌندڙ ۽ ويجهندڙ ڪائنات آهي، تهڙيءَ طرح سندس "سونهن جو تصور" به ارتقا پذير آهي: انسان هڪ فلسفيانه تصور آهي انهيءَ محسوس حقيقت يا انهيءَ 'نوع انسان' جو، جيڪو فطرت کي پنهنجي مرضيءَ موجب مطيع ڪندو رهي ٿو. اها ڳالهه ته پڌري آهي ته فطرت مٿان هيءَ پنهنجي حاڪميت، سواءِ فطرت جي قانونن جي علم ڄاڻڻ جي، نه انسان ڪڏهن حاصل ڪري سگهي ٿو، نه وري ان کي هڪ گهڙي قائم ئي رکي ٿو سگهي. ساڳئي وقت، اهو علم ڪو انساني زندگيءَ جو بنيادي سبب به ڪونهي، ڇاڪاڻ جو علم جو مدار وري تاريخي حالتن تي آهي؛ ۽ اهو ايستائين هڪ اضافي چيز آهي، جيستائين ظاهري حقيقتن سان ٺهڪي اچڻ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندو ويجهندو ٿو رهي: پر انسان جي محنت يا ان جي تخليقي جدوجهد هڪڙي ابدي حقيقت آهي- هڪڙي اهڙي حقيقت، جنهن جي چائنٽ تي پنهنجي خالي جهوليءَ کي ڀرڻ لاءِ، علم کي وري وري واپس ورڻو پوي ٿو؛ علم سچو آهي يا ڪوڙو، تنهن کي زندگيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ئي پرکي سگهجي ٿو: ان ڪري اوليت 'زندگيءَ' کي آهي- انسان جي پيدا ڪرڻ واريءَ قوت کي، ۽ نه سندس پيدا ڪيل شي کي- پوءِ اها ڪٿي فن هجي يا فلسفو يا ٻيو ڪجهه: تنهنڪري، ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته 'فطرت جي برخلاف جدوجهد ڪندي ئي، انسان کي سندس صحيح صورت ۾ ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿو!'

انهيءَ کان سواءِ، انسان جو ٻيو ڪو به تصور ڪونهي؛ پر سنڌس باري ۾، اسان جي بزرگن جو اهو نظريو ڪونه هو. اهو خيال ڪنهن پکيڙيو- ان کي ملان نوڙيو مروڙيو،

يا صوفيءَ ان کي وڌيڪ منجهايو ۽ مشڪل بنايو. يا اصل کان ائين ٿي جيئن آهي تيئن فرمايو ويو- تنهن سان بحث ڪونهي؛ ڳالهه رڳو ايتري آهي، تہ اسان کي اها سکيا ملي تہ "انسان کي بهشت مان تڙي ڪڍيو ويو: هو پهريائين گناهن کان اڻ واقف هو؛ پوءِ هن گناهہ ڪيو، تہ کيس 'حياتيءَ' جي سزا ملي"- جڻ تہ حياتي سندس محنت جو معاوضو ڪونهي، بلڪ گناهن جي سزا آهي! انسان کي اهو نظريو نرو مجبور بڻايو ڇڏي، ۽ هو لاچار ٿي، سماج جون سڀئي مصيبتون ۽ تڪليفون سهندي، ائين چئي پاڻ کي آٿت ٿو ڏئي تہ "اسين ڏاڏي آدم جي نافرمانيءَ جي سزا ڀوڳي رهيا آهيون". جاگيرداري سماج کي آڀارڻ ۽ پختي ڪرڻ ۾ هن نظريي ڪيتري مدد ڪئي هوندي، تنهن ٻڌائڻ جي ضرورت ڪانهي؛ جيتريقدر فن جو لاڳاپو آهي، تہ اهو چوڻو ئي پوي ٿو تہ اِهو نظريو فن جو موت آهي! ڇاڪاڻ جو فن، ماحول کي ڦيرائڻ ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ کي بدلائڻ لاءِ، انسان جي هڪڙي عملي ۽ ذهني ڪارروائي آهي- ڀلا جيڪو نظريو انسان کي دنيا ۾ قيدي بڻائي ٿو ڇڏي، سو فن جي ڪهڙي تحريڪ پيدا ڪري سگهندو؟

جيئن تہ اوليت زندگيءَ کي حاصل آهي- تنهنڪري ئي ائين ٿيو، جو وچين زماني وارا آهي مؤ ئني "قيدي"، ڪرموڙي اٿيا، ۽ هنن حياتيءَ لاءِ آزاديءَ جي لقب جي طلب ڪئي. مغربي ادب ۾ اها ڪرموڙ ۽ سجاڳي، نئين جاڳرتا (Renaissance) واري انهيءَ زماني ۾ ٿي، جڏهن ڪليسائي فلسفي کي عدوايو ويو ۽ انسان "ازلي گناهہ" جي ويچار کان آجو ٿيو. پر مشرق طرف، خاص ڪري اسلامي ملڪن ۾، اها لهر يوناني فلسفي جي اثر هيٺ، اڳ ۾ ئي اڀري چڪي هئي، جنهن جي شروعات، مذهبي رنگ ۾، حلاج جي فلسفي سان ٿي ٿي. ان کي محي الدين ابن العربيءَ جي فلسفي ۽ بوعلي سينا جي طبعي علم (Physics) وڌيڪ سوارو ڏنو. اقبال پڻ ابليس ۽ يزدان جي مڪالمي ۾، محي الدين ابن العربيءَ جو اهو فلسفو پيش ڪيو آهي:

پستيءِ فطرت نے سکھلائي ہے يہ حجت اسے
کہتا ہے تيري مشيت مين نہ تھا ميرا سجود
دے رہا ہے اپني آزادي کو مجبوري کا نام
ظالم اپنے شعلۂ سوزان کو خود کہتا ہے دود

ابن العربيءَ جي فلسفي ۾ ايترو زور ۽ اثر انهيءَ ڪري ٿو ڏسجي، جو هو ڪائنات جي پيدائش کي اک ڇنڀ ۾ حڪم خداوندي جي پيدائش نٿو سمجهي، بلڪ ان کي وحدت جي ظهور پذير ٿيڻ جي ابدي امڪانن جو مظهر ڪري ٿو ڄاڻي. ڇاڪاڻ تہ ڪائنات جي پيدائش ۽ انساني حياتيءَ بابت، سندس نظريو ارتقائي (Evolutionary) هو. پر جنهن حد تائين هو روحاني حقيقت جي اوليت کي مڃيندڙ هو، تنهن حد تائين سندس ارتقائي نظريو بہ روحاني هو- پوءِ اها اوليت رڳو منطقي ٿي چئو نہ ڪئي هئي. ان هوندي بہ ائين چئي سگهجي

ٿو ته ان کي فلسفي جي ٽيڪ ضرور ڏنائين؛ پوءِ اها ٽيڪ سمجهوتي ۽ مفاهمت جي حد تائين ئي ڇو نه ڪئي هُئي. هن روحاني وجود کي تسليم ڪندي، انسان کي ”پاڻ سنڀاليندڙ، پاڻ ڄاڻندڙ ۽ پاڻ ڏاهيندڙ“ جي اصطلاحن سان ياد ڪيو آهي. اڄ انهيءَ تحريڪ جو ئي پڙاڏو آهي، جو جڏهين به ايراني ۽ هندستاني شاعرن لکڻ لاءِ قلم کي محبت ۽ احترام سان هٿ ۾ کنيو آهي، ته هنن حلاج جو نالو ضرور ياد ڪيو آهي:

فردوس مين ”رومي“ سے يه کهتا تها ”سنائي“
مشرق مين ابهي تک هے وهي کاسه، وهي آش
حلاج کي ليکن يه روايت هے که آخر
اک مرد قلندر نے کيا راز خودي فاش

اهو خوديءَ جو راز رڳو هي هو ته جيڪڏهين روح مادي سان وچڙيل آهي، ته پوءِ انسان خلقيل ڪونهي، بلڪ خلقيندڙ آهي.

وات مان ايترو نڪتوئي مس ته زبانون ڪپيون ويون. ڇاڪاڻ جو انهيءَ فلسفي جي سوجهري ۾، انسان کي قيدي بڻائي رکڻ ۾، وقت جي بادشاهن کي ڏکيائي درپيش ٿي آئي. خير، مون کي ته رڳو ايترو چوڻو آهي ته ماڻهوءَ جو اهو عقيدو، ته هو خلقيندڙ آهي ـ نه رڳو مادي شين جو پر خود پنهنجي پاڻ جو به ـ فن جي واسطي ڪافي اهم آهي. مادي لحاظ سان ته اها ڳالهه هرڪو مڃيندو ته اُڪر جي خسيس ٽيي ڪان وٺي هوائي جهاز تائين سڀئي شيون انسان جون خلقيل آهن. ليڪن روحاني قدرن، اخلاقيات، مذهب، فلسفي، فن وغيره بابت، ڪن ماڻهن کي اهو وهم ويٺل آهي ته اهي شيون سندس (انسان جي) پنهنجي تخليق نه آهن. ان ۾ ڪنهن قدرتي طاقت جو هٿ آهي. ماڻهو پنهنجي سمجهه ۽ سياڻپ جو پاڻ خلقيندڙ نه آهي، پر اهي شيون، سندس دل ۽ دماغ ۾ ڪٿان مٿان نازل ڪيون ويون آهن، جن کي هو انهيءَ لاءِ وڏائي ۽ پڪيڙي ٿو، ته جيئن هو پنهنجي ابتدا ۽ انتها کي سمجهي سگهي، ۽ ان طاقت کي پروڙي ۽ پرکي سگهي، جنهن کيس اهڙيءَ نعمت سان نوازيو آهي. اهو مذهبي نظريو اصل ۾ عيني فلسفي (Idealism) جو نظريو آهي، جو انسان کي بذات خود صفتن جو حامل نٿو سمجهي، بلڪ اهو ٻڌائي ٿو ته انسان جون سڀئي صفتون، ڪنهن ٻيءَ ذات کان گهري ورتل آهن؛ جا ذات ڪانئس مٿاهين ۽ اعليٰ آهي. پر جڏهين اهڙي قسم جا مفڪر پنهنجن انهن خيالن کي، انسان جي لڳاتار جدوجهد ۽ ان جي مادي ۽ ذهني تخليقن جي مخالفت ۾ بيٺل ڏسن ٿا، ته هو انهيءَ نظريي سان پنهنجي ذاتي واسطي ۽ محبت سبب، ان جي بچاءَ لاءِ ان ۾ ڪنهن نه ڪنهن مصلحت جي گنجائش پيدا ڪري ٿا وٺن. انهيءَ مصلحت جون وٺن اڪيچار شڪليون آهن. ڪٿي مذهب ۽ سائنس، يا عقل ۽ عشق ۾ ٺاهه ڪيو ٿو وڃي، ته ڪٿي خالق ۽ مخلوق ۾! جيئن ته هتي انهيءَ ”فيلسوفي مصلحت“ تي بحث ڪرڻ مقصود نه آهي، بلڪ حقيقت کي ظاهر ڪرڻو آهي ـ

ان ڪري ايترو پڌائڻ بيجا نہ ٿيندو تہ اها مصلحت بہ انسان جي آن سوچ جو نتيجو آهي، جنهن مذهبي مفڪرن کي پنهنجي جاءِ تان هٽڻ لاءِ لاچار ڪري وڌو آهي. انسان جي انهيءَ سوچ ۾ سائنس جي ڪارنامن سان گڏ وڏا سندس خود شناسيءَ - يعني سندس پنهنجي ارتقا جو حياتياتي (Biological) ۽ تاريخي نظريو- بہ شامل آهي.

انساني ارتقا جي حياتياتي ۽ تاريخي نظريي بابت اڄ ڪان پهرين بہ مواد ڪٺو ڪيو ويو ۽ ان موجب سهڻيون قياس آرائيون پڻ ٿيون . پر انهن کي سائنس جي وسيلي ثابت ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو. اهو ڪر درحقيقت گذريل سؤ سالن ۾ ٿي ٿيو آهي، جڏهن سائنس جي جدا جدا شاخن- علم طبقات الارض (Geology)، علم الانسان (Anthropology)، حياتيات، ڪيميا، عمرانيات يعني سماج جو علم (Sociology)، طبعيات (Physics)، سياسيات (Politics) ۽ فنون لطيفہ (Fine Arts) جي تاريخ - گڏجي انسان جي تاريخي ابتدا، ان جي ماهيت ۽ اوسر جي ڳجهہ کي کولي وڌو. پراڻيون ڏند ڪٿائون ۽ ڪهنيون ڪهاڻيون کولي سمجهائي، انهن جي تخيل جي رمزن ۽ اشارن جي سماجي وضاحت ڪئي. جيتوڻيڪ اهو ڪم اڃا پورو نہ ٿيو آهي، پر ايترو ضرور ٿيو آهي تہ انسان بابت پراڻا تصورات غلط ثابت ٿيا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي، جو علمي، تهذيبي ۽ سماجي نقطي نگاهہ کان هڪ پسمانده ملڪ ۾ رهڻ جي ڪري اسان کي انهن ڳالهين جي ايتري پروڙ ڪانهي.

جيڪڏهين ائين چئجي، تہ انسان هڪڙي اهڙي دؤرمان بہ گذريو آهي، جڏهين ونس نہ ادراڪ جي طاقت هئي، نہ ارادي جي قوت؛ نہ تخيل هو ۽ نہ حافظو، ۽ نڪي ڪي منطقي ٻولي؛ تہ پوءِ توهان ضرور اچرج ۾ پئجي ويندا- ڇو جو توهان چوندا تہ هن احسن المخلوقات وٽ اهي شيون تہ پهريائين ئي هٿ گهرجن ها! پر انهيءَ کي ڇا ڪريون، جو انسان جو سچو اڳيون رڪارڊ ۽ سائنس جون موٽي تحقيقون اهو ڏيکارين ٿيون تہ هن ترقيءَ جا هي سڀئي هٿيار ۽ پنهنجي نفسياتي زندگيءَ جو سمورو سوز و گداز، آهستي آهستي پنهنجي مادي تخليقن جي وسيلي سان پاڻ ئي پيدا ڪيو. انسان انهيءَ معنيٰ ۾ تحقيق پنهنجو خالق آهي. اهي سڀئي شيون جن کي گڏي اسين انسانيت چئون ٿا، سي سندس ئي خلقيل آهن ۽ انهن جي خلقڻ ۽ پيدا ڪرڻ ۾ ڪيس وڏي ڪوشش ۽ محنت ڪرڻي پيئي آهي. انهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ انسان فطرت جو هڪڙو ڀاڱو آهي ۽ سندس روحاني زندگي فطرت جي هنج مان ڦٽي آهي- پر جهڙيءَ طرح اسين هرهڪ ساهہ واري کي ماڻهو نٿا چئون، تهڙيءَ طرح اسين انسان کي رڳو انهيءَ بنياد تي فطرت جي تخليق ڪونہ چونداسين، جو هو محض سندس گود ۾ پليو ۽ وڏو ٿيو آهي. فطرت جو هٿ سندس صورت، هاڻيءَ ۽ سندس حيواني روح جي خلقڻ ۾ ضرور موجود آهي، پر سندس سمجهہ ۽ سياڻپ، فضيلت ۽ تهذيب جي ڏني کي فطرت نہ، پر هن پاڻ پنهنجن هٿن سان ڀاريو آهي. هن پاڻ پنهنجو رت ونو ڏيئي، محنت ڪري، پٿرن کي گهڙي، ڌاتن کي ڳاري ۽ تجربا

کري، اهو چراغ روشن ڪري ڏيکاريو آهي. منجهس جيڪو هٺ ۽ وڏائيءَ جو جزو آهي، سو به انهيءَ ڪارنامي ۽ ڪاميابيءَ جي ڪري پيدا ٿيو آهي، ۽ هو پاڻ کي «ڪائنات جو مرڪز» به ان ڪري ٿو سمجهي، جو دنيا ۾ اها طاقت رڳو ڪيس عطا ڪئي ويئي آهي. انسان کي اها صلاح ڏيڻ، جهڙيءَ طرح 'ازرا پاونڊ' پنهنجي هڪ نظم ۾ لکيو آهي، ته «تون پنهنجي وڏائي جي تنبوءَ کي ڪيرائي ڇڏ، قدرت جي سونهن سوڀيا ڏانهن نهار، ڏس ته تڇ جهڙو جيت به تو کان ڪيترو نه وڌيڪ سونهن ڀريو آهي!» - رڳو هڪ انسان جي توهين ٿي ڪرڻي نه آهي، بلڪ اها پوريءَ تاريخ جي توهين آهي. زوال پذير سرمايداريءَ ۽ ايرندڙ اشتراڪي نظام ۾ اهوئي بنيادي فرق آهي. زوال پذير سرمايدارانه نظام، اڄ انسان کان ڊنل آهي، ڇو جو هو ان جوڙجڪ جي گود مان هڪ نئون جوڙجڪ پيدا ڪري رهيو آهي، ۽ اشتراڪي جوڙجڪ، ڌرتيءَ ۽ آسمان تي سير ڪرڻ ۽ ڪائنات کي هڪڙي دل لڀائيندڙ باغ جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ انسان کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيو آهي.

فن جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته جيڪڏهين انسان ۾ اها وڏائي ۽ هٺ نه هجي ها، ۽ هو پاڻ کي ڪائنات جي جلوه گريءَ جو سبب نه سمجهي ها، ته فن ترقي نه ڪري سگهي ها، ڇو جو فن انساني نفسيات کي کولڻ ۽ وڌائڻ جو هڪ وسيلو پڻ آهي. اهوئي فن ٻڌائي ٿو ته انسان ۽ فطرت - حوصليمند رانديگر ۽ سندس راند جي ميدان - ٻنهي جي گڏيل ڪم ڪار ۾ ڪهڙو ڳانڍاپو ۽ لاڳاپو آهي. شين جي حقيقت جو علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ انساني نفسيات ۾ جيڪا اونهائي ۽ پنهنجي پاڻ جي واقفيت پيدا ٿئي ٿي، ان کي رڳو فن جي وسيلي ئي ظاهر ڪري سگهجي ٿو - ليڪن اهو اظهار ان ڳالهه جو تابع آهي ته انسان نه رڳو انهيءَ ڳانڍاپي ۽ لاڳاپي تي ڪنهن حد تائين غور ۽ ويچار ڪري، پر هو انهيءَ حقيقت جي پيدا ڪرڻ ۾ خود پاڻ ڀاڱي ڀائيوار به ٿئي - ڇاڪاڻ جو عامل ۽ معمول جو هي لاڳاپو يعني هڪ ٻئي تي اثر وجهڻ واري عمل جو سلسلو پوري ٿيڻ واروئي ڪونهي. تخيل کي حقيقت جي ادراڪ (Perception) جو پونلگ ٿيو پوي ٿو، ۽ انساني ويچار ۽ شعور، حقيقت جا دروازا کوليندو رهي ٿو. انهيءَ لاڳاپي جي تقاضا آهي ته انسان جا پير زمين تي سوگهائيءَ سان ڄميل رهن. ڪائنات جي ڪنهن به طاقت جو مٿس رعب نه وهي - سندس ويچار واري قوت هر ڪنهن شي کي زندگيءَ جي ڪسوٽيءَ تي گهڙي، پروڙڻ ۽ پرجهڻ ۾ يا سچي شعور کي قبولڻ ۽ ڪوڙي شعور کي رد ڪرڻ ۾ آزاد هجي - اهو ڪم انسان سڀني نموني تڏهين نڀائي سگهي ٿو، جڏهين هو سمجهي ته شعور ڪيس پيدا نه ڪيو آهي، بلڪ هن پاڻ شعور کي خلقيو آهي. هن ۾ سچو توڙي ڪوڙو شعور ٻئي اچي وڃن ٿا ۽ اهي ٻئي وري سماجي ترقيءَ جي سطح ۽ تاريخي حالات جا تابع آهن. ڪرو ڪوئي، سچ ۽ ڪوڙ، انسان جي ترقيءَ سان گڏوگڏ اجرندو رهي ٿو، پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي اٽل آهي ته انهيءَ شعور کي وجود ۾ آڻڻ واري سگهه انسان جيي پنهنجي سماجي زندگي يعني انسان جو عمل آهي. انسان جو

عمل سندس شعور کان آڳاٽو آهي، تنهن جي ثابتي هيءَ آهي ته هو پاڻ شعوري حياتيءَ جي واضح صورتن ۾ ٻين پاڻن کان اڳ ۾ ئي موجود هو: هو ڳالهائيندو هو، پر سندس گفتگو ۾ اهو منطقي ڳانڍاپو ڪونه هو؛ هو حسياتي تجربا به ڪندو هو، پر انهن کي حافظي ۾ محفوظ ڪري ڪونه ٿي سگهيو؛ هو عمل ڪندو هو، پر ارادي جي قوت منجهس ڪانه هئي؛ هن ۾ جبلت (Instinct) جي ڪري چربر پيدا ٿيندي هئي، پر عقل سان پنهنجي عمل جي اڳواٽي تي ڪري ڇاتائين؛ هو مينهن ۽ سيءَ کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر پاڻ لاءِ اجهو اڏي ۽ ڪپڙو آڻي نٿي سگهيو؛ هو پنهنجو پيٽ ڀريندو هو، پر اناج پيدا ڪرڻ ۽ ڪاڏي ڪڍ ڪرڻ جي ڏاهپ کان اڻ واقف هو.

انهيءَ سلسلي ۾ هيٺ ڏنل ٻه حوالا، هڪڙو ادبي ۽ ٻيو تاريخي، ڪافي دلچسپ آهن:

"پراميٿيس (چوڪنپو پنڌل - پيدائش ٥٢٥ قبل از ميسح - يوناني عالم ۽ مصنف هومر جي ڪتاب "آڊيسيءَ" جو هڪ ڪردار) - جيڪڏهين اڄ چپ آهيان، ته انهيءَ ڪري مون کي هٺيلو ۽ هوڏي نه سمجهو.

"توهان مون تي چٽرون ڪري، مون کي رنج ٿا ڪريو. هي ديوتا پنهنجي ترقيءَ جي واسطي، مون کان سواءِ آخر ٻئي ڪنهن جا ٿورائتا آهن؟ اهو توهان ڄاڻو ٿا، ۽ انهيءَ ڳالهه جي دهرائڻ جي مون کي ضرورت ڪانهي. تنهن هوندي به اڄ ان گناهه بابت ڪجهه چوڻ گهران ٿو، جيڪو مون انهن جي مدد ڪرڻ سان ڪيو آهي. مون ئي ٻارن کي ڳالهائڻ سيکاريو، ۽ ٻئيل دماغ کي پاڻ سڃاڻڻ ڏانهن راغب ڪيو......

"سچ ڪري ٻڌو ته انسان ڪي اکيون هيون، پر هو ڏسي نٿي سگهيو - هن کي ڪن هئا، پر هو ٻڌي نٿي سگهيو - هو هڪڙي خيالي پتلي وانگر، مهيني ۽ سال جي شعور کان سواءِ گهگهه اونداهه ۾ ڀٽڪندو وتيو. هن کي ڪنهن به هنر جي ڄاڻ ڪانه هئي. هو نڪي سرون وجهي سگهندو هو، نڪي ڇتيون ٺاهي سگهندو هو. اونداهين ۾ اونڌين چرن ۾ حياتي ڪاٽيندو هو. مهيني ۽ سال جي ڳڻپ جي ڪا ڄاڻ ئي ڪانه هيس. گلن سان ڀرپور بهار ۽ ميون سان ٽمٽار موسمون ايندي رهيون، پر هو ايستائين انهن جي لطافتن کان بي خبر هو، جيستائين مون کيس تارن جي علم کان آشنا ڪيو، انگ سيکاريا ماڻس، منظم نشانين جي مدد سان کيس سندس ٽڙيل پکڙيل خيالن کي ڪنهن خاص نقطي تي اچي گڏجڻ جي صلاحيت ڏني، ۽ اهڙيءَ طرح سندس يادگيريءَ کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪئي، ته جيئن هو انهيءَ سان اچرج جهڙا ڪارناما ڪري ڏيکاري سگهي - ۽ اها يادگيري ئي شاعريءَ جي ماءُ آهي."

ٻيو حوالو مسليءَ جي هڪ مؤرخ "ڊائيڊورس" جي لکيت مان پيش ڪريان ٿو. هي مؤرخ سسرو (پيدائش ١٠٦ ق.م) جو همعصر هو:

«انسان پنهنجي حياتيءَ جي اوائلي دؤر ۾ جانورن ۽ جهنگ ڄاڻن واري زندگي گذاريندو هو. سندس ڳالهائڻ ٻاتو ۽ منجهيل هو. اهو هڪ درجي بدرجي وڌندڙ عمل جو نتيجو آهي، جو هن معنيٰ واري ٻولي پيدا ڪري ورتي. هو انهيءَ دؤر ۾ حياتيءَ جي مڙني سهوليتن کان محروم هو. باهه، اوڇڻ ۽ اجهي کان سواءِ گهاريندو هو. کاڌو پچائڻ کونه ايندو هوس، ۽ جيئن ته کاڌي کي آئيندي لاءِ بچائي رکڻ جو عقل کونه هوس، تنهنڪري سندس غذا جو ذخيرو سياري جي شدتن ۾ تباهه ٿي ويندو هو. هي به انهن ئي تلخ تجربن جو نتيجو هو، جو هن غارن ۽ ڇرن ۾ رهڻ ۽ پنهنجي غذا کي بچائي رکڻ سکيو. ان کان پوءِ هن آهستي آهستي باهه، هنر ۽ فن ڳولي لڌا. اهڙيءَ طرح وڏيءَ مدت کان پوءِ هو انهيءَ رتبي تي پهتو، جيڪو هڪڙي اعليٰ صلاحيت واري ساهواري کي ملي سگهيو ٿي: هاڻي هن وٽ خالي هٿن ۽ زبان کان سواءِ اهڙو دماغ پڻ هو، جو سندس مقصدن کي پورو ڪري ٿي سگهيو.»

هنن حوالن مان هيٺيون ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون، ته انسان ڪنهن زماني ۾ بشر جي جاءِ ۾ هو، پر بشريت کان محروم هو؛ هو چوڻ ۾ سو ماڻهو هو، پر ماڻهپي کان اڻواقف هو؛ هن جا پنج ئي حواس ڪم ڪندا ۽ اثر قبوليندا هئا، پر هو خيال کي ڪا شڪل ڏئي نٿي سگهيو؛ هو اخلاقيات، مذهب ۽ ٻين اهڙين شين کان ڇڙل هو؛ نيڪي ۽ بديءَ جو اهو تاڃي پيٽو، جيڪو معاشري ۾ رهڻ جي ڪري پيدا ٿي پيو آهي، سو منجهس ڪونه هو؛ ڇاڪاڻ جو هن عقل کان ڪم وٺي نٿي ڄاتو، رڳو جبلتن تي عمل ٿي ڪيائين. هو نڪي روسو (Rousseau) جو «شريف وحشي» هو ۽ نه وري مذهبي ڪتابن جو «گناهگار» – هو اهڙن سڀني ويچارن کان آجو هو. انسان جي انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪابه طبيعت ڪانه هئي، جيڪا سندس پسگردائيءَ ٿي جوڙي ۽ ان جي جوڙڻ ۾ خود سندس هٿ به ڪم ٿي ڪيو. انسان ۽ حيوان جو بنيادي تفاوت اتان ئي شروع ٿئي ٿو. حيوان قدرتي قانون جو ٻانهو ٿئي ٿو – هو نڪي پنهنجي نفسيات ۾ ڪو ڦيرو آڻي ٿو سگهي ۽ نه وري پنهنجي مرضيءَ موجب پنهنجي پسگردائي ۾. فطرت انهن لاءِ گهڻي ۾ گهڻو هي ڪم ڪري ٿي، جو موسم آهر سندن وارن کي وڌائي ۽ ڪن عضون ۾ معمولي ڦيرو آڻي ٿي. اهڙي قسم جي نالي ماتر تبديلي انسان ۾ پڻ گهڻي گهڻي عرصي کان پوءِ پيدا ٿيندي ئي رهي ٿي – پر منجهس اهو ڦيرو ايترو اڻ محسوس ۽ ڊگهي عرصي ۾ ٿئي ٿو، جو انهيءَ جي بنا تي، انهيءَ ڳالهه تي زور نٿو رکي سگهجي ته هو پنهنجي پسگردائيءَ سان مطابقت، پاڻ ۾ جسماني تبديل آڻي سان قائم ڪري ٿو – بلڪ برعڪس انهيءَ جي، هيئن چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته هو اها مطابقت پاڻ کي سماجي طور بدلائي حاصل ٿو ڪري. پنهنجي سماجي زندگيءَ ۾ هو اجتماعي محنت سان، اهڙيون اهڙيون شيون جوڙيندو رهيو آهي، جو ائين چوڻ ۾ هرڪ نه ٿيندي ته هن فطرت کي هميشه پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي – انسان جي اهائي ڪوشش کيس «خالق» جي لقب سان سرفراز ڪري ٿي. سندس انهيءَ خاصيت انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ وڏو فرق ۽ ويڇو وجهي ڏيکاريو

آهي. انسان جي اعاڻي ڪوشش فطرت کي سمجهڻ، ان جي قوتن کي سوگهو ڪرڻ ۽ انهيءَ ڪوشش ڪندي سندس ۽ فطرت جي وچ ۾ جيڪا باهمي خصومت ايرندي رهي آهي، تنهن کي ٻري ڪرڻ جي لاڳيتي ڪوشش نهايت لطيف ۽ بصيرت افروز آهي - جيتوڻيڪ ائين ڪندي انسان اڪثر پنهنجو رت به ڏنو آهي. اها رتوڇاڻ ڇو ٿي ۽ هاڻي اها ڇو ضروري ڪانهي، سو الڳ بحث آهي. هتي ته رڳو هي پڌرو ڪرڻو آهي ته هي انسان پنهنجي نفسيات، حواس، عقل ۽ شعور جو پاڻ خلقيندڙ آهي، ۽ هو اهي سڀئي شيون سماجي تعليم جي وسيلي پنهنجن نسلن جي دل و دماغ ۾ پريندو رهي ٿو. اها حقيقت پاڻ ئي انهيءَ ڳالهه جو دليل آهي ته هن اهي سڀئي شيون سماجي زندگي ڪان حاصل ڪيون آهن. هن دؤر جي "علم الانسان" جيتري قدر اسان جي رهنمائي ڪئي آهي، ان مان اسين انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون، ته انسانيت جي اوائلي منزل اها آهي، جنهن ۾ سندس آگرين ۾ شين کي جهلڻ جي صلاحيت پيدا ٿي، ۽ هن ڪاٺيءَ يا پٿر کي لسو ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ اهو اڳي ئي ٻڌايو ويو آهي ته هڪڙي تج جهڙي پٿر کي ڪارائتي بنائڻ ۾ هزارن سالن جي مشاهدي جي ضرورت پيش آئي هوندي، ڇو جو اوزارن ٺاهڻ ۾ ٻهريائين انهن جي ڪا صورت مقرر ڪرڻ گهٽ اهميت نٿي رکي. بهرحال جيڪڏهين توهان سهوليت جي لاءِ انهيءَ زماني کي وٺو، جنهن ۾ انسان تير ۽ ڪمان سان جانورن جو شڪار ڪرڻ يا مڇيون ڦاسائڻ لڳو ۽ پيٽ جي پورت ڪرڻ لاءِ رڳو جهنگلي ميون جو محتاج نه رهيو، ته اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته انهيءَ زماني ۾ فن پيدا به ٿي چڪو هو؛ پر اهو فن جانورن جون شڪليون ۽ انهن جا عضوا وغيره ٺاهڻ جي ڪوشش تائين محدود هو. انسان جي اها اوائلي فنڪاراڻ ڪوشش حافظي جي قوت جي ڪارنامي تائين محدود آهي - ان ۾ ويچار جي قوت جو دخل نٿو ڏسجي - ان ۾ "مبالغي" جو ذرو به دخل نٿو پسجي. پوئين دؤر جي فن ۾ جسو ويچار جي قوت جي ڪارفرمائي ڏسجي ٿي - خاص ڪري عورتن جي تصويرن يا مورتين ٺاهڻ ۾ - سا اوائلي دؤر جي نقش نگاريءَ ۾ ڪانهي. پوين صدين ۾ فنڪارن، عورت جي "جڻڻ" (Fertility) جي صلاحيت کي نمايان ڪرڻ لاءِ سندس آرهن ۽ ڪلهن جي تناسب کي ٺاهي جهڙي ۽ وڏائي پيش ڪيو آهي. فنڪار هن دور ۾ پهچي، جيڪي اصل آهي تنهن ۾ سچ پچ پنهنجي طرفان تصرف ڪري ٿو - ليڪن اهو تصرف اوائلي زماني جي نقشن ۾ نٿو ملي: اهو انهيءَ ڪري نه ٿيو، جو هن تصرف کي پسند نٿي ڪيو، بلڪ انهيءَ ڪري جو تنهن زماني ۾ سندس ذهني قوت ايترو اڳتي وڌي ڪانه آئي هئي. هو اڃان "منفرد ۽ محسوس" جو قيدي هو - هن جو دماغ هڪڙي ئي قسم جي بيشمار شين کي ڏسي، انهن ۾ هڪ جهڙين خاصيتن ڳولڻ ڪان قاصر هو. اهوئي سبب هو، جو هو پنهنجي ان جي مدد سان پنهنجو آدرش (Ideal) پيش نٿي ڪري سگهيو - هن جو فن ظاهر پسند ۽ نقل پسند هو. ڪيس تخيل ۽ مثاليت نٿي آنڊي. هاڻي شايد اوهان کي تخيل ۽ حافظي جي قوت ۾ فرق معلوم ٿي ويو هجي: حافظو ڪنهن شي جو هوبهو نقل ڪري ٿي سگهيو، پر ساڳئي قسم جي بي شمار شين مان هڪ جهڙين خاصيتن کي

اخذ ڪري نٿي سگهيو- اهو ڪم تخيل جي قوت ڪري ٿي سگهي- ۽ اها ذهني قوت انسان ۾ ان وقت پيدا ٿي، جڏهن هن جو ذهن تجريد يعني "جنبجاڻ" ڏانهن لڙيو ۽ شين جي بنيادي خاصيتن کي معلوم ڪرڻ، ۽ شين کي سندن صفتن کان جدا ڪري جاچڻ لڳو. انسان جي اها سموري ذهني جدت مادي تخليقات جي هنج ۾ ئي پلي آهي.

تخيل واريءَ قوت جو اظهار ڏند ڪٿائي ادب ۾ گهڻو ٿيو آهي، ۽ ان زماني جي بت تراشي، نقاشي، مصوري، ناچ ۽ راڳ سڀني ۾ نظر اچي ٿي. ڏند ڪٿائي ادب، ان دؤر جي چيز آهي، جڏهن انسان تهذيب جون اوائلي برڪتون حاصل ڪري چڪو هو ۽ پنهنجي گهرج جون مڙيئي شيون ٺاهي ٿي سگهيو. جيڪڏهين اوهان اهڙيءَ طرح اپياس ڪندا ويندا، نه نيٺ انهيءَ نتيجي تي پهچندا، ته انسان جو سمورو نفسياتي خزانو، سندس مادي ۽ ذهني تخليقات جو ئي ڦورائتو آهي. ونس پڌڻ جي طاقت به هئي، پر ايستائين راڳ هن جي لاءِ بي معني هو جيستائين هو انگن، جو علم حاصل ڪري، آوازن ترڪيب ۽ ترتيب پيدا ڪري نه سگهيو. اسان جي ڪن بزرگن، جو لکيو آهي ته انسان راڳ "بيد مجنون" جي پُرڻ مان سکيو- اهو غلط آهي. موسيقيءَ جو احساس گڏجي محنت ڪندڙ انسانن جي سُر تار مان پيدا ٿيو، ۽ ان جي تربيت ۾ انگن جي علم کي سڀني کان وڌيڪ دخل آهي.

اهڙيءَ طرح انسان جا سڀئي حِسَ، جن ۾ سونهن جو حِسُ به شامل آهي؛ اهي مڙيئي ذهني قوتون، جن جو لاڳاپو ادراڪ ۽ تخيل سان آهي؛ اهي سمورا انساني جذبا، جن کي لسين پاٽڻو، پيار، همدردي يا پين نالن سان ياد ڪريون ٿا- انسان جا پنهنجا پيدا ڪيل آهن. جهڙيءَ طرح انسان جي مادي ۽ ذهني تخليقن جا امڪان لامحدود آهن، اهڙيءَ طرح انسان جي نفسيات جو خزانو به لامحدود آهي. هو هزارن سالن جي لاڳيتي تهذيبي ۽ تمدني ڪوشش سان، مادي ۽ روحاني قدرن (Values) جي مختلف ڪندي، پنهنجي نفسيات کي کوليندو وڌائيندو وڃي. انساني نفسيات جي پرمايگيءَ جي ڪا حد ئي ڪانهي، ڇاڪاڻ جو هن جي تخليقي محنت جو خزانو ئي زندگيءَ جو هڪ اڻکٽ سرچشمو آهي. توهان رڳو اهو ته سوچيو ته جيڪڏهين انسان "جماعتي جنسي زندگي" ۽ "جماعتي خاندان" واريءَ منزل مان نڪري، هڪڙي خاندان ۽ هڪڙيءَ زال هڻ واريءَ منزل ۾ پير نه پائي ها، ته پوءِ اهو ممڪن هو ڇا ته هو ڪنهن هڪڙيءَ ئي عورت سان لنؤ لڳائي ۽ پنهنجي اولاد سان پيار ڪري سگهي ها؟ جيڪڏهين هو ريشم ۽ ڪيمخواب تيار نه ڪري ها، ته سندس چمڙي جو حِس، نرم ۽ نازڪ چمڙيءَ جي حس کان اڳتي وڌي ها؟ جيڪڏهين هو پتل جو تار نه ٺاهي ها، ته ستار جي موسيقيءَ جي لذت کان واقف ٿي سگهي ها؟ جيڪڏهين هو رنگ ٺاهڻ جو هنر ڳولي نه ڪڍي ها، ته رنگن جي آميزش جي شناس پيدا ڪري سگهي ها؟ جيڪڏهين هو پاڻ کي فطرت جي ڏاڍائيءَ ۽ ڦهر کان آجو نه ڪري ها، ته هو ڪڏهين به ان جي سونهن ۽ سوڀيا مان ڪو لطف ماڻي سگهي ها؟

إنسان پنهنجي نفسيات ۾ جا هيءَ اونهائي، پنهنجي هوش و حواس ۾ جا هيءَ نئين ڄاڻ ۽ نئين قوت پيدا ڪري ٿو، سو سڀ سندس عمل ۽ محنت جو اجر آهي. هو پنهنجي نفسيات کي ڪوريئڙي جي ڄار وانگر ٺڪي ۽ ڪولي، بلڪ پاڻ کان ٻاهرين فطرت خلاف جدوجهد جي طريقيڪار جي معرفت کوليندو وڌائيندو رهي ٿو: ۽ جيتري قدر کيس پنهنجي عمل جي نتيجن جي سڌ پوندي رهي ٿي، تيتري قدر سندس فن کيس نون ارادن کان واقف ڪري، سندس دل ۾ اهو يقين پيدا ڪندو رهي ٿو، "تہ تون ناممڪن کي ممڪن بڻائي سگهين ٿو: تنهنجي عمل جي دائري کان ڪائنات جي ڪابہ شي ٻاهر ڪانهي: تون جيڪڏهين گهرين، تہ آڀ جي ستارن کي پنهنجي جتيءَ ۾ جڙي سگهين ٿو، سج جي تپت ۽ روشنيءَ کي پنهنجي چلهہ جي گرمي ۽ ڏاندي جو سيڪ بڻائي سگهين ٿو: تون جڏهين قبيلن جي تعصب کان نڪري قوميت جي ناتي ۾ ڳنڍجي سگهين ٿو، تہ پوءِ سڄي دنيا جي ماڻهن کي پڻ هڪڙي ئي ڪٽنب ۾ تبديل ڪري سگهين ٿو". اها آس جيڪا حقيقت جي هنج مان ڪنڌ ڪڍي ٿي، سا إنساني محنت جي اڻکٽ ذخيري ۾ موجزن رهي ٿي: ان وقت آهائي آس محض هڪ خواب بڻجي وڃي ٿي، جڏهين انساني ٻانهن کي نستو ۽ بيوس ڪري ڇڏيو وڃي ٿو: هن کي قانون ۽ شريعت کان ڊيڄاريو وڃي ٿو، بندگيءَ ۽ عاجزيءَ جي تصورسان ڌمڪايو وڃي ٿو، ۽ سندس مادي تخليقات جي سورج کي الاهيات جي ڪڪرن ۾ ڍڪيو ۽ لڪايو وڃي ٿو: پر وري جڏهين هو انهيءَ لڏ مان سجاڳ ٿي، پراڻا بت ڀڃڻ لڳي ٿو، تہ منجهس هڪ نئين قوت ۽ سگهہ پيدا ٿيو پوي. ان وقت کيس إنسان جي ڪابہ آس بي معنيٰ نٿي ڀاسي، ڇاڪاڻ جو پوءِ إنسان جي هڪڙي سوڀ، ٻيءَ سوڀ جي واسطي پيچرو صاف ڪندي ٿي رهي.

اڄ انسان جون اهي سڀئي اميدون ۽ آسرا، جيڪي ڏند-ڪٿائي ادب کان وٺي دور حاضر جي ادب تائين پيش ڪيا ويا آهن، سي ڪر موڙي اٿيا آهن: ڇاڪاڻ جو هن دور جي انسان جي ٻانهن، انهن نيترن کي ٽوڙي وڌو آهي، جن کيس هيستائين جڪڙي رکيو هو: اڄ هو پنهنجي نظر کي ايڏو تيز ڪري چڪو آهي، جو هزارين بلڪ لکين ميل پري، آڀ جي اڻ ڏٺل تارن جو مشاهدو ۽ اڀياس ڪري ٿو: بجليءَ جي خوردبيني سان انهن شين کي ڏسي رهيو آهي، جن کي ڪالهہ تائين سندس شيشي جي خوردبيني بہ ڏسي نٿي سگهي. سندس ڏاهپ ۽ سياڻپ جو هي خال آهي، جو هو هاڻي حيواني زندگيءَ جي اسباب تي قبضو ڪري، آزاد انسانن جي ولايت ۾ وک وڌائي رهيو آهي. اڄ هن جي مداخلت نہ رڳو فطرت کي بدلائڻ ۾ آهي، پر پنهنجي سماج ۽ نفسيات جي بدلائڻ ۾ پڻ آهي. فطرت جو اڀياس جهڙيءَ طرح فطرت تي قبضي ڪرڻ ۾ مددگار ٿيس، بلڪل انهيءَ طرح، سماجي زندگيءَ جي قانونن جو اڀياس انساني نفسيات تي قابو پائڻ ۾ مددگار ٿي رهيو اٿس - انهيءَ ڄاڻ، ۽ ڏاهپ ۽ عقل کي ايشيا جي غلامن ۾ ڦهلائڻ ۽ ونڊڻ ورهائڻ فنڪار جو پهريون ڪم آهي.

خليل جبران

سنڌيڪار: محمد يعقوب "نياز"

اڳئين قدم

مشرق ۾ ٻه مختلف نظريا هڪ ٻئي سان لڙي رهيا آهن - اهي آهن قديم فڪر ۽ جديد فڪر: ۽ هيءَ ڳالهه يقيني آهي ته پنهنجي قوتن جي ڪمزوريءَ ۽ ارادي جي ناپختگيءَ سبب قديم فڪر مغلوب ٿيندو.

مشرق ۾ بيداري، ننڊ سان مقابلو ڪري رهي آهي - ۽ بيداري فاتح بنجي رهندي: جاڳائڻ ته سج، جو اڀري رهيو آهي، بيداريءَ جو قائد آهي ۽ صبح ان جي بي پناهه فوج جو ڪم ڏيئي رهيو آهي.

مشرق ڪالهه تائين هڪڙو خشڪ ۽ وسيع بيابان هو - پر اڄ سدا بهار بنجي قبرن ۾ مدفون انسانن کي پڪاري پڪاري، جاڳائي رهيو آهي، ۽ انهن کي زماني سان گڏ هلڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو آهي. جڏهن هو پنهنجا گيت ڳائڻ لڳي ٿو، تڏهن سرديءَ جو ماريل مردو ڪفن ڦاڙي هلڻ شروع ڪري ڏئي ٿو.

مشرق جي فضا ۾ زندگيءَ جا آثار ظاهر ٿي رهيا آهن، جي وڌندي وڌندي حساس نفس کي پاڻ سان ملائين ٿا: ۽ جي ملي ملي، ٿڪل ۽ نراس دلين کي بار بار ڳنڍي وري آسرو ڏئي ۽ اڏول بنائڻ جي عمل ۾ مشغول آهن.

اڄ مشرق جا ٻه سردار آهن: هڪڙو پوڙهو سردار، جو حڪم احڪام جاري ڪندو وتي - هو ڪن ڳالهين کان ماڻهن کي روڪي ٿو ۽ سندس هر حڪم جي تعميل ڪئي وڃي ٿي - مگر هو پاڻ قبر جي ڪنڌيءَ تي ويٺل جهور پيري وانگر آهي: ٻيو سردار، جو قدرت جي قانون وانگر خاموش ۽ حق وانگر مطمئن آهي، ۽ وقار سان نهاري رهيو آهي - مگر هو پانهون ڪُنجي تيار بيٺو آهي، هن جو عزم هن جي منهن مان ظاهر آهي، هن کي پنهنجي فهم و فراست تي پورو پورو ڀروسو آهي.

اڄ مشرق ۾ فقط......... ٻه انسان آهن: ڪالهه جو انسان ۽ اڄ جو انسان. اي مشرق ۾ رهندڙ انسان! تون ٻڌاءِ، ته تون ٻنهي مان ڪهڙو انسان آهين؟

منهنجي ويجهو اچ ته آءٌ توکي غور سان ڏسان، تنهنجي دل جي اونهاين جو جائزو وٺان، تنهنجي ظاهري آثارن مان اندازو لڳايان ته تون ڇا آهين؟ روشنيءَ ڏانهن وڌندڙ يا تاريڪيءَ ڏانهن ڪرندڙ؟

اڄ، مون کي ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين ۽ ڇا آهين؟

ڇا، تون اهو سياسي ليڊر آهين، جو دل ۾ منصوبا سٽي رهيو هجي، تہ پنهنجي قوم مان ذاتي نفعو حاصل ڪري؛ يا تون اهو غيرتمند مجاهد آهين، جو هر وقت هي ارادو ڪري ڪم ڏو ڪري تہ قوم جي خاطر شهيد ٿي وڃي؟

جيڪڏهن تون پهريون آهين، تہ تون هڪڙو پائمرادو اسربل ۽ بيڪار ٻوٽو آهين، ۽ جيڪڏهين تون ٻيو آهين تہ پوءِ تون هڪڙو سرسبز ۽ سدا آباد کيت آهين.

ڇا، تون اهو واپاري آهين، جو ماڻهن جي روزمره ڪم ايندڙ شين ڪي هن نگاه سان ڏو خريد ڪري تہ انهن کي پاڻ وٽ گڏ ڪري ضرورت جي وقت ويهوڻي قيمت وصول ڪري؟ يا تون اهو انسان آهين، جو هن ڪوشش ۾ لڳل هجي تہ هاريءَ ۽ ڪوريءَ جي وچ ۾ مال جي ڦير گهير لاءِ سهوليتون موجود ڪري؛ گهرجائو ۽ گهرج پوري ڪندڙ ٻنهي جي وچ ۾ هڪڙي وسيلي جي ڪڙي بنجي، ٻنهي کي فائدي حاصل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري، ۽ پاڻ بہ ٻنهي کان انصاف سان فائدو حاصل ڪري؟

جيڪڏهن تون پهريون آهين تہ تون مجرم آهين، توڙي تون عاليشان بنگلي ۾ رهندو هجين، يا جيل جي سوڙهي ۽ اونداهيءَ ڪوٺڙيءَ ۾؛ ۽ جيڪڏهن تون ٻيو آهين، تہ پوءِ تون محسن آهين، توڙي ماڻهو تنهنجا شڪرگذار ٿين يا نہ ٿين.

ڇا، تون ڪو مذهبي رهنما آهين، جو قوم جي ڀالي ڀولي هٺ مان فائدو وٺي، پاڻ لاءِ جُبا ۽ چادرون ڏو تيار ڪري، يا انهن جي ساده دليءَ مان فائدو وٺي، پنهنجي سر لاءِ تاج ڏو تيار ڪري، ۽ شيطان جي براين کي ڪولي ڪولي بيان ڪري ڏو، پر پاڻ ان جي ئي خيرات تي عيش ڏو اڏائي؟ يا تون اهو متقي ۽ پرهيزگار انسان آهين، جنهن کي فرد جي ڀلائي، امت جي ترقي ٿي نظر اچي، ۽ ڪيس پنهنجي روح جون گهرايون روح ڪل" ڏانهن چڙهي وڃڻ جي لاءِ ڏاڪڻ جا ڏاڪا ٿيون نظر اچن؟

جيڪڏهن تون پهريون آهين، تہ تون ملحد ۽ ڪافر آهين، توڙي تون ڏينهن جو روزو رکين ۽ رات جو عبادت ڪرين؛ ۽ جيڪڏهن تون ٻيو آهين، تہ پوءِ تون حق جي باغن ۾ خوشبودار مکڙي آهين، خواه ان جي خوشبوءِ ماڻهن جي سونگهڻ جي حس تائين پهچي ضايع ٿي وڃي، يا فضا ۾ اڏامي ٻين مکڙين جي خوشبوءِ سان ملي محفوظ ٿئي.

ڇا، تون ڪو اهڙو مضمون نگار آهين، جو پنهنجو علم ۽ عقل بازار ۾ وڪڻندو وتي، جو دنيا جي مصيبتن ۽ تڪليفن کي اخبارن ۾ زوردار نموني بيان ڪري ٻڌائڻ کان مشهور ٿئي ڏو، ۽ ڪنهن گجهه وانگر سڙيل مُردار لاشن کان سواءِ ڪنهن تي هن جي نظر ڪانہ ٿي پوي؟ يا تون تمدن جي منبرن مان هڪڙي منبر تي چڙهي، اهو وعظ ڪندڙ شخص آهين، جو زماني جي حالتن مان پاڻ نصيحت حاصل ڪرڻ بعد ماڻهن کي خبردار ڏو ڪري؟

جيڪڏهن تون پهريون آهين، تہ تون انساني جسم تي بدبودار ڦُرڙي آهين؛ ۽ جيڪڏهن تون ٻيو آهين، تہ پوءِ تون انسان ذات جي لاءِ ترياق جهڙي دوا آهين.

ڇا، تون اهڙو عهديدار آهين، جو پاڻ کان بالا آفيسرن جي سامهون ذليل ۽ پنهنجي زيردستن جي سامهون مغرور ٿي اچي ٿو، جو پنهنجي انڪلن سان غريبن جي مال تي ڌاڙو هڻي ٿو، ۽ جو ڪنهن غريب سان اهڙو قدم نٿو کڻي، جنهن ۾ هن جو پنهنجو ذاتي نفعو نه هجي؟ يا تون قوم جو اهڙو خادم آهين، جو پوري ديانتداريءَ سان پنهنجي زيردستن جي ڀلائيءَ جي انتظام ڪرڻ ۾ لڳو رهي ٿو، جو انهن جي خيرخواهيءَ ۾ راتيون جاڳي ٿو، ۽ سندن خواهشن پورين ڪرائڻ جي انتهائي ڪوشش ڪندو رهي ٿو؟

جيڪڏهن تون ڀهريون آهين، ته قوم جي اناج جي ڪڻن ۾ رهجي ويل هڪڙو ڪڻو آهين؛ ۽ جيڪڏهن تون ٻيو آهين، ته پوءِ تون هنن جي مرادن جي لاءِ خداوندي برڪت آهين،

ڇا، تون اهو شوهر آهين، جو هڪ ئي شيءِ کي پنهنجي زال جي لاءِ حرام ۽ پنهنجي لاءِ جائز ٿو سمجهي، جو پاڻ ته آزاديءَ سان گهمي، ڦري، ڪل خوشيءَ ۾ ٿو گذاري، ۽ زال جي بنديخاني جي ڪنجي پنهنجي کيسي ۾ کڻيو پيو ڦري؛ جيڪي وڻيس، سو ٿو کائي پئي، ۽ سندس زال هڪ ڇنل ڦاٽل ڪرسيءَ تي ويڳاڻي ويٺي رهي ٿي؟ يا تون اهو رفيق آهين، جو پنهنجي رفيقه جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ کان سواءِ ڪو ڪم نه ٿو ڪري، يا اهو شخص جو پنهنجي زال جي مشوري کان سواءِ ڪوبه ارادو نه ٿو ڪري، ۽ هن کي پنهنجي خوشيءَ ۾ شريڪ ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن به ڪم کي پورو نه ٿو ڪري.

جيڪڏهن تون ڀهريون آهين، ته تون زمين جي اندر غارن ۾ رهندڙ ۽ کلن جي پوشاڪ پائيندڙ قوم منجهان آهين، جنهن کي ڪافي عرصو ٿيو ته ختم ٿي چڪي؛ ۽ جيڪڏهن تون ٻيو آهين ته پوءِ تون ان قوم جو پيشوا آهين، جا صبح جي روشنيءَ سان گڏجي عدالت ۽ انصاف جي طرف تيزيءَ سان وکون کڻي رهي آهي.

ڇا، تون اهڙو مضمون نگار ۽ نقاد آهين، جو پنهنجي پاڻ کي اسان سڀني تي فوقيت ڏيڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، پر هن جا پنهنجا پاروٿا ويچار ماضيءَ جي انهن بيڪار مرڪزن جو چڪر ٿا لڳائين، جتي قومن جي پراڻن ۽ سڙيل ٽڪڙين جو ڍڳ پيل آهي؟

يا تون اهڙي صحيح فڪر جو مالڪ آهين، جو پنهنجي ماحول کي هروقت نظر ۾ ٿو رکي- هن لاءِ ته مفيد ۽ مضر شين کي سڃاڻي، ۽ پنهنجي عمر مفيد شين جي ترقيءَ ۾ ۽ مضر چيزن جي پاڙ پٽڻ ۾ صرف ڪري؟

جيڪڏهن تون ڀهريون آهين، ته پوءِ تون نقصانڪار خرابيءَ ۽ اجائي گند ذهنيءَ جو مجسمو آهين؛ ۽ جيڪڏهن تون ٻيو آهين، ته پوءِ تون بکين ۽ اڃايلن لاءِ ماني ۽ پاڻيءَ وانگر آهين.

ڇا، تون اهو شاعر آهين، جو اميرن جي دروازي تي رباب ٿو وڄائي، ۽ ميڙن ۾ لفظن جا گل پکيڙيندو ٿو وتي، جو سڙيل لاشن جي پويان وات ۾ نير گرم پاڻيءَ سان ڀريل اسنج کڻي هلي ٿو، جنهن کي مقبري ۾ پهچي رسم موجب زبان ۽ چپن سان دٻايو ويندو

هي؟ يا اهو فطري شاعر آهين، جنهن جي هٿ ۾ فطرت جو ساز آهي، جنهن جي تارن مان رباني راڳ ٿا نڪرن، جن ڏانهن اسان جون دليون بنا ارادي ڇڪجي وڃن ٿيون، ۽ جن کي ٻڌي اسين زندگيءَ جي آڏو ۽ زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ جمال ۽ خوف جي سامهون عجب ۽ حيرت ۾ بيهي ٿا رهون؟

جيڪڏهن تون پهريون آهين، ته تون انهن شعبده بازن منجهان آهين، جي اسان جي دلين ۾ کنهن جذبي جي پيدا ڪرڻ جي قوت نٿا رکن: جيڪڏهن هو روئن ٿا، ته اسين کِلون ٿا، ۽ جڏهن هو خوش ٿين ٿا، ته اسين غمگين ٿي وڃون ٿا. جيڪڏهن تون ٻيو آهين، ته تون اسان جي ظاهري اکين جي پويان شعاع وجهڻ واري بصيرت، اسان جي دلين ۾ سمايل شيرين شوق ۽ اسان جي جسمن کان پري هڪ خدائي خواب آهين.

آءٌ چوان ٿو ته مشرق ۾ ٻه جلوس آهن: هڪڙو پوڙهن ڪِرڙي پٺيءَ وارن جو جلوس، جي ڏنگين لٺين جو سهارو وٺي ٿا هلن، ۽ باوجود انهيءَ جي مٿان کان هيٺانهينءَ ڏانهن تيرڪندا ٿاٻڙندا وڃي رهيا آهن ۽ سهڪي رهيا آهن؛ ٻيو جلوس، انهن جوانن جو آهي، جي اهڙيءَ تيزيءَ سان بلنديءَ ڏانهن وڃي رهيا آهن، گويا هنن جي پيرن ۾ کنڀ لڳل آهن. اهي اهڙيءَ طرح وڏي واڪي سڏين ٿا، جو گويا هنن جي نڙيءَ ۾ للڪاريندڙ ساز آهن. اهي اوجهڙ مان ٽپندا ائين وڃي رهيا آهن، ڄڻ ٽڪرن جي چوٽين تي ڪا قوت انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي آهي، يا ڄڻ ڪو جادو آهي، جو هنن جي "عقل" کي سلب ڪري رهيو آهي.

اي مشرق جا باشندؤ! توهين ڪهڙي جلوس ۾ آهيو ۽ ڪهڙن سان گڏ هلي رهيا آهيو؟

رات جي خاموش فضا ۾ جڏهن ماحول جا اثر گهٽ ٿا ٿين، تڏهن پنهنجي نفس کان پڇو: ان کان جواب طلب ڪريو، ته 'تون سڀاڻي غلام بنجڻ ٿو گهرين يا آزاد؟'

آءٌ توکي ٻڌايان ٿو ته 'ڪالهه' جو خواب ڏسڻ وارا، انهيءَ زماني جي جنازي پٺيان وڃي رهيا آهن، جنهن هنن کي پيدا ڪيو ۽ جنهن کي هنن پيدا ڪيو. اهي اهڙيءَ رسيءَ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، جنهن جي هرهڪ ڌاڳي کي زماني پراڻو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ترت ئي اها رسي ٽٽڻ واري آهي: جڏهن به اها ٽٽندي، انهيءَ وقت ان جي آڌار تي هلڻ وارا ويسر ۽ گمنامي جي اونداهي غار ۾ دفن ٿي ويندا! هي ماڻهو اهڙي مڪان ۾ رهن ٿا، جنهن جا ٿنڀ ڪِرڻ وارا آهن. جڏهن ڪا تيز واچ لڳندي ـ ۽ جا تمام جلد ايندي ـ تڏهن اهي ئي مڪان، هنن جي مٿان ڪرندا ۽ کين قبرن جو ڪم ڏيندا. آءٌ چوان ٿو ته هنن جا قول، بحث، تصنيفون، ديوان ۽ هنن جا موڙيئي عمل ڳرا زنجير آهن، جي پنهنجي ڳرائيءَ سبب هنن کي پنهنجي پٺيان پٺيان گهليندا هلن ٿا، ۽ هي ماڻهو پنهنجي ڪمزوريءَ سبب انهن کي پنهنجي پويان ڇڪڻ کان قاصر آهن.

پر 'سڀاڻي' جا فرزند اهي آهن، جو جڏهن زماني انهن کي سڏيو، تڏهن اهي ثابت قدميءَ سان، اوچي ڳاٽ، ان جي پويان نڪري پيا. اهي ئي نئين زماني جي لاءِ صبح جو

مثال آهن: نه ٻوهون انهن جي روشنيءَ کي روڪي سگهي ٿو، نه زنجيرن جو کڙڪو، هنن جي آوازن کي روڪڻ جي طاقت رکي ٿو، ۽ نه زياده عرصي جي بيٺل پاڻيءَ جي بدبو هنن جي سُرهاڻ تي غالب اچي سگهي ٿي. هو وڏي تعداد وارين بي شمار جماعتن ۾ گهيريل محدود فردن جي جماعت آهن – مگر هڪ سر سبز ٻاريءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه آهي، جو خشڪ جهنگل ۾ نه آهي، ۽ ڪٽڪ جي هڪڙي سنگ ۾ اهو سڀ ڪجهه موجود آهي، جو ٻُهه. جي تيلن جي ڍير ۾ ملڻ مشڪل آهي. اهي شخص اڻ واقف هوندي به هڪ ٻئي کي سڃاڻن ٿا: اهي ڀائرن جي چوٽين وانگر هڪ ٻئي کي سڃاڻن ٿا: هڪ ٻئي جو آواز ٻڌن ٿا ۽ هڪ ٻئي سان روح رهاڻيون ڪندا رهن ٿا: مگر اونها غارُني انڌا ٿين ٿا، جي ڪابه شي ڏسي نٿا سگهن، ۽ ٻوڙا ٿين ٿا ۽ ڪنهن جو آواز ٻڌي نٿا سگهن.

هو ڪجيءَ جي ان ڪڪڙيءَ وانگر آهن، جا الله جي طرفان زمين تي ڪري، هڪڙي نئين شان سان بلند ٿيڻ خاطر پنهنجي ڪَل ڪاڙي نڪتي، ۽ سج جي سامهون سر سبز ۽ شاداب بڻجي، آڏي ٿي بيهي رهي، ۽ عنقريب اها هڪ اهڙو مضبوط ۽ بلند وڻ بڻجي ويندي جنهن جون پاڙون زمين جي گچيءَ کان هيٺ لڙل هونديون ۽ جنهن جون ٽاريون آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ هونديون.



ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

پارس ڪاٺ

باسمه تعالیٰ

[مرحوم لعلڻ خان لغاري هڪ اڻ پڙهيل داناءُ هو. بنده جو سڳ ۾ نانو هو. مگر آءٌ ڪيس پڻ جهڙو پيارو هوس، انهيءَ ڪري ننڍڙي هوندي ئي منهنجي ذهني تربيت جي هر طرح ڪوشش ڪيائين. هر ڪچهريءَ ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو ۽ ڪچهريءَ جا آداب سمجهائيندو هو. هر ڳالهه جي ڳڻ ڪندو هو ۽ پڇندو هو تہ ڳالهہ ڪي سمجهيئي. هميشه چوندو هو تہ 'معنيٰ ڏي ڌيان ڪر، جو معنيٰ عقل جو منڍ آهي'. خوش طبعي وچان چوندو هو تہ "ڳالهہ جو ڳانڍو جهلجي" يعني تہ ان کي پوريءَ طرح پرکجي. چوندو هو تہ: 'ڏٺل واقعو هرڪو بيان ڪري ۽ ٻڌل ڳالهہ هرڪو ٻڌائي، پر داناءُ اهو جو اڻ ڏٺي اڻ سُئي ڳالهہ ٻڌائي". ڪا ڳالهہ وڻندي هئس تہ چوندو هو "فلاڻي واه جا ڳالهہ ڪئي! ڳالهہ جو سنگ وڍي ڇڏيائين"! سندس انهن نقطن ۽ سمجهاڻين ننڍپڻ ۾ ئي هڪ قسم جو ادبي ذوق پيدا ڪيو. نوان بيت ۽ نيون ڪافيون، نيون ڳجهارتون ۽ نيون ڳالهيون منهنجي لاءِ ڄڻ سوکڙيون ٿي پيون. ڳالهين ٻڌڻ ۽ ڳولڻ جو شوق جاڳيو. جڏهين بہ ڪو نئون بيت يا نئين ڳالهہ پئي معلوم ٿي تہ ياد ڪري ٿي ڇڏيم يا لکي ٿي ڇڏيم.

وقت گذرندو رهيو ۽ ڪي سال گذري ويا! ١٩٣٧ع کان تعليم خاطر سنڌ ڇڏي جهوناڳڙه وڃڻو پيو. سنڌي شعر ۽ ادب، معنيٰ ۽ مطلب سان ذوق ۽ عشق وارو لڳل ٽڏو اڃا نهال ئي نہ ٿيو هو جو نانو مرحوم سنہ ١٩٣٨ع ۾ گذاري ويو. اها خبر خط ذريعي جهوناڳڙه پهتي. سندس سڪ ۾ اهو ذوق ويتر پڪو ٿيو تہ ڳالهيون ڳوليون ۽ معنائون ووڙيون. وطن جي وڇوڙي ويتر انهيءَ جذبي کي وڌايو، ۽ سنڌ جي سڪ ۾ سنڌ وارن جا ڳڻ ۽ سندن ڳالهيون ياد ڄڻ لڳيون؛ سنڌ جا ميوا ۽ سنڌ جون ڪچهريون ياد اچڻ لڳيون؛ سنڌ جا ڳوٺ ۽ سنڌ جا ماڻهو ياد اچڻ لڳا؛ سنڌ جا پهاڪا ۽ شعر ياد اچڻ لڳا ـ مطلب تہ يادگيرين مان يادگيريون پوڻ لڳيون ۽ ڳالهين مان ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون.

جهوناڳڙهه ۾ بي- اي جي تعليم پوري ڪرڻ بعد ۱۹۴۱ع ۾ عليڳڙهه ويٺو پيو ۽ ويندي ۱۹۴۵ع تائين اتي پنج سال ڪن گهارڻا پيا. سنڌ کان جدائي جو سلسلو اڳئين کان اڳرو ٿي ويو، ۽ انهيءَ ڪري سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعرن ۽ سگهڙن سان محبت به انتها کي وڃي پهتي. هڪ رات خواب ۾ سانوڻ کي بيت ڏيندو ڏٺم ۽ سندس اهو بيت ويندي ننڊ مان اک کلڻ تائين ياد رهيو. پنو پينسل کٽ تي هجي ها ته لکي سگهجي ها پر ذرا دير پوڻ سان بيت وسري ويو. اهڙن اهڃاڻن ويتر سڪ کي سرس ڪيو. هر موڪل ۾ جڏهين به سنڌ اچڻ جو موقعو پئي مليو ته واندڪائي جي وقت کي سنڌي ادب جي نون نقطن ڳولڻ ۾ صرف ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، ۽ انهيءَ طالب علميءَ واري ڳولا ۾ جو مواد مليو تنهن يقين ڏياريو ته سنڌي ادب دانائي ۽ حڪمت جي کاڻ آهي جنهن ۾ قسمين قسمين جون لالون، عقيق، زمرد، هيرا ۽ جواهر موجود آهن، جن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ هڪ لڙهيءَ ۾ پوئڻ جي ضرورت آهي.

بي- اي توڙي ايم- اي جي امتحانن واسطي مون عربي جي مطالعي کي اختيار ڪيو. انهن امتحانن لاءِ پڻ عربي ڪتابن سان گڏ مُبَرّد جو ڪتاب «الڪامل في الادب» (ادب ۾ ڪامل) به پڙهڻو پيو، جنهن ۾ عربي ادب، تاريخ، لغت، صرف نحو- بلڪ عربي تمدن ۽ معاشري بابت حڪمت آميز مثال ۽ مباحثا، سمجهاڻيون ۽ صفايون پيش ٿيل هيون. ادب، تاريخ، لغت وغيره موضوعن تي جدا جدا باب پڌل ڪين هئا، مگر موقعي به موقعي هر مثال ۽ مقال ذريعي اهي ڳالهيون اچي ٿي ويون. مصنف چڻ هڪ سگهڙ ۽ داناءُ آهي جنهن پنهنجي مسلسل ادبي ڪچهري قلمبند ڪئي آهي، جنهن ۾ موقعي جي لحاظ سان هر ڳالهه تي پئي روشني وڌي اٿس: بلڪ چڻ هڪ استاد آهي جنهن دليلن تي دليل ۽ مثالن تي مثال ڏيئي هر موضوع ۽ مطلب کي واضح ڪيو آهي. ڪيس سڄو ڪتاب چڻ هڪ بلند پايه ادبي رهاڻ جي صورت ۾ پيش ڪرڻو هو، ۽ انهيءَ ڪري ڪتاب جي ديباچي ۾ پنهنجي انوکي اسلوب بيان بابت هڪ اهم نقطو بيان ڪري ٻڌائين ته «الشيءُ بالشيءِ يُذْڪَر»- يعني ته ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي.

هن استاد عالم ۽ اديب جي هن نقطي توڙي سندس پيش ڪيل مواد نهايت ئي متاثر ڪيو. چيم ته جيڪر انهيءَ نموني تي سنڌي ادب ۽ تمدن تي پڻ ڪو ڪتاب لکجي ا مُبرّد جي ڪتاب «الڪامل» جي مطالعي مان اهو پڻ واضح ٿيو ته اهڙي ڪتاب لکڻ لاءِ سنڌي علم ادب جي وسيع ميدانن جا سير ڪرڻا پوندا؛ سنڌيءَ جي تمدن ۽ تهذيب جي عميق اونهاهين ۾ ٽٻيون هڻيون پونديون؛ سنڌ جي ڪچهرين ۽ مارڪن مان قسمين قسمين انوکا ڳڻتا گڏ ڪرڻا پوندا؛ سنڌي ٻولي ۽ ان جي محاورن کي سمجهڻو پوندو؛ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ وڃي اتي جي سگهڙن ۽ سالڪن کان ڪافي سکڻو پوندو: مطلب ته هر گل جو واس وٺي سنڌي

تمدن جي روح ۽ رس کي هڪ جاءِ گڏ ڪرڻو پوندو؛ پر ان وقت انهيءَ لياقت پيدا ڪرڻ لاءِ نه موقعو هو ۽ نڪا فراغت هئي.

البت سنه ١٩٤٣ع کان "سنڌ جي عربي دور جي تاريخ" جي سلسلي ۾ سنڌ جو سفر اختيار ڪرڻو پيو ۽ ان کان پوءِ ويندي ١٩٤٦ تائين ڪڏهين نه ڪڏهين سنڌ کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جا موقعا ملندا رهيا. آگسٽ ١٩٤٦ع ۾ وري آمريڪا وڃڻ جو اتفاق ٿيو ۽ ٽن سالن لاءِ وري سنڌ کان جدا ٿيڻو پيو. مگر آمريڪا جي سفر بعد جون ١٩٤٩ع کان وٺي سنڌي شعر ۽ لغت کي سهيڙڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جي ڪن ڀاڱن کي گهمڻ ڪجهه ڏسڻ جو موقعو مليو، جنهنڪري سڳهڙن ۽ سالڪن سان ڪچهريون ٿيون ۽ قدري اهڙو مواد گڏ ٿي چڪو جو ڀانيم ته جيڪر مبرد جي ڪتاب "الڪامل" وانگر سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکجي! اها خواهش گذريل ٽن سالن کان پئي رهي؛ مگر جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن تيئن نوان نقطا معلوم ٿيندا رهيا ۽ پنهنجي ناقص ڄاڻ جو احساس وڌندو رهيو. انهيءَ ڪري ڪيئي دفعا قلم کڻي وري وري پئي انهيءَ ارادي کي ملتوي ڪيم. انهيءَ عرصي ۾ ڪن خاص موقعن تي ڪن خاص دوستن جي آڏو سنڌي ادب ۽ تمدن جا ڪي انوکا اهڃاڻ بطور رهاڻ جي بيان ڪندو رهيس، جن کي ٻڌي انهن مڙني دوستن تاڪيد ڪيو ته آءٌ انهن مختلف ادبي گفتن ۽ ڳالهين کي قلمبند ڪريان. جڏهن مون ڪين پنهنجي اصلي ارادي کان واقف ڪيو، تڏهين صلاح ڏنائون ته گهٽ ۾ گهٽ هن ڪتاب جي شروعات مضمونن ذريعي ڪريان جي في الحال رسالي "مهراڻ" ۾ شايع ٿيندا رهن، ۽ بعد ۾ ضروري ترميم ۽ ترتيب بعد انهن کي ڪتاب جي صورت ۾ آندو وڃي!

پنهنجن انهن عزيز دوستن جي خوشنودي خاطر پنهنجي ٿوري ۽ ناقص ڄاڻ هوندي ٻه هن ڪم جي شروعات ڪريان ٿو، ڇاڪاڻ جو هڪ ته حياتيءَ تي اعتبار ناهي ۽ ٻيو ته ڏينهون ڏينهن ڪن توڙي غمن جا ايڏا بار پوندا ٿا وڃن جو فراغت ۽ خوشي ٻئي وڃن گهٽبيون! ٻيون ته قدردان ادبين ۽ دوستن ۾ اميد آهي ته هنن مضمونن کي پڙهي بنده کي ڪن نون نقطن، معنائن ۽ مثالن کان واقف ڪندا جيئن اڳتي لاءِ اصلاح ۽ بهتري جي راهه روشن ٿي سگهي. هن ڪتاب جو نالو "پارس ڪاڻ" رکيو اٿم ڇاڪاڻ ته هن جو خاص موضوع "سنڌي تمدن" آهي جو حقيقي معنيٰ ۾ پارس جي کاڻ آهي. ڪتاب جي بناء ۽ ترتيب ۾ مون استاد "مبرد" وارو گس ورتو آهي، جنهن موجب سلسلي وار مضمونن جي بدران ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي، ۽ ڳالهين مان ڳالهين جون پٽليون پيدا ٿينديون. انهن سان گڏو گڏ گفتا ۽ بيت، مثال ۽ معنائون ٻڻ موقعي به موقعي ايندا رهندا، ۽ سنڌي ادب، تاريخ، لغت تي ٻڻ موقعي جي مناسبت سان بحث ٿيندا رهندا. پر سڀ کان اول شروعات "توحيد" سان ڪجي ٿي، جا هن "پارس ڪاڻ" جي ڪنجي آهي. خادم العلم نبي بخش]

توحيد

سڀڪا صفت ۽ ساراهه هڪ سائينءَ ڪي سونهي جو جملي جڳن جو خلقيندڙ ۽ پاليندڙ آهي. هرڪا وصف ۽ واکاڻ ان واحد ڪي جڳائي جنهن جي وحدت جو ويساهه انسان ذات جي وحدت جو وسيلو آهي. حقيقي حمد ۽ وڏائي تنهن صاحب ڪي سهائي جنهن جي عظمت ۽ قدرت جو يقين انسان ڪي انسانن جي غلاميءَ کان آجو ڪري ٿو، ۽ ماڻهوءَ ڪي ماڻهن جي بنايل مڙني بتن - پراڻن خواهه نون، پٿرن توڙي جسمن، خواهشن توڙي وهمن، شخصيتن توڙي گروهن- جي پوڄا کان بي نياز ڪري ٿو:

اول الله ميڙيان جو ٻـڙنئون مڙاهون،
ته پوءِ ڪئن ڪري قبوليان عمر ڪي آئون،
رب جون رضائون، سي مٿي اتي مون مڙيون.

ٻنائي صاحب جي لفظن ۾ هيءَ مارئي جي زباني آهي. هيءَ "سر مارئي" جو منڍ آهي، توحيد جي ڪنجي آهي، غيرت جو سبق آهي، ۽ خدائي خوديءَ جو جام آهي؛ جنهن جو يقين ۽ ايمان جملي جهانن جي بلند باري بادشاه ۾ آهي سا زمين جي بادشاه عمر اڳيان ڪئن ٿي ڪنڌ جهڪائي! البت پنهنجي رب جي رضائن کي ميڙڻ ۽ مٿي تي ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

منهنجا سڄڻ! سمجهه ته سنڌ وارا صدين کان وٺي توحيد جي رنگ ۾ رتل آهن ۽ اعتقاداً هنن الله پاڪ کي ئي بادشاه تسليم ڪيو آهي. "الله بادشاه" سندن تڪيو ڪلام آهي؛ چوندا ته "الله بادشاه خوش رکي فلاڻي کي"؛ چوندا ته "الله بادشاه آهي جئن ڪري تئن ٿئي." ڳالهه ڪندا ته چوندا: "بادشاهن جو بادشاه پاڻ الله آهي، پر هڪ زماني جو بادشاه هو". چوندا ته "جي حاڪم نادر آهي، ته قادر به قادر آهي." ڪبير شاه پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو آهي ته:

ڏيهه ڏئي ڏاتار، جو ڏئي نه پڇاري پاتشاهه،
والي، وارث، وحده، خالق، خلقنهار.

ٻهرئين مصرع ۾ مولي جي مهربانين ۽ سندس رحم ۽ ڪرم جي تعريف، مختصر مگر نهايت جامع لفظن ۽ عجب انداز ۾ بيان ڪيل آهي ته: هو ڏيهن جو ڏاتار آهي؛ پر اهڙو ڏاتار جو ڏيئي وري ڪڏهين به پڇاري نٿو. مخدوم محمد هاشم چيو آهي ته:

سڀ ساراهون رب ڪي جو خاوند خلقنهار،
سڀاجهو سڀني پرين، ڏڏن جو ڏاتار.

يعني سڀني ساراهون انهيءَ پرور کي سونهن جو مالڪ ۽ خالق آهي؛ جو سڀني ربتين رسمين مهربان ۽ سڀاجهو سائين آهي؛ ۽ جو اپوجهه، بيوس ۽ لاچار بندن کي هميشه ڏيندڙ ۽ بخشيندڙ آهي. شاعر گلو مياڻي پنهنجو هڪ بيت هن طرح شروع ڪيو آهي ته "ساراهيان سچو ڏڻي جو ڏسين جو ڏاتار. "ڏسِ" [ڏ ۽ س جي زير سان] واحد آهي جنهنجو جمع "ڏسيون" آهي، ۽ ان جي عام رائج معنيٰ رخ، طرف يا پاسو آهي. انهيءَ لحاظ سان اتر، ڏکڻ، اوڀر ۽ اولهه- اهي چٽ چار ڏسيون آهن. "چوڏس" يا "چوڏسين چوڏار" اصطلاحن جي معنيٰ جو مدار انهيءَ مفهوم تي آهي. مگر "ڏس" ۽ "طرف" ۾ ذرا فرق آهي. "ڏس" ظرف مڪان جي لحاظ سان ويڪرائي ۾ سوڙهي آهي ۽ "طرف" وڏو ۽ ويڪرو آهي. طرف چار آهن مگر ڏسيون جي اٺ چنجن ته مناسب آهي. چوندا ته "انهيءَ ڏس تي ڪنوڻ آهي" يعني ته انهيءَ خاص ڪنڊ تي؛ چوندا ته "انهيءَ ڏس تيٰ اهوئي مڙس ٿو سجهي" يعني ته انهيءَ خاص رخ تي. جيڪڏهن ڪنهن لائق ۽ همت واري مرد جي وفات جي خبر پري کان اچي پهچندي ته چوندا ته "مڙس ڏس خالي ڪري ويو" يا "ڏس خالي ٿي وئي". ڪي سال ٿيا جو هڪ ملاکوي ۾ ويٺا هناسون ته اسان جي پرسان هڪ ملهه اٿيو، جو ذات جو "دزڪائي" هو. جڏهين سندري لاءِ منهري هليو تڏهين مرحوم حاجي ساجن لغاري خوش طبعي وچان چيو ته "دزڪائي آهين پر پيلي! ڏس ڪائي نه ڪجانءِ" يعني ته اسان جي پاريءَ وارو خاص پاسو نه لچائجانءِ. جن شاعرن "هرڏس"، "ڏسيون" يا "ڏسين" جا الفاظ ڪم آندا آهن تن سندن مراد چئن معلوم طرفن کان وڌيڪ مڙيئي هٽ، رخ، ڪنڊيون ۽ پاسا آهن، ڇاڪاڻ ته ڏڻي تعاليٰ محض چئن قبلن تي نه پر هر جاءِ حاضر ناظر آهي.

منهنجا سڄڻ! هاڻي گلو مياڻي جي مصرع تي وري غور ڪر ته "ساراهيان سچو ڏڻي جو ڏسين جو ڏاتار". گلو پٽ خان، ذات جو مياڻو هو. سندس اصل ڳوٺ "ڪجروڙي" هو پر آخر عمر ۾ ڏيپلي تعلقي ۾ "جڻهن" جي ويجهو "نٽ" ۾ رهندو هو. تازو ڇهه ست مهينا ٿيا جو ستر اسي ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. گلو عام سنڌي بيتن جو ملوڪ شاعر هوا پنهنجي مٿين مصرع ۾ چوي ٿو ته ڏڻي پاڪ "ڏسين جو ڏاتار" آهي، يعني ته سندس ڪرم ۽ سخا هرسا ڳڻ ۽ مڪان، هر قبائي ۽ ڪنڊ تي جاري ساري آهي. منهنجا سڄڻ! ڇاڻ ته سنڌ سخا جو گهر آهي جنهن ۾ ڪيئي ڏاتار ۽ سخي ٿي گذريا آهن. "راءِ ڏياچ" سمو وڏي ۾ وڏو سخي ڏاتار هو جو سخا ڪندي سر ڏيئي سُرهو ٿيو. پر ان کان سواءِ به ڇهه سما، ڇهه رونجها ۽ ڇهه ڪؤنريجا سنڌ جي سخاوت جي تاريخ ۾ مشهور آهن. جئن راءِ ڏياچ جهوناڳڙهه ۾ هو، تئن سبڙ پيلي ۾ هو. مطلب ته هرڪو پنهنجي ڏس جو ڏاتار هو. پر هڪ موليٰ مهربان ٿي آهي جو مڙني "ڏسين جو ڏاتار" آهي. سندس انهيءَ عام ڪرم ۽ رحم جي مدنظر، خليفي نبي بخش صاحب ترغيب ۽ تاڪيد طور چيو آهي ته "آسا ڪر الله جي، دردر ان م َ دان". خليفي صاحب جي سنڌي رسالي جي "سر آسا" جي پهرئين بيت جي هيءَ پهرئين

مصرح آهي. آسا يعني آس يا اميد. شاھ جي رسالي ۾ سر سورٺ جي پهرئين بيت جي پهرئين مصرع آهي تہ "الله جي آس ڪري هليو هينئانين"- هنيائين يعني هيانئين.

اي سڄڻ! سمجهہ تہ الله جي آس ۽ اميد انسان جو وڏو سهارو آهي. سنڌ وارن الله جي نالي ۽ آسري سان ڪم ڪي شروع ڪرڻ کي هميشه سعادت سمجهيو آهي، ڇو تہ انسان جو ڪم آهي پوري همت ۽ ڪوشش سان ڪم کي سڌارڻ، سنوارڻ ۽ سر انجام ڏيڻ: سهڻي نتيجي ۽ سرهي پڄاڻيءَ جو مدار مولیٰ جي مهربانيءَ تي آهي. ڪنهن شاعر چيو آهي تہ:

"بسم الله، الله کي ئي سڀ جوڙ سندياس،
ڪم سنواري دم ۾، رنگ ڪري ٿو راس".

هيءَ سنڌ وارن جو خاص شيوو آهي تہ اڪثر ڪم "بسم الله" سان شروع ڪندا، طعام وٺڻ، ماني کائڻ ۽ ان پڙڻ وقت خاص طرح 'بسم الله' چوندا. براج واهن (١٩٣٢) کان اڳ درياھ جي پاڻيءَ تي اناج جو فصل گهڻو ٿيندو هو ۽ جوار باجهريءَ جي آن جون راهون لڳي ويندبون هيون. پوءِ ڪي راھ پريندڙ جڏهين ٿوئي يا ٻي ڪنهن ماڻ سان آن جي راھ پريندا هئا، تہ ڳڻ جي شروعات هن طرح ڪندا هئا تہ: "بسم الاهين! برڪتون پائين! سين جا سائين! پورهيو پلئہ لائين! هي ڳنج! هي ڇهہ- الخ." سنڌ وارا هڪ ٻئي کي ڪينڪارپندا تہ بہ چوندا تہ "ادا! بسم الله!" يعني تہ ادا! ڌڻيءَ جي نالي جي برڪت سان تون خير سان آئين ۽ ڀلي آئين!

سڄڻ! ڇاڻ تہ اهل سنڌ پنهنجي روزمره جي ٻوليءَ ۾ "الا توهار" جو اصطلاح استعمال ڪندا آهن جو اصل ۾ "الله تو آهر" آهي ۽ جنهن جي مراد آهي تہ: اي الله سائين! تو آهرَ يعني تنهنجي آڌار، ٽيڪ يا پروسي تي، هي ڪم شروع ڪريان ٿو. "الا توهارَ" پڻ سنڌ جي هارين جو خاص اصطلاح آهي، ۽ هُرلي يا نار ۾ ڏڳي يا اٺ کي جوٽي، ان کي شروع وارين وکن کڻڻ لاءِ هميشه هڪل ڪري چوندا تہ "الا توهار!" پڻ هلر ۾ ڏڳا ٻڌي يا هرن ۾ جوڙو جوٽي، هڪل ڏيندا تہ "آسرو الله جو" يا "ادا! الا توهار!" منهنجا سڄڻ! ڄاڻ تہ "الا توهار" سنڌي تمدن جو هڪ معنيٰ خيز اصطلاح آهي، جو اڪثر هاڻ، ڇُرڻ، ڪنهن پاسي وڃڻ يا ڪنهن خاص تحرڪ واري ڪم کي شروع ڪرڻ وقت استعمال ڪندا. وٺي ويئي اهو اصطلاح ڪم نہ آئيو. شاعر چيو آهي تہ "سهڻي گهوڙي سير ۾ ڪري الا توهار" يعني تہ "الله توهار" ڪري گهوڙي. حفيظ تيوٽي "مومل راڻي" جي قصي ۾ هڪ بيت جي شروعات ۾ چيو آهي تہ "ناميو چڙهيو نيري تي ڪري الله توهر" يعني "الله توهار" چئي چڙهيو. شاعر ابراهيم (ابراهيم منڊو، حمراڻي، براهماڻي، ڪرمتي بلوچ) جوکين ۽ نومڙين جي جنگ جي قصي کي شروع ڪندي چيو آهي تہ:

الله جَلّ جلالہ، الله توهارو،
جڻن جنهين کي لکيو، صحيح پاڙ يندا سو.

مٿين مڙني مثالن اندر گھرڻ، چڙهڻ، ۽ شروع ڪرڻ عملن ۾ تحرڪ وٺڻ جي معنيٰ سمايل آهي.

پر سڄڻ سائين! تون حيران نہ ٿيءُ تہ ڇو هيءُ اصطلاح «الله توهار» «الله توهر» يا «الله توهارو» جي مختلف صورتن ۾ آيو آهي. جيئن اسان چئي آيا آهيون، انهن مڙني جو مور «الله توآهر» آهي ۽ «الا توهار» اُن جو مُخفف آهي؛ جهڙيءَ طرح «بسم الله الرحمان رحيم» جو مخفف «بسم الله» آهي. معنوي لحاظ سان «الا توهار» اسم جي قائم مقام آهي: «الا توهار» چئو «يعني تہ هيءُ ڳالهہ چئو»؛ «الا توهار ڪر» يعني تہ «هيءُ ڪم ڪر». ان مان ظاهر آهي تہ «الا توهار» معنوي لحاظ سان 'ڳالهہ' يا 'ڪم' جي قائم مقام آهي ۽ 'ڳالهہ' توڙي 'ڪم' ٻئي اسم آهن. شاعر «الله توهارو» محض پنهنجي شاعرانہ ضرورت سببان آندو اهي. باقي «الا توهارَ» ۾ اصلي لفظ «آهـَر» جي «هہ» واري زبر کي وڌائي الف ڪيو ويو آهي يعني «الله توآهارَ» جنهن مان الف جو اُچار نڪري ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ زبر، زير ۽ پيش کي وڌائي الف، ي ۽ و جي اچار سان پڙهڻ لغت جي اصول موجب جائز آهي.

منهنجا سڄڻ! «الا توهارَ» جو اصطلاح مؤنث طور ڪم ايندڙ آهي. چوندا تہ «فلاڻو بيمار هو؛ پوءِ 'الا توهارَ' ڪئي سون (يا ڪرائي سون) تہ مڙيئي خير ٿيو». اهو محاورو خاص طرح ميانوال طريقي وارن جو آهي. ميان والن جي «الا توهار» مشهور آهي، ۽ جيئن تہ اهو اصطلاح بيمار جي مٿان 'دعا' يا 'دعا جي رسم' جي معنيٰ ۾ اچي ٿو، انهيءَ ڪري مؤنث طور استعمال ٿئي ٿو. «ميانوالي طريقو» يا «ميان والن جو طريقو» سنڌ جي ڪلهوڙن فقيرن جو طريقو آهي. انهن ڪلهوڙن فقيرن کي ادب وچان «ميان» سڏيو ويو، انهيءَ ڪري هن طريقي کي پڻ ماڻهن «ميان وارن» جو طريقو سڏيو. پر جيئن تہ انهيءَ طريقي وارن جي ٻولي سرائڪي هئي انهيءَ ڪري «ميان وال» ۽ «ميان والن» جا اصطلاح مشهور ٿيا. پر ڏٺي توکي نيڪي ڏئي! «ميان» هڪ عجيب ۽ انوکو لفظ آهي جنهن جي تاريخي حيثيت مسلم آهي، مگر ان جي لغوي اصليت تحقيق طلب آهي. البت هيءُ ثابت آهي تہ اهو لفظ هميشه حسب نسب وارن آبرودار شخصن لاءِ استعمال ٿيل آهي. هن ملڪ اندر پٺاڻن ۾ اهو لقب «سيدن» لاءِ، پنجاب ۾ «دولتمندن» لاءِ، ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن حاڪمن ۽ فقيرن لاءِ خاص طرح ۽ ٻين ڪن درويشن فقيرن لاءِ عام طرح استعمال ٿئي ٿو.

اي سڄڻ! سمجهہ تہ ميان آدم شاه ڪلهوڙو، 'مهدوي' طريقي ڏانهن مائل هو، يعني تہ سيد ميران محمد جونپوري جنهن 'مهدي' هجڻ جو دم هنيو هو تنهن جي تبليغ جو مٿس اثر هو. ميانوالي طريقي جي عام شهرت ميان آدم شاه جي پوين، ميان شاهل محمد ۽ ميان الياس محمد جي ڏينهن ۾ ٿي ۽ اها شهرت ميان الياس محمد جي پٽ ميان نصير محمد جي ڏينهن ۾ اوج کي پهتي. سندن سوين هزارين مريد ٿيا جن مان ڪيئي فقير وڏا مشهور ٿيا، مثلاً ڳاجي شاه گنج بخش، شاه پنجو ۽ ٻيا. انهن مريدن جي زور تي ميان نصير محمد جي پٽ ميان دين محمد فقيريءَ

ن ڪڏ سياسي طاقت جو بنياد رکيو، ۽ ڪانئس وٺي ڪلهوڙن جي فقيري موروثي بنجي وئي. انهيءَ ڪري ميان دين محمد کان وٺي اميري شروع ٿي ۽ ميان نورمحمد جي ڏينهن ۾ ڪين سنڌ جي حڪومت حاصل ٿي. البت ميان نورمحمد تائين اميريءَ سان گڏ فقيري جي دعويٰ هلي آئي. ميان نورمحمد جو پٽ ميان غلام شاه هڪ بيدار مغز حڪمران هو. ميان سرفراز هڪ سازشي حاڪم هو، مگر جيئن ته ميان غلام نبي کيس ۽ ٻين چئن ڪلهوڙن شهزادن کي بيگناهه قيد ۾ قتل ڪرايو، انهيءَ ڪري ميان جي مريدن ۽ معتقدن همدردي وچان ميان سرفراز کي شهيد ۽ فقير ڪري مڃيو. ميان سرفراز البت علم وارو هو ۽ فارسي ۽ سنڌي جو اعليٰ شاعر هو. فارسي ۾ "صاحب ديوان" هو، ۽ سنڌي ۾ نبي صلعم ۽ اصحابن سڳورن جي شان ۾ جا مدح جوڙيائين سا سنڌس عام مقبوليت جو وڏو سبب بني. شال ڏٺي ڏينهن ڏيئي! جاڻ ته ميان شاهل محمد، ميان الياس محمد، ميان نصير محمد ۽ سندن خاص مريد جهڙوڪ ميان گاجي شاهه، شاهه پنجو ۽ ٻيا، هن "ميانوال طريقي" جا واقعي وڏا درويش هئا. اڄ تائين انهيءَ طريقي جا فقير دعا وقت انهن بزرگن کي ياد ڪندا آهن.

شال جيئين! جاڻ ته ميان وال طريقي جي فقيرن کي خاص دعويٰ آهي ته: جنِ سندن حڪم هيٺ آهن ۽ غيبات تي هو غالب آهن. انهيءَ ڪري هر بيماريءَ کي اڪثر غيبات جي اثر سان تعبير ڪندا: مريض جي لچ پچ، وڦل، دماغي بيماري ۽ ماليخوليا واري حالت ۾ چوندا ته مريض کي جن جهليو آهي. عام بيماريءَ واري حالت ۾ بيمار جي گهر ۾ قدم گهمائيندا، پاڻو هڻندا ۽ چنبو ڦيٿو ڪندا. جن واري حالت ۾ "سروز" يا "جاڳر" ڪندا: يعني ته اڪثر سانجهيءَ بعد رات جو ماڻهن جو ميڙ ڪندا، مريض کي آڻيندا ۽ ڌوپ واس ڪندا. سرندي وارو فقير خاص "سروزي" لهرا وڄائيندو ۽ فقير وار چوڙي مؤج ڪندو. آڏو مريض به جي ويهڻ جهڙو هوندو ته "مؤج ڪندو" يعني ته مٿو ڌوڻيندو ۽ ڪنڌ هڻندو. "موج" يا "جاڳر" کان پوءِ اڪثر "شادمانو" ڪڍائيندا يعني ته پهرو (جو چوندا ته هڪ رنگو هجي) کهرائي، رڏائي، پوڙ وراهيندا. جيڪڏهن "شادماني" مان به مريض نه چٽو ته "آزي ڪندا" يعني ته ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي اڳين بزرگن (اڪثر گاجي شاه) جي مزارن واري طرف منهن ڪري وڏي "ڪهت ڪندا". بعضي "شادمانو" ۽ "آزي" ٻئي ڪندا. شادمانو وراهيندا ته سڀڪو هٿ ۾ جهليندو ۽ جيستائين فقير اجازت نه ڏئي تيستائين ڪين کائيندا. ٻر جي ڪنهن تڪو ڪري ڪاڏو ته اُن کان "خوشي پرائيندا" يعني ته پئسا پرائيندا جي اڪثر پنجن جي انگ تي هوندا (پنج پئسا، پنج آنا، پنج پايون وغيره). جيستائين خوشي نه پريندو تيستائين ان جي "چَسي" بند ڪندا يعني ته ان کي هٿ ڏيڻ بند ڪندا. ٻئي ڪنهن قصور سبان پڻ چَسي بند ڪندا ۽ چوندا ته خوشي پر ته توکي "چَسي ڏيون". جڏهين چسي ڏيندا ته اول وڏو فقير چسي ڏيندو. وڏو فقير اهو جو "ڪٽي پَنجي جو سائين هجي"، يعني ته ڪلهن تي ڪاري ڪٽي هجيس ۽ "ٻچي پير" (مغلي پير) پنڪو ٻڌل هجيس.

«موج ڪرڻ» وقت، توڙي عام طور بيماري لاءِ دعا گهرڻ وقت ميانوال فقير وڏي آواز سان سرائڪي ٻوليءَ ۾ حاضرين کي چوندو ته: «يارو! ڪرو الا توهار! ها ميان شاهل محمد! ميان الياس محمد! ميان نصيرمحمد! ها ميان پنجا ڏونڪ دا ڏني! گاجي گنج بخش لڪين دا ڏاتار! شي واليان دي شي ڏيوي - يارو! ڪرو الا توهار». جنهن ته هي «الا توهار» ميان وال فقيرن جي عام دعا جي رسم جو مورو ۽ منڍ آهي، انهيءَ ڪري ان تي نالوئي «الا توهار» پئجي ويو آهي. چوندا ته «بيمار تي الا توهار ڪرائي سون.» پر سچڻ! سمجهه ته دعا جو سڏ هرڪو فقير پنهنجي پنهنجي نموني سان ڪندو؛ يعني ته مختلف الفاظ آڻيندو ۽ پنهنجي طريقي جي ڪن ٻين ٻين فقيرن جا نالا به وٺندو. مثلا ننڍه غلام علي (ضلع حيدرآباد) جا ڏيوائي لنجوائي پاڙي جا ميان وال فقير سنڌن وڏي بزرگ «ميان گامون» جو نالو ڪٺندا. ميان گامون، گاجي گنج بخش جي مٽي ۾ پريندڙ هو. چون ٿا ته مٽي تي ڦٽ ڏي پيس پر مٽي هٿان نه ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح پيا ڪي ننڍا فقير وري مائي ڀاڳيري کي دعا جي سڏ ۾ شامل ڪندا. مائي ڀاڳيري چانڊيائي هئي ۽ هڪ فقيرتن درويش هئي. مائي ڀاڳيري ۽ سندس ڀاءُ ٻئي تعلقه سنجهوري (ضلع سانگهڙ) ۾ اسٽيشن ٻوٻي کان ٦ ميل اتر اوڀر طرف «ساڏوٽيءَ» ۾ مدفون آهن.

شال ڏٽي توکي نيڪي ڏئي! «الا توهار» جون مڙيئي معنائون اسان توکي کولي سمجهايون آهن ۽ انهن مڙني جي مراد اها آهي ته هر ڪم الله جي آسري سان شروع ڪجي ۽ هر حالت ۾ ڏٽيءَ جو نالو ۽ سهارو وٺجي. سنڌ جا فقير صدا به ڏٽيءَ جي نالي سان هڻندا ته «ابا! الله هي الله!» سخت مينهن ۽ خوفناڪ گجگوڙين وقت خطري جي حالت ۾ «الله الصمد! الله الصمد!» ۽ «يا صمد! يا صمد!» چئي پڪاريندا. اهو سڏ خاص طرح بادل ۽ برسات، گوڙ ۽ ڪنوڻ جي خطري واري وقت جو آهي ۽ نه ٻئي وقت جو. مير بهرام بابت ڪنهن شاعر جو چيل هيٺيون بيت انهيءَ معنيٰ تي شاهد آهي ته:

بدلجي بهرام، ته بادل وسي رڪ جو،
سنڌ صمد! صمد! ڪري راجا ڪري رام!
پر لنئون لنئون منجهه لغام، نرڪي آهي نمڪ جو.

مير بهرام خان ٽالپر وڏو بهادر هو ۽ بلوچن جي وڏي طاقت هٿ ۾ هئس. ميان سرفراز جي سازش جي ڪيس سڏ هئي. جي بگڙي باغي ٿئي ها ته رڪ جي راند ڪري ترارين جي تجلن سان رت جا اهي ته وڏ ڦڙا مينهن وسائي ها جو نه فقط ڪلهوڙن جي سنڌ «صمد! صمد!» ڪري ها پر سندن مددگار جوڌپور جو راجا به هراس ۾ «رام» جپي ها. پر هن مثير مرد جي لڱن لڱن کي نمڪحلالي جو لغام چڙهيل هو، انهيءَ ڪري ڪلهوڙن سردارن آڏو هٿ به ساهون نه ڪيائين.

اي سچڻ! سڻ ته سنڌ جي شاعرن پنهنجي منظوم قصن، مداحن، منقبتن ۽ عام بيتن کي هميشه ڏٽيءَ جي ساراهه سان شروع ڪيو آهي. پڻ ڄاڻ ته سنڌ جي شاعرن پنهنجي سائينءَ جي

ساراهہ لاءِ هميشه سبب ڄاڻايا آهن. اهو سندن قرآني ڪردار آهي. قرآن شريف علم ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي ۽ ان ۾ پڻ اهوئي منطقي طريقو اختيار ڪيل آهي: ”الحمد الله، رب العالمين“ يعني سڀڪا ساراه الله پاڪ کي جڳائي ڄاڪاڻ ته هو جملي جڳن جو پالڻهار آهي. ڏس ته الحمد شريف جي انهيءَ پهرين آيت ۾ ڌڻيءَ جي حمد لاءِ سبب ڄاڻايل آهي:

آهي هڪ الله کي، تعريف توڙ تائين،
جو جڳا جڳ جڳن جو، پرور پرٻائين،
ڏاتار ڪل ڏيهن جو سخي سدائين،
سڀاجهو سائين، حاڪم روز حساب جو.

مٿيون ترجمون الحمد شريف جي پهرين ٽن آيتن جو آهي ۽ اسان جي دوست مولوي احمد ملاح جو ڪيل آهي. مولوي احمد ملاح صاف سنڌي بيتن ۾ قرآن شريف جو ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ سندس ترجمي جو ”عم“ وارو ٽيهون سيپارو ڇپجي چڪو آهي.

شال ڌڻي توکي توفيق ڏئي! هاڻي مثال خاطر سنڌ جي ڪن عام شاعرن جي مصراعن تي غور ڪر. ”ساراهيان سچو ڌڻي، جو صاحب رب ستار“- اڪثر عام بيتن جي منڍ واري مصرع آهي. جنهن ۾ شاعر چوي ٿو ته آءٌ ڌڻيءَ کي ٿو ساراهيان ڄاڪاڻ ته اهوئي سچو ڌڻي مالڪ ۽ پرور توڙي پردو رکندڙ آهي. مخدوم غلام محمد بگائيءَ (يعني بُگن جي ڳوٺ جو) چيو آهي ته ”ساراهيان سچو ڌڻي جو وڏو وڏن آه“- يعني ته شاعر جي ساراه جو سبب ڌڻي پاڪ جي وڏائي آهي. لس ٻيلي جي شاعر ’نر‘ چيو آهي ته ”ساراهيان سچو ڌڻي، ڪم سندا ڪلتار“؛ الياس جدغال چيو آهي ته ”ساراهيان سچو ڌڻي، جوڙيو جنهن جهان“؛ مل محمود پلي سنڌ جي پهرين بهادر حرن جي تعريف ۾ جي بيت چيا آهن، تن جي شروعات هن طرح ڪئي آهي ته ”وصف ڪجي واحد جي جنهن جوڙيو جڳ جهان“؛ دين محمد لغاري چيو آهي ته ”ساراهيان سچو ڌڻي، جنهن کي جوڙ جڳاءِ“- انهن مڙني شاعرن ڌڻيءَ کي ساراهيو آهي ڄاڪاڻ ته هو مڙني ڪمن جو ڪارساز ۽ جملي جهانن جون جوڙون جوڙيندڙ آهي. نورمحمد فقير لغاري چيو آهي ته ”ساراهيان سچو ڌڻي جو عالمن الله“؛ ۽ ملا عبدالرحمان سندس سنڌي نورنامو هن طرح شروع ڪيو آهي ته: ”ساراهيان سچو ڌڻي جو آڳو عليما“. هنن شاعرن ڌڻيءَ جي تعريف ڪئي آهي ڄاڪاڻ جو هو ڄاڻهار آهي ۽ عالمن جو به الله آهي: يعني ته عالمن به پنهنجي علم ذريعي سندس وحدت، وجود ۽ وڏائيءَ کي تسليم ڪيو آهي، ۽ پيو ته هو پاڻ عليم آهي يعني ته هر شي جو هر حالت ۾ هميشه لاءِ ڄاڻهار آهي. فقير عبدالرحيم گرهوڙي ’تفسيرن جي مهاڳ‘ وارو موضوع هن طرح شروع ڪيو آهي ته:

ساراه صاحب کي ڪجي، جو عالم ڪل علمن،
سڀڪي ڄاڻي سون ڌڻي بخشي علم بندن.

پتاڻي صاحب جو رسالو بہ الله پاڪ جي "عليم" واري صفت ۽ ساراهہ سان شروع
ٿئي ٿو تہ :

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سان قائم آهي قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
منجهان حڪم حڪيم، جوڙي جوڙون جهان جون.

منهنجا سُرت پَريا سڄڻ! ڄاڻ تہ عالم ۽ عليم ۾ اهو فرق آهي جو "عالم" فاعل آهي ۽ ان ۾ علم جي صفت وقتي ۽ عارضي آهي؛ يعني تہ جو هن وقت عالم (ڄاڻندڙ) آهي سو اڳي صرف متعلم (شاگرد) هو؛ ممڪن آهي تہ هن ڪان پوءِ ڪنهن وقت سڀڪجهہ وسري وڃيس. مگر "عليم" ۾ "علم" جي صفت دائمي آهي يعني تہ ازل ڪان وٺي ابد تائين ڄاڻهار آهي. اي سڄڻ! سمجهہ تہ لفظ "اول" ۾ پڻ صفت ۽ ساراهہ جو مفهوم سمايل آهي يعني تہ "سڀ ڪان اول تعريف الله پاڪ جي"، جو عليم آهي. بيت جي ٻيءَ مصرع ۾ الله تعاليٰ جي وجود بابت فلسفيانہ ۽ منطقي دليل ڏنل آهي. مسلم فيلسوفن هن معنيٰ تي وڏا بحث ڪيا تہ آيا الله تعاليٰ جو وجود "قديم" آهي يا "حادث"- يعني تہ ازل ڪان موجود هو يا ٺئين سر پنهنجو وجود ظاهر ڪيائين. جيڪڏهين قديمي قائم هو تہ ڪئن قديم بنيو؟ ان جو جواب هن مصرع ۾ آهي تہ قادر پنهنجي ذاتي قدرت ساڻ قديمي قائم ڪئي آهي. ٽيءَ مصرع ۾ "رحيم" الله پاڪ جو صفاتي نالو آهي ۽ رحيم ۾ پڻ "رحم" جي دائمي صفت سمايل آهي.

شال جئين! هاڻي سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي شاعرن جي زباني ڌڻيءَ جي تعريف پڙ. ٻڇايو فقير پٽ بنگل خان رند، سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو شاعر هو. سندس بيت پوين پنجويهن سالن ۾ نَتُون بيتن جي ڪچهرين ذريعي مشهور ٿيا. ٻڇايو فقير اٽڪل اسي ورهين جي ڄمار ۾ سنہ ١٩٠٤ع ۾ گذاري ويو. اسان ساڻس آخري ڪچهري ٢٠ جولاءِ سنہ ١٩٥٢ع تي شهر جهول (ضلع سانگهڙ) ۾ مرحوم مير الله بخش خان جي اوطاق تي ڪئي هئي. مرحوم پنهنجي بيتن جو آڳاٽو ڇپيل ڪتابڙو ڏنو ۽ پيا اڻ ڇپيل بيت ڪي لکايا ۽ ڪي بعد ۾ لکرائي موڪليا. هن ڪتابڙي ۾ پنهنجو پهريون بيت الله پاڪ جي تعريف ۾ هن طرح چيو اٿس تہ :

الله جل جلالہ، صاحب رب سچو.
قادر! تنهنجي قدرت سان پوري ڪونہ پيو.
تون ڪرين تيئن ٿئي ڪري ڪونہ پيو.
رب تون رحيم تون قادر تون، ڪريم تون،
جليل تون جبار تون، تون آهين مالڪ ملڪن جو.
آءٌ آهيان ڏي تنهنجي، مون پيو تڪيو ڪونہ تڪيو،
تون آهين ايمان اسان جو ڏسڻ جو ڏيو،

جن ٿي سڪندر سڏايو پاڻ کي تن جو ڀرو ڪونہ پيو،
تو اڏايون تجرون تن تي، جن توکي ياد ڪيو،
تڏهين محبوب! پنهنجي سالڻ جو مون کي ڏس ڏيو.
"فاذ ڪروني اذ ڪر ڪم" اٿم اعتبار اهو،
آهيان غافل گناهن ۾ مون ڏاڍو ڏوهہ ڪيو،
محابي محمد مير جي سون کي معاف ڪريو،
بخش گناهہ بچايو چوي، مون کي انهيءَ سيد جو صدقو،
جن اهو پنڌ پڄيو، ونڊر سي ٿي ويندي يون.

بڄاڻي فقير جي هن بيت جي ٻي مصرع، "قادر تنهنجي قدرت سان پوري ڪونہ پيو"، ۾ هڪ وڏي حقيقت جو اقرار ڪيل آهي. عام طرح چوندا آهن تہ "قادر جي قدرت سان ڪو پوري پوندو؟"؛ چوندا تہ "قادر جون عجب قدرتون آهن، يا ڪئين قدرتون آهن". ڪوهستان جي شاعر ٻہر سونهيري (نالو ٻِہَر، ذات جو سُوُنهيرو، ويٺل ڪرچات جو) پنهنجي هڪ بيت ۾ سائينءَ جي ساراهہ ڪندي، سندس پيدا ڪيل شين تي حيرانيءَ جو اظهار ڪيو آهي، ۽ قادر جي قدرتن کي ڪوهستان جي عام زبان ۽ پنهنجي انوکي اسلوب بيان ۾ هن طرح ڳايو آهي تہ:

ساراهيان سچو ڏڻي، جنهن جوڙ بہ جوڙي آهہ،
وڏائي واحد کي، ڀٽي ڪنهن کي ڪين ڄڳاءِ،
عرش ڪُرش آشمان، هي آڏاٽا ڪيئن آڏياءِ!
زمين زمن، لوح محفوظ، جبل ڪيئن جوڙياءِ!
اها مخلوق ساري مون جا ڏڻي! خاوند! ڪيئن خلقياءِ!
مک، ماڪوڙي، مرون، مال، ماڻهو، جيت ڪيئن جوڙياءِ!
تن کي چوٽو، ڪيڻہ نہ اوٺو، تي رازق رزق ڏنياءِ!
سوين قدرتون توجون، مون جا ڏڻي! توڙت لکين ليکو ناهہ،
سوين پڙهيا سانئر ٿيا، ڪئين واعظ ڪري ويا،
ڀرڪيڙي پيلي خالق توکي سانئر ڪين سڳهيا،
اڻسونهن جو، سونهيرو چئي، ننگي ننگ منياءِ،
ايءَ پانهپ ڪرڻ، ڀہر چئي، رستو آهہ رواءِ،
ڪلمون ڀاڪ ڄڳاءِ، محمد مير رسول تي.

ٻهراڙيءَ جي شاعر ٻہر سونهيري پنهنجي فطري سادگيءَ سان هڪ انوکي انداز ۾ عجب اظهار ڪيو آهي: تہ اي منهنجا ڏڻي! اهي آڏاٽا ڪيئن اڏياءِ! اهي جبل ڪيئن جوڙياءِ! اها هيتري ساري مخلوق ڪيئن خلقياءِ! ۽ اهي جيت ڪيئن جوڙياءِ!!! منهنجا سڄڻ! ائين

نہ پانء تہ ٻہر سونهيري جيتن جي جوڙ تي ڪو اڄايو عجب اظهار ڪيو آهي. جيتن جو جهان ايڏو تہ وڏو آهي جو اڄا تائين باوجود پنهنجي وسيع علم جي، انسان ان جي حد نہ ڏٺي آهي. قرآن حڪيم جهڙي الهامي ڪتاب ٻہ ريون دفعو جيتن جي جوڙ ڏانهن انسان جو توجہ ڇڪايو، ايتري قدر جو ماکيءَ جي مک، ماڪوڙي ۽ ڪوريئڙو هن الهامي ڪتاب جي سورتن جا نالا بنيا. بيشڪ ماکيءَ جي مکين ۽ ماڪوڙين جي اجتماعي زندگي وارو اعليٰ نظام ۽ ڪوريئڙي جي ڪاريگري ۽ حڪمت عمليٰ اهڙا تہ حيران ڪندڙ ڪارناما آهن جو خالق اڪبر جي وجود ۽ وڏائي جو سبق سيکارين ٿا.

منهنجا سمجهدار سڄڻ! ڄاڻ تہ ٻہر سونهيري سندس مٿيون بيت ٻيلي ۽ ڪوهستان جي ٻوليءَ جي ٻهراري واري محاوري ۾ چيو آهي. "تي رازق روز ڏنياءِ" يعني ٿي رازق روز ڏنياءِ؛ "مون جا" يعني منهنجا؛ ۽ "توجون" يعني تنهنجون. آشمان، قدرتون، ڏنياءِ ۽ مٿاءِ ڪوهستان جي ٻهراريءَ وارن جا خام اچار آهن. لفظ "سانئر" (شاعر) لس ٻيلي، ڪوهستان ۽ لاڙ جي محاورن جو غلط العام آهي ۽ انهن ڀاڱن ۾ عام مروج آهي. "آڏاٿا اڏڻ" سنڌيءَ ٻوليءَ جو هڪ سهڻو اصطلاح آهي- يعني اڏاوتون آڏڻ، جايون جوڙڻ، ٺاهہ ٺاهڻ، تجويزون سٽڻ يا پهہ پچائڻ. "تن کي چوٿو، ڪينءِ نہ اوڻو" فقري ۾ سنڌي ٻوليءَ جو عام اصطلاح "چوٿو اوٿو ڪرڻ" سمايل آهي. چوٿو معنيٰ قوت، کاڌو يا رزق. "اوٿو" يعني "ٻربل کان گهٽ"، سٿو يا اڻپورو. چوندا تہ رازق سڀ ڪنهن کي رزق ٿو رسائي ۽ ڪنهن جو بہ چوٿو اوٿو ڪونہ ٿو ٿئي- يعني تہ جيڪو ۽ جيترو قوت ڪنهن بہ جاندار کي وبلي تي ملڻو آهي اهو اوس ملندو ۽ ان مان ذرو بہ ضايع نہ ٿيندو. شاعر گلو مياڻي پنهنجي هڪ بيت ۾ انساني زندگيءَ جي هڪ گهري حقيقت بيان ڪئي آهي تہ هيءَ حياتي ڄڻ "اڌارو چوٿو" آهي جو اوڌي يا سٿي ماڻ سان پريل آهي. يعني تہ هيءَ حياتي ٿورڙي آهي ۽ ڄڻ تہ ٿورڙي وقت لاءِ اڌاري ورتل آهي. گلو پنهنجي بيت جي پهرين ٽن مصراعن ۾ راءِ ڏياچ کي خطاب ڪيو آهي ۽ پوين ٽن مصراعن ۾ سورٺ جي زباني مڱڻي سان ڳالهايو آهي. چوي ٿو تہ:

سوٽ مڱڻي هٿ ۾، تنهنجو ڏاتر هو ڏنو،
آندو چوٿو اڌارو تو اصل ماڻ سٿو،
لکين سر هٿا لوڪ ۾، پر اچي ڇڪو ات چنو.
مات ڪري ويهہ مڱڻا، تسند ڦٽي ڪر تون،
گهٽي قدر، گلوچئي، توکي منٿون ڪيون مون؛
هاڻي ڏٺي ٿو سرسڱو، تون وڃي وڃي ڦنهيون ٿيءُ.

شال ٻچين! اسين تنهنجو ڏيان وري ٻہر سونهيري جي ٻي مصرع ڏانهن ڇڪايون ٿا تہ "پرڪيڙي ٻيلي خالق توکي سانئر ڪين سکهيا." ڪيڙڻ جي لفظي معنيٰ آهي پهريون هر ڏيڻي زمين کي "آ ڪيڙڻ". "ڪڙ ڪرڻ" جو عام اصطلاح بہ ساڳي معنيٰ ۾ آهي ۽ غالباً "ڪيڙ ڪرڻ"

يا "ڪڙا ڪرڻ" جو مخفف آهي. 'ٻيلڻ' يا 'ٻيلهه ڏيڻ' يا 'ٻيلهه ڪيڻ'، معنيٰ ٻهرئين هر ڪان پوءِ وري زمين کي ٻيو هر ڏيڻ. ڪهڙي به نهوَر زمين هجي پر جيڪڏهين ڪٺن هاري ان جا لاهه ڪڍيا ۽ جهنگ وڏي ساڙي صاف ڪيو، ۽ اڏيون، نانڪا ۽ نيڪار ٿاهي ان کي ٻاٽي ڏئي رجايو ته اها زمين هرن لاءِ تيار ٿيندي؛ ۽ جيڪڏهين ان کي هڪ هر بعد ٻيو هر ڏنائين، ته چڻ ان کي 'ڪيڙي ٻيلي' ڪٽپ ڪيائين. اهڙي استاد هاريءَ کي ان زمين جي لاهه چاڙهه ۽ سنڌي، سيڙهي جي سڄي سربستي خبر پئجي ويندي، جو ته ان کي ڪيڙيو ٻيلو اٿس ۽ هو ان جي جاٽ جاٽ ۽ اوڙ اوڙ کان واقف آهي. شاعرن به پنهنجي فطري ذهانت، بيان جي قوت ۽ شاعرانه حڪمت سان ڪائنات جي رازن نيازن کي ڳولي ڳٺي ڳايو آهي، انسان جي جذبن ۽ احساسن کي اٿلايو پٿلايو آهي، ۽ قادر جي قدرت کي واڪاڻيو ۽ ووڙيو آهي؛ پر ٻير سونهيرو ٿو چوي ته: اي خالق! انهيءَ هوندي به جملي جهان جا شاعر اچا تائين تنهنجي وحدت، حڪمت ۽ قدرت کي ڪيڙي ٻيلي نه سگهيا آهن يعني ته ان جي حد ڪٿي نه سگهيا آهن. بيشڪ ٻير سونهيري جا اهي سادا الفاظ وڏي معنيٰ وارا آهن. ڀٽائي صاحب جهڙو سالڪ به چئي ويو آهي ته: "لڇان ٿي لاحد ۾، هادي! لهان نه حد"؛ ۽ پڻ "خالق! تنهنجي ڪاند جو پرو ڪونه پيو". ان واحد جي وڏائي ۽ قادر جي بي انت قدرت جي يقين، سنڌ جي سورهيه ۽ موحد فقير عبدالرحيم گرهوڙيءَ کان بي اختيار هي بند چوايا ته:

جوڳو عبادت جو ڪونهي رب سوا،
ڪنهن کي روا ناه ڪا پرور ريءَ پوڄا،
ڪهڙو ڪم مخلوق سين جو پاڻ محتاجا،
سدا ڪم ڪريم سين، جنهن جوڙيا جهانا،
جي وجي ڪو مخلوق ڏي ته پڻ خالق لاءِ،
'نافع' نالو سڄئين، 'ضمد' سبحانا.

گرهوڙي صاحب اهي بند "توحيد" جي سمجهاڻي ۾ چيا آهن ۽ صاف سنڌي ٻوليءَ ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو هڪ نادر نمونو آهن. "سدا ڪم ڪريم سين" وارو فقرو، سنڌ وارن جي پنهنجي موليٰ سان محبت، پنهنجي واليءَ ۾ ويساه ۽ مٿس توڪل جو بهترين اظهار آهي. پر منهنجا سڄڻ! سمجهه ته خالي توڪل مردن جو شيوو نه آهي. سنڌ جا سورهيه پوري سعيي سان پنهنجا ڪم سائين کي سپاريندا آهن. سنڌ جي جوان مردن جو هيءُ قول آهي ته "اسان کي دشمن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشڻ گهرجي، پوءِ جيڪي ڪندو الله!". جاڻ ته سنڌ جا مٿير مرد جڏهين مڙس ٿي منهن ڏيندا آهن تڏهين چوندا آهن ته "ادا! جيڪي ڪندو الله"؛ يا "پوءِ جيڪي ڪري الله". چوندا ته مڙسن جو ڪم آهي منهن ڏيڻ باقي "سوڀون وس صاحب جي، جنهن کي ڏاتر ڏياري".

منهنجا ساڃاهه وارا سڄڻ! اسان مٿي "توحيد" بابت عبدالرحيم فقير گرهوڙيءَ جا بند نقل ڪيا؛ جن ته هيٺين بندن ۾ گرهوڙي صاحب الله تعاليٰ جي وجود ۽ وحدانيت جي تفصيلي

سمجهائي ڏني آهي، اسان اهي ٻه تنهنجي فائدي خاطر نقل ڪريون ٿا. جاڻ ته ميين عبدالرحيم ڪي صاف سنڌي ٻوليءَ جو ماڪو آهي: "سلڪي" جي معنيٰ اهڙي هڪ اندروني ۽ نفسياتي قوت جنهن جي ڪري ڪنهن شي سان خاص مناسبت پيدا ٿي پوي. جاڻ ته گرهوڙيءَ صاحب توحيد توڙي ٻين ڳوڙهن مسئلن کي جنهن سادي ۽ صاف زبان، روزمره جي مضبوط محاورن ۽ مختصر مگر پُر معنيٰ لفظن ۾ بيان ڪيو آهي سو بيان ڪان ٻاهر آهي. ڏس ته الله تعاليٰ جي وجود ۽ وحدانيت کي ڪئن ٿو وهڻائي ۽ ورجائي ته:

الله آهي هيڪڙو جو سُور سڙني جو،
"لا" نه لڀي منجهس آهي "اِلاّهو"،
سڃاڻ ۾ تنهن سندي، عقل عاجز هوءِ،
"آهي" چئبو ان کي، ٻڙهي ڪل نه پوءِ،
پاڪ طرح ۽ طرف ڪان قادر جنس نه ڪوءِ،
هيڏو، ههڙو، هيترو، نڪي سگهيو سوءِ،
سڀڪا صورت جوڙ تنهين، پاڻ پراهون هوءِ،
ٻين ڏاران تنهن سَري، ان ري سَري نه ڪوءِ،
مٿس واجب ناه ڪِي، جڳ تي واجب سو،
ان ري صورت نه ٿئي، صورت ري سو هوءِ،
"وَ اللهُ الغَنِي وَ اَنْتُمُ الفُقراءُ" صاحب 'صمد' ٿيوءِ،
جدا ڪين جهان ڪان، نڪي لڳونوءِ،
منجهه نه چئبو مون ڏٺي، ٻاهر ٻجهه م سوءِ،
نڪي اڳاهون هيڪڙين، ٻين ڪي اوڏوءِ،
واحد پاڪ ورچ ڪوُن، جنءَ هوءِ ذرو ذروءِ،
سڀني ذرا تنهن خلقيا، پاڻ نه هوءِ ذروءِ.
ٻر علم قدرت اهڙي، جنءَ ههڙو جڳ جوڙيو
جيڪي تنهن ري ٻوجهي سو سڀ پاپ ٿيوءِ،
توٽي اپين ٿوڪ سو، توٽي پوڻءِ تي هوءِ،
سڀني ڪم ڪريم سين، ٻئي سين ڪم نه ڪوءِ،
"اِنِ الحُڪْمُ اِلاّ لِلّٰهِ" ٻڙهي پَرُوجهو،
جنين ٻيءَ پَرِ پاڻيو تنين اڪِ ڦُلو،
لا مَڪانيءَ - "لا" ٿيو جي ٻچين مڪانو،
"ڪُلٌ اِلَيْنا راجِعُوْنَ" صحي سِکي سمجهو،
"قُلْ اِنَّ الاَمرَ ڪُلّهُ لِلّٰهِ" ٻُجهو جي نه ٻُجهو،
ٻي ريءَ سَري سيني، واجب واحد هوءِ،
جنهن ريءَ سَري نه جڳ کي ٻهر نڪو ٻلڪو،
سو در سوجهڻ سور ٿيو جو وڃڻ وڃي ويندو،
ڏوريو در ڏاتر جو، جو آهي ۽ هوندو.

سڄڻ! سمجھ تہ "ٻور مڙني جو" معنيٰ "منڍ مڙني جو"- يعني تہ الله پاڪ جي هستي ئي ڪل ڪائنات جو سرچشمو آهي. "مور" اصل ۾ سنسڪرت لفظ "مول" آهي، ۽ پوءِ 'ل' مان 'ر' ٿيو آهي. 'مول' معنيٰ اصل، بنياد يا منڍ. شهر ملتان جو اصل نالو بہ "مول آستان" (= مولتان = ملتان) آهي يعني اصلي آستان يا آستانن جو بنياد. جئن تہ ملتان ۾ قديم زماني کان سج جي پوڄا جو هڪ وڏو مندر هو، انهيءَ ڪري ئي ان کي سڀني پوتر آستانن جو منڍ ڪري ليکيائون. پڇسن جي "مور" واري رقم جي معنيٰ بہ آهي منڍ واري، يعني اها رقم جا شروع طور ڪنهن ڪم يا ڌنڌي تي خرچ ڪجي. ڪنيو يا نقصان ان شروع واري رقم يعني مور تي ئي پڌبو. شڪي حالت ۾ چوندا تہ "ادا جي مور مليو تہ لک ٿيو". شاعر سانوڻ بہ انهيءَ ساڳيءَ معنيٰ ۾ چيو آهي تہ "گهڻو ڪنيو گهوريو، ماڳهين وڃي نہ مور". چوندا تہ "مور ۾ سور نہ پوي"، "مور ۾ سور نہ وجھ" يا "مور ۾ سور ڪونہ وجھندس". سنڌيءَ جي عام اصطلاح "آءٌ مور ڪونہ ڪندس (يا ويندس، ڏيندس وغيره) جي پڻ معنيٰ ٿيندي تہ "آءٌ اصل ئي ڪونہ ڪندس; آءٌ منڍئون ڪونہ ڪندس; يا آءٌ ڌرئون ڪونہ ڪندس". "لا" نہ ليي منجهس يعني تہ الله پاڪ جي هستي ۾ نفي يا نيستي جو ذرو بہ ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ هو 'اِلاهو' آهي يعني تہ سندس ذات هميشه اثبات آهي. "ٻڙهيي ڪل نہ پوءِ" يعني تہ محض اڪري علم سان الاهي حقيقت جي پروڙ ڪانہ پوندي. 'طرح'، 'طرف' ۽ 'جنس' کان قادر مطلق پاڪ آهي، يعني تہ صورت، مڪان ۽ جنس کان اتم ۽ اعليٰ آهي. "والله الغني و انتم الفقرا" يعني تہ الله تعاليٰ بي نياز آهي ۽ اوهين بندا ڏانهس محتاج آهيو. "لڳو نو" يعني لڳل، لاڳاپيل يا ڳنڍيل. "اِنِ الحُڪمُ اِلا لِله" يعني تہ حڪم ۽ اختيار جو صاحب صرف الله تعاليٰ ئي آهي. مڪان جي لحاظ کان هو لامڪان آهي. ڌڻي تعاليٰ جو قول آهي تہ "ڪُل اِلَينا راجعون" يعني تہ سڀ مخلوق بالآخر اسان ڏانهن موٽندي. "قُل اِنَّ الامرَ ڪُلہ لِله" يعني تہ هر ڪم ۽ نتيجي جو، هر امر ۽ اختيار جو ڪلي طور مالڪ اهو موليٰ آهي. "سو در سوجهڻ سورٿيو، جو وڃڻ وڃي ويندو" يعني تہ جيڪي ڪجھ گهرجي سو هڪ ڌڻيءَ جي در ان ئي گهرجي، باقي ٻيو در جيڪو جو اوس فنا ٿي ويندو، ان جو ارادو ڪرڻ ئي ڇڻ اجايو سور سهڻ آهي. "سوجهڻ" فعل متعدي آهي ۽ "سُجهڻ" لازمي آهي، جئن کولڻ ۽ کلڻ. 'سوجهڻ' يعني ڪنهن شي کي خيال ۾ آڻڻ يا ان جو ارادو ڪرڻ يا ان جو گهورو ٿيڻ.

سنهنجا ڍولڻ! ڄاڻ تہ خوشيءَ ۾ توڙي ڏک ۾ سنڌ وارن پنهنجي موليٰ کي نہ وساريو آهي. هڪ معنيٰ ۾ عشق ۽ محبت جهڙي ٻي خوشي ۽ خوراڪ ڪانهي ۽ دل گهرئي دوست جي ملڻ جهڙي ٻي نعمت ڪانهي. سنڌ وارن انهيءَ نعمت جي نصيب ٿيڻ جو مدار بہ پنهنجي موليٰ تي رکيو آهي: چوندا تہ "يار ڏي موليٰ وارث آهي الله". وڇڙيل دوست کي بہ چوندا تہ "الله آڻيندو". ڄام دوست علي جوکيي هڪ بيت ۾ چيو آهي تہ:

دلبر! دوست علي چوءِ، آئيندءِ الله،
مون سوين سڪائون ڪيون لعل توهي لاءِ،
ساجن! سڪ سندياءِ، مون ڪي ڪالهوڻيا اچ گهڻي.

"چوءِ" يعني 'چوي'- اهو ملير ۽ ساڪري جي خاص محاوري جو لفظ آهي. ڀٽائي صاحب ۾ وصل جي وائي وارينديءِ چيو آهي ته: "الله! اچن اوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي"؛ ۽ ٻئي "الله! اوتاري، منڊ ماروءِ جي ميڙئين".

جاڻ ته درد ۽ ايذاء ۾ ٻئي سنڌ وارا الله کي ٿي ٻاڏائيندا. ايذاء وقت "الاڙي" چوڻ سنڌ وارن جو تڪيو ڪلام آهي. "الاڙي" معنيٰ "الله ! ڙي" يعني "اي الله"، "يا الله"! صدين کان وٺي "الله" جو نالو سنڌ وارن جو تڪيو ڪلام ۽ زبان زد عام بنجي ويو آهي. ايذاء وقت "الله" جي سڄي نالي اچارڻ بدران "الا" جو اچارجڻ فطري آهي؛ انهيءَ ڪري درد ۽ تڪليف وقت "الله!"- يعني اي الله!- جو مخفف "الا" عام رائج ٿي ويو آهي. ڀٽائي صاحب چيو آهي ته: "آلا! ائين م َ هوءِ- جئن آءٌ مران بند ۾" يعني اي الله پاڪ! شل ائين نه ٿئي جو آءٌ هڪ قيدي جي حالت ۾ دم ڏيان؛ "الا! ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن" معنيٰ اي الله سائين! آءٌ ڏاهپ واري نه ٿيان ڇو ته ڏاهپ واريون ڏک ڏسنديون آهن. مطلب ته "الا" تڪليف جي وقت وارو سڏ آهي ۽ آلله!" جو مخفف آهي. "آلاڙي" خاص طرح درد ۽ ايذاءَ واري دانهن آهي. سسئي جي زباني 'سانوڻ' جو بيت آهي ته:

درد بنا دانهن نه ڪري 'الاڙي! آلا'،
ڪانڊ مون کي کهي ويو ڪري ڪربلا،
اٿ تہ آريءَ ڄام جا آساريءَ آوَلا،
آريءَ جي ائن کي ڏينديس وندر منجهه وَلا،
هاڙهي وندر وچ ۾ ڏنم ويهہ وَلا،
سورن جا سائين! - مون آهن ٿڪيءَ تي ٿلا،
سورن جا سائين! - مون آهن ٻانهيءَ تي پيلا،
پر سورن جا سانوڻ ڇٽي، اچ آهن ڪوڙا ڪونسلا،
اهي حسن حوصلا، منهنجا پنهون نيا پاڻ سان.

ڏئي شال راضي ٿي پنهنجي بندن جا سڀ سور ۽ درد دفعي ڪري ۽ ڪين پنهنجي نعمتن ۽ نوازشن سان مالا مال ڪري. منهنجا سڄڻ! جاڻ ته رب جي رضامندي جهڙو پيو ڪو سرمايو ڪونهي. رب راضي هجي ته بندي جي بلنديءَ جي ڪا حد ئي ڪانهي. گجهارت ۾ آهي ته "الله ذات آهي، نوڪر انسر ئي ڪوند، ۾ جي ناالو ٿئي" (ذات = ڏيٺو، نوڪر = ڪمي. نالو = راضي) يعني ته "الله ڏئي ٿو، ڪمي انسي ئي ڪانه، پر جي راضي ٿئي".

مهراڻ جا موتي

* جيڪو شخص بدلي جي طريقن تي غور ڪندو رهي ٿو، ان جا زخم سدائين چڪندا رهن ٿا؛ ۽ جيڪو پنهنجي دوستن جي هر خطا تي ڌمر ڪندو آهي، ان جا دشمن گهٽائي هوندا آهن.
— بوعلي سينا

* تون سمجهين ٿو تہ محتاج کي قرض ۾ مهلت ڏيئي، تو هن تي ڪو وڏو احسان ڪيو آهي؛ پر اهو احسان ناهي، بلڪ عدل ۽ انصاف جي ئي تقاضا آهي.
— غزالي

* سچو دوست ان کي سمجهڻ گهرجي، جو اڪيلائيءَ ۾ عيب ظاهر ڪري انهن تي تنبيهہ ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪري؛ مگر پر پٺ تنهنجي تعريف ڪري، ۽ جڏهين توکي ڪوبہ مشڪل پوي، تہ ان وقت همراهي ڪري.
— مامون الرشيد

* حق جي ڪڙائيءَ کي برداشت ڪرڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي؛ پر سياڻو آهي اهو شخص، جو ٻين جي نصيحت ٻڌي.
— غزالي

* لائق ماڻهن جي حق تلفي ڪري، نالائقن جي پرورش ڪرڻ، نہ فقط انهن جي ڪنڌ تي ڪاتي ڦيرڻ آهي، بلڪ اهو تہ ڏسي وائسي سموري آئنده نسل جي رستي ۾ ڪنڊن پکيڙڻ جي برابر آهي — ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ڪان وڏيڪ آفت ۽ مصيبت آئنده نسل لاءِ ٻي ڪا ٿي نٿي سگهي، تہ هن کي ورثي ۾ اهڙن شخصن جي بالادستي ۽ وڏندڙ فوج ڏني وڃي، جي ڏڇڙا، آواره، ڪمچور، بدمعاش ۽ شرير هجن!
— هربرٽ اسپينس

* جڏهين هڪ شخص چڙ ۽ غصي ۾ ڀرجي، تو سان بيهودن لفظن ۾ ڳالهائي ٿو، ۽ توکي معلوم آهي تہ هو غلط ۽ غيرمعقول آهي تہ اها تہ تنهنجي وڏي بيوقوفي ٿيندي، جو تون بہ ان وانگر جوش ۾ اچي واڪا ڪرين: انهيءَ جي معنيٰ تہ هيءَ ٿي تہ هڪ چريي کي ڏسي، تون بہ چريو ٿي وڃين.
— فرينڪلن

* انسان جي زندگيءَ جو مقصد ڪو اهو ڪونهي، تہ هن کي نيٺ قبرستان رسايو وڃي، بلڪ هن کي پنهنجي زندگيءَ جو ڪو مقصد ضرور بنائڻ گهرجي، نہ تہ هن جي جيئڻ جو ڪو ضرورتي ڪونہ هو!
— لانگ فيلو

* جنهن ڪو درد انسان کي ڪنهن خرابيءَ کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ ٿيندو آهي، تنهن مصيبتون بہ درحقيقت سجاڳ ڪرڻ لاءِ اچن ٿيون.
— ڊابسن

* انسان جي واسطي سڀ کان وڏي خوش قسمتي ۽ حياتيءَ جو سڀ کان وڏو انعام اهو آهي ته هو پنهنجي پاڻ ۾ ڪنهن اهڙي خاص ڪم ڪرڻ جو لاڙو پيدا ڪري ڇڏي، جنهن سان هن کي پورو پورو شوق هجي ۽ ان ڪرڻ سان خوشي حاصل ٿي سگهيس.
— ايمرسن

* اي شام جو فٽ بال، هاڪي، ٽينس، گهوڙدوڙ ۽ پولو وغيره "ورزش" کي پنهنجي صحت لاءِ لازم سمجهندڙ! ڳوٺن ۾ وڃي انهن بدنصيب هارين جو هٿ چوٽا وٺو، جن جي جسم جون هڏيون سخت محنت سبب چور چور ٿي رهيون آهن!
— برنارڊشا

* دولتمندن ۽ سرمايدارن جي خيرات ۽ چندي سان هلندڙ سوسائٽيون هميشه دولتمندن جي طاقت ۽ موجوده سرمايدار نظام کي قائم رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون آهن؛ هو صبر ۽ تحمل جي تلقين ۽ تبليغ سان غريبن جي انقلابي جذبن کي ٿڌو ڪنديون رهنديون آهن، ته جيئن سرمايدار بي‌خوف و خطر سندن رت چوسيندا رهن.
— برنارڊشا

* اڳئين زماني جي درويشن جا پيالا ڪاٺ جا هئا ۽ هو پاڻ سون جا؛ مگر هاڻوڪي زماني جي درويشن جي اها حالت آهي، جو سندن پيالا ته سون جا آهن، پر پاڻ ڪاٺ جا!
— ڊيڪن

* تاريخ جي صفحن تي انهيءَ نيپولين جو نالو ته سونن اکرن سان لکيل آهي ۽ بار بار سندس نالي کان واقف آهي، جنهن جي سر تي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن لکن انسانن جي بيگناه قتل جي ذميداري عائد ٿئي ٿي: مگر انهي وليم جيمس جو نالو تمام گهٽ ماڻهو ڄاڻن ٿا، جنهن ماتا جهڙي نامراد مرض جا ٽڪا ايجاد ڪري، ڪروڙن انسانن جي قيمتي جانين کي بچايو!
— نامعلوم

* ڪوبه ملڪ تيستائين هرگز غلام بنائي نٿو سگهجي، جيستائين خود انهيءَ ملڪ جا باشندا چڙهائي ڪندڙ جي مدد نه ڪن - بلڪل ائين، جئن ڪهاڙو تيستائين وڻن کي وڍي نٿو سگهي، جيستائين خود منجهس ڪنهن وڻ جي ڪاٺيءَ جو ڳن پيل نه هجي!
— نامعلوم

* جڏهين آءٌ ڪنهن جاهل کي پنهنجي تعريف ڪندي ٻڌندو آهيان، تڏهين سوچيندو آهيان، ته مون کان اهڙو ڪهڙو بيوقوفيءَ جو ڪم ٿيو، جو هن کي پسند آيو!
— افلاطون.

* جو شخص علم حاصل ڪرڻ ۾ ننڍپڻ جا ٿورا ورهيه خرچ نٿو ڪري، ان کي سڄي عمر جهل جون سختيون ٿي برداشت ڪرڻيون پونديون آهن.
— ارسطاطاليس.

* منهنجي دعوا آهي ته جيڪڏهين اوهين عوام جي راءِ ۽ سندن خواهشن جو احترام نه ڪندؤ، ته اوهين جيترا به وڏيو اوترا قانون ڪٽي ٻڌايو، مگر اوهين انهن جي وسيلي بدامني

ڦهلائيندڙ سڀني عناصرن جو خاتمو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهندؤ .... اوهين عوام جي ڳالهه ٻڌو، سندن احساسن ۽ جذبات جو احترام ڪريو ۽ سندن مطالبن ۽ خواهشن کي تسليم ڪريو.
— قائداعظم محمدعلي جناح

* هوڏانهن انسان جي اها حالت آهي، جو مذهب، نسل، رنگ، قوميت، خواجگي، غلامي، سرمايه داري، مزوري، تعصب، عقليت، جمهوريت، اشتراڪيت، وغيره وغيره جي اڻاهه جهڳڙن ۾ ڦاٿل آهي. جڏهن کان سندس ظهور هن زمين تي ٿيو آهي، لاتعداد جنگيون ۽ بي انتها فساد هن زمين تي برپا آهن؛ قوم قوم کان الڳ آهي؛ ۽ ڪابه صورت انسان جي هڪ امت بڻجڻ جي نظر نٿي اچي، جو صحيفهء فطرت کي پنهنجي مجموعي قوت سان فتح ڪري سگهي. جيڪا وحوشت ۽ درندگي انسان ۾ آهي، خدا جي ڪنهن ٻي مخلوق ۾ هرگز ڪانهي، ۽ سموري صحيفهء فطرت ۾ فقط انسان ئي هڪڙو وجود آهي، جو هڪ جنس جو ٿي به، پاڻ ۾ وڙهي رهيو آهي. فساد جو سڀ کان وڏو محرڪ اڃا به "مذهب" ئي آهي، جو انسان کي هڪ وحدت ۾ پوئڻ نٿو ڏئي- جيتوڻيڪ ان جا ٻيا محرڪ به هزارين آهن، جي انساني امت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، سندس اجتماعي قوت کي ضايع ڪري رهيا آهن.
— علامه مشرقي

* ڪنهن نوجوان جي ترقيءَ جي رستي ۾ غالباً اهڙي ٻي ڪابه رنڊڪ ڪانهي، جهڙي هر وقت پنهنجي قابليت کان وڌيڪ پنهنجي پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جي سندس خواهش ۽ طمع. ائين پيو ڀانئجي ته اسين انهيءَ ڳالهه کي وساري ٿا ڇڏيون، ته ترت يا دير سان دنيا کي ته صاف صاف پتو لڳي ويندو ته اسين ڇا آهيون- ۽ پوءِ جيڪي هو سمجهندا، تنهن ۾ وار برابر به فرق نه هوندو. اسان جي اصليت شايد اڄ ظاهر نه ٿئي ۽ ممڪن آهي ته سڀاڻي به ظاهر نه ٿئي، پر نيٺ ان جو پتو ضرور لڳي ئي ٿو وڃي، جو ته اسان جي اصليت بنهه پاڇي وانگر اسان سان گڏوگڏ لڳي وتي.
— ڊاڪٽر مارٽن

* جيڪڏهن بدقسمتيءَ سان اوهين اهو خيال ڪري ويٺا ته اوهان ۾ خدا داد قابليت ۽ ذهانت آهي ۽ سڀئي ڳالهيون پاڻ کان پاڻهي اوهان جي دماغ ۾ ايندي وينديون، ته اهو خيال خام دل مان ڪڍي ڇڏيو، ۽ پڪ سمجهو ته جيڪا به چيز اوهان کي هٿ ايندي، سا محنت سان هٿ ايندي، نه ڪ اوهان جي نڪميءَ ذهانت سان.
— ڊاڪٽر مارٽن

* آءٌ ناڻدن تي هليو آهيان ۽ گرم واريءَ کي به پيرن سان لتاڙيو اٿم، پر مون غصي کان وڌيڪ گرم چيز ڪابه ڪانه ڏٺي.
— بزرجمهر

* جيڪي شخص فائدي ۾ ٻئي ڪنهن کي شريڪ نٿا ڪن، انهن سان نقصان ۾ ڪوبه شريڪ نٿو ٿئي.
— بيڪن

* جنهن چيز کي اوهين سڃاڻي نٿا سگهو، تنهن کي ڪم از ڪم بگاڙيو ته نه.
- شيڪسپيئر

* هڪ دوڪاندار جي ڪردار تخليق ڪرڻ لاءِ سو دوڪاندارن جي زندگيءَ جو علم ضروري آهي، هن لاءِ ته جيڪو ڪردار تخليق ڪيو وڃي، سو پنهنجي انفراديت جي باوجود اهڙي قسم جو هجي، جو سڀني دوڪاندارن جي ترجماني ڪري سگهندو هجي. - گورڪي

* قدرت جو هيءَ نهايت پراڻو قانون آهي ته حق جي آواز کي جيترو به دٻايو ويندو، اوترو ئي زياده سختيءَ سان ابرڻ جي منجهس همت پيدا ٿيندي آهي. مظلوميت ظلم جي لڀي پاڻيءَ سان سيراب ٿيندي آهي، ۽ مظلومن جي غم ۽ غصي جي باهه کي تشدد ۽ سخت گيريءَ سان وسائڻ جي جيتري به ڪوشش ڪبي آهي، اوترو ئي زياده خوفناڪيءَ سان آن جا شعلا اندران اندر ڀڙڪڻ شروع ٿي ويندا آهن. - ابوسعيد بزمي

* اڄ حقيقت ظاهر آهي ته عدل ۽ انصاف جي هڪ گهڙي سؤ سال جي عبادت کان بهتر آهي. رعايا تي رحم ڪريو، ان بيحد ظلم سٺا آهن. فصل تباهه ٿي ويا آهن، هارين جي بدن تي سواءِ کل ۽ هڏن جي ڪابه شي باقي نه رهي آهي، انهن جا ٻچڙا بکيا ۽ اگهاڙا ٿي ويا آهن. - غزالي

* سائنس مذهبي ۽ سماجي قانونن کان آزاد آهي - ان ۾ پوريءَ خبرداريءَ سان ٿيل تجربن يا مشاهدن جي منطقي يا مادي تشريح کان پوءِ ئي نتيجا ڪڍيا وڃن ٿا. مثلاً جو شخص زهر جو هڪ خاص مقدار کڻي ٿو، ته هو يقيناً مري ويندو - خواه هن جو اهو ڪم قانون جي خلاف هجي يا نه. اسين ڪنهن به بيماريءَ جي جيوڙن کي هڪ خاص تعداد تائين پنهنجي جسم ۾ پرورش پائڻ ڏيون، ته هڪڙيءَ خاص مدت کان پوءِ اسان کي اها بيماري ضرور ٿي ويندي، چاهي ان جي نه ٿيڻ لاءِ ڪيترائي تعويذ ۽ ڌاڳا ٻڌون، دعائون گهرندا ۽ وظيفا پڙهندا رهون.
- پروفيسر ڪوسامبي

* اسين پنهنجي زندگيءَ جي وڏيءَ چادر ۾ به بيڪار ۽ سڙيل ڪپهه کي لڪائي نٿا سگهون. هن چادر ۾ جيڪا به خراب ۽ سڙيل تند هوندي، سا ضرور ڪجهه وقت ۾ ظاهر ٿي ويندي. اسين پنهنجن نقصن ۽ عيبن کي گهڻيءَ دير تائين ڳجهو رکي نٿا سگهون. اسان جي دل ۾ جيڪو خيال جو مهمان داخل ٿئي ٿو، سو اتي پنهنجي هٿ اکرن جو نمونو اسان جي چال چلن تي ڇڏي وڃي ٿو. اسان جا داغ ۽ نشان اسان جي ڪمزوريءَ کي ظاهر ڪندا پيا رهندا آهن، ۽ اهي داغ ۽ نشان اسان جي زندگيءَ جي سنگمرمر تي اهڙا ته اونها کوٽجي ٿا وڃن، جو ٻچڙو ماڻهو بہ انهن کي آسانيءَ سان پڙهي ٿو سگهي. وقت جي آڳر ۾ اها طاقت ناهي، جو بيوقوفيءَ جي داغن ۽ نشانن کي ڪرڙي سگهي، ۽ نڪي ٻڍاپڻ جي سرديءَ جي لهرن ۾ اها طاقت آهي، جو جوانيءَ جي بدنمانن کي برف جي ڇوڇيءَ سان سفيد ڪري ڇڏي.
- نامعلوم

* جيڪڏهين ڪو شخص انهيءَ درجي تي پهچي وڃي، جو ماڻهو سندس خدمت ڪن، ته مو اڪثر تڪبر ۽ ڏيکاءَ جو قيدي ٿي وڃي ٿو. پر جيڪڏهين هو ٿورو غور ڪري، ته جيڪر کيس معلوم ٿي وڃي ته ڪوبه شخص نڪي کيس سجدا ٿو ڪري، نڪي سندس خدمت ٿو ڪري؛ بلڪ هرڪو درحقيقت سجدا ٿو ڪري پنهنجي طمع ۽ حرص کي، ۽ خدمت ٿو ڪري پنهنجي شهوت جي، ۽ انهي مال جي، جو هو ڪانئس حاصل ڪري ٿو. اهڙا ماڻهو ان حاڪم کي درحقيقت ڏوڪي پر رڪندا آهن. درحقيقت سندن دوستيءَ جو مدار اهي پنهنجا ذاتي خسيس مطلب ئي هوندا آهن. جيڪڏهين کين خبر پئجي ويندي آهي ته هي حاڪم ڊسمس ٿيڻ وارو آهي ۽ ان جي جاءِ تي ٻيو اچڻ وارو آهي، ته يڪدم ڪانئس منهن ڦيرائي، سندس دشمن جون پيئيون خدمتون شروع ڪري ڏيندا آهن. مطلب ته سندن خوشامد جو مقصد فقط پنهنجو مطلب حاصل ڪرڻ ئي هوندو آهي. افسوس جو هنن خود غرضيءَ جي خوشامدين جو نتيجو اهوئي نڪري ٿو، جو ڦوندڻ پر پرجي ويل حاڪم انڌ جي گهوڙي تي چڙهي ٿا ويهي رهن، سندن ظلم و ستم حد کان وڌي وڃي ٿو، ۽ مخلوق جون مصيبتون ۽ تڪليفون ڳڻتيءَ کان ٻاهر ٿي وڃن ٿيون. —غزالي

* سڀ کان پهرين ۽ بنيادي چيز هيءَ آهي، ته انسان جي زندگيءَ لاءِ جيڪي ضروري چيزون آهن، سي هن کي حاصل هجن؛ نه ته پوءِ هن ۽ هڪ خسيس پر خسيس ڪيڙي ماڪوڙي جي زندگيءَ پر ڪوبه فرق ڪونهي— ۽ جڏهين هن جي انسانيت هن کان کسجي ويئي، تڏهين هن مان انساني ڪمن جي اميد رکڻ به اجائي آهي. پوءِ جيڪڏهين هو وڙهي ٿو، قانونن کي ٽوڙي ٿو، حدون ٽپي ٿو، انساني رت مان هٿ رڱي ٿو، ۽ شيطانن وانگر شور ۽ هنگامو مچائي ٿو، ته اوهين هن تي الزام ڇو ٿا رکو؟ اهو ڪهڙو انصاف آهي، جو مڇيءَ کي پاڻيءَ کان ٻاهر آڻيو، ۽ پوءِ جڏهين هوءَ ڦٿڪي، ۽ ڦٿڪي اوهان کي پنهنجي چلهرن ۽ ڪنڊن سان زخمي ڪري، تڏهين ان تي غصو ڪريو ۽ ان کي ڏوهاري بنايو؟ هي ڪهڙو اصول آهي، جو اڏامندڙ پکيءَ کي هوا کان محروم ڪري پڃري پر بند ڪريو. ۽ جڏهين هو هن محروميءَ تي چريو ٿي پنهنجو مٿو هيڏانهن هوڏانهن ٽڪرائيندو ڦري، تڏهين ان کي گنهگار سڏيو؟

انسان جنهن ساهواري جو نالو آهي، ان لاءِ جيتري ضرورت هوا ۽ پاڻيءَ جي آهي، اوتري اني، لٽي ۽ اجهي جي به: پوءِ جيڪڏهين اوهين هن کي اهي چيزون نٿا ڏيو، ته ڪئن ٿا اميد رکو، ته هو شرافت ۽ انسانيت جو پتلو ٿي رهندو، گناهه کان ڊڄندو ۽ نافرمانيءَ کان ڪنبندو؟ —ابو سعيد بزمي

ادبي خط

(١)

<u>ميندري ع. سعاد تي</u>

- جناب اعليٰ، ”مهراڻ“ جي نئين سال جي ٻي موج ٻه ڏٺير: نيون لهرون انهن ۾ نئون خيال، نيون ڇوليون آنهن ۾ نئون جوش، نوان ڪُن ڪڙڪا انهن ۾ نئون امنگ ڏسي، ساعت ڪن لاءِ بيخود ٿي ويس. پانير پٺي، ”مهراڻ“ ته عمرخيام جي رباعي آهي - نهايت وڻندڙ، مٺڙي ۽ پياري پياري!

مان ٻڏڇي مان گهاٽ، مان ٿي وار وجود تي؛
مان ٿي هان پڇناٽ، مان ٿي پيار پرينءَ جو.

اسان جو ۽ سنڌيءَ جو ساڳيو معاملو آهي، پاڻ ٿي سنڌيءَ کي ختم ڪري، پاڻ ئي سندس مزار جا مجاور ٿي ماتم ڪريون ٿا. معلوم ناهي آخر اسان جي واءِ ويلا جو رد عمل ڇا ٿيندو؟ هن دفعي ”مهراڻ“ واقعي مهراڻ جون سِڪون ٿي لاٿيون. شيخ اياز جي والي نهايت رقت انگيز آهي. هري ”دلگير“ جو ”آهه ڪٿي پهتو انسان“ گيت نويسيءَ ۾ نئون موڙ آهي - جو ته عام طرح گيت ۾ ساده و معصوم فطرت جا امنگ ۽ پيار پڇتاوجون ڳالهيون هونديون آهن، پر هن پيري نئون رنگ ڍنگ ڏسي حيران رهجي ويس. گووردن جي ”رات راڻي“ نهايت وڻندڙ ۽ سهڻي آهي. بشير موريانيءَ جو ”وچ اوير“ واديءَ نيل جي فرزندن جي للڪار آهي؛ ”وچ اوير“ ۾ پيغمبرن جو مقدس پيار گونججي رهيو آهي، ان ۾ خليل جبران جي شاعريءَ جو روح چرندو پرندو محسوس ڪري رهي آهيان، عالمي مستن جا روح مقبرن اندر پريشان پريشان ڊوڙي رهيا آهن؛ شايد نيل ڪي نئين قرباني گهرجي - نئينءَ ڪنوار جي، جنهن جو ڳانو ۽ ميندي رت سان رڱيل هجي. ”سِڪا مومل سِڪو راڻو“ ”اياز“ جي شخصي معيار جي خلاف آهي، تعجب آهي اياز اهڙي سٽ ڪهڙيءَ ڪيفيت هيٺ لکي! جناب گرامي صاحب جي ”عورت“ نهايت سطحي آهي، موجوده وقت جي تقاضائن موجب اهو موضوع نهايت پراڻو ۽ بيڪار ٿي چڪو آهي. هوندي به گراميءَ جي شعر ۾ اهو سيلاب نه رهيو آهي، ان ۾ فقط موتي ويندڙ ڇوليءَ جي ڇرَ ٿي نظر اچي؛ لذريل جذبات جو تصور ڪيستائين سات ڏيندو؟ جو ته شاعري به ڪاليءَ وانگر نت نئين خون تي راضي ٿيندي آهي.

”مڪلي نامه“ ته صفا ڪَڪ ڪري وڌو، جو ته صفا فارسيءَ ۾ هو؛ اسان پارين ڪي ڪي سنڌي به مشڪل سان اچي، سو فارسي ڪٿان ايندي؟ اها معياري ۽ ادبي رسالن جي

پيروي ناهي، فقط اوهان جند چڱائن جو ٻهانو ٺاهيو آهي. طويل ۽ خشڪ مضمون ڀل هجن، پر ايترو ته احساس ڪيو، جو سنڌيءَ ۾ هجن. ”مڪلي نامه“ فقط محدود طبقي لاءِ مخصوص دلچسپي ۽ فائدو رکي ٿو. اوهان ڪي هڪ عام معيار رکڻ کپي. جن کي فارسي نٿي اچي سي ”مڪلي نامه“ کي ڇا ڪندا؟ ضرور هلڪيءَ ٿڪاوٽ سان ٿي پنا اٿلائيندا اٿلائيندا اڳتي هلندا ويندا. نتيجو اهو نڪرندو ته نه هو حاصل ڪندو نه مزو. سنڌي ادب ۾ ٻيا اهڙا ڪي ڪي موضوع رهيا پيا آهن، جن جي اسان کي سخت ضرورت آهي. مثال ائين سمجهو ته اهو منهنجو ذوراپو ۽ ميار آهي يا البيلاڻي ۽ الغرضاڻي، البت اها عام سنڌي تعليم يافته طبقي جي پسنديدگيءَ جي ٻارت ضرور آهي. ڇو ته ادب انهن لاءِ ٿي تخليق ڪيو وڃي ٿو، اهي ٿي ان کي هنڊائيندا ۽ سانڍيندا. تنهنڪري ڀلي زياده تحقيقي مقالا شايع ڪيو. فقط ٻه لفظ ايترا چونديس ته سنڌيءَ ۾ مضمون هجن، پرواهه ناهي ڪٿي طويل هجن.

اوهان تنقيدي ادب لاءِ فرمايو آهي. درحقيقت جيستائين تنقيد نه هوندي، ته صحتمند ادب تخليق نه ٿيندو. سنڌي ادب ۾ اهڙو خاص تنقيدي ادب تي ڪتاب ڪونه ٿو ملي، جنهن جي روشنيءَ ۾ ويهي تحقيقات ڪجي. لاچار جن کي فارسي ۽ عربي اچي ٿي، سي ان مان فائدو وٺن ٿا؛ جن کي انگريزي اچي ٿي، سي ان جي ڪتابن جي روشنيءَ ۾ ويهي مقالو تيار ڪن ٿا. پر اسان جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ جن کي نه اچي فارسي، نه فرنگيءَ جي زبان! مون ٻه تنقيد جي ڏس ۾ ڪجهه روانو ڪيو آهي، خبر ناهي ان جو ڇا ٿيو؟ اوهان تنقيد جا اصول مقرر ڪيا آهن، سي صحيح آهن. مان پنهنجي مضمون متعلق ايترو ضرور چونديس، ته نه آهي تنقيد نه تبصرو، وچان ڪجهه ٻي شي آهي. منهنجي تنقيدي مضمون جو عنوان آهي ”شيخ اياز ۽ سندس ادب“. مضمون جا ٻه بنيادي حصا آهن: (۱) ”شيخ اياز“، جنهن ۾ سندس ذات بابت ۽ زندگيءَ بابت احوال آهي، ۽ (۲) ”سندس ادب“ - ان ۾ فقط سندس ادب متعلق لکيو ويو آهي. اهو مضمون مون وليم سمرسيٽ ماهم جي ڪتاب ”ڏهه ناول ۽ انهن جا مصنف“ (انگريزي) جي نوع تي لکيو هو. انهيءَ ۾ مصنف جي زندگي ٻه آهي ۽ سندس ادب تي تنقيد پڻ. سو، ٻنهي ذاتيات جي غلط فهميءَ ۾ اچي ڪجهه پيو فيصلو ڪيو. ان ڪتاب جي پڙهڻ بعد اوهان کي منهنجي مضمون جي نوعيت جي خبر پوندي. جيڪڏهن ته مضمون ۾ ڪا به فنڪارانه جدت يا تنقيدي عنصر ڪونهي، ته به اميد اٿم ته محنت اجائي نه ويندي.

۱۹۵۶ع واري پهرئين پرچي ۾ مسٽر جمال الدين صاحب ۽ اوهان جو مختصر افساني متعلق بحث پڙهيم. هن دفعي شيخ ”راز“ ۽ شيخ ”حفيظ“ ٻه ميدان ۾ آيا آهن. اسان کي اهڙن بحثن جي سخت ضرورت آهي، ڇو ته ان ڪري ڪي ٿي ڪمزوريون ظاهر ٿي پون ٿيون، جي بعد ۾ درست ڪرڻ گهرجن. اوهان وٽ مختصر افساني جو ٽن اصولن تي بنياد آهي، پر منهنجي خيال موجب ان ۾ ٽي اصول آهن: (۱) ڪردار (۲) ماحول ۽ (۳) عمل. افسانو لنبائيءَ موجب ايڏو هجڻ گهرجي، جنهن کي ذهن منٽن کان هڪ ڪلاڪ تائين وقت ۾ پڙهي سگهجي.

افساني کي ۳ حصا آهن: (۱) شروعات، (۲) وچ، جنهن کي انگريزيءَ ۾ ”ڪلائيميڪس“ چئبو آهي، ۽ (۳) پڇاڙي. افساني جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌس شروعات جو سياويڪ، اصلي ۽ فطرتي نتيجو هئڻ گهرجي. افساني جي واقعن جي هڪ امڪاني نوعيت هئڻ گهرجي، جا نه فقط مضمون ۽ وشيءَ کي وڌائي، پر اصلي مقصد کي اڀارڻ ۾ مدد به ڪري. افسانو هميشه سلسليوار، ملندڙ ۽ موافق، گنڊيل ۽ لهڪندڙ هجي: ان سان گڏوگڏ دل وڻندڙ، متاثر ڪرڻ جهڙو ۽ مڃائڻ جهڙو پڻ هجي. افساني جو مکيه ڪردار ”سماجي پرچاءُ ڪندڙ“ يعني افساني جي محرڪ سماجي مسئلي کي ”سلجهائيندڙ ۽ حل ڪندڙ“ هجي. افساني ۾ اهڙو اشارو هجي، جو مسئلي جي اصليت ۽ ان جي پيش ڪيل حل کي پرکڻ ۽ سمجهڻ جو وسيلو بڻجي وڃي. جيئن ته افسانوي ڪردار انسان آهي، ان کي ”پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ“ ڏانهن اشارو ڏيڻ يا ان متعلق پڙهندڙن کي اشارو ڏيڻ افساني نگار جو فرض آهي - جو ته پوءِ ئي افساني مان انسانيت جي اصلي مقام جو نشان پتو ظاهر ٿيندو - افساني جي افاديت اهائي آهي. ”پاڻ سڃاڻ“ جي اشاري بعد ئي، ڪردار يا پڙهندڙ ناسازگار ماحول سان وڙهڻ ۽ بغاوت ڪرڻ لڳندو. افساني ۾ اخلاقي نماءُ ڪرڻ يا افسانوي ڪردار جي ٻُرن فعلن کي اڀارڻ - اُن لاءِ ته افسانوي ڪردار ـ لن اخلاقن جي روشنيءَ ۾ پنهنجون اوڻايون ۽ عيب ڏسي - ان کي چئبو آهي اخلاق جو پڙهو ڏيارڻ يا اخلاق جو ڍنڍورو گهمائڻ. ڪردار پنهنجي زماني ۽ ماحول جي ريتين رسمن جو ترجمان هجي. آخر ۾، ڪامياب افسانو اهو آهي، جنهن ۾ بي جان قاعدن ۽ بيئل سرشتن سان گڏوگڏ سماج جي اندن عقيدن ۽ خيالن تي سخت نڪته چيني ۽ پختي راءِ زني ڪري. اهي آهن هڪ ڪامياب افساني لاءِ منهنجا خيال، جيڪي مون پنهنجي مطالعي ۽ تجربي مان حاصل ڪيا آهن. جناب عالي، هن دفعي جيڪي تصويرون ”مهراڻ“ ۾ شايع ٿيون آهن، سي واقعي شاندار آهن. مهرباني ڪري اڳيا به زياده تاريخي عمارتن جا فوٽا ڏيو.

ڪوئي پکي هوا ۾ بواي رهيو آهي - گهڻو ڪري چاندوڪين ۾ لات لوندو آهي. هتي چڪور نه ٿيندا آهن. هي ڀلا ڪير آهي؟ چنڊ تي فقط چڪور جو ته حق نه آهي! ڪڏهين ڪڏهن سوچيندي مان منجهي پوندي آهيان ته چڪور جي محبت چنڊ سان آهي يا چاندوڪيءَ سان؟ چڱو، اجازت گهران ٿي........

۲

دين محمد لاشاري

”مهراڻ“ جا ملڻا ۽ محترم ايڊيٽرا گهڻن ڏينهن کان شوق دامنگير هو ته اوهان کي ”مهراڻ“ جي اجراءَ تي مبارڪون پيش ڪريان، ليڪن رڳيون رکيون مبارڪون به موڪلڻ روح ڪونه ٿي ٿيو - ۽ اُن سان گڏ ڪجهه لکڻ جي فرصت به ڪانه ٿي ملي. اڄ وري جڏهن

"مهراڻ" جو نئون (ڇهون) پرچو پهتو اٿم، تڏهن امنگ وري جاڳي آٿيا آهن، ۽ دل گهري ٿي ته مبارڪن موڪلڻ سان گڏو گڏ اوهان سان ڪي ٻه ٽي ڳالهيون به ڪري ڇڏيان،......... حقيقت ۾ "مهراڻ" جي ادبي دنيا ۾ اجراءُ جو علم مون کي ٻنهه تڏهن پيو، جڏهن گذريل سال جي سلسلي جي آخري ۽ چوٿين پرچي جي شايع ٿي وڃڻ جو ذڪر اخبارن ۾ پڙهيم. آهو پرچو گهرايم؛ پڙهيم؛ نوان درد ۽ ستل سور جاڳيا؛ هرڻي اکيئي نچڻي، رهندو پيس گهنڊڻي - تنهن ته ڪلور ڪري ڇڏيا؛ طبيعت اڳيئي جذباتي ۽ رقيق - مهراڻ جي مواد ته دل جا ڦڪل چاڪ چڪائي ڇڏيا. دل نه رهي، گذريل ٽن پرچن جي موڪلڻ لاءِ ادبي بورڊ بڪ اسٽال کي عريضو موڪليم. قرب ڪري ٽي ئي پرچا موڪليا ويا. پوءِ جيستائين آنهن سڀني پرچن کي پڙهي پورو نه ڪيم؛ تيستائين والله رات جو ننڊ ڪرڻ حرام ٿي چڪيم. اڄ "مهراڻ" جا ڇهه ئي پرچا اڳيان ٽيبل تي ڦڪيڙي رکيا اٿم. سڀني کي هرهر پيو ٿو پڙهان - هر ڀيري "مهراڻ" جو هر جملو ۽ خيال نئون پيو لڳي. "مهراڻ" ڇا آهي؟ سنڌي علم ادب ۾ "مهراڻ" جي مقام ۽ قدر و قيمت جو ڪاٿو ڪيئن ڪجي ۽ ڪير ڪري آن جو جواب ڪم از ڪم مون کي ته اصل ڪونه ٿو اچي. "مهراڻ" جي اهميت بابت ڪنهن حد تائين محترم رسول بخش پليجي جي هن راءِ جي تائيد مان به ڪندس ته "مهراڻ" سنڌي ادب ۾ سالن جي جمود کي ٽوڙي، هڪ نئين پُر بهار دور جو آغاز ڪيو آهي." هاڻي "مهراڻ" جنهن نئين بهار جو آغاز ڪيو آهي، تنهن کي شباب تي پهچائڻ، ۽ "مهراڻ" جي محبتين لاءِ ان بهار جا سرها گل ۽ مٺڙا مٺڙا ڦڪل ميوا موجود ڪري ڏيڻ ۽ آن سان گڏ "مهراڻ" جي مٺڙي ۽ خوش ذائقه پاڻيءَ سان سندس سڪايل جي سڪل لبن کي سائو ڪري، آنهن جي اندر جي آگ اجهائڻ به "مهراڻ" جي ملاحن جوئي ڪم آهي - خدا ڪري ته "مهراڻ" جي هن نئين بهار جي ڪڏهن ٽي ڪا نياڳي خزان نه اچي، جو اسان جي هن ننڍڙي ۽ ڪچڙي گلشن جي ننڍڙن ننڍڙن ۽ معصوم گلڙن کي، جي اسان جي آئينده آميدن ۽ خواهشن جا ضامن آهن، ڪچيءَ ۾ ئي ختم نه ڪري ڇڏي!

منهنجي خيال ۾ "مهراڻ" هڪ اهڙي انوکي پيشڪش آهي، جنهن سنڌي ادب ۾ هڪ بنيادي انقلاب آندو آهي ۽ آن بنيادي انقلاب جا پرتوا ۽ ڪرڻا ضرور اسان جي زندگي تي پئي، ان جي نقش نگارکي اپاري، ان کي زياده دلڪش ۽ حسين بنجڻ ۾ مدد ڪندا. ادب جو زندگي سان گهرو واسطو آهي - ڪٿي ائين چئجي ته ادب زندگيءَ جي سرگذشت آهي، جنهن منجهان معاشري جي هر فرد جي شڪل و صورت ۽ آن جا خدوخال نهايت صاف ۽ چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪ صحتمند ۽ اصلاحي ادب زندگيءَ جي سڀني سماجي مرضن لاءِ ڪهڙيءَ حد تائين هڪ ڪامياب ترياق جو ڪم ڏئي ٿو، ۽ هيءَ نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو "مهراڻ" اهڙين مڙني خوبين جو حامل آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان کي پنهنجي مٺڙي ٻوليءَ جي آئينده ترقيءَ، ۽ ان معرفت هڪ باوقار سنڌي سماج جي تعمير جون پرپور آسون

۽ اميدون آهن - دعا آهي ته شل «مهراڻ» جي 'ملاحن' کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي ۽ مٿن ڪا نظر بد نه پوي، جو اسان جون آهي نازڪ اميدون ۽ آسيسون اتي ٽي ڪرمائجي نه وڃن.

ادا، «مهراڻ» ۾ مختصر افساني جي فني لوازمات تي هڪ نهايت دلچسپ بحث ڇڙي چڪو آهي. منهنجي دل ۾ سُرڪي ٿي ته جيڪر اُن بحث ۾ مان به حصو وٺان. شيخ حفيظ واقعي سچ چيو آهي ته 'مسٽر جمال ابڙي هن موضوع تي بحث ڇيڙي سانيتڪي ۽ بيٺل پاڻيءَ ۾ هڪ قسم جو ڦوڙ اڇلايو آهي': شايد اهو ڦوڙ اجا به هن پاڻيءَ کي وڏيڪ ڇوليون ڏياري. مسٽر جمال جي دعويٰ آهي، ته مختصر افساني جا ٻه پهلو ٿي سگهن ٿا: هڪ ماحول، ٻيو ڪردار. سندس خيال موجب ماحول سٺو هجي يا خراب، اُن جي ڪا خاص پرواه ڪانهي؛ باقي افساني ۾ ڪردار ڪنهن به قيمت تي بلند رهي- هو نه ماحول جو شڪار ٿئي ۽ نه وري حيوانيت مٿس ڪو غلبو ڪري. سندس خيال موجب افساني ۾ جيڪڏهن ڪردار ڪنهن ٻيءَ طاقت اڳيان مجبور ٿيو يا ڪنڌ جهڪايائين، ته پوءِ اهو افسانو ڪامياب افسانو نه چئبو. اُن جي برعڪس شيخ «راز» جو چوڻ آهي ته اِهي ٻئي مٿيان پهلو مختصر افساني جا بنيادي پهلو ته نه آهن، باقي ضمني پهلو ضرور آهن. سندس راءِ مطابق مختصر افساني جو بنيادي پهلو آهي اهو نقطه نظر، جنهن کي سامهون رکي اِفسانو لکيو ويو هجي. هي آهن سنڌيءَ جي ٻن مايه ناز اديبن جا ٻه علحدا نظريا. علم ادب ۽ اُن جي فني پهلوئن تي هن قسم جا بحث نهايت ٿي نيڪ فال آهن. اسرندڙ ادب جي سلسلي ۾ هن قسم جا بحث وڏي همٿ ڏيندا. حقيقت ۾ صحيح ادبي مذاق جو روح اسان ۾ پيدا ٿي هاڻي ٿو ٿئي. مسٽر جمال جي چوڻ موجب واقعي 'هيءَ هڪ اختلافي مسئلو آهي'؛ ڇو ته زندگيءَ بابت هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي تجربي آهر پنهنجو ٿي علحدو نظريو آهي؛ تنهنڪري هن موضوع تي بحث ڪرڻ وقت مختلف قسمن جي نظرين جو پيدا ٿيڻ ڪا عجب جهڙي ڳالهه ڪانهي.

ڀائو جمال ابڙي افساني لکڻ جي 'اسباب' کي نظر انداز ڇو ڪيو آهي، سا ڳالهه ته سمجهه ۾ ٿي ڪانه ٿي اچي. جيڪڏهن فقط هيءُ هڪ سوال ٿي پڇيو وڃي ته «اسان افسانا ڇو ٿا لکون؟» - ته مان سمجهان ٿو ته جيڪر نهايت اطمينان جوڳو جواب ملي وڃي. ادب، جيئن مون شروع ۾ ئي عرض ڪيو آهي يا جيئن جديد دور جا اڪثر اديب به تسليم ڪن ٿا، زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪرڻ جو هڪ ذريعو يا وسيلو آهي. هاڻي «اسان افسانو ڇو ٿا لکون» جو جواب نهايت صاف ۽ پڌري پٽ پيو آهي، ته افساني لکڻ وقت اسان کي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جا تلخ تجربا اڳيان هوندا آهن- ۽ پوءِ زندگيءَ جون اِهي تلخيون ئي ته آهن، جيڪي اسان کي مجبور ڪن ٿيون ته اسان مختصر افساني ذريعي، پنهنجي دکندڙ دل جا دونهان ٻاهر ڪڍون. هيءُ هڪ فطري اُصول آهي، ته انسان کي جڏهن ڪو صدمو پهچي ٿو، ته پوءِ هو پنهنجن نماڻن نيڻن ذريعي ٻه ٽي گرم لڙڪ هاري، پنهنجي دل تي پيل بوجي کي هلڪو ڪري ڇڏي: پر جي قسمت سانگي ڪو 'پشوپاشا' وانگر خود دار ۽ سورهيه-دل

نڪري پيو ۽ لڙڪ هارڻ پنهنجي خودداريءَ جي خلاف سمجهيائين، ته به آن درد ۽ صدمي جو ذاتي طور اظهار گهٽ از گهٽ ڪنهن "نازو" جهڙي محرم راز ۽ غمگسار سان ته ڪرڻو ئي پوندس. بس اِهو ئي آهي افساني لکڻ جو بنيادي سبب.

جڏهن افسانو لکجي ٿو ته ڪنهن خاص نقطه نظر جي پيش ڪرڻ لاءِ يا پنهنجن جذباتن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ، تہ پوءِ اِهو ممڪن ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جو ڪردار ماحول جو شڪار نہ ٿين؟ ڪردار تہ پيدائش ئي ماحول جي آهن - پوءِ جهڙو هوندو ماحول، اهڙائي پيدا ٿيندا ڪردار؛ جهڙي هوندي زمين، اهڙي ٿيندي پوک ....

ڪردار ماحول جا محتاج آهن، تنهن جي شاهدي تہ خود محترم ابڙي جو هيرو "پشو" پاڻ بہ ٻيلو ڏئي - جج جي سوال جي جواب ۾ هن جو چوڻ تہ "ناحق آهي توسان، قاتل آهين تون"، يا وڪيل مٺان مڪون الاري، ڪيس چوڻ تہ "چريو آهين تون، هيٺو آهين تون، ظلم آهي توسان" - اهي الفاظ پشوءَ جي اڻ گهڙئي ۽ "غير مهذب" سڀاءَ تي ڪافي روشني وجهن ٿا. اِهو رڳو هين ڪري آهي، جو هن هڪ اهڙي خطي ۾ پرورش پاتي آهي، جنهن جي اڻ گهڙ ئي ماحول هن کي بہ "اڻ گهڙيو ڪاٺ" بڻائي ڇڏيو آهي. "پشوءَ" جا هن قسم جا جملا ۽ الفاظ ڪو سندس خودداري ڪونہ ٿا ڏيکارين، ليڪن جنهن "جاهل" ۽ "اڻ سڌريل" ماحول ۾ هو رهيو ۽ پليو آهي، تنهن هن کي "مجبور" ڪري هن نموني سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ سيکاريو آهي .... ڀلا ادا، اِها تمنا ڪير نہ ٿو رکي تہ اسان وٽ شال پشوءَ جهڙا هزارين خودداري سورهيہ پيدا ٿين! ...... پر هو تہ "بلو دادا" ۽ "شيدوءَ" کان بہ وڌيڪ ماحول جو شڪار ٿيو آهي! "بلو دادا" تہ ڪنهن حد تائين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي ٿو - پوءِ سندس حصول مقصد جي طريقي کي ڇو نہ داداگيري ئي سمجهيو وڃي: اهڙيءَ طرح "شيدو" تہ هوندئن بہ ذاڙيل آهي ۽ هُن ڪافي ڏاڙا هڻي پنهنجا انتقام چڪايا ۽ پنهنجي تتل دل ٺاري - خواري تہ منڍ ۾ ئي ڪنئي اٿس: ليڪن ويچارو "پشو" معصوم جو معصوم ئي رهجي ويو - هو نہ پاڻ ڪامياب ٿيو، نہ سندس تحريڪ. مٿس ڪيس هلائي، ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني وڃي ٿي - سندس ڦاسي سچ پچ عمل ۾ اچي ٿي الائي نہ، اِها ڳالهہ تہ صاف ئي ڪانهي، پر هُن جي سزا جي اعلان کان پوءِ، سندس ساٿي گوڙ گهمسان ڪري جنن وانگر هوا ۾ تحليل ٿي وڃن ٿا - پوءِ جو سندن پتو ئي ڪونہ ٿو لڳي تہ "پشو" ڪاڏي ويو، سندس ساٿي ڪاڏي ويا ۽ سندس تحريڪ جو ڇا ٿيو؟ ڪجهہ بہ نہ، رڳو مايوسي ۽ دلشڪستگي!

برادرم جمال جا هي جذبات تہ "مان پانيان ٿو تہ انسان کي رحم جوڳو ٿيڻ ئي نہ کپي. اِها انسان جي توهين آهي، انسانيت جي توهين آهي. انسان نهايت بلند ۽ بالا آهي. هو ويچارو ۽ ڪين جهڙو نہ آهي. مفلسي ڪيس ماري نہ ٿي سگهي" - نهايت قابل قدر آهن. هن نوجوان اديب جي دل ۾ انسانيت لاءِ جنهن گهريءَ همدرديءَ جو احساس آهي، تنهن جي تعريف نہ ڪرڻ ڪور چشمي ٿيندي. اسان جي دعا آهي تہ شل سنڌ جو ٻچو ٻچو "جمال" ٿئجي پوي!

ادا سائين، ڪهڙي نياڳي جي دل ائين نه گهرندي ته 'انسانيت' تي 'حيوانيت' جو غلبو نه رهي؟ ڪهڙو چنبو هيءَ خواهش نه ڪندو ته حيوانيت جا قلعا آڏائي انسانيت کي قيد مان آزاد ڪجي ۽ ان کي جرڪائجي؟ ڪير نه گهرندو ته انسانيت جي اندر مان حيوانيت کي تڙي، هڪالي، ان جي بجاءِ ان کي ميٺ محبت، قرب ۽ مزي سان ڀري ڇڏجي؟ اِنهن تمنائن ۽ آرزوئن رکڻ ۾ جمال ابڙو اڪيلو نه آهي، پر سانس آهي سڀ افراد شامل آهن، جيڪي 'انسانيت' جو قدر سڃاڻن ۽ ڄاڻن ٿا. پر مصيبت هيءَ آهي ته ان پراڻي ۽ جهوني مرض جو علاج ڪجي ڪيئن؟ علاج ڪرڻ لاءِ هڪ 'پشو' ته ڇهيو، هزارين پيا 'پشو' ٻه ميدان عمل ۾ اچي سگهن ٿا، فقط مرض جو بنياد ڪنهن ڪان لبي. هتي 'پشو' تہ فقط جذباتي زور تي هڪلجي اچي ٿو. اسان کي هن قسم جا مصنوعي ۽ جذباتي 'پشو' نہ گهرجن. اسان کي سنجيده ۽ اصل 'پشو' گهرجن، جيڪي موجوده سماج جي هن فرسوده ۽ باطل نظام کي، جيڪو ورهين کان وٺي اسان مٿان پنهنجي پراگنده ماحول کي حاوي رکندو آيو آهي، جيڪو بيوس ۽ مجبور انسانن کي پنهنجي ظالم هٿن سان ڪهائيندو ۽ مارائيندو آيو آهي، تنهن جي بنيادن ۾ هٿ وجهي تيستائين ان کي لوڏين جيستائين سندس غريبن جي خون سان ڳاڙهي ٿيل ماڙي ڦهڪو ڪري پٽ تي نہ ڪري آهي. اسان کي پنهنجي سماج جي تعمير نئين سر ڪرڻي پوندي. اڳوڻي سموري نظام جي ڪوڙن بتن کي پاش پاش ڪرڻو پوندو. هڪ بنيادي ۽ ذهني انقلاب آڻڻو پوندو. تڏهن ئي اسان جا ڪردار ماحول مٿان قبضو حاصل ڪري سگهندا. تڏهن ئي انسانيت آويءَ سان نڪري جرڪڻ لڳندي. تڏهن ئي اسان جا ڪردار ٻليءَ واري ميڪ ميڪ ڇڏي شير واريون گجگوڙيون ڪندا. نہ ته هونئن تہ پائو، هر روز پنهنجين هنن گنهگار اکين سان ويٺا ڏسون، ته انسانن ويچارن کي مفلسي زوران زور گهٽا ڏيئي ماري ڇڏي ٿي؛ انسان ويچارو اجا تہ 'مجبور' ۽ 'ڪين جهڙو' آهي؛ 'انسانيت' اجا ته نسوري ناحق ۾ آهي، ڏئي وائني سڪرات ۾ آهي، هوءَ ته ويچاري اجا ته واقعي ويچاري ۽ ڪمزور آهي، اجا ته رت جا ڳوڙها وهائي پيئي روئي؛ 'حيوانيت' اجا تہ ڏند ٽيڪيندي ۽ کلندي رهي ٿي. اهو سڀ تہ اسان جي روزمره جو مشاهدو آهه انهن تلخ حقيقتن کان انڪار اچ ڪهڙو خوش فهم انسان ڪري ٿو سگهي؟

دادا، هيءَ ڳالهه ٻه ٻڌي ڇڏ ته حيوانيت 'سيٺ'، 'وڏيري' ڏڱائي 'خان'، ۽ 'رئيس' ڪامڻخان جي ٻانهه زر خريد ٻانهي آهي—آنهن جي ئي در جي پاليل ڪُتي آهي—ڪين فقط ٻچ ڪرڻ جي ديز آهي: پوءِ ڏس ته ڪيئن نه 'انسانيت' جي ڀڙيءَ کي آها ڇتي ڪتي ڦاڙي چيري، ليڙون ليڙون ڪري پنهنجن مالڪن اڳيان هيج ڪري ٿي ڏيکاري! پوءِ ڏس ته ڪيئن نه 'انسانيت' جي هن بيوس ۽ مجبور 'ذلت' تي وڏا وڏا ٽهڪ ٿا ڏين! ماحول اِنهن انسان دشمن ۽ انسان نما ديوسن جو غلام آهي. هو آنهن جي اشارن تي چير وجهي نچندو آهي. هو آنهن جي حڪم تي چتو ٿي محبوس 'انسانيت' تي حملا ڪندو آهي، ان کي چيري

ڦري پنهنجي ناڪام فتح تي پيهي پنهنجن مالڪن اڳيان ڏند ڏيکيندو آهي ۽ شينگر ٿيو آهي. پوءِ ڀلا اهڙن کي اِنهن معتبرن ۽ وڏ-ڀيڻن کي اسين ڪَرَ (Villains) نہ سمجهون؟ ۽ اهڙن جي 'انسانيت' ويچاريءَ تي رحم ۽ قياس نہ ڪريون، تہ ڇا ڪريون؟ بهرحال جيستائين اسان جو موجوده معاشرتي نظام پنهنجي ساڳيءَ شڪل ۾ موجود آهي ۽ جيستائين اُن نظام ۾ بنيادي ۽ انقلابي تبديلي نہ آئي آهي، تيستائين ڪردار تي ماحول جو مقدم رهڻ هڪ ازلي امر آهي-۽ ان صورتحال کي هڪ پشو تہ ڇا، پر هزارين ٻيا پشو بہ بدلائي نہ ٿا سگهن. وري جيستائين ماحول ڪردارن تي مقدم آهي، 'انسانيت' جو 'حيوانيت' جي قيد ۾ رهڻ بہ هڪ لازمي امر آهي. جيستائين ائين ٿئي، تيستائين جيڪڏهن اسان 'ٻلو دادا'، 'شيدو ڏاڙيل' ۽ 'انڌير نگري' جي اصطلاحن ۾ پنهنجن مجبورين کي دنيا اڳيان پيش ڪيو-اُنهن کي جيڪڏهن پنهنجي حالت زار کان واقف ڪرڻ لاءِ ان طريقي سان متوجہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ظالمن جا پردا جيڪڏهن اِن نموني سان فاش ڪرڻ جي اسان ڪوشش ڪئي، تہ ان ۾ آخر عيب ڪهڙو؟ اِن ۾ تہ نہ بزدلي آهي ۽ نہ احساس ڪمتري. اهو تہ هڪ طريقو آهي ظالمن کي خوار خراب ڪرڻ جو ۽ مجبور 'انسانيت' لاءِ همدرديءَ جي احساس جاڳائڻ جو. بيوس مظلوم کي تہ آخر بيوس مظلومڻي ڪري پيش ڪبو. پشو مظلوم هوندي بہ جارحانہ ڪارروائي ڪرڻ گهري ٿو ۽ سندس اِن جارحانہ عمل سبب اُها خودداري ۽ بلندحوصلگي جيڪا فطرتي طرح هُن جي ذات ۾ معلوم پيئي ٿئي، تنهن کان نهايت قابليت سان ڪم ورتو ويو آهي تہ جيئن پشوءَ کي هڪ بيوس ۽ مظلوم جي ڪردار ۾ ڏيکارڻ کان پاڻ بچائي سگهجي. پر حقيقت تہ اِڪي ڪين مڳهندي: پشو ويچارو هڪ مظلوم آهي ۽ ڏنو وانئو مظلوم. جيڪڏهن هو مظلوم نہ هجي ها، تہ پوءِ سڄيءَ دنيا خلاف سندس صف آرا ٿي بيهڻ جو مقصد ڇا؟ حڪومت خلاف بغاوت ڪرڻ جو مقصد ڇا؟ ڀلا هڪ همہ گير ۽ انقلابي تحريڪ اُٿاري باقاعده فوج ڪٺي ڪرڻ جو مقصد ڇا؟ حقيقت ۾ اِهي سڀ مقصد فقط هڪ اُصول خاطر هئا، ۽ ان حصول جي منزل هئي انصاف-ڇا جو انصاف؟ انصاف اُن ظلم جو، جيڪو سماج، پشو ۽ پشوءَ جهڙن ٻين مظلومن تي ڪيو هو. اوهان ئي هائي منصف ٿيو تہ پشو غريب مظلوم آهي يا نہ؟

پشو پنهنجي انصاف حاصل ڪرڻ خاطر جيڪو طريقو اختيار ڪري ٿو، سو غير قدرتي ۽ غير معمولي آهي، جنهن ڪري سماج هُن ۽ سندس ساٿين سان همدردي ڪرڻ بجاءِ اُنهن کي شڪ جي نظرن سان ڏسي ٿو ۽ اُنهن کي مظلوم سمجهڻ بدران ظالم ۽ باغي سمجهي ٿو. پشوءَ جو ڪردار پاڻ سان ٿيل ظلم جي نہ تلافي ڪري سگهي ٿو ۽ نہ وري پنهنجي خودداريءَ ۽ بي باڪيءَ جو ڪو ڪامياب جوهر ڏيکاري ٿو سگهي: مظلومن جي قوم ۾ جنهن ٿوري گهڻي جذبي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، سو جذبو بہ هائي هڪ معمولي خوش فهمي ۽ ٻاراڻي دلاسي کان وڌيڪ ڪابہ اهميت ڪانہ ٿو رکي. پر جڏهن محترم جمال جون اُميدون بر ثواب ٿينديون، سندس خواب شرمندهءِ تعبير ٿيندو ۽ ڪردار ماحول تي قبضو ڪندا ۽ "حيوانيت

ڪلندي ڪلندي وڃي ڪڏهن ڪرندي. انسانيت روئندي روئندي اوجل ٿي ويندي"، تڏهن نه 'بلو دادا' ۽ 'شيدو ڌاڙيل' لکڻ جي ضرورت پوندي ۽ نه وري پشوءَ جي ڪردار پيدا ڪرڻ جي - پوءِ افسانن جي 'افسانوي' دنيائي ختم ٿي ويندي.

ادا! اوهان جي سمع خراشي ته ڪافي ڪئي اٿم، ليڪن باقي هڪڙي ٿورڙي ڳالهه ڪري بس ٿو ڪريان - سا هيءَ، ته اوهان جي هن نئين پرچي ۾ اسان جي دوست 'بردهءِ سنڌي' جو سرانڪيءَ ۾ لکيل افسانو "انڌير نگري" مون کي ڏاڍو پسند آيو. مان اڄ ڏينهن تائين جيڪي به افسانا پڙهيا آهن، تن سڀني کان هي افسانو شايد بهترين افسانو هجي. هن افساني جي خاص خوبي اها آهي ته جيتوڻيڪ اهو مختصر ۾ مختصر افسانو آهي؛ پر تنهن هوندي به هن جي پڙهڻ سان جيڪو تاثر پيدا ٿئي ٿو، سو طول طويل ۽ ڊگهن افسانن ۾ پيدا ٿيندو نه ڏٺو اٿم. قابل اديب ڄڻ ڪوزي ۾ سمنڊ بند ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سندس طرز تحرير ۾ بلا جي طنز آهي، پر پڙهندي ڇپن تي مرڪ سان گڏ اندر ۾ چڪ ۽ چير پيا پون، ۽ اکين ۾ لڙڪ اچي وڃن ٿا. پنهنجي افساني جو عنوان "انڌيرنگري" چونڊي اسان جي قابل اديب پنهنجي حسن انتخاب جو بهترين ثبوت پيش ڪيو آهي. ان کان وڌيڪ شايد ٻيو ڪو به موزون عنوان ملڻ محال بلڪ ناممڪن هو. غريب حجم هڪ مزور ۽ ڪاسبي ماڻهو آهي - سندس چوري ٿي وڃي ٿي، پر ان هوندي به هو پوليس ۾ فرياد ڪرڻ هرگز نٿو گهري؛ هُن کي خبر آهي ته پوليس ڪيئن نه چرلو کهائي پاڳين کي چور ۽ چورن کي پاڳيا بنائي ڇڏيندي آهي. پوليس جي اهڙين ڪراتن جي ته هُن غريب کي اڳ ۾ ئي خبر آهي؛ پر چا ڪري، رئيس ڪاڻ خان جو چيو ڪيئن نه مڃي - رئيس جو ٿيو ۽ ڳوٺ جو بي تاج بادشاهه - پوءِ غريب حجم جي مجبوري ۽ بيوسي ڪهڙن نه سهڻن لفظن ۾ ظاهر ڪئي وئي آهي - "ٿيوے حجم، تے رئيسان دا آکڻ نه منّے!" دانهن ڏيڻ کان پوءِ آهوئي نتيجو نڪري ٿو، جنهن جو غريب حجم کي نه رڳو ڪٿڪو، پر يقين هو. پلا اِن کان وڌيڪ ٻي انڌير نگري ڪهڙي چئبي، جو چوري به اُن غريب جي ٿئي، ته وري ڏاڙهي به اُن جي پٽجي! لک شابسون ته رئيس ڪاڻ خان کي ڏجن - ڇي، "سائين حجم کون ايوين نه ڏيک، سکيا سهنجا هيئي؛ پيشان ڪلهه فجر ڪنون پيڇے سر ڪا ڳيا ها؛ آکے 'تون صوبيدار صاحب ڪني زليج چُل' - ميڏا ڪجهه نه وڃي، سائين! تون ڄاڻ تيڏي مرضي!" سچ پچ جيستائين اهڙا رذيل ۽ ذليل رئيس ۽ وڏيرا اسان جي سماج مٿان قابض رهندا، تيستائين اسان جو سماج سڌري، سو ناممڪن. پلا اِهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جو بکهڙ رڍن جي واهت ڪن. هر ڪنهن ملڪ ۾ پوليس قانون جهڙيءَ پاڪ شي جي حفاظت لاءِ مخصوص هوندي آهي، پر هتي اسان جي ملڪ ۾ قانون جي حفاظت ڪندڙ سورمن جا اجهو اِهي حال آهن: "اهن حرامي ڪون 'ساري رات سمهڻ' دي ڏوهه وچ چالان ڪر." "هت جي هڻ" سنڌيءَ ۾ هڪ مشهور چوڻي آهي، ۽ اِن چوڻيءَ کي سنڌ جي

صوبيدار صاحب جي مٿين حڪم ۾ نهايت ڪاميابيءَ سان نباهيو ويو آهي. "چور چڙهيو وڃي، ڀاڳيو ڀڄڻ وڃي" - اهو اسان جي پوليس جي ڏائي هٿ جو هڪ معمولي کيل آهي. پوليس جو هڪ معمولي منشي يا سپاهي به صوبيدار صاحبن کان ڪو گهٽ ڪونهي - هتي سندن عياريءَ جي حد ٿي وڃي ٿي: "صوبيدار ته ڪڙڪي، پر هٿ ايوين ڪر - اِها پڳ آئون جتي لاهه رک اِتان - تون ٻچ وڃ اِتون. جهٽ ڪر، متان ڪو ڏيک نه گهنٽي. ڪيا ياد ڪريسين حرامي، هوڏُني ٿورا!" واه جو احسان ڪيائينس! شايد غريب حجم پوليس واري جي انهيءَ احسان کي مرندي گهڙيءَ تائين نه وساري، پر اسان جي محترم لکندڙ جنهن خوبيءَ سان سماج جي هنن دستوري سياه ڪارين ۽ ان جي ههڙين روزمره جي بدمعاشين تان پردو کنيو آهي، سو قابل تعريف آهي. جيڪڏهن اسان جي اديبن سماج اندر ٿيندڙ خرابين ۽ ظلمن جي اهڙيءَ طرح جانچ پڙتال ڪرڻ شروع ڪئي، ته پوءِ اهي ڏينهن پري ڪونهن، جڏهن اِهي سنڌ جا 'صوبيدار بهادر' ۽ 'رئيس گامڻ خان' جن وڃي ڳانٺ پر ڪرندا.

٣

محمد دائود بلوچ

- ياءَ ايڊيٽر، "مهراڻ" جي ٻئي سال جو پهريون پرچو هٿن ۾ آهي، ڇا پڙهي ڇا پڙهان - بيت پڙهان يا غزل، گيت پڙهان يا ڪافيون، نظم پڙهان يا نيون طرزون، افسانا پڙهان يا مضمون... !

ادا، "مهراڻ" هٿن ۾ کڻڻ سان منجهي پوندو آهيان: جڻ اجهاڳ سمنڊ ۾ وڃي پوندو آهيان. "مهراڻ" جي تعريف ڪهڙن لفظن سان ڪريان! شل "مهراڻ" هميشه موجن ۾ هجي ۽ اسين هميشه منجهس تڙڳندا رهون. "مهراڻ" مان جيڪڏهين ڪو موتين بدران صرف پٿريون ٿي ڪڍندو ته اها ان جي ڀل آهي. ها، جيڪڏهين گهڻن موتين ۾ ڪا هڪڙي اڌ پٿري نڪتي، ته ان ۾ موتين جو قدر ڪو گهٽ ته ڪين ٿيو! اول، هڪ ڳالهه ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان - خبر نه آهي ته توهان مون سان شامل آهيو يا نه! ڳالهه هيءَ آهي ته اسان جا گهڻا شاعر اڳتي قدم نٿا وڌائين. ڪي آنگرين تي ڳڻڻ جيترا شاعر آهن، جي ستل دلين کي، ننڊ وارين اکين کي، ڪجهه سجاڳ ڪرڻ لاءِ همتائي رهيا آهن. ٻيا دوست ته وري "زلفن جي دام" ۾، 'شرابخانن' ۾ گرفتار آهن، جتان خبر ناهي ته ڪڏهين نڪرندا، يا اصل نڪرندا ئي ڪون! افسوس اٿم جو "تنوير" ۽ "اياز" به هن دفعي اهڙا گيت نه ڇپيا آهن، جي ستل دلين کي سجاڳ ڪن، قوم ۾ قوميت آڻين - شايد اهي ٻئي 'باغي' به وڃي زلفن جي ور وڪڙن ۾ ڦاٿا آهن - نه ته اڳئين پرچي ۾ "تنوير" جو "موهن جو دڙو" ۽ "ديپڪ"، "اياز" جو "جاڳ ڀنڀائي گهوٽ..." جنهن ۾ سنڌڙيءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

"جيئون تنهنجي جند سان، مرون تو سان ماءَ،
ڳوڙها ڳاڙ ۾ "سنڌڙي"، وري ورندو واءَ،
چرڪن پيون جنڊيون، تن آهي تاءَ،
لونءَ لونءَ منجهه لڳاءَ، سپ ڪي آسائيهه جو"-

کهڙا نہ دل ڏاريندڙ هئا!

ادل، هيئنر شاعرن کي عرض آهي تہ عوام کي ميخانن ۽ زلفن جي ور وڪڙن ۾ گرفتار نہ ڪن، بلڪ عوام کي اڳتي قدم کڻڻ لاءِ آماده ڪن - جنهن جي هيئنر عوام کي ضرورت آهي: اهي گيت ڳائين، جي عوام جي ترجماني ڪن ۽ عوام کي نئين زندگي بخشين. توهان ڏسندا تہ مان هڪڙو نہ آهيان، جو ائين چوڻ لاءِ مجبور ٿيان ٿو، مگر منهنجي خيال ۾ توهان وٽ جيڪي بہ خط پهچندا هوندا، انهن سڀني ۾ اهو ذڪر ضرور هوندو. مگر خبر ناهي، چو توهان اچا انهيءَ طرف ڌيان نٿا ڏيو! شايد توهان خود زلف جي زنجيرن مان اڃا نہ نڪتا آهيو!

گوورڌن محبوباڻيءَ جو "ڪاري" افسانو نہ آهي بلڪ هڪ حقيقت سمجهڻ گهرجي. وڏيرا-شاهي جي ڪڌن ڪرتوتن ڪري ڪيتريون نہ مکڙيون مرجهائجي ويون آهن! انهن مان "پناڻي" بہ هڪ آهي. ڪيئن نہ وڏيرو پنهنجي کيل ڪمن تي "ڏنڊڙا نيڙي" چوي ٿو تہ "مون تہ خسيس چرچو ڪيو آهي". هن جي خسيس چرچي ڪري ڪيئن نہ هڪ انسان جي حياتي ختم ٿي-ڪيئن هڪ مکڙي مرجهائجي وئي! ادا حفيظ جو "۽ مکڙي مرجهائجي وئي" کهڙو نہ دل ڏاريندڙ آهي- "اي هل! هڪڙو قبرستان جو...... آهي ڪو هڪڙو قبرستان جو...... پون...... پيئون...... پون"-سماج جي ههڙي ڀيانڪ تصوير! سراج الحق جو، "ديوتا ۽ انسان" لاجواب آهي. جيڪڏهين اسان جا پيا دوست ان طرح ديوتائن جا پول پڌرا ڪن، تہ پوءِ انسان ۽ ديوتائن ۾ فرق باقي نہ رهندو، ۽ انسان ۽ ديوتائن جو درجو ترت ئي چڙهي لهي اچي هڪ جهڙو ٿيندو. حقيقت آهي تہ "ديوتائن" جي محلن جي پيڙهہ غريبن جي جهوپڙين تي ئي اڏيل آهي: پوءِ جيستائين غريب سجاڳ نہ ٿيا آهن، تيستائين ديوتا سندن ئي ڪماين تي پيا مچندا ۽ متارا ٿيندا، جڏهين عوام ۾ سجاڳي اچي ٿي ۽ عوام بيدار ٿئي ٿو، تڏهن ديوتا دانهون ڪندا هيٺ اچي ڪرن ٿا. "پنهور" جو "زن طلاق" وڏيرا شاهي ظلمن جي پڌري تصوير آهي. اميد آهي تہ عوام کي اڄ نہ سڀان ضرور سمجهہ ايندي- پوءِ هو وڏيرن جي وڏيرپ کي ضرور سندس اصلي صورت ۾ سڃاڻي ويندا.

آخر ڳالهہ، تہ "مڪلي نامہ"، جو پارسي ۾ آهي، ان مان هڪ اکر بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. اهو جيڪڏهين ترجمو ڪري پيش ڪيو وڃي ها، تہ وڏيڪ چڱو هو...........

سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا

-" پر اِهو قداور شخص ڪير آهي، جو سڏو هيڏي ڪاهيندو اچي، ۽ جنهن جو مٿو آسمان ۾ آهي ۽ پير زمين تي آهن؟ هن جو بدن مضبوط ٿو ڏسجي، هن جي منهن ۾ مٺيا ٿي ڏسجي، ۽ هن جي دل ۾ آرام ٿو ڏسجي. جيتوڻيڪ وات هلندي هُن کي ڪُٽيون ئي اڪون اچن ٿيون، تڏهن به هُن جي اُنهن تي نظر ئي ڪانهي. آسمان ۽ زمين هُن کي روڪين ٿا ته به هو جهلڻ جو ناهي، هليو اچي؛ هن جي اڳيان جبل جهڪندا وڃن ۽ سمنڊ سُڪندا وڃن، رستي ۾ شينهن اچي ٿو، ته به هُن کي پرواه ڪانهي؛ چيٽي جا چٽ ڏسي، هن کي ڪوبه ڊپ ڪونه ٿو ٿئي؛ وڏن وڏن ڪٽڪن مان هو ڪاهيندو هليو اچي؛ موتمار آفتون هو هٿن سان ٽاريندو پاسي ڪندو اچي؛ هن جي پٺن تي طوفان پيا لڳن، ته به هن کي لوڏي نٿا سگهن؛ هُن جي مٿي تي مينهن پيا وسن ۽ گوڙيون پيون ٿين، ته به هُن کي پرواهه ئي ڪانهي؛ ڪوڻ جي چمڪاٽ ڪري پاڻ هُن جي سُنهن جو نور پيو معلوم ٿئي: اِنهيءَ جو نالو "اولوالعزمي" يعني "پڪو ارادو" اٿئي.

هو زمين جي تمام پرانهينءَ ڪنڊ ڪان هليو آهي. هو خوشيءَ ۽ نيڪ بختيءَ کي پري کان ڏسندو اچي. قطب ڪان به پري اُنهيءَ جو مڪان آهي، ته به هُن جي اک اُنهيءَ تي پوندي اچي. هو اوستائين وڃي پهچي ٿو، ۽ اُنهيءَ مڪان جي اندر گهڙي وڃي ٿو ۽ هميشه تائين اُتي رهي ٿو." - [مرزا قليچ بيگ مرحوم جي تصنيف "تهذيب اخلاق" مان ورتل؛ ص‌ص ٧٨ ۽ ٧٩ : چونڊيندڙ - دين محمد لاشاري، پنگو بهڻ.]

- "پڙهڻ مان جهڙي خوشي ۽ خرمي حاصل ٿي ٿئي، تهڙي عزت ۽ زينت، تهڙي چالاڪي ۽ هوشياري. اُن مان خوشي ۽ خرمي خانگي هات ۾ حاصل ٿي ٿئي؛ عزت ۽ زينت گفتگو ۾؛ چالاڪي ۽ هوشياري انصاف ڪرڻ ۽ ڪم جي استعمال ۾ - چاڪاڻ جو چالاڪ ماڻهو ڪو به ڪم چڱيءَ طرح ڪري سگهندا ۽ شايد ذري جو انصاف بہ ڪري سگهندا." [مرزا قليچ بيگ: شري ميلهارام منگترام واسوائيءَ جي ڇپايل ڪتاب "گلستان" تان ورتل. چونڊيندڙ: موتيرام سونيجي، بمبئي.]

-" تاريخ پڙهڻ ڪري ماڻهو ڏاهو ٿئي ٿو. شعرن پڙهڻ ڪري ماڻهو خيالي ۽ سمجهو ٿئي ٿو. هندسہ ۽ حسابي ڪم سکڻ ڪري ماڻهو پورو ۽ قابل ٿئي ٿو. علم طبعيءَ پڙهڻ

ڪري ماڻهو ڪامل ۽ اونهي خيال وارو ٿئي ٿو. فلسفي ۽ حڪمت پڙهڻ ڪري ماڻهو گنڀير، سنجيدو ۽ شڪوه مند ٿئي ٿو. منطق ۽ معاني پڙهڻ ڪري ماڻهو بحث ڪرڻ ۾ چالاڪ ۽ هوشيار ٿئي ٿو. مطلب ته انسان جي عقل ۾ ڪهڙو به خلل يا خرابي هوندي، ته به هڪڙي نه ٻئي علم جي پڙهڻ سان ان کي برطرف ڪري سگهجي ٿو - جهڙيءَ طرح بدن جي مرضن کي هڪڙيءَ نه ٻيءَ ورزش ۽ استعمال سان دور ڪري سگهجي ٿو. [مرزا قليچ بيگ. شري ميلهارام منگترام واسوانيءَ جي ڇپايل ڪتاب "گلستان" تان ورتل. چونڊيندڙ: موتيرام سونيجي، بمبئي.]

-"هلڪي ۽ گهٽيل هير جي اثر هيٺ سڄو سمنڊ لڏيو پئي ۽ ننڍين ڇولين ۾ ويڙهجي ٿي ويو. سورج جا ترورا موت ڪائي اکين اڳيان اونده آڻيندڙ روشني اڇلي رهيا هئا. سمنڊ نيري آسمان ڏي نهاري هزارين چانديءَ جهڙيون مشڪون مشڪي رهيو هو. آسمان ۽ سمنڊ جي وچ ۾ شرط پچائيندڙ لهرون مٺو آواز ڦهلائي رهيون هيون. ڇولين جا ڏاڍوڙا ۽ سج جو چلڪات مدرتا سان هڪ ٻئي ۾ سمائجي ٿي ويا. سورج آنند ۾ هو، ۽ سمنڊ بود ۾ نٿي سمايو. هوا لاڏ ڪوڏ سان سمنڊ جي ريشمي ڇاتيءَ تي هلڪيون ڏڪيون هڻي رهي هئي، ۽ سمنڊ لوليءَ جي اثر هيٺ ننڊاڪڙيون سرد آهون ڀري رهيو هو. وايو منڊل گرم، هوا سلوڻي ۽ سڳند ڀري هئي. سائيريون ڇوليون پيلي ساحل سان ٽڪرجي سفيد گجي ڦهلائي واپس موٽي ٿي ويون. گجي تتل ريتيءَ کي ڇهي، هڪ سرد شوڪارو ڀري، پگهرجي ٿي وئي، ۽ ريتيءَ کي آلو ڇڏي ٿي وئي." [ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ترجمي ڪيل ڪتاب "مالوا"، ص. ٢١، تان ورتل؛ اصل مصنف مئڪزم گورڪي. چونڊيندڙ: مينڌري. ع. سعادتي]

-"دنيا ۾ هر انسان- خواهه مرد هجي يا عورت، پوڙهو هجي يا جوان، عالم هجي يا جاهل - حياتيءَ جي بقا جو خيال ٿو رکي، ۽ قوت قائم رکڻ لاءِ کاڌو ٿو کائي، پنهنجي جسم کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا ٿو پهري، پنهنجي آرام ۽ آسائش لاءِ مڪان ٿو جوڙائي؛ جيڪڏهن خدا نخواسته بيمار ٿو ٿئي، ته فوراً علاج جو بندوبست ٿو رکي: مطلب ته هو هر ڪنهن گهٽ ۾ گهٽ تڪليف جي دفعي ڪرڻ لاءِ قسم قسم جون تدبيرون ۽ تجويزون ٿو اختيار ڪري. هن جو صرف هي مقصد آهي ته هن جي عزيز زندگي قائم رهي، جو اها کيس سڀ کان وڌيڪ پياري چيز آهي. پر افسوس، جو اهڙيءَ چيز ڏي سندس مطلق خيال نٿو ٿئي، جا زندگيءَ لاءِ ضروري آهي - اها چيز آهي ڪفايت شعاري! [آغا تاج محمد خان جي ڪتاب "ڪفايت شعاري" جي صفحي ١ ۽ ٢ تان ورتل. چونڊيندڙ: ماستر محمد قاسم "شاد"، ڪڇي قادرڏنو شاهه، تعلقو گوني.]

سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا

ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌي ٻولي

تازو ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان سنڌيءَ کي امتحاني ٻوليءَ جي حق کان محروم ڪري ڇڏڻ جا احڪام جاري ڪيا ويا. سنڌن ان نفرت جوڳي فيصلي خلاف، ڪراچيءَ جي سنڌي شاگردن يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جي سامهون هڪ مدلل ۽ قابل قدر ياد داشت پيش ڪئي هئي. هت اها ياد داشت "مهراڻ" جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪري رهيا آهيون.

-جناب عالي، اسان ڪراچيءَ جي ايس. ايم. ڪاليج، ڊي. جي. سائنس ڪاليج، اسلاميه ڪاليج، اين. اي. ڊي. انجنيرنگ ڪاليج، گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج، ڊو ميڊيڪل ڪاليج ۽ ايس. ايم. لا ڪاليج جا ٽن هزارن کان وڌيڪ سنڌي شاگرد، ۵ سيپٽمبر ۱۹۵۶ع تي، سنڌي شاگردن جي هڪ عام جلسي ۾ پاس ٿيل پنهنجو هيٺيون ٺهراءُ، يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جي ويچار لاءِ عرض رکون ٿا، جنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ سنڌيءَ کي، هميشه وانگر آئنده بہ، يونيورسٽي امتحانن ۾ جوابن لکڻ جي ذريعي طور قائم رکڻ جو مطالبو ڪيل آهي:

"سنڌي زبان کي بہ، انگريزي ۽ اردو زبانن وانگر، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ امتحاني زبان جي حيثيت ۾ برقرار رکيو وڃي.

"آئنده، يونيورسٽي امتحانن ۾ سوالن جا پرچا، انگريزي ۽ اردو ترجمي سان گڏ، سنڌي ترجمي سان بہ ڏنا وڃن.

"سنڌي زبان ۾ ڏنل جوابن جون ڪاپيون، فقط انهن ممتحنن کي ٽپي ڏسڻ لاءِ ڏنيون وڃن، جي سنڌي زبان کان چڱيءَ طرح واقف هجن.

"ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٻين سيني ملڪي ۽ غير ملڪي زبانن لاءِ قائم ٿيل شعبن سان گڏ، سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ بہ هڪ جدا شعبو قائم ڪيو وڃي."

اسان، ڪراچيءَ جي اٽڪل پنج هزار شاگردن جو هڪ احتجاجي جلوس وٺي، ۹ سيپٽمبر ۱۹۵۶ع تي، ڪراچي يونيورسٽيءَ ٻاهران پهچي، انهن سيني سائين جي نمائندن جي حيثيت ۾، اوهان اڳيان مٿيون ٺهراءُ عرض رکيوسين؛ مٿين ٺهراءَ ڏانهن اوهان جي ذاتي توجہ ۽ شخصي دلچسپيءَ لاءِ گذارش ڪري، وڌيڪ اهو بہ عرض ڪيوسين تہ اوهان مهرباني ڪري

يونيورسٽي سنڊيڪيٽ کي ٻه اسان جي هنن واجبي مطالبن تي همدرديءَ سان غور ڪري هن بي انصافي دور ڪرڻ ۽ سنڌي شاگردن جي بنيادي حقن کي محفوظ رکڻ لاءِ سفارش ڪندا.

اوهان ان وقت پنهنجي گفتگو جي دوران ۾ اسان کي مشورو ڏنو هو ته اسان پنهنجي مطالبن جي تائيد ۾ هڪ يادداشت به پيش ڪريون، ته جئن يونيورسٽي سنڊيڪيٽ کي هن مسئلي تي نظر ثاني ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي.

اسان ان وقت به اهو عرض ڪيو هو ۽ هينئر به پنهنجو واحد ۽ فيصلہ ڪن دليل اهو ڏيون ٿا ته جئن گذريل نون سالن کان سنڌيءَ کي امتحاني زبان جو درجو حاصل رهيو آهي، تئن آئندي به کيس اها حيثيت حاصل رهڻ گهرجي. جيڪڏهن انهيءَ وچ ۾ ڪي اهڙا اڻ ٿر سبب ۽ رنڊڪون پيدا ٿي پيون هيون، جن سنڊيڪيٽ کي انهيءَ اوچتي قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو، ته پوءِ سندن فرض هيءُ هو ته علمي دنيا جي واقفيت لاءِ انهن سببن ۽ رنڊڪن کي پهريائين ظاهر ڪن ها، ۽ پوءِ انهن سببن ۽ رنڊڪن کي پنهنجي وت ۽ وس آهر هٽائڻ ۽ دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ها. افسوس، جو سنڊيڪيٽ جي ڪارپردازن ائين نه ڪيو- ۽ اها هڪڙي بنيادي حقيقت ئي سندن فيصلي کي هڪ طرفو، غير واجبي ۽ اعتراض جوڳو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

ٻيو وچي ٿو ته سنڌي زبان اڃا انهيءَ لائق نه ٿي آهي، جو ان کي يونيورسٽي امتحانن ۾ جوابن لکڻ جو ڪامياب وسيلو سڏي سگهجي. سوال ٿو اٿي ته سنڌي زبان جي انهيءَ لياقت يا عدم لياقت جو فيصلو ڪيئن ڪري سگهبو؟ جيستائين ڪراچيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي موجود هئي، تيستائين ته اسان جي زبان خلاف ڪڏهن به اهڙي قسم جو اعتراض ڪنهن ڪونه اٿاريو- انهيءَ يونيورسٽي کي اڄ به اسان جي زبان جي انهن لياقتن ۾ پورو پورو ڀروسو آهي. ڪراچي يونيورسٽي پاڻ به شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سنڌي زبان کي امتحاني زبان جي حيثيت ۾ قائم رکندي پئي آئي آهي: حيرت جو مقام البت هيءُ آهي ته هن يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن سنڌيءَ ۾ لکيل جوابن جون ڪاپيون هميشه سنڌي زبان کان بنهه غيرواقف شخصن کي ئي ڏسڻ لاءِ پئي ڏنيون آهن! بهرحال اسان سنڌي شاگرد، جن جو ان ڳالهه سان سنئون سڌو واسطو آهي، سي ته امتحانن ۾ پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ سنڌي زبان جي صلاحيت ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ شبهو ڪونه ٿا رکون. عين ممڪن آهي ته اسان جا اِهي غير سنڌي ممتحن ئي هجن، جن کي اسان جي زبان، يونيورسٽي امتحانن لاءِ، اڻ پوري ۽ اڻ سڌريل نظر آئي هجي- ۽ انهيءَ خيال ۾ هو واقعي حق بجانب ٿي سگهن ٿا، ڇو ته هر ڪا زبان هر انهيءَ شخص کي، جو ان زبان ۾ لکي پڙهي نٿو سگهي، ائين ئي نظر ايندي. پر، يونيورسٽيءَ جهڙي اعليٰ تعليمي اداري جي شان وٽان اها ڳالهه نه آهي، جو استادن جي هڪڙي گروهه ۾ اعتبار نه رکي، يونيورسٽي امتحانن ۾ لکيل جوابن جون ڪاپيون، استادن جي هڪ ٻئي اهڙي گروهه کي جاچڻ لاءِ ڏئي، جي انهيءَ زبان مان چڱيءَ طرح واقف ئي نه هجن، ۽ پوءِ انهيءَ

ٻني ٽروهه سان واسطو رکندڙ استادن جي ٽي چوڻ تي لڳي، سنڌي زبان کي اڻ پورو ۽ اڻ سڌريل سمجهي، ان ٻوليءَ کي مرڪوزي امتحاني حيثيت کان هيٺ لاهي ڦٽو ڪري ڇڏي - ان کان وڌيڪ بي واجبي، اڻ سهائيندڙ ۽ غير معقول ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي!

سنڌي ٻوليءَ کي امتحاني ٻوليءَ جي حيثيت کان خارج ڪرڻ لاءِ هڪڙو سبب اهو به ڏنو وڃي ٿو ته سنڌي زبان جي هن حيثيت کي قائم رکڻ ڪري يونيورسٽيءَ کي پيٽا خرچ ڪرڻا پوندا - ڇاڪاڻ ته امتحانن ۾ هر قدم تي خرچ لازمي طور وڌيڪ ٿيندا. سنڌي زبان کي قربانگاهه تي چاڙهي، يونيورسٽيءَ جي مالي بجيٽ کي درست رکڻ هڪ اهڙو ته خسيس، ٻاراڻو ۽ دل آزاريندڙ دليل آهي، جو ٿوري سمجهه رکندڙ انسان به جيڪر اها ڳالهه زبان تي آڻي ٺڪائيءَ کان ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪري. بهرحال، جيڪڏهن ان مالي تڪليف جي سوال تي ٿورو غور ڪبو، ته ڏسڻ ۾ ايندو ته وڌيڪ خرچ جو سوال فقط ٻن ڳالهين لاءِ اٿندو: پهريون سوالي پرچن جي ترجمن ڪرائڻ لاءِ، ۽ ٻيو انهن جي ڇپائڻ لاءِ. ظاهر آهي ته انهن ٻنهي ڪمن تي يونيورسٽيءَ جا مشڪل سان ٻه چار هزار رپيا خرچ ٿيندا. اسان کي يقين آهي ته خود ڪراچي يونيورسٽي اختياريءَ وارا به پنهنجن هيترن سارن شاگردن جي سهولت خاطر ايتريءَ معموليءَ رقم جي خرچ ڪرڻ تي ارها نه ٿيندا - ٻولو نه آهي جو سندن اهي شاگرد سنڌي ڳالهائيندڙ ٽي چو نه ڪٿي هجن.

ائين به چيو وڃي ٿو ته هاڻي ڇاڪاڻ ته اردو اسان جي سرڪاري زبان آهي، تنهنڪري اردو کان اڻجاڻ شاگردن لاءِ ضروري آهي ته هو جلد از جلد اردو سکي ان ۾ مهارت حاصل ڪن - اِن ۾ هنن جو پنهنجو ئي فائدو آهي!

سرڪاري زبان بنجڻ لاءِ اردو جي لياقتن، يا ملڪ جي دستور ۾ ان کي اهو درجو عطا ڪرڻ جي دانشمنديءَ يا غير دانشمنديءَ واري سوال کي ڇڏي ڪري، اسين هن ڳالهه تي احتجاج ڪرڻ کان ڪنهن به صورت ۾ پاڻ کي روڪي نٿا سگهون ته پاڪستان جي دستور ۾ اسان جي زبان جو ٿلهو نالو به داخل نه ڪيو ويو آهي - ۽ انهيءَ ظاهر ظهور زورآوريءَ خلاف، ۽ سنڌيءَ کي آئيني طور (مغربي) پاڪستان جي هڪ سرڪاري زبان تسليم ڪرائڻ لاءِ اڄ ۾ ٽي ڪراچي ۽ سنڌ ۾ هڪ زوردار عوامي هلچل هلي رهي آهي: صحين جي دستاويز تي لکن جي تعداد ۾ صحيون ملي چڪيون آهن ۽ سنڌ جي سڀني ميونسپالٽين، لوڪلبورڊن، سڪولن، ڪاليجن ۽ ٻين پبلڪ ادارن ۽ سنڌ جي سڀني اخبارن ان مطالبي جي پرزور حمايت ڪئي آهي، ۽ اسان کي فخر آهي ته اسان ڪراچيءَ جا سنڌي شاگرد به ان عوامي تحريڪ جا دليون جانيون حمايتي آهيون - پر ساڳئي وقت پاڪستان جي دستور ۾ سنڌي زبان کي سرڪاري حيثيت نه ملڻ جي اها ته معنيٰ نه آهي ته ڪي شخص، توڙي يونيورسٽيءَ جهڙا پبلڪ جي پئسن تي هلندڙ ادارا، ڇاڻي واڻي ان کي نڌڻڪو سمجهي، هيسائي ۽ ٻوساٽي مارڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪن. ڪراچي شهر ۾ اڄ ۾ ٽي سنڌي پرائمري سڪول بند ڪري، سنڌي ڳالهائيندڙ رهاڪن

ڪي هر ممڪن طريقي سان پنهنجن ٻارن کي اردو پرائمري اسڪولن ۾ داخل ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. ”ڪراچي سيڪنڊري تعليمي بورڊ“ وارن به پنهنجي دائري اندر اسڪولن جي تعليمي نصاب ۾ اردو ته سڀني شاگردن لاءِ لازمي ڪري ڇڏي آهي، پر سنڌي رڳو سنڌين لاءِ به لازمي قرار نه ڏني اٿن. ڪراچي يونيورسٽيءَ ته سڀني کان به قدم اڳتي وڌي، قلم جي هڪڙي ئي ڌڪ سان، سنڌي زبان کي، سنڌس پاڪستان کان به اڳ مليل درجي کان هيٺ لاهي، پنهنجي احاطي کان ڌڪاري ٻاهر ئي ڪري ڇڏيو آهي!

هتي اسين، قائد اعظم، قائد ملت، پاڪستان پارليامينٽ ۽ دستور ساز اسيمبليءَ جي انهن خاطرين کي دهرائڻ ضروري ٿا سمجهون، جيڪي هنن ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ ۽ وري سنڌ کي ”الهندي پاڪستان“ ۾ جذب ڪرڻ وقت، اسان جي زبان ۽ ٻين تهذيبي ورثن کي محفوظ رکڻ جي سلسلي ۾ اسان کي ڏنيون هيون.

اسان جو هيءُ عقيدو آهي ته سنڌ وانگر، پاڪستان به جدا جدا تهذيبن ۽ ميٽائن جو هڪ تجزيگاهه آهي، ۽ جدا جدا، رنگ برنگ گلن جي گڏجڻ سان هڪ پربهار گلشن جو مثال ٿو پيش ڪري. اسان جي هن پياري وطن جو هي پيارو تختگاهه - ڪراچي - ته ان لحاظ کان هڪ مثالي سرزمين آهي، جتي اسان جا بنگالي، بلوچ، پٺاڻ، پنجابي ۽ هندستان جي مختلف علائقن مان لڏي آيل اسان جا ڀائر، اسان هتان جي قديم سنڌي رهاڪن سان - اسان کي هن ملڪ جي قديم شهري هجڻ تي واقعي فخر آهي - نهايت ميٺ محبت، ڀائپيءَ ۽ وطني جذبي سان گڏ رهن ٿا. انهن حالتن ۾، ڪراچي يونيورسٽيءَ کي ته ڀاڻ برادري ۽ وطني حب جي مقدس جذبي تي قائم رهي، پنهنجي روشن دماغ، انصاف پسند ۽ بي ريا هجڻ سان ثابت ڪري ڏيکارڻ گهرجي ته هوءَ به سنڌ جي قديم تهذيب جي روح - يعني فراخدلي، برد باري، انساني همدردي، عالمگير محبت، ۽ هر تنگ نظريءَ ۽ تعصب کان آزاد نظريي جي مالڪ آهي.

هيءُ مختصر گذارش خدمت ۾ عرض رکندي، اسان اوهان ۾ اميد ٿا رکون ته اوهان صاحب ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ جا ميمبر صاحب اسان جي هن يادداشت تي دلي همدرديءَ سان غور فرمائيندا، ۽ پنهنجي غيرمنصفانه فيصلي تي نظرثاني ڪري، سنڌي زبان کي يونيورسٽيءَ جي تعليمي دنيا ۾ سندس اڳئين درجي تي قائم رکندا.

* * *

مادري زبان ۽ تعليم

[تازو، ”ٻارن جي تعليم“ جي موضوع تي، هڪ عام جلسي ۾ لاهور جي شهرين کي خطاب ڪندي، مغربي پاڪستان سرڪار جي آبادڪاري کاتي جي سيڪريٽريءَ جناب محمد مسعود فرمايو ته]

”سچ پچ اها هڪ ڏک جي ڳالهه آهي، جو ڪيتري وقت کان وٺي اسان جا بيشمار معصوم ٻار، هڪ ڌاريءَ زبان ذريعي تعليم وٺڻ جي عذاب ۾ مبتلا آهن. اهڙيءَ طرح، سندن

تعليم جو عمل الٽو سندن دماغ جي انتشار ۽ شخصيت جي پريشانيءَ جو سبب بڻجي ٿو، ۽ زندگيءَ متعلق سندن معصوم ۽ نازڪ خيال، هڪ ڌاريءَ زبان جي نامعلوم آوازن ۽ آچارن کي ٺي طوطي وانگر نقل ڪرڻ جي گورک ڌنڌي ۾ ڦاسي، هُيجي وڃن ٿا؛ جنهن جو لازمي طور اهو نتيجو نڪري ٿو، جو اسان جا اهي نونهال، زندگيءَ کي سمجهڻ ۾ ايترو ته سُنجهي پون ٿا، جو ڪيتريون سنيون سوليون ڳالهيون بہ منجي سنجي هنن لاءِ ڏکيون، پيچدار ۽ سمجهہ کان ٺي ٻاهر ٿي پون ٿيون.

"اِها مادري زبان جي بدران ڌاريءَ زبان کي تعليمي ذريعي بڻائڻ جي مصيبت ٺي آهي، جنهن اسان جي ملڪ جي لاتعداد ٻارڙن کي اهڙي ته چڪر ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جو سندن زندگيءَ جو مکيہ ۽ قيمتي وقت فقط هڪ ڌاريءَ زبان سکڻ جي فضول ۽ بيڪار مشغوليءَ ۾ ٺي ضايع ٿي وڃي ٿو.

"پر، جيڪڏهن تعليم جو اصل مقصد ٻارکي وڏو ٿي بهتر ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ لاءِ تيار ڪرڻ آهي، تہ پوءِ کيس سندس زندگيءَ جون سموريون حقيقتون اصلي صورت ۾ ٺي ٻاڌڻ گهرجن - ۽ اهو سڀڪجهہ سندس مادري زبان ۽ ان جي ملڪي ماحول ۾ ٺي ميسر ٿي سگهي ٿو.

"تعليم جي ذريعي طور مادري زبان جو استعمال ڪيتري قدر ضروري ۽ مفيد آهي، انهيءَ مسئلي تي ويچار ڪرڻ لاءِ، سنہ ۱۹۵۱ع جي آخر ۾، اقوام متحده طرفان دنيا جي ماهرن جي پئرس (فرانس) ۾ هڪ ڪانفرنس منعقد ٿي هئي: ان ڪانفرنس ۾ بنيادي تعليم تي هڪ رپورٽ متفق طور مرتب ڪئي ويئي هئي، جنهن ۾ هيٺيان چار اهم تعليمي اصول پيش ڪيا ويا هئا:

(۱) مادري زبان ٺي هر شخص لاءِ سندس خيالن جي اظهار جو قدرتي ذريعو آهي؛ ۽ سندس خيالن جي اظهار کي پوريءَ طرح طاقت وٺائڻ، هن جي شروعاتي ضرورتن مان هڪ نهايت اهم ضرورت آهي.

(۲) هر هڪ شاگرد جي درسي تعليم، لازمي طور سندس مادري زبان جي ذريعي ٺي عمل ۾ اچڻ گهرجي.

(۳) ڪنهن بہ زبان جي بناوت ۾ اهڙي قسم جي ڪابہ بنيادي ڪمزوري نہ آهي، جا کيس انسان جي موجوده علم، فن ۽ موجوده تهذيب جي اظهار جي وسيلي بڻجڻ کان روڪي سگهي.

(۴) مادري زبان جو نعم‌البدل ڀي ڪابہ قومي يا بين‌الاقوامي زبان تيستائين نٿي ٿي سگهي، جيستائين اسان جا ٻار اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ٺي الهيءَ ٻيءَ زبان کان چڱيءَ طرح واقف نہ هجن.

"هنن ڳالهين کي خيال ۾ رکندي، ملڪ جي تعليمي اختياريءَ وارن کي گهرجي تہ هو پنهنجو اثر رسوخ هلائي، عام ماڻهن کي ان ڳالهہ تي آماده ڪن تہ ڪين پنهنجن ٻارن لاءِ مادري زبان کي ٺي تعليم جو ذريعو تسليم ڪرڻ گهرجي".

سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن (ڪراچي، ١٧ آڪٽوبر ١٩٥٦ع)

آزاديءَ کان پوءِ، ٿوري وقت لاءِ، سنڌي علم ادب جي بهتريءَ ۽ واڌاريءَ ۾ روڪ پئجي ويئي، ڇو ته ترت ئي سنڌي ٻوليءَ سان قرب رکندڙ، سنڌي اديب ۽ شاعر، انهيءَ عارضي جمود جي حالت تي غالب پئي، سجاڳ ٿي، نڪري نروار ٿيا. جلد ئي سنڌ جي جدا جدا هنڌن ۾، سنڌي ادبي جماعتون، بزمون، انجمنون ۽ سنگتون هستيءَ ۾ اچڻ لڳيون. انهن ادبي ادارن برپا ٿيڻ سان، سنڌين جي سينن ۾ نوان امنگ ۽ اتساهه ايرڻ لڳا، ۽ وچ واري دور جي پيدا ٿيل مايوسي ۽ مانائي چوڏاري هٽڻ لڳي.

سنڌي ادبي سنگتون به انهيءَ دور جي پيدائش آهن. پهريائين، ڪراچي شهر ۾ ”سنڌي ادبي سنگت“ برپا ٿي؛ جنهن بعد، سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ سنڌي ادبي سنگتون هستيءَ ۾ اچڻ لڳيون. هي جدا جدا ادبي سنگتون، پنهنجي وت آهر، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي ڏس ۾ اڄ جو ڪم ڪري رهيون آهن، تنهن سنڌ جي علمي ادبي دنيا ۾ هڪ نئين زندگي پيدا ڪئي آهي.

ويجهڙائيءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي مغربي پاڪستان جي هڪ سرڪاري ٻولي تسليم ڪرائڻ واريءَ تحريڪ ۾، سنڌي ادبي سنگتن پاران ساراهه جوڳيون ڪوششون ورتيون ويون: سنڌي عوام جو انهيءَ مکيه مسئلي طرف، نه فقط ڌيان ڇڪايو ويو، بلڪ منجهن مسئلي جي اهميت جو احساس ۽ شعور پيدا ڪري، پنهنجن حقن لاءِ زوردار آواز ڪڍي ڪرڻ لاءِ کين ميدان ۾ آندو ويو. سنگتن جي ڪوشش سان، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکن جي تعداد ۾ صحيحون ورتيون ويون، ۽ ان معرفت سنڌي عوام جي زوردار راءِ جو اظهار ڪيو ويو ته ”ملڪ جي آئين ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مغربي پاڪستان جي هڪ سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت سان تسليم ڪيو وڃي“. ڪراچيءَ مان ٻه ڪتابڙيون - هڪ سنڌيءَ ۾ ۽ ٻي انگريزيءَ ۾ - ڇپايون ويون، جن ۾ تفصيلي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڏيکاريو ويو ته سنڌي ٻوليءَ جي هن جنمي حق جي تسليم نه ٿيڻ جي حالت ۾، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌين لاءِ ڪهڙا اگرا نتيجا نڪرندا.

عوام کان صحيحن وٺڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ، ۽ وقت جي حالتن ۽ گهرجن کي ڌيان ۾ آڻڻ سان هيءَ ضرورت عام محسوس ٿيڻ لڳي، ته سنڌ جون جدا جدا سنگتون گڏجي يڪمشتيءَ سان ڪم ڪن، ته منزل مقصود جلد ۽ سولائيءَ سان ماڻي سگهجي. نيٺ، اپريل ١٩٥٦ع ۾، اروڙهين سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي، لاڙڪاڻي ادبي سنگت جي دعوت تي، جدا جدا سنگتن جا عيوضي اچي لاڙڪاڻي ۾ ڪٺا ٿيا. ميڙ ۾ مرڪزي جماعت• برپا ڪرڻ جو اصول قبول ڪري، ”سنڌ سنگت“ کي هستيءَ ۾ آڻڻ لاءِ هڪ تنظيمي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. ڪاميٽيءَ کي سنڌ سنگت جي جوڙجڪ ٺاهڻ، جدا جدا سنگتن کي مرڪزي جماعت جو ميمبر بنائڻ، ۽ سنگتن جي عيوضين جي ڪنوينشن سڏائڻ جو ڪم سونپيو ويو.

۽ ڪاليجن ذريعي-جا خدمت ڪئي آهي، سا سنڌي علم ۽ ادب جي تاريخ ۾ سونهري حرفن ۾ لکڻ جي لائق آهي.

"پر بدقسمتيءَ سان اڄ اهي ڏينهن ڏسڻا پيا آهن، جو سنڌ جي انهيءَ ساڳئي مرڪزي شهر ڪراچيءَ ۾، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب کي نگهوسار ڪرڻ جون سازشون سڄي رهيون آهن. پهريائين ڪراچي ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ پرائمري تعليم جون سهولتون ختم ڪيون ويون آهن: هتي سنڌين جي بار بار تقاضائن جي باوجود، نوان سنڌي اسڪول کولڻ بجاءِ، اڳيان سنڌي اسڪول بند پيا ڪيا وڃن. سيڪنڊري اسڪولن ۾ سنڌي شاگردن لاءِ اردو ته لازمي رکي وئي آهي، پر سندن مادري زبان سنڌيءَ کي هڪ اختياري مضمون جي حيثيت ۾ ئي ڇڏيو ويو آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ مورڳوئي سنڌي زبان کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جا عملي قدم شروع ڪيا آهن. گذريل ٽـن سالن کان، سنڌي شاگردن کي يونيورسٽي امتحانن ۾ سنڌي زبان ۾ جوابن لکڻ جو جيڪو حق حاصل هو، هن سال ختم ڪيو ويو آهي. دنيا جي تواريخ ۾ ڪو به اهڙو مثال نه ملندو، جو ڪنهن ملڪ ۾ لڏي آيل قومن، اچي اتي جي زبان کي اهڙي بيدرديءَ سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي، جهڙيءَ ريت اسان جا هي پاڻڙ مساوات جا نعرا بلند ڪري، خدا ۽ اسلام جي نالي ۾، اسان جي سنڌي زبان کي ختم ڪرڻ جا گهات گهڙي رهيا آهن. نه فقط ايترو، پر اسان جا هي ساڳيا پاڻڙ اها به دعويٰ ڪن ٿا ته "سنڌ اسلام هتان ئي پيرا فتح ٿي آهي: هڪ محمد بن قاسم هتان، ۽ ٻيو ١٤، آگسٽ ١٩٤٧ع جي موقعي تي"! انهن مان ڪي ته ائين به چون ٿا ته "ڪراچيءَ جو شهر تاريخ ۾ ڪڏهن به سنڌ جو حصو ئي نه رهيو آهي!"

تفو بر تو، اي چرخ گردان، تفو!

"جيڪڏهن ڪراچيءَ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ مان ان طرح سنڌي زبان کي تڙيو ويو، ته ڪراچيءَ جا سنڌي باشندا، پنهنجي اولاد کي شروع کان وٺي اردو ۾ تعليم ڏيارڻ تي مجبور ٿي پوندا، جنهن جو نتيجو لازمي طور اهو نڪرندو، جو ڪراچيءَ مان سنڌي زبان جو نالو نشان مٽجي ويندو.

"هڪ طرف ڪراچيءَ جهڙي ترقي يافته مرڪزي شهر ۾ سنڌي زبان جي خاتمي جا سانباها ٿي رهيا آهن، ته ٻئي طرف وري سنڌ ۾ به سنڌي زبان کي پوساڻي مارڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن: پاڪستان جي دستور جي آڙ وٺي، سنڌ جي سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن ۾، سنڌيءَ بدران اردوءَ کي نهايت ديده دليريءَ سان ميدان ۾ آڻڻ جا انتظام ٿي رهيا آهن. جمهوري تقاضائن کي ته شروع ۾ ئي نظرانداز ڪري، سنڌي عوام جي سخت احتجاج جي باوجود، پاڪستان جي دستور ۾ سنڌيءَ کي سرڪاري زبان تسليم ڪرڻ ته درڪنار، ان کي مغربي پاڪستان جي هڪ سرڪاري زبان به تسليم نه ڪيو ويو آهي، ۽ انهيءَ بدران الٽو سنڌي عوام مٿان اردوءَ

کي مڙهڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ انهن سڀني حرڪتن جا نتيجا، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب لاءِ، اڳتي هلي نهايت نقصانڪار ۽ خطرناڪ ثابت ٿيندا.

"ورهاڱي کان پوءِ، ٿوري وقت لاءِ، سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ روڪ پئجي ويئي. گهڻائي اديب سنڌ کي الوداع چئي هليا ويا. ڪيترين ئي ادبي جماعتون درهم برهم ٿي ويون، ۽ اڪثر ادبي ادارا ماٺ ٿي ويا. اهي اخبارون ۽ رسالا، جي سالن کان سنڌي ادب جي خاموش خدمت ڪري رهيا هئا، سي ڏسندي ڏسندي بند ٿي ويا. ناولن، قصن ۽ ڪهاڻين جا سلسلا، جي سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي روشن مستقبل جا ضامن هئا، سي ختم ٿي ويا. ڪجهه سال ته سنڌي ادب تي اهو جمود طاري رهيو، پر زنده قومون ۽ انهن جو ادب اهڙيءَ آسانيءَ سان نه مرندا آهن: ڪجهه وقت جي ماٺ کان پوءِ ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين مکيه شهرن ۾، باشعور سنڌي اديب هڪ دفعو وري گڏ ٿي، ادبي سنگتون، انجمنون ۽ جماعتون وغيره جوڙي، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سنڌي ادب جي سڪل زمين کي سرسبز ۽ شاداب ڪرڻ لاءِ آڏي ڪڙا ٿيا.

"انهن ئي ارادن کي ساڻ کڻي، ڪراچيءَ جي ادبي ذوق رکندڙ دوستن، ١٩٥٢ع ۾ ٻهريون دفعو 'سنڌي ادبي سنگت' جو بنياد رکيو. ائين، ٿيندي ٿيندي، سنڌ ۾ گهڻو ڪري سڀني مکيه شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سنڌي ادبي سنگتون برپا ٿيون. ڪيترن هنڌن ته، خيال ۽ عمل جي هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ لاءِ، اڳ ۾ ئي قائم ٿيل ادبي جماعتن به پنهنجا پنهنجا نالا بدلائي، هن نئين ادبي تحريڪ ۾ شريڪ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. ٿوري ئي وقت اندر اهي ادبي سنگتون پنهنجي ڪم سبب ڪافي مقبول ٿي چڪيون آهن. گذريل سال-ڏيڍ ۾ سنڌي ادبي سنگتن پنهنجي پنهنجي توفيق آهر سنڌي زبان ۽ ادب جي خاصي خدمت ڪئي آهي. انهيءَ وچ ۾، سنڌيءَ کي سرڪاري زبان تسليم ڪرائڻ لاءِ جيڪو تحرڪ سنڌي ادبي سنگتن هلايو، سو تعريف جي قابل آهي- خاص طرح، حيدرآباد سنگت پاران هلايل صحيحين واريءَ هلچل کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سڀني سنگتن جيڪا ڪوشش ورتي آهي، تنهن کي ڪنهن به حالت ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

"سنڌ ۾ جدا جدا سنگتن قائم ٿيڻ کان پوءِ، اڪثر سنگتين کي خيال ٿيو ته چونه انهن ٽڙيل پکڙيل ادبي سنگتن کي هڪ لڙهه ۾ پوئجي- انهيءَ خيال کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ، هن سال اپريل ۾، ١٨ سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي، ۽ لاڙڪاڻي ادبي سنگت جي ڪوٺ تي، جدا جدا سنڌي ادبي سنگتن جي نمائندن جو هڪ ميڙ ڪٺو ٿيو، جنهن ۾ 'سنڌي ادبي سنگت، سنڌ' جي تنظيمي ڪاميٽيءَ جو بنياد رکيو ويو. ان تنظيمي ڪاميٽيءَ جي فيصلن موجب، سنڌ سنگت جي ڪاروبار لاءِ هڪ جوڙجڪ به تيار ڪيو ويو، ۽ سڀني سنگتن سان ان سلسلي ۾ خط و ڪتابت جاري رکي وئي. نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو ٿوري عرصي ۾ ئي سنڌي ادبي سنگت جو پيغام، سنڌ جي جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن تائين پهچي ويو آهي.

”گذريل جولاءِ جي ١٠ تاريخ، حيدرآباد ۾ تنظيمي ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾، گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، رٿيل جوڙجڪ بحال ڪري، سڀني سنگتن جي عيوضين جي هڪ وسيع اجتماع جو فيصلو ڪيو ويو. ان ميٽنگ ۾ ڪراچي سنگت جي نمائندن، ڪراچيءَ ۾ ڪنوينشن ڪوٺائڻ جي دعوت ڏني، جا تنظيمي ڪاميٽيءَ قبول ڪئي. تنظيمي ڪاميٽيءَ جي هدايتن موجب رٿيل جوڙجڪ جون ڪاپيون، جدا جدا سنگتن ڏانهن موڪليون ويون، ۽ سڀني سنگتن کي الحاق جي درخواست، ميمبرشپ جي في ۽ ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چُنڻ عيوضين چوندي موڪلڻ لاءِ گذارش ڪئي ويئي. نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو گهڻو ڪري سڀني سنگتن وقت سر پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو، جنهن جي عملي صورت اڄ جو اجلاس آهي.

”آخر ۾ هڪ دفعو وري به، اوهان سڀني کي خوش آمديد چوندي، آءٌ اوهان جو ڌيان سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي موجوده مسئلن ڏانهن ڇڪائيندي، اوهان دوستن کي گذارش ٿو ڪريان ته اڄوڪي ڏينهن، سنڌ ۾ ٽڙيل پکڙيل سنگتن جي مرڪزيت، سنڌي زبان جي تحفظ ۽ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ ڪي ڪارائتا ۽ عملي قدم سوچي، پنهنجي ادب دوستيءَ جو ثبوت قائم ڪريو“.

سيڪريٽريءَ جي استقباليه تقرير کان پوءِ، تنظيمي ڪاميٽيءَ پاران، ڀاءُ موتيرام راموانيءَ سنڌ سنگت جو رٿيل جوڙجڪ پيش ڪيو. پهرين پڙهڻيءَ کان پوءِ، جوڙجڪ جي هڪ هڪ فقري تي بحث ٿيو ۽ رايا ورتا ويا، ۽ اهڙيءَ ريت، ڪجهه درستين سان، سنڌ سنگت جو جوڙجڪ آخرين طرح بحال ڪيو ويو. انهيءَ بعد چوندون شروع ٿيون. ايندڙ سال لاءِ هيٺيان عهديدار چوندا ويا:

١. جنرل سيڪريٽري : اياز قادري
٢. جائنٽ سيڪريٽري : شمشير الحيدري
٣. خزانچي : موتيرام راموائي
٤. آڊيٽر : ع. ق. شيخ

عهديدارن جي چوندن کان پوءِ، ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي هيٺيان ١٤ ميمبر چوندا ويا:

بشير موريائي، عبدالفتاح عبد، غلام سرور عباسي، رشيد ڀٽي، تنوير عباسي، شيخ حفيظ، معصوم هالائي، محمد علي اختر مورائي، مقبول ڀٽي، غلام نبي ڀرائي، ابن حيات پنهور، عبدالله رنگريز، احسان بدوي ۽ نورالدين سرڪي.

چوندن بعد، پهرين بيٺڪ پوري ٿي.

ٻي بيٺڪ شام جو شروع ٿي. بيٺڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مسئلن تي بحث ٿيو ۽ ٺهراءُ بحال ڪرڻا هئا. ميڙ جي صدارت، جناب عبدالفتاح ”عبد“ صاحب ڪئي. صدر صاحب، پنهنجي اوائلي تقرير ۾، ميڙ لاءِ رٿيل ڪاروبار طرف ڌيان ڇڪائيندي، اميد ڏيکاري

ته جهڙيءَ زنده دلي ۽ اتساهه سان، پهرينءَ بيٺڪ ۾ جماعت جي بنيادي ڳالهين ۾ حصو ورتو ويو، تهڙيءَ ريت، هن بيٺڪ ۾ به نهايت سنجيدگيءَ سان، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ورتي ويندي.

صدر صاحب جي تقرير بعد، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اهم مسئلن تي چڱو بحث هليو، ۽ خيالن ۽ راين جي چنڊ ڇاڻ ٿي. بحث جي روشنيءَ ۾ هيٺيان ٺهراءَ بحال ٿيا:

۱. سنڌي ٻوليءَ جي آئيني حيثيت. "هن سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن جو عقيدو آهي ته سنڌي ٻولي پاڪستان جي مکيه ۽ آڳاٽين ٻولين سان هڪ آهي. سنڌي ٻوليءَ جو علم ادب، پاڪستان جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾، ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه آهي. سنڌي ٻولي، پاڪستان جي اڌ ڪروڙ آدم جي، صدين کان، جيئري جاڳندي ٻولي ٿي رهي آهي.

"هن ڪنوينشن کي ڄاڻ آهي ته سنڌي ٻولي، گذريل سوا صديءَ کان، سنڌ جي سرڪاري ٻولي ٿي رهي آهي. اهو حق، ڪيس هڪ ڏاريءَ ۽ مغربي حڪومت هٿان حاصل ٿي سگهيو هو. هيءَ ڪنوينشن نهايت ڏک سان ٿي ظاهر ڪري ته سنڌي ٻوليءَ جو هي حق اڄ پنهنجي لوڪشاهي حڪومت ۾، ان کان کسيو ويو آهي. هڙيءَ طرح هڪ قائم ٿيل شاندار بنياد کي ڊاهي، پاڪستان جي جوڙجڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ سرڪاري ٻولي نه تسليم ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌين سان وڏو ناحق ڪيو ويو آهي.

"هن ڪنوينشن جو زوردار رايو آهي ته پاڪستان جي جوڙجڪ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي حق جاءِ نه ڏيئي ڪري، هڪ جيئري جاڳنديءَ ٻوليءَ سان، نه فقط وڏي بي انصافي ڪئي وئي آهي، بلڪ سنڌس اسرڻ ۽ وڌڻ جي وسيلن کي پاڙون کان ئي وڍڻ جي تياري ڪئي وئي آهي.

"هن ڪنوينشن جي زوردار گهر آهي، ته پاڪستان جي جوڙجڪ ۾، سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو ٻولين کي سرڪاري ٻوليون تسليم ڪيو وڃي ۽ سنڌن اسرڻ ۽ وڌڻ لاءِ خاطريون ڏنيون وڃن.

"ساڳئي وقت، هيءَ ڪنوينشن سنڌين کان به اهائي زوردار گهر ٿي ڪري، ته جيستائين سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي ڪري تسليم نه ڪيو ويو آهي، تيستائين انهيءَ ڏس ۾ هو زوردار آواز اٿاري پنهنجون ڪوششون جاري رکن".

۲. سنڌي ادب ۽ سنڌي لائبريريون. "هن سنڌي ادبي ڪوينشن جو رايو آهي ته سنڌي ادب جي پيدائش جي رفتار اهڙي نه رهي آهي، جهڙي هئڻ گهرجي.

"هيءَ ڪنوينشن هر هڪ سنڌواسيءَ کي اپيل ٿي ڪري ته سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن پڙهڻ ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺن ۽ پنهنجي وت آهر آهي خريد ڪندا رهن، جو سنڌي ادب جو واڌارو ٿيندو رهي.

"هيءَ ڪنوينشن پڇنديءَ وارن سنڌي سڄڻن کي گذارش ٿي ڪري ته هو پنهنجن گهرن ۾ سنڌي لائبريريون قائم ڪن؛ ۽ ساڳئي وقت، سنڌ جي پبلڪ جماعتن کي اپيل ٿي ڪري ته پنهنجي سهاري هيٺ سنڌي لائبريريون ۽ فري ريڊنگ روم کولين".

۳. سنڌي ٻولي ۽ ڪراچي يونيورسٽي. ”هيءَ سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي ٻوليءَ سان اختيار ڪيل روش تي سخت افسوس جو اظهار ٿي ڪري.

”هيءَ ڪنوينشن، پاڪستان جي صدر ۽ يونيورسٽيءَ جي چانسلر جناب اسڪندر مرزا کي اپيل ٿي ڪري، ته موجوده سنڊيڪيٽ جي سنڌي ٻوليءَ ڏانهن اختيار ڪيل بي انصافيءَ کي دور ڪيو وڃي، ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌس اصلوڪي حاصل ڪيل درجي تي قائم رکيو وڃي“.

۴. سنڌي اديبن لاءِ معاوضي جي گهر. ”هيءَ سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن، سنڌي ادبين لاءِ معاوضي جي گهر جي دل جان سان همدردي ۽ پٺڀرائي ٿي ڪري.

”هن ڪنوينشن جي اها راءِ آهي ته ليکڪن ۽ اديبن جي لکڻين جي ڪا قيمت مقرر ٿي ڪري نٿي سگهجي، ڇاڪاڻ ته سياسي ۽ سماجي ڪم ڪندڙن وانگر، اهي به زندگيءَ جي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ بنيادي حصو ٿا وٺن: ڪين پنهنجي اهڙيءَ قربانيءَ تي فخر آهي؛ تنهن هوندي به، انصاف جي تقاضا اها آهي، ته ڪين پنهنجي پورهئي ۽ محنت جو مناسب اجورو ضرور ملڻ گهرجي.

”هيءَ ڪنوينشن مرڪزي سرڪار جي اشاعتي کاتي کان پرزور مطالبو ٿي ڪري، ته جيئن هو پنهنجن انگريزي، اردو، بنگالي، پشتو، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ نڪرندڙ رسالن جي اديبن کي عيوضو ڏيندا رهيا آهن، اهڙيءَ طرح سنڌي زبان ۾ نڪرندڙ رسالي ’نئين زندگي‘ جي ليکڪن کي به عيوضو ڏنو وڃي.

”هيءَ ڪنوينشن انهيءَ خيال جي پڻ آهي ته آهي سنڌي رسالا، جي پنهنجن پيرن تي بيهڻ لائق آهن ۽ آسانيءَ سان اجورو ڏيئي سگهن ٿا، سي پڻ هن گهر لاءِ مناسب فيصلو ڪن.

”هيءَ ڪنوينشن سنڌي اديبن کي به گذارش ٿي ڪري، ته هو پنهنجن حقن لاءِ تيستائين جدوجهد جاري رکن، جيستائين سندن جائز گهر قبول ڪئي وڃي. ساڳئي وقت، هيءَ ڪنوينشن، سنڌي اديبن کي اهائي صلاح ٿي ڏئي ته هو پنهنجي ادبي تخليق پيدا ڪرڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪن، ۽ سڀني رسالن ۽ اخبارن سان اڳي جيان تعاون ڪندا رهن“.

۵. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ سنڌي پروگرام. ”هيءَ سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سنڌي پروگرام تي ناراضپي جو اظهار ڪندي، ريڊيو اختياريءَ وارن کي اپيل ٿي ڪري ته سنڌي پروگرام کي وڌيڪ دلچسپ بنائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن.

”هن ڪنوينشن جي اها راءِ آهي ته ادبي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پراڻي ادب سان گڏ، نئين ادب کي پڻ نشر ڪرڻ لاءِ قدم کڻجن.

"هيءَ ڪنوينشن، ريڊيو اختياريءَ وارن کي اها ٻه گذارش ٿي ڪري ته حيدرآباد جي مقامي اديبن سان گڏ، سنڌ ۾ رهندڙ ٻين اديبن کي به ريڊيو پروگرامن ۾ حصي وٺڻ لاءِ وجهه ڏنا وڃن."

٦. سنڌي درسي ڪتاب. "هيءَ سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن، درسي ڪتابن جي اهميت ۽ مقصدن کي خيال ۾ رکي، تعليم کاتي جي بالا اختياريءَ وارن جو ڌيان انهيءَ حقيقت طرف ٿي ڇڪائي، ته سنڌي درسي ڪتابن ۾، اڪثر سنڌي لفظن بدران عربي ۽ پارسي ڏکيا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

"هن ڪنوينشن جو زوردار رايو آهي ته اها ڪار سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ نهايت هانيڪار آهي. تنهنڪري هيءَ ڪنوينشن، تعليم کاتي جي اختياريءَ وارن کي گذارش ٿي ڪري ته آئندي انهيءَ ڳالهه جي پرهيز ڪئي وڃي ۽ سنڌي شاگردن لاءِ صاف ۽ سولي سنڌيءَ ۾ ڪتاب مهيا ڪيا وڃن."

٧. سنڌي ٻولي ۽ ريلوي اختياريءَ وارا. "هيءَ سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن، ريلوي اختياريءَ وارن کان زوردار گهر ٿي ڪري، ته ورهاڱي کان اڳ، وانگر، هاڻ به ريلوي اسٽيشنن جا نالا، اشتهار، ريلن جا وقت خواه پيا نوٽيس وغيره، سنڌي ٻوليءَ ۾ به شايع ڪيا وڃن."

٨. ڪراچي ائڊمنسٽريشن ۽ سنڌي ٻولي. "هيءَ سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن چيف ڪمشنر، ڪراچيءَ طرفان، ويجهڙائيءَ ۾ جاري ڪيل حڪمنامي خلاف احتجاج ظاهر ٿي ڪري، جنهن موجب سڀ لکپڙهه صرف اردو يا انگريزيءَ ۾ ڪرڻ جو اعلان ڪيل آهي.

"هيءَ ڪنوينشن اها گهر ٿي ڪري، ته اڳ وانگر، سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ لکيل درخواستون وغيره قبول ڪيون وڃن."

سنڌي ادبي بورڊ

”سنڌي ادبي بورڊ“ هڪ قومي ادارو آهي، جنهن جو واحد مقصد سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي علم و ادب کي فروغ ڏيڻ آهي. سنڌي ادب ورهاڱي کان پوءِ جنهن ڪسمپرسيءَ جو شڪار ٿيل هو، ان جي اپٽار ڪرڻ کان سواءِ، هيءَ ڳالهه پوري پروسي سان چئي سگهجي ٿي ته ادب جي اِنهيءَ جمود ۽ پسماندگيءَ کي ختم ڪرڻ ۾، سنڌي ادبي بورڊ، پنهنجي محدود وسيلن ۽ وس آهر، ڪافي جدوجهد ڪئي آهي. هن وقت تائين بورڊ انهيءَ ڏس ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي، ان جو مختصر تفصيل پڙهندڙن جي عام واقفيت لاءِ هتي عرض رکجي ٿو.

سڀ کان پهريائين، بورڊ محسوس ڪيو ته جيڪڏهن ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ صحت ۽ سليقو، جلدبنديءَ ۾ سونهن ۽ جٽاءُ، ۽ قيمتن ۾ هلڪائي ۽ ڪشش آڻڻي آهي، ته ان لاءِ چڱي موچاري پيماني تي خاص پنهنجو هڪ ڇاپخانو قائم ڪرڻ گهرجي. چنانچه ان جو فوراً اهتمام ڪيو ويو، ۽ بورڊ جو اهو ڇاپخانو سنڌ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي- جنهن ۾ هن وقت ڏيڍ لک کن جي مشينري ۽ ٻيو سامان موجود آهي.

ساڳئي وقت، نون ڪتابن لکارائڻ، ڌارين ٻولين تان ترجمن ڪرائڻ، ۽ اڳ ڇپيل مگر ناپيد ٿي ويل ڪتابن کي ٻيهر شايع ڪرڻ جو هڪ پروگرام تيار ڪيو ويو، جنهن تي آهستگيءَ ۽ خاموشيءَ سان باقاعدي عمل ٿي رهيو آهي.

هن وقت تائين بورڊ هيٺيان ڪتاب ڇپائي چڪو آهي:

تاريخ معصومي. هيءَ سنڌ جي هڪ مستند تاريخ آهي، جا فارسيءَ ۾ ڇپيل هئي: ان جو ترجمو ڪرائي، بورڊ پنهنجي وطني ڀائرن کي پنهنجي تاريخ سان روشناس ڪرائڻ لاءِ شايع ڪيو آهي. ڪتاب جو مترجم سنڌ جو مشهور اديب ۽ عالم مولانا امير احمد صاحب آهي.

ڪليات حمل. حمل خان لغاري سنڌ جي انهن عظيم عوامي شاعرن مان آهي، جن جو ڪلام هيچ مان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳايو ۽ پڙهو وڃي ٿو. انهيءَ عظيم شاعر جي ڪلام کي گڏ ڪري، ڇاپيو ويو آهي. ان جو سهيڙيندڙ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي.

ديوان بيدل. فقير قادربخش ”بيدل“ سنڌ جي بزرگترين صوفي شاعرن مان هڪڙو هو، جنهن سنڌ جي روحاني ورثي کي ويجهڙائيءَ واري زماني ۾ پنهنجو من موهيندڙ شعري جامو ڍڪائي مقبول عام ڪيو. بيدل جو سمورو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام، محترم عبدالحسين شاه موسويءَ جو گڏ ڪيل، بورڊ ڇاپيو آهي.

چچ نامو. سنڌ جي تاريخ جي ٻي اهم ڪڙي چچ نامو به اصل فارسيءَ ۾ ڇپيل هو، جنهن جو بورڊ لاءِ سنڌي ترجمو مولانا امير احمد صاحب ڪيو، ۽ محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان جي تصحيح ڪئي، ۽ ان تي سير حاصل حاشيا لکيا.

خوش خصلت خاتون. اسان جي سنڌي ادب ۾ عورتن لاءِ پاڪيزه ادب جي اڻاٺ آهي. انهيءَ ڪري بورڊ محترمہ بادام "ناتوان" جي مضمونن جو هيءُ مجموعو ڇپايو آهي.

آفتاب ادب. مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سنڌ جي انهن ادبن ۽ انشا پردازن مان هو، جن تي سنڌ بجا طور فخر ڪري ٿي. حڪيم صاحب جو هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ان جي علمي ۽ ادبي صلاحيت تي هڪ مستند تصنيف آهي.

تاريخ ريگستان. ٿرپارڪر جو ريگستاني حصو سنڌ جو هڪ اهم ڀاڱو آهي. ان جي تاريخ، سنڌ جي تاريخ جو مکيہ حصو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌي پرائمري اسڪول جي هڪ لائق استاد محترم رائچند هريجن لکيو آهي.

سنڌ جو سينگار. سنڌ صوفين، شاعرن ۽ سگهڙن جي سرزمين آهي. ڪيترائي اهڙا عوامي شاعر ۽ سگهڙ اسان جي سنڌ ديس ۾ ٿي گذريا آهن، جن جو شعر ۽ ڪلام نهايت پاڪيزه ۽ اعليٰ آهي، پر اڄ تائين پڙهندڙن جي اڳيان پهچي نہ سگهيو آهي. انهيءَ ڏس ۾ چند مشهور سگهڙن جو ڪلام محترم عبدالڪريم سنديلي گڏ ڪيو آهي، جو بورڊ ڇپايو آهي.

سنڌ جو سفر. منشي لطف‌الله گجرات جو هڪ مسلمان عالم، انگريزن سان گڏجي ١٨٣٧ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو. سنڌ ۾ هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو، سو پارسيءَ ۾ قلمبند ڪيائين. انهيءَ کي سنڌيءَ ۾ سنڌ جي مشهور صحافي قادربخش نظاماڻيءَ ترجمو ڪيو آهي.

سنڌي زبان ۾ ورهاڱي کان اڳ ادب جا ڪي اهڙا بهترين گل ڇپيا هئا، جي هميشہ سنڌي ادب کي پنهنجي سونهن ۽ سڳنڌ سان واسيندا رهندا؛ پر زماني جي سرد مهريءَ، انهن گلن کي گمناميءَ جي اهڙيءَ ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو، جو انهن جو آتان ٻاهر اچڻ مشڪل هو. سنڌي ادبي بورڊ اهڙن سمورن شهپارن کي نئين سر سهڻيءَ ۽ سٺيءَ ڇپائيءَ سان شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي، تہ جيئن اهي ادب ۾ هڪ مستقل جاءِ حاصل ڪري سگهن. انهيءَ پروگرام ماتحت، شروع کان ئي، مرزا قليچ بيگ مرحوم جا ڪتاب، مرحوم شمس‌الدين "بلبل" جون تصنيفون ۽ اهڙن ٻين فوت ٿي ويل عالمن ۽ ادبن جا ڪتاب ڇپائڻ جو پروگرام هو: مرزا صاحب جي تصنيفن لاءِ سندن وارثن سان گهڻي عرصي کان لکپڙهہ هلي رهي هئي، جا هاڻي پوري ٿي آهي، ۽ هاڻي مرزا صاحب مرحوم جا ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ کنيا ويا آهن. "بلبل" مرحوم جي ڪتابن کي پڻ بورڊ منظور ڪري ڇڏيو آهي؛ رڳو سندن وارثن جي اجازت ملڻ ۽ ڪاٺين ڪتابن جي نئين سر ترتيب ڏنل نسخن حاصل ڪرڻ لاءِ بورڊ ترسيل آهي، جنهن لاءِ بہ ڪافي عرصي کان لکپڙهہ هلي رهي آهي. مرزا قليچ بيگ مرحوم ۽ "بلبل" مرحوم جي ڪتابن کان سواءِ ٻين بہ سنڌ جي ڪيترن ئي فوت ٿي ويل ادبن ۽ عالمن جا ڪتاب آهن، جن جي حق تصنيف حاصل ڪرڻ لاءِ سندن وارثن سان ڳالهہ ٻولهہ جاري آهي. هن وقت بورڊ جيڪي پراڻا ڪتاب ٻيهر ڇپايا آهن، سي هي آهن:

حيات النبي. رسول اڪرم صلعم جي حياتيءَ تي هيءَ ناياب تصنيف مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم جو لافاني شاهڪار آهي، جو اڳ ۾ ڪيترا ڀيرا ڇپجي چڪو هو، ۽ خود بورڊ به ان کي تازو ٻه دفعا ڇپايو آهي.

سير ڪوهستان. هن ڪتاب جي مقبوليت انهيءَ مان ظاهر آهي، ته بورڊ ان جي نئين ڇاپي کي ٻه ڀيرا شايع ڪري چڪو آهي.

گل شڪر. سنڌي ٻهاڪن جو هيءَ گلدستو به هڪ لافاني چيز آهي، ۽ ٿورن سالن جي عرصي اندر ٻه دفعا ڇپجي چڪو آهي.

بلو ڪوکر. سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي ناولن مان هڪ لافاني چيز آهي. اصل هڪ انگريزي ناول تان اخذ ڪيل آهي، جنهن کي ادب ۾ هميشه هڪ مستقل مقام حاصل رهندو.

گل ڦل. "جوت" اخبار ذريعي پرمانند ميوارام مرحوم جيڪي مضمون لکيا هئا، هيءَ ڪتاب انهن جو مجموعو آهي. سنڌي ادب ۾ هن ڪتاب کي اوچو مقام حاصل آهي. اصل ٻن جلدن ۾ شايع ٿيل هو، بورڊ ان کي هڪ ئي جلد ۾ پڌرو ڪيو آهي.

جهان آرا. هي اصلوڪو اخلاقي ۽ اصلاحي ناول پنهنجي طرز جو هڪ بهترين شاهڪار آهي.

سون ورنيون ڏيئون. لالچند امرڏني مل مرحوم جو انگريزيءَ تان ترجمو ڪيل هي ناول، پنهنجي خاصيتن سان گڏ، ٻوليءَ جي گوناگون خوبين جي لحاظ کان هر طبقي کان پنهنجو داد حاصل ڪري چڪو آهي.

راسيلاس. انگريزيءَ مان ترجمو ٿيل هي ناول پڻ سنڌي ادب جو هڪ نادر شاهڪار آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: سرگواسي ڀيرومل مهرچند سنڌي ٻوليءَ جي، جا خدمت ڪئي، سا ڪنهن کان گجهي ڪين آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ۽ تاريخ تي سيرحاصل بحث ٿيل آهي. ڀيرومل مرحوم هيءَ ڪتاب لکي، سنڌي زبان تي هڪ وڏو ٿورو ڪيو آهي.

هدايت الانشا. مولوي هدايت الله مرحوم ٻاڻ هيءَ ڪتاب اٽڪل ٥٠ سال اڳ ڇپايو هو. مرحوم غلام محمد شهوانيءَ ان جي هڪ حصي کي نئين سر ترتيب ڏيئي شايع ڪرايو هو، جيڪو حصو پڻ هاڻي مارڪيٽ ۾ ناپيد آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ انشاء جي فن تي هيءَ پنهنجي طرز جو ٻهريون ڪتاب آهي. بورڊ انهيءَ ڪتاب کي پراڻيءَ صورتخطيءَ مان ڦيرائي، نئين صورتخطيءَ ۾ مڪمل طرح ڇپايو آهي.

گل. هيءَ ڪتاب سنڌي ادب جو هڪ سهڻو شاهڪار آهي، جو ڪيترن سالن کان ناپيد آهي. بورڊ ان کي هاڻي ٻيهر ڇپايو آهي.

انهن ڪتابن کان سواءِ، هن وقت جيڪي ڪتاب پريس ۾ آهن، ۽ جي عنقريب شايع ٿيا آهن، سي هي آهن:

تحفةالڪرام. سنڌ متعلق فارسي تاريخن مان سڀ کان مستند ۽ اهم تاريخ "تحفةالڪرام" آهي. بورڊ انهيءَ جو ترجمو مولانا امير احمد صاحب کان ڪرائي ڇپائي رهيو آهي. عنقريب هيءُ ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي ويندو.

سنڌي لغت (جلد پهريون). محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي زير نگراني، ڪافي محنت ۽ خرچ سان، سنڌي لغت ٽن جلدن ۾ تيار ٿي ويئي آهي. محترم ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب ان تي نظرثاني ڪري رهيو آهي، ۽ جيئن جيئن وڃانئن مسودو تصحيح ٿي، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي نگاهه مان نڪرندو، پريس ۾ پهچي ٿو، تيئن تيئن ان جي ڇپائي ٿيندي ٿي رهي- اندازو آهي ته لغت جو پهريون جلد هن مالي سال جي آخر ڌاري مارڪيٽ ۾ پهچي ويندو.

ديوان قليچ. محترم اجمل بيگ مرزا پنهنجي والد بزرگوار جي ڪلام بلاغت نظام کي ايڊٽ ڪري، مڪمل ديوان جي صورت ۾ بورڊ جي حوالي ڪيو آهي، جو هن وقت ڇپجي رهيو آهي، ۽ اميد آهي ته ايندڙ ٻن مهينن ۾ پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهچي ويندو.

سنڌي ادبي بورڊ جي زير نگرانيءَ هڪ ٽه-ماهي ادبي ۽ علمي رسالو "مهراڻ" باقاعدي شايع ٿي رهيو آهي، جنهن جو ستون پرچو اوهان جي هٿن ۾ آهي. "مهراڻ" ٿوري عرصي ۾، جا مقبوليت حاصل ڪئي آهي، ۽ سنڌي ادب جي جا خدمت بجا آندي آهي، اها عالم آشڪار آهي.

سنڌي پرائمري اسڪولن جي درسي ڪتابن جي اڻاٺ، غلط ڇپائي ۽ بدزيب ۽ ناقص اشاعت جو مسئلو، ورهاڱي کان پوءِ انتهائي خطرناڪ صورت وٺي بيٺو هو. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ سرڪار جي تعليمي کاتي جي چوڻ تي اول پهرئين ڪتاب، ۽ پوءِ ٻئي ۽ ٽئين ڪتاب جي ڇپائيءَ ۽ اشاعت جا فرض پاڻ تي هموار ڪيا. گهربل تعداد ۾ اهي درسي ڪتاب صحيح، مضبوط ۽ ديده زيب صورت ۾ شايع ڪري، سنڌ ۾ ابتدائي تعليم جي ڪم از ڪم هن ٽن ڪتابن جي مسئلي کي خاطر خواه انداز ۾ حل ڪيو ويو آهي.

هن وقت بورڊ وٽ قابل مصنفن جون ڪيتريون شاهڪار تصنيفون اشاعت لاءِ تيار ٿيون رکيون آهن، جي رفتي رفتي پريس ۾ ڏنيون وينديون. انهن جي مختصر فهرست هيءُ آهي:

(١) رسالو سچل سرمست —محترم عثمان علي انصاري
(٢) ڪليات "گدا" —محترم رشيد احمد "رشيد" لاشاري
(٣) تن ۽ تندرستي —محترم ڊاڪٽر قاضي علي احمد
(٤) ڪلام حسين بخش شاهه —محترم عارف المولي
(٥) ڪليات "امين" —محترم محبوب علي چنو

(٦) محمود فقير ڪنياڻ جو ڪلام — محترم محمد صالح سپيو
(٧) ڪليات "خادم" — محترم لطف الله بدوي
(٨) جنت السنڌ — محترم مولائي شيدائي
(٩) قديم سنڌ ي — مرحوم ڀيرومل مهرچند
(١٠) علم طبعيات — محترم امام بخش مرزا
(١١) تذڪرهء اميرخواني — محترم پير حسام الدين شاه راشدي
(١٢) ڪليات "مخلص" — محترم محمد خان غني
(١٣) خزينة العلوم — مرحوم محمد بخش "واصف"
(١٤) نل دمينتي (منظوم) — محترم رشيد احمد "رشيد" لاشاري
(١٥) ڪنوار جو آئينو (ترجمو) — محترم عبدالڪريم "تراب"
(١٦) سنڌ ۽ سندس ذاتيون (ترجمو) — محترم محمد حنيف صديقي
(١٧) سنڌ جي درٻار جو احوال (ترجمو) — " "
(١٨) چونڪارو (ترجمو) — محترم غلام حسين جلباڻي
(١٩) ڪاميابي (ترجمو) — " "
(٢٠) دين و دانش (ترجمو) — محترم محمد صديق "مسافر"
(٢١) ٻارن لاءِ ٻرين جون آکاڻيون (ترجمو) — محترم خان صاحب مريد علي

سنڌي ادبي بورڊ ٻين ٻولين ۾ ٻه ڪي ڪتاب — سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، علم و ادب ۽ تهذيب و تمدن جي موضوعن تي — تيار ڪرايا آهن، جيڪي انهن ٻولين ۾ به شايع ٿيندا، ۽ سندن سنڌيءَ ۾ ترجما پڻ پيش ڪيا ويندا. اهي ڪتاب هي آهن:

(١) سنڌ جي تاريخ، جلد پهريون، ۽ جلد ٻيو (انگريزيءَ ۾) — ايچ. ٽي. لئمبرڪ
(٢) سنڌ جي طبعي جاگرافي (انگريزيءَ ۾) — ڊاڪٽر پٽاوالا
(٣) سنڌ جا فارسي شاعر (انگريزيءَ ۾) — ڊاڪٽر هري سدارنگاڻي
(٤) برهانپور جي سنڌي اولياء ڪرام جو تذڪرو (اردوءَ ۾) — راشد برهانپوري
(٥) سنڌ جي تاريخ، جلد ڇهون (اردوءَ ۾) — غلام رسول مهر

مٿين ڪتابن مان "سنڌ جا فارسي شاعر" انگريزيءَ ۾، ۽ "برهانپور جي سنڌي اولياء ڪرام جو تذڪرو" اردوءَ ۾، اڳي ئي ڇپجي چڪا آهن، ۽ عنقريب شايع ٿيندا آهن. بورڊ سنڌ جي مفصل تاريخ اٺن جلدن ۾ تيار ڪرائي رهيو آهي، جن مان مٿي بيان ڪيل ٽي جلد تيار ٿي مليا آهن، باقي رهيل جلدن تي اڃا مؤرخ ڪم ڪري رهيا آهن.

هيٺان وڏيڪ ڪتاب هاڻ ڏ سال جي اندر تيار ٿي ملندا آهن:

(١) سنڌي ٻوليءَ جو گرامر — محترم واحد بخش شيخ
(٢) شاهه جو رسالو — محترم ڊاڪٽر دائود پوٽو

(٣) ديوان بيکس —محترم عبدالحسين شاھ موسوي
(٤) ڪليات سامي —محترم جھامنداس پاٽيا
(٥) تاريخ سنڌ، جلد چوٿون —محترم پير حسام الدين شاھ راشدي
(٦) تاريخ سنڌ، جلد ستون —محترم محمد حنيف صديقي
(٧) سنڌ سان انگريزن جا اوائلي لاڳاپا (انگريزيءَ ۾) —ڊاڪٽر ڊيوآرٽ
(٨) علم ڪيميا —محترم مرزا امام بخش
(٩) سنڌ جي اقتصادي تاريخ (ترجمو) —سراج الحق

بورڊ طرفان سنڌي اديبن ۽ لکندڙن کي تقريباً هڪ سو وڏيڪ ڪتاب پڻ سونپيا ويا آهن، جن ۾ سائنس، تاريخ، ادب ۽ فن متعلق ٻين ٻولين مان ترجما، توڙي انهن موضوعن تي اصلوڪا ڪتاب شامل آهن.

ساڳئي وقت، بورڊ هيٺين تجويزن کي بہ عمل ۾ آڻائي رهيو آهي:

(١) اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي ڪتاب ڇپيا آهن، تن جي مڪمل فهرست تيار ڪرائڻ.

(٢) انگريزي وڏي آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ جو سنڌي ترجمو ڪرائڻ.

(٣) قديم مسودن ۽ قلمي نسخن کي محفوظ ڪرڻ ۽ انهن کي پڙهڻ لاءِ بورڊ پنجاهہ هزار کن رپيا خرچي باهران مئڪرو فلم يونٽ گهرايو آهي، جو ٿورن ڏينهن ۾ ڪم شروع ڪندو.

(٤) "مشاهير سنڌ" جي نالي سان ڇهن جلدن ۾ هڪڙو ڪتاب تيار ڪرائڻ، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخي زماني جي شروع کان وٺي، ويندي هيلتائين سنڌ ۾ جيڪي بہ نامور هستيون ٿي گذريون آهن، تن جي سوانح ۽ تاريخي ڪارنامن کي قلمبند ڪيو ويندو.

(٥) سنڌي ٻوليءَ جي مفرد ٽائيپ ٺهرائڻ. هن سلسلي ۾ مفرد ٽائيپ جي هڪ صورت کي نموني طور پسند ڪري ڪراچيءَ جي هڪ مقامي ٽائيپ ٺاهيندڙ ڪارخاني کي اُن جي ٺاهڻ جو ڪم سونپيو ويو آهي. تنهن وچ ۾ موجوده ڳنڍيل ٽائيپ جي صورتن ۽ سائيزن ۾ اضافا ڪرايا ويا آهن، ۽ ان ۾ زيرين زبرن جي استعمال جو هڪ نهايت آسان ۽ سستو طريقو پيش ڪيو ويو آهي، جنهن سبب سنڌي ڇپائيءَ ۾ بيمثل سهوليت ۽ فائدو پيدا ٿيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ٽائيپ رائيٽر ٺهرائڻ واريءَ تجويز ڏانهن پڻ بورڊ پنهنجي وس آهر توجهہ ڏيئي رهيو آهي.

بورڊ پنهنجي اديبن ۽ لکندڙن لاءِ خاص لئبرري قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ هن وقت تقريباً ٣٠٠٠ انگريزي، ٢٠٠ اردو، ١٢٠٠ سنڌي ڇپيل ڪتاب، ۽ ٢٥٠ سنڌي، فارسي ۽ عربي نادر قلمي نسخا موجود آهن.

هن وقت بورڊ جي اڳيان ٻہ اهڙيون اسڪيمون پڻ آهن، جن لاءِ الڳ ٻن اکرن چوڻ جي ضرورت آهي- هڪ سنڌي لوڪ ادب جي گڏ ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ جي اسڪيم، ۽ ٻي سنڌ ۾ تيار ٿيل فارسي ۽ عربي ادب کي نئين سر ترتيب ڏيئي شايع ڪرڻ جي اسڪيم.

سنڌ جي لوڪ ادب گڏ ڪرڻ جي اسڪيم

لوڪ ادب هر ٻوليءَ جو روح آهي. اسان جي سنڌي ٻولي لوڪ ادب ۾ ايتري ئي شاهوڪار آهي، جيتري دنيا جي هڪ سڌريل ٻولي واقعي هئڻ گهرجي. پر افسوس آهي، جو ان طرف ڪوبہ خاص ڌيان ڪونہ ڏنو ويو آهي. ان ڏس ۾ سنڌي ادبي بورڊ پنجن سالن جي هڪ مفصل اسڪيم تيار ڪئي آهي، جنهن تي اندازو آهي تہ اٽڪل هڪ لک روپيا خرچ ٿيندو. انهيءَ اسڪيم ماتحت هيٺين قسم جو لوڪ ادب گڏ ڪيو ويندو:

نيم تاريخي قصا ۽ رومانوي داستان. سنڌ ۾ ڪيترا اهڙا قصا مشهور آهن، جيڪي ٻهراڙيءَ جي تقريباً هر ڪچهريءَ ۽ محفل جي موقعي تي ٻڌا ۽ ٻڌايا ويندا آهن - اهي ئي قصا ۽ رومانوي داستان آهن، جن تي اسان جي ڪلاسيڪي ادب جو بنياد ٻڌل آهي. انهن مان ڪي هي آهن: عمر مارئي؛ سسئي پنهون؛ مومل راڻو؛ دودو چنيسر؛ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ؛ ليلا چنيسر؛ موريو ۽ مڇ؛ سهڻي ميهار؛ لاکو ۽ اوڍڻ؛ بانڪو بهرام؛ سيف الملوڪ بديع الجمال؛ ڪاسين ۽ ڪامروپ؛ بيرسنگهہ ۽ سندر ٻائي؛ ڏولو مارئي؛ وغيره.

آکاڻيون ۽ ڪهاڻيون. سنڌ جون پنهنجون ڪيتريون ئي لوڪ آکاڻيون ۽ لوڪ ڪهاڻيون آهن، جي سنڌ جي هر گهر ۾ اسان جون نانيون ۽ ڏاڏيون، ۽ سنڌ جا زنده دل ٻڍا مڙس ننڍيءَ نهيءَ کي ٻڌائيندا ٿا رهن. انهن آکاڻين ۾ جنن، ديون ۽ پرين جون، پکين ۽ جانورن جون، جهنگن، جبلن ۽ دريائن جون آکاڻيون، ۽ سنڌ جي قديم ترين ماضيءَ جون دل اپاريندڙ ڏندڪٿائون اچي وڃن ٿيون.

پهاڪا. سنڌ ۾ لکين پهاڪا ۽ چوڻيون آهن، جن مان فقط ڪو ٿورو حصو ڇپيل آهي. هن اسڪيم ماتحت گهڻي کان گهڻا سنڌي پهاڪا ۽ چوڻيون گڏ ڪيون وينديون.

ڀروليون، ڳجهارتون، وغيره. سنڌ ۾ ڳجهارت ۽ ڀرولي بہ هڪ فن آهي، جيڪو اسان جي ٻهراڙيءَ جي ٻارن جي واندڪائيءَ جي هڪ بهترين ۽ نهايت ئي فائديمند وندر آهي. ان جا خاص نمونا هي آهن: ڀرولي، ڳجهارت، معما، ڊرائو، ست سري، هنر، ڏهس ناما، سينگار وغيره.

ڪافيون. اسان جي لوڪ ادب ۾ ڪافيءَ کي وڏو مقام حاصل آهي. هن اسڪيم ماتحت اهي سڀ ڪافيون جمع ڪيون وينديون، جيڪي سنڌ ۾ عام جام ڳايون وڃايون وڃن ٿيون، مگر اڃ تائين ڪنهن قلمبند ڪونہ ڪيون آهن.

بيت. سنڌ ۾ دوهڙا بيت بہ عام آهن. ڪيترن ئي شاعرن ۽ سگهڙن پنهنجي طريقي سان نهايت ئي اثرائتيون چيزون طويل بيتن ۾ پيش ڪيون آهن، جيڪي بيت نڙ جي سريلن آلاپن سان گڏ اسان جي ٻهراڙين جا شوقين جوان ڪن تي هٿ رکي، ڳائيندي ڳائيندي، راتين جون راتيون ويهي ڏينهن ڪري ڇڏيندا آهن.

مولود مداحون ۽ سي حرفيون. سنڌ جو عوام مولودن ۽ مداحن جو خاص شوقين آهي، ۽ جڏهن ڪنهن موقعي تي خوش‌الحان مولودي ۽ مدح‌گو حضرات پنهنجي دلي جذبي ۽ روحاني خود محويت سان بيهي سماع جي محفل مچائيندا آهن، ته چوڌاري هڪ قسم جي ڪيف‌آور فضا قائم ڪري ڇڏيندا آهن. اهي مولود، مداحون ۽ سي حرفيون اسان جي ادب جو لافاني ورثو آهن، جن کي قلمبند ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

سنڌ جي ظرافت. ٻهراڙين جا ماڻهو چرچن ٻوڳن ۾ خاص لطف وٺندا آهن. انهن ٻوڳن ۾ خالص ظرافت جو پهلو هڪ پاسي هوندو آهي، ته ٻئي پاسي منجهن ڪو نه ڪو حڪمت جو لڪتو به ضرور هوندو آهي. سنڌ جي سجاڳ ذهن ملوڪن ۽ سگهڙن وٽ اهڙا بيشمار ٽوٽڪا، لطيفا ۽ ظرافت جا موتي موجود آهن، جن کي هڪ هڪ ڪري ميڙڻ ۽ پڌري ڪرڻ مان سنڌي ادب جي هڪ بنيادي خدمت ٿي سگهي ٿي.

سيلون. ڪيترا اهڙا لوڪ شاعر آهن، جن خالص طنزيه ڪلام چيو آهي. انهيءَ ڪلام کي سيلون چيو وڃي ٿو.

مناظري ۽ مقابلي جا بيت. سنڌ جي ڪيترن عوامي شاعرن ۽ سگهڙن مناظري ۽ مقابلي جا بيت چيا آهن - مثلاً ٽوپيءَ ۽ پڳ جو جهيڙو، ڪانو ۽ هاريءَ جو مقابلو، وغيره.

واقعن جا بيت. تاريخي يا سماجي واقعن تي وقت جا سگهڙ ۽ عوامي شاعر جيڪو ڪلام چوندا آيا آهن، اهو به لوڪ ادب جو ٿي هڪ حصو آهي.

لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ. سنڌ ۾ ڪيترائي لوڪ گيتن جا قسم ٻڌڻ ۾ آيل آهن، جن ۾ بي‌انتها لطف آهي - جهڙوڪ مورو، جمالو، لولي، ڪوڏائو، سهرا، نوحا، ڏوڪي، تولاڙو، ٻوپري، همرچو، آڙ، وغيره. لوڪ ناچن ۾ جهمر، ڏونڪا، مڱرمان ۽ سماع، وغيره به محفوظ ڪرڻ جهڙيون چيزون آهن.

لوڪ ادب جي هن اسڪيم ماتحت بورڊ جي تجويز آهي ته تقريباً چاليهارو ڪن ڪتاب تيار ڪرائي شايع ڪجن. هيءَ اسڪيم ترت ئي عمل ۾ آندي وڃي، ۽ اميد ته سنڌ جو علم دوست ۽ ادب نواز عوام بورڊ سان هن قومي ڪم ۾ دلي تعاون ڪندو.

سنڌ جي فارسي ۽ عربي ادب جي اشاعت:

سنڌ اها سرزمين آهي، جتي مختلف تمدن ۽ تهذيبون جدا جدا وقتن تي اچي ٻئي گڏ ٿيون آهن، ۽ انهن مختلف تهذيبن جي باهمي ميلاپ مان سنڌ هڪ نئين تهذيب ۽ سڀيتا کي جنم ڏنو، جنهن جو مول متو مذهبي رواداري ۽ انساني برادري آهي، ۽ جنهن جو محبت کان سواءِ ٻيو ڪو به مذهب ڪونهي. سنڌ جي هن بيمثل تهذيب جي ترڪيب ۾ دنيا جي عظيم

مذهب اسلام جو وڏي ۾ وڏو حصو رهيو آهي. سنڌ کي باب الاسلام چيو وڃي ٿو. ٻهريالين عربي زبان جي معرفت، ۽ پوءِ فارسي زبان ذريعي اسلام جو روح افزا پيغام سنڌ کي ور ور ڏيئي پڌايو ويو. سنڌ اهو پيغام نه فقط پاڻ پڌو، سمجهيو ۽ قبول ڪيو، بلڪ ان کي وڌيڪ سلجهائي ۽ صاف ڪري ٻين کي پڌائڻ، سمجهائڻ ۽ قبول ڪرائڻ جا پڻ جتن ڪيا. اسلامي فقه ۽ حديث تي سنڌي عالمن جون تصنيفون اڄ به دنيا ۾ امتيازي جڳهه والاريو بيٺيون آهن. عربي ۽ فارسي ادب جي دائري ۾، ۽ پڻ انهن ٻولين ۾ علم ڪلام، منطق، فلسفي، تاريخ، ۽ ٻين علمي موضوعن تي لکيل ڪتاب سنڌ جي اڪثر علمي خاندانن جي ذاتي ڪتبخانن ۾ اڄ به موجود آهن، جيڪي اسان جي بي توجهيءَ سبب آهستي آهستي مٽيءَ ۽ ڪتابي ڪيڙن جو کاڄ ٿي رهيا آهن، ۽ جيڪي جيئن لکجڻ سان ئي ڪٻٽن ۽ پيتين ۾ بند ٿي ويا، تيئن اتي اڄ بہ مٽيءَ ۽ اونده ۾ دفن ٿيا پيا آهن، ۽ پيهر ڪڏهن سج جو ترڪو بہ وري شايد ڪونہ ڏٺو اٿن. انهيءَ ڏس ۾ بہ بورڊ هڪ وسيع ۽ مفصل تجويز تيار ڪري، پاڪستان سرڪار جي وزارت تعليم اڳيان پيش ڪئي، جن ان کي مڪمل طور پسند ڪيو، ۽ تجويز جي جملي خرچ جي تخميني آهر بورڊ کي گرانٽ ڏيڻ جو وعدو ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ پاڪستان سرڪار کان هلندڙ سال لاءِ ۰۰۰۰ ۵ روپيا گرانٽ بورڊ کي ملي بہ چڪي آهي. هن اسڪيم تي جملي چار سال ڪم هلڻو آهي، ۽ ان ماتحت تقريباً ۲۰ عربيءَ ۾، ۶۰ فارسيءَ ۾، ۽ سنڌ متعلق لکيل ڪتابن جا ڏهاڪو ڪن اردوءَ ۾ ترجما شايع ڪيا ويندا. هن سال ۾ بورڊ کي جيڪي انهيءَ سلسلي ۾ ڪتاب شايع ڪرڻا آهن، سي هيٺيان آهن:

عربي ڪتاب

ڪتاب التعليم (مسعود بن شيبا السندي)؛ مڪاتيب المرسلين (ابوجعفر الديبلي)؛ اطراف البخاري (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي)؛ ديوان ابي عطا سندي؛ بذل القوة في حوادث سني النبوة (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي)؛ دراسات اللبيب؛ ذب الذبابات؛ ۽ القسطاس المستقيم.

فارسي ڪتاب

تاريخ معصومي (نئون ڇاپو)؛ بيگلار نامہ؛ تاريخ طاهري؛ تحفة الڪرام؛ فتح نامہ (عظيم الدين ٺٽوي)؛ فتح نامہ (مير صوبدار)؛ منشورالوصيت (ميان نور محمد ڪلهوڙو)؛ تحفة الطاهرين؛ لب تاريخ سنڌ؛ تاريخ سنڌ (ابن الواعظ)؛ مقالات الشعرا؛ ديوان عظيم ٺٽوي؛ ديوان محسن ٺٽوي؛ ديوان عزلت؛ ديوان عطا؛ ديوان حيدر ڪلوچ؛ مثنوي چنيسر نامہ (ادراڪي بيگلار)؛ مثنوي زيبانگار (ضيا ٺٽوي)؛ مثنوي مظهر الاثار؛ مثنوي هير و رانجها (نواب ولي محمد خان؛ عظيم ٺٽوي؛ ضيا ٺٽوي؛ مشتري؛ ۽ آزاد).

مٿين فارسي ڪتابن مان "چنيسر نامہ" ۽ "تحفة الطاهرين" مڪمل ڇپجي چڪا آهن، ۽ اميد تہ ٿورن ڏينهن ۾ شايع ڪيا ويندا. عربي ڪتابن ۾ "دراسات اللبيب" مڪمل طرح ڇپجي

چڪو آهي. اميد تہ اهو بہ مٿين ہن ڪتابن سان گڏ بازار ۾ اچي ويندو. هن وقت مثنوي "هير و رانجها" (پنج مثنويون)، "ديوان عطا"، "بيگلار نامہ"، "لب تاريخ سنڌ" ۽ "ڪتاب التعليم" پريس ۾ آهن.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جو ادب سنڌ جو تاريخي ورثو آهي: ان جي ترقيءَ ۽ تربيت لاءِ ڪوشش ڪرڻ سنڌي قوم جو مقدس فرض آهي.

اهڙي عظيم فرض جي ڪامياب ادائگي هڪ اهڙو مشڪل ۽ وسيع مسئلو آهي، جو ان کي پوريءَ طرح منهن ڏيڻ ڪنهن هڪ شخص، ڪنهن هڪ اداري يا انجمن جي وس کان ٻاهر آهي. قوم جي مجموعي ترقي ۽ بيداري، ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ تربيت سان ئي وابستہ آهي: تنهنڪري ٻوليءَ جي خاطرخواه خدمت پڻ قوم جي مجموعي محنت ۽ ڪوشش سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي. هن ميدان ۾ سرڪاري توڙي غير سرڪاري، اجتماعي توڙي انفرادي، جيڪا بہ ڪوشش ٿيندي، يقين آهي تہ اها ڪڏهن بہ بيجا ۽ بي ثمر ثابت نہ ٿيندي.

سنڌي ادبي بورڊ پڻ، هن ميدان ۾، پنهنجي منهن، ڪافي پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي: ۽ جن صاحبن کي بورڊ جي تجويزن ۽ عملي سرگرمين سان واقفيت جو موقعو مليو هوندو، سي اميد آهي تہ بورڊ جي محنت ۽ ڪوشش کان مطمئن پڻ هوندا. بورڊ جي مطبوعہ اشاعتن ۽ زير طباعت توڙي مجوزه اشاعتي پروگرام جو مختصر تفصيل، جيڪو مٿي پيش ڪيو ويو آهي، ان مان بورڊ جي محنت ۽ حوصلي جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو.

پڙهندڙن جا پيغام

- محترمي، دائي پاڻيءَ جي ڇڪ آئي هتان ڪڍيو آهي. هتي اچي خيال ڪريان ٿو ته اسان جي مائي سنڌ ساگر ۾ ڪيڏيون نه لهرون اٿيون آهن، جو پنهنجا ڪک ڇڏي هتي پهتا آهيون. مهراڻ جا ڪپر وري پيا ياد پون. پنهنجي سنڌوءَ سان ڪا راوي پهچي سگهندي! راويءَ جيترو ته اسان جو ايرندو نارو آهي. سنڌي دليون به ايتريون ئي ڪشاديون آهن.

هتي آيس، ۽ پنجاب جي آفيسرن جا مريءَ جا سير ٻڌي، آءٌ پاڻ به وڃي اتي نڪتس. هتي قدرت جيڪڏهن مريءَ کي بڻجڻ جو موقعو ڏنو آهي، ته گورنمينٽ به واهه جو سڌاريو اٿس. اسان جي سنڌ جا انجنير اسڪيمون گهڙيون ئي ڄاهي سگهيا، مگر افسوس جو گورنمينٽ وڙهڻ ۾ پوري هئي. جيڪڏهن سنڌي انجنيرن جون اسڪيمون - دائود ڊئم ٿاڻي بولاخان وٽ، گاج ڊئم جوهيءَ وٽ، ۽ پيون به ڊزن کن ڊئمن واريون اسيڪمون - چالو ڪري ڇڏين ها، ته ڏهن سالن اندر اندر اسان جا کيرٿر ۽ ٻيا جبل به ساوا ڇهڇ هجن ها - ۽ اسان جي سنڌ کي به مريءَ جهڙا ڏاڍا سٺا تفريحي مڪان ميسر هجن ها.

پارٽيبازين ۾ اچي ويچاري سنڌ ائين جو ائين رهجي ويئي. هاڻي انهن لوٽ جبلن کي سرسبز ڪرڻ جو وارو شايد ئي اسان جي زندگيءَ ۾ اچي، ۽ اسان جي سنڌي انجنيرن جون آهي رٿون ائين ئي سڙا ڪائي ويندا.

ادا، معاف ڪجو - نه ڄاڻ نه سڃاڻ، الائجي ڇا لکي ويو آهيان! "مهراڻ" جي خدمتگار سان سور نه سليان، ته پيو وري ڪنهن کي چوان. اسان جا هموطني ته هتي وڇوڙي اڌ سٺا ڪري وڌا آهن.

- اوهان جو، سائينداد سولنگي، لاهور.

- لنڊن ۾ "مهراڻ" جي تحفي ملڻ ڪان نهايت گهڻي خوشي ٿيم، ۽ ائين پئي ڀانيم ته ٻن سالن بعد وري سنڌ ۾ ويٺو آهيان. ڀاءُ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي مضمون "تون پڇين ٿو، آءٌ ڇو اداس آهيان" دل تي ڏاڍو اثر ڪيو، ۽ ساڳيون ڳالهيون چئي ته پاڻ سان پئي ٿي هڪاير - پر فرق اهو هو ته مون کي ترت واپس موٽي ساڳين هنڌن کي ڏسڻ ۽ ساڳين دوستن کي ملڻ جي اميد آهي، ۽ هنن ويچارن لاءِ "ويا جي هنگلور، سي ڪرم ملندا ڪاپڙي!" وارو قصو آهي.

اوهان پنهنجا تاثرات مضمونن جي صورت ۾ موڪلڻ لاءِ لکيو آهي. ننڍپڻ جي زماني ۾، مون کي ناولن ۽ رسالن پڙهڻ جو ڏاڍو شوق ۽ چاهه هوندو هو (۽ ڪنهن حد تائين اڃا به قائم آهي)، ۽ مون کي ياد آهي ته "گلزار چنبيلي" نالي هڪ نهايت نصيحت آميز ڪتاب ۾ "ڪليله ۽ دمنه" جي گفتگو جي صورت ۾ زماني ۽ زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي تبصرو ڪيل هو. ان ڪتاب جي هڪ حصي ۾ "سير و سفر" جي سلسلي ۾ نهايت موزون نموني ۾ سمجهايل

هو ته 'بغير سفر جي تجربو حاصل ڪرڻ محال آهي، ۽ آدمي هڪ بيٺل پاڻيءَ برابر آهي، جو جلدي لڙ بنجي پوي ٿو'...... "سيروا في الارض" جي معنيٰ به هاڻي سمجهه ۾ اچي ٿي ۽ سچ پچ ته ڏيڍريءَ واري تلاءَ سان نڪري، هن اٿاهه ساگر ۾ اچي جيڪي اکيون کلن ٿيون، تن تي حيران نه ٿيڻ ناممڪن نه، ته به محال ضرور آهي!

عدم فرصتيءَ سبب في الحال ته ڪجهه لکڻ مشڪل آهي، پر ارادو آهي - ۽ ڌڻيءَ پاڪ توفيق ڏني - ته واپس وطن پهچي پنهنجي پرايل تجربي جو صحيح استعمال ڪريان. پوءِ جيڪڏهن هيءَ منهنجي ناچيز زندگي پنهنجي عزيز وطن وارن جي ڪنهن ڪم آئي، ته هي وڇوڙا ۽ تڪليفون تڇ سمجهندس. دعا ڪندا!

— ڊاڪٽر صالح ميمڻ، لنڊن

— سنڌي ادبي بورڊ جي سهاري هيٺ شايع ٿيندڙ "مهراڻ"، سه ماهي مخزن، وقت بوقت نظر مان ڪڍندو اچان ٿو. سنڌس هر هڪ نئون پرچو، گذريل پرچن کان هر ڏس ۾ وڌيڪ سڌاريل ۽ وڌايل نظر ۾ ٿو اچي. منجهس عالمن، فاضلن ۽ اديبن جا، بلند پايه شعر، نصيحت آميز ۽ اخلاقي آکاڻيون، معلوماتي، هدايتي ۽ تعليمي مضمون درج ٿين ٿا، جي ادبي شائقن جي ادبي اُڃ اُساٽ مٽائين ٿا. ڪوجنا وارا ليک ته جنسي ساهه سان سانڍڻ جهڙا ٿيڇن ٿا.

"مهراڻ" مخزن جي ڇپائي، سٽائي، بيهڪ ۽ نمونو، اعليٰ مضمونن جي چونڊ، صورتخطيءَ جي باريڪ جاچ وغيره ظاهر ڪن ٿا ته "مهراڻ" جا بانيڪار نهايت گهڻيءَ محنت ۽ سخت جفاڪشيءَ کان ڪم وٺن ٿا، پر ڏسجي ٿو ته "مهراڻ" ۾ غير سنڌي اکر، جيڪي روز مره ۽ محاوري ۾ ڪتب نٿا اچن سي حد کان وڌيڪ ٿا واپرجن. "مهراڻ" جا بانيڪار البت وڌيڪ ڪوشش وٺي، اهڙن ڏکين اکرن جو واهپو گهٽائين، ته پڙهندڙن لاءِ گهڻي سولائي ٿي پوي. سنڌي ادبي بورڊ جي بانيڪارن جي خدمت ۾ وڌيڪ گذارش آهي ته "مهراڻ" جا جيڪر ٻن قسمن جا ڇاپا شايع ٿين، ته ڏاڍو سٺو - هڪڙو اوچي پني تي (جئن هن وقت شايع ٿيندو اچي ٿو)، ٻيو هلڪي پني تي يعني اخباري پني تي. اوچي پني واري "مهراڻ" جي قيمت ساڳي ٺهرائجي، باقي اخباري پني واري جي قيمت لاڳت پٽاندر گهٽ مقرر ڪجي. نتيجو اهو نڪرندو، جو هرهڪ ننڍو وڏو، ٻار ٻڍو، ٻوليءَ ۽ ادب جو شائق، جو اڍائي روپيا خرچ ڪرڻ جي طاقت نٿو ساري، سو هلڪو ڇاپو خريد ڪري، سڪون پوريون ڪندو. اميد آهي ته اهڙي طريقي اختيار ڪرڻ سان، "مهراڻ" جا خريدار وڌندا ۽ ٻوليءَ جي تحرڪ جو آواز گهر گهر پهچندو.

— موتيرام سونيجي، بمبئي

— مان ناسڪ ۾ پبلشر ۽ بڪسيلر آهيان، ڪافي رسالا ۽ ڪتاب هلايان ٿو: پر جڏهين "مهراڻ" ڏٺم، تڏهين اکيون ٺي چرخ ٿي ويون. سنڌي سيتا ۽ ٻوليءَ جو سمنڊ عرف "مهراڻ"، جڏهن اکين اڳيان آيم، تڏهن، ڪجهه يادگيريون ۽ وسريل ورق اٿلي آيا. هزارين ميل پري هوندي به، "مهراڻ" مون کي سنڌ ڏيکاري. مان سنڌس اهائي شيوا ڪري سگهان

ٿو تہ ڪوشش ڪريان تہ سندس خريدار وڌن. توهان کي خوشي ٿيندي تہ ساري ڀارت ۾ هڪ ناسڪ شهر آهي، جنهن ۾ اسان جي ساهتيہ منڊل وسيلي، سنڌي عوام جي ايڪتا سبب، سنڌي ٻولي پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ اسڪولن ۾ هلي ٿي. —مينگهراج ڪارياڻ ناسڪ.

—جي ڪاوڙ نہ ٿئي تہ مان ايترو ضرور چوندس تہ "ناڻو چڙهيو واپاري ڪئيو ڪائي، ۽ ناڻو چڙهيو چور ڦاسيءَ چڙهي" جي مصداق "مهراڻ" ۾ وڏن اديبن لاءِ جڳهہ آهي، باقي اسان نوآموزن کي تہ ٺڏيو پيو وڃي. هن ڪان اڳ مون ڇتي فقير جي ڪافي موڪلي، تہ اها ڪانہ ڇپي؛ مگر اهي ساڳيون ڪافيون ڊاڪٽرصاحب کي موڪليم، تہ ان هٿان شايع ٿي ويون. ممڪن آهي تہ مضمونن وغيره سان بہ اها حالت ٿيندي هجي. ائين ٿيڻ نہ گهرجي. آخر اسان کي بہ قلم آزمائيءَ جو موقعو ملڻ گهرجي.
بورڊ کي لازم آهي تہ شاهہ خواهہ سنڌ جي ٻين اوليائن جي روضن جون تصويرون ائين ڇپائي وڪرو ڪري، جئن خواجہ اجميريءَ ۽ ٻين جون آهن. —ماستر نبي بخش منگي، سکر.

—اوهين جنهن محبت ۽ اورچائيءَ سان "مهراڻ" رسالو ڪڍو ٿا، انهيءَ لاءِ اوهان کي ڪيرون هجن؛ جو تہ "مهراڻ" نہ فقط اسان وڏن ٻرين کي پسند آهي، پر اسان جا ٻار بہ اها مخزن چڪي چاهہ ۽ چوج مان پڙهن ٿا. —چيتن ماڙيوالا، بمبئي.

— "مهراڻ" جي تازي پرچي ۾ علامہ قاضي صاحب جو سنيهو زندگيءَ جو پيغام آهي. پير حسام الدين صاحب جيڪڏهن پارسيءَ جو ترجمو بہ لکي ها، تہ چڱو هو؛ ورنہ رڳو پارسي ڪتاب سنڌي دانن جي ڪهڙي ڪم جو؟ — عارف الجيلاني، ڊڱرو.

— "مهراڻ" اسان سنڌين جو روح آهي. مڪليءَ جو مضمون خوب آهي پر فقط سنڌي دانن لاءِ بيڪار، جيستائين ترجمو ڪجہ نہ هجي. — عبدالله گندرو، سونڊا.

— "مڪلي نامہ" بهترين چيز آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي بي. اي. ۽ ايم. اي. جي فارسي ڪورس تي "پيام مشرق" ۽ "جاويد نامہ" رکيل آهن: جو نہ انهن بدران مهڙا سنڌي بزرگن جا ڪامل ڪتاب رکيا وڃن! — محمد بخش انصاري

— "مهراڻ" جي اديب صاحبن کي عرض آهي تہ هو ڏکيا هندي، سنسڪرت، عربي ۽ پارسي لفظ ڪم نہ آڻين. —مراد علي خان جمالي "مسافر"، حيدرآباد سنڌ.

—مڪرمي، "مهراڻ" موصول ٿيو: "مهراڻ" ڏسي خوشي حاصل ٿي. سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ اوهان جي محنت لائق تحسين آهي.
—حضرت مولانا فضل محمد صاحب، صدر ۽ مهتمم مدرسہ عربيہ مظهر العلوم، ڪڏو.

تبصرا

"شاعر"، حيدرآباد- ١٩٥٦/٢ع.

ڪنهن رسالي يا مخزن تي تبصري ڪرڻ جي مراد ان ۾ ڇپيل مواد تي تبصرو ڪرڻ آهي. رسالي ۾ آيل مواد جي چونڊ ڪيئن ڪئي ويئي آهي، ان مواد ڪي ترتيب ڪهڙي ڏني ويئي آهي، ۽ مواد جي چونڊ ڪندڙ ۽ ترتيب ڏيندڙ پنهنجي طرفان ودڪ ڇا پيش ڪيو آهي- اهي ڳالهيون رسالي جي ايڊيٽر جي ادبي ذوق، علمي پرمايگيءَ ۽ نظرياتي پختگيءَ متعلق ڪافي ڪجهه ٻڌائي ڏيندڙ هونديون آهن. حقيقت ۾، رسالي جون اهي ئي چيزون سندس ايڊيٽر جي شخصيت جون ترجمان ثابت ٿينديون آهن.

"سنڌ جي ڊوماهي ادبي رسالي، "شاعر"" جو ٻيو پرچو اسان جي اڳيان آهي. رسالي جي ادارت جا فرض مولانا غلام محمد "گرامي" جهڙو ڪهنه مشق اديب ۽ شاعر بجا آڻي رهيو آهي. رسالي جي ادارتي نوٽ پڙهڻ سان، ايڊيٽر جي مجموعي فڪر ۽ ذهني صورتحال جو هڪ حد تائين صحيح اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

"شاعر" جي محترم ايڊيٽر حب الوطنيءَ جي اهم مسئلي کي سمجهائيندي، ان جو هڪ انوکو مفهوم پڙهندڙن کي سيکاريو آهي: پاڻ "وطن جي 'ڌرتي ماتا' واري تخيل" کي انڌي ئي ننديو اٿن. لفظ 'ڌرتي ماتا' جي اهڙي نفرت ڀرئي استعمال مان سندن مراد اها ظاهر آهي ته وطن جي ڪنهن به شي جي بت وانگر پيهي پوڄا نه ڪرڻ گهرجي. "اسان جي پاڪ وطن" ۾ اهڙيءَ ڪنهن چيز جي ڪٿي ڪا پرستش ٿي رهي آهي- جنهن خلاف ان جي پرستارن کي اها تنبيهه فرمائي ويئي آهي- ان جو اسان کي علم ڪونهي. جيڪڏهن "شاعر" جي محترم ايڊيٽر جي علم ۾ اهڙي ڪا چيز هئي ته سندن فرض هو ته ان جي وضاحت فرمائي ڇڏين ها، ته سڀئي ان مان عبرت وٺن ها! هڪدم پوءِ ارشاد ٿو ٿئي ته "وطن مان مقصد اهو 'فڪر حيات' ۽ 'نظام زندگي' آهي، جو عوام جو (جيي) سماجي، فڪري، علمي ۽ معاشي تربيت ڪري رهيو آهي. اهو فڪرحيات هڪ خاص آئڊيالوجي (آئڊيالاجي = فڪرحيات) مان پيدا ٿيندو آهي. لهذا ان آئڊيالوجيءَ جي مرڪزي حيثيت کي ئي مڃڻ 'سائيهه جي سڪ' ۽ حب الوطني سمجهڻ گهرجي". ٻهرين ڳالهه ته فڪرحيات، فڪرحيات (آئڊيالاجي) مان پيدا ڪيئن ٿيندو- اها ڳالهه اسان کي سمجهه ۾ ڪانه آئي. ٻي ڳالهه ته "فڪر حيات" ۽ "نظام زندگي" ٻئي هڪ ڳالهه آهن- اها خبر به اسان کي اڄي واقعي ڪانه هئي. ٽين ڳالهه ته اهو "نظام زندگي" جيڪو "اسان جي پاڪ وطن- اسلامي جمهوريه پاڪستان" ۾ "عوام

جي سماجي، فڪري، علمي ۽ معاشي تربيت ڪري رهيو آهي“، سو آهي نيم جاگيرداري، نيم سرمايه داري ۽ نيم سامراجي نظام! انهيءَ نظام زندگيءَ جي ”مرڪزي حيثيت“ ڪهڙي آهي ۽ ڪٿي آهي، اها خبر ته اسان اڀوجهن کي ”شاعر“ رسالي جي شاعر ايڊيٽر صاحب بنهه ڪين ٻڌائي، جو ان کي ”مڃي“ ڪري اسين به سندن ”سائيهه“ جي سڪ سان پنهنجي من کي ڪٺي مالا مال ڪيون. بهرحال جيڪڏهن فرمائش هيءَ آهي ته جيڪو ”نظام زندگي“ اڄ عوام جي ”تربيت“ ڪري رهيو آهي- يعني پيري فقيري، زمينداري، جاگيرداري، سرمائيداري، وغيره- ان کي مڃي ڪري سنڌ جا عوام پاڻ کي گرامي صاحب جي نظرن ۾ وطن دوست ثابت ڪن، ته اهو معاملو ته گرامي صاحب ۽ سنڌ جا عوام ئي پنهنجو پاڻ ۾ نبيرين- پيو ڪو ان ۾ دخل ڏيڻ وارو ڪير!

”حب الوطنيءَ“ جي ڳوڙهي مسئلي کي مٿين نموني حل ڪرڻ کان پوءِ، ”شاعر“ جي فاضل ايڊيٽر اڃي ”نالن جي فلسفي“ کي وڪوڙيو آهي. ”مهراڻ“ (١-١٩٥٦) جي گذارشي نوٽ ۾ اسان عرض ڪيو هو ته ”’اسلامي جمهوريه پاڪستان‘ جي تعريف، تعارف ۽ دستورالعمل ۾- يعني ان جي آئين ۾- جيتوڻيڪ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا نالا ناپيد آهن، تڏهن به سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جتي اڳي هيون، اتي اڄ به جيئن جو تيئن موجود آهن- سچ جي وجود کان انڪار صرف اکين کان سڄا ئي ڪري ٿا سگهن. پئي ڪندي، ’مشرف به اسلام‘ ٿيڻ سان شخص جا نالا ته بدلجندي پئي ٻڌا ۽ ڏسبا هئا- پر ملڪن ۽ قومن جي نالن جو مٽجڻ به لازمي آهي، تنهن ڳالهه جي خبر سو هاڻي پيئي اٿون!“ مقصد هي هو ته سوچيو وڃي ته ”اسلامي جمهوريه پاڪستان“ قائم ڪرڻ لاءِ ”ون يونٽ“ ملڪ جي مٿان مڙهڻ ضروري هو ڇا، يا ون يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ ”سنڌ“ جي قديم تاريخي نالي کي ملڪ جي دستور تان ميساري ڇڏڻ لازمي هو ڇا: جيڪڏهن دستور ۾ سنڌ جو نالو بيان ڪيو وڃي ها، ته ڇا اسان جي وطن پاڪ جي ”اسلامي جمهوريه“ بنجڻ ۾ ڪا ڪسر رهجي وڃي ها؟ اسان نٿا سمجهون ته ملڪ کي رڳو نالي ماتر ”اسلامي جمهوريه“ سڏڻ لاءِ، گرامي صاحب قبول ڪندو ته سنڌ جو نالوئي ميٽائي ڇڏڻ ضروري آهي. عربستان ۾ اسلام آيو، ته به عربستان ته عربستان ئي رهيو- ٻين ڪهڙن اسلامي ملڪن جا وڏيڪ نالا ڪٽجن؟- ته باقي سنڌ ڪهڙو ڏوهه ڪيو، جو سندس نالو لاٿو وڃي! بس ايتريءَ ڳالهه تان- يا مرڳو اها سنئين سڌي ڳالهه سمجهه ۾ ئي ڪانه آئي اٿس- گرامي صاحب بنهه بيبجي پيو آهي. اسلام ۽ پاڪستان لاءِ جهاد جو جهنڊو ڪلهي تي رکي، ڦشرجي، ميدان ڪري بيهي رهيو آهي. پوءِ ته، سواءِ پنهنجي، ٻين سڀني ”اندر جي اندن“، ”ڪارن ڪافرن“، ”اسلام جي دشمن“، ”دريده دهنن“، ”آهني پردي ۾ لڪلن“، ”ڪفر ساز ملن ۽ مولوين“، ”مسلمانن کي ’ڇٽ‘ چوندڙن“، ”ڪميونسٽن ۽ سيڪيولرسٽن“، ”رسالن ۽ اخبارن ۾ گونگا ڳوڙها ڳاڙيندڙن“، ”ميدي ۾ مارئي ڳائيندڙن“، ”اندر جي آڳ اجهائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندڙن“، ”رد جي ڪل ۾ ٻڪڙ وانگر لڪندڙن“، ”ابوجهه ۽ ساده دل نوجوانن جا اوجهه ڦاڙيندڙن“- مطلب ته دنيا جهان جي ڇڱن مڙن کي، نالن تي نالا وجهي، بيهي للڪاريو اٿس. آخر ۾ جڏهن وڃي

ڪجھ اڏو ٿيو آهي، تڏهن اهڙو ته هڪڙو ٻيتي جو فقرو ڏورانهين طور لکي ڇڏيو اٿس، جو پڙهي، "اسلام جي دشمنن ۽ اسلام کي نه مڃيندڙن" جا ڪنڌ ٿي شرم کان جهڪي پيا هوندا: جي، "جيڪڏهن ڪي اسلام جا دشمن ۽ اسلام کي نه مڃيندڙ پاڻ کي مسلمانن جي نالن ۾ لڪائڻ کي ڪو گناهه ۽ اخلاقي ڪمزوري نٿا سمجهن، ته پوءِ پاڪستان تي "اسلاميه جمهوريه" جو نالو ڏرڻ ڪو خاص ڏوهه نه آهي! اين گناهي ست ڪه در شهر شما نيز ڪنند!" اسان جي دعا آهي ته اسان جيڪي "مهراڻ" ۾ ڇپيو هو، سو گرامي صاحب جيڪڏهن ڪين سمجهيو، ته ان جو ڪو خاص پولو ڪونهي - پر جيڪي خود پاڻ هيءَ لکيو اٿن، شل ان کي ٿي رڳو سمجهي سگهن!

"شاعر" جي اداريه ۾ هڪ نوٽ "ڪافي نوازي ۽ غزل دشمنيءَ" متعلق به آهي. ان نوٽ کان اڳ "ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سنڌ ۽ ڪافي مشاعرو" جي عنوان ماتحت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کي "سنڌي ادب ۽ تهذيب جي خدمت" لاءِ گرامي صاحب دل کولي خراج تحسين پيش ڪيو آهي، جو هو "ڪافين جا مشاعرا" ڪري رهيا آهن"؛ ۽ "جڏهن کان حضرت "طالب المولي" ڪافين جا مشاعرا ڪرايا آهن، تڏهن کان سنڌ جي بزم مشاعره ۾ ڪافيون ضرور پيش ڪيون وڃن ٿيون، ۽ ريڊيو تان به اهڙن مشاعرن جو نشر ڪرڻ ڪافين جي مقبوليت جو روشن دليل آهي." ياد رکڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سنڌيءَ ۾ "غزل جي مشاعري" کي تقريباً بند ڪري ڇڏيو آهي، ۽ راڳ جي پروگرام ۾ به عام طرح رڳيون ڪافيون پيش ڪيون وڃن ٿيون. ريڊيو حيدرآباد جي حضور ۾ پنهنجي هن خراج تحسين پيش ڪرڻ کان فوراً پوءِ، "ڪافي نوازي ۽ غزل دشمنيءَ" جي جدا عنوان هيٺ گرامي صاحب فرمائي ٿو ته "اڄ ڪلهه ڪافي نواز طبقي جي "غزل دشمني" عالم آشڪار ٿي چڪي آهي. ان فتني کي پيدا ڪندڙ اهي چند ماڻهو آهن، جي دراصل اردو ادب ۽ پاڪستان جا دشمن آهن - جي "سنڌي زبان" جي انڌي عشق ۾ اچي، ساري وڻ کي پاڙ کان ڊاهڻ لاءِ تيار آهن". "سنڌي زبان" جي لفظن کي گرامي صاحب پاڻ واڪ جي نشانين ۾ ڏنو آهي، جنهن مان جملي ۾ انهن جو استعمال طنزيه پيو معلوم ٿئي. بهرحال انهيءَ ٻارائيءَ ڳالهه کي ڇڏي، سوچڻو آهي ته اهي "اردو ادب ۽ پاڪستان جا دشمن چند ماڻهو" ڪير آهن، جيڪي گرامي صاحب جي نظر ۾ "سنڌي زبان جي انڌي عشق ۾ اچي، ساري وڻ کي پاڙ کان ڊاهڻ لاءِ تيار آهن"؟ ظاهر آهي ته گرامي صاحب ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وارن کي "اردو ادب ۽ پاڪستان جا دشمن" شمار ڪري نٿو سگهي؛ نڪي ڪي هو "حضرت "طالب مولي"" تي ئي اهي لقب ڏري ٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته ڪافين سان دلي چاهه سان گڏ مخدوم صاحب جن جي غزل دوستي ۽ اردو ادب ۽ پاڪستان ڏانهن عقيدتمندي عالم آشڪار آهي: ٻئي ڪندي، گرامي صاحب جي قلم مان ريڊيو حيدرآباد ۽ "حضرت "طالب المولي"" لاءِ سنڌي ادب ۽ تهذيب جي خدمتگذاريءَ جي سلسلي ۾ تعريفي لفظن جو فياضانه استعمال اڳي ئي پيش

ٿي چڪو آهي. تہ پوءِ باقي اهي ڪهڙا "چند اردو ۽ پاڪستان جا دشمن" گرامي صاحب جي نگاهہ ۾ ڪکن ٿا، جن جي "غزل دشمنيءَ" ڪيس ايترو بيچين ڪيو آهي؟ انهن غزل-دشمن شخصن ضرور ڪٿي اهڙي قسم جو ڪو بيان شايع ڪيو هوندو، مضمون لکيو هوندو، ڪنهن ادبي ميڙ ۾ ڪا تقرير ڪئي هوندي: ممڪن آهي تہ انهن چند مائهن جي ڪا پنهنجي اخبار يا ڪو پنهنجو رسالو هجي. جنهن ۾ هنن پنهنجي گالهين سان گڏ غزل کي پنهنجي ان اخبار يا رسالي مان بنهہ هڪالي ڪڍي ڇڏيو هجي! جيڪڏهن انهن گالهين مان ڪابہ گالهہ نہ آهي- ۽ اسان کي يقين آهي تہ اهڙي قسم جي چيز گرامي صاحب هرگز سنڌ جي ڪنهن هڪ مائهوءَ متعلق بہ پيش نٿو ڪري سگهي- تہ پوءِ اسان کي گرامي صاحب کان سوال پڇڻ جو هي حق ضرور ملي ٿو تہ "ياءَ اسان جاں ڪافي نوازي ۽ غزل دشمنيءَ جو مسئلو سنڌ ۾ اول آهي ڪٿي؟ اردو ادب ۽ پاڪستان جا دشمن تہ توکي پوءِ ڳولڻ گهرجن: پهريائين سنڌ ۾ ڪو غزل-دشمن تہ ڳولي هٿ ڪرا!" ائين پنهنجيءَ ڄنگهہ ۾ پاڻ چڪ هڻي، ويهي ڪتو ڪتو ڪرڻ ڏاهپ جو ڪم تہ نہ آهي! سچ پچ، اسان جي هيءَ ڪيڏي نہ بدقسمتي آهي، جو گراميءَ جهڙي اديب، شاعر ۽ عالم شخص، ۽ اسان جن پين اهڙن پائرن لاءِ رڳو پنهنجن ادبي ۽ علمي اختلافن نبيرڻ لاءِ بہ سواءِ اسلام-دشمني، پاڪستان-دشمني، ۽ پين اهڙن بغض، ڪيني ۽ فساد سان پريل الزامن جي، پنهنجي بچاءَ، يا ٻئي کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ، پيو ڪو شائستو، سنجيدو ۽ شانائتو لفظ، دليل طور يا خطاب طور استعمال ڪرڻ لاءِ، هٿ ئي ڪونہ ٿو اچي!

"شاعر" جي اداريہ ۾ اڳتي هلي، گرامي صاحب اعلان ڪرڻ فرمايو آهي تہ "'شاعر' جي سرپرست عاليجناب حضرت 'طالب المولي' فيصلو ڪيو آهي تہ 'شاعر' جي مقالہ نگار ۽ شعراء ڪرام جي همت افزائي ڪئي وڃي، ۽ انهن جي فني عظمت ۽ ادبي خدمت کي تسليم ڪندي، چڱا معاوضا پيش ڪجن...... 'شاعر' جي ايندڙ اشاعت کان معاوضي ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿي رهيو آهي". هيءَ هڪ مبارڪ اعلان آهي. رسالن جي معاوضن جي معرفت موجوده حالتن ۾ سنڌ جا اديب ۽ فنڪار "فارغ البال ۽ گهٽين کان آجا" ٿين يا نہ، پر ان سرشتي مان اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽرن کي اشاعت لاءِ 'دلپسند' مواد تہ ضرور ملي ويندو. "شاعر" ۾ تازي شايع ٿيل "ادب" کي ڏسي ڪري، خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ "شاعر" طرفان معاوضي ڏيڻ جي هن اعلان کان پوءِ، ان حد تائين "شاعر" واري انهيءَ قسم جي ادب کي ضرور فروغ ملندو. گرامي صاحب سان گڏ اسان کي بہ اميد آهي تہ جيئن "'شاعر' جي ادبين" لاءِ سٺين نموني "بندوبست" ڪيو ويو آهي، تيئن "'مهراڻ' ۽ 'نئين زندگيءَ' جي ادبين" لاءِ پڻ جلدئي بندوبست ڪيو ويندو. اسان جي وڏيڪ دعا آهي تہ شل هنن معاوضن جي سرشتن قائم ٿيڻ کان پوءِ بہ، اسان جا سنڌي اديب سنڌي ٻوليءَ جا ئي اديب رهن، ۽ شل هو رڳو "شاعر" جا، "نئين زندگيءَ" جا، "مهراڻ" جا، يا اهڙي ٻئي ڪنهن محدود حلقي جا ئي مخصوص اديب ڳڻجڻ شروع نہ ٿي وڃن!

"شاعر" جي قابل ايڊيٽر جا افڪار عاليه پرچي جي پهرين پن ڇئن جاين تي پڻ موجود آهن. "پراڻو ۽ نئون ادب" جي عنوان (ص ٢٤) هيٺ، گرامي صاحب "اڄ ڪلهه جي اديب ۽ شاعر، زباندان ۽ صاحب تحرير" کان شڪايت ٿو ڪري ته هو غزلگو شاعر جي "گل ۽ بلبل، زلف ۽ رخسار، مي ۽ ميخانه، پيرمغان ۽ محتسب، رند ۽ زاهد" کي ادب جون "پراڻيون روايتون سمجهي، ترڪ ڪري چڪو آهي"، ۽ انهن جي جاءِ تي "طبقاتي ڪشمڪش پيدا ڪندڙ ڪردارن - مزدور، هاري، سرمائيدار ۽ زميندار- کي اها ساڳي حيثيت" ڏيئي، ادب جون "نيون روايتون" قائم ڪرڻ ٿو چاهي، ۽ ائين ڪندي هي "نئون نويل اهل قلم پاڻ کي جدت پسند سمجهڻ جي خوش فهميءَ ۾ مبتلا" ٿو رکي، حالانڪ اها سنديس "صحيح معنيٰ ۾ نه انقلاب پسندي آهي ۽ نه ان کي ترقي پسندي سڏڻ جي ئي غلطي ڪرڻ گهرجي"! هن استاد پائيءَ واري فيصلي کان پوءِ "نئين نويل اهل قلم" کي ٻڌايو ٿو وڃي ته "ادب نه پراڻو ٿيندو آهي ۽ نه نئون. اها تفريق ۽ تقسيم ذهني زوال، ۽ روشن ضميريءَ جي نه هجڻ ڪري پيدا ٿئي ٿي. ادب ته زنده ۽ جاودان رهي ٿو- پراڻا اسان جا ذهن ۽ دماغ ٿين ٿا- ورنه هت ته هر شي 'نئين' آهي ۽ هردم جوان آهي!"- تنهنڪري هن کي گهرجي ته گل ۽ بلبل، مي ۽ ميخانه وغيره جهڙين هردم نين ۽ دائمي جوان روايتن کي ئي پختيون ۽ صحيح ادبي روايتون سمجهي ۽ نه "طبقاتي ڪشمڪش پيدا ڪندڙ ڪردارن - مزدور، هاري، سرمائيدار ۽ زميندار" جهڙين چيزن کي، جن ۾ ڪابه جدت پسندي، ڪابه انقلاب پسندي، ۽ ڪابه ترقي پسندي ڪانه آهي! گرامي صاحب جو هي آخرين فرمودو به نوآموز اديب جي ٻڌڻ وٽان آهي- شايد ان جي ٻڌڻ سان ئي شاگرد جي ڪجهه همت افزائي ٿئي! ارشاد ٿو ٿئي ته "اديب جي خلوص (؟) ۽ بي اثريءَ جو اهو ڪافي ثبوت آهي، جو هو خود چاهي ٿو ته مان ڪجهه لکان. اهو سندس 'ڪجهه لکڻ جو جذبو' دليل آهي سندس ناقص هجڻ جو ۽ بي خلوص هجڻ جو." (!) ظاهر آهي ته گرامي صاحب جي مرضي آهي ته جيسين "ڪجهه لکڻ جو جذبو" زنده هجي، تيسين ڪجهه به نه لکجي- ڇاڪاڻ ته "اهڙيءَ تحرير سان انقلاب جو اچڻ آهي پيرن ڪان پير گهرڻ": اڳتي هلي، جڏهن "وسيع مطالعي، مسلسل مشاهدي ۽ ڪافي تجربي" بعد، اهو "ڪجهه لکڻ جو جذبو" اديب جي دل ۾ مري وڃي، تڏهن ئي هو 'اديب' بنبو، ۽ پوءِ هو پنهنجي وسائل دماغ ۽ وسائل قلم سان واقعي انقلاب آفرين ادب پيش ڪرڻ جو پاڻ کي اهل ثابت ڪندو!

"سنڌي قافيا ۽ سندن حرڪات و سڪنات" (ص ٦٣) جي سري هيٺ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي ادب جو هڪ اهم مسئلو ڇيڙيو ويو آهي. محترم حافظ محمد احسن ۽ مرزا اجمل بيگ صاحب جن مسئلو پيش ڪيو آهي ته جئن ته اردو، فارسي ۽ عربي قافين جو پڇاڙيون ساڪن، ۽ سنڌي قافين جون متحرڪ آهن، تنهنڪري سنڌي قافين جي پڇاڙين کي به ساڪن ڪري اردو، فارسي ۽ عربي قافين سان گڏ استعمال ڪرڻ جائز آهي يا نه؟ حافظ صاحب ۽ مرزا صاحب پنهنجي تجويز

پيش ڪئي آهي ته اِن مسئلي تي سنڌ جا اديب ۽ شاعر جوڳو ويچار ڪن، ۽ ڪنهن متفق فيصلي تي اچن. گرامي صاحب ان مسئلي تي راءِ ڏني آهي ته "اول غور ڪرڻ گهرجي ته آيا عربي، فارسي قافين سان گڏ سنڌي قافيا استعمال ڪري سگهجن ٿا يا نه؟ اگر اهو فيصلو ٿي وڃي ته ائين ڪري سگهجي ٿو، ته پوءِ... جا لاءِ ته عربي فارسي قافين جون پڇاڙيون جڏهن(؟) ته ساڪن آهن، تڏهن (تنهنڪري؟) لامحاله سنڌي قافين جون پڇاڙيون به ساڪن ٿي ويندیون." (!) گرامي صاحب جي مرضي گويا هيءَ آهي ته سنڌيءَ ۾ جڏهن ڌارين ٻولين جا لفظ داخل ٿين، ته نه فقط اهي لفظ پنهنجون اصلوڪيون حرڪات سڪنات پاڻ وٽ قائم رکن، پر انهن جي ڀوڻتان اصلوڪن سنڌي لفظن کي به پنهنجون حرڪات سڪنات (آچار) بدلائي ڇڏڻ گهرجن! گرامي صاحب سنڌي ٻوليءَ کي ڪاٻاري ڏک هڻڻ وارو هيءُ پنهنجو فيصلو لسانيات جي ڪهڙن اصولن کي سامهون رکي صادر فرمايو، تنهن جي جيڪڏهن پاڻ ڀريائين وضاحت فرمائي ها، ته بهتر هو: ٻيءَ صورت ۾ جيئن مسئلو سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي راءِ وٺڻ لاءِ ونس پيش ٿيو هو، تيئن ان کي فقط انهيءَ مقصد لاءِ ئي پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪري ڇڏڻ ڪپندو هوس.

رسالي جي صفحي ٨٧ تي گرامي صاحب شاعر متعلق پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ فرمايا آهن. شاعر کي پيغمبريءَ جي درجي تي وڃي پهچايو اٿس- ان ۾ اسين به خوش ٿياسين: پر جڏهن مزيد فرمايائين ته "شاعر زمان ۽ مڪان کان متاثر نٿو ٿئي، پر زمان ۽ مڪان کي متاثر ٿو ڪري"، ته اسان کي واقعي تعجب ٿيو. زمان ۽ مڪان کان متاثر ٿئي بغير شاعر ڪيئن ٿو زمان ۽ مڪان کي متاثر ڪري- ان معمي کي وڌيڪ واضح ڪرڻ جي تڪليف گرامي صاحب گوارا ڪرڻ فرمائي ها، ته پڙهندڙن جي ڄاڻ ۾ هوند اهم اضافو ٿئي ها.

"اسان جا سنڌي رسالا" جي عنوان ماتحت "مهراڻ" تي تبصرو فرمائيندي، گرامي صاحب اسان کي مهميز ڏني آهي ته "مهراڻ کي فقط هڪ مڪتب خيال ۽ وڙ جو دڪان بڻائڻ سنڌ جي عالمگير روابط ۽ تهذيبي تعلقات جي خلاف آهي." "مهراڻ" ۾ جيڪي ڪجهه شايع ٿو ٿئي، تنهن لاءِ گرامي صاحب پاڻ فرمايو آهي ته "مهراڻ جا پورا ٽي حصا ته اڃان به پراڻي رنگ جا آهن"- ته پوءِ "مهراڻ" هڪ مڪتب خيال ۽ وڙ جو دڪان ڪيئن ٿيو، اها ڳالهه اسان پوري سمجهي ڪين سگهياسين. "مهراڻ" کي هر قسم جا اديب- ڪهنه مشق ۽ نوآموز پيئي- پنهنجن هر صنف جي ادبپارن سان سينگارين ٿا. انهيءَ ڳالهه کي چائندي به "مهراڻ" کي هڪ مڪتب خيال ۽ وڙ جو دڪان سڏڻ، فقط انهن بغض ۽ عناد سان ڀريل عناصرن سان، غير شعوري طور، هانو ۾ هانو ملائڻ آهي، جن کي هر چڱيءَ چيز کان چڙ هوندي آهي. گرامي صاحب "مهراڻ" ۾ انهيءَ هڪ 'اوڻائيءَ' کان سواءِ ٻيون جيڪي خوبيون ڏٺيون آهن، ۽ انهن کي جنهن خلوص ۽ محبت جي جذبي سان بيان ڪيو اٿس، تنهن لاءِ اسان سندس شڪرگذار آهيون- پاڻ جيڪي دوستانه مشورا ڏيڻ فرمايا اٿس، تن کي اسان

پنهنجي دل ۾ جاءِ ڏني آهي، ۽ اميد اٿئون تہ "مهراڻ" جي ترتيب ۽ اشاعت ۾ انهن تي آئيندي پنهنجي وت آهر ڌيان ڏينداسون.

"شاعر" جي زير نظر پرچي ۾ جيڪي بين اديبن جون چيزون شايع ٿيون آهن، انهن جي چونڊ بہ ڪابہ گهٽ عبرت آموز نہ آهي. پهريائين "پيغام"، "خط" ۽ "سلام ۽ سنيها" جي ٺن جدا جدا عنوانن هيٺ "شاعر" ڏانهن سنڌ جي اديبن ۽ پڙهندڙن جيڪي پنهنجون نيڪ تمنائون ۽ مفيد مشورا موڪليا آهن، سي پيش ڪيا ويا آهن. "جيڪڏهن 'شاعر' کي صرف فنون لطيف جي خدمت لاءِ وقف ڪيو وڃي، تہ سنڌي زبان ۾ هي رسالو پنهنجي مٽ پاڻ ٿيندو" (ڊاڪٽر بلوچ صاحب)؛ "هن وقت سنڌ ۽ سنڌين جي وڏي ۾ وڏي، اهم ۽ ضروري خدمت سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي خدمت آهي، ڇو تہ زبان جي بقا ۾ قوم جي زندگي مضمر آهي: جنهن قوم جو ادب ۽ تهذيب، زبان ۽ ثقافت نہ رهيا، اها قوم برباد ٿي" (مولانا چشتي صاحب)؛ "دعا آهي تہ هي رسالو شاهہ ولي الله جي مقولي 'فلڪ ڪل نظام' مطابق بوسيده نظام کي ترڪ ڪري، علم و ادب ۽ صحيح تنقيد جي چوٽ چڙهي، هرڪنهن ڪوسي واءَ کان محفوظ رهندو" (محبوب علي چنا صاحب)؛ "هڪڙي انسان جي دل مان نڪتل آواز سموريءَ انسان ذات جو آواز بنجي ويندو آهي ...... ڪاش اسان جا شاعر انسان جي دل جو آواز پيدا ڪن، پنهنجي دنيا جي انسان لاءِ ٺي هو ڳائين ...." (سراج صاحب)؛ "اڄ ڪلهہ تہ سنڌي پاڻ هڪ ٻئي کي ٻيا ڪائين: پاڻ ۾ ٺي نفاق پيدا ٿي ويو آهي، تہ ٻوليءَ کي ڪير ٿو پڇي: اڄ ڪالهہ اسان جا (ڪي) سنڌي، سنڌي سونهاريءَ کي وساري، پراين ٻولين کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن" (پروين صاحب)؛ "خداوند ڪريم اسان جي سنڌي ادب کي فروغ ڏئي، جيئن سنڌي پاڻ ۽ ٻين غير سنڌي ادب جا ايترو محتاج نہ رهن، جيترو هينئر آهن" (ثميره زرين صاحبہ)؛ "اها قوم جنهن کي پنهنجي زبان نہ آهي، سا گويا حيوان آهي - هڪ ڀٽڪندڙ مسافر آهي، جنهن جي ڪا منزل ڪانہ آهي" (ملڪ غلام حيدر) - اهي ۽ ٻيا اهڙا مخلصانہ رايا ۽ نيڪ مشورا پڙهي ڪري، "شاعر" جي محترم ايڊيٽر کي واقعي محسوس ٿيو هوندو تہ اڄ سنڌ جا اديب ۽ پڙهندڙ صحيح ۽ صالح سنڌي ادب لاءِ ڪيترو واجهائين ٿا.

جواب ۾، گرامي صاحب جيڪو پهريون ادبپارو "شاعر" معرفت هنن سنڌي ادب جي مخلص شائقن کي پيش ڪيو آهي، سو آهي رئيس "بلبل" صاحب جو "واقعو ۽ مشاهدو" تہ "ملهار ڳائڻ تي مينهن وسي سگهي ٿو"! سوا صفحي جو مضمون، تنهن تي اڌ صفحي جو تعارفي نوٽ! ٻنهي جو مقصد؟ هيءُ تہ "ملهار ڳائڻ سان مينهن وسي ٿو، ۽ هندول ڳائڻ سان هندورو لڏي ٿو، ۽ ديپڪ ڳائڻ سان باهہ لڳي ٿي"، وغيره. رئيس صاحب پنهنجي اکين ڏٺل "خوش اتفاق جو ذڪر تصديق طور" ڪيو آهي، "تاڪ هن زماني جو مثال دفتر جي سيني (؟) تي سانڍجي وڃي، ۽ ٻين لاءِ عبرت جو باعث بنجي."(١) "اونهاري جا

ڏينهن هنا"، جو هي "خوش اتفاق" رئيس صاحب جن جي مشاهدي ۾ آيو - رئيس صاحب جيڪڏهن اها اونهاري جي ڏينهن هڻ واري مختصر ڳالهه بہ پنهنجي "سيني جي دفتر" تي سانڍي ها ۽ ان مان عبرت حاصل ڪرڻ جي ٿوري پاڻ بہ ڪوشش ڪري ها، تہ هوند وڏڙي جي لهڻ ۽ خان صاحب مبارڪ عليءَ جي "ملهار" ڳائڻ ڪي سبب ۽ نتيجي جي ڪڙيءَ ۾ هرگز ڪين ڳنڍي ها. ملهار راڳ ملهار موسم جو راڳ آهي. موسمن جا ناچ ۽ موسمن جا راڳ هڪ عالم آشڪار حقيقت آهي. هر موسم ۾، ان موسم جو راڳ يا ناچ زياده دل کي وڻندو آهي. صبح جو راڳ ڀيرو، ڏينهن جي ٻنهه پوئين پهر جو راڳ مالڪوس، رات جي پهرئين پهر جو راڳ درباري طبيعت کي نهايت پسند ايندا آهن. ساڳيءَ طرح جڏهن ٻنپهرن جو ماني کائي 'هندوري ۾ لڏندي' راڳ هنڊول، يا جڏهن شام جو ڏين ٻرڻ مهل راڳ ديپڪ، يا جڏهن ملهار جي موسم ۾ راڳ ملهار ٻڌبا يا ڳائبا آهن، تہ دل تي انتهائي گهرا اثر ڇڏيندا آهن - تنهن جي معنيٰ اها ڪانہ ٿي تہ ديپڪ ڏيا ٿو ٻاري، هنڊول هندورا ٿو لوڏي، ۽ ملهار مينهن ٿو وسائي! اهڙي ڪنهن قسم جي ڪا دعوا ڪرڻ ائين ٿي ٿيندو، جئن ڪو هيءَ دعوا ڪري تہ راڳ ڀيرو ڳائڻ ڪري سج ٿو اڀري ۽ صبح ٿو ٿئي! رئيس صاحب ۽ گرامي صاحب کي گهرجي تہ ادب معرفت ماڻهن کي عقل سيکارين؛ نہ، تہ پنهنجي عقل سان گڏ پڙهندڙن جي رهئي کهئي عقل تي بہ مرڳوئي پنيون ٻڌي ڦٽيون ڪن!

مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولیٰ" جو مضمون "ڪافي ۽ ان جو تجزيو" انتهائي خلوص سان لکيل هڪ ڪوشش آهي. مخدوم صاحب جن سنڌي شعري ادب جي هڪ اهم صنف تي پنهنجي ذاتي تجربي، ذاتي مشاهدي ۽ ذاتي مطالعي سان حاصل ڪيل نتيجا نهايت سنجيدي ۽ اثرائتي نوع ۾ پيش ڪيا آهن. ضرورت تہ واقعي هيءَ آهي تہ سندن مضمون جو تفصيلي مطالعو ڪيو وڃي - جنهن کي في‌الحال ڪنهن ٻئي موقعي تائين ملتوي ڪري، ايترو عرض ڪري ڇڏڻ ڪافي ٿا سمجهون تہ مخدوم صاحب جن جو جيڪڏهن سنڌي ادب جي تاريخ سان گڏ دنيا جي هڪ ٻن ٻين ترقي يافتہ ٻولين جي ادب جي تاريخن جو بہ مطالعو ڪيل هجي ها، تہ مضمون ۾ چند هڪطرفيون ڳالهيون ۽ انتهائيت ڏانهن مائل خيال جيڪي پاڻ سنڌي ڪافيءَ جي موضوع تي ظاهر ڪيا اٿن، تن کي خود پاڻ بہ هوند غلط سمجهن ها، ۽ پوءِ سندن مضمون جي في‌الجمل صحت ۽ افاديت تي ڪو ايترو ٿورڙي بہ آڱر کڻي ڪين سگهي ها.

محترم ع. ق. شيخ جي تحرير "سنڌي شاعري" اڳي ئي سندن (سنہ ١٩٥١ع ۾ ڇپيل) ڪتاب "کهہ ۽ ڪٿوري" ۾ پيش لفظ طور آيل آهي. شيخ صاحب جو هيءَ ادبپارو سنڌي ٻوليءَ جي تنقيدي ادب جي بنياد جو هڪ پٿر آهي، ۽ آن جي اِنهيءَ ادبي رتبي کي سنڌي ادبي دنيا جي مسلمات مان شمار ڪيو وڃي ٿو. گرامي صاحب هن مضمون کي "شاعر" ۾ نئين سر شايع ڪري، پنهنجيءَ ادبي پرک جو قابل تحسين مثال پيش ڪيو آهي، ۽ پاڻ کي سنڌيءَ جي صحتمند ادبي دنيا ۾ بنهہ بيگاني ٿي وڃڻ کان هوشياريءَ سان بچائي ورتو آهي.

اسدالله شاهہ صاحب «اسد» جا «خاڪا»، ڪجھہ تنقيدي رنگ گهرن ٿا - نہ تہ نقش ناتص، هڪ طرفا ۽ ڪن حالتن ۾ «قصيدي» يا «هجو» جي هلڪي صورت وٺي ٿا وڃي بيهن. مولائي شيدائيءَ جو مضمون «شاعريءَ جي تاريخ جو هڪ ورق» درحقيقت ايراني شاعريءَ جي تاريخ (٩٧٦-١١٨٦ع) جو ورق آهي. جاگيرداري نظام جي بنياد تي بيٺل ملوڪيت جي هن مثالي دور ۾ فارسي ادب صرف شعر جي صورت ۾ وڌيو - ۽ شعر جي ارتقا جي صورت قصيدي کان شروع ٿيندي، مثنوي، رزميہ ۽ داستان سرائيءَ کان گذرندي، هن في‌الجملہ مدحيہ شاعريءَ جي رد عمل طور، آخر وڃي صوفيانہ شاعريءَ ۽ تغزل تائين پهتي: هن منزل تي، جيئن ئي ملوڪيت جي گرفت ڪمزور ٿيڻ شروع ٿي، تيئن ئي ادب جا تنقيدي مطالعا شروع ٿيا، جن جي نتيجي طور شعري ادب سنئون سڌو زندگيءَ جي حقائق جي ترجمانيءَ ڏانهن مائل ٿيو. ڪيتري نہ سهڻي ڳالهہ ٿئي، جو اسان جا عالم ۽ محقق، تاريخ جي اُلهيءَ ورق‌گردانيءَ سان گڏوگڏ، پڙهندڙن تي تاريخ جا هي اهم سبق ۽ نتيجا بہ ظاهر ڪندا هلن. مولائي شيدائي صاحب جي هن تحقيقي مضمون سان گڏ بہ‌ٿئين قسم جي تنقيدي جائزي نہ هئڻ سبب پڙهندڙن جي دلين تي ملوڪيت جو صرف رعب تاب ئي ويهي سگهي ٿو، ۽ «آل سبڪتگين» وغيره جي بي‌حساب انعام و اڪرام ۽ بيڪران عطيہ بازين جا هڪ طرفا ۽ مدحيہ داستان پڙهي، طاقت ۽ دولت جي جاه و جلال اڳيان صرف سندن ملوڪيت پرستيءَ جا جذبا ئي فروغ پائي سگهن ٿا. «ترجمو ۽ اقتباس» جي حصي ۾ "بلئنڪ ورس (غير قافيہ شاعري)..." جي عنوان هيٺ اردوءَ جي مشهور شاعر ۽ نقاد «فراق» گورکپوريءَ جي ساڳئي موضوع تي لکيل هڪ مفصل مقالي مان هڪڙو اقتباس پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مان «شاعر» جي پڙهندڙن کي شايد ئي ڪجهہ پلئہ پوي: جو تہ هڪ تہ جيڪڏهن ان کي «آزاد نظم» جي خلاف سند طور پيش ڪيو ويو آهي، تہ اها غلط ڳالهہ آهي - «فراق» جو هيءُ مقالو «آزاد نظم» جي ادبي اهميت کي ثابت ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هو: ٻيو تہ اقتباس تي گرامي صاحب جو مبهم ۽ متضاد نوٽ ان کي هيڪاري منجهائي بي‌مقصد بنائي ٿو ڇڏي. بهتر ٿئي ها، جو «فراق» جو هي سڄو مقالو جيئن جو تيئن شايع ڪيو وڃي ها - ان صورت ۾ ئي مقالي مان آهو فائدو حاصل ٿي سگهيو ٿي، جيڪو گرامي صاحب جو شايد مقصد هو تہ سنڌي شاعرن کي حاصل ٿئي. اداري طرفان بہ چيزون «سہ حرفي لفظن جو شعر ۾ صحيح استعمال» ۽ «لفظن جو شعر ۾ غلط استعمال» هن ڳالهہ جي وڪالت ۾ پيش ڪيون ويون آهن تہ عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ سنڌيءَ ۾ سورهن آنا سندن اصلي صحيح اچارن سان استعمال ڪرڻ گهرجن. متي، اڳي ئي، «شاعر» جي ايڊيٽر صاحب جو، رسالي جي ساڳئي پرچي ۾ ڏنل، فيصلو ظاهر ڪري آيا آهيون تہ عربي ۽ فارسي قافين سان سنڌي قافين کي ملائڻ لاءِ سنڌي لفظن جي اچارن کي بگاڙڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي! جيڪڏهن اڄ دنيا جو ڪوبہ اديب يا عالم پنهنجي ٻوليءَ (عربي، فارسي،

انگريزي، وغيره) متعلق اهڙي قسم جي ڳالهه چوي ته ’ٻوليءَ ۾ ڌاريا داخل ٿيل لفظ ته هوبهو سندن اصلي اچارن سان لازمي طرح استعمال ڪريو، پوءِ ائين ڪرڻ سان جيڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ جي لفظي اچارن کي بگيڙو پهچي، ته ان جي پرواهه نه آهي‘- ته ان اديب يا عالم جي دماغ درست ڪرائڻ کان سواءِ ان ملڪ جي ماڻهن وٽ ٻيو هوند چارو ئي ڪونه رهي!

”شاعر“ جي هن ٻئي پرچي ۾ به افسانا ”آرٽ“ ۽ ”ڪافر“، ۽ پڻ ”هڪ ڏينهن جا واقعا - لاهور ۽ ڪراچيءَ جا“ پيش ڪيا ويا آهن. ”آرٽ“ ۾ آرٽ کي گناهه سڏيو ۽ ڏيکاريو ويو آهي. افسانه نويس، سڪندر سلطان، سمجهيو آهي ته آرٽ معنيٰ فلم ۽ ”فلم معنيٰ بدمعاشي، بي ايماني ۽ عورت سان آغوش درآغوش ٿيڻ“ - ۽ ”شاعر“ جي دانشور ۽ فنڪار ايڊيٽر صاحب ان متعلق هن بنهه بي مثل راءِ سان اتفاق ڪندي، افساني کي رسالي ۾ اولين جڳهه ڏيئي ڇڏي آهي! ”ڪراچيءَ جي هڪ ڏينهن جي واقعي“ جو گمنام اديب به آرٽ، آزاديءِ نسوان ۽ ”اپوا“ (پاڪستان جي جمعيت نسوان) تي پنهنجي ذهن جون غلاظتون اڇلائيندي اڇلائيندي، وڃي ”راز خلوتيان جي رمزن ۽ ريتين، سبوءَ جي ڪلڻ ۽ درن جي بند ٿيڻ“ جي داستان سراين تائين پهتو آهي. افسوس آهي، جو ”شاعر“ ۾ ايڏي فحش نگاريءَ کي جاءِ ڏيڻ جائز سمجهيو ويو آهي. ”لاهور جي هڪ ڏينهن جي واقعي“ ۾ هڪ رذيل موضوع کي پيش ڪيو ويو آهي: ’ڪتي جو علاج ٿئي، ۽ ماڻهن جو نه ٿئي‘- هي فقرو زبان زد عام آهي. گرامي صاحب ”هڪ ڏينهن جي واقعي“ جي عنوان جي صحيح مفهوم کي اجها شايد جذب ڪري ڪين سگهيو آهي. هن ”واقعن“ جو بيان ادبي نقطه نگاه کان نه بي اثر ۽ عاميانه رهجي ويو آهي.
بشير صابري جي تاثراتي تحرير ”ڪافر“ افسانو سو بنهه نه آهي، باقي پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ نهايت پاڪيزه پيشڪش آهي. ”ڪافر“ جا هي حقيقت افروز گفتا واقعي پڙهڻ ۽ پرجهڻ وٽان آهن: ”خدا کي اوهان جي عبادتن جي پرواهه نه آهي، الله جي بندن جي پوڄا ڪريو“؛ ”اي ملا، تو ۾ ۽ هن (شرابيءَ) ۾ ڪو فرق نه آهي - هي شراب جي نشي ۾ مدهوش ٿي بڪواس ٿو ڪري، پر تون فخر ۽ غرور، دينداريءَ ۽ تقدس جي نشي ۾ مست آهين - تنهنجو گناهه هن جي جرم کان وڏو آهي“؛ ”اوهان (مذهبي ٺيڪيدار) جنهن (بدڪار عورت) کي ذليل ۽ پليد ٿا سمجهو، اها اوهان کان هزار درجا وڌيڪ پاڪ ۽ صاف آهي - جو ته هن جو ظاهر گندو، پر اوهان جو باطن گندو آهي ...“؛ ”هي به جواري آهي، تون (جمعي نماز تي ويندڙ هڪ وڏو ريش دراز نمازي) به جواري آهين - تنهنجي ظاهري پاڪيزگي ۽ چند سجدا ان لاءِ آهن ته توکي ماڻهو نيڪ سمجهن ۽ تنهنجي شهرت وڌي، ۽ تجارت ۾ واڌارو ٿئي - اها به ’جوا‘ آهي: هي به جواري آهي - هي دولت کي اڇلائي ٿو، ۽ تون ميڙين ٿو...“؛ ”تون (وياج خور) دوکيباز آهين... تنهنجي دولت هنن غريبن جي رت ۽ ست جي قطري قطري مان بنجي ٿي...“ - ۽ پوءِ ”ڪافر“ مري ٿو وڃي، ۽ سڀني هن جي گلاب وانگر

ڀڪندڙ منهن کي ڏسي چيو ته "هي 'ڪافر' نه هو، پر فرشتو هو: سندس خاموش زبان ايئا پئي چيو ته "بني نوع انسان جي خدمت ئي عبادت آهي- الله ماڻهن جي صورت ۾ لهي آيو آهي- انهن جي عبادت ڪريو: مسجدن ۽ مندرن ۾ ڇا کي ٽا ڪاريو ۽ پوڄيو؟"

"تماشبين" جي تلخ و ترش تحرير "هي بزم مشاعرا" اسان جي غزل گو ٽوڙي ٻن شاعرن جي اکين کولڻ لاءِ هڪ نهايت مفيد تحرير آهي، ۽ هن ادبي شهپاري کي "شاعر" ۾ جڳهه ڏيئي، گرامي صاحب شعر و ادب تي پنهنجي گهريءَ نگاه ۽ اعليٰ ادبي ذوق جو ثبوت ڏنو آهي.

"شاعر" جي نظم جو حصو مجموعي طرح چڱو آهي. غزلن جو حصو البت لاڻيرو آهي- سواءِ هڪ ٻن غزلن جي ٻيا سمورا غزل عاميانه پيا لڳن. گيتن ۽ ڪافين جو حصو نهايت سهڻو آهي، ۽ منجهس ڪافي سٺيون چيزون موجود آهن.

گرامي صاحب هڪ وڏي مرتبي جو شاعر ۽ اهل قلم آهي. سندس ادبي ۽ علمي صلاحيتن کان ڪنهن کي به انڪار ٿي نٿو سگهي. اسان کي انهيءَ ڳالهه جو پورو پورو احساس آهي ته رسالي جي ادارت هڪ نهايت ڪٺن ڪم آهي. ايڊيٽر جي حيثيت ۾ اديبن جون ناراضگيون، دوستن جو ڪاوڙيون، بارسوخ ماڻهن جا رعب تاب سر تي سهڻا ئي پون ٿا. ان هوندي به هر ڪنهن ايڊيٽر کي هڪ محدود دائرو آزاديءَ جو نصيب هوندو آهي- ۽ انهيءَ دائري ۾ جيڪڏهن هڪ محنتي ۽ باذوق ايڊيٽر پنهنجي صحيح ۽ پخته اعتقادن ۽ پنهنجي تربيت يافته ادبي پرک کان همت ۽ سمجهداريءَ سان ڪم وٺندو، ته هو پنهنجي رسالي ۾ نهايت چڱيون چيزون پيش ڪري سگهي ٿو. اسان کي يقين آهي ته گرامي صاحب به پنهنجي انيڪ تڪليفن ۽ مجبورين جي باوجود جيڪڏهن اورچائيءَ ۽ محنت سان، پنهنجي حقيقي ويساهن ۽ عقيدن جي روشنيءَ ۾، "شاعر" جي ترتيب ڪندو، ته هو ان جي موجوده علمي، ادبي ۽ فني سطح کي گهڻو گهڻو بلند ۽ بهتر ڪري سگهي ٿو.

اسان جي دلي دعا آهي ته شل گرامي صاحب اها جرات ڪري، ۽ پنهنجي ذاتي جوهرن سان "شاعر" کي سينگارڻ لاءِ آئيندي ڪو قدم کڻي- پوءِ ئي "شاعر" سنڌي علم و ادب جي ڪا ذڪر جي قابل خدمت سرانجام ڏيئي سگهندو. -م. ا. ج

"مهراڻ جون موجون": صفحا ٣٦٣+١٠؛ سائز وڏو؛ ڇپائي، ڪاغذ، جلد، ڪور سڀ اعليٰ درجي جا؛ قيمت چار روپيا؛ ملڻ جو هنڌ: پاڪستان پبليڪيشنس، پوسٽ باڪس نمبر ١٨٣، ڪراچي.

هي ڪتاب پاڪستان سرڪار طرفان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي "نئين زندگي" جي گذريل ڇهن سالن جو انتخاب آهي. مواد جي چونڊ قابليت ۽ محنت سان ڪيل آهي. آزاديءَ کان پوءِ، سنڌي زبان کي جيڪي خطرا درپيش آيا، تن کي محسوس ڪري ان جي بقا ۽ ترقيءَ لاءِ سرجوشيءَ ۽ تهدل سان ڪوششون ڪندڙن ۾ جناب عبدالواحد "سنڌي" صاحب جو

اسم گرامي هڪ نمايان جڳهه رکي ٿو. هن صاحب کي پنهنجي زبان سان عشق آهي، ۽ هو رسالي ”نئين زندگيءَ“ کي به انهيءَ جذبي ماتحت ٿي مرتب ڪري رهيو آهي. اخبارون ۽ رسالا عام طرح محفوظ رهي نه سگهندا آهن، ان ڪري منجهن شايع ٿيل قيمتي ادب ۽ انهن تي ٿيل محنت سڀ رفتي رفتي رائيگان ٿي ويندي آهي. زنده قومون پنهنجي ادبي سرمايي کي ائين زبون ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، انهن شاهڪارن کي وري ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪري ڇڏينديون آهن، ۽ اهڙيءَ طرح اهو ادب ايندڙ نسلن لاءِ به زنده رهندو آهي.

نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ”نئين زندگيءَ“ جو ادب انهيءَ خطري کان محفوظ ڪيو ويو آهي. رسالي جي چونڊ مضمونن جو هي پهريون مجموعو سنڌ جي مايه ناز اديب جناب حسام الدين راشدي صاحب جي محنت جو نتيجو آهي.

ڪتاب ۾ پنج تاريخي، ٻه سفري، ڇهه سوانحي ۽ چار ادبي مضمون، ست بهترين افسانا، ڪافيون، گيت، نظم، غزل، قصيدا، قطعا ۽ ڪافي تصويرون آهن.

اسان کي يقين آهي ته سنڌي عوام ۽ ادارا هن مجموعي جو قدر ڪري ڪيس ايترو همٿائيندا، جو ان کي ڏسي آئيندي ٻيا رسالا به پنهنجي چونڊ ادب جا اهڙا مجموعا ميدان ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا.

ڪتاب جو نالو جيڪڏهين ”مهراڻ جون موجون“ رکڻ بدران ”انتخاب ’نئين زندگي‘“ يا ڪو ٻيو اهڙو رکيو وڃي ها، ته وڌيڪ موزون هو: ڇاڪاڻ ته رسالو ”مهراڻ“ به علحده نڪري رهيو آهي، ۽ عام پڙهندڙ هن ڪتاب کي سرسري نگاه کان رسالي ”مهراڻ“ جوئي انتخاب سمجهندو. اسان جي نظر ۾ سنڌ جي ڪابه لئبرري هن بهترين ڪتاب کان خالي نه هجڻ گهرجي. هي ڪتاب اهڙو ته سهڻو ڇپايل آهي، جو دوستن کي بنهه تحفي ڏيڻ لائق آهي.

”سنڌ گورنمينٽ ڪاليج آف ڪامرس ائنڊ ايڪانامڪس“ مخزن،

۵۵-۱۹۵۶ع: عام ڪاليجي مخزنن جيان هن ۾ پڻ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جا ٽي ڀاڱا آهن. سنڌي ڀاڱو ويهن ورقن ۾ ورڇيل آهي، جنهن ۾ ڪاليج جي نالي جي نسبت سان اقتصاديات جي موضوعن تي شاگردن جا مضمون درج آهن، جي نهايت چڱيءَ معلومات وارا ۽ پڙهڻ وٽان آهن.

هڪڙي ڳالهه البت عجب جهڙي پيئي لڳي، جو مخزن جي ٻاهرئين ڪور تي ”سنڌ“ جو نالو غائب ڪيو ويو آهي! هونئن انهيءَ مخزن جو سچو نالو ٿيندو ”سنڌ گورنمينٽ ڪاليج آف ڪامرس ائنڊ ايڪانامڪس مخزن“- جيئن اندر انگريزي ۽ سنڌي ڀاڱي جي ٽائيٽل پيج مان ظاهر آهي، ۽ پڻ ڪاليج جو سرڪاري نالو اڃا اهوئي آهي. خبر ناهي ته ائين ڇو ٿيو آهي؟ دراصل جيڪا ڳالهه پنهنجي جاءِ تي مستقل طور موجود هجي، ان جو اعتراف نه ڪرڻ ڪور چشميءَ يا تعصب کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي. مخزن جي ڪارپردازن، مخزن جي نالي مان لفظ ”سنڌ“ کي حذف ڪري، قابل نفرت تنگ نظريءَ جو ثبوت ڏنو آهي.

شرم پوٺي: صفحا ۱٦٠، ڪاغذ اخباري، ڇپائي ۽ ڪور سٺا. قيمت پوڻا ٻه روپيا، ملڻ جو هنڌ: راڻي پبليڪيشن، ٥٣٥، ڪاورانه بلڊنگ، ڏوبي تلاءُ بمبئي-٢؛ ۽ سنڌي ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

سنڌي زبان ۾ حقيقي ڳوٺاڻي زندگيءَ جا ناول تمام ٿورا آهن، ۽ ڏاڍي ضرورت آهي ته هن پهلوءَ ڏي خاص توجهه ڪجي.

سنڌي زبان جو مشهور ليکڪ مسٽر گوبند مالهي لائق تحسين آهي، جنهن هن کان اڳ ۾ اهڙا ڪتاب لکيا آهن، ۽ هينئر تازو مٿيون ڪتاب لکيو اٿس، جنهن ۾ سچ ته اهو آهي ته سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جا اهڙا پهلو به پڌرا ڪيا اٿس، جن کان عام طرح اسين اڻ واقف هوندا آهيون.

هن اسان جي سماج ۾ ڪي اهڙيون قومون به رهن ٿيون، جن کي "خانه بدوش" يعني "گهر ڪلهي تي" سڏيندا آهن، ۽ اسين غالباً کين "رولو" يا "رلي ڪلهي تي" سڏيندا سون. هن رولو قومن جي ٽڪريءَ تي پاڙ هوندي آهي، ۽ هو صحيح معنيٰ ۾ "گل خندان" جي هن شعر جا مصداق هوندا آهن:

مون مسافر ساڻ سوران دل لڳائڻ ناروا،
اڄ هتي منزل، سڀاڻي ساڳ ٻئي منهنجو مڪان!

اهي رولو قومون اڪثر جرائم پيشه (چور، ٺڳ، ڌاڙيل، وغيره) ٿين ٿيون ۽ انهيءَ ڪري سندن اخلاقي حالت به نهايت پست ٿئي ٿي؛ پر...... پر جيڪو شخص هنن سان گهلي ملي ٿو، اهو ڏسي ٿو ته هو به اسان جهڙائي انسان آهن، بلڪل اسان جهڙن ئي خيالن وارا آهن، مگر هزارن ورهين جي ماحول هنن جي اهڙي حالت بنائي آهي، جو هو ڄڻ ته انسان ناهن، پر جهنگلي جانور آهن.

سندن موجوده صورتحال موجب هنن جي سڌرڻ جو ڪو امڪان ئي ڪونه ٿو ڏسجي؛ مگر جيڪڏهين ڪنهن انسانيت جي همدرد جي دل ۾ هنن لاءِ سچ پچ همدردي پيدا ٿيندي آهي، ته سوچيندي سوچيندي هو ازخود انهيءَ نتيجي تي وڃي پهچندو، جو اڄ اسان جي پاڙيسري "چين" ۽ ٻين اهڙن ملڪن اختيار ڪيو آهي- يعني هنن کي زمين جو ٽڪرو ڏيڻ. جنهن به مهل ڪنهن انسان کي پنهنجو "ٽڪرو" ميسر ٿئي ٿو، هو "ٽڪري" سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو: ۽ پوءِ اها "ٽڪري" جي محبت هن کي رلڻ کان نفرت ڪرڻ سيکاري ٿي، ۽ هو آهستي آهستي مهذب بنبو وڃي ٿو. پر آه! ... هن رنگين، خود مطلب ۽ نفسا نفسيءَ واريءَ دنيا ۾ ڪير ٿو ڪنهن کي سڌارڻ جي اون ڪري؛ هتي ته اهو اصول چالو آهي ته "پرايو پار ڪريو پلو، نه ڪري ته ٽڪو ڏيئي به ڪار جيس" - ۽ جيڪو شخص انهيءَ اصول جي انحرافي ٿو ڪري، انهيءَ تي تهذيب جا ٺيڪيدار هڪدم حملو ڪري چڙهي ويندا آهن ... ۽ هن ڪتاب جي هيرو سان به ساڳي حالت ٿئي ٿي- هو به جيل ۾، ته سندس آياريل "رولو" ساٿي به جيل ۾.

هڪ دفعي تبصري نگار جي ملاقات هڪ توبه ڪيل غنڊي سان ٿي، جنهن کي اسان جي پوليس تازو جيل ۾ وڌو هو. همدردي ڪرڻ تي هن چيو، "سون کي جيل ۾ وڃڻ جو ارمان تہ ڪونهي، پر اهو ارمان ضرور اٿم تہ جڏهين آءٌ سچ پچ غنڊو هئس، تڏهين تہ ڪنهن منهنجو نالو بہ ڪونہ ٿي ورتو؛ اڄ انهيءَ ٿي ڪري جيل ۾ وڌو ويو آهيان، جو غنڊاڻ ڇڏيو اٿم!" سو اهو نظارو هن ناول ۾ بنهہ پڌرو ڪري نروار ڪيل آهي.

انهيءَ مرڪزي خيال ڪان سواءِ بہ سڄو ناول ايڏو تہ دلچسپ آهي، جو اسين نٿا سمجهون تہ ڪوبہ سنڌي دان هن کي هٿ ۾ ڪٺي پوري ڪرڻ ڪان سواءِ آرام ڪندو. ڇا سندس لکٽي، ڇا حقائق نگاري، ڇا اعليٰ خيالات، ڇا پلاٽ جي دلچسپي! اسين مسٽر مالهيءَ کي ههڙي عمدي ناول لکڻ تي مبارڪباد ڇئي، هر سنڌي دان کي ان جي پڙهڻ جي سفارش ڪريون ٿا. ڪتاب جي ڪور تي سنڌ جي نقشي اندر نمائي "شرم پوئيءَ" جي تصوير ڏنل آهي، جا ڪجهہ سوچ ۽ سمجهہ بعد اڳتي هلي "همٿ پوئي" بنجي وڃي ٿي!

هيءَ ناول سنڌ ۾ رهندڙ ناول نگارن کي رشڪ ڏياري ٿو، تہ نون سالن جي سنڌ ڪان جدا ٿيلن جي لکٽيءَ کي ڏسي، هو بہ پنهنجي وطن تي لکڻ سکن.

تاني - ياڳو پهريون ۽ ٻيو: قيمت هر هڪ ڏيڍ روپيو؛ ڇپائي، ڪور وغيره معياري؛ پنو وچولو، صفحا انڪل ٽي سو؛ ملڻ جو هنڌ: ڪهاڻي پبليڪيشنس، هنسالي ٽئنڪ روڊ، بمبئي ٢٨؛ ۽ سنڌي ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب اصل چيني زبان ۾ "لنيو تانگ" جو لکيل آهي، ۽ سنڌيءَ جي مشهور اديب گوبند مالهيءَ ان کي ترجمو ڪيو آهي، مگر ترجمي ڪرڻ سان گڏ ان ۾ ڪجهہ ڦير ڦار ڪري ان کي سنڌي ماحول سان ٺهڪايو اٿس. چين اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي؛ اسان سان گڏ ٿي غلاميءَ ڪان نڪتو آهي، ان ڪري هن جا حالات اسان سان گهڻي قدر ملي اچن ٿا. ترجمي جي ڦير ڦار سبب ڪتاب اسان لاءِ وڌيڪ مفيد ٿيو آهي. اسان جي نظر ۾ ڪنهن ناول جو ڪامياب ترجمو اهو آهي جو هر ويرو مقدس ڪتابن وانگر لفظي نہ هجي، پر:

خوشتر آن باشد ڪہ سرِ دلبران
گفتہ آيد در حديثِ ديگران

جو مصداق هجي. گوبند مالهيءَ جي ناولن کي سنڌي ادب ۾ هڪ خاص مقام حاصل آهي، ۽ اهي انهيءَ لائق آهن تہ نوان سنڌي اديب بہ سندس نقش قدم تي هلن. هي ناول بہ انهيءَ ڏس ۾ هڪ ڪامياب ڪوشش آهي، ۽ هر سنڌي دان کي ان جو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

هدايت الانشا: صفحا ٣٣٣+١٠؛ ڇپائي، ڪاغذ، بائينڊنگ، دسٽ ڪور عمدا؛ قيمت پنج روپيا؛ ملڻ جو هنڌ: سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

مرحوم مولوي هدايت الله "مشتاق" جو تصنيف ڪيل هيءُ ڪتاب سالن کو ورهيہ اڳ ليٿو ۾ ڇپيو هو، ۽ پوءِ ناياب ٿي ويل هو. ورهي ١٩٥٠ ۾ سيد باز محمد شاه صاحب ۽ مرحوم

سنڌ شاهوائيءَ جي ڪوشش سان ان جو هڪ حصو ڇپيو، مگر اهو به ناياب ٿي ويو. هينئر سنڌي ادبي بورڊ، ڪتاب جي صورتخطي سڌاري، پهڪ جي نشانين ۽ مناسب اعرابن سان، نهايت سهڻيءَ ڇپائيءَ سان ان کي شايع ڪيو آهي. ڪتاب ۾ نهايت عمدا ۽ قابليت پرئي پيرايي ۾ به سوکن اهڙا خط ڏنل آهن، جي معلومات سان به پريل آهن ۽ سنڌي ادب جا معلم آهن. ڪتاب ۾ موقعي بموقعي عمدا نظم به ڏنل آهن.

جيتوڻيڪ جديد زماني ۾ هنن خطن جو ڪجهه حصو ڪارآمد ناهي، مگر عبارت جي دلڪشيءَ سبب، هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو، ۽ بلاشبه سنڌي ادبي بورڊ جو سنڌي ادب جي محبن تي هيءُ وڏو احسان آهي، جو اهڙو ناياب ڪتاب ايڏي سهڻي انتظام سان شايع ڪيو اٿن. ڪتاب جي شروع ۾ به صفحا مصنف جي هٿ اکرن جي بلاڪن جا به ڏنل آهن. اسان جي خيال موجب ڪا به سنڌي لئبرري هن ڪتاب کان خالي نه هجڻ گهرجي.

اشرف العلوم (دفتر ڇهون): صفحا ٣٢٦، سائيز وڏو، مجلد، قيمت پنج روپيا، ملڻ جو هنڌ: ميسرس آر. ايچ. احمد برادرس بڪسيلرس، شاهي بزار، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب جڳ مشهور ڪتاب "مثنوي مولانا روم" جو ترجمو آهي، جو سنڌي شعر ۾ مولانا دين محمد "اديب" صاحب ڪيو آهي. پاڻ هن کان اڳ پنج دفتر ترجمو ڪيا اٿن، جن مان چار شايع ٿي ويا آهن، ۽ پنجون ڪن رڪاوٽن سبب ترسيل آهي. هي آخري دفتر آهي، ۽ انهيءَ تي ڪتاب مڪمل ٿئي ٿو. مولانا صاحب جي ايڏي محنت ۽ دردسري قابل داد آهي.

تصوف سان شغف رکندڙ صاحبن لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو مفيد رهندو.

گل: صفحا ١٢٠، ڇپائي، ڪاغذ، ڪور، بائينڊنگ ۽ گيٽاپ عمدا؛ قيمت سوا روپيو؛ ملڻ جو هنڌ: سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ناماري اديب ۽ درويش صفت بزرگ سرگواسي ديوان ڪيولرام جو لکيل آهي. صاحب موصوف انگريزن جي شروعاتي دور جو مختيارڪار هو؛ ۽ عوام سان نهايت گهڻيءَ لڳ وچڙ ۾ رهندو هو، انهيءَ ڪري هو پنهنجي ڪتابن ۾ بلڪل عوامي ٻولي ۽ عوامي خيالات ڪم آڻيندو هو.

سنڌس اهڙن خيالن جو هڪ ڪتاب "گل شڪر" آهي ۽ ٻيو "گل قند عرف گل": پهرئين ۾ پهاڪن جي صورت ۾ املهه سمجهاڻيون آهن، ۽ ٻئي ۾ ٽوٽڪن ۽ اصطلاحن جي صورت ۾.

"گل شڪر" سنڌي ادبي بورڊ طرفان وري شايع ٿيو، ته ٻن سالن اندر ئي به هزار کپي ويو، ۽ هاڻي ان نئين ايڊيشن جو به ٻيو ڇاپو شايع ٿيو آهي.

ساڳئي مصنف جو هي ٻيو ڪتاب به سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. اميد ته اسان جي نئين نهي، جيڪا "گل شڪر" وانگر هن مفيد ڪتاب مان پڻ فائدو وٺي نه سگهي هئي، ان مان پورو پورو لطف حاصل ڪندي، ۽ ڏسندي ته اسان جي عوامي سنڌي زبان ڪهڙي نه مٺڙي ۽ پاڪيزه آهي.

—م. ع. ڏ

سنڌي ادبي بورڊ جي بڪ سٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (سنڌ) وٽان هيٺيان ڪتاب ملي سگهن ٿا. ڪتب فروشن ۽ ايجنٽن کي ٢٥ في صدي ڪميشن ڏني ٿي وڃي.

١- سير ڪوهستان	١-٨-٠
٢- گل شڪر	٣-٠-٠
٣- حيات النبي	٣-٨-٠
٤- تاريخ معصومي (سنڌي)	٥-٠-٠
٥- ڪليات حمل	٥-٠-٠
٦- ديوان بيدل	٤-٠-٠
٧- چچ نامو (سنڌي)	٦-٠-٠
٨- بلو ڪوڪر	٣-٠-٠
٩- گل ڦل (٢ حصا گڏ)	٤-٠-٠
١٠- خوش خصلت خاتون	١-٨-٠
١١- جهان آرا	١-١٢-٠
١٢- آفتاب ادب	٢-٤-٠
١٣- تاريخ ريگستان	٥-٠-٠
١٤- سنڌ جو سينگار	٢-٨-٠
١٥- سون ورنيون دليون	٢-١٢-٠
١٦- راسيلاس	٢-١٢-٠
١٧- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ	٤-٠-٠
١٨- سنڌ جو سفر	١-٠-٠
١٩- هدايت الانشاء	٥-٠-٠
٢٠- گل	١-٤-٠
٢١- تاريخ معصومي (فارسي)	١٠-٠-٠
٢٢- چچ نامہ (فارسي)	١٠-٠-٠
٢٣- سهڻي ميهار	١-٠-٠
٢٤- گل خندان	٣-٠-٠
٢٥- مسافر حجاز	٦-٨-٠
٢٦- املهہ رتن	٠-١٢-٠
٢٧- رام رحيم	١-٤-٠
٢٨- گلدستو	٢-٠-٠
٢٩- چتر (ناٽڪ)	٠-٦-٠
٣٠- ويرتا جا ورق	١-٠-٠
٣١- سفيد وحشي	٠-٨-٠
٣٢- گماني گهمسان (ناٽڪ)	٠-٨-٠
٣٣- ڪاري	٠-٨-٠
٣٤- نيلو	٠-٩-٠
٣٥- پريم جي پياس	٠-١٢-٠
٣٦- ڙندڙ مکڙيون	١-٤-٠
٣٧- عملداري آزار (ناٽڪ)	٠-١٢-٠
٣٨- گنگا جل	١-٠-٠
٣٩- پريمي ديوتا (ناٽڪ)	٠-١٠-٠
٤٠- چرتر سينگار	٠-١٤-٠
٤١- جيوت جا ورق	٠-١٤-٠
٤٢- چنگون	١-٨-٠
٤٣- هند جو سير	١-١٢-٠
٤٤- سنڌ جي ڌرمي آستانن جي تاريخ	١-٨-٠
٤٥- گانڌي جيون رهسيہ	١-٤-٠
٤٦- ميگهہ دوت	١-٨-٠
٤٧- ديوان صورت بهار	١-٤-٠
٤٨- زندگي	٠-٦-٠

* هندستان ۾، ميسرس رائٽرس ايمپوريم، پيپلس بلڊنگ، سرفيروزشاه مهتا روڊ، بمبئي وٽان، "مهراڻ" رسالو ۽ بورڊ جا ڇپيا ڪتاب ملي سگهن ٿا.

سٺي عادت وڏي دولت آهي

ڇا اوهين وقت جا پابند آهيو؟



وقت زندگيءَ جهڙوئي پيارو آهي: اسين ان کي بهتر طور تي ڇو نه گذاريون؟ وقت ٿورو به هجي، ته وقت جي پابندي ان کي ڊگهو ڪري سگهي ٿي. وقت مقرر هجن ۽ انهن جو ڌيان سختيءَ سان ڪيو وڃي، ته هر ڪنهن منٽ مان پورو پورو فائدو به حاصل ٿئي ۽ آرام ۽ تفريح لاءِ به زياده وقت بچي وڃي.

ڇا، اوهين پابنديءَ سان روپيا به بچايو ٿا؟

وقت جي پابنديءَ سان وقت جي بچت ٿئي ٿي، ۽ خرچ ۾ ڪفايت سان روپين جي. اوهين پابنديءَ سان روپيا بچائي، بچت جا بانڊ وٺندا رهو، ته پنهنجي روپين تي بهترين منافعو حاصل ڪري سگهو.

بچت اوهان جي آئنده مسرتن ۽ خوشحاليءَ جي ضامن ٿيندي ۽ اوهان جي ملڪ کي وڌڻ ويجهڻ ۾ مدد ڏيندي، جنهن ۾ اسان سڀني جي ڀلائي آهي.

روپين بچائڻ جو هيءُ ئي وقت آهي

خرچ ڪرڻ جا پيا به موقعا ايندا

پاڪستان سيونگ سرٽيفڪيٽ ۾ روپيا سيڙايو

جن ۾ چار سالا هڪ پاڳي پنج سيڪڙو نفعو آهي

پوسٽ آفيسن، سيونگ بيورو، ۽ مقرر ٿيل ايجنٽن وٽان ملي سگهن ٿا.

RESEARCH LIBRARY
INSTITUTE OF S... LOGY
UNI: OF SINDH, JAMSHORO.